تاريخ سنڌ

ڪلهوڙا دؤر

(جلد ٻيو)

مصنف: غلام الرسول مهر

سنڌي ادبي بورڊ

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

تاريخ سنڌ

(ڪلهوڙا دؤر)

(جلد ٻيو)

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

ڪتاب جا سمورا حق واسطا محفوظ

چاپو پهريون	سال 1964ع	تعداد 2000
چاپو ٻيو	**سال 2016ع**	**تعداد 1000**

هيءُ ڪتاب بورڊ طرفان تيار ڪيل اشاعتي رٿا موجب سنڌ حڪومت جي سالياني ترقياتي پروگرام تحت خصوصي طور شايع ڪيو پيو وڃي. ڪتاب جي اشاعت لاءِ مالي وسيلا سنڌ حڪومت طرفان مالي سال 2015-2016ع جي بجيٽ مان فراهم ڪيا ويا.

ISBN-978-969-406-130-6

هيءُ ڪتاب الهڏنو وگهيو سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، پيڪاڪ پرنٽرز ڪراچيءَ مان چپرائي پٽرو ڪيو.

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

چپائيندڙ پاران

سنڌي ادبي بورڊ پاران چپرايل ڪتاب "**تاريخ سنڌ: ڪلهوڙا دؤر**" غلام الرسول مهر جو ڪلهوڙن جي تاريخي احوال تي مشتمل هڪ بنيادي ماخذ جي حيثيت رکي ٿو، جيڪو ٻن جلدن تي مشتمل آهي. هن ڪتاب جي ٻئي جلد ۾ محمد مرادياب خان، ميان غلام شاهه، محمد عطر خان، غلام شاهه خان، سنڌ ۾ انگريزن جون واپاري ڪوٺيون، سنڌ جي حاڪم جا تجارتي پروانا، ميان غلام شاهه جي وفات، ميان محمد سرفراز خان ۽ ان جو تخت تان لهڻ ۽ قيد ٿيڻ، لانياري جي جنگ، ميان عبدالنبي خان، تيمور جي ڪاهه، مير بجار جو قتل، افغاني آفت، سنڌ ۾ تباهي جو طوفان، مير عبدالله جو قتل، هالاڻي جي جنگ، ڪلهوڙا حڪومت جا امير ۽ اڪابر، اقتصادي حالات جو نقشو، صنعت ۽ تجارت، علم و ادب ۽ شاعري ۽ تعميرات بابت آڳاڻن فارسي ۽ انگريزي جي ماخذن جي روشنيءَ ۾ بيان ڪيو ويو آهي.

سنڌ جي تاريخ جي اشاعت سنڌي ادبي بورڊ جي بنيادي رٿائن مان هڪ اهم رٿا آهي، جنهن تحت سنڌ جي تاريخ جي عربي ۽ فارسي ماخذن جي اشاعت سان گڏوگڏ مختلف دورن جي مانائتن محققن ۽ تاريخدانن جا به سنڌ جي تاريخ تي مشتمل تاريخي ڪتاب اداري طرفان شايع ڪرايا ويا. ان ئي سلسلي ۾ هيءُ ڪتاب "**تاريخ سنڌ: ڪلهوڙا دؤر**" نامياري اسڪالر غلام الرسول مهر کان اردو زبان ۾ لکرائي، بورڊ طرفان شايع ڪرايو ويو ۽ پوءِ ان جو سنڌي ٻوليءَ ۾ يار محمد ابن حيات پنهور ۽ شمشيرالحيدري ترجمو ڪرائي سال 1964ع ۾ ان جو ٻيو جلد چپائي پڌرو ڪيو، جنهن پڙهندڙن وٽ وڏي ميجتا ماڻي.

هيءُ ڪتاب گهٽي وقت کان نايابَ ٿي چڪو هو ۽ مسلسل پڙهندڙن طرفان ڪتاب جي گهُر ٿيندي پئي رهي. ڪتاب جي اهميت کي مدنظر رکندي، ان جي موجوده دؤر مطابق نئين سر ڪمپوزنگ ڪرائي وئي. هاڻي هن ڪتاب جو ٻيو چاپو آءٌ پنهنجي ايامڪاريءَ ۾ اداري طرفان شايع ڪري سُرهائي محسوس ڪري رهيو آهيان. جنهن لاءِ سنڌي ادبي بورڊ جي مانائتي چيئرمن جناب مخدوم جميل الزمان صاحب جن جو نهايت ٿورائتو آهيان، جن هر وقت منهنجي رهنمائي ڪئي آهي.

اميد آهي ته، اسان جو هيءُ پورهيو تاريخ سان دلچسپي رکندڙن وٽ مانُ لهندو.

17- رمضان المبارڪ 1437هـ
سيڪريٽري

الهڈتو وگهيو
23- جون 2016ع

فهرست

باب پهريون: **محمد مرادياب خان** 67-83

بدامنيءَ جو دور- نٽي ۾ ٽي نواب- مرادياب لاءِ حڪومت جي سَنَدَ- وڏيڪ روايتون - مسلمه حقيقتون - مراد آباد ۾ جلوس جي رسم - جلوس جون تاريخون - ڪڪرالي جي جام سان لڙائيون - بدامنيءَ جو دور - اصلي سبب - پنهنجن ۽ پروان جو فرق - سيڪجهه ميڙڻ جو خيال - مسقط وڃڻ جي تياري - مرادياب خان جي معزولي - "فتحنامي" جو بيان - سيٽن جو پيش ڪيل نقشو - گرفتاريءَ جا تفصيلات - "انشائ عطارد" جو پيش ڪيل خط - اولاد ۽ وفات.

باب ٻيو: **غلام شاهه ۽ محمد عطر خان** 84-96

الهه آباد جو بنيادي پٿر - محمد عطر خان - پائرن ۾ اختلاف - عبرت جو ڪتاب - مرادياب جو معاملو حڪمران جي مجبوري - ميان غلام شاهه جي سرگذشت - سنڌ ڏانهن ارادو - روهڙيءَ جي لڙائي - ٻيهر حڪومت جو دور - عطر خان ۽ احمد يار خان - سنڌ جي ورهاست - فساد ٽيڻ جي نئين سر ڪوشش - محمد عطر خان جو خط - سيٽن جو بيان "انشائ عطارد".

باب ٽيون: ميان غلام شاهه خان 97-105
ملڪ جي حالت - نئين جو انتظام - محمد عطر خان جو فتنو - محمد مبارڪ خان جون صلح جون ڪوششون - ميان غلام شاهه جي ڪوشش - بهادر خان جو ضد - تڪبر ۽ غرور - اوباوڙي جي لڙائي - صلح - "فتحنامو" ۽ اباوڙي جي لڙائي - جام ڪرالي جي گوشمالي - بيڪانير جي راجا سان تعلق - خطاب ۽ سند - سيئن جو بيان.

باب چوٽون: ڪچ تي ڪاهون 106-117
بابن جي ترتيب متعلق ضروري نڪتو - ڪچ ۽ سنڌ - ڪچ جي سرسري سرگذشت - سنڌ ۾ مداخلت - ديو ڪرن - راءُ لاکو - سيٺ پونجو - پهرين ڪاهه - جاره جي لڙائي - "انشائ عطارد" جو پيش ڪيل خط - صلح جا شرط - سيٺ پونجا جو قتل - ٻي چڙهائي - ڪچين جي اڳرائي - وڌيڪ تفصيلات - هيگ جو بيان - 'صمصام الدوله' جو خطاب - 'سنڌ راڻي' سان شاديءَ جي تاريخ.

باب پنجون سنڌ ۾ انگريزن جون واپاري ڪوٺيون 118-132
پورچوگيز ۽ سنڌ -"تحفة الڪرام" جو بيان - وڌيڪ روايتون - انگريزن جو اچڻ - تجارت جو نئون فرمان - واپاري اجازت نامه -اوني ڪپڙي جو واپار - صورتحال جو نقشو - گلابراءِ -مسقط جي لاءِ قلمي شورو - انگريزن جون خودغرضيون - دور انديشي ڪهڙي

هئي؟ - ميان صاحب جو حقيقت
ڪي ظاهر ڪرڻ - انگريزن جي
حفاظت - نئين لاءِ خطرو - متفرق
حالات - ڪوٺيءَ تي بندش.

ضميمو، **سنڌ جي حاڪم جا تجارتي پروانا** 133-144
باب پنجون: پروانو، غلام شاهه عباسي؛ تاريخ
22 سپٽمبر، 1758ع، هٿ-اکر، قاضي
يحييٰ- (2) پروانو، غلام شاهه والي
سنڌ، شرح محصول وغيره، ڪمپني
سرڪار، بمقام سنڌ؛ تاريخ 22
سپٽمبر، 1758ع.(3) غلام شاهه سنڌ
جي حاڪم جو خط، رابرٽ سمپٽن،
ڪمپني سرڪار جي نمائندي
ڏانهن، تاريخ 11 ڊسمبر، 1758ع-
حڪم نامو، غلام شاهه سنڌ جي
حاڪم طرفان، ڪستم داس مهتي
جي نالي، تاريخ 18 ڊسمبر، 1758ع؛
قاضيءَ جي مهر سان - نئين پروانا،
سنڌ جي حاڪم طرفان، جيڪي سال
1761ع ۾ جاري ٿيا: پروانو پهريون،
سنڌ جي حاڪم غلام شاهه طرفان،
تاريخ 22 اپريل، 1761ع پروانو ٻيو،
غلام شاهه سنڌ جي حاڪم طرفان،
تاريخ 23 اپريل، 1761ع، پروانو
ٽيون، غلام شاهه سنڌ جي حاڪم
طرفان، تاريخ 22 اپريل، 1761ع.

باب ڇهون: **متفرق واقعا** 145-153
ميان عطر خان جون سرگرميون - ميان
غلام شاهه جو حملو - اُچ جي مخدوم
جي صلح لاءِ ڪوشش - ميان عطر خان
جي اطاعت - امر باالمعروف ۽ نهي
عن المنڪر - ديرن جو قبضو - انتظام
۾ قيرقار - نئين جو انتظام - هڪ

عجيب واقعو - سنڌو درياءَ جي وهڪري ۾ ڦيرو - ميان صاحب جو هڪ ظلم - حيدرآباد جو بنياد وجهڻ - هيگ جو بيان - حيدرآباد جي سنگ بنياد جون تاريخون.

باب ستون: **ميان غلام شاهه جي وفات** 154-166

وفات جون تاريخون - وفات جي ڪيفيت - هڪ عجيب روايت - شخصيت - ڪارڪنن جي سرسري ڪيفيت - ميان صاحب جي والده - افغانستان جو خراج - آزاديءَ جي تڙپ - شاديون ۽ اولاد - "فتحنامي" جو بيان - هڪ اڪين ڏني شهادت - هيگ جو بيان - عبدالمجيد جوڪئي جو بيان - راجا ليکي ۽ مير بهرام - حيدرآباد جو بنياد.

باب اٺون **ميان محمد سرفراز خان** 167-181

سرفراز جي سيرت - احمد شاهه ابداليءَ جي وفات - ديرن ڏانهن روانگي - دائودپوٽن سان تعلقات - ڪچ تي حملا - "انشائي عطارد" جو بيان - تالپرن سان اختلاف - مير شهداد تالپر - مير بهرام - راجا ليکيءَ جون شرارتون - شڪايت جي نوعيت - ديوان گدومل جي نيڪ صلاح - قرآن شريف تي واعدو - مير بهرام جو پٽن سان مشورو - مير صوبدار جو قتل - تاريخ شهادت - مير بهرام جو قتل

باب نائون: **سرفراز خان جو تخت تان لهڻ ۽ قيد ٿيڻ** 182-196

سرفراز خان جو پڇڻ - "فتح نامي جو بيان" - "فريئر نامي" جا تفصيل-

معزولي ۽ اسيري - ديوان گدومل سان سلوڪ - انتظام - فريئرنامي" جو بيان - ناقابلِ فهم روش - خزاني جي بربادي - سرفراز خان جي شخصيت - خطن جو مطلب - علي شير "قانع" جو قصيدو - حيرت تي حيرت - زراعت ۽ تجارت - هڪ بي بنياد بيان - عبدالمجيد جوڪئي جو بيان - محمود خان جي حڪومت - سرفراز جو ديوان.

ضميمو باب نائون: **سرفراز خان عباسيءَ جو چونڊ ڪلام** 197-199

باب ڏهون: **ميان غلام نبي خان** 200-209

حالات جو نقشو - غلام نبيءَ جي مسند نشيني - مير بجار جي خاتمي جون تدبيرون - مير بجار جو اچڻ - سيڻن جو بيان - عزيزن طرفان استقبال - حالات جو اندازو - مير جي نالي فرمان - مير، عمرڪوٽ ۾ - نئين حڪمران جي حيثيت.

باب يارهون: **لانياريءَ جي جنگ** 210-223

عمرڪوٽ تي چڙهائي - "فريئر نامي" جو بيان - هڪ مونجهارو - تاجي ليکيءَ ڏانهن پيغام - تاجي ۽ سندس ساٿين جا مشورا - لانياريءَ جي جنگ - ميان غلام نبيءَ جي شهادت - "جواهر عباسيه" جو بيان - الزام جي حيثيت - مير بجار جو حسن سلوڪ - "فريئر نامي" جو بيان - "قانع" جو قصيدو.

باب بارهون: **ميان عبدالنبي خان** 224-232

مير بجار جي خواهش - عبد النبيءَ جي شقاوت - "فتحنامي" جو بيان -

عبدالنبيءَ جي جانشيني - پوسٽنز جو بيان - سيٽن جو بيان - "فريئر نامو"- بحث جو خلاصو - عبدالنبيءَ جي حيثيت - ملڪي انتظامن جي درستي تاجي ليکيءَ جي گرفتاريءَ ۽ آزادي.

باب تيرهون: **عزت يار خان جا هنگاما** 233-242

حالات جو نقشو - عزت يار خان - دربار ۾ شڪايتون - عزت يار خان کي سنڌ جو پروانو - مير بجار جون پريشانيون - عزت يار خان جو خط - مير بجار جو جواب - جنگ - "فريئر نامي" جو بيان - شڪارپور کي گهيرو - افغان سردار جو بيان - "جواهر عباسيه" جو بيان - عبدالنبيءَ جو خط - جنگ متعلق مثنوي.

باب چوڏهون: **تيمور جي ڪاهه** 243-250

تيمور جي چڙهائي - مير بجار جا اقدامات - شاهه جي واپسي - لشڪر جو خرچ - خلعت ۽ خطاب "فتحنامي" جو بيان - مير بجار جي درخواست - درخواست تي تبصرو - هڪ ضروري ڳالهه.

باب پندرهون: **مير بجار جو قتل** 251-264

نئين آفت - قتل جي سازش - مير جو قتل - "جواهر عباسيه" جي روايت - "فتحنامي" جو بيان - "فريئر نامي" جو پيش ڪيل نقشو - تبصرو - مير بجار جي شخصيت - مخدوم محمد ابراهيم جي راءِ - مير علي شاهه "شائق" جو بيان - عبرت جو آئينو.

باب سورهون: **ميان صادق علي خان عباسي** 265-273

مير عبدالله خان ٽالپر - "فريئرنامي"

جو بيان - عبدالنبيءَ جي پاڇ - قابل غور ڳالهه - ميرعبدالله خان جون ڪوششون - ميان صادق علي خان جوڌپورين سان جنگ - بروهي فوج جي آمد - چالڪ پل جي لڙائي عبدالنبي حاجي پور ۾.

باب سترهون: افغاني آفت 274-284

مدد خان جي مقرري - مدد خان جو رقم گهرڻ - سنڌ تي خوفناڪ آفت - ميرعبدالله خان جو جذبو "فريئر نامي" جو بيان - عملي قدم - مدد خان جو پيغام - ميرجو جواب.

باب ارڙهون: سنڌ ۾ تباهيءَ جو طوفان 285-300

ملڪ جي دردناڪ حالت - دلگداز نقشو - خدا جي بارگاهه ۾ فرياد - ميرعبدالله جو جوش - جنگ جي تياري - "فريئر نامي" جو بيان - ميرجي هدايت - مدد خان جي نالي پيغام - پي روايت - مدد خان جو جواب - ميرجو فيصلو - سنڌيءَ ۾ پهاڪو - ظلم ۽ ڏاڍ جون شهادتون - هڪ پي شهادت - عمادالملڪ جو مرثيو - هيگ جو بيان.

باب اوڻيهون: ميرعبدالله خان جو قتل 301-311

مدد خان جي عياري - فتح خان جو چوڪارو - مدد خان جي واپسي - عبدالنبيءَ جو صلح ڪرڻ - عبدالنبيءَ جو فريب - عبدالله خان جو انجام - عبدالله خان ۽ فتح خان جي گرفتاري - ميرن ۽ بلوچن جو قتل - "عظيم" نڻويءَ جو قطعهء تاريخ.

باب ويهون: هالاڻيءَ جي جنگ 312-323

ٽالپرن جو انتقامي جوش - ميرن

سهراب جي تجويز - پهرين لڙائي - "فريئر نامي" جو پيش ڪيل نقشو - "جواهر عباسيه" جو بيان - نئون لشڪر - هالاڻيءَ جي جنگ - عبدالنبيءَ جي ياڄ - جنگ هالاڻيءَ جي اهميت - ملڪي حالات - عبدالنبيءَ جي نئين مصيبت - عبدالنبيءَ جي ٽي ناڪاميابي - حيدرآباد جي فتح - حڪومت جو پروانو.

باب ايڪيهون: **عبدالنبيءَ جون سرگرميون** 324-336

افغاني دربار ۾ فرياد - مير فتح علي خان جون ڪوششون - ملڪ جي ورهاست - مقابلي جي تياري - تالپرن ۾ اختلاف - عبدالنبيءَ جون ڪوششون - وڪيل قمرالدين جون ڪارگذاريون - عبدالنبيءَ لاءِ نئون فرمان - عبرتناڪ حالتون - افغانن جي آمد - افغانن جو اڳتي وڌڻ - لڙائي - شاندار ڪاميابي - عبدالنبيءَ جون وڌيڪ ڪوششون.

باب باويهون: **عبدالنبيءَ جي پڇاڙي** 337-342

بڪر ۽ ليهه جي حڪومت - سرڪاري خراج جو جهڳڙو - جاگير جو قرجڻ - آسماني آفت - اميد جي آخري جهلڪ - وفات - اولاد - حرف آخر.

باب تيويهون: **سنڌ جو پس منظر** 343-351

هڪ ضروري نڪتو - "آئين اڪبري" جو بيان - انتظامي حالات - زمين جي ڪيفيت - سرڪاري حصي وصول ڪرڻ جو طريقو - مقاطعا - متفرقا محصول - صنعت ۽ حرفت - واپار - فصلن جي دور

جو نقشو - والٽر هملٽن جو بيان - ڪلهوڙن جو ظهور.

باب ڇوويهون: ملڪي وحدت جي بحالي ۽ آبادڪاري 352-359

پهريون ضروري قدم - يار محمد خان ۽ نور محمد خان جون ڪوششون -ملڪي آبادي - آبادڪاريءَ جي نتيجا - امن امان جون شاهديون - سنڌ جون مالي حالتون - والٽر هملٽن جو بيان - سنڌ تي مصيبتون. حاصل مطلب.

باب پنجويهون: حڪومت ۽ عوام 360-370

ڪلهوڙن جي هر دلعزيزي - سنڌين جي دينداري -معاشي معيار - خوشحاليءَ جون ثابتيون - عوام جي حالت - اُجرت ۽ اَناج - رهٽي ۽ ڪهٽي - ڪلهوڙن جو لباس - فوج - فوج جي فداڪاري.

باب ڇويهون: ڪلهوڙا حڪومت جا امير ۽ اڪابر 371-378

معلوماتي ڪيفيت - خاندان جا فرد - تالپر - شاهه بهادر - مختلف فرد - وڪيل ۽ مشير - منشي عبدالرئوف - شيخ غلام محمد ۽ شيخ شڪرالله - ميان عبدالنبيءَ جون دور - ڪلهوڙا حڪومت جون خصوصيتون.

باب ستاويهون: اقتصادي حالات جو نقشو (1) 379-387

معلومات جي ڪوٽ - ايسٽ انديا ڪمپنيءَ جا ڪاغذات - سنڌو ندي - شروعاتي ڪلهوڙا ۽ آخري ڪلهوڙا - ابتدائي دور جا حالات - يار محمد خان ۽ نور محمد خان - نهايت عمدو نظام - حالات جو حقيقي نقشو.

باب اڻاويهون: اقتصادي حالات جو نقشو (2) 388-394
فصل ۽ باغات - زمين جي ڏل - پيداوار ۽ آباد زمين - جانور - خوشحاليءَ جون شهادتون - آدمشماري.

باب اٽڪيهون: صنعت ۽ تجارت 395-401
فرنگي واپارين جي چڙا پيڙي - فرنگين جون شهادتون - سوڙي ڪپڙو - ريشمي ۽ اوني ڪپڙو - چمڙي جو سامان - متفرق صنعتون - تجارت.

باب ٽيهون: علم ۽ فضل (1) 402-412
اهل علم جي بيخبري - ڪتبخانا - ميان نور محمد خان جو ڪتبخانو - هئملٽن جي شاهدي - فريد بکريءَ جي شاهدي - عالم ۽ فاضل - ضروري تصريح - مخدوم رحمت الله - مرزا محمد رحيم خان - عبدالله واعظ - عبدالرشيد ٽٽوي - آقا محمد ڪريم اصفهاني - مير نجم الدين - عبدالباسط - مير محمد علي - ميان محمد عارف.

باب ايڪٽيهون: علم ۽ فضل (2) 413-422
مخدوم عبدالرئوف - مخدوم روح الله - مير صلاح الدين ۽ سيد پير شاهه - مخدوم عنايت الله - مخدوم محمد معين - وفات جون تاريخون - مخدوم محمد هاشم - قاضي محمد ابراهيم - شيخ عثمان نارو - قاضي مخدوم عبدالرحمان - حاجي محمد قائم - شاهه نجم الدين.

باب بٽيهون: علم ۽ فضل (3) 423-433
هم ديني تصنيفون - شيخ محمد حيات سنڌي - شيخ جو درجو - شاهه

فقير الله علوي - مخدوم جعفر بوبڪائي - محمد شفيع خان - مولوي محمد صادق - ميان محمد صادق نقشبندي - سيد علي رضا - غلام علي - حڪيم عبدالرئوف - مير محمد اڪرم - علي مدد - شيخ محمد رضا - متفرق هستيون - عبدالنبيءَ جو دور.

باب تيتيهون: دائود خان عباسي ۽ "صيد المراد" 434-442

محمد دائود خان عباسي - "قانع" جو بيان - مير عبدالرزاق - "صيد المراد" - ڪتاب جي تمهيد - شڪار بابت ڪتاب - شڪار جا فني ماهر - "شڪارنامه ايل خاني" ۽ "صيد المراد"- ڪتاب جو مضمون - جانورن جون خصوصيتون - ڪتاب جو خاتمو - طبي تصنيف.

باب چوتيهون: شاعري ۽ ادب [1] 443-459

سنڌي شاعري ۽ ادب - مايهءَ ناز اديب - ادب ۽ شعر جي سرپرستي - ميان نور محمد خان - محمد مراد ياب خان - محسن - حالات - تصنيفون - قصيدن جو انتخاب - مراد ياب خان - مير علي شير "قانع" - محمد پناهه "رجا".

باب پنجتيهون: شاعري ۽ ادب [2] 460-469

الهام - ابو احمد خان - اشرف - احسن - احسن - اڪرم - "اسلم"- "اڪسير" - ابراهيم - آسارام - ابوتراب - "آزاد" - "بي تڪلف"-"تابع" - جعفر - چتر پوج - حسن - سرفراز - سرشار - "ساقي" - "سرخوش".

باب چوٽيهون: شاعري ۽ ادب [3] 481-470
"شوقي"- عبدالشڪور - محمد شفيع - "شوقي"- محمد صادق - "ضيا"- "عالي"- علي - "عطار"- "عاشق"- "عطارد"- "فنا في الله"- "فائز"-"مزمل"- "مداح"- ميان نور محمد ڪي التجا - مريد - "مير"- مير عظيم الدين - مسڪين شاهه هندي - سيف الله.

باب ستٽيهون: شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح 493-482
سنڌ ۾ عربي ۽ فارسيءَ جو اوج - سنڌي زبان - ڪلهوڙا دور جو بي بها هيرو - شاهه عبداللطيف - ولادت - خاندان - والد ماجد - هالا حويلي، ڪوٽڙي ۽ پٽ - شادي - علم و فضل - حليو ۽ اخلاق - ڪلهوڙن سان تعلق - وفات - شاهه جو رسالو - سنڌي زبان جي ارتقا.

باب اٽيتاليهون: تعميرات 502-494
تعميرات - ڪلهوڙن جا مرڪز - خدا آباد - موجوده حالت - "خائف" جو بيان - "شائق" جو بيان - جامع مسجد - مقبرو - مراد آباد - الهه آباد - شاهه ڪڙهه ۽ شاهبندر - حيدرآباد - پوسٽنز جو بيان - شاهه بهاري جو مقبرو - متفرق عمارتون.

باب اوٽيتاليهون: پُڇاڙي 506-503
عام تبصرو - بي تعصبي - وڌيڪ شهادتون - اڃا ڪجهه وڌيڪ.

ضميمو-1

شجرا: ڪلهوڙن ۽ دائودپوٽن جا شجرا 507
• ڪلهوڙا ۽ دائودپوٽا (حضرت عباس ڪان امير چيني تائين) 509

"جواهر عباسيه" جو پهريون بيان "جواهر عباسيه" جو ٻيو بيان

• ڪلهوڙا ۽ دائود پوتا (حضرت عباسؓ کان چني خان تائين) 512

[حڪيم محمد صادق عباسيءَ جي بيان مطابق] ۽ ["تحفة الڪرام" ۽ "نامهء نغز" جي بيان مطابق]

• ڪلهوڙا ۽ دائودپوتا (چني خان کان پوءِ) 514

[مرزا قليچ بيگ جي بيان مطابق] ۽ [سيد علي محمد راشديءَ جي بيان مطابق] 515

• دائودپوتن جو شجرو 516

• ڪلهوڙن جو شجرو (ميان آدم شاهه کان ميان نور محمد خان تائين) 520

[حڪيم محمد صادق عباسيءَ جي بيان مطابق]

• ڪلهوڙن جو شجرو (ميان آدم شاهه کان ميان نور محمد خان تائين) 521

[مرزا ڪليچ بيگ جي بيان مطابق]

• ڪلهوڙن جو شجرو (ميان آدم شاهه کان ميان نور محمد خان تائين) 522

[سيد علي محمد راشديءَ جي بيان مطابق]

• ڪلهوڙن جو شجرو [1] (ميان نور محمد خان کان آخر تائين) 523

[سيد علي محمد راشديءَ جي بيان مطابق]

• ڪلهوڙن جو شجرو [2] [مرزا قليچ بيگ جي بيان مطابق] 524

• ڪلهوڙن جو شجرو [3] [حڪيم محمد صادق عباسيءَ جي بيان مطابق] 525

- ڪلهوڙن جو شجرو[مؤلف جي تحقيق مطابق] 526
- ٽالپرن جو شجرو 528
- شاهه عبداللطيف جو شجرو 529

ماخذ: 532

اردو، فارسي ۽ عربي ڪتاب 536

انگريزي ڪتاب. 539

اشارا: 541

ماڻهن جا نالا 565

ماڳن ۽ مڪانن جا نالا 576

ڪتابن جا نالا

تصويرن جي فهرست

	واسطو رکندڙ صفحو
حيدرآباد جي قلعي جو نظارو	152
حيدرآباد جو قلعو	152
حيدرآباد جي قلعي جو ٻاهريون دروازو	152
حيدرآباد جي قلعي جو دروازو	152
حيدرآباد جي قلعي جي دروازي جو ڪتبو	152
شاهه محمد مڪي جو قلعو - حيدرآباد	157
ڪلهوڙن جا مقبرا- حيدرآباد	163
ميان غلام شاهه جي قلعي جو ٻاهريون دروازو	163
مقبرو ميان غلام شاهه ڪلهوڙو- حيدرآباد	163
ميان غلام شاهه جي مزار — حيدرآباد	163
ميان غلام شاهه جي مقبري جو ڪتبو	163
ميان غلام شاهه جي مزار تي نقاشيءَ جو نمونو (سنگمرمر تي)	163
ميان غلام شاهه جي مقبري جي صحن واريءَ ديوار تي نقاشيءَ جو نمونو	163
عهدنامو، ميان سرفراز خان ڪلهوڙو- هٿ اکر ميان صاحب	176
ميان غلام نبيءَ جو مقبرو — حيدرآباد	216
ميان غلام نبيءَ جي مزار - حيدرآباد	216
ميان محمد سرفراز خان جو مقبرو — حيدرآباد	224
ميان عطر خان ۽ ..... جون قبرون- گرلس ڪاليج حيدرآباد جي احاطي ۾	224
تيمور شاهه افغان	243
شاهه بهاري جو مقبرو — لاڙڪاڻو	373
شاهه بهاري جي مقبري جو دروازو — ڪاڻ تي اُڪر	373
شاهه بهاري جي مقبري جي دروازي جو ڪتبو	373
شاهه بهاري جي مقبري جي محراب تي ڪتبو	373

آقا محمد كريم صفاهاني جي مزار مكلي، ٺٽو 410
آقا محمد كريم صفاهاني جي مزار جو كتبو 410
مخدوم محمد معين جي مزار - قبرستان، حضرت ابوالقاسم نقشبندي- مكلي ٺٽو 415
مزار مخدوم محمد هاشم ٺٽوي- مكلي، ٺٽو 418
جامع مسجد خدا آباد (دادو) جو ٻاهريون نظارو 497
جامع مسجد خدا آباد (دادو) جو اندريون نظارو 497
جامع مسجد خدا آباد- كاشيءَ جو سِرون 497
شاهه ركن جو مقبرو- مٽياري 502
درگاهه شاهه عبدالطيف ڀٽائي – ٻٽ شاهه 502
ميان نور محمد جي مهر (سن 1144هـ)
ميان محمد سرفراز خان جي مهر (خادم الفقراء، محمد سرفراز عباسي-سن 1187هـ)
ميان عبدالنبي جي مهر (خادم الفقراء، عبدالنبي عباسي- سن 1191 هـ)
ميان محمد خان جي مهر (خادم الفقراء، محمد خان عباسي)
فرمان ميان نور محمد عباسي (24 رمضان 1152هـ)
فرمان ميان محمد سرفراز خان عباسي (1186هـ)
فرمان ميان محمد سرفراز خان عباسي(27 ذي القعده 1189هـ)
فرمان ميان محمد خان عباسي (4 ... الثاني 1190هـ)
فرمان ميان عبدالنبي عباسي (21 شوال 1194هـ)
فرمان ميان عبدالنبي عباسي (9 جمادي الثاني 1198هـ)



1. حيدرآباد جي قلعي جو
نظارو (154)

2. حيدرآباد جو قلعو (154)
(بعنايت محڪمهء اطلاعات اولهه پاڪستان)



3. حيدرآباد جي قلعي جو ٻاهريون دروازو (154)
(بعنايت ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ)



4. حيدرآباد جي قلعي جو دروازو (154)



5. حيدرآباد جي قلعي جي دروازي جو ڪتبو (154)
(بعنايت ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ)

6_ شاهه محمد مکي جو قلعو_ حيدرآباد ص 159)

(بعنايت محڪمهء اطلاعات اولهه پاڪستان)



7. ڪلهوڙن جا مقبرا –حيدرآباد (165)
(بعنايت محڪمهء آثار قديمه، پاڪستان)



8- ميان غلام شاهه جي قلعي جو ٻاهريون دروازو — حيدرآباد (165)
(بعنايت ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ)



9. ميان غلام شاهه جو مقبرو – حيدرآباد (165)
(بعنايت محڪمهء اطلاعات حڪومت اولهه پاڪستان)



10. ميان غلام شاهه جي مزار- حيدرآباد (165)
(بعنايت: محڪمهء آثار قديمه، پاڪستان)



11. ميان غلام شاهه جي مقبري جو ڪتبو، جو محراب جي منبر تي، سنگمرمر جي سرن تي لکيل آهي (165)
(بعنايت: محڪمهء آثار قديمه، پاڪستان)

آه از بي مهرئ گردون دون — آه از نيرنگ چرخ نيلگون
شهسوار عرصهء نام آوري — شهريار تختگاه سروري
آفتاب برج عزت را شعاع — بر دو عالم بود حکم او مطاع
آنکه حکمش از سعادتِ فلک — بود جاري از سما تا بر سمک
خسروان را بر در، او التجا — تاجداران بر زمينش جبهه سا
خسروِ دوران غلام شاهِ دين — آنکه بوسيده فلک او را زمين
از جهان بگذشت در رضوان شتافت — از در، حق آنچه مي بايست يافت
روضهء بر مرقدِ آن شهريار — شد بنا چون سقف گردون زر نگار
نُور چون بر روضهء قصر بهشت — دلکشا چون جنتِ مينو سرشت
سال تاريخش "سرافراز" از خيال — جستجو ميکرد با صد اختلال

ناگه از تنزيل در داد اين ندا
هاتفي "جنات فيها خالدا."

1189ھ



12. ميان غلام شاهه جي مزار تي سنگمرمر تي ٿيل نقاشي (ص 165)

(Antiquities of Sind)



13. ميان غلام شاهه جي مقبري جي صحن جي ديوار تي نقاشي (165)
(Antiquities of Sindh)

14. عهدنامو ميان سرفراز خان دستخط ميان صاحب (178)

هي عهدنامو جنهن قرآن مجيد تي لکيل آهي، اهو ٽالپرن جي ڪتبخاني ۾ محفوظ آهي. ڪوفي خط ۾ هڙ جي ڪل تي لکيل آهي. هن جي ٻين ورقن تي ٻيا به تاريخي معاهدا لکيل آهن.

(بعنايت مير نور محمد خان ٽالپر)



15- ميان غلام نبي جو مقبرو — حيدرآباد (2008ع)
(بعنايت: محڪمهء آثار قديمه، پاڪستان)



16- ميان غلام نبيءَ جي مزار – حيدرآباد (218)
(بعنايت ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ)



17. ميان محمد سرفراز خان جو مقبرو – حيدرآباد (226)
(بعنايت: محڪمهء آثار قديمه، پاڪستان)



18. ميان عطر خان ۽ ..... جا مزار – حيدرآباد (226)
(گرلس ڪاليج حيدرآباد جي صحن ۾)

19. تيمور شاهه افغان (245)



20- شاهه بهاري جو مقبرو – لاڙڪاڻو (375)
(بعنايت محڪمه آثار قديمه، پاڪستان)



21- شاهه بهاري جي مقبري جو دروازو
(ڪاڪ تي اُڪر جو ڪم) (375)
(Antiquites of Sind)



22. شاھ بهاري جي مقبري جو ڪتبو. (375)
(ڪتبي جا شعر پنڌين پاسي)
(بعنايت: محڪمهء آثار قديمه، پاڪستان)

ڪتبي تي شعر

عجائب گنبذي در زير گردون
ثريا وار حسنش جمع گشت است

بود شاهِ بهاره صاحبش نام
که در دنيا بجز نيکي نه کشت است

بهار است اين نه گنبذ در تماشا
جهان گويد که اين خرم بهشت است

ز تاريخش چو پرسيديم گفتند
هزار و يک و هشتاد و هشت است
(سنه 1188هـ)



23. شاهه بهاري جي مقبري جي محراب تي ڪتبو (375)
(ڪتبي جا شعر پنڌين پاسي)
(بعنايت: محڪمهء آثار قديمه، پاڪستان)

ڪتبي تي شعر

گنبذ شاه بهارا چه زهي نيڪ سرشت
ڪاتب از جود و صفاتش همه بر لوح نوشت
خادمش... ز تاريخ عمارت پرسيد
هاتفش گفت که بيشڪ .... بهشت



24- آقا محمد كريم صفاهاني جي مزار – مكلي، ٺٽو (411)
("مقالات الشعراء" تان ورتل)

25- آقا محمد ڪريم صفاهاني جي مزار جو ڪتبو (411)
("مقالات الشعراء" تان ورتل)

26- مخدوم محمد معين جي مزار (417)

قبرستان حضرت ابوالقاسم نقشبندي- مڪلي ٺٽو

("مقالات الشعراء" تان ورتل)



27. مزار مخدوم محمد هاشم ٺٽوي
("مقالات الشعراء" تان ورتل) (420)



28- ڪلهوڙن جي تختگاھ خداآباد (دادو) جي جامع مسجد جو ٻاھريو نظارو (499)
(بعنايت: محڪمهء آثار قديمه، پاڪستان



29. جامع مسجد خدا آباد، دادو- اندريون نظارو. (499)
(بعنايت: محڪمهء آثار قديمه، پاڪستان)



30. جامع مسجد خدا آباد (دادر) تي ڪاشيءَ جون خوبصورت سرون (499)
(Antiquities of Sind)



31- رکن شاھ جو مقبرو. مٹياري (504)
(بعنايت: محکمهء آثار قديمه، پاکستان)



32. درگاهه شاهه عبدالطيف ڀٽائي (شاهه جي ڀٽ) (504)



33. ميان نور محمد جي مهر (سن 1144 هـ)

34. ميان محمد سرفراز خان جي مهر (خادم الفقراءِ محمد سرفراز عباسي، سن 1187هـ)



35. ميان عبدالنبي جي مهر (خادم الفقراءِ عبدالنبي عباسي، سن 1191هـ)



36. محمد خان جي مهر (خادم الفقراءِ محمد خان عباسي)



37. فرمان ميان نور محمد عباسي (24 رمضان 1152 هـ)



38. فرمان ميان محمد سرفراز خان عباسي (1186هـ)



39. فرمان میان محمد سرفراز خان عباسي (27 ذي قعده 1189 هـ)



40. فرمان ميان محمد خان عباسي (4 ... الثاني 1190هـ)



41. فرمان ميان عبدالنبي عباسي (21 شوال 1194هـ)



42. فرمان ميان عبدالنبي عباسي (9 جمادي الثاني 1198هـ)

تاريخ سنڌ

****

(ڪلهوڙن جو دؤر)

(جلد ٻيو)

باب پهريون

محمد مراد ياب خان

بدامنيءَ جو دور: ميان نور محمد خان سنڌ کي ڇڏي جسيلمير طرف هليو ويو، تڏهن ملڪ ۾ هر هنڌ بدامني ڦهلجي ويئي. ملڪي انتظام ۾ ڪاروبار جو شيرازو بنهه درهم برهم ٿي ويو. نادري حملي جي وقت کان وٺي، تيرهن چوڏهن سالن ۾ ، هيءَ آفت سنڌ تي گهٽ ۾ گهٽ ٿي دفعا نازل ٿي چڪي هئي. ملڪ واسين کي جن مصيبت آٽيندڙ ۾ خوفناڪ حالات سان واسطو پيو هوندو، ان جو صحيح اندازو اڄ ڪير ٿو ڪري سگهي؟ ڇڏهن ان غمناڪ حادثي کي قريباً ٻه سو سال گذري چڪا آهن. ميان صاحب پرديس ۾ وفات ڪري ويو ۽ سندس صاحبزادو ۽ سپهه سالار سرگردان ڦري رهيا هئا. حملي آورن کي ملڪ يا ان جي رهواسين سان ڪهڙي همدردي ٿي سگهي ٿي؟ انهن جو مقصد فقط هيءُ هو ته جنهن ٻ نموني ممڪن هجي، گهٽي کان گهٽي دولت ۽ مال اسباب گڏ ڪيو وڃي. حڪومت جو ڪاروبار اسماعيل خان پني جي حوالي ڪيو ويو. هن، سيد شاهه محمد شاهه نالي هڪ شخص کي نٽي ڏانهن روانو ڪيو ۽ پاڻ محمد آباد طرف وڌيو، نارو ۽ هنگورجن کي لُٽيو.

نٽي ۾ ٽي نواب: اسماعيل خان، سيد محمد شاهه کي نٽي جو نواب مقرر ڪيو هو، ميان نور محمد خان مرحوم جي زماني کان گل محمد خان خراساني نٽي ۾ انهيءَ عهدي تي مامور هو. هن، صالح خان نالي هڪ شخص کي سرڪاري ماليات گڏ ڪرڻ لاءِ نٽي روانو ڪيو. انهيءَ کان گهٽو وقت اڳ، نٽي جي معزز ماڻهن محمد بيگ شاملوءَ کي گهرائي ورتو، جو احمد شاهه جي طرفان سفير هو. هن، آقا محمد صالح کي پنهنجي طرفان نائب مقرر ڪيو

۽ پاڻ ڏني جي اميرن کي ساڻ ڪري، افغاني لشکر طرف روانو ٿيو، گويا هڪ ئي وقت ۾ ڏني تي ڏي نواب مقرر ٿي ويا. محمد بيگ شاملوءَ ڏني جي اميرن کي واپس موڪلي ڏنو. پاڻ لشکر ۾ پهتو ته آقا محمد صالح کي نائب مقرر ڪرڻ ڪري ڏوهي ٺهرايو ويو. اتان حڪم جاري ٿيو ته سموري مالیات قاضي محمد محفوظ وٽ جمع رهي، سيد شاهه محمد جي باري ۾ ته ڪجهه به معلوم نه آهي ته ان جو ڪهڙيءَ ڳالهه سان واسطو رهيو. قاضي محمد محفوظ جي صاحبزادي ۽ صالح خان جا پاڻ ۾ جهڳڙا ٿيندا رهيا[1].

مرادياب لاءِ حڪومت جي سَنَد: هيڏانهن هيءَ افراتفري جاري هئي، ته هوڏانهن ديوان گدو مل مدبرانه طريقي تي ڳالهيون ٻوليون ڪري ملڪي حاڪمن کي يقين ڏياري ڇڏيو. اهڙيءَ طرح، ميان نور محمد مرحوم جي وڏي پٽ ميان مرادياب خان جي لاءِ حڪومت جو فرمان ۽ 'سربلند خان' جو خطاب حاصل ڪري ورتو. صاحبزادو محمد مرادياب خان ان وقت عمر ڪوٽ ۾ هو. اڪابر ۽ فوجي سپهه سالار عمر ڪوٽ طرف روانا ٿي ويا. ديوان گدو مل به فرمان ۽ خلعت وني، اتي پهچي ويو.

انهيءَ زماني ۾ باجگذارن کي وفاداريءَ جي جذبي ۾ قائم رکڻ لاءِ، ڪائنڊ يرغمال وٺڻ جو عام رواج هو. ميان نور محمد خان مرحوم، نادر شاهه کي اڳ ۾ ئي به فرزند يرغمال ۾ ڏنا هئا. ان بعد ٽئين فرزند کي طهماسپ جلائر پاڻ سان وني ويو هو. ميان محمد مراد ياب خان وفاداريءَ جي ضمانت ۾ صاحبزادي عطر خان کي يرغمال طور پيش ڪيو.[2]

وڌيڪ روايتون: مٿيون پيش ٿيل صورتحال جو نقشو "تحفة الڪرام" جي بنياد تي ٻڌل آهي. ڪي روايتون انهيءَ کان مختلف آهن. مثلاً:

---

(1) "تحفة الڪرام"، ج 3، ص 111-112

(2) "تحفة الڪرام"، ج 3، ص 113

1- سيٽن جي تحرير مان ڏهن ۾ اچي ٿو تہ جڏهن ديوان گدو مل افغانستان جي بادشاهہ سان صفائي ڪئي، تڏهن ميان نور محمد خان زنده هو. هو جڏهن فوت ٿي ويو، تڏهن اميرن، محمد مراد ياب کي حڪمران تسليم ڪيو. 16 صفر، 1167 هـ جو، عمر ڪوٽ ۾، اهو معاملو فيصل ڪيو ويو، شاهہ کي جڏهن اها خبر پيئي، تڏهن اڳينءَ صفائيءَ جي پابنديءَ کان انڪار ڪري ڇڏيو ۽ اسماعيل خان کي نواب مقرر ڪيو. انهيءَ وچ ۾ مير منشي گل محمد خان جي طرفان صالح گماشتو مقرر ٿي ٿٽي پهچي ويو. اسماعيل خان پيسن وصول ڪرڻ جي خيال سان ٿٽي ۾ پهتو ۽ اتي محمد صالح کي نائب مقرر ڪري واپس موٽي ويو. ٿٽي جي ماڻهن اسماعيل خان کي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيو. هيءُ اڃا طي ئي نہ ٿيو هو تہ بادشاهہ، محمد مراد ياب خان جي درخواست منظور ڪري ڇڏي ۽ سرائي سردارن جي مرضيءَ مطابق محمد عطر خان کي يرغمان ۾ ونيو، محمد مراد ياب خان جي حڪمراني منظور ڪئي ۽ کيس" سر بلند خان" جو خطاب ڏنو[1].

2. پوسٽنٽ جو بيان آهي تہ ميان نور محمد خان جي وفات تي سنڌ جي سردارن محمد مراد ياب خان کي، جو ميان جو وڏو پٽ هو، تنهن کي حاڪم مقرر ڪري پنهنجي طرفان وفاداريءَ جو قسم کنيو ۽ احمد شاهہ افغانستان جي بادشاهہ کي درخواست ڪئي تہ : سنڌ جي حڪومت مراد ياب خان جي حوالي ڪئي وجي."

احمد شاهہ درخواست کي قبوليت جي شرف بخشيو ۽ مرادياب خان کي جانشين تسليم ڪندي، "شاهہ نواز خان" جو خطاب ڏنو[2].

مسلمہ حقيقتون: تفصيلات ۾ جزوي اختلاف يا ڪن ڳالهين جي اڳي پوءِ بيان ٿيڻ سان هيٺينءَ حقيقت تي ڪوبہ اثر نٿو پوي:

---

(1) "تاريخ ڪلهوڙا" انگريزي، ٽائيپ ٿيل ڪاپي، ص 12

(2) پوسٽنٽ "سنڌ متعلق ذاتي مشاهدات."

1. ميان نور محمد خان جي وفات تي سنڌ جي اميرن انصاف لاءِ ميان محمد مرادياب خان کي جانشين تسليم ڪيو. هن سلسلي ۾ جلد کان جلد فيصلو، کين غالباً انهيءَ ڪري ڪرٽو پيو، جو جيڪڏهن هو ڪنهن هڪ شخص جي جانشينيءَ تي اتفاق نہ ڪن ها، تہ سنڌ جي حڪومت سندن قبضي مان نڪري، سنئون سڌو افغانن جي قبضي ۾ اچي وڃي ها. کين اهو بہ معلوم هو تہ افغانستان طرفان سڌيءَ طرح سنڌ جي نظامت سنيالڻ جو فيصلو ٿي چڪو هو.

2. مراد ياب خان جي جانشينيءَ تي اتفاق راءِ ڪرڻ جا زياده امڪانات هئا؛ ڇاڪاڻ تہ هو ميان نور محمد خان جو وڏو پٽ هو ۽ ميان صاحب وصيت نامي ۾ بہ هن جي جانشينيءَ جو اعلان ڪري ڇڏيو هو.

3. صاحبزادي محمد عطر خان کي يرغمال طور افغاني دربار ۾ موڪليو ويو هو.

4. افغانستان جي شاهہ، محمد مرادياب خان کي "سربلند خان" جو خطاب ڏنو.

آخر ۾ ايترو ٻڌائي ڇڏڻ گهرجي تہ مرادياب خان جي لاءِ حڪومت جي مسند حاصل ڪرڻ جي سلسلي ۾ اڳوٽي خراج کان وڌيڪ خراج ڏيڻ قبول ڪيو ويو هو. "تحفة الڪرام" ۾ واضح طور لکيل آهي تہ محمد عطر خان کي يرغمال ۾ ڏيڻ سان "خراج جي معمولي واڌاري جي آڇ تي" سنڌ حاصل ڪئي ويئي هئي[1].

مراد آباد ۾ جلوس جي رسم: بهرحال، افغانستان جي شاهہ، محمد مراد ياب خان جي جانشيني قبول ڪئي، تڏهن هو، اميرن کي پاڻ سان وٺي عمرڪوٽ کان نصرپور طرف روانو ٿي ويو. ڪارپردازن حڪم مطابق اول ئي نصرپور پهچي مناسب هنڌ تي

---

[1] "تحفة الڪرام" ج 3، ص 112.

خيما لڳايا. جلوس جي رسم باقاعدگيءَ سان ادا ڪئي ويئي. معلوم ٿئي ٿو تہ هن هنڌ تي چگيءَ دير تائين رهائش ٿي ۽ "مراد آباد" جي نالي هڪ نئون شهر ٻڌايو ويو. محرم، 1171ھ (سيپٽمبر، 1757ع) ۾، درياءَ انهيءَ شهر کي پائڻ هيٺ آڻي غرق ڪري ڇڏيو. هن وقت انهيءَ شهر جو ڪوبہ نشان موجود ڪونہ آهي[1]. هيگ لکيو آهي تہ "مراد ياب خان" ۽ ان جا ٻہ پٽ مرادآباد جي ناس ٿيڻ وقت ٻيڙيءَ ۾ چڙهي، پاڻ بچائي نڪري ويا. مرادياب خان سڪرنڊ پرڳڻي جي اوپارئين حصي ۾ احمد آباد نالي هڪ شهر ٻڌايو."[2]

جلوس جون تاريخون: هن موقعي تي جلوس متعلق ڪيتريون تاريخون چيون وييون، جن مان ڪي هيٺ درج ڪجن ٿيون:

1. مير ابوالقاسم سراج الدين محمد المتخلص
بہ قاسم: ان فضله كان عليك[3]
1164ھ

2. "مير علي شير "قانع":
"هزار وصد وپنجه وهفده بالا،
بدان روز اسعد جلوس معلا."[4]

3. "قانع" مير ابو القاسم "قاسم"، جي حالات ۾ لکيو آهي تہ "مون ميان محمد مرادياب خان جي جلوس تي ايڪيهہ شعر نعت ۾ لکيا، انهن جي ڪيفيت هيءَ آهي:

(1) هر شعر جي نقطي وارن ۽ بنا نقطي وارن حرفن جي جوڙ ڪرڻ سان تاريخون نڪتيون ٿي.

---

(1) "تحفة الكرام"، ج 3، ص 113.

(2) "دي انڊس ڊيلٽا ڪنٽري"، ص 0120 پين بيانن مان بہ معلوم ٿئي ٿو تہ مراد آباد جو شهر، ميان غلام شاهہ جي دور ۾ ناس ٿيو ۽ ميان صاحب ان کان پوءِ الهہ آباد جو شهر ٻڌايو هو

(3) "مقالات الشعراء"، قلمي نسخو، ص 238

(4) "مقالات الشعراء"، قلمي نسخو، ص185

(ب) هر هڪ شعر جي هر هڪ مصرع مان جلوس جي تاريخ نڪتي ٿي.

(ج) پهرين مصرع جي بنا نقطي وارن حرفن کي ٻيءَ مصرع جي بنا نقطي وارن حرفن ۾ جوڙ ڪرڻ سان تاريخون نڪتيون ٿي. اهو انضمامي طريقو هر هڪ مصرع جي بنا نقطي وارن حرفن کي، ٻيءَ مصرع جي نقطي وارن حرفن سان ملائڻ ڪري ساڳيو نتيجو پيدا ٿيو ٿي. ۽ نقطي وارن حرفن جا عدد جوڙ ڪرڻ سان به اهو ئي نتيجو نڪتو ٿي. مطلب ته هن ايڪيهن شعرن جي نظر مان ضرب جي رستي ٿي هزار چاهٺ (3066) تاريخون نڪتيون ٿي[1]."

افسوس ته "قانع" نڪي اهو نظر ۽ نه وري ڪو ان جو شعر درج ڪيو.

ڪڪرالي جي جام سان لڙائيون: 1167 هـ جي آخر (1754 جا پويان پنجويهه سال) ۾ ڪڪرالي جي جام سان لڙائيون شروع ٿي ويون. ڪڪرالي جا حاڪر گهٽو ڪري هر دور ۽ هر عهد ۾ سرڪشيءَ تي آماده هوندا هئا. هنن سان ڪيترائي دفعا لڙائيون ٿيون هيون. هو هر دفعي شڪستن کائڻ ۽ اطاعت قبول ڪرڻ کان پوءِ به جڏهن ڪو ذري جيترو به معمولي موقعو ملندو هونِ ته وري بغاوت شروع ڪري ڏيندا هئا. افغاني حملي، جڏهن سنڌ جي انتظامات کي درهم برهم ڪري ڇڏيو، تڏهن جام بنا ڪنهن تڪلف جي سرڪشي ڪرڻ تي آماده ٿي ڪمر ڪٽي بڌي. انهن لڙائين جو تفصيل معلوم ٿي نه سگهيو. "تحفة الڪرام" ۾ فقط هيءُ بڌايو ويو آهي ته:

در پايان آن سال (1167) متوجه مهم جام ڪڪراله
شده بتدابير صائبه محاربات منا سبه كر وفركلي

---

[1] "مقالات الشعراء"، قلمي نسخو، ص 237

وي راشڪسته ازڪوداريه به ديره نشانده و زمين خورد و اوچته و لنجاري و ميران و گهجه به قبض آورده گهجه را ارما گاه مقرر فرمود- و هريڪ جارا به قلعه جات متين محڪمي داد-[1]

1167 هـ جي آخر ۾، ڪڪرالي جي ڄام جي مهر تي توجهه ڏنو ۽ وڏين اٽڪلن ۽ مناسب لڙائين سان ڄام جي طاقت کي بلڪل ختم ڪري ڇڏيو ۽ ڄام کي ڪوداريه کان وٺي ديري ۾ آڻي ويهاريو، هن ضمن ۾ خور، اوچتو، لنجاري، گجي ۽ ميران جي زمينن تي قبضو ٿيو ۽ گجي کي مال جو گدام بنايو ويو. ۽ انهن سيني هنڌن تي حفاظت جي خيال سان مضبوط قلعا تيار ڪرائي، پورو انتظام رکيو.

سيڏن جو بيان آهي ته مرادياب خان ڪيترين لڙائين کان پوءِ ڄام جي فوجن کي شڪست ڏيئي ڇڙوڇڙ ڪري ڇڏيو. ۽ ڄام ڪوداريه ڇڏي، ديري ۾ وڃي ويٺو. مرادياب خان جيت، لنڪر، پيران، گدڪي وغيره جون زمينون پنهنجي قبضي هيٺ آندیون ۽ حڪم ڏنو ته هيهني ۾ ٻيڙيون رکڻ جو بندوبست ڪيو وڃي.[2]

بدامنيءَ جو دور: ڪڪرالي جي ڄام جي مهر، مرادياب خان جي حڪومت جي پهرئين سال ۾ ئي ڪاميابيءَ سان خاتمي کي پهتي. ان کان پوءِ، ٻن سالن تائين، حڪومت جو انتظام ۽ ڪاروبار تمام چگيءَ ريت هلندو رهيو ۽ رعيت جي بهبوديءَ جي سلسلي ۾ ڪوبه خلل وجهندڙ واقعو پيش نه آيو: ليڪن چوٿين سال 1170هـ

---

(1) "تحفة لڪرام" ج 3، ص 112

(2) "تاريخ ڪلهوڙا"، انگريزي، ص 12

linkar-jeet, Henchee, cudgee piran. :پرڳڻن جا نالا هن طرح لکيا آهي

جي، وري امن ۽ اصلاح جي فضا ۾ تباهيءَ جون وڇون چمڪڻ لڳيون[1].

هن تباهيءَ جي سببن جي ڪيفيت ڪنهن به بيان نه ڪئي آهي. اوهان مٿي پڙهي چڪا آهيو ته محمد مرادياب خان 1164هـ ۾ مسقط کان آيو هو، ليڪن چاڪاڻ ته صاحبزادي کان حڪومت جو ڪاروبار سهڻي نموني هلي نه سگهيو، انهيءَ ڪري ميان صاحب حڪومت جو دفتر ۽ سمورو ڪاروبار ڪانئس واپس ورتو.[2]

انهيءَ حالت ۾ هيءَ سمجهڻ نا مناسب ٿيندو ته محمد مرادياب خان ملڪي ڪاروبار سنيالڻ جو اهل ئي نه هو؟ جيڪڏهن واقعي ائين هو ته ميان نور محمد خان جهڙو حق شناس، خدا ترس، دوراندیش ۽ مدبر ماڻهو مرادياب خان جي جانشيني قطعاً بحال نه رکي ها. هيءَ ڳالهه قياس کان پري آهي ته ميان صاحب فقط وڏي فرزند جي محبت جي جوش ۾ ملڪ جي بهبوديءَ کي خطري ۾ وجهڻ گوارا ڪيو هجي. جنهن مان خود ڪلهوڙا خاندان جي حڪومت قائم رهي نٿي سگهي. ۽ اهو به ظاهر آهي ته ميان صاحب جي مشيرن ۾ اعليٰ درجي جا مدبر ۽ دوراندیش ماڻهو موجود هئا، جي بن پيڙهين کان فوجي توڙي سياسي- هردائري ۾ بهترين ڪارناما سرانجام ڏيئي، پنهنجي عظمت جو سڪو جمائي چڪا هئا. اهي ماڻهو نڪي مرادياب خان جي وليعهد مقرر ٿيڻ تي خاموش رهي سگهيا ٿي ۽ نڪي وري ميان صاحب جي وفات کان پوءِ، اتفاق راءِ سان احمد شاهه اَبدالييءَ کان، مرادياب خان لاءِ حڪومت جي سند وٺڻ لاءِ درخواست ڪري سگهيا ٿي. ان هوندي

---

(1) "تاريخ ڪلهوڙا"، انگريزي، ص 12

پرڳڻن جا نالا هن طرح لکيا آهي: linkar-jeet, Henchee, cudgee piran.

(2) "تحفة الڪرام"، جلد ٽيون، ص 111 ۾ 1170هـ ان ڪري لکيو ويو آهي جو 1167هـ ۾ ڪرالي جي مهر ختر ٿي. 1168هـ ۽ 1169هـ ۾ ڪاروبار درست نموني هليو، 1170هـ ۾ بدامني پيدا ٿي ۽ اهو مراد ياب خان جي حڪومت جو چوٿون سال هو.

ٻ جيڪڏهن مرادياب خان اهڙو ئي نااهل هو، جهڙو "تحفة الڪرام" جي مٿئين حوالي واري بيان مان ظاهر ٿئي ٿو ته، هو ٽن سالن تائين حڪومت کي چگي نموني ۾ هلائي نه سگهيو هو ۽ پهرين ئي سال حڪومت جي ساري انتظامي سلسلي کي درهم برهم ڪري ڇڏيو.

اصلي سبب: "تحفة الڪرام" جي مصنف هڪ ٻئي هنڌ تي لکيو آهي ته:

> سرداران سرائي وعموم رعايا را بيازرد و چون از دست تسلط چا پار شاهي به تنگ آمده بود، خيال بسته که ملک را پاک رفته گوشه گير گردد[1]
>
> (مرادياب خان) سموري رعيت ۽ سرائي سردارن کي ناراض ڪري وڌو. حقيقت هيءَ آهي ته هو احمد شاهه ابدالي‌ءَ جي ڪارندن هٿان تنگ اچي چڪو هو ۽ هن ارادو ڪيو هو ته حڪومت جي سموري دولت کڻي ڪنهن گوشائتي هنڌ وڃي رهي.

هيءُ سبب سواءِ ڪنهن سوچ ويچار جي معقول ۽ يقين جهڙو معلوم ٿئي ٿو. غور ڪرڻ گهرجي ته 1745ع ۾، نادر سنڌ کي لُٽيو- ميان نور محمد خان پنجٽيهن چٽيهن سالن ۾ ملڪي پيدائش مان خرچ ڪرڻ کان پوءِ جيڪي ڪجهه بچايو هو، اهو سڀ نادر پاڻ سان ميڙي چوندي کڻي هليو ويو. اڄا ملڪي ڪاروبار ۽ انتظام جو نقشو ٻيهر تيار ئي نه ٿيو هو ته افغاني فوج سنڌ تي چڙهي آئي ۽ ملڪ ٻيهر لُٽ مار جو نشانو بنيو. خراج جي وڏي رقم نادر جي ئي زماني ۾ مقرر ٿي چڪي هئي، جنهن جو پورو ڪرڻ ئي خود هڪ مشڪل مسئلو هو- وري مرادياب خان جي لاءِ ملڪي سَنَدَ

---

[1] "تحفة الكرام"، ج 3، ص 112

ونڊ وقت خراج جي رقم ۾ واڌارو قبول ڪيو ويو ۽ وقت بوقت وڌيڪ مطالبا ٻه پيش ٿيندا رهيا. سنڌ جو حڪمران حقيقت ۾ حڪمران نه رهيو هو، بلڪ ڏارين جي لاءِ ساريءَ سنڌ مان پيسن گڏ ڪرڻ لاءِ گماشتو مقرر ڪيو ويو هو. ملڪ جي انهيءَ صورتحال کي نڪي محمد مراد ياب خان برداشت ڪري سگهيو ٿي ۽ نڪي وري سرائي سردار ئي ان کي پسنديءَ جي نگاهه سان ڏسي سگهيا ٿي- ڇاڪاڻ ته ميان نور محمد خان جي زماني ۾ ملڪ جي تعمير ۽ حڪومت جي بندوبست ۾ پنهنجي جانين سوڏو لڙندا پئي رهيا. گمان آهي ته انهن حالتن محمد مرادياب خان کي حڪومت کان بيزار ڪري ڇڏيو هجي ۽ هو ملڪ کي ڇڏي ٻاهر وڃڻ لاءِ تيار ٿي ويو هجي. ۽ اهو به اغلب آهي ته دولت وصول ڪرڻ جي بار بار تقاضائن رعيت ۽ سردارن جي لاءِ رنجيدگيءَ جو باعث بنجي ويو هجي. تقاضائن تي مرادياب خان مجبور هو ته انهيءَ کان سواءِ افغانن جا مطالبا پورا ٿي نٿي سگهيا ۽ ان کان سواءِ امن امان سان ساهه کڻڻ جي ٻي ڪابه صورت پيدا ٿي نٿي سگهي.

پنهنجن ۽ پراون جو فرق: هن واقعي کي سامهون رکي ٿڏي سيني سان غور ڪيو وڃي ته حڪمرانيءَ ۾ ڏارين ۽ پنهنجن جو فرق ڏينهن جي روشنائيءَ وانگر نمايان ٿي سگهي ٿو. سنڌ واسين جي لاءِ مغلن جي حڪومت انهيءَ معنيٰ ۾ ڏارين جي حڪومت هئي. جو ته ان جي ڪارندن جو اصلي مقصد دولت حاصل ڪرڻ کان سواءِ ٻيو ڪوبه ٿي نٿي سگهيو. ليڪن هيءَ حقيقت بنا ڪنهن تامل جي تسليم ڪرڻ گهرجي ته مغلن سنڌ تي سندس طاقت کان وڌيڪ بار ڪڏهن به نه وڌو ۽ چگن حڪمرانن جي زماني ۾ سنڌين جي بهبوديءَ لاءِ پڻ ڪم ٿيندا پئي رهيا. مثلاً: مفيد صنعتون جاري ٿيون، واپار ۾ واڌارو ٿيو ۽ زراعت جي حالت پڻ بهتر ستري. نادر شاهه کي سنڌواسين جي پلائيءَ سان ڪوبه مقصد نه هو. هن فقط اهو چاهيو ٿي ته ويهن ٻاويهن لکن

رپين جي رقم سال بسال ڪيس پهچندي رهي.پوءِ پل سنڌ جو هڪ هڪ فرد بيڪ گهرڻ لاءِ جهولي ڪٽي ٻٽڪندو رهي. جڏهن افغانن جي نوبت آئي تہ اها پاڻ نادر شاهہ ڪي ٻہ منزلون پنڌتي ڇڏي ويئي. اڄ حالات ڪي سامهون رکي انسان فيصلو ڪرڻ ويهي تہ حيران ٿي وڃي، تہ آخر انهن ماڻهن جي حڪومت ڪرڻ جو تصور ڪيتريءَ حد تائين عجيب غريب هو، تہ هو ملڪي وسائل ۽ ملڪي ماڻهن جي آسائشن ۽ اطمينان بخش انتظام کان سراسر بيپرواهہ هئا، هڪ پاڪيو، ڪٿن ۽ مينهن کي ڪارائي پيارائي سندن پيٽ نٿو پري تہ هو ڪير ڪيئن ڏينديون؟ مگر اجنبي حڪمرانن جي اها حالت هئي جو سيئي فقط پنهنجي لاءِ ئي دولت سيهڙڻ جي فڪر ۾ مشغول هئا ۽ ڪين انهيءَ ڳالهہ جو قطعاً خيال نہ هو تہ آخر ملڪ ۽ ملڪ واسين جي پلائيءَ جو ڪهڙو حال ٿيندو.

محمد مرادياب خان ملڪي ماڻهن کان رقمون حاصل نہ ڪري ها تہ حاڪمن جي روز بروز وڌندڙ مطالبا ڪيئن پورا ٿين ها؟ انهن مطالبن جي پوري ڪرڻ لاءِ ملڪواسين ۽ انتظامي ڪارندن جي ناراضگي ملهہ ڪٿهڙ کان سواءِ ٻيو تہ ڪو چارو ٻہ ڪونہ هو. بهرحال، انهن حالتن محمد مرادياب کي حڪومت کان بيزار ڪري وڌو.

سيڪجهہ ميڙڻ جو خيال: البت هڪ ڳالهہ دل ۾ ڪنڪي ٿي ۽ اها هيءَ آهي تہ جيڪڏهن محمد مرادياب حڪومت جو انتظام اطمينان بخش نموني هلائي نٿي سگهيو تہ سيڪجهہ ڇڏي الڳ ٿي وڃي ها. ۽ انهيءَ ڪري هو ملڪ ۾ رهي نٿي سگهيو، مسقط جي واليءَ سان هن جا دوستانا تعلقات هئا، اتي هليو وڃي ها- ليڪن ملڪي دولت ميڙي چوندي ڪٽي وڃڻ جو وٽس ڪهڙو جواز هو؟ هن جو ڪوبہ اطمينان بخش جواب ڏيئي نٿو سگهي.زياده کان زياده اهو چئي سگهجي ٿو تہ، هو جيڪڏهن مسقط ۾ رهي ها تہ پنهنجو گذران ڪهڙي نموني ڪري ها. انهيءَ

قلم ڪٽڻ سان ملڪ واسين لاءِ يقيناً وڏيڪ مصيبتن جو طوفان کڙو ٿي ويو ٿي، ليڪن سمجهي سگهجي ٿو ته مرادياب خان جو چگهائيءَ توڙي بيڙائيءَ متعلق تصور، ان زماني جي عام ماڻهن کان ڪجهه زياده مختلف نه هو ۽ هن کي ملڪ ۽ قوم جي خدمت جي سلسلي ۾ اهو درجو ۽ مرتبو حاصل نه هو، جنهن تي سندس وڏا فائز هئا.

مسقط وڃڻ جي تياري: "تحفة الڪرام" جو بيان آهي ته محمد مرادياب مسقط وڃڻ جي تياري ڪئي ۽ پنهنجو خزانو اڳواٽ جهاز رستي مسقط ڏانهن موڪلي ڇڏيو.[1]

1170هـ جي آخر ۾، ميان به روانگيءَ جو پڪو ارادو ڪيو ۽ ڪڪرالي جي جام جي علاقي طرف پيشقدمي ڪئي، خواهش هيءَ هئي ته جام کي ختم ڪري، سندس علاقي جو سمورو مال ملڪيت لٽي پاڻ سان ڪٽي وڃجي. سرائي سردارن، جام مذڪور سان صلح ڪرڻ وقت واعدي جي پابنديءَ لاءِ قرآن جو حلف کنيو هو. هنن، اهو مناسب نه ڄاتو ته اهي موڪڏ حلف کي ٽوڙي خواه مخواه جام جي علاقي تي حملو ڪن. ڇو ته هن ڏر کان واعدي خلافيءَ جي ڪابه حرڪت نه ٿي هئي.

مرادياب خان جي معزولي: 13- ذوالحج، 1170هـ (29- آگسٽ، 1757ع) جو سردارن جٽو بنائي راتو رات محمد مرادياب خان جي حويليءَ کي گهيري ۾ آڻي ڇڏيو. صبح جي وقت هن کي ۽ سندس ٻين ماڻهن کي، جي ساڻس گڏ هئا، گرفتار ڪري ورتو. ۽ سندس پاءُ غلام شاهه کي حڪمرانيءَ جي مسند تي ويهاريو. ميان نور محمد جي وفات کان معزوليءَ تائين محمد مراد ياب خان جي

---

[1] ميان غلام شاهه جي زماني ۾، سمورو خزانو يا ان جو وڏو حصو مسقط کان واپس گهرايو ويو هو. جيئن اڳتي هلي معلوم ٿيندو.

حڪومت جي مدت پوڻا چار سال ٿئي ٿي.[1] ڪنهن شخص هن واقعي جي تاريخ " گرفتاري مرادياب" (مرادياب جي گرفتاري) مان ڪڍي. هن ٽڪري جا عدد 1169 بنجن ٿا. صحيح تاريخ 1170هـ آهي. بالچند "آزاد"، مرادياب جي معزوليءَ ۽ غلام شاهه جي جلوس جي تاريخ هن شعر مان ڪڍي!

"بنشت غلام شاه بر مسند جاه".[2]
برخاست مراد ياب نوميد به آه."

"فتحنامي" جو بيان: "فتحنامي" جي مصنف، مراد ياب خان جا حالات هن ريت لکيا آهن:

("محمد مراد آن مهين پوراو، بجائش نشسته بدستور او."
"محمد مراد، جو ميان نور محمد جو وڏو پٽ هو، دستور مطابق ميان صاحب مرحوم جو جانشين مقرر ٿيو).

وي چون اوالعزم وغازي نبود، اوضاع او مير راضي نبود.

(مگر جيئن ته هو مضبوط ارادي وارو ۽ غازي نه هو، انهيءَ ڪري مير" بهرام" کي هن جا طريقا پسند نه هئا.)

نه مرد آزما بود وني مرد جو، نه درد آزما بود وني درد جو.

(هو نڪي مڙس جو سڃاڻو هو ۽ نڪي هن کي مڙس جي گهرج هئي، نه هن ڏڪ ڏنو ۽ نه وري ڏڪ سهڻ لاءِ تيار هو.)

مي و مطرب ولوليش يار بود، شب و روز او صرف اين کار بود.

(شراب، راڳيندڙ ۽ طوائفائون هن جا دوست هئا، هن جو ڏينهن ۽ رات انهن ڪمن ۾ گذرندو هو.

نه کار آزمايان برش باريابه، نه حاجت وران از درکشا ياب.

---

(1) "جواهر عباسيه" جو بيان آهي ته محمد مراديابخان پنج سال حڪومت ڪئي. هي غلط آهي ۽ هي به لکيو آهي ته سلطنت جا ڪارڪن ميان صاحب جي بدمزاجيءَ سببان ڪانئس ناراض ٿي پيا ۽ انهيءَ ڪري ڏهه سال جيل ۾ وڌائونس (ص 161)

(2) "مقالات الشعراء"، قلمي نسخو، ص 55

(نہ تجربيڪارن کي هن وٽان عزت ملندي هئي، نہ حاجتمند هن جي دروازي کان ڪامياب ٿيندا هئا.)

همان راه رفتند عمال ملک، زبون گشت از دست شان حال ملک.

(ملک جا سمورا ڪارڪن بہ سندس راه تي هلڻ لڳا ۽ انهن جي مٿان ملک جو حال ابتر ٿي ويو.)

برين وضع چون خلق آزرده حال، بناليد از غفلت او دو سال.
سران بر در ميرِ حاضر شدند، درين امرباهم مشاور شدند.

(هن حالت ۾ ڏکويل حال رعيت بن سالن تائين هن جي غفلت کان رئندي رهي؛ پوءِ وڏا وڏا ماڻهو ميرِ (بهرام) جي دروازي تي حاضر ٿيا ۽ هن معاملي ۾ گڏجي مشورو ڪيو)

چون بي چاره گشتند شان ناگزير، به فرموده‌ء ميرِ روشن ضمير.
اخش آن که مهر برادر نداشت، زبي قدريش قدر چاکرنداشت نشاندندبر مسند سروري، فزودش خدا پايه‌ء برتري.

(جڏهن انهن ماڻهن کي بي ڪابہ واهہ نظر نہ آئي، تڏهن ميرِ بهرام جي حڪم مطابق محمد مرادياب جي پاڻ کي حڪومت جي مسند تي ويهاريو ويو ۽ اهڙيءَ طرح، خدا هن جي برتريءَ جو پايو بلند ڪري ڇڏيو. هي اهو پاڻ هو جنهن سان محمد مرادياب کي ڪابہ محبت نہ هئي، بلڪ بيقدريءَ سبب هن جي نظرن ۾ ڪيس نوڪرن جو درجو بہ حاصل نہ هو.)[1]

سيٽن جو پيش ڪيل نقشو: ديودِ سيٽن جو بيان جيتوڻيڪ ظاهريءَ طرح " تحفة الڪرام" تان ورتل معلوم ٿو ٿئي ۽ ان کي پيش ڪرڻ نامناسب نہ ٿيندو. هو لکي ٿو تہ ڪڪرالي جي بن سالن واريءَ مهم کان پوءِ، مرادياب خان چگيءَ طرح حڪومت ڪئي. چوٽين سال پنهنجي ڪم جو طريقو بدلائي ڇڏيو ۽ هو سرائين توڙي بين اڪابرن تي سختيون ڪرڻ لڳو. ان ڪري هي ماڻهو

---

[1] "فتحنامو"، قلمي نسخو، ص 53-054

ڪانئس نفرت ڪرڻ لڳا. مرادياب خان هيءَ تجويز سوچي ته ملڪ جو سمورو مال پاڻ سان ڪڻي نڪري هليو وڃي. هن تجويز مطابق، هن پنهنجو سمورو خزانو مسقط ڏانهن ڏيارڻ موڪليو ۽ پاڻ فوج وٺي جام ڪرالي جي ملڪ تي قبضو ڪرڻ لاءِ وڌيو، جو ڪيس رستي ۾ آيو ٿي. سرائي سردار، جام سان صلح جو واعدو ڪري چڪا هئا ۽ هو انهيءَ ڳالهه تي راضي نه ٿيا. هنن مراد ياب خان جي پاءُ ميان غلام شاهه جي تابعداريءَ جو حلف ڪنيو. غلام شاهه "سربلند خان" (مرادياب خان) ۽ ان جي اهل اعيال کي قيد ۾ وجهي ڇڏيو.[1]

گرفتاريءَ جا تفصيلات: ٽوپڻ مل لکيو آهي ته مرادياب خان کي جوانيءَ جي نشي جو غرور هو. هن، نصرپور سان لاڳو لاهيءَ جي ويجهو هڪ شهر پنهنجي نالي سان ٻڌارايو هو. هيءَ شهر سنڌو درياءَ جي اٽل سبب غرق ٿي ويو. هن جي حڪومت واري دور ۾، ساري ملڪ ۾، بدانتظامي عام ٿي ويئي هئي.حڪومت جا ڪارندا پيسا وٺي ويندا هئا ۽ ڪائنڪ ان متعلق ڪو به پڇا ڳاڇا ڪرڻ وارو ڪونه هو. ملڪ ۾ بيچيني ڏينهون ڏينهن وڌندي رهي. آخر گرفتارين جي نوبت آئي، جنهن جو تفصيل هيءَ آهي ته رات جي وقت قلعي جو گهيرو ڪيو ويو، صبح جو جڏهن دروازو کليو، تڏهن سردار بجليءَ جهڙي تيزي وانگر اندر گهڙي ويا ۽ مرادياب خان ۽ سندس ساڻين کي گرفتار ڪري ورتو. پوءِ ڪيس اهل عيال سان گڏ ٻيڙين ۾ ويهاري، شهدادپور موڪليو ويو.

"انشاءِ عطارد" جو پيش ڪيل خط: "انشاءِ عطارد" ۾ هڪ درخواست شامل آهي، جا ميان عبدالنبيءَ جي دور ۾ سرائي فقيرن طرفان افغانستان جي بادشاهه کي موڪلي ويئي هئي. ان ۾ مرادياب خان جي معزوليءَ جو پڻ ذڪر هو. درخواست جي تعلق

---

(1) "تاريخ ڪلهوڙا"، انگريزي، ص 2-13.

رکندڙ حصي جو مفاد هيءُ آهي: ڪلهوڙا خاندان جا سيئي حاڪم، حڪومت جي فرضن جي بجاآوريءَ سان گڏ روحاني پيشوائن جا حقوق بہ باقاعدگيءَ سان ادا ڪندا هئا. روزانو مريدن ۽ معتقدن جي تربيت ۾ ڪوشان رهندا هئا.

> محمد مرادياب خان از رسم و آئين خاندان خويش منحرف گرديده راه رسمي را که شايان شان خاندان عاليه عباسيه نه بود پيش گرفته_ جميع فقيران و سرکرد گان ايلات بلوچ و جات مجتمع گرديده، باتفاق يک ديگر صلاح و صواب سنجيده، مرحوم ميان غلام شاهه رابه مرشديء خويش قرار داده ازدست بوسي و مريدي آنجناب مشرف شده، زمام اختيار ملکي و مالي بدست او سپرده خود در تقديم خدمات شاهي بجان کوشيده اند[1]

محمد مراد خان پنهنجي خاندان جي آئين ۽ طريقي کان منحرف ٿي ويو، هن اهو رستو اختيار ڪيو جو هن جي وڏي مرتبي واري عباسي خاندان جي هرگز شايان نہ هو. انهيءَ تي سمورا فقير ۽ بلوچ پاڻ ۾ گڏ ٿيا ۽ سيني مصلحتن تي غور ڪرڻ کان پوءِ، اتفاق راءِ سان ميان غلام شاهه مرحوم کي پنهنجو رهنما بنايو ۽ سندس مرشديءَ سان شرف حاصل ڪيو. ملکي ۽ مالي اختيارات جي واڳ _ ڏور هن جي حوالي ڪئي ۽ پاڻ شاهي خدمات جي بجاآوريءَ ۾ پوريءَ طرح ڪوشان رهيا.

يقين سان اهو ٻڌائڻ مشڪل آهي تہ آيا روحاني تربيت مان مراد اهو طريقو آهي، جو پيرن ۽ سيدن وٽ توجهہ ۽ حال جو سلسلو مروج

---

(1) "انشاي عطارد"، ص 175-0176

آهي يا ڪو ٻيو مقصد آهي. ليڪن ظاهريءَ طرح اهوئي معلوم ٿو ٿئي ته مرادياب خان پنهنجي والد يا ڏاڏي وانگر زهد ۽ تقوي جو گهڻو پابند نه هو. هن اهي سڀ مشاغل اختيار ڪياهئا، جن جو ذڪر عظيم الدين نڻويءَ "فتحنامي" ۾ بيان ڪيو اهي. هيءُ بيان جيئن ته ڪلهوڙا حڪومت جي ان وڏي مرتبي جي ان فرد جو آهي، جو شروع کان ئي حڪومت جو نهايت ذميوار ڪارڪن مجيو ويندو هو. ۽ محمد مرادياب خان جي معزوليءَ کان ڪيترا سال پوءِ، هيءُ بيان مرتب ٿيو. انهيءَ ڪري هن جي درست مڃڻ ۾ ڪابه هيڪ نٿي ٿي سگهي.

اولاد ۽ وفات: مرادياب خان جا ٻه فرزند هئا، هڪ جو نالو حسين علي ۽ ٻئي جو نالو عباس علي هو. هي ٻيئي فرزند ميان غلام شاهه جي حڪومت جي دور ۾ بيگناهه موت جي آهي ۾ ڏنا ويا هئا. اها حقيقت اڳتي هلي مناسب موقعي تي بيان ڪئي ويندي. خود محمد مرادياب خان ٻه ڪجهه مدت جيل ۾ گذاري ۽ پوءِ آزاد ٿي شهدادپور کان نوشهري پهتو، جتان پوءِ خداآباد پراٽيءَ ۾ پهچي ويو ۽ غالباً شوال، 1171هـ (جون، 1757ع ۾ وفات ڪيائين. غلام شاهه 1171هـ ۾، روهڙيءَ جي لڙائيءَ ۾ ڪامياب ٿي، عيدالفطر جي نماز روهڙيءَ ۾ ادا ڪري سيوهڻ طرف روانو ٿيو. ان زماني ۾ محمد مرادياب خان بيمار هو. غلام شاهه ٻه پنهنجي پاءُ جي تيمارداري ڪئي ۽ انهيءَ بيماريءَ ۾ مرادياب خان فوت ٿي ويو.

غلام شاهہ ۽ محمد عطر خان

الهہ آباد جو بنيادي پٿر: ميان غلام شاهہ کي حڪومت جي مسند تي ويهاريو ويو، ليڪن انهيءَ مقصد لاءِ افغاني دربار کان سند حاصل ڪرڻ کان سواءِ ٻيو ڪوبہ چارو نہ هو ۽ جيڪڏهن سند حاصل نہ ٿئي ها تہ ميان غلام شاهہ مسند تي قائم رهي نہ سگهي ها. هڪ مهيني کان پوءِ مرادآباد کي درياءَ گهيري ۾ آڻي ورتو ۽ ميان غلام شاهہ کي شهر ڇڏي ٻاهر نڪرڻو پيو. پنهنجي والد جي آباد ڪيل شهر 'محمد آباد' وٽ ميان صاحب هڪ نئين شهر جو بنياد وڌو ۽ ان شهر جو نالو "الهہ آباد" رکيو.

سرائي سردار آهستي آهستي ميان غلام شاهہ وٽ گڏ ٿيڻ لڳا. مراد ياب خان جو سڳو ڀاءُ احمد يار خان خداآباد ۾ هو. هن، ميان غلام شاهہ کي تسليم نہ ڪيو ۽ مراديابخان جي معزوليءَ کان انتظامي صورتحال ۾ بهتريءَ جون جيڪي تدبيرون رکيون ويون هيون، سي ظاهريءَ طرح پوريون نہ ٿيون.

محمد عطر خان: مٿي بيان ٿي چڪو آهي تہ محمد عطر خان ان وقت يرغمال طور افغاني دربار ۾ موجود هو. هن کي جڏهن مراديابخان جي معزوليءَ جي خبر پهتي، تڏهن دربار کان سند جي حڪومت جو پروانو پنهنجي نالي ورتائين. هوڏانهن مراديابخان جي سڳي ڀاءُ احمد يار خان، خداآباد ۾ وينِي محمد عطر خان جي لاءِ لشڪر جي تياري شروع ڪري ڏني. جيڪي سرائي سردار، ميان غلام شاهہ جي ملازمت اختيار ڪري چڪا هئا، تن کي جڏهن معلوم ٿيو تہ احمد شاهہ ابدالييءَ حڪومت جون واڳون محمد عطر

خان کي ڏيئي ڇڏيون آهن، تڏهن پنهنجي ڪئي تي پشيمان ٿيا ۽ ملازمت ڇڏي ڏيڻ لڳا. انهيءَ حالات ۾ ميان غلام شاهه 25- صفر 1171هـ (8- نومبر، 1757ع) جو، ملڪ ڇڏي جيسلمير وڃڻ لاءِ سفر جي سامان ناهڻ جي تياري ڪئي. "جواهر عباسيه" جي بيان مطابق مير بهرام ٽالپر به ڪامنا (جيسلمير) وٽ علحدگي اختيار ڪئي. باقي فقط فوج جا چند ماڻهو، راجا ليکي ۽ چند جان نثار ميان غلام شاهه سان گڏ رهيا.

پائڻ ۾ اختلاف: ميان عطر خان جڏهن سنڌ جو رخ ڪيو، تڏهن عام خيال هيءُ هو ته مرادياب خان کي ٻيهر مسند تي ويهارينڊو. هن جي اچڻ جي سلسلي ۾ احمد يار خان جيتري تياري ڪري ڇڏي هئي، سا انهيءَ خيال سان ڪئي هئائين ته جيئن سندس معزول ٿيل پاءُ کي ٻيهر حڪومت ملي وڃي. ليڪن جڏهن محمد عطر خان آيو، تڏهن مرادياب سان ملڻ کان سواءِ ئي حڪم ڏيئي ڇڏيو ته 'هن کي خداآباد ۾ رهڻ گهرجي'. هن افسوسناڪ حرڪت، محمد عطر خان کي سيني جي نظرن ۾ ڪيرائي ڇڏيو. مگر جيئن ته هو شاهي فرمان جي بنياد تي حاڪم بنيو هو، انهيءَ ڪري لاچار سيبيئي سندس پاسي ٿيا.

عبرت جو ڪتاب: هتان وري هڪ دفعو حالات تي غور ڪريو ته باهرينءَ مداخلت، سنڌ ۾ ڪيترا نازڪ حالات پيدا ڪري ڇڏيا هئا:

1. مرادياب خان کي سيني اتفاق راءِ سان حڪمران چونڊيو هو ۽ هو ابدالين جي جيئن پوءِ زياده دولت جي مطالبن ڪرڻ سبب حڪومت کان بيزار ٿي پيو.
2. مرادياب خان کي معزول ڪري غلام شاهه کي حڪمران بنايو ويو. ليڪن هن کي افغاني دربار کان سند نه ملي سگهي.
3. محمد عطر خان پنهنجي صلاحيت يا ملڪ واسين جي اتفاق راءِ جي بنياد تي نه، بلڪ افغاني دربار ۾ موجودگيءَ جي سبب مسند حاصل ڪئي.

4. دربارين ۾ سردارن جي هيءَ حالت هئي، جو جنهن شخص کي هنن پنهنجي نظرن ۾ اهل ڄاتو ٿي، ان جي بجاء جيڪڏهن ڪنهن ٻئي کي مسند ملي ٿي، تہ هو پنهنجي پهرين فيصلي تي پشيمان ٿي، الڳ ٿِي ٿي ويا.
5. ملڪ اهڙيءَ طرح بدامنيءَ ۾ خانہ جنگيءَ سبب تباهہ ٿي رهيو هو، افغاني دربار انهيءَ کان بلڪل بيپرواهہ هئي ۽ وڏيڪ دولت جي مطالبن لاءِ سندس دامن هر وقت ڦهليل رهندو هو ۽ اهو بہ انهيءَ نموني تہ زياده کان زياده رقم ڏيو تہ اطمينان سان ويهو- ٻيءَ صورت ۾ حملي جي تلوار هر وقت ڇڇيءَ مٿان لٽڪيل سمجهو.

مراد ياب جو معاملو: "تحفة الڪرام" جو بيان آهي تہ، جڏهن محمد عطر خان آيو، تڏهن احمد يار خان نوشهري ۾ سندس انتظار ڪري رهيو هو:

> در اوائل ربيع الثاني محمد مراد رسيده- توقع او و سرائيان آن بود که اين کار را عطر خان هر آئينه جهت برادر کرده است- از آنجا که نشه حکومت سخت غرض آلود است، عطر خان آمدن برادر شنيده بي ملاقات او حکم کرد تا بخدا باد نشاندند-هر چند ازين ادا از نظر جمله افتاد، اما چون مقرر کردهء شاه بود، چار و ناچار باوي ساختند[1]

(محمد مراد ربيع الثانيءَ جي شروعات (ڊسمبر،1757ع) ۾ نوشهري پهتو، هن ۽ سرائي سردارن کي توقع هئي تہ عطر خان هر حال ۾ سڀ ڪجهہ پنهنجي ياءُ لاءِ ئي ڪيو آهي، ليڪن حڪومت جو نشو همیشہ غرض آلود هجي ٿو. عطر خان ياءُ جي اچڻ جي خبر ٻڌي تہ

---

[1] "تحفة الڪرام" ج 3، ص 113

ملاقات ڪرڻ کان سواءِ ئي حڪم ڏنائين ته "هن کي خداآباد ۾ رکيو وڃي" من حرکت کيس سيني جي نظر ۾ ڪيرائي ڇڏيو. مگر جيئن ته بادشاهه طرفان مقرر ڪيل هو، تنهن جي مجبوريءَ سبيئي سندن سات ڏيندا رهيا.)

"سيني جي نظرن ۾ ڪيرائي ڇڏيو." جو جملو معنيٰ خيز آهي. هن مان ظاهر آهي ته سرائي به بن ٽولن ۾ ورهائجي چڪا هئا: هڪ ٽولو مرادياب خان جو حامي هو ۽ ٻيو مخالف. مخالفن غلام شاهه کي پنهنجو مددگار سمجهيو ۽ موافقت رکندڙ ٽولي، محمد عطر خان جي آندل کي پنهنجي ڪاميابي جو مقصد ڄاتو. ليڪن پنهي ڌرين جي خواهش خلاف عطر خان ڪامياب ٿي ويو؛ جيتوڻيڪ هن جي ڪاميابي بلڪل عارضي هئي.

حڪمرانن جي مجبوري: محمد عطر خان حاڪم ته بنجي ويو، ليڪن انهيءَ اسڪنجي مان ڪهڙي طرح ڇوٽڪارو حاصل ڪري سگهيو ٿي، جنهن مراد باب خان کي حڪومت ڪرڻ کان بيزار ڪري ڇڏيو هو. ملڪ سخت هلاڪت ۾ مبتلا هو، زراعت ۽ تجارت جا سلسلا درهم برهم ٿي چڪا هئا. اڳين حملن جي خوف سببان ماڻهو هڪ هنڌ گهر ڪري ويهي نٿي سگهيا. افغاني دربار طرفان هڪ ٻئي پٺيان پيسن جي تقاضا جاري هئي. جيڪي افغاني ڪارندا خراج ٻني وصوليءَ تي مقرر هئا، اهي تڪبر ۽ غرور جي پاڪلپٽائي ۾ خود ملڪ جي والي جي بيعزتي ڪندي به سوچ ويچار نه ڪندا هئا. مظلومن جي آهُن سان ساري ملڪ جي فضا اوداهي ٿي چڪي هئي. انهيءَ حالات ۾ محمد عطر خان پنهنجي حڪمراني تي لعنت وجهڻ لڳو[1].

ميان غلام شاهه جي سرگذشت: غلام شاهه جيسلمير کان بيڪانير پهچي ويو ۽ اتان هڪ معتبر وڪيل کي محمد مبارڪ

---

[1] "تحفة الڪرام" ج 3، ص 113

خان ثاني، رياست بهاولپول جي نواب وٽ ڏيارِي موڪليو تہ منهنجي لاءِ امن ۽ اطمينان سان رهائش جو بندوبست فرمايو وڃي. محمد مبارڪ خان سفير موڪليو تہ بنا ڪنهن تڪليف جي هيڏانهن هليا اچو، هي گهر اوهان جو پنهنجو آهي. اهڙي طرح ميان غلام شاهہ بهاولپور ۾ وڃي وينو. انهي وچ ۾ سنڌ جي حالت حد کان وڌيڪ خراب ٿي وئي.

"جواهر عباسيہ" جو بيان آهي تہ

> اراکين ملک سنڌ از غفلت مزاجش (عطر خان) بجان رنجيدند و رعايا از دست تطاول او به فغان رسيد ند. پس هر يک از امراء پنهان بخدمت ميان صاحب عهدنامہ ها نوشتند. و هر همه بجان ملتمس تشريف شريف او گشتند.[1]
>
> سنڌ جي حڪومت جا امير ۽ ڪارندا محمد عطر خان جي غفلت ڪان سخت ناراض ٿي ويا ۽ هن جي ظلم سببان رعيت آه وفغان جو هڪ وهڪرو بنجي وئي. اهڙيءَ ريت، سيني امير ن ڳجهيءَ طرح ميان غلام شاهہ جي خدمت ۾ عهدنامہ موڪليا ۽ سيني عرض ڪيو تہ اوهان مهرباني ڪري هليا اچو.

سنڌ ڏانهن ارادو: ميان غلام شاهہ، محمد مبارڪ خان سان مشورو ڪيو ۽ ڪائنس مدد گهري. محمد مبارڪ پنهنجي عزيزن مان محمد فتح خان (محمد مبارڪ جو حقيقي ڀاءُ) مهرو خان ۽ احمد خان فيروزاڻي ۽ مخمد جام علياڻي کي ميان غلام شاهہ سان گڏ موڪلي ڏنو. ميان صاحب معتبر ماڻهو ملتان موڪلي سعد خان

---

[1] "جواهر عباسيہ" ص 164 ۽ " مرآت دولت عباسيہ" جو بيان بہ ساڳيو ئي آهي. مون اختصار جي خيال سان عبارت نقل نہ ڪئي آهي. ۽ اهو نقل سراسر تڪرارئي هجي ها.

بابي، شير محمد خان ۽ ٻين افغانن کي چگيون پگهارون ڏيئي پاڻ وٽ نوڪر رکيو ۽ پوءِ روهڙيءَ طرف ڪوچ ڪيو. رستي ۾ بهادر خان علياڻي ۽ اختيار خان مدواڻيءَ مقابلو ڪيو، ليڪن نهايت بري شڪست کاڌائون ۽ پشيمان ٿي پنهنجن گهرن ڏانهن موٽي روانا ٿي ويا[1].

روهڙي جي لڙائي: هيڏانهن عطر خان ۽ ميان احمد يار خان سنڌ جي سموري لشڪر سان مقابلي لاءِ اچي ويا. رمضان 1171هـ جي آخري تاريخ (7 جون 1758) جو، روهڙي کان ٻاهر امرڪس واهه جي ڪناري تي خونريزي لڙائي لڳي. "جواهر" جي بيان مطابق خون جو درياهه وهي هليو هو. ميان عطر خان ۽ ميان احمد يار خان جي فوج جا هزارين ماڻهو تلوار هيٺ اچي ويا: ميان غلام شاهه جي ڏر جي اميرن راجا ليکي جو ياءُ راجا خمره مارجي ويو ۽ ميان غلام شاهه لشڪر جي ٽورائيءَ جي باوجود به مخالف ڏر کي نهايت بري شڪست ڏني. مير بهرام ٽالپور جيسلمير ۾ ميان غلام شاهه جو ساٿ ڇڏي ڏنو هو، سو عين لڙائيءَ جي موقعي تي ميان صاحب جي خدمت ۾ پهچي ويو. ميان سندس اڳوٽي حرڪت کان چشم پوشي ڪندي، السلام عليڪم چوڻ ۾ ڪائنس اڳرائي ڪئي. مير سيني تي هٿ رکي ، پنهنجي گناهن جو اعتراف ڪيو ۽ هميشه جي لاءِ ميان صاحب جي دامن سان وابسته ٿي ويو.[2]

ٻيهر حڪومت جو دور: غلام شاهه فتح کان پوءِ عيدالفطر روهڙيءَ ۾ ڪئي ۽ اتان روانو ٿي سيوهڻ پهچي ويو. هن زماني

---

[1] معلوم ٿو ٿئي ته هي ٻيئي ، انهي زماني ۾ محمد عطر خان سان وابسته ٿي چڪا هئا هن وابستگيءَ جيڪي گل ٽڙايا، تن جي ڪيفيت اڳتي هلي بيان ٿيندي.

[2] هي داستان "جواهر عباسيه" ۽ "تحفة الڪرام" تان ورتل آهن. ملاحظه هجي "جواهر"، 162-166؛ "تحفة الڪرام" ج ص 113. زياده تفصيلوار احوال "جواهر" ۾ آهن ۽ جنگ جي تاريخ ۽ لڙائيءَ جو هنڌ "تحفة الڪرام" ۾ درج آهي. هن ۾ اهو به لکيل آهي ته غلام شاهه ٿي مهينا بهاولپور ۾ رهيو.

۾ محمد مرادياب خان گهٽو بيمار هو. ميان صاحب سندس تيمارداري ڪئي. چند ڏينهن کان پوءِ ميان مرادياب خان وفات ڪئي. شوال 1171 هـ جي ميان الهه آباد ۾ وارد ٿيو، هتي صاحبزادو پنهنجي سيني تعلق رکندڙ ماڻهن سان والد جي خدمت ۾ پهچي ويو. چند روز الهه آباد ۾ رهائش کان پوءِ، ميان صاحب محمدآباد ڏانهن هليو ويو ۽ سال جو باقي حصو اتي گذاريائين. ميان غلام شاهه پهرئين دفعي قريباً اڍائي مهينا حڪومت ڪئي هئي، (13ذوالحج، 1171هـ کان 25 صفر 1171هـ). سندس ٻيهر حاڪم ٿيڻ جو آغاز پهرين شوال 1171هـ (جون 1758ع) کان ٿيو.

عطر خان ۽ احمد يار خان: عطر خان ۽ احمد يار خان روهڙيءَ ۾ شڪست کائي سڌا قلات ۾ پهچي ويا. محمد نصير خان قلات جو والي، ميان غلام شاهه جو دوست هو. هن ٻنهي صاحبزادن کي جيل ۾ وجهي ڇڏيو. ديوان گدومل، سنڌ جي حڪومت طرفان شاهي دربار ۾ وڪيل هو، هن، صاحبزادن جي آزاد ڪرائڻ لاءِ ڪوششون شروع ڪيون. محمد نصير خان هڪ موقعي تي شاهي لشڪر جي مدد نه ڪئي هئي. جواب طلب ڪيو ويو، تہ هو مقابلي ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويو. آخر افغاني فوج قلات تي گهيرو ڪيو. محمد نصير خان پنهنجي ڏوهه جي معافي گهري. هن موقعي تي عطر خان ۽ احمد يار خان قيد مان آزاد ٿي شاهي لشڪر ۾ شامل ٿي ويا ۽ ديوان گدومل جي ڪوشش سان فرمان صادر ٿيو تہ افغان سردار، عطر خان کي پاڻ سان وٺي سنڌ وڃي ۽ وڃي ڪيس سنڌ جي مسند تي ويهاري، باقي احمد يار خان دربار ۾ رهي.

غلام شاهه جڏهن اهي خبرون ٻڌيون، تڏهن هن ربيع الثاني 1172 هـ (ڊسمبر 1758) ۾ اورنگا بندر جي سيني رهاڪن کي گجي پهچايو، جو ان وقت ويران ٿي چڪو هو. هن پوءِ ان جو نالو "شاهه ڳڙهه" رکيو ۽ ان کي پنهنجو مرڪز بنايو. شاهه ڳڙهه جي پر ۾، شاهبندر نالي هڪ نئين بندر جو بنياد رکيو ۽ اتي هڪ مضبوط

قلعو جوڙايو. ان بعد پنهنجي اهل عيال کي، پنهنجي پٽ سرفراز خان جي سنيال هيٺ ڇڏي، پاڻ پائرن جي مقابلي لاءِ نڪري پيو.

سنڌ جي ورهاست: سنڌ کي ميان يار محمد خان ۽ ميان نور محمد خان، گهٽ وڌ پنجٽيهن سالن جي ڪوششن سان، ٽڪرا ٽڪرا ملائي متحد ڪيو هو، جو پوءِ نادر جي تلوار وري ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيو. ميان نور محمد خان هن عظيم صدمي کان پوءِ ملڪي انتظام جو مالڪ بنيو .... تڏهن هن جي سامهون سڀ کان وڏو مقصد اهوئي هو ته ملڪ کي جيڪو نقصان پهچي چڪو هو، ان جي تلافيءَ جو جلد کان جلد بندوبست ڪيو وڃي. انهيءَ وچ ۾ افغان حملي آور ٿيا ۽ اهي سموريون ڪوششون پاڻيءَ تي ڇڏ وانگر ثابت ٿيون: سنڌ جا ٽڪر ٽڪر ٿي ويل عضوا وري گڏجي نه سگهيا، جيترو هن کان اڳ سنڌ جو علائقو ڪلهوڙا خاندان جي قبضي ۾ هو. مگر افسوس جو ان ٿي به پائرن جي ڪشمڪش ورهاست جو هڪ ٻيو طريقو شروع ڪيو.

هن اجمالي بيان جو تفصيل هن ريت آهي ته - محمد عطر خان افغاني لشڪر سان سنڌ پهتو ۽ مقصود فقير پنهنجي فوجي دستي سان گڏ، لشڪر جو هر اول بنيو. افغاني لشڪر جتان به لنگهيو ٿي ته ملڪ مان لُٽ مار ڪندو ٿي ويو. چند ڏينهن ۾، هي سيئي ماڻهو چاچڪان جي علائقي ۾ پهچي ويا. ڪجهه ڏينهن هن لشڪر ۽ ميان غلام شاهه جي لشڪر وچ ۾ جهڙپون ٿيندیون رهيون. ميان عطر خان کي ڪاميابيءَ جي ڪا به صورت نظر نه آئي، تڏهن هڪ دم صلح جو پيغام موڪلي ڏنائين. . گفتگوءَ کان پوءِ، ملڪ کي ٽن ٽڪرن ۾ ورهايو ويو: هڪ حصو شاهه ڪڙهه کان نصرپور تائين، جنهن ۾ ٺٽو پڻ شامل هو، ميان غلام شاهه کي مليو ۽ باقي سنڌ جا به رهيل حصا عطر خان ۽ احمد يار خان جي حوالي ٿيا.

هيءُ ميان غلام شاهه جي حاڪميت جو ٽيون دور هو، جنهن ۾ قريباً سنڌ جا ٻه حصا سندس حڪومت کان کٽجي ويا.

فساد ٽيڻ جي نئين سر ڪوشش: ورهاست جو فيصلو جيتوڻيڪ ملڪي نقطئ نگاهه کان نهايت افسوسناڪ هو، مگر انهيءَ طرح، امن جي هڪ صورت نڪري ٿي آئي. جنهن جو فائدو وٺي عام ماڻهو ڏنڌي ۽ روزگار ۾ مصروف ٿي سگهيا ٿي. اهو اڳئي ڄاڻايل آهي ته ميان نور محمد خان مرحوم جي سنڌ ڇڏي وڃڻ واري وقت کان عوام کي ڪٿي ٻه اطمينان سان هڪ هنڌ ويهڻ نصيب نه ٿيو هو. مگر امن جون اهي ڪوششون ٻه جٽادار ثابت نه ٿيون، جنهن لاءِ ملڪي اتحاد کي ٽڪرا ٽڪرا ڪيو ويو هو. رمضان 1172ھ (مئي 1759ع) تائين ته ڪو ٻه جهڳڙو پيدا نه ٿيو، پر پوءِ محمد عطر خان ۽ احمد يار خان جي وچ ۾ اختلاف جي باهه ٻڙڪي اٿي. آخر افغاني دربار تي هيءُ حقيقت واضح ٿي وئي ته محمد عطر خان ملڪي انتظام سنيالي نٿو سگهي. ميان احمد يار خان انهيءَ صورتحال مان فائدو وٺي، پنهنجي پٽ کي يرغمال ۾ ڏنو ۽ پاڻ سنڌ جي سرداري جو پروانو حاصل ڪيو.

هوڏانهن ميان احمد يار خان سنڌ جو رخ ڪيو ۽ هيڏانهن ميان غلام شاهه فساد جي تدارڪ لاءِ نڪري پيو. محمد عطر خان جڏهن هيءُ احوال ڏٺو، تڏهن هوش گم ٿي ويس ۽ ملڪ ڇڏي ڀڄي ويو. احمد يار خان اچان سنڌ نه پهتو هو، انهيءُ ڪري ميان غلام شاهه ساري سنڌ تي قبضو ڪري ورتو.

محمد عطر خان جو خط: "تحفة الڪرام" جي بيان مطابق، محمد عطر خان 2 شوال 1172ھ (29مئي 1759ع) جو ميان غلام شاهه جي نالي خط موڪلي ڏنو ته "مان هميشه جي لاءِ ملڪ ڇڏي وڃي رهيو آهيان، اوهين ۽ احمد يار خان جيئن وٽيو تيئن ڪريو". ميان غلام شاهه لاڙڪاڻي پهتو ۽ جن ڪوسن سردارن افراتفري جي دور ۾ خداآباد کي لٽيو ۽ برباد ڪيو هو، انهن کي سخت سزائون ڏنائين.

ڪن سردارن کي موت جي آهي ۽ ڏنائين ۽ تاديب جي لاءِ هڪ فوجي چونڪي قائم ڪئي ويئي. پوءِ سيوهڙ پهچي، جوين ۽ نلي لَڪَ جي قلعي تي، جي ڪوسن لاءِ پناهه جون جايون هيون، حملو ڪيائين. اهڙيءَ طرح ملڪ نئين سر ميان غلام شاهه جي قبضي ۾ اچي ويو. هتان کان ميان صاحب جي حڪمرانيءَ جو چوٿون دور شروع ٿئي ٿو. هن مان ان زماني جي ابتدا ٿئي ٿي، جنهن ميان صاحب سنڌ جي ڪسجي ويل عظمت کي بحال ڪرڻ جون گرماگرم ڪوششون ڪيون. انهيءَ ئي ڪري ڪيترا ماڻهو ڪيس ڪلهوڙا خاندان جو بهترين حڪمران ڄاڻڻ لڳا.[1]

سيڻن جو بيان: انهن حالتن متعلق ڊيوڊ سيڻن جو بيان به توجهه طلب آهي. منجهس جيتوڻيڪ مختصر طور اڳئين مطلب کي ئي ورائي ورائي پئي پيش ڪيو ويو آهي، ليڪن بهرحال ان مطلب لاءِ تصديق ۽ تقويت جو هڪ دستاويز آهي. هن جو مفاد هيءُ آهي ته ميان غلام شاهه 13 ذي الحج 1170هـ جي مسند نشين ٿيو ۽ مرادآباد جي سامهون الهه آباد نالي هڪ نئون شهر ٺهرائي اتي رهڻ لڳو. مرادياب خان جي ياءُ احمد يار کان سواءِ، ٻين سڀني اميرن ڪيس پنهنجو حڪمران تسليم ڪيو.

مرادياب خان جي گوشي نشيني اختيار ڪرڻ جي خبر پڌندي ئي، عطر خان ملڪ جو پروانو پنهنجي نالي حاصل ڪيو. ۽ احمد يار خان سندس حمايت جو اعلان ڪيو. سرائين هن ڳالهه جي بنياد تي عطر خان جي مخالفت ڪرڻ کان انڪار ڪيو، جو عطر

[1] هي حالات اختصار سان "جواهر عباسيه" ص 68-166) ۾ ۽ تفصيل سان "تحفة الڪرام" (ج 3، ص 18-15) ۾ ، لکيل آهن. پوسنٽر جو بيان غلط آهي ته ورهاست ۾ به حصا ملڪ عطر خان کي مليو هو. ('سنڌ متعلق ذاتي مشاهدا'، ص 173). صحيح ائين آهي ته به حصا ملڪ عطر خان ۽ احمديار خان کي مليو هو. هيءُ بيان به درست نه آهي ته ورهاست کان چند مهينا پوءِ ميان غلام شاهه، احمديار خان تي حملو ڪيو، واقعو هن ريت آهي ته عطر خان ۽ احمديار خان ۾ اختلاف پيدا ٿيو. احمديار خان پٽ جي ٻانهن يرغمال ۾ ڏيئي، حڪومت جي سَنَدَ پنهنجي نالي ورتي. عطر خان ملڪ ڇڏي ويجي ويو ۽ غلام شاهه ملڪ تي قبضو ڪيو.

خان کي افغانستان جي بادشاهه پاڻ مقرر ڪيو هو. غلام شاهه، حالات کان مجبور ٿي ريگستان طرف هليو ويو. مقصود فقير، عطر خان جي پهچندي ئي، مرادياب خان کي قيد کان آزاد ڪري ڇڏيو.

عطر خان ايندي ئي ملڪ کي بنا ڪنهن حاڪم جي خالي ڏٺو. احمد يار خان سندس لاءِ فوج تيار ڪري ڇڏي هئي. عطر خان نوشهري کي پنهنجو مرڪز بنايو. مرادياب خان ۽ سرائين جو خيال هو ته عطر خان هيءُ سيڪجهه پنهنجي لاءِ نه ڪيو آهي. پهرين ربيع الثانيءَ جو، مرادياب پاءُ سان ملڻ ويو؛ ليڪن عطر خان ملاقات ڪرڻ کان سواءِ ئي حڪم ڏنو ته هن کي خداآباد جي قيد ۾ رکيو وڃي. هيءَ ڳالهه ڪيترن ئي ماڻهن کي نهايت بُري معلوم ٿي؛ مگر جيئن ته عطر خان کي بادشاهه مقرر ڪيو هو، تنهن ڪري ڪيس تسليم ڪرڻ کان سواءِ ٻيو ڪو چارو نه هو ۽ بادشاهه جا ملازم عطر خان جي حمايت ۾ وڏيءَ سرگرميءَ جو اظهار ڪندا رهيا. جڏهن ماليه ادا ڪرڻ جو وقت آيو، تڏهن مظلومن جون آهون آسمان تي پهچڻ لڳيون.

غلام شاهه ملڪ واپس وڃڻ جي لاءِ پڪو ارادو ڪيو هو، هو بهاولپور هليو ويو ۽ اتي ٽي مهينا رهي، تيارين ڪرڻ ۾ لڳو رهيو. پوءِ سرفراز خان ۽ اهل عيال کي اتي ڇڏي، رمضان جي آخر ۾ سنڌ جي طرف وڌيو. روهڙي کان ٻاهر "امرڪس" واهه تي عطر خان سان لڙائي ٿي. ٿوريءَ فوج جي باوجود غلام شاهه ڪامياب ٿيو. اڳئين ڏينهن تي عيد هئي. سرائي غلام شاهه سان اچي مليا. پوءِ اهي سڀ ماڻهو روهڙيءَ کان سيوهڻ ويا ۽ مرادياب خان جي اهل عيال کي آزاد ڪيائون. شوال جي آخر ۾ غلام شاهه الهه آباد پهچي ويو.

عطر خان ۽ احمديارخان، شڪست کائي قلات ڏانهن هليا ويا. بادشاهه کين بحال ڪرڻ جو پهه ڪري وينو هو. هن احمد يار

خان کي يرغمال ۾ ورتو ۽ عطر خان سان گڏ عطائي نالي هڪ افغان سردار کي موڪليو.غلام شاهه ديري هليو ويو. پوءِ اورنگا بندر کان ماڻهن کي گجي ۾ پهچايائين ۽ ان شهر جو نالو "شاهه ڪڙهه" رکيائين. شاهه ڪڙهه جي پرسان شاهه بندر نالي سان هڪ نئون بندر ٺهرائي، اتي اهل عيال کي ڇڏي، پاڻ پائرن جي مقابلي لاءِ روانو ٿيو. چاچڪان پهتو، تہ پهريائين جنگ جو ڳالهيون ٿيندیون رهيون، آخر ٺئي پائر سنڌ جي ورهاست ڪرڻ تي رضامند ٿي ويا. غلام شاهه کي سمندِ کان ونڊي ڏني تائين علائقو مليو ۽ باقي سنڌ جو پرڳڻو سندس پائرن سنياليو. هن عهدنامي کان پوءِ غلام شاهه "شاهه ڪڙهه" هليو ويو ۽ عطر خان نوشهري پهتو. رمضان جي مهيني تائين حالات چڱا رهيا، پر پوءِ احمد يار خان ۽ عطر خان ۾ جهڪڙو پيدا ٿي ويو. بادشاهه، عطر خان کي حڪومت ڪرڻ جو نااهل ٺهرائي، احمد يار خان جي پٺ کي يرغمال ۾ ونڊي، حڪومت جي سَنَدَ کيس ڏيئي ڇڏي. غلام شاهه پيشقدمي ڪئي. 2 شوال 1172هه جو، عطر خان ملڪ کان دستبرداريءَ جو خط موڪليو. غلام شاهه انهن سيني ماڻهن جي اهل عيال کي پنهنجي قبضي ۾ آندو، جي احمد يار خان ۽ عطر خان جا حامي هئا. اهڙي طرح، ملڪ هن جي قبضي ۾ اچي ويو.[1]

"انشايءِ عطارد": آخر ۾ انهيءَ حالات متعلق "انشايءِ عطارد" جي بيان جو خلاصو پيش ڪيو وڃي ٿو. سرائي فقير پنهنجي هڪ خط ۾ لکن ٿا:

1. اسان ميان غلام شاهه کي پنهنجي مرشديءَ ۽ حڪمرانيءَ لاءِ چونديو. صاحبزادي عطر خان، دربار مان سنڌ جي حڪومت جو پروانو حاصل ڪيو.

---

[1] "تاريخ ڪلهوڙا"، انگريزي ۾ ٽائيپ ڪيل نسخه ص.1- 12

2. صاحبزادي موصوف، سرائي فقيرن جي نالي خط موڪليا ۽ انهن کي پنهنجي فرمانبرداريءَ جي طرف راغب ڪرڻ چاهيو.
3. فقيرن پنهنجي مرشد کان انڪار ڪرڻ ڪفر ڄاتو ۽ صاحبزادي عطر خان سان شامل نہ ٿيا.
4. هن سلسلي ۾ شاهي فوجون اچي ويون ۽ انهيءَ سبب سنڌ جو نظم نسق برباد ٿي ويو ۽ ماليہ وصول ڪرڻ جي ڪابہ صورت نہ رهي.
5. آخر خود بادشاهہ ملڪ جي آبادي، خلق خدا جي بهبوديءَ ۽ ماليہ جي وصوليءَ کي نظر سامهون رکي، سنڌ جي حڪومت سرائي فقيرن جي خواهش مطابق ميان غلام شاهہ جي حوالي ڪئي.[1]

[1] "انشاي عطارد"، ص6 7..177

ميان غلام شاهہ خان

ملڪ جي حالت: گذريل بابن ۾ بيان ٿي چڪو آهي تہ عطر خان ۽ احمد يار خان ملڪ ڇڏي هليا ويا ۽ ميان غلام شاهہ نئين سر انهيءَ حڪومت جو مالڪ بنجي ويو، جا ميان نور محمد خان ورثي ۾ ڇڏي هئي. پائرن ۾ خانہ جنگي کي روڪڻ جي خيال کان، حڪومت جي ورهاست جو عمل جاري ٿيو هو، جو ختم ٿي ويو، ليڪن مستقل طور پائيدار امن ظاهريءَ طرح اڃان پري نظر ٿي آيو، انهي ڪري جو:

1. افغاني دربار مان حڪومت جي سند حاصل نہ ٿي هئي ۽ جيستائين سند حاصل نہ ٿي، تيستائين افغاني حملن کان محفوظ رهڻ محال هو.
2. عطر خان ۽ احمد يار خان جيتوڻيڪ ملڪ مان نڪري ويا هئا ۽ انهن جي ظلم ۽ ڏاڍاين ڪرڻ جي سبب اميرن يا عوام مان ڪو بہ سندن واپسيءَ لاءِ خواهان نہ هو، تنهن هوندي بہ هو دائوديپوٽن جي خانن وٽ وڃي رهيا هئا؛ ۽ اندیشو هو تہ انهن جي طرف کان ڪنهن بہ وقت لڙائي جو هنگامو برپا ٿي سگهيو ٿي.
3. افراتفريءَ جي دور ۾ ڪي ننڍي درجي جا رئيس سرڪشي اختيار ڪري چڪا هئا ۽ انهن جي ڪن مهٽ ڪرڻ کان سواءِ ملڪي انتظام پهرينءَ حالت ۾ پهچي نٿي سگهيو.

نٿي جو انتظام: ميان صاحب جي حڪومت ۾ نٿو سيني کان وڏو ۽ تمام مشهور شهر هو. عطر خان جي زماني ۾ هن مرڪزي شهر جي

ماڻهن کي سخت تڪليفون ڏسٽيون پيون. بدانتظاميءَ جي اهڙي حالت پيدا ٿي ويئي هئي، جو جوکيا قوم جي هڪ ڏاڙيلن جي ٽوليءَ ڏينهن ڏني جو حملو ڪيو. ٽلٽيءَ جي پرپاسي ۾ نهايت بيدردي سان قرلٽ ڪئي ۽ ماڻهن جا گهر ڌاهي ڇڏيا. پوءِ جڏهن افغاني لشکر سنڌ ۾ آيو، تڏهن انهن عوام کي نهايت سخت تڪليفون ڏئي پئسا گڏ ڪيا.[1] ميان غلام شاهه محمد قائم ڪوکلتاش کي نائب ناظم مقرر ڪيو. هن مرد خدا غريبن کي ظالم حاڪمن جي چنبن مان آزادي ڏيارائي ۽ افغانن جيڪي بي انداز ظلم ۽ ڏاڍايون شروع ڪري ڏنيون هيون، تن جو سلسلو ختم ڪري ڇڏيو، انهي طرح ميان غلام شاهه جي حڪومت جو هيءُ دور، سنڌ واسين لاءِ رحمت جي پاڇي جي حيثيت سان شروع ٿيو.

محمد عطر خان جو فتنو: ميان عطر خان ۽ احمد يار خان سنڌ مان نڪتا، تہ بهادر خان عليائيءَ ۽ اختيار خان مدواٽيءَ وٽ پهچي ويا، جي بهاولپور جي اولاهين حصي ۾ سردار مجيا ويندا هئا. ياد هوندو تہ جڏهن ميان غلام شاهه بهاولپور ۾ دائودپوٽن جي رئيس محمد مبارڪ خان جي امداد سان سنڌ تي حملو ڪيو هو، تڏهن رستي ۾ جن ماڻهن ميان صاحب جي فوج جو مقابلو ڪيو هو، سي اهي ئي بهادر خان ۽ اختيار خان هئا.

احمد يار خان تہ چند ڏينهن ترسي هندستان جو رخ ڪيو؛ باقي محمد عطر خان ڳڙهي اختيار خان[2] ۾ ترسي پيو ۽ پنهنجي

---

[1] "تحفة الڪرام"، ج 3 ص 114... 115

[2] "صبح صادق" جو بيان آهي تہ اختيار خان مدواٽيءَ، ميان نور محمد خان ڪلهوڙي کان ڳڙهي شادي خان کسي، ان جو نالو "ڳڙهي اختيار خان" رکيو ۽ ان جي آبادي لاءِ هڪ واهه "اختيار واهه" نالي کوٽايو هو جڏهن هن واهه جو کوٽائڻ جي رسم ادا ٿيڻ لڳي، تڏهن اختيار خان اعلان ڪيو تہ هي رسم انهيءَ ماڻهو کي ادا ڪرڻ گهرجي، جنهن بلوغت کان وٺي تهجد جي نماز قضا نہ ڪئي هجي. ساري مجمي مان، اختيار خان کان سواءِ ٻيو ڪو بہ هن شرط پوري ڪرڻ وارو نہ نڪتو. ("صبح صادق"، ص 86)

ميزبانن جي مدد سان فوج گڏ ڪري، سنڌ تي حملي جون تياريون شروع ڪيائين.

محمد مبارڪ خان جون صلح جون ڪوششون: امير محمد مبارڪ خان کي جڏهن خبر پيئي ته سندس قوم، ڪلهوڙا خاندان جي باهمي لڙائين ۾ هڪ ڌر جي مددگار ۽ معاون بنجي ويئي آهي، تڏهن ڪيس سندن اها روش پسند نه آئي ۽ فورن بهادر خان ۽ اختيار خان ڏانهن ماڻهو موڪليائين ته "اوهان جو اهو طريقو غلط آهي" ميان غلام شاهه اسان جي مدد سان سنڌ جو حاڪم بنيو آهي، هن جو بخت مددگار آهي ۽ هو وڏي همت وارو آهي: عطر خان جي مدد نه ڪيو، جو ملڪ ئي ڇڏي ڀڄي ويو آهي. هيءُ نصيحت انهيءَ ڪري ٻ خاص توجهه جي مستحق هئي، جو ميان غلام شاهه ۽ امير محمد مبارڪ خان جا پاڻ ۾ گهرا تعلقات هئا ۽ انهيءَ سبب ڪان ٻ، جو امير محمد مبارڪ خان ٻنهي ڪلهوڙا پائرن جو صحيح اندازو پيش ڪيو هو ليڪن بهادر خان ۽ اختيار خان هن سونهري نصيحت تي ڪن نه ڌنو.

ميان غلام شاهه جي ڪوشش: جيسلمير جو راجا مدت کان دائوديوٽن جي خانن جو مخالف هلندو پئي آيو؛ چو ته انهن خانن جيسلمير جا ڪجهه علائقا پاڻ وٽ دٻائي رکيا هئا. راجا، حالات کي سازگار ڄاڻندي، ميان غلام شاهه وٽ پنهنجو وڪيل ڏياري موڪليو ته منهنجي مدد ڪريو ۽ انهن خانن جيڪو منهنجو علائقو دٻائي ڇڏيو آهي، اهو واپس ڏياريو.

ميان غلام شاهه جي لاءِ بدلي ونڊ جو هيءُ تمام چڱو موقعو هو، ليڪن هن تدبر ۽ تحمل کان ڪم ونندي، بهادر خان کي سمجهايو ته راجا جو قبضي ڪيل علائقو واپس موٽائي ڏيو. بهادر خان اهڙين ڳالهين جي ڪهڙي پرواهه ڪري سگهيو ٿي. هن گذريل ڳالهه جي تدارڪ ڪرڻ بجاءِ جيسلمير تي حملو ڪري ڏنو ۽ رياست جي مرڪزي شهر تي تاوان مقرر ڪيو.

بهادر خان جو ضد: انهيءَ وچ ۾ بهادر خان، عطر خان جي امداد لاءِ سرگرم تياريون شروع ڪري ڏنيون ۽ پنهنجيءَ قوم کان پڻ مدد گهريائين. قوم وارن جواب ڏنو ته "تون عطر خان کان بي انداز رقم ونڊي چڪو آهين؛ اسان ڇا ورتو آهي جو غلام شاهه جي برخلاف جنگ لاءِ تيار ٿيون؟، اهي حالات هئا، تڏهن ميان غلام شاهه، فساد کي دفع ڪرڻ جي خيال کان، امير محمد مبارڪ خان کي خط لکيو ته "مان پنهنجي پائر عطر خان جي لاءِ جاگير ۽ روزگار ڪرڻ جي بندوبست ڪرڻ لاءِ تيار آهيان؛ اوهين هن جهڳڙي جي طي ڪرائڻ ۾ مدد ڏيو ۽ بهادر خان کي فتني فساد کان روڪيو. ميان صاحب جي طرف کان مصلحت جي هيءَ نهايت قابل قدر ڪوشش هئي. هن مان صاف ظاهر ٿئي ٿو ته هن جنگ ۽ خونريزيءَ کي روڪڻ چاهيو ٿي ۽ پائرن جي حق ڏيڻ ۾ به انڪار ڪرڻ وارو نه هو.

امير محمد مبارڪ خان، بهادر خان جي هڪ پاڙيسريءَ علي مراد کي لکي موڪليو ته "بهادر خان کي سمجهاءِ" ميان غلام شاهه سان لڙائيءَ جو خيال جنون آهي. عطر خان کي جاگير تي راضي ڪري رخصت ڏني ۽ دشمنيءَ جو رستو ڇڏي ڏي، علي مراد خان وڏي ڪوشش ڪئي، مگر بهادر خان پنهنجي ضد تي قائم رهيو ۽ غلام شاهه کي گهٽ وڌ ڳالهائيندو، جوش ۾ پرجي مجلس مان نڪري هليو ويو. دروازي تي ٽڻو ڪاڌائين ۽ پٽڪو مٿي تان ڪري پيس. آخر علي مراد مايوس ٿي پوئتي موٽي ويو.

تڪبر ۽ غرور: جڏهن بهادر خان تي ڪنهن جي به سمجهاڻيءَ جو ڪو اثر نه ٿيو تڏهن علي مراد خان فساد کي روڪڻ جي خيال سان هڪ بي تجويز سوچي ۽ ان جي مطابق هن رستم خان نوحاڻيءَ جي هٿان بهادر خان کي پيغام موڪليو ته "ميان غلام شاهه توبن، جزائيلن ۽ شاهينن جو مالڪ آهي ۽ ان جو لشڪر تمام وڏو آهي؛ چند ڏينهن انتظار ڪر، اسين سڀ امير مبارڪ خان کي عرض ڪنداسين ته هو اسان جي مدد ڪرڻ فرمائي: هن حالت ۾ صلح جي

صورت ۾ جلد نڪري ايندي ۽ جيڪڏهن جنگ ڪرڻي پئي ته ان ۾ تڪليف پيش نه ايندي."

هن تجويز جو مقصد هي هو ته بهادرخان فوري اقدامات کي ملتوي ڪري ڇڏي؛ ليڪن بهادرخان جواب ڏنو ته عطر خان منهنجي دروازي تي اچي چڪو آهي، سو مان سندس خاطر پنهنجي جان ۾ قربان ڪندس ۽ ڪيس سنڌ جي حاڪم بنائڻ کان سواءِ دم نه ڪٽندس. علي مراد خان منهنجو سات نه ڏنو ۽ هاڻي روڪي رهيو آهي: مان جڏهن سنڌ فتح ڪري موٽندس، ته علي مراد خان کان رياست ڦري ڪيس فقير بنائي ڇڏيندس!

اباوڙي جي لڙائي: جڏهن بهادر خان پنهنجو ضد نه ڇڏيو، تڏهن ميان غلام شاهه لشڪر وٺي روهڙيءَ کان ميرپور جي طرف توجهه ڪيو. اتان ٽورو دور اڳيرو وڌي، اباوڙي ۾ ميان صاحب ۽ بهادر خان جي وچ ۾ سخت لڙائي ٿي. ميان جي لشڪر جو ڇڳو تعداد مارجي ويو ۽ ڪجهه ماڻهو ميدان ڇڏي ويا. ان هوندي ۾ ميان پاڻ ڇهه هزار فوج وٺي، هڪ هنڌ جمي مقابلو ڪيو. بهادر خان تنبوءَ مان نڪري اڳتي آيو، ته باجو نالي هڪ افغان ڪيس سجاڻي وٺي گوڙ ڪيو. ميان صاحب جي لشڪر مان گولين جو وسڪارو شروع ٿي ويو ۽ ۾ گولين بهادر خان ۽ سندس گهوڙي کي اچي لڳيون. . پئي انهيءَ ساعت ڪري پيا. هڪ ماڻهوءَ ٻُڪ پائي بهادر خان جي سِسي وڌي ۽ ميان صاحب وٽ پهچائي انعام حاصل ڪيو. هن جو پاءُ ڪبير خان، ميان صاحب وٽ ملازمت ۾ هو. ميان صاحب بهادر خان جو لاش سندس حوالي ڪيو. وڏيرو محمد خان ۽ سبزل خان پڻ مارجي ويا. اختيار خان زخمي ٿي پيو. بهادر خان جو پاءُ قائم خان ۽ احمد خان ميان عطر خان کي پاڻ سان وٺي جنگ جي ميدان مان پڄي ويا.

صلح: ميان غلام شاهه اڳتي وڌي "ڳڙهي اختيار خان" کي برباد ڪرڻ چاهيو ٿي؛ انهيءَ ڪري جو اهو ئي هنڌ فتني ۽ فساد جو

سرچشمو هو؛ ليڪن امير محمد مبارڪ خان جي چوٽ ۽ علي مراد خان جي ڪوشش سان، خيال رکجي ويو ۽ ميان غلام شاهه اباوڙي ڏانهن موڪلي ويو. امير محمد مبارڪ خان، بهادر خان جي جاگير (بهادرپور) سندس پاءُ قائم خان کي، سبزل خان جي جاگير (سبزل پور) سندس فرزند اسماعيل خان کي ۽ وڏيري محمد خان جي جاگير (محمدپور) سندس پٽ لشکر خان کي ڏئي ڇڏي. عطر خان بهاولپور ۾ ئي رهيو.

"فتحنامو" ۽ اباوڙي جي لڙائي: مير عظيم الدين نڻويءَ "فتحنامي" ۾ اباوڙي جي لڙائيءَ متعلق جيڪي ڪجهه لکيو آهي، ان ۾ مختلف واقعن کي گڏوڙ ڪري ڇڏيو اٿس. "فتحنامي" جي بيان جو خلاصو هيءُ آهي ته عطر خان افغاني دربار کان ملڪ جي سند وڃي آيو. اتان کان کي خان به ميان صاحب جي مدد لاءِ مقرر ٿي ويا. دائودپوٽن جي نالي به حڪم صادر ٿيو ته ميان صاحب جي مدد ڪجو. انهيءَ بنياد تي بهادر خان، عطر خان جي مدد لاءِ تيار ٿيو.[1] لڙائي جي سرسري ڪيفيت هن طرح بيان ڪيل آهي ته دشمنن ميان صاحب جي فوج کي شڪست ڏني. هڪ سئو ويهه ماڻهو باقي وڃي ميدان ۾ رهيا ۽ ٻيا سي ماڻهو پڄي ويا. هيءَ حالت ڏسندي مير بهرام گوڙيون ڪندو شينهن وانگر سامهون آيو. بهادر خان ۽ ان جا خاص ماڻهو گهوڙن تان لهي پيا، ته جيئن هٿئون هٿ لڙائي ڪن. ڪجهه ساعتن تائين لڙائيءَ جي باهه ايتري تيز رهي، جو ان جا شعلا آسمان تي پهچڻ لڳا. مير بهرام، انڌا ڌنڌ تلوار هلائيندو ٿي رهيو. هن جو جسم تلوارن ۽ تيرن جي زخمن سببان رتو رت ٿي ويو هو. بهادر خان مارجي ويو. هن قيامت خيز لڙائيءَ ۾، دشمن جي فوج کي پڄڻ کان سواءِ ٻيو ڪو به چارو نظر نه آيو.

---

[1] هي واقعو نهايت اختصار سان "تحفة الڪرام" ۾ درج آهي (ج 3، ص 115) ۽ هن جو تفصيلوار احوال "جواهر عباسيه" ۾ آهي (ص 168-180)

رسيده چون در عرض شه اين خبر
بگفت آفرين باد برشير نر!

(بادشاهه جي حضور ۾ فتح جي ڳالهه پهتي، تڏهن هن جي زبان مان بي اختيار نڪتو: شير نر تي آفرين!)

بفرمود كو مرد مردانه است،
سزوار الطاف شاهانه است.

(چيائين ته هي شخص وڏو بهادر آهي،
شاهاڻين نوازشن جي لائق آهي)

عطا كرد خلعت بآن خان ملك،
خطابش فرستاد و فرمان ملك.[1]

(ملك جي هن سردار کي خلعت عطا ڪيائين ۽ حڪومت جي فرمان سان گڏ خطاب پڻ ڏنائين)

هتي هيءُ ٻڌائڻ ضروري آهي ته هن موقعي تي احمد شاهه ابدالي‌ءَ طرفان دائودپوٽن کي عطر خان جي امداد لاءِ ڪوبه فرمان نه پهتو هو ۽ نه دائودپوٽا مدد لاءِ تيار ٿيا. هنن جو سردار امير محمد مبارڪ خان ته لڙائي‌ءَ جي سراسر برخلاف هو. هيءُ لڙائي فقط بهادر کان علياڻي‌ءَ ۽ اختيار خان مدواڻي‌ءَ جي پنهنجي‌ءَ راءِ سببان ئي ٿي هئي ۽ اهي ئي عطر خان جا مددگار هئا.

جام ڪرالي جي گوشمالي: 1173هـ جي آخر ۾ ميان غلام شاهه ڪرالي جي جام ڏهيسر جي ڪن. مهٽ ڪرڙ ڏانهن توجهه ڏنو. انهي‌ءَ ڪري جو ميان صاحب جي موجودگي‌ءَ ۾ جام مذڪور جيڪو عملي طريقو اختيار ڪيو هو، اهو اخلاص ۽ وفا جي ابتڙ

---

(1) "فتحنامو" ص57-58. هي ڪتاب جيئن ته تالپرن جي سرپرستي ۾ لکيو ويو، ان ڪري مير بهرام کي هر ڪارنامي ۾ عزت ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. هيءُ به ٻڌائي ڇڏڻ گهرجي ته اباوڙي جي لڙائي 1173هـ ۾ ٿي هئي ۽ ميان صاحب کي خطاب 1175هـ ۾ مليو هو. مرزا قليچ بيگ به "فتحنامي" وانگر حالات خلط ملط ڪري ڇڏيا آهن. هن جو بيان آهي ته افغاني فوج عطر خان جي مدد لاءِ آئي هئي. انهيءَ جو سردار بهادر خان هو("تاريخ سنڌ"، ج 2، ص 158).

هو. پهريائين محمد ويس ۽ ٻين سردارن کي جام جي خلاف موڪليو ويو. انهن جام کي هڪ ٻئي پٽيان شڪستون ڏنيون.

7 صفر 1174هـ (8 ڊسمبر 1760ع) جو، جام کي هن ڳالهه تي مجبور ڪيو ويو ته هو پنهنجي قلعي "آباد" کي ڇڏي ڏئي. اهڙيءَ طرح هن پڄي وڃي ڪڇ ۾ پناهه ورتي ۽ سندس پٽ هردارجي، جو اول ئي ميان صاحب جي خدمت ۾ حاضر ٿي ويو هو، سندس ئي خدمت ۾ موجود رهيو.[1]

بيڪانير جي راجا سان تعلق: 1760ع جو هڪ دلچسپ واقعو بيڪانير جي تاريخ ۾ درج آهي ته ميان صاحب هڪ سفير بيڪانير موڪليو ۽ خواهش ڪئي ته منهنجو پٽ سرفراز خان ۽ راجا صاحب جو پٽ ڪوراج سنگ پاڻ ۾ پٽڪا بدلائين ته جيئن اتحاد جو سلسلو قائم ٿي وڃي، اهو به ظاهر ٿئي ٿو ته 1741ع ۾ بيڪانير جي راجا زورآور سنگ ۽ ميان نور محمد خان به پاڻ ۾ پٽڪا بدلايا هئا. پوءِ راجا گنج سنگ ۽ ميان غلام شاهه به پٽڪا بدلايا.[2]

خطاب ۽ سند: 1175هـ جي اوائل (آگسٽ يا سپٽمبر 1761ع) ۾، احمد شاهه جي طرفان ميان کي "هربز جنگ شاهه وردي خان" جو خطاب مليو ۽ حڪومت جي سند عطا ٿي. ان سان گڏ شاهه هڪ هاٿي ۽ ڪي ٻيا تحفا روانا پڻ ڪيا[3]. ميان غلام شاهه کي اهي اعزاز ديوان گدومل جي اعليٰ تدبيرن سببان حاصل ٿيا، جو سنڌ جي دربار طرفان افغاني دربار ۾ مستقل طور سفير هو.

سيڻن جو بيان: سيڻن جو بيان مان مٿي ڄاڻايل واقعن جي تائيد ٿئي ٿي، هن جو خلاصو هيءُ آهي:

1. غلام شاهه جي فوج کوسن کي چگي طرح پائمال ڪيو.

---

(1) "تحفة الكرام"، ج 3، ص 113)

(2). "تاريخ بيڪانير"، مرتب، راءِ موهن لعل پٽناگر، مال آفيسر رياست بيڪانير، ص 186

(3). "تحفة الكرام"، ج 3، ص 115

2. معلوم ٿيو تہ عطر خان ۽ مقصود، بهادرخان دائودپوٽي جي مدد سان، جنگ جون تياريون ڪري رهيا آهن. غلام شاهہ فوج موڪلي اباوڙي جي ويجهو ڪين نهايت ذلت پري شڪست ڏني. بهادر خان ۽ ڪي ٻيا سردار هن لڙائي ۾ مارجي ويا.
3. ملڪ ۾ امن قائم ٿي ويو. 25- محرم 1173هـ (18- سپٽمبر1759ع) جو، پنهنجي نئين اڏايل شهر "الهہ آباد" ۾ سڪونت اختيار ڪئي ۽ شهر جو نالو "شاهپور" رکيائين. شاهپور نصرپور کان چار ميل اولهہ ۾ آهي.[1]
4. ڪوڪلتاش ٿٽي جو نائب مقرر ٿيو، تہ هن عوام کي افغانن جي ظلم ۽ ڏاڍاين کان آزادي ڏياري.
5. غلام شاهہ جڏهن شاهہ ڪڙهہ ۾ هو، تڏهن ڪڪرالي جي والي، جام ڏيسر اهڙا طريقا اختيار ڪيا، جي دوستيءَ جي قانون مطابق نہ هئا. غلام شاهہ جام کي قلعي مان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو ۽ هو ڪچ ۾ پناهہ ونڻ تي مجبور ٿيو. هن جا ٻئي پٽ غلام شاهہ وٽ رهيا.
6. 1185هـ ۾ ابدالي، ميان غلام شاهہ کي "شاهہ وردي خان" جو خطاب ڏنو ۽ ان سان گڏ هڪ هاٿي ۽ ٻيون سوغاتون پڻ روانيون ڪيائين.[2]

---

(1) "دي انبس ڀيلتا ڪنتري"، ص 12

(2) هو سمورو بيان "تاريخ ڪلهوڑا تان ورتل آهي (انگريزي تائيپ ٿيل نسخو، ص 10).

باب چوٽون

ڪڇ تي ڪاهون

بابن جي ترتيب متعلق ضروري نڪتو: هاڻي سنن کي نظرانداز ڪندي، ڪڇ تي ڪاهن جو احوال هڪ هنڌ بيان ڪيو وڃي ٿو، تہ جيئن ڪتاب جي پڑهندڙن کي سموري حالات جي اندازي ڪرڻ ۾ ڪابہ تڪليف پيش نہ اچي. نڪي ۾ انگريزن جي تجارتي ڪوٺيءَ جو الڳ بيان ڪيو ويندو ۽ متفرق حالات جداگانہ باب ۾ ذڪر ٿيندا؛ پوءِ پل اهي ميان غلام شاهہ جي حڪومت جي شروعاتي دور ۾ پيش آيا هجن، يا آخر ۾. هن طريقي اختيار ڪرڻ کان سواءِ، اهم وقائع ۽ سوانح جا اسباب ۽ علامتون ، مختلف مدارج ۽ نتائج جي توضيح ٺيڪ ٺيڪ نڪي ٿي سگهي.

ڪڇ ۽ سنڌ: جاگرافيائي لحاظ سان ڪڇ سنڌ جو ئي حصو معلوم ٿئي ٿو ۽ مختلف تاريخي حقيقتن کي سامهون رکندي چئي سگهجي ٿو تہ تاريخي دؤر جي آغاز ۾ هيءَ پرڳڻو سنڌ سان ئي وابستہ هو. اين ايم بلي موريا، هڪ طويل مضمون ۾ سنڌ ۽ ڪڇ جي وحدت تي مفصل بحث ڪيو هو، جو تفصيلوار ڏهرائي نڪو سگهجي، انهيءَ ڪري جو هيءَ ڳالهہ اسان جي موضوع کان الڳ آهي.[1]

هتي فقط اينڪن جو بيان ئي نقل ڪرڻ ڪافي ٿيندو. هو لکي ٿو تہ "ڪڇ جو رڻ سنڌ جي ڏکڻ ۽ ڏکڻ - اوپر سرحد آهي، جو راجپوتانا کان سمنڊ تائين پکڙيل آهي، سنڌ جي تاريخ ان وقت تائين سمجهہ ۾ اچي نڪي سگهي، جيستائين هن علائقي جي

---

[1]. جنرل سنڌ هسٽاريکل سوسائٽي بابت جون 1947ع، ص 85... 97

وسيع قيرقار کي نظر سامهون نہ رکيو وجي، اڇڪلھ هيءُ پرڪٽو بنھ غير آباد آهي. ڏکڻ - اوپر جي موسمي هوائن جو زور ٿئي ٿو، تڏهن هتي سمنڊ جو پاڻي اچي وجي ٿو:

ليڪن هن يقين ڪرڻ جا سبب ناپيد نہ آهن جو جڏهن سڪندر سنڌ ۾ هو تہ هيءُ علائقو سمنڊ ۾ گهيرل يا هڪ ڏينڊ وانگر هو ۽ منجهس انهيءَ درياءَ جو پاڻي ايندو هو، جو اڇڪلھ ظاهر نہ آهي. ان کان پوءِ پُرڻ درياھ مان پاڻي اچڻ لڳو، ٿورو زمانو ٿيندو جو رڻ جو اولاهون حصو، علي بندر کان ڪوڙي شاخ تائين نهايت زرخيز هو. سنڌ کان ڪچ تائين نهايت آزاديءَ سان گهٽي آمد رفت جاري هئي. وچ ۾ ڪو بہ رڻ حائل نہ هو. پرڻ جي وسيلي لکپت کان عمرڪوٽ تائين هڪ چگو پاڻيءَ جو آمدرفت لائق رستو موجود هو. لکپت کان ٽيهہ ميل ۽ علي پور کان ويهہ ميل پري سندري نالي هڪ قلعو هو، هتي ڪچ جي حڪومت هڪ سرحدي چونڪي نهرائي ڇڏي هئي ۽ اتي محصول اڳاڙڻ جو پڻ بندوبست ٿيل هو. رحمڪي بازار، هڪ ٻيو سرحدي قلعو هو.

سال 1862ع ۾، يا ان جي لڳ ڀڳ غلام شاھ ڪلهوڙي پُراڻ درياءَ تي هڪ وڏو بند ٻڌرايو، جنهن ۾ مقصد پورا ڪيا: يعني سنڌ جون زمينون سرسبز بنجي ويون ۽ غلام شاھ جي دشمن، ڪچ جي راءَ جو ملڪ ويران ٿي ويو ۽ ڪوڙي شاخ، فقط هڪ نالي ماتر واھ بنجي ويو. ۽ لکپت، ڪچ رياست جو تمام هڪ پرانهون شهر بنجي ويو. 1819ع ۾ هڪ زبردست زلزلو آيو، جنهن تباهيءَ جو رهيل کهيل ڪم بلڪل پوريءَ طرح ڪري ڇڏيو زمين هيٺ ٿي وئي. سمنڊ اندر گهڙي آيو ۽ سندريءَ جي پرپاسي وارو علائقو هڪ ڪاري پاڻيءَ جي ڏينڊ ٻڌجي ويو. ڪپتان گرنڊلي، 1808ع ۾ سندريءَ جو هڪ نقشو تيار ڪيو هو، جنهن کي

اليگزينڊر برنز پنهنجي "سفرنامہ بخارا" ۾ شايع ڪيو. هن مان معلوم ٿئي ٿو تہ هتي هڪ چورس ٽلهو هو، جو درياءَ جي هڪ ڪناري تي آباد هو. درياءَ ۾ ٻيڙين جي آمدرفت هئي ۽ ٽلهي جي هڪ ڪنڊ تي هڪ ڊگهو ۽ گول برج هو. زلزلي ڪان پوءِ سنڌ جي سرحد، ڪوڙي ڪان ننگرپارکر تائين ڪلرانو رڻ بڻجي وئي. سرحدي ڳوٺ، مثلاً رحمڪي بازار ختم ٿي ويو[1].

ڪچ جي سرسري سرگذشت: محمد بن قاسم جي حملي ۾ جنهن ڪنوج[2] جو ذڪر آيو آهي، اهو غالباً ڪچ جو ئي هڪ شهر هو؛ جيتوڻيڪ مؤرخن مناسب يا نامناسب جي لحاظ رکڻ کان سواءِ، ان کي اتر هندستان جي قنوج شهر سان وابستہ ڪندا رهيا.

نائين صدي عيسويءَ ۾ سنڌي مسلمانن جي هڪ جماعت ڪن مقامي سياسي هنگامن سبب مجبور ٿي پنهنجي وطن مان نڪتي ۽ ڪچ ڏانهن پهچي ويئي. هيءَ جماعت آهستي آهستي ساري ڪچ علائقي جي مالڪ بنجي ويئي- انهن جي مذهبي عقيدن، تهذيب ۽ تمدن ۾ جيڪي تبديليون ٿيندیون رهيون، انهن جي سببن تي مفصل بحث اسان جي هن پيش ٿيندڙ ڪتاب جي موضوع کان خارج آهي؛ ليڪن هن حقيقت جو اعتراف سنڌ ۽ ڪچ جي هر تاريخ نويس ڪيو آهي تہ، اُهي ماڻهو سنڌي هئا.

ڪهڙ وڌ ڇهہ سو سالن تائين ڪچ جي زياده تر حالات تي اونداهيءَ جو پردو پيو رهيو. سورهين صدي عيسويءَ ۾ اتان جو سردار خاندان جي ئي هڪ شخص هٿان مارجي ويو. مقتول جي فرزند، احمد آباد جي حاڪم کان مدد وٺي پيءُ جي گاديءَ تي قبضو ڪيو.

---

[1] هي اقتباس "سنڌ گزيٽيئر" تان ورتل آهي

[2] ممڪن آهي تہ هيءَ اهو هنڌ هجي، جنهن کي سنڌ ريلوي جي نقشي ۾ Rasikanoje لکيو ويو آهي. ملاحظہ هجي "سنڌ ريلوي"، انگريزي، مطبوعہ 1856ع جو نقشو ص 81. ۽ غالباً هن هنڌ کي ميان نورمحمد خان جي حڪومت واري دور جي لڙائين ۾ ڪانجي ٻڌايو ويو آهي. هيءُ هنڌ سنڌونديءَ جي ڪوڙي نالي شاخ جي مُنهن جي ويجهو ڪچ رياست جي بلڪل لاڳو آهي.

سنڌ ۾ مداخلت: 1719ع ۾، راءِ ديسل ڪچ جو حڪمران بنيو. هيءُ نهايت جوشيلو ۽ سودائي طبيعت وارو ماڻهو هو، هن آسپاس طرف ڪاهون ڪيون ۽ سنڌ، پارڪر ۽ گجرات ۾ پنهنجون چونڪيون قائم ڪيون. سنڌ تي اڳرائي ڪرڻ جو هيءُ واقعو، سنڌ ۽ ڪچ جي انهن لڙائين جو پيش خيمو هو، جن جي حالات جو تفصيل هن باب جو موضوع آهي. هتي هن بحث ڇيڙڻ جي ضرورت نه آهي ته راءِ ديسل جا اقدامات درست هئا يا نا درست. ان زماني ۾ ۽ ان زماني کان اڳ ۾ تلوار هلائڻ جو اهوئي دستور هو ته جنهن ۾ طرف موقعو ملندو هون، حملو ڪري ڏيندا هئا. کين فتحون ۾ حاصل ٿيندڙون هيون، شڪستون ۾ کائيندا هئا ۽ انتقامي ۽ تاديبي حملن جو نشانو ۾ بنجندا هئا. راءِ ديسل جي ۾ بلڪل اهائي ڪيفيت هئي.

ديو ڪرن: هڪ موقعي تي ڪچ ٻاهرئين حملي جو نشانو بنيو، تڏهن راءِ ديسل وٽ نه حفاظت ۽ بچاءَ جو ڪو سامان موجود هو ۽ نه وري ايتري رقم هئي جو سامان گڏ ڪري وڻي ها. هن نازڪ وقت ۾ سندس راڻي مددگار بني. راڻيءَ جي ملڪيت جو مئنيجر ديو ڪرن نالي هڪ شخص هو، جنهن جي انتظامي صلاحيتن جو هرهنڌ سڪو ڄميل هو. راڻيءَ هن کي راءِ ديسل جي روبرو پيش ڪيو ۽ پاڻ وٽان ۾ ضرورت مطابق مدد ڏني.

ديو ڪرن، فوج جا ٻه حصا ڪيا، هڪ حصي کي قلعي ۾ ويهاريو ۽ ٻئي حصي کي ٻاهر مناسب مورچن تي مقرر ڪيو. هن، آخري حصي جي سپاهين کي تاڪيد ڪيو ويو ته واري واري سان پنهنجن مورچن مان نڪري حملي آور جي سامان کي ٽوڙيندا رهن. هي تدبير، اميد کان وڌيڪ ڪامياب ٿي. ۽ حملي آور واپس موٽڻ تي مجبور ٿي پيا. راءِ ديسل، ديو ڪرن جي خدمات کان خوش ٿي ڪيس 'ڪل مختار' بنايو ۽ سموري انتظامي واڳ- ڏور هن جي حوالي ڪئي. ديو ڪرن نهايت سمجهدار، مدبر ۽ دوراندیش ماڻهو

هو. هن، رياست جي انتظام کي نهايت چڱي پايي تي هلايو ۽ تجارت کي چڱو فروغ ڏنو.

انهيءَ ڪري رياست جي آمدني گهٽو وڏي ويئي. بيان ڪيو وڃي ٿو ته ديو ڪرن جي دور ۾ راءِ ديسل جي آمدني ارڙهن لک ڪوڙي (پنجاهه هزار پائوند)هئي، خود وزير جي آمدني نَو ڪروڙ ڪوڙيءَ کان گهٽ نه هئي.

راءُ لاکو: 1745ع ۾، راءُ ديسل فوت ٿيو ته ان جي جاءِ تي سندس پٽ لاکو گاديءَ تي ويٺو. هيءُ حد درجي جو ظالم ۽ وڏو بدمعاش هو. پيءُ کي ڏهه سال جيل ۾ رکيو هئائين ۽ ديو ڪرن کي، هن ڏوهه ۾ قتل ڪرايائين ته راڻيءَ (سندس ماءُ) سان هن جا ناجائز تعلقات آهن. انهيءَ کان سواءِ، هن شيدين جو هڪ خاص دستو تيار ڪرايو. هو جڏهن محلات کان ٻاهر نڪرندو هو ته اهو دستو سندس اڳيان ۽ پٺيان هلندو هو. رستي ۾ جيڪو به ماڻهو سندس سامهون ايندو هو ته راءُ لاکي جو اشارو ٿيندو هو ۽ پوءِ بنا ڪنهن هٻڪ جي ان کي موت جي آهي ۾ ڏنو ويندو هو. هن، پنجن سالن جي عرصي ۾ گهٽ- وڌ هڪ ڪروڙ رپيا عياشين ۾ ضايع ڪيا. ڊاڪٽر جيمس برگس لکي ٿو ته

1- راءُ لاکو 1751ع ۾ 'ڪچ جي مسند تي ويٺو' سنڌ ڪناياواڙ ۽ پارڪر سندس هٿن مان نڪري ويا.

2- 1758ع ۾، راءُ لاکي ڪچ جي واليءَ، سنڌ جي خلاف هڪ مهم وڻي وڃڻ جو فيصلو ڪيو ۽ مومن خان کي مجبور ڪيو ته خراج جا جيڪي ويهه هزار رپيا رهيل آهن، اهي جلد ادا ڪري.[1]

---

[1] The Chronology of Modern India ص 191 ۽ 205 پوئين واقعي جي سلسلي ۾ مورخن جو بيان آهي ته پيشوا، گائڪوڙ کان مدد گهري هئي. گائڪوڙ پنهنجي طرفان شيوڪرام کي موڪليو هو "بمبئي گزيٽيئر، حصه گجرات" ص 342 رٽا هيءَ ڪئي ويئي هئي ته سنڌ جي خانه جنگيءَ مان فائدو وٺي، ٺٽي تي قبضو ڪيو وڃي. ڪرالي جو جام گهٽي مدد ڏني سگهيو ٿي.

سيٺ پونجو: پونجو سيٺ، ديوڪرن جو پٽ هو، جنهن کي لاکي قتل ڪرايو هو. هيءُ ڏاهپ ۽ اٽڪل ۾ پنهنجي پيءُ کان گهٽ نه هو. لاکي سان هن جي نهڪي نه سگهي، تڏهن ان جي پٽ ۽ وليعهد سان دوستيءَ جو رستو ڳنڍيائين ۽ اهڙيءَ طرح لاکي جي برخلاف هڪ محاذ قائم ڪري ورتائين. پيءُ پٽ ۾ ڪافي وقت تائين مخالفت جاري رهي، آخر صلح ٿيو. پٽ، سيٺ پونجي کي چڏي ڏنو ۽ سندس لاءِ فقط هڪ هزار ڪوڙي (پنجويهه پائوند) جي پينشن مقرر ڪئي ويئي. لاکو سيٺ 1760ع ۾ فوت ٿيو، تہ ان وقت ۾ سيٺ پونجي جي خدمات جو ڪوبہ لحاظ نہ ڪيو ويو. هڪ ٻئي شخص کي پنهنجو وزير مقرر ڪيو ويو. پونجي سيٺ کي سخت ارمان ٿيو. هن راءَ سان ملاقات ڪرڻ چاهي، مگر راءُ سندس درخواست رد ڪري چڏي. هن پوءِ، سيٺ پونجي کي قتل ڪرائڻ چاهيو. آخر هن کي ڪچ مان ئي پڇٽو پيو. هو پهريائين ڪنڊ ڪوٽ ويو ۽ اتان ويرا واهه پهتو ۽ پوءِ اتان ديوان گدومل سان خط و ڪتابت ڪئي. ميان غلام شاهہ سيٺ کي پاڻ وٽ گهرائي ورتو. مهمانداريءَ جي لاءِ هڪ هزار اشرفيون هن وٽ ڏياري موڪليون ۽ هڪ سؤ ماڻهو پيشوائيءَ جي خيال سان روانا ڪيا. اهوئي شخص، ڪچ تي حملي جو فوري محرڪ بنيو؛ جيتوڻيڪ ڪچ جي والين جي روش، هن کان اول ئي حملي جي جواز لاءِ سبب پيدا ڪري چڏيو هو.

پهرين ڪاهہ: "تحفة الڪرام" جي بيان مطابق ڪچ تي پهرين ڪاهہ 9 ربيع الثاني 1176هـ (28- آڪٽوبر 1762ع)، جو ٿي. ميان صاحب پهريائين لشڪر روانو ڪري چڏيو هو ۽ پوءِ پاڻ ڪچ جي طرف روانو ٿيو. پونجا سيٺ لشڪر سان هو، رستي ۾ سندري[1] جو قلعو فتح ڪري، اڳتي وڌيو تہ ڪچ جي فوج جا ڇهن هزارن

---

[1] هيءُ مقام لکپت کان ٽيهن ميلن جي پنڌ تي هو. هينئر هيءُ برباد ٿي چڪو آهي.

جي قريب هئي، سا جاره جبل تي جمع ٿيل هئي. هنن پنهنجن زالن ۽ ٻارن کي تلوار سان ختم ڪري، سندن مقابلو ڪيو.

ڪن روايتن ۾ اها ڪيفيت هن ريت بيان ٿي آهي ته رت جا درياءَ وهي هليا ۽ انهن جي طاقت جو هيءُ عالم هو جو اڏ اڏ سير جا پٿر رت جي وهڪري ۾ لڙهي هليا[1].

جاره جي لڙائي: جاره جي جنگ کي هن مهم ۾ وڏي اهميت حاصل آهي. سنڌي فوج ستر هزار هئي. راءُ رستي جي سيني کوهن کي پٽرن سان پرائي چڏيو هو ۽ ڪچ جهڙي ملڪ ۾ پاڻيءَ کان سواءِ اڪثر وڏڙ نهايت مشڪل هو، ليڪن ميان غلام شاهه جي ارادي ۾ ڪوبہ تزلزل پيدا نہ ٿيو ۽ مشڪلاتون رستي ۾ رندڪون بنجي نہ سگهيون.

جاره ۾ ڪچ جي فوج جا ڪيترا ماڻهو هڪ وڏيءَ توپ جي آسپاس جمع هئا، اتفاق سان توب ڦاٽي پيئي، هن حادثي ۾ گهٽا ماڻهو مري ويا؛ باقي بچيل ماڻهن ۾ افراتفري ڦهلجي ويئي. عين انهيءَ موقعي تي سنڌي فوج جا بهادر سپاهي تلوارون هٿن ۾ ڪڻي پهاڙ تي چڙهي ويا. ڪچ جو وزير ۽ ڪي ٻيا معزز سردار ۽ رئيس اتي وڙهندي مارجي ويا.

ٽوپڙ مل لکيو آهي ته "جاره پهاڙ تي جيڪي ماڻهو سيني کان اول پهتا، تن جو سردار مير بهرام خان ٽالپر هو؛ ۽ حق اهوئي آهي ته جاره جي لڙائيءَ هن جي ئي مردانگيءَ سان فتح حاصل ٿي هئي. جيڪڏهن سنڌي نوجوان جبل کان هيٺ وينا رهن ها، ته جبل جي مٿان انهن تي گوليباري ڪرڻ جو تنهان ئي وڌيڪ سلسلو شروع ٿي وڃي ها ۽ هو نڪي هڪ قدم ڪو اڪثي وڌي سگهن ها ۽ نہ وري ڪو اتي ئي ترسي سگهن ها.

---

[1] جرنل سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽي، بابت آڪٽوبر 1934، ص 15.

"انشاءِ عطارد" جو پيش ڪيل خط: جاره جي لڙائيءَ جي مختصر ڪيفيت "انشاءِ عطارد" ۾ پڻ بيان ٿيل آهي، جنهن جو خلاصو هن ريت آهي:

1- جاره جي تسخير نهايت محال ڄاتي وئي ٿي، ليڪن سنڌي لشکر، ان جي نهايت تڪليف وارن لَڪن مان لنگهي، مٿي پهچي ويو.

2- ڪيچين سان لڙائي ٿي ۽ ڇهن ڪلاڪن تائين مقابلو ٿيندو رهيو.

3- آخرڪار فتح سنڌين کي حاصل ٿي.

هتي هيءُ به بڌائي ڇڏڻ گهرجي ته عام بيانن مطابق ميان غلام شاهه ڪچ کي ختم ڪري، رجب جي مهيني ۾ واپس وڃي چڪو هو. ليڪن "انشاءِ عطارد" جو بيان آهي ته 'جار، جي لڙائي، 9 شعبان جو ٿي هئي ۽ 13 شعبان جي ڪيچين صلح جي درخواست پيش ڪئي هئي[1]. افغانستان جي دربار کي، هن فتح جي جڏهن خبر ملي؛ تڏهن 20 ربيع الثاني 1177هـ ۽ پهرين جمادي الاول 1177هـ جو، خوشنوديءَ جا ۽ پروانا ميان صاحب جي نالي موڪليا ويا[2].

صلح جا شرط: جاره جي لڙائيءَ ۾ فتح حاصل ڪرڻ کان پوءِ، ميان صاحب اڳتي وڌي حملو ڪيو، سندس فوجون ڪچ جي گاديءُ ڀُڄَ کان فقط ٻارهن ڪوهن جي پنڌ تي هيون. آخر راءَ، سيٺ پونجا جي وساطت سان صلح جو پيغام موڪليو ۽ بسته بندر ۽ لکپت جا بندر ميان صاحب جي حوالي ٿيا. هڪ شرط هيءُ به طي ٿيو ته 'راءَ جي پيٽ جي شادي ميان صاحب سان ٿيندي'. سيٺ پونجا سيني شرطن جي پورائيءَ جي ذميداري پاڻ تي کنئي ۽ ميان صاحب تاريخ 2 رجب 1176هـ (17 جنوري 1763) جو، پنهنجي مرڪز شاهپور ڏانهن واپس موٽي ويو. ڪن روايتن مان معلوم ٿئي ٿو ته ميان صاحب واپس موٽڻ لاءِ تيار نه هو، مگر سيٺ پونجا ٻنهي ڌرين جي وچ ۾

---

(1) "انشاءِ عطارد"، ص 198-199.

(2) "انشاءِ عطارد" ص 200

پيو ۽ سندس ضرور اهائي خواهش هئي، ته ڪچ جي راءَ کي پنهنجي هلندي۽ پڄندي۽ جو يقين ڏياري وزارت حاصل ڪري. هن، اهو به چاهيو ٿي ته راءَ جي پيٽ، ميان صاحب سان پرٽائي وڃي؛ ليڪن ڪچ کي سنڌ ملڪ جي علائقي بنائڻ لاءِ تيار نه هو. پونجي، ميان صاحب جي روبرو صورتحال جو نقشو، اهڙي پريشاني پيدا ڪندڙ انداز ۾ پيش ڪيو، جو ميان کي صلح تي رضامند ٽيڙ ئي زياده مناسب نظر آيو.

سيٺ پونجا جو قتل: سنڌ جي فوج جڏهين ڪچ مان هلي ويئي ۽ فوري خطرو ٽري ويو، هو تڏهن راءَ شرطن جي بجاوريءَ متعلق پُڇتر ۾ پئجي ويو. سخت واعدي خلافي ڪندڙ ۽ فسادي حڪمران هو ۽ واعدو پاڙڻ جي سندس اڳيان ڪابه اهميت نه هوندي هئي. پونجا سيٺ شرطن پوري ڪرڻ جي خيال سان ڪچ ۾ رهيو پيو هو. هن راءُ کي گهٽوئي سمجهايو ته واعدي خلافي نه ڪر، انهيءَ جو نتيجو چگو نه نڪرندو. راءَ کي هن خيرخواهيءَ جي مشوري تي ايتري ڪاوڙ آئي، جو پونجا سيٺ کي پاڻ وٽ گهرائي، پنهنجي هٿ سان ڪيس زهر جو پيالو ڏنو ۽ مجبور ڪيو ته فوراً پي وڃي. اهڙيءَ طرح، ويچارو پونجو خيرخواهيءَ جي پاداش ۾ ناحق ماريو ويو ۽ ميان غلام شاهه سان جيڪو عهدنامو ڪيو ويو هو، اهو پورو نه ٿي سگهيو.

ٻي چڙهائي: ميان صاحب کي جڏهن هي حالات معلوم ٿيا، تڏهن وري نئين سر ڪچ تي حملي جي تياري ڪيائين. ڪن روايتن مان معلوم ٿئي ٿو ته هو ٿوري دير انهيءَ ڪري ترسي پيو، جو افغانن طرفان سنڌ تي حملي جو خطرو پيدا ٿي ويو هو، انهيءَ ڪري رقم جو مطالبو پورو ٿي نه سگهيو هو. جڏهن هيءُ خطرو ٽري ويو، تڏهن 1178هـ (64-1765ع) ۾، ٻيهر ڪچ تي چڙهائي ڪئي. هن دفعي فقط پنجاهه هزار فوج ساڻ هئي. هيءَ فوج پنهنجي مرڪز ڪوٽ لکپت کان اڳتي وڌي، تڏهن ناڑو خالي ٿي ويو- مورو جي قلعي تي حملو ڪيو ويو، ڪيترا ڪچي مارجي ويا ۽ قلعو فتح ٿي ويو.

راءَ هن دفعي رستي جي ڪوهن ۾ زهر وجهرايو هو، ميان صاحب کي انهيءَ ڪري، ڦيرو ڪري پُڄ جي طرف کان پيشقدمي ڪرڻي پيئي. جڏهن پُڄ سنڌي فوج کان فقط پنجن ڪوهن تي هو، تڏهن ڪڇ جي راءَ ٻيهر صلح جي درخواست ڪرڻ سان گڏ، پنهنجي سوٽ جي ڌيءُ، ميان صاحب جي نڪاح ۾ ڏني[1].

ميان صاحب هن حرم کي "سنڌ راڻي" جو خطاب ڏنو. مختلف روايتن مان معلوم ٿئي ٿو، ته هيءَ شادي وڏي شان شوڪت سان ٿي، پنهي طرفن کان مناسب تڪلفات عمل ۾ آيا.

پهرئين حملي جي موقعي تي ميان غلام شاهه سنڌوندي‌ءَ جي اولاهين شاخ جي مُنهن بدلائڻ جو، حڪم ڏيئي ڇڏيو هو. هيءَ شاخ لکپت بندر وٽان لنگهندي هئي، ميان صاحب مناسب هنڌ تي ان کي بند ڏيارائي ڇڏيو. انهيءَ ڪري ميان صاحب جي حڪومت جي حد کان لکپت بندر تائين، سارو علائقو ويران ٿي ويو. چون ٿا ته هن حصي ۾ چانورن جي پيدائش نهايت جهجهي ٿيندي هئي ۽ ان کان پوءِ، اتي آبادي‌ءَ جو نشان ئي نه رهيو. انهيءَ زماني ۾ علي بندر جي تعمير عمل ۾ آئي.

ڪڇين جي اڳرائي. انگريزن جي واپاري ڪوٺي‌ءَ جي ڪاغذن مان معلوم ٿئي ٿو، ته ميان صاحب جي ڪڇ تي ٻيءَ ڪاهه کان اڳ، خود ڪڇ جي ڏکڻ سنڌ تي حملا شروع ڪري ڏنا هئا. جيئن هڪ تحرير ظاهر مان آهي ته

"آڪٽوبر 1764ع جو هڪ وڏو حصو، انهن متواتر حملن ۾ گذريو، جو ڪڇ جي راجا جي ماڻهن سنڌ جي ڏاکڻئي پاڳي تي

---

[1] پوسٽنز جو بيان درست نه آهي ته خود راءِ جي ڌيءَ سان ميان صاحب جي شادي ٿي هئي ("سنڌ جي متعلق ذاتي مشاهدات"، ص 175).

ڪن روايتن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته ڪنوملا ۽ ڪن ٻين اميرن کي ميان صاحب صلح لاءِ پُڄ ۾ موڪليو هو. ڪڇ جي لاءِ پنهنجون سموريون توپون، هرهنڌ نصب ڪرائي، ساري رات گوليباري جاري رکي؛ هن جو مقصد هيءُ هو ته ميان جي سفيرن تي دهشت طاري ٿئي ۽ پنهنجي آقا کي لڙائيءَ کان روڪين.

ڪيا. هو، ننڍين ڏوندين جا ٻيڙا وڃي آيا ۽ ڪيترن ننڍن ڳوٺن ۽ شهرن کي بريءَ طرح لٽيو. هينئر حاڪم هڪ چگي وڏي فوج، انهن جي آئنده حملن کي روڪڻ لاءِ موڪلي آهي، انهيءَ ڪري هاڻ، ملڪ جي هن حصي ۾ امن بحال ٿي ويو آهي ۽ وڌيڪ شرارت جو انديشو نه رهيو آهي.[1]

وڌيڪ تفصيلات: پهرئين حملي جي ڪيفيت، جيمس برگس هن ريت بيان ڪئي آهي:

"راءِ گوڙجي دور ۾ سنڌين ڪچ تي حملا ڪيا. هيءُ 1762ع جو واقعو آهي. سنڌي فوج اسي هزار هئي ۽ ميان غلام شاهه ڪلهوڙو انهيءَ جو سردار هو. جاره وٽ هڪ خونريز لڙائي ٿي، جو لکپت کان ارڙهن ميلن جي پنڌ تي آهي. ان کان فوراً پوءِ غلام شاهه واپس هليو ويو. هن، ڪچ جي رڻ جي اتر طرف، مورا ڳوٺ وٽ، سنڌوندیءَ جي هڪ شاخ، جنهن جو نالو ڦرن هو، ان کي بند ڏياري ڇڏيو. جنهنڪري رڻ ۾ ۽ ان ملڪ ۾ سنڌوندیءَ جي پاڻيءَ جو وهڪرو بند ٿي ويو... ۽ هڪ نهايت وڏو حصو، جو اڳ سرسبز ۽ شاداب هو، نهايت خوفناڪ ڪلر ۽ ويران رڻ پٽ ۾ بدلجي ويو. هتي اڳ سارين جي پوکي ڪئي ويندي هئي، جنهن مان ڪچ جي حاڪم کي ويهه هزار پائونڊ سالياني ڊل وصول ٿيندي هئي.[2]

هيگ جو بيان: هيگ، پنهي ڪاهن جي اجمالي ڪيفيت بيان ڪندي لکيو آهي ته، غلام شاهه جو شروع ۾ برابر اهوئي ارادو هو ته ڪچ کي فتح ڪري، پنهنجي ملڪ سان ملائي ڇڏي. ليڪن هو، مدافعين جي بيپناهه استقامت کان بيپرواهه رهڻ لاءِ تيار نه هو. مدافعين راجپوت هئا؛ ۽ جڏهن معاملات نزاڪت جي آخريءَ حد تائين پهچي وڃن ها. انهيءَ ڪري، غلام شاهه فتوحات جي اعزاز تي قناعت ڪئي، جي هڪ وڏي نقصان سهڻ کانپوءِ حاصل ڪيون ويون هيون. بهرحال، باهرين لڙائين ۾، هن جي طاقت چگيءَ طرح نمايان ٿي.[3]

---

(1) "جرنل سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽي"، بابت ڊسمبر 1938، ص 71.

(2) "ڪاٺياواڙ ۽ ڪچ جا آثار" متعلق رپورٽ، ص 22.

(3) "دي انڊس ڊيلٽا ڪنٽري"، ص 118.

"صمصام الدوله" جو خطاب: ميان صاحب، ڪچ کان فاتحانه انداز ۾ واپس موٽيا، تڏهن افغاني دربار ان جي اڳوڻن خطابن ۾ "صمصام الدوله" جو واڌارو ڪيو. خاندان مان "جنگ" جو خطاب سڀني کان اول ميان يار محمد کي مليو هو؛ ميان غلام شاهه کي "جنگ" کان سواءِ "دولت" جو خطاب به مليو. شاهپور جو شهر ميان غلام شاهه آباد ڪرايو هو، ليڪن اتي تيز هوائن لڳڻ ڪري مٽي ۽ دز تمام گهٽي اڏامندي هئي، انهيءَ ڪري اهو شهر ڇڏي ڏنائين ۽ هڪ ٻيو نئون شهر شاهپور نالي آباد ڪرايائين. هيءُ شهر هن وقت سڪرنڊ تعلقي ۾ هڪ معمولي ڳوٺ جي صورت ۾ آهي.

"سنڌ راڻيءَ" سان شادي جي تاريخ: ڪتاب مڪمل ٿي چڪو هو، ميان سرفراز جا ڪجهه شعر سنڌي زبان جي "نئين زندگي" رسالي ۾ شايع ٿيا. انهن ۾ "سنڌ راڻي" سان ميان غلام شاهه جي شاديءَ جي تاريخ هن ريت لکيل آهي:

گشت از فضل ايزدِ داور[1] روي گيتي چون آسمان انور
شاهِ دوارن غلام شاهه نجف مظهرِ لطفِ ايزدِ داور
حضرتِ دادگر ميان صاحب آن شهِ پاڪ زاد پاڪ گهر
راجه ڪچ که همچو او درجاه نبود هيچ راجه ديگر
"بوله" آمد چو ازنواحيءِ ڪچ بهزار احترام و صد مفخر
چون شبِ بست و هشت از شعبان بود اين شاديءِ خجسته تر

لاجرم گشت سال تاريخش
به بود اين قرآن شمس و قمر[2]

1176هـ

---

[1] هتي "داور" جي بدران "دادار موزون ٿئي ٿو. ٻئي شعر ۾ به قافيو 'ايزد داور' غير مناسب آهي. هيءُ قطعو آهي، انهيءَ ڪري ضروري نه آهي، ته پهرين شعر جا ٻئي مصراعون هر قافيي هجن. منهنجي نزديڪ، اصل 'دادار هو، جو پوءِ نقل ڪندڙ 'داور' بنائي ڇڏيو.

[2] گويا هيءَ شادي 28 شعبان 1176 هـ مطابق 13 مارچ 1762ع تي ٿي.

باب پنجون

سنڌ ۾ انگريزن جون واپاري کوٺيون

پورچوگيز ۽ سنڌ: هندستان سان يورپي قومن جي بحري تجارت جي شروعات واسکو ڊيگاما جي ڪاليڪٽ پهچڻ سان ٿي. پورچوگيز تمام ٿوري ئي عرصي اندر هندي وڏي سمنڊ ۾ عام مختار بڻجي ويا. ۽ ساري تجارت سندن ئي هٿ ۾ اچي ويئي. هنن جي نٽي ۾ به آمدرفت جاري رهي. سن 1555ع ۾، مرزا عيسىٰ ترخان ۽ سلطان محمود بکر جي حاڪم جي وچ ۾ ڪشمڪش شروع ٿي ويئي. مرزا عيسىٰ ترخان پورچوگيزن کان مدد طلب ڪئي، انهيءَ ڪري پيدرو بيريٽو رولن (Pedro Borrato Rolin) اناويهن جهازن سان نٽي پهچي ويو. انهيءَ وچ ۾ مرزا عيسىٰ خان ۽ سلطان محمود وچ ۾ صلح ٿي چڪو هو. پورچوگيزن معاوضو طلب ڪيو، جواب مليو ته جڏهين اوهان کو ڪم ئي نه ڪيو آهي ته پوءِ معاوضو چا جو؟ پورچوگيز موقعو ڏسي نٽي ۾ داخل ٿي ويا. اٺ هزار ماڻهن کي قتل ڪيائيون ۽ ايترو مال اسباب پاڻ سان کڻي ويا، جو سندن ئي اندازي مطابق ايشيا ۾ کين ڪڏهن به حاصل نه ٿيو هو[1]. سنڌ واسين سان فرنگين جي تعلق جو هي خونچڪان ۽ دردانگيز واقعو انهيءَ زماني ۾ پيش آيو، جڏهن مرڪز ۾ سورين ۽ مغلن جي درميان تقدير جي فيصلي جي آخري بازي لڳي چڪي هئي. مغل هندستان مان هڪ دفعي نڪري وڃڻ کان پوءِ ٻيهر قدم جمائڻ جي ڪوشش ۾ هئا ۽ شير شاهه جي قائم ڪيل افغان سلطنت جو نقشو مٽجي رهيو هو.

---

[1] "جرنل، سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽي"، بابت مئي 1934، ص 14

"تحفة الڪرام" جو بيان: "تحفة الڪرام" مان معلوم ٿئي ٿو ته سنڌ جي حڪومت مرزا عيسىٰ خان ۽ سلطان محمود جي وچ ۾ تقسيم ٿي چڪي هئي. جڏهن مرزا، محمد باقيءَ کي وليعهد بنايو، تڏهين ظاهريءَ طرح هن ارادي سان بکر طرف روانو ٿيو ته باقيءَ جي لاءِ سلطان محمود کان وفاداريءَ جي حلف جي تجديد ڪرائي، مگر حقيقت ۾ سندس مقصد هيءُ هو ته دربيلي جي پرڳڻي کي به سيوستان ۾ شامل ڪري:

> "انهيءَ عرصي ۾ فرنگي گوئا بندر کان لاهريءَ پهتا. ملڪ کي جڏهين مالڪ کان خالي ڏٺائون، تڏهن نٽي تي حملو ڪيائون. جمعي جي ڏينهن جامع فرخ ۽ بين هنڌن تي هنن تمام گهڻن ماڻهن کي قتل ڪيو. گنج شهيدان کان سواءِ، بازار امير بيگ ۽ جامع فرخ جي آسپاس ۽ بين هنڌن تي جن شهيدن جون ٽُربتون آهن، اهي فرنگين جي ئي هٿان قتل ٿيل آهن. مرزا عيسىٰ خان جڏهن هيءَ خبر ٻڌي، تڏهن فوراً سلطان محمود سان ملڪي حدن جو فيصلو ڪيائين ۽ نٽي پهچي ويو. بيان ڪيو وڃي ٿو ته مرزا فرنگين کي مدد جي خيال سان گهرايو هو، مگر جڏهن مرزا کين نٽي ۾ نه مليو، تڏهن هنن هيءُ خوفناڪ قدم کنيو. بهرحال فرنگين جڏهن مرزا عيسىٰ خان جي اچڻ جي خبر ٻڌي، تڏهن نٽي جي ڳلين ۽ بازارين ۾ بارود پکيڙي باهه ڏيئي، پاڻ رفوچڪر ٿي هليا ويا[1].

وڌيڪ روايتون: هيڪ جي خيال موجب سنڌي مؤرخن هن واقعي جي اهميت جو پورو اندازو نه ڪيو آهي. هن پورچوگيزن ۽

---

[1] "تحفة الڪرام"، ج 3، ص 67

فرانسي مؤرخن جي بيانن مان پورا تفصيلات پنهنجي ڪتاب ۾ درج ڪيا آهن، جن جو مفاد هيءُ آهي:

1. پورچوگيزن جو گورنر بسين ۾ هو ۽ جڏهن مرزا عيسىٰ جي طرفان مدد جي درخواست پهتي، تڏهن هن پيدرو بيريٽو رولن کي ست سؤ ماڻهن سان روانو ڪيو. جي اناويهن جهازن ۾ سوار هئا.
2. هيءُ ٻيڙو جڏهن نٽي پهتو، تڏهن وليعهد پورچوگيزن جي امير البحر سان ملاقات ڪئي ۽ پنهنجي والد کي ٻيڙي جي اچڻ جو اطلاع ڏنو.
3. چند ڏينهن بعد پورچوگيزن جي امير البحر خبر ٻڌي ته مرزا عيسىٰ خان دشمن سان صلح ڪيو آهي. هن اهو اندازو ڪيو ته هاڻ امداد جي ضرورت نه آهي ۽ وليعهد کي چيائين ته مان واپس وڃڻ چاهيان ٿو، جيڪا رقم مون کي ڏيڻ جو وعدو ڪيو ويو هو سا ڏني وڃي.
4. جيئن ته وليعهد جو بيان اطمينان بخش نه هو، انهيءَ ڪري اميرالبحر شهر ۾ ڪاهي پيو، هن غضب جي جوش ۾ اچي، اٽن هزارن کان وڌيڪ ماڻهن کي ماري ڇڏيو، ويهن لکن پائونڊن کان زياده قيمت جو سامان باهه جي نذر ڪيو ۽ انهيءَ غنيمت جي مال مان جهاز پريا، جي ايشيا ۾ نهايت قيمتي خزانن مان هو.
5. هن سموري ڪارروائيءَ ۾ هن جي هڪ ماڻهوءَ کي به رهڻ ڪانه رسي.
6. لاهوري بندر جي قلعي وارن مقابلو ڪيو، مگر پورچوگيزن قلعو فتح ڪري پوءِ ان کي ڌهرائي ڇڏيو[1].

---

[1] "دي انڊس ڊيلٽا ڪنٽري"، ص 98

هڪ فرانسيسي مؤرخ لکيو آهي ته شروع ۾ پورچوگيزن جي اميرالبحر کي حملي ڪرڻ ۾ هٻڪ هئي؛ پوءِ هن سپ کان اول هڪ مسجد تي قبضو ڪيو ۽ ان بعد ساري شهر تي پنهنجو قبضو ڄمايو ۽ ماڻهن کي ناقابل تصور بيدرديءَ سان لٽيو. بيزبان جانورن کي به نه ڇڏيو ويو. ڏٺي کان واپسيءَ وقت پورچوگيزن درياهه جي ٻنهي ڪنارن جي آبادين تي حملا ڪيا ۽ هر ڳوٺ کي تباهه ڪيو:

"بيشمار مقتولن ۽ وسيع لُٽ مار جو
بدلو هڪ خوفناڪ طوفان ورتو: بيريٽو
هرهنڌان جو مال لُٽ مار ڪري هٽ
ڪيو هو، اهو سمورو سمنڊ ۾ اڇلٽو
پيس ۽ وڏيءَ مشڪلات سان درياهه مان
هلندو بندرگاهه تي پهتو.[1]"

انگريزن جو اچڻ: انگريزن جي سنڌ پهچڻ جو قصو هيءُ آهي ته پهرين پهرين به انگريز ڏٺي ۾ آيا؛ انهن کي هڪ پورچوگيز پادريءَ زهر ڏيئي ماري ڇڏيو. ايسٽ انديا ڪمپنيءَ پنهنجن ڪارڪنن کي هدايت ڪئي هئي ته سنڌ کي به پنهنجي تجارتي سرگرمين جي حلقي ۾ آندو وڃي. انهيءَ ڪري انگريز جهاز ران ڏٺي پهچڻ جون مسلسل ڪوششون ڪندا رهيا. 26- سيپٽمبر 1613ع ۾، پهريون انگريزي جهاز ديبل جي بندرگاهه ۾ داخل ٿيو. پوءِ جيمس اول انگلستان جي بادشاهه جو سرٽامس رو نالي ايلچي سنڌ ۾ آيو. سال 1635ع ۾ انگريزن ڏٺي ۾ پهرين واپاري ڪوٺي قائم ڪئي. هو قلمي شورو خريد ڪري يورپ موڪلينداهئا. هيءَ ڪوٺي 1662ع ۾ بند ڪرڻي پيئن.

---

[1] "دي انڊس ديلتا ڪنٽري"، ص 99-100. هي حالات اي. بي آڊوائيءَ هڪ مضمون ۾ پيش ڪيا آهن: ڊسو 'جرنل، سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽي'، بابت جنوري 1941ع، ص 45-47

خدا ڄاڻي ڊاڪٽر سورلي ڪهڙي بنياد تي هيءَ راءِ قائم ڪئي ته هيءَ ڪوٺي انهيءَ زماني ۾ بند ٿي، جڏهن اورنگزيب جي تخت نشينيءَ کان پوءِ ملڪ ۾ هنگامي حالتون پيدا ٿي ويئون[1]. شاهجهان جي پٽن ۾ تخت نشينيءَ لاءِ جيڪي لڙائيون ٿيون هيون، انهيءَ ڪوٺيءَ جي بند ٿيڻ کان گهٽ وڌ چار سال اڳ ختم ٿي چڪيون هيون. ان کان پوءِ ملڪ جي اڌ صديءَ تائين اهڙو امن قائم رهيو، جو 1635ع کان 1662ع تائين جو دور امن جي لحاظ کان ان کان بهتر نه هو. پوءِ بندش جي انهيءَ سبب کي ڪهڙي بنياد تي قبول ڪري سگهجي ٿو؟

ڊاڪٽر سورلي پنهنجي ڪتاب ۾ ٻئي هنڌ لکيو آهي ته، 1659ع ۾ اورنگزيب ۽ ان جي ڀائرن جي وچ ۾ جيڪي لڙائيون شروع ٿيون، تڏهين ان مان پيدا ٿيل بدانتظاميءَ سنڌ ۾ به واضح طور اثر وڌو. انهيءَ سال ۽ ايندڙ سال سنڌ ۾ ڏڪار ۽ پليگ تباهي مچائي[2]؛ ليڪن هيءُ معلوم نه ٿي سگهيو ته تاج ۽ تخت جي لڙائين ڪري سنڌ ۾ ڪهڙي بدانتظامي پيدا ٿي؟ جيڪڏهن 1659ع ۽ 1660ع ۾ ڏڪار ۽ پليگ سنڌ کي تباهه ڪيو، ته انگريزن جي تجارتي ڪوٺي ٻن سالن بعد ڇو بند ٿي؟

1699ع ۾ ڪپتان هيملٽن نٽي پهتو: ان وقت اتي پليگ جي بيماري پيئي، جنهن ۾ اسي هزار ماڻهو مري ويا. نٽي ۾ ان وقت چار سو درسگاهه هئا. قلعو ايترو وڏو هو، جو پنج هزار ماڻهو آساني سان رهي سگهيا ٿي.

تجارت جو نئون فرمان: پهرينءَ ڪوٺيءَ جي بند ٿيڻ کان پنجانوي سالن بعد، انگريزن کي وري خيال آيو ته سنڌ سان تجارتي تعلقات ڳنڍيا وڃن. هيءُ انهيءَ سال جو واقعو آهي، جنهن سال

---

(1) "شاهه عبداللطيف"، ص 48

(2) "شاهه عبداللطيف"، ص 48

انگريزن مير جعفر کي حڪومت جي لالچ ڏيئي پلاسيءَ جي جنگ ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي هئي ۽ بهار، بنگال ۽ اوڙيسا ۾ سندن قدم جمي ويا هئا.

22 سيپٽمبر 1758ع جو، غلام شاهه ڪلهوڑي جي دربار مان ڪين واپار ڪرڻ جو پروانو مليو. رابرٽ سمپٽن پرواني حاصل ڪرڻ لاءِ ڳالهه ٻولهه هلائي هئي. جارج بوشيئر، جو بمبئيءَ جي خزاني جو آفيسر هو، سو سنڌ ۾ واپاري ڪوٺيءَ جو انتظام سنيالينڈ مقرر ٿيو ۽ سيموئل بيون کي سندن نائب مقرر ڪيو ويو[1].

ان وقت انگريزن جي سامهون قلمي شوري جي تجارت هئي، جو سنڌ ۾ نهايت گهٽي انداز ۾ هٿ ايندو هو ۽ هر ملڪ کي بارود ناهڻ لاءِ ان جي ضرورت هئي. 22 اپريل 1761ع جو، انگريز ڪارندي مسٽر ارسڪن هڪ ٻيو ٻه پروانو حاصل ڪيو، جنهن مطابق ڪمپنيءَ کي قلمي شوري جي واپار جو ٽيڪو ملي ويو.

انگريزن ظاهري طرح واپار کي فروغ ڏيڻ چاهيو ٿي، ليڪن اهو نه سمجهڻ ڪپي ته سندن دل ۽ دماغ سياسي مقصدن کان يڪسر خالي هئا. ڪرناٽڪ ۽ بنگال ۾ انهيءَ تجارت جيڪي گل ڪيا هئا، اهي ڪنهن کان لڪل نه هئا. تنهن هوندي به، سنڌ ۾ ڪين تجارت جي اجازت ملي ويئي. هنن شاهبندر کي پنهنجو واپاري مرڪز بنايو ۽ پريتم داس روپچند کي، جو مقامي واپاري هو، قلمي شوري پهچائڻ جو ٽيڪو ڏنو.

واپاري اجازت نامو: واپاري اجازت نامن جي سرسري ڪيفيت هيٺ درج ڪجي ٿي:

1. پهريون پروانو 22 سيپٽمبر 1758ع تي حاصل ڪيو ويو.
2. ٻيو پروانو 11 آڪٽوبر 1758ع تي مليو. هن پرواني ۾ انگريزن لاءِ خاص رعايتون تجويز ٿيون. مثلاً حڪم ڏنو ويو ته انهن

---

[1] هن پرواني ۽ ٻين پروانن جو ترجمو باب جي پڇاڙيءَ ۾ ضميمي طور شامل آهي.

ڪان فقط ڏيڍ سيڪڙو محصول ورتو وڃي ۽ ٻين ڪان آمدني مال تي جيڪو محصول ورتو وڃي ٿو، انگريزن ڪان ان جو اڌ ورتو وڃي؛ جيڪو مال وڪامي نه سگهي، اهو واپس ڪٽي وڃن ته ان تي ڪوبه محصول نه ورتو وڃي؛ جهازن لاءِ سامان سڙو بنا محصول جي خريد ڪن؛ مسٽر سمپٽن جيڪڏهن چاهي ته ٺٽي ۾ يا بندرگاهه ۾ پنهنجي رهڻ لاءِ مڪان ٺهرائي، باقي ٻئي ڪنهن به انگريز کي گهر ٺهرائڻ جي اجازت نه رهندي.

3. مسٽر ارسڪن کي جيڪو پروانو مليو هو، ان ۾ واضع ڪيو ويو هو ته انگريزن ڪان سواءِ ٻيءَ ڪنهن به فرنگي قوم کي سنڌ ۾ قلمي شوري خريڊ جي اجازت نه هوندي ۽ ان جو ڪوبه جهاز ٻڏي وڃي يا مال کي نقصان پهچي ته سرڪاري ماڻهو جهاز ڪيڻ ۾ مدد ڏين ۽ رواج مطابق پنهنجو اجورو وٺي، مال يا جهاز انگريزن جي حوالي ڪن.

اوني ڪپڙي جو واپار: انگريز آهستي آهستي پنهنجي وطن مان اوني ڪپڙو آڻي وڪڻڻ لڳا. سنڌ ۾ هن جنس جي ڪا اهڙي گهرج ڪانه هئي. افغان ۽ ايراني واپاري هيءُ ڪپڙو خريد ڪندا هئا. ٿوريءَ مدت ۾ سنڌ جي حڪومت ۽ انگريزن جي وچ ۾ ڪي قدر ڪشمڪش جي صورت پيدا ٿي ويئي. هن جي اجمالي ڪيفيت هيءَ آهي ته سنڌ افغانستان کي خراج پهچائيندڙ هئي. افغان واپارين کي ڪابل ڪان پروانو ملي ويندو هو ۽ هو محصول ڏيڻ ڪان سواءِ مال خريڊ جا حقدار بنجي ويندا هئا. سنڌ جي حڪومت حڪم ڏيئي چڏيو هو ته ڪوبه افغان واپاري مال خريڊ لاءِ شاهبندر نه وڃي. انگريز پنهنجو سامان شاهبندر ڪان ٺٽي آڻيندا هئا ته محصول پريندا هئا. افغان شاهبندر نه ٿي وڃي سگهيا ۽ انگريز محصول پرڻ ڪان سواءِ ٺٽي ۾ مال آڻي نه ٿي سگهيا. اوني ڪپڙي جو واپار دلالن جي ذريعي ٿيندو هو. سنڌ حڪومت دلالن ڪان پورو

محصول وصول ڪندي هئي. انگريزن هڪ دفعو درخواست ڪئي ته افغان واپارين کي شاهبندر اچڻ جي اجازت ڏني وجي، اسين سؤ تي ادائي رپيا محصول ظاهر ظهور خزاني ۾ داخل ڪندا رهنداسين. هيءَ درخواست منظور نه ٿي.

صورتحال جو نقشو: مطلب ته صورتحال هيءَ هئي:

1. انگريزن چاهيو ٿي ته دلالن جو اسطو ختم ٿي وجي ۽ هو هٿون هٽ افغان واپارين کي مال وڪڻي سگهن. انهيءَ ۾ هنن کي زياده فائدو نظر آيو ٿي.
2. افغان واپارين جي هيءَ خواهش هئي ته کين محصول ۽ دلالي ادا ڪرڻ کان سواءِ مال وڃي ته جيئن نفعي ۾ واڌارو حاصل ٿئي.
3. سنڌ حڪومت جي مفاد جي طبعي تقاضا هيءَ هئي ته واپار فروغ حاصل ڪري ۽ واپاري پنهنجيءَ محنت ۽ مشقت سان برابر فائدو حاصل ڪن؛ مگر حڪومت جي جائز منافعي کي نقصان نه رسڻ گهرجي.
4. سنڌ حڪومت لاءِ اوني ڪپڙي جي واپار ۾ مداخلت ڪرڻ جو هڪ سبب هيءَ به هو ته هو سالياني خراج جي رقم جو هڪ حصو اوني ڪپڙي جي صورت ۾ افغانستان موڪليندي هئي؛ انهيءَ ڪري هوءَ هن تجارت تي پنهنجي ڪنٽرول کان دستبردار ٿي نٿي سگهي.

اهڙيءَ ريت هن ڪشمڪش جي شروعات ٿي. انگريزن کي پنهنجي جائز نفعي سان گڏ حڪومت جي جائز نفعي جو به خيال رکڻ گهربو هو، جنهن کين تجارت ۾ خاص رعايتون ڏيئي ڇڏيون هيون؛ ۽ افغانن کي به هن ڳالهه جو احساس ٿيڻ گهربو هو ته جنهن حڪومت کان هو خراج وصول ڪن ٿا، ان جي مالي وسيلن جي ڪمزوري خود سندن دولت حاصل ڪرڻ واري مقصد ۾ رڪاوٽ ٿيندي. جيڪڏهن هي ٻئي ڏريون حق ۽ انصاف تي ڪاربند رهن ها

تہ ڪشمڪش پيدا نہ ٿئي ها. ائين نہ ٿيو ۽ اڳتي هلي وڌيڪ سببن ڪشمڪش ۾ واڌارو آندو. تنهن هوندي بہ، انگريزن جي لاءِ هيءَ تجارت ايتريقدر تہ نفعي بخش هئي، جو هو گوناگون تڪليفن جي باوجود انهيءَ ۾ لڳا رهيا.

گلاب راءِ: انگريزن جي بيانن مان معلوم ٿئي ٿو تہ ڪن سرڪاري ڪارڪنن کي انهن فرنگي تاجرن جي روش سخت ناپسند هئي ۽ هنن چاهيو ٿي تہ هي ماڻهو تنگ ٿي ملڪ مان نڪري وڃن. انهن ماڻهن مان انگريزن گلاب راءِ جو نالو بار بار ورتو آهي، جو ٺٽي ۾ محصول وصول ڪرڻ تي آفيسر مقرر هو. انگريزن جي بيانن مطابق، هو هر موقعي تي انگريزن جي ڪاروبار ۾ ڪاڻ ڪا رڪاوٽ پيدا ڪندو هو. ڪڏهن مال روڪي ڇڏيندو هو، تہ ڪڏهن محصول جي رقم جي فيصلي ڪرڻ ۾ دير لڳائيندو هو، مگر جيئن تہ تجارت تمام نفعي بخش هئي، انهيءَ ڪري انگريز سيني تڪليفن کي برداشت ڪندا پئي رهيا. هنن ڪن وقتن تي پنهنجون شڪايتون دربار ۾ پهچايون ۽ اتان تاڪيدي حڪم پڻ حاصل ڪيا؛ مگر انگريز جن حالتن پيدا ڪرڻ جا خواهان هئا، اهي پيدا ٿي نہ سگهيون، انهيءَ جو وڏو سبب هيءُ هو تہ خود انگريزن جي دل ۾ دغا هئي: هنن تجارت ۾ زياده کان زياده نفعو حاصل ڪرڻ چاهيو ٿي ۽ اهو خيال نہ هون تہ حڪومت کي بہ سندس جائز حق ملندو رهي.

هڪ دفعي ڪوٽيءَ جي هڪ انگريز اعليٰ انتظامي آفيسر سان گڏ، پريتمداس، ميان غلام شاهہ جي دربار ۾ شاهپور پهتو. اتي سندس جي وڏي عزت ڪئي وئي. پريتمداس ملڪي ماڻهو هو ۽ درٻارين سان بنا تڪلف ملندو رهيو هوندو. هن مختلف درٻارين کان جيڪي ڳالهيون ٻڌيون، انهن جي بنياد تي انگريزن کي صاف صاف چئي ڏنائين تہ اوهان ماڻهن جي نفعي اندوزيءَ متعلق ميان صاحب وٽ مبالغي آميز اطلاع پهچي چڪا آهن، انهيءَ ڪري سرڪاري ڪارڪن اوهان کي تنگ ڪري رهيا آهن.

مسقط جي لاءِ قلمي شورو: انگريز قلمي شوري جو مقاطعو ڪٽي چڪا هئا. انهيءَ عرصي ۾ مسقط جي امام طرفان هڪ وڪيل قلمي شوري خريدڻ لاءِ سنڌ پهچي ويو. ميان غلام شاهه کي ان جو خيال رکڻ ضروري هو، جو جو محمد مرادياب خان جڏهن ملڪ مان نڪري وڃڻ جو ارادو ڪيو هو، تڏهن پنهنجو سمورو خزانو مسقط موڪلي ڏنو هئائين. ۽ پوءِ جڏهن هو اوچتو معزول ٿي ويو، تڏهن مسقط جي امام، محمد مراد ياب خان جي موڪليل خزاني جو وڏو حصو غلام شاهه کي واپس ڏياري موڪليو ۽ باقي رهيل خزاني موڪلڻ جو واعدو ڪيو هئائين. عام حالات کان سواءِ، انهيءَ خاص ضرورت کي سامهون رکندي، ميان صاحب امام موصوف سان دوستانا تعلقات قائم رکڻ چاهيا ٿي؛ چناڇ حڪم ڏنو ويو تہ 'مسقط جي امام جو وڪيل، جنهن بہ هنڌان ڪيس جيترو بہ قلمي شورو گهرجي، خريد ڪري'.

انگريزي ڪمپنيءَ جي سنڌي شاخ جي ڪارڪنن لاءِ هيءُ فرمان وڏيءَ پريشانيءَ وارو هو، حالانڪ انهيءَ ۾ هنن جي مقاطعي جي حقن کي ڪوبہ نقصان نہ پهتو هو. هنن سنڌ مان قلمي شوري جي خريداريءَ کي پنهنجي پنهنجي واپاري مصلحت جي خلاف ڄاتو، انهيءَ ڪري پنهنجي صدر دفتر بمبئيءَ ڏانهن لکي موڪليائون تہ 'مسقط جي امام ڏانهن پنج سؤ مڻ قلمي شوري جا معمولي اڳهہ تي اوهين پاڻ موڪلي ڏيو تہ جيئن وڪيل هتان واپس هليو وڃي'.

انگريزن جون خودغرضيون: ميان صاحب انگريزن کي هڪ نفعي بخش تجارت جي اجازت ڏئي ڇڏي هئي ۽ ڪيس بجا طور اميد هئي تہ هي ماڻهو ضرورت جي وقت ڪم ايندا. پهرئين دفعي، ڪچ تي حملي ڪرڻ وقت، ميان صاحب انگريزن کي چيو تہ هڪ مسلح جهاز مدد لاءِ ڏياري موڪليو. هنن هيءُ چئي انڪار ڪيو تہ ڪچ جي راءَ سان اسان جا دوستاڻا تعلقات آهن ۽ انهن کي بگاڙڻ مناسب نہ آهي.

انهيءَ وچ ۾ هڪ ٻيو واقعو پيش آيو. ميان صاحب جو هڪ ماڻهو- جنهن جو علي نواز خان نالو هو. ويهه هزار رپيا، ست واڇون، چند گرجستاني غلام، حبشي ڪنيزون ۽ ٻيو مختلف سامان ڪٽي سورت ڏانهن ڀڄي ويو. انگريزن جو فرض هو ته انهيءَ پاڳيلي کي گرفتار ڪرائين ها، يا گهٽ ۾ گهٽ پيسا ۽ سامان واپس ڏيارائين ها. ميان مطالبو ڪيو، مگر انگريزن کاڀ مدد نه ڪئي[1].

هڪ دفعي ميان صاحب چيو ته ڏهه هزار گولا ٺهرائي ڏيو ۽ مناسب اڳهه اسان کان ونو. انگريزن ميان صاحب جي اها طلب به پوري نه ڪئي. وري ميان صاحب ٻن ماهر توبچين جي گهُر ڪئي. تجارتي ڪوٺيءَ جي ڪارڪنن پنهنجي طرفان بمبئيءَ لکي موڪليو ته 'هن طلب جي پوري ڪرڻ مان جيتوڻيڪ اسان جي ڪاروبار کي فائدو رسندو، ليڪن دوراندیشيءَ جي اهائي تقاضا آهي ته هن گهُر کي پورو نه ڪيو وڃي ۽ ميان صاحب کي ابتو سبتو جواب ڏيئي، انهيءَ ڳالهه تان تاري ڇڏڻ گهرجي'.

"دوراندیشي" ڪهڙي هئي: سوال پيدا ٿو ٿئي ته انگريزن جي نزديڪ دوراندیشي ڪهڙي هئي؟ اها هيءَ هئي:

1. جيڪڏهن ميان غلام شاهه کي ماهر توبچي ملي ويا ته هو طاقتور حڪمران بنجي ويندو.
2. جيڪڏهن هن کي طاقت حاصل ٿي ويئي ته افغانستان کي خراج ڏيڻ کان آزاد ٿي ويندو.
3. جيڪڏهن هن آزادي حاصل ڪري ورتي ته سنڌ ۾ افغانن جي اچڻ وڃڻ ۽ واپار ڪرڻ جو سلسلو ختم ٿي ويندو.
4. جيڪڏهن افغانن جي اچ وچ روڪجي ويئي، ته سنڌ ۾ اسان جي اوني ڪپڙي جي واپار کي سخت نقصان رسندو.

هيءَ هئي انگريزن جي دوراندیشي ۽ اهو هو نقطهء نظر: هنن فقط اوني ڪپڙي جي واپار خاطر سنڌ کي ڪمزور ۽ افغانستان جو محڪوم رکڻ چاهيو ٿي!

---

[1] "شاهه عبداللطيف"، ص 60

ميان غلام شاهه کين قلمي شوري جي واپار جو مقاطعو ڏئي ڇڏيو هو ۽ رعايتن ۾ به وڏي حوصلي ۽ فراخ دليءَ کان ڪم ورتو هو؛ ڇا، انهيءَ عظيم احسان جو بدلو انگريزن جي نزديڪ اهو هو ته سنڌ جي پيرن ۾ محڪوميءَ جي زنجيرن قائم رهڻ جي تائيد ۽ حمايت ۾ سرگرم رهن؟

ميان صاحب جو حقيقت کي ظاهر ڪرڻ: انگريزن جڏهين بار بار سرڪاري ڪامورن جي خلاف ميان صاحب وٽ شڪايتون ڪيون، تڏهن هڪ موقعي تي ميان صاحب کين جواب ڏنو ته 'اوهين واپاري آهيو ۽ پنهنجي تجارتي فائدي لاءِ منهنجي ملڪ ۾ آيا آهيو؛ مون اوهان کي زياده کان زياده رعايتون ڏنيون، ليڪن اوهان ڇئن سالن ۾ منهنجي هڪ به گهُر پوري نه ڪئي ۽ جڏهن به مون کي ڪا ضرورت ٿي پيئي ته اوهين هميشه ٽال مٽول ڪندا رهيا. اوهين رڳو نفعي جا اميدوار آهيو. انهيءَ سلسلي ۾ اوهان کي پنهنجي فرضن جو ڪڏهن به احساس نه ٿيو. اهو خيال ڪڏهن نه آيو ته جنهن جي ملڪ ۾ ويهي ۽ رعايتون حاصل ڪري، هٽ رنگي رهيا آهيو، ضرورت جي وقت ان جي خدمت اوهان تي واجب آهي. شڪايت جو حق بنهي ڌرين مان جيڪڏهن ڪنهن کي آهي ته فقط مون کي آهي.'

ميان صاحب جي غصي جو نتيجو انگريزن جي وڪيل بمبي مل کي به پوڳٽو پيو. مسقط ۾ بمبي مل جي واپاري ڪوٺيءَ جو جيڪو ڪارندو هو، اهو فوت ٿي ويو، ته ان جو پٽ ڪوٺيءَ مان هڪ لک روپين جو مال ڪٽي پڄي ويو. بمبي مل مال واپس وٺڻ جي ڪوشش ۾ دعوىٰ جي ڏمڪي ڏني، تڏهن هو شخص فقط ويهن هزارن ڏيڻ تي راضي ٿيو. هن سموريءَ رقم ڏيڻ جي هامر نه پري، ته آخر بمبي مل انهيءَ خيال سان دعويٰ داخل ڪئي ته ميان صاحب جي حڪومت سموري رقم ڏيندي. ڏوهاري جيئن ته سنڌي هو، تنهنڪري سندس خلاف ڊڪري حاصل ڪرڻ

مشڪل نہ هو؛ ليڪن ميان صاحب بمبي مل کي فقط ست هزار رپيا ڏيارياء ان سان هيءُ سلوڪ فقط انهيءَ ڪري روا رکيو ويو تہ انگريزن جو وڪيل هو.

انگريزن جي حفاظت: مطلب تہ انگريز پنهنجين خودغرضين ۽ مطلب پرستين سبب ميان صاحب جي نظر ۾ ڪري چڪا هئا ۽ درباري پڙ سندن مخالف هئا. انهيءَ حالت ۾ ٻہ، ميان صاحب انگريزن ۽ ٻين سيني ماڻهن جي حفاظت ۾ ڪڏهن ٻہ ويسر نہ ڪئي. 27 اپريل 1728ع جو واقعو آهي تہ انگريزي ڪوٺيءَ جو ٽامس سيٽون نالي هڪ ڊاڪٽر، سپاهيءَ سان گڏ ٻاهر سير ڪري رهيو هو، تہ اوچتو رڙ جي پاسي کان ڏاڙيل نڪتا، جن ڊاڪٽر کي قتل ڪري ڇڏيو. ميان صاحب کي جڏهن هن واقعي جو اطلاع مليو، تڏهن انگريزن ڏانهن تعزيت نامو موڪليائين ۽ پنهنجي هڪ خاص آفيسر کي ڏوهارين جي ڳولا تي مقرر ڪيائين. واردات جي جاءِ کان ٿوري مفاصلي تي هڪ تازي قبر ملي، ان کي کوٽايو ويو تہ لاش نڪتو، جنهن جي لوندڙيءَ ۾ گولي لڳل هئي. هيءَ گولي مقتول ڊاڪٽر جي پستول جي هئي. ائين معلوم ٿيو تہ هيءُ شخص حملي ڪندڙن ۾ شامل هو، ڊاڪٽر پنهنجي بچاءَ ۾ گوليون هلايون تہ هڪ گولي هن کي لڳي ۽ هو مارجي ويو، اهڙيءَ طرح حملي ڪندڙن جو پتو پئجي ويو. ڏاڙيلن جي سردارن کي گهرايو ويو تہ اصلي ڏوهارين کي پڪڑائي، يا خود سزا پوگهڙ لاءِ تيار ٿي وڃي. چند ڏينهن بعد ٻہ ڏوهاري پڪڑجي آيا. ميان صاحب حڪم ڏنو تہ انهن کي انگريزي ڪوٺيءَ جي سامهون ڪلئي ميدان تي ڦاسي ڏني وڃي. هن حڪم جي لفظ بلفظ تعميل ڪئي ويئي.

ٺٽي لاءِ خطرو: سنڌ جا مختلف قبيلا، ميان يار محمد کان اڳ ٻہ پاڻ ۾ لڙندا رهندا هئا. افغانن جي تسلط ۽ ڪلهوڙا صاحبزادن جي خانہ جنگيءَ سبب حالات خراب ٿيا تہ وري لڙائيون شروع ٿي ويئون. انگريزي ڪوٺيءَ جي ڪاغذات مان معلوم ٿئي ٿو تہ 1768ع ۾

نومڙين جي سردار ڏهه ٻارهن هزار ماڻهو ونيِ جام بجار جوڪئي تي چڙهائي ڪئي[1]. بجار گهٻرائجي نٺي پڄي ويو، تڏهن نومڙين انهيءَ طرف جو رخ ڪيو آخر ميان غلام شاهه ڇهه هزار ماڻهو نومڙين جي ڪن- مهٽ لاءِ مقرر ڪيا ۽ ٻه هزار نٺي جي حفاظت لاءِ موڪلي ڏنا. اهڙيءَ طرح هيءُ فتنو ختم ٿي ويو.

انهيءَ زماني ۾ انگريز ٻه پنهنجي جاءِ ڇڏي بمبي مل جي جاءِ ۾ وڃي وينا، جا زياده مضبوط ۽ حفاظت واري جاءِ هئي. هيءَ جڳهه ٽيهن هزارن رپين ۾ تيار ٿي هئي ۽ هڪ سو روپيا سندس ماهيانو ڪرايو مقرر ٿيو. بمبي مل تجويز پيش ڪئي ته جڳهه جي اخراجات لاءِ ڪيس ٽيهن هزارن جو ڪپڙو ڏنو وڃي، جنهن کي هو جيسلمير طرف ڪٽي وڃي وڪرو ڪندو.

متفرق حالات: انگريزن جي تجارتي ڪوٺيءَ جي سلسلي ۾ هيٺيون ڳالهيون ٻه ذڪر لائق آهن. مثلاً:

1. انگريزن هڪ موقعي تي ٽي هزار نو سو ڏهه وال گرم ڪپڙو پنجويهه هزار چار سو سترهن روپين اڻن آڻن ۾ وڪيو.
2. هڪ پيري هڪ جرمن ڊاڪٽر جيڪب هينري موات، ملازمت جي خيال سان سنڌ پهتو. بمبئيءَ کان هڪ تاکيدي حڪم آيو ته جيئن ته هو غير انگريز آهي، انهيءَ ڪري هن کي قدم جمائڻ جو موقعو نه ڏنو وڃي.
3. هڪ پيري ميان صاحب ڪوٺيءَ جي منتظم کي هڪ قيمتي خلعت ڏني، جنهن ۾ ڪيمخواب جو ڪوٽ، شال ۽ دستار هئي: انهيءَ کان سواءِ هڪ خنجر، سونهري منڻي ۽ سونهري مياڻ سان تلوار، چوغو سون ۾ جڙيل، ياقوت ۽ چانديءَ جي

---

[1] بجار جوڪئي بابت هڪ حڪايت پهريائين لکجي چڪي آهي، جنهن کي فريئر ميان غلام شاهه جي دؤر سان منسوب ڪيو آهي. ڏسو.

Selections from the Records of Bombay Govt. (669 ص)

سنجن سان گهوڑو ڏنو- منتظم قيمتي اوني ۽ ريشمي ڪپڑا اشرفين سان گڏ نذراني ۾ پيش ڪيا.

4. هڪ موقعي تي انگريزن، ميان صاحب جي خدمت ۾ چينيءَ جون هڪ سؤ پليٽون ڏياري موڪليون.

ڪوٺيءَ تي بندش: ميان غلام شاهه جي وفات کان پوءِ، ان جي جانشين ميان سرفراز خان جي دور ۾ سنڌ جا حالات تمام بگڙي ويا. انگريزن مجبور ٿي 24 آڪٽوبر 1775ع تي، تجارتي ڪوٺي بند ڪرڻ جو فيصلو ڪيو[1]. ٽالپرن جي دور ۾ هو وري واپار جي سانگي سان سنڌ ۾ پهتا؛ ۽ آخر آهستي آهستي ٽالپرن جي پاڙ پٽجڻ جو سبب بنجي ويا ۽ سنڌ جي آزادي عجيب غريب طريقن سان سلب ڪري ڇڏيائون.

[1] هي حالات گهٽي ياڳي ٻي. ڏي. مير چنداڻيءَ جي مقالن تان ورتل آهن. جي "سنڌ هسٽاريڪل جرنل" جي مختلف نمبرن ۾ شايع ٿيا. مثلاً آگسٽ 1935ع، ڊسمبر 1938ع ليڪن ترتيب مؤلف جي پنهنجي ڏنل آهي ۽ ضروري تصريح ۽ مؤلف جي ئي آهي. ڪي حالات سورلي جي ڪتاب "شاهه عبداللطيف ؒ" تان ورتل آهن.

باب پنجين جو ضميمو

سنڌ جي حاڪم جا تجارتي پروانا

(1)

پروانو، غلام شاهه عباسي؛ تاريخ 22 سپٽمبر، 1758ع؛
هٿ-اکر لکيل دستخط قاضي محمد يحييٰ.

...

جملي فوجي ۽ ملڪي آفيسرن، فقراء ۽ آبادگارن ۽ دورات، لاهري بندر، اورنگا بندر، ڪراچي، ڌهراجه، چوتره، ماسوتڪ، نخاس، بربندي، غله بازار، اگر، گزر راجا گنت، جوهي بار، سرڪار چاچڪان، ڪڪرالو، نصرپور، هالا ڪنڊي، سرڪار سيوستان، خداآباد، سرڪار نوشهره، وغيره. سيني سرڪار جي عملداريءَ هيٺ آيل بستين جي رهاڪن تي واضع هجي ته سمپٽن صاحب، انگريزي ڪمپنيءَ جي سرڪاري گماشتي، اسان کي اڄ هن ڳالهه بنسبت اطلاع ڏنو ته جملي انهيءَ سامان تي، جيڪو صاحب موصوف سرڪاري ڪمپنيءَ واسطي خريد ڪري بمبئيءَ روانو ڪري ٿو. بازار جي اگهه مطابق، ڏيڊ روپئي في سيڪڙي کان وڌيڪ 'دستوري' نٿو پري؛ اسين ان کي منظور ڪندي، حڪم ڏيون ٿا ته صاحب موصوف کان معمولي رقم کان وڌيڪ هڪ ڪوڏي به نه ورتي وجي. مگر، انهيءُ ولايتي سامان تي، جيڪو بمبئيءَ کان خداآباد، روهڙي ۽ ملتان وغيره ڏانهن روانو ٿئي ٿو، جيڪي ملتان جا واپاري ڏين ٿا، تنهن جو اڌ محمول 'دوان' (Duan)، 'ٽوف' (Towff)، ڪنا (Cunah) وغيره ورتو وجي. جيڪڏهن ڪا جنس اهڙي هجي، جا ملتان جا واپاري ڪڏهن به نه ٿا نين ۽ ان جي 'دستوري' وغيره معلوم ٿي نٿي سگهي، ته اهڙيءَ صورت ۾ انگريزن کان فقط انهيءَ اگهه جو اڌ ونڊ گهرجي، جيڪو وڏا

واپاري ان قسم جي جنس تي ڏيندا هجن- مگر اهو احتياط رکجي ته کانئن ان کان وڌيڪ طلب نہ ڪيو وڃي. نير وغيره ٻہ - جنهن کي هنن اڳ ڪڏهن ٻہ نہ آندو آهي. متئين ذکر ڪيل شرح موجب ڏيڻو پوندو. جيڪڏهن هو پاڻ يا سندس پاران ڪوبہ ماڻهو سرڪار مان يا ٻئي هنڌان، شورو خريد ڪري ته اهڙيءَ صورت ۾ ٻہ سؤ تي ڏيڍ روپئي جي حساب سان ڏيڻو پوندو. ليڪن هن ڳالهہ جو پوريءَ طرح خيال رهي ته ڪوبہ عهديدار توڙي آبادگار وغيره ڪنهن ٻہ حالت ۾ متئين اڳهہ کان وڌيڪ طلب نہ ڪري ۽ ڪنهن ٻہ قسم جي رڪاوٽ سندس تجارتي ڪاروبار ۾ نہ ڪري. هيءُ حڪم پڻ ڏجي ٿو ته جيڪڏهن هو مال جي وڪري نہ ٿيڻ جي حالت ۾ ڪابہ جنس واپس کڻي وڃڻ چاهي، ته ان تي ڪنهن ٻہ قسم جو محصول نہ پوندو ۽ ڪاڏي پيتي جي اهڙين جنسن تي ٻہ محصول نہ پوندو، جيڪي سمپٽن صاحب پنهنجي جهاز تي ڪنهن هنڌان روانيون ڪري. سندس باغ لاءِ ٻہ ڪو مطالبو نہ ڪيو وڃي؛ ۽ ڪوبہ باغبان، ٻيڙيءَ يا جهاز وغيره تي ڪنهن قسم جي جهل نہ ڪري، چاهي ان کي ڪنهن سرڪاري ڪم سان موڪليو وڃي. هيءُ پڻ حڪم ٿئي ٿو ته سندس ڪپڙن جون پيتيون ٻہ هرگز نہ ڪولائجن ۽ نڪي سندس اڇ وڇ ۾ ڪنهن ٻہ قسم جي دست اندازي ٿئي، ڇو ته ائين ڪرڻ قاعدي جي خلاف آهي. ازان سواءِ، متس ڪوبہ نئون محصول نہ لڳايو وڃي ۽ نہ ڪنهن قسم جي تڪليف ڪيس يا سندس ماڻهن کي رسي. ڪيس اختيار آهي ته هو ڪابہ اناج جي جنس ۽ ڪابہ انگريزي جنس ڪهڙي ٻہ اڳهہ تي وڪڻي. گيهہ ۽ تيل وغيره جي ڏبن ۽ پڻ ٻين جنسن جي پيتين ۽ ٽانون وغيره تي انهن جي وزن موجب محصول لڳايو ويندو ۽ وري ٻيهر انهن جي تور نہ ٿيندي. عاڻ تي محصول وڪري جي قيمت موجب ٿيندو. جيڪڏهن سمپٽن صاحب اورنگابندر خواهہ ٽٽي ۾ ڪابہ جڳهہ خريد ڪري يا ڪهرائي، ته اهڙيءَ صورت ۾ اسان جي زير دستن کي گهرجي ته

جيتريقدر ممڪن ٿي سگهي هو سندس مدد ڪن، ته جيئن انهيءَ عمارت تي وڌيڪ خرچ نه لڳي. مطلب ته هر طرح جي دلجوئي ۽ دلاسو صاحب موصوف کي سندس تجارتي ڪاروبار ۾ ملڻ ڪپي، جنهن ۾ سرڪار جي بهبودي آهي؛ مگر ڪنهن ٻئي انگريز کي جاءِ وغيره ڏيڻ نه گهرجي. جيئن ته انگريزن کي خوش رکڻ ۽ انهن جي دلجوئي ڪرڻ هر طرح مناسب آهي، ان ڪري هن حڪم جي پوئواري، هر سال نئين حڪم جاري ٿيڻ جي انتظار کان سواءِ، چگيءَ طرح ٿيندي رهي.

(2)

پروانو، غلام شاهه واليءِ سنڌ؛ شرح محصول وغيره، ڪمپني سرڪار، بمقام سنڌ، تاريخ 22 سيپٽمبر، 1758ع.

جملي فقيرن، يعني جملي شاهي قوم جي هارين، اپر سنڌ جي رهاڪن، ديري دارن، متصدين، جيڪي هينئر جومگيون ۾ موجود آهن توڙي آئيندي اچن، سرڪار جي هٿ هيٺ توڙي نيڪي وارا، ٺٽي، لاهري بندر، اورنگا بندر، ڪراچي، دهراجا، چوتره، مسوٽي، نخاس، بربندي، اناج بازار، خواهه اناج جي محصول جا هنڌ، يعني اگر، گزر راجا گنت، جوهي بازار، سرڪار چاچڪان، ڪڪرالو، سرڪار نصرپور، هالا ڪنبي، سرڪار سيوستان، خداآباد، روهڙي ۽ بين سيني اسان جي سلطنت هيٺ آيل علائقن ڪي معلوم هجي ته صاحب دولت، صاحب صداقت، صاحب ايمان، مشفق مهربان، سمپٽن صاحب، ڪمپني سرڪار جي ڪارندي، هيءَ درخواست ڪئي آهي ته بمبئي ۽ هندستان جي سرڪار موصوف کان سيني واپار جي شين، ايندڙ توڙي ويندڙ، خريد توڙي فروخت تي، انهيءَ هنڌ جي اصل قيمت موجب، ڏيڍ روپئي سيڪڙو محصول ورتو وجي، سو اسان منظور ڪيو. ازان سواءِ، ان بابت هيءُ هدايت تا ڪريون ته گماشتي موصوف کي جملي شين تي، جيڪي هو هتان هُتان آڻي، خداآباد ۽ (لوهڙيءَ) روهڙيءَ ۽ ملتان

وغيره ڏانهن روانو ڪري ٿو، هڪ پٽو يعني اجازت نامو ملڻ کپي؛ ۽ جيڪو سامان هو اتي خريد ڪري، ان تي ٻه مٽي ڇاڻايل محصول کان وڌيڪ نه ورتو وڃي. پٽي ۾ درج ڪيل جنسن تي 'لووسمه'، يعني رستي جي محصول تي جنسون- جهڙوڪ راهداري، ديره داري، منڪٽ (Munket)، نٽ (Nut)، فرهت (Furhut)، ننگنا (Nunguna)، دسراهي دوانہ (Duana) ۽ موتا (Moota)، جيڪي خداآباد، ڪرڪا واري ۽ دولي ۾ ٽين ٽيون. ۽ ٻين جهڙوڪ نوسر، ڪالسي، دوانہ پيشڪاري، جواب خانہ، وغيره تي انهيءَ اڳهه جو اڏو ورتو وڃي. جو ملتان جا واپاري ڏين ٿا ۽ واضع هجي تہ هن ڳالهه جو پوريءَ ريت احتياط ڪرڻ گهرجي. جنهن هنڌ ملتان جي سوداگرن لاءِ ڪوبہ اڳهه مقرر ٽيل نہ هجي، تہ اهڙيءَ صورت ۾، جيڪي ٻين وڏن وڏن واپارين کان ورتو وڃي ٿو، تنهن جو اڏ ونڻ گهرجي ۽ ڪنهن بہ طرح ان کان وڌيڪ طلب نہ ڪيو وڃي. جيڪڏهن ڪارندو موصوف کابہ اهڙي جنس، جيڪا هو اڳي نہ کڻي آيو هجي ۽ نہ وڻي ويو هجي ۽ جنهن جي لاءِ ڪو اڳهه بہ مقرر ٽيل نہ هجي. مثلاً هنگ يا نِير وغيره. تاني کان کڻي اچي يا کڻي وڃي، تہ اهڙيءَ صورت ۾ 'دوانہ' وغيره محصول اوڳاڙيندڙ کي مٽينءَ شرح موجب محصول ونڻ کپي. جيڪڏهن گماشتو موصوف اسان جي عملداريءَ اندر ڪنهن بہ هنڌ شورو بنائي، يا ڪنهن ٻئي کان خريد ڪري، تہ اهڙيءَ صورت ۾ خريداريءَ واري هنڌ جي اصل قيمت تي ڏيڍ رپيو سيڪڙو محصول ونڻ گهرجي. اسان جا متصدي ۽ محصول اوڳاڙيندڙ، ديري دار، رواور، ڪنربان وغيره. جملي ملازم، 'مصري' توڙي اسان جي عملداريءَ ۾ ڪنهن بہ هنڌ، ٻيڙين، مريسر يا چٽ وغيره جي محصول توڙي معمولي محصول جي وصوليءَ جا مجاز نہ آهن ۽ ان باري ۾ ڪيس کابہ روڪ نہ ڪئي وڃي. بهرحال، گماشتي موصوف کي اختيار آهي تہ هو پنهنجي تجارت ۽ ڪاروبار، بنا ڪنهن روڪ ٽوڪ جي،

مرضيءَ مطابق ڪري. مٽي جاٽايل شيون صاحب موصوف کان سواءِ ٻيو ڪوبہ نہ کٹي وڃي. جيڪو سامان نہ وڪڻڻ جي حالت ۾ صاحب موصوف واپس کٹي وڃي. تہ ان لاءِ ڪنهن بہ قسم جي روڪ نہ ڪئي وڃي. ۽ نہ ڪائنس ان جو محصول طلب ڪيو وڃي. جيڪڏهن صاحب موصوف جو جهاز اسان جي ڪنهن بندرگاهہ تي پهچي ۽ هو پنهنجن ساٿين جي ضرورت لاءِ ڊگو، ڳئون، رڍون يا ٻکريون وغيره، ڏٽي يا ٻئي ڪنهن هنڌان خريد ڪري، جهاز تي ڪٹائي وڃي، تہ ان تي ڪائنس محصول طلب نہ ڪرڻ ڪپي؛ نڪي سندس باغ تي محصول ورتو وڃي، جيڪو هن جي آرام لاءِ آهي ۽ سندس باغبانن کي بہ ڪنهن قسم جي تڪليف نہ ڏني وڃي.

اوهان کي سڌ هجي تہ اسان ڪيس انهن مڙني ڳالهين کان آزاد ڪيو. سندس پهرڻ جي ڪپڙن جون پيتيون وغيره جيڪي هو پاڻ سان کٹي وڃي. انهن کي ڪنهن بہ حالت ۾ ڪولايو نہ وڃي ۽ نہ وري ڪنهن بہ طرح انهن جي ڇڪاس ڪرڻ جي دعوا ڪئي وڃي. 'موري' ۽ 'مصري' وغيره تي جيڪي هو کٹي وڃي، محصول نہ طلب ڪيو وڃي ۽ سندس ملازمن توڙي سندس هٹ هيٹ رهندڙ ماڻهن کان بہ ڪنهن قسم جو محصول نہ طلب ڪيو وڃي ۽ نہ ڪي اسان جي حڪم سان اڳاڙجڻ واري ڪنهن محصول ۾، يا نئين دستور موجب آئيندي جيڪو محصول اڳاڙيو وڃي، ان ۾ ڪين ڪا تڪليف پهچي. چانورن تي، جيڪي ڏٽي يا نيگاڻ ۾ وڪڻن ٿا، نرگاڻ يا محصول نہ ورتو وڃي ۽ نہ ڪپهہ تي، جيڪو هتان هتان آندو وڃي ٿو، ڪو محصول طلب ڪيو وڃي. تيل يا گيهہ لاءِ ڏٻي تي مقرر ڪيل حساب مطابق، دستوري طرح حساب ڪري، محصول ورتو وڃي. ڏٻو وڏو هجي توڙي ننڍو، في ڏٻو اٺ مڻ جي تور قائم ٹيڻ ڪپي. 'لووشنہ' يعني هاٿيءَ جي ڏندن تي خريدي قيمت تي نو سيڪڙو محصول ورتو وڃي ۽ ان کان وڌيڪ نہ ورتو وڃي. جيڪڏهن صاحب موصوف، مسٽر سمپٽن، تاني يا اورنگا بندر ۾ پنهنجي ڪارخاني

واسطي ڪا جاءِ نهرائڻ گهري، تہ اهڙيءَ صورت ۾ جاءِ جي اڏاوت ۾ اوهان کي چگيءَ طرح مدد ڏيڻ گهرجي. جيئن اها بلڪل ڪفايت سان تيار ٿئي ۽ هو اسان جي ملڪ ۾، پوريءَ طرح جمي پنهنجي خاطريءَ جهڙو واپار هلائي سگهي. انهيءَ ۾ اسان جي مالي ترقي ۽ ملڪي بهبودي آهي. واضع رهي تہ ڪنهن ٻئي انگريز سان اهڙي عنايت نہ ڪئي وجي ۽ نہ ان کان سندس ڪارخانن جو محصول سندس مرضيءَ مطابق وصول ڪجي. جيئن حضور کي انگريزن سان دوستي رکڻي آهي، ان ڪري حڪم ٿو ڏجي تہ هن پرواني تي پورو عمل ڪجي ۽ نون پروانن جي ضرورت ڪانهي. 18 محرم 1172ھ، يعني 22 سيپٽمبر 1758ع، بمقام احمد آباد، ملڪ سنڌ

(3)

غلام شاهہ سنڌ جي حاڪم جو خط، رابرٽ سمپٽن، ڪمپني سرڪار جي نمائندي ڏانهن، 11 ڊسمبر، 1758ع

...

واضع رهي تہ اسان پنهنجي شاهبندر ۾ رهندڙ سيني ملازمن کي هن ڳالهہ بابت هدايت ڪئي آهي تہ ڪنهن بہ سامان تي، جيڪو شاهي واپاري شاهبندر ۾ آڻين، ڪوبہ محصول نہ ورتو وجي ۽ جيڪو سامان هو هتان ڪٽي وڃن، ان تي بہ مقرر ڪيل شرح موجب محصول ورتو وجي؛ ان ڪري اسين اوهان کي اطلاع ڏيون تہ اوهين دل جي تسليءَ ۽ بلڪل شوق سان، جيڪو سامان جتان وٽيوَ اتان خريد ڪري، هتي اچي واپاري هلايو. اُميد تہ اوهين ڪنهن ماڻهوءَ کي جاءِ جي تياريءَ بابت ڪنهن ڪم جي پسنديءَ لاءِ روانو ڪندا.

(4)

حڪم نامو، غلام شاهہ سنڌ جي حاڪم طرفان، ڪستم داس مهتي جي نالي، تاريخ 18 ڊسمبر 1758ع؛ قاضي صاحب جي مهر لڳل.

توکي حڪم ٿو ڏنو وڃي ته سمپٽن صاحب جي ڪنهن به ٻاهران ايندڙ سامان تي محصول نه وٺ؛ ۽ جنهن به هنڊ صاحب موصوف پنهنجي ڪارخاني لاءِ جاءِ نهرائڻ جي رٽ ڪري، اتي نهرائڻ ڏي ۽ انهيءَ جاءِ جي نهرائڻ ۾ ڪيس چگيءَ طرح مدد ڪر. تون صاحب موصوف سان يگانگت حاصل ڪر، ته جيئن هو بلڪل آسانيءَ سان سوداگريءَ جو سامان آڻي، جنهن ۾ بندرگاهه جي بهتري آهي.

(5)

نقل پروانو غلام شاهه عباسي، 18- محرم، يعني 22- سيپٽمبر 1758ع؛ قاضي محمد يحيٰ جي مهر سان.

جملي ڪمانين، آفيسرن ۽ رهواسين شهر دورات، لاهري بندر، اورنگا بندر، ڪراچي، تاراجا، چاوترا، مسوٽي، نخاس، بربندي، غلہ بزار، گذر راجا گنت، جوهي بار، سرڪار چاچڪان، ڪڪرالو، سرڪار نصرپور، هالا ڪنڊي، سرڪار سيوستان، خداآباد، سرڪار رلورا، وغيره ۽ اسان جي حڪومت سان تعلق رکندڙ سيني علائقن ڪي معلوم هجي ته مسٽر سمپٽن صاحب، انگريز سرڪار جي گماشتي، هندستان ۽ بمبئي جي گورنر طرفان هن ڳالهه بابت اطلاع ڪيو آهي ته هو انهن جملي شين تي جيڪي صاحب موصوف سرڪار ممدوح طرفان خريد و فروخت ڪري ٿو، بازار جي اگهه تي ڏيڍ رپيو سيڪڙو محصول ڏيندو. اسين سندس انهيءَ طلب ڪي منظور ڪيون ٿا ته انهيءَ محصول کان وڌيڪ نه ورتو وڃي، جيڪو صاحب موصوف ڏئي ٿو. انهن ولائتي جنسن تي، جيڪي بمبئيءَ کان هن طرف اچن ٽيون ۽ هتان خداآباد ۽ لاهريءَ ۽ ملتان وغيره موڪليون وجن ٽيون، يا اتان اچن ٽيون، تن تي انهيءَ محصول جو اڌ وٺڻ گهرجي. جيڪو ملتان جي واپارين کان لاري، لگاهي، دوان، ٽوف، ڪنا ۽ چوڪي وغيره جي محصول بنسبت ورتو وڃي ٿو. جيڪڏهن ڪا جنس اهڙي هجي، جيڪا

ملتان جي واپارين کڏهن ٻه نه آندي هجي ۽ جنهن جي شرح دريافت ڪرڻ ممڪن نه هجي تہ اهڙيءَ صورت ۾ انگريزن کان انهيءَ محصول جو اڏ ونڊ گهرجي، جيڪو عام طرح ٻيا وڏا واپاري انهن جنسن تي ڏيندا هجن. ۽ اهو ڏيان رکيو وڃي تہ ڪنهن ٻه حالت ۾ ڪائنڊ وڌيڪ مطالبو نه ڪيو وڃي. هنگ ۽ نير وغيره تي ٻه، جي هن کان اڳ کڏهن نه آيا آهن، مٿي ذڪر ڪيل محصول ورتو وڃي. شوري تي ٻه .. خواهہ پاڻ آڻي، يا سندس لاءِ ڪو ٻيو اسان جي سرڪار مان يا ڪٽان ٻئي هنڌان آڻي. ڏيڍ رپئي سيڪڙي جي حساب سان محصول ونڊ گهرجي. ڪوبہ ماڻهو ان کان وڌيڪ طلب نه ڪري ۽ سندس تجارتي ڪاروبار ۾ ڪوبہ خلل نه وجهي. ظاهر هجي تہ مٿي ڄاڻايل جنسن جي خريدڻ جي ٻئي ڪنهن کي ٻه اجازت نه آهي. هيءُ ٻه واضع هجي تہ کا ٻه چيز جيڪا هو وڪري نہ ٽيڻ سبب واپس ڪٽي وڃي، انهيءَ تي محصول نه لڳندو؛ ۽ کاڌي وغيره جي شين تي ٻه محصول نه ٽيندو، جيڪي هو پنهنجيءَ ضرورت لاءِ تاني وغيره کي ڪٽائي وڃي. سندس باغبانن کان ٻه ڪنهن قسم جو مطالبو نه هئڻ گهرجي؛ ۽ سندس ٻيڙين وغيره کي ڪابہ روڪ نه ڪرڻ گهرجي ۽ نڪي انهن کان اسان جي سرڪار جو ڪم ونڊ گهرجي. هيءُ ٻه حڪم ڏنو وڃي ٿو تہ سندس ڪپڙن جون پيٽيون وغيره کوليون نه وجن. سندس اڇ-وڇ ۾ ڪنهن ٻه طرح جي دست اندازي نه ڪئي وڃي، جو تہ اها ڳالهہ اسان جي سرڪار جي قاعدي جي خلاف آهي. ڪوبہ اهڙو نئون طريقو، سواءِ محصول ۽ اڳين قاعدن جي، جيڪو هن کي نقصان پهچائي، اختيار نه ڪيو وڃي.

مخفي نه رهي تہ هن کي اختيار آهي تہ ڪابہ اناج جي جنس خواهہ ڪابہ ٻي ولائتي جنس، جنهن ٻه اڳهہ تي وٽيس، وڪرو ڪري. گيهہ ۽ تيل وغيره جي ڏبن توڙي پيتين ۽ ٻين جنسن جي ٽانون تي انهن جي وزن مطابق محصول ورتو وڃي ۽ ٻيهر انهن

جي تور ڪرڻ جي ضرورت نہ آهي. هاڻيءَ جي ڏنڊن تي، وڪري جي قيمت موجب، شاهه محمد مراد جي مقرر ڪيل شرح مطابق محصول ورتو وڃي. جيڪڏهن گورنر موصوف پنهنجي ڪارخاني لاءِ ڪا جاءِ اورنگا بندر يا نٽي بندر ۾ جوڙائڻ چاهي يا خريد ڪري، تہ اهڙيءَ صورت ۾ سيني ملڪي ماڻهن کي صاحب موصوف جي مدد ڪرڻ گهرجي، تہ جيئن جاءِ جي اڏاوت ڪفايت سان ٿئي. صاحب موصوف کي سندس تجارتي ڪاروبار ۾- جنهن ۾ اسان جي سرڪار جي پلائي آهي. هر طرح سان دلجمعي ڪرڻ گهرجي. مگر ٻئي ڪنهن ٽوپلي پهريندڙ قوم(انگريز) کي انهيءَ نموني جي اجازت نہ آهي. جيئن تہ اسان کي انگريز سرڪار کي خوش ڪرڻ ضروري آهي، انهيءَ ڪري حڪم ٿو ڏجي تہ هيءُ پروانو، بنا ڪنهن ٻئي حڪم جي انتظار جي، چگيءَ طرح عمل ۾ اچي.

ٽي پروانا: سنڌ جي حاڪم طرفان، جيڪي سال 1761ع ۾ جاري ٿيا.

(1) ترجمو پهرئين پرواني جو، جيڪو سنڌ جي حاڪم غلام شاهه طرفان، تاريخ 22 اپريل 1761ع تي جاري ٿيو.

...

جملي فقيرن، عملدارن ۽ ٻين موجوده توڙي آئينده محصول اڪاڙيندڙ عهديدارن، شهر ٺٽو، شاهبندر، اورنگا بندر، ڪراچي يا ڏاراجا ۽ ٻين جانورن وغيره جي محصول ڪاتي جي عملي وارن يعني نخاس ۽ اناج ۽ چرسا وغيره ۽ گات، چوارين، سرڪار چاچڪان، ڪڪرالو، سرڪار نصرپور، هالا ڪنڊي، سرڪار سيوستان، خداآباد، روهڙي ۽ ٻيا جملي علائقا جيڪي اسان جي حڪومت ۾ آهن، تن سيني کي معلوم هجي تہ مسٽر ارسڪن صاحب، انگريز سرڪار جي ريزيڊنٽ، اسان جي ملڪ سنڌ ۾ پنهنجي تجارتي ڪاروبار وڌائڻ لاءِ درخواست ڪئي: اسان جي سرڪار ۽ آنربل ڪمپنيءَ جي پاڻ ۾ انتهائي دوستيءَ سبب اسان

سندس درخواست کي منظور ڪيو ۽ حڪم ٿا ڏيون ته سواءِ انگريزن جي ٻيءَ ڪنهن به ولائتي قوم کي، واپار جون جنسون سنڌ ملڪ، يا نٽي ۽ بچور ۾، خواهه اسان جي حڪومت اندر ڪنهن به بندرگاهه تي، ڪٽي اڇڻ يا ڪٽي وڃڻ جي اجازت نه رهندي.

واضح رهي ته ڪوبه سوداگريءَ جو سامان، مٽينءَ ڪمپنيءَ جو يا ان جي ڪنهن به رعيتي ماڻهوءَ جو، جيڪو اسان جي ڪنهن به ملڪي بندرگاهه تان روانو ٿئي، ته اهو اڳئين حڪمنامي موجب محصول جوڳو نه رهندو ۽ انهن کان ڪنهن به طرح جو مطالبو نه ڪيو ويندو. جيڪڏهن هو ڪوبه سامان ڪنهن بندرگاهه تان، اڳي مقرر ڪيل شرح مطابق محصول ڏيڻ کان پوءِ، نٽي ۾ ڪٽي اڇن، ته اهڙيءَ صورت ۾ کين سرٽيفڪيٽ ڏيڻ گهرجي ۽ ڪنهن به طرح جو مطالبو نه ڪرڻ گهرجي، ته جيئن هو پنهنجو تجارتي ڪاروبار اطمينان ۽ آرام سان ڪن. جيڪي به جنسون هو ڪنهن بندر کان ڪيڏانهن ڪٽي وڃن، ته اتي، اسان جي اڳئين پرواني موجب، ڏيڍ روپئي سيڪڙي جي حساب سان محصول ورتو وڃي. اهڙيءَ صورت ۾، اڳ ٺهرايل شرح کان سواءِ، وڌيڪ محصول جو مطالبو نه ڪيو وڃي. واضع هجي ته سواءِ ريزيڊنٽ موصوف جي، ٻئي ڪنهن به سوداگر کي سنڌ يا اسان جي حڪومت جي ڪنهن به حد اندر، شوري جي خريد ڪرڻ يا وڪڻڻ جو اختيار نه آهي؛ جيڪڏهن ڪو سوداگر ائين ڪندو. يعني شورو خريد ڪري روانو ڪندو. ته ان لاءِ ڪيس اهڙي سزا ڏني ويندي، جيئن آئيندي لاءِ اهڙيءَ حرڪت کان باز اچي. ريزيڊنٽ ڪمپني موصوف، اسان جي حڪومت ۾ ڪنهن به هنڌان شورو خريد ڪري، يا ڪنهن سوداگر کان ونڻي، ته انهيءَ حالت ۾ محصول اوڳاڻيندڙ عملدار اڳئين شرح موجب محصول اوڳاڻين. جيئن ڪمپني موصوف پنهنجو تجارتي ڪاروبار دلجاءِ ساڻ ڪري. سندس ڏُنگين ۽ ٻيڙين وغيره کي، اجازت حاصل ڪرڻ بعد، ڪابه روڪ ٽوڪ نه ٿئي ۽ نه سندس

واپاري جهازن کي، جي شاهڪڙهه کان ٿيندا وڃن، جهازن جي نگهباني ڪرڻ وارا عملدار روڪين: مطلب ته ڪنهن به طرح ڪيس تڪليف ڏيڻ ۾ نه اچي. خدانخواسته جيڪڏهن سندس ڪو جهاز يا ٻيڙي، پوي، ٻيٽاريءَ تي اچي ڦاسي پوي يا ڪنهن نموني اسان جي حد ۾ پوي ته اهڙيءَ صورت ۾ سرڪار جي ملازمن تي لازم آهي ته ڪيس چڱيءَ ريت مدد ڏين ۽ جيڪو به پڳل جهاز جو سامان وغيره رهجي وڃي، سو فوراً ريزيڊنٽ موصوف جي حوالي ڪيو وڃي: صاحب موصوف، جهاز بچائڻ لاءِ ڪيل محنت ۽ مشقت جو معقول انعام ڏيندو. جيڪڏهن ريزيڊنٽ موصوف شاهبندر ۾ ڪنهن پڪيءَ جاءِ نهرائڻ جو ارادو ڪري، يا باغ پوکائڻ جو خيال ڪري، ته صاحب موصوف کي اختيار آهي ته جنهن به هنڌ کي هو پسند ڪري، اتي نهرائي: ۽ سرڪار جي ماڻهن تي لازم آهي ته هو صاحب موصوف جي مدد ڪن، ته جيئن جڳهه جي تعمير ۾ جلدائي ٿئي. واضع هجي ته اڳيون سَندون ڪنهن به طرح باطل نه آهن ۽ انهن جي ڪاروائي بنا عذر ٿيندي رهي. جيئن ته اسان جي منشاء آهي ته انگريز سرڪار کي راضي رکجي، ان ڪري هن پرواني جي تعميل نهايت احتياط سان ٿيندي رهي ۽ ٻئي نئين پرواني جو انتظار نه رهي. 16 رمضان 1174هـ، يعني 22 اپريل 1761ع

(2)

پروانو ٻيو— غلام شاهه سنڌ جي حاڪم طرفان، لکيل تاريخ 23 اپريل 1761ع.

شاهبندر ۽ ڪرالي جي سيني محصول اڳاڙيندڙ عملدارن خواهه ٺيڪيدارن کي واضع هجي ته مسٽر ارسڪن صاحب، انگريز سرڪار جي سنڌ ۾ ريزيڊنٽ، اڄ هن ڳالهه بنسبت درخواست ڪئي آهي ته 'موري' محصول، جو اڳي هر جهاز تي پنجويهه سيڪڙو امام کي ڏنو ويندو هو، سو سندن جهازن تان معاف ڪيو وڃي. اسين، اها درخواست منظور ڪري، موري

محصول معاف ڪري، اوهان کي لکون ٿا تہ هنن کي موري محصول جي طلب نہ ڪريو. جيڪڏهين اڳي پنجويهن جي شرح کان وڌيڪ في جهاز تي ڏنو ويو هجي، تہ انهيءَ صورت ۾ جيتريقدر زياده ورتو ويو هجي، سو واپس موڪلائي ڏنو وڃي. ان لاءِ وڌيڪ تاڪيد ڄاڻو.

تاريخ 17 رمضان 1174هـ، مطابق 23 اپريل 1761ع

(3)

پروانو ٿيون. غلام شاهہ سنڌ جي حاڪم طرفان، تاريخ 22 اپريل 1761ع

...

جملي فقيرن، عملدارن ۽ بين عهديدارن کي، جيڪي محصول اڳاڙيندڙ توڙي ساموندي محصول جي ٺيڪي وارا، سمند کان راويءَ تائين ۽ اسان جي حڪومت جي حدن اندر ، جيڪي مقرر ٿيل آهن يا آئيندي ٿيندا. واضح هجي تہ آنريبل ريزيڊنٽ صاحب ڪمپني سرڪار، ملڪ سنڌ، ارسڪن صاحب، پنهنجون ٻيڙيون ۽ اٺ، سوداگريءَ جي سامان سان لڏيل، اسان جي حڪومت ۾ روانا ڪري ٿو، انهيءَ ڪري اوهان کي لکجي ٿو تہ هن پرواني ڏسڻ سان محصول معمولي موري، مصري ۽ گزرباني يا سوزڪو، انهن کان نہ ونو ۽ نہ ڪنهن بہ قسم جو ڪم ڪائنئن ونو ۽ نڪي اسان جو ڪو زيردست کين ايذاءُ رسائي ۽ نہ وري سندن ٻيڙين ۽ اٺن وغيره کي ڪا روڪ ڪرڻ ۾ اچي، تہ جيئن هو پنهنجو ڪاروبار بلڪل آرام سان ڪن، جنهن مان اسان جي محصول جي آمدنيءَ جو واڌارو ٿئي. ان لاءِ وڌيڪ تاڪيد ڄاڻو ۽ انهيءَ ۾ ڪنهن بہ قسم جو اعتراض نہ ٿيڻ ڪپي.

تاريخ 16 رمضان 1174هـ

مطابق 22 اپريل 1761ع

متفرق واقعا

ميان عطر خان جون سرگرميون: عطر خان اوباوڙي جي لڙائيءَ ۾ شڪست کائي بهاولپور هليو ويو هو، پر هو اتي به آرام سان نه وينو. هن جا به پائر، خداداد خان ۽ احمد يار خان، هڪئي پنيان هندستان وڃي چڪا هئا، به نندا پائر، غلام نبي خان ۽ عبدالنبي خان به اهل عيال سميت سنڌ مان بهاولپور هليا ويا هئا[1].

عطر خان اڳ ۾ ئي ملتان پهچي چڪو هو، جتان برخوردار خان گوجر کيس ديري اسماعيل خان وٽي ويو ديري جي آسپاس وارن بلوچن برخوردار خان کي قتل ڪري ڇڏيو. عطر خان گهبرائجي وٽي پڳو ۽ بهاولپور ۾ اختيار خان وٽ وڃي پهتو، جو اڳ ۾ ئي بهادر خان سان گڏجي، اوباوڙي ۾ ميان غلام شاهه جي خلاف لڙي چڪو هو ۽ امير محمد مبارڪ خان بهاولپوري کيس ميان صاحب کان معافي ونرائي ڏني هئي. هينئر وري عطر خان کي سنڌ جي گاديءَ تي ويهارڻ لاءِ تياريون شروع ٿي ويون.

افغانستان جي بادشاهه، علي محمد خان ملتان جي ناظم جي جاءِ تي مير هزار خان کي ناظم مقرر ڪيو هو. عطر خان هن جي نالي سنڌ فتح ڪرڻ جو پروانو ورتو. خدا ڄاڻي افغاني دربار ڪهڙي اصول تي هيءُ سيڪجهه ڪري رهي هئي؟ سنڌ کي خانه جنگيءَ جي ميدان بنائڻ سان، هن کان سواءِ ٻيو ڪهڙو نتيجو نڪري سگهيو ٿي ته عام ماڻهو تباهه ٿين ۽ ملڪ جي مالي وسيلن کي نقصان رسي. افغاني دربار جي هيءَ حالت هئي جو جيڪو به

---

[1] "جواهر عباسيه"، ص 183

شخص زياده خراج ڏيڻ جو واعدو ڪندو هو، ان جي نالي حڪومت جو پروانو جاري ڪيو ويندو. هو.

ميان غلام شاهه جو حملو: غلام شاهه جڏهين ڏٺو ته فتنو نئين سر ڪڙو ٿي رهيو آهي ۽ بهاولپور وري سنڌ جي خلاف بغاوت جو مرڪز بنجي رهي آهي، تڏهن هڪدم مقابلي جي تياري ڪيائين. علي محمد خان ملتان جو ناظم، سرڪاري پيسا هيڻ- مٿي ڪرڻ جي ڏوهه ۾ معزول ٿي چڪو هو ۽ پوءِ بهاولپور ۾ وڃي رهائش اختيار ڪئي هئائين. ميان صاحب سمورين حالتن کان افغاني دربار کي واقف ڪيو ۽ عرض ڪيائين ته منهنجو پاءُ عطر خان، بهاولپور ۾ اختيار خان وٽ رهي سنڌ تي حملي ڪرڻ جون تياريون ڪري رهيو آهي. سرڪاري پيسن ۾ تغلب ڪرڻ وارو به اتي ئي آهي. انهن فتنن کي ناس ڪرڻ گهرجي

افغانستان جي بادشاهه ملتان، لاهور ۽ ديرن جي ناظمن جي نالي حڪم جاري ڪيو ته ميان غلام شاهه جي مدد ڪريو. خود ميان صاحب به هڪ جرار لشڪر وٺي، اُباوڙي کان لنگهي خان بيلي پهچي ويو.

اڄ جي مخدوم جي صلح لاءِ ڪوشش: عطر خان، اختيار خان ۽ سندن ساٿين ۾ مقابلي ڪرڻ جي طاقت ڪٽي هئي، سو انهيءَ ڪري پڄي ديراوڙ ڏانهن هليا ويا. امير محمد مبارڪ خان ان وقت اوير مبارڪپور ۾ هو. ميان غلام شاهه کي ان سان ڪابه رنجش ڪانه هئي، فقط فتني جي خاتمي جو ئي مطلب هو. آخر مخدوم حامد "گنج بخش" پنجين جي ذريعي ڏرين جي وچ ۾ صلح جي ڳالهه ٻولهه ٿي. ميان غلام شاهه صاف صاف چئي ڏنو ته مان ڪنهن سان به لڙڻ نٿو گهران. اختيار خان اڳ به منهنجي پاءُ کي پڙڪائي خواهه مخواهه فساد پيدا ڪيو هو ۽ آخر جنگ ۾ ڪيس ۽ سندس ساٿين کي شڪست آئي ۽ مون وري به ڪيس معاف ڪيو. هينئر وري هو شورش تي آماده آهي. مان هنن جي ڏوهه کي نظرانداز

ڪريان ٿو ۽ پنهنجي پاڻ کي سيني سان لڳائڻ لاءِ تيار آهيان. فيصلو تي وجي ته احسان ڄاڻندس، نه ٿيو ته هتان ڪنهن به صورت ۾ نه ٽرندس، پوءِ پل ته ڪهڙي به خطرناڪ لڙائي چو نه لڳي'. مطلب ته صلح جي صورت پيدا ٿي، هن دفعي امير محمد مبارڪ خان، عطر خان کي ميان صاحب جي حوالي ڪرڻ مهمانداريءَ جي اصول جي برخلاف ڄاتو. مخدوم صاحب انهيءَ معمولي ڳالهه تي جهڳڙي کي وڌڻ نه ڏنو. احمد خان ۽ سمهبي خان فيروزاڻيءَ کي ميان غلام شاهه جي خدمت ۾ هيءُ پيغام ڏيئي روانو ڪيائين ته اوهين پوئتي موٽي وجو ۽ دلجاءِ ڪريو ته وري ٻيهر ڪوبه فتنو پيدا نه ٿيندو. اهڙيءَ ريت، هيءَ جنگ جي باهه ڀڙڪندي ڀڙڪندي اجهامي ويئي[1].

ميان عطر خان جي اطاعت: 1178هـ (1764-65ع) ۾ عطرخان جو سيني کان وڏو ساٿي مقصود فقير فوت ٿي ويو. اهو ئي عطر خان کي بار بار ڀڙڪائيندو هو. جڏهن سنڌ جي حڪومت هٿ ڪرڻ جي ڪابه اميد باقي نه رهي، تڏهن عطر خان پشيمان ٿي پاڻ جي خدمت ۾ پهچي ويو. ميان غلام شاهه هن جي عزت ۽ احترام ۾ ڪابه ڪسر نه ڇڏي. اهڙيءَ طرح، مدت کان پوءِ ٻنهي پائرن ۾ مخالفت جو سلسلو هميشه لاءِ ختم ٿي ويو.

امر بالمعروف ۽ نهي عن المنڪر: ميان غلام شاهه جي دور حڪومت ۾ امر بالمعروف ۽ نهي عن المنڪر جو به هڪ مثال ملي ٿو. ان زماني ۾ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي سنڌ جو هڪ تمام وڏو عالم هو. مخدوم صاحب، ميان صاحب کي ان وقت جي مسلمانن ۾ شريعت خلاف رائج رسمن ڏانهن توجهه ڏياريو. مخدوم جي تجويز تي، تاريخ 2 شعبان 1172 هـ (31 مارچ 1759ع) جو ميان صاحب جي طرفان حڪومت جي ڪارپردازن ڏانهن هڪ فرمان جاري ٿيو، جنهن ۾ هيٺين ڳالهين لاءِ تاڪيد ڪيو ويو:

---

[1] هي سمورا تفصيل "جواهر عباسيه" تان ورتل آهن. ص 186-190

1. محرم جي ڏينهن ۾ ماتم ڪرڻ ۽ تابوتن ڪڍڻ کي روڪيو ويو؛
2. سيني نشيدار شين جي استعمال تي بندش وڌي وئي؛
3. ڪيرين، کڏڻ ۽ جوارين تي بندش وڌي وئي؛
4. مسلمان عورتون قبرستانن ۾ نه وڃن؛
5. جاندار شين جون تصويرون نه ڪڍيون وڃن؛
6. ڏاڑهي مُڇ برابر رکائڻ کپي ۽ کنهن کي به کوڙائڻ جي اجازت نه ڏني وئي؛
7. موت جي وقت زالن ۽ مردن کي پٽڻ ۽ پارن ڪڍڻ کان روڪيو ويو.
8. مسلمانن کي نماز، روزي ۽ بين سيني مالي توڙي جاني عبادتن ڏانهن توجهه ڏياريو ويو؛
9. هندن کي حڪم ڏنو ويو ته دڪانن، بازارين ۽ گهٽين ۾ گوڏا اگهاڙا نه ڪن؛ هوليءَ تي ڳائڻ وڄائڻ ۽ ڍهل وغيره جهڙن سازن کي آڻڻ کان باز اچن. مورتين جي اڳيان يا درياهه ۽ سمنڊ کي کليءَ طرح سجدو نه ڪن[1].

ديرن جو قبضو: سال 1181هـ (1767ع) ۾، احمد شاهه ابداليءَ ميان غلام شاهه جي اعليٰ انتظام کان خوش ٿي، ديري غازي خان ۽ ديري اسماعيل خان جا علائقا به سندس حوالي ڪيا. ميان صاحب انهن علائقن جي انتظام کي درست ڪرڻ لاءِ، پنهنجي سر انهن علائقن ۾ ويو. سرڪشن ۽ باغين کي سيکت ڏيڻ کان پوءِ، هر هنڌ وصوليءَ ۽ نظرداريءَ لاءِ پنهنجا ماڻهو مقرر ڪيائين ۽ اتان جي مختلف رئيسن کان يرغمال وٺي واپس موٽيو. "تحفة الڪرام" جي بيان مطابق ميان صاحب ربيع الثانيءَ جي شروعات (سيپٽمبر

---

[1] هيءَ فرمان "الوحيد" جي خاص نمبر 15 جون 1936ع ۾ شايع ٿيو هو. مخدوم هاشر جا حالات علمن جي بيان ۾ پيش ٿيندا.

1767ع) ۾ ديرن طرف ويو هو ۽ 17 رجب (9 ڊسمبر 1767ع) تي واپس موٽيو[1].

"جواهر عباسيه" جو بيان آهي ته ميان جڏهن ديرن جي انتظام درست ڪرڻ لاءِ آيو، تڏهن امير محمد مبارڪ خان بهاولپور جي واليءَ سان به ملاقات ڪرڻ جو شوق ظاهر ڪيائين. علي پور ۾ ٻنهي جي ملاقات ٿي ۽ هڪٻئي کي نهايت نفيس ۽ بيشمار تحفا ڏنا[2].

انتظام ۾ قير قار: ميان صاحب ديرن جي بگڙيل انتظام درست ڪرڻ تي پورو پورو توجهه ڏنو هو؛ ليڪن سندس واپس موٽڻ تي ملڪ ۾ فساد جي باهه ٻيهر ٻري ويئي ۽ ميان صاحب جي ماڻهن کي گهٽ وڌ هڪ سال تائين مقامي باغين ۽ فسادين سان لڙڻ ۾ گذريو. انهن فسادين مان هڪ شخص، جنهن جو نالو نصرت هو، سيني کان سرڪشي ڪرڻ ۾ اڳرو هو. انهن حالتن جو پيش اچڻ کو غيرمعمولي واقعو نه هو. حڪومتن جي ردبدل، هرهنڌ فسادي ماڻهن کي بيپرواهه بڻائي ڇڏيو هو ۽ انهن کي سيکت ڏيئي سنئينءَ راهه تي آڻڻ لاءِ وقت جي ضرورت هئي؛ مگر مخالفن کي احمد شاهه جي ذهن ۾ هن ڳالهه ويهارڻ جو موقعو ملي ويو ته ميان صاحب ديرن جو انتظام ڇڳيءَ ريت هلائي نٿو سگهي، انهيءَ ڪري 1768ع ۾ ديرن جو انتظام سردار جهان خان سپهه سالار جي حوالي ڪيو ويو. مقامي فسادين کي هنگامن برپا ڪرڻ جو زياده حوصلو هن سبب ڪري ٿيو ٿي جو آسپاس سڪ ڏاڙيلن جا ڇاپا جاري هئا. سردار جهان خان انهن سڪن ڏاڙيلن کي تمام سختيءَ سان دٻائي ڇڏيو. 1183هـ مطابق 1769ع ۾، ديرو غازي خان ٻيهر ميان غلام شاهه جي هٿ هيٺ آيو ۽ ان سان گڏوگڏ ديري جو اهو

---

(1) "تحفة الڪرام"، ج 3، ص 116

(2) "جواهر عباسيه"، ص199

علائقو ۽ ميان صاحب کي ڏنو ويو، جو اڳ ملتان جي صوبي جي هٿ هيٺ هو. مختلف روايتن مان معلوم ٿئي ٿو ته ديري جي ٻيهر هٿ ڪرڻ ۾ ديوان گدومل جي اعليٰ تدبيرن جو خاص دخل هو.

نئين جو انتظام: محمد قائم ڪوڪلتاش کان پوءِ، محرم 1184هـ (مئي 1770ع) ۾، ميان صاحب حبيب فقير نائچ کي نئين جو انتظام حوالي ڪيو؛ ان کان پوءِ محمد حسين انهيءَ عهدي تي مقرر ٿيو ۽ ان بعد مراد فقير نظاماڻي 1188هـ (1774ع) تائين شهر ۽ علائقي جي انتظامي ڪاروبار جو نگران رهيو.

هڪ عجيب واقعو: غالباً فرخ سير جي دور حڪومت ۾ بکر علائقي جي جتوئي پرڳڻي ۾ ڪڙن وانگر مصري جون تڙون آسمان مان وسيون هيون.[1] ميان غلام شاهه جي دور ۾ چٽي ڏينهن جي ويجهو، زمين جي هڪ ايڪڙ ۾ گوشت جا ٽڪرا آسمان مان ڪريا هئا. انهن مان ڪجهه ٽڪرا ميان صاحب وٽ آندا ويا. هن اهي ٽڪرا ڪتن کي وجهرايا، مگر ڪنهن به انهن کي نه کاڌو. رنگ ۽ بوءِ ۾ سوئر جو گوشت معلوم ٿي ٿيا.

سنڌو درياءَ جي وهڪري ۾ قيرو: ميان صاحب جي دور جو هڪ نهايت اهم واقعو هيءُ آهي، جو سنڌو ندي پنهنجو اڳوٽو وهڪرو بدلائي نئون وهڪرو شروع ڪيو. اڇڪلهه درياءُ حيدرآباد ۽ ڪوٽڙي جي وچان وهي ٿو، مگر سال 58-1759ع کان اڳ، هن هنڌ تي فقط درياهه جي هڪ شاخ وهندي هئي، جنهن ۾ پاڻي ايترو گهٽ هوندو هو، جو ماڻهو سواءِ ڪنهن خوف خطري جي لنگهي ويندا هئا. اصل درياءُ موجوده حيدرآباد جي اوير ۾ وهندو هو. درياءَ جي هن قير ڪار سنڌ جي جاگرافيائي صورت تي تمام وڏو اثر وڌو. هن متعلق وڌيڪ تفصيل ميجر جنرل هيگ جي ڪتاب مان ملندو[2].

---

(1) "تحفة الكرام"، ج 3، ص 116

(2) "دي انڊس ڊيلٽا ڪنٽري"، ص 118-120

ميان صاحب جو هڪ ظلم: ڪن روايتن مان معلوم ٿئي ٿو ته ميان صاحب پنهنجي هڪ خاص صلاحڪار راجا ليکي جي زور پرڻ ۽ پڙڪائڻ تي، ميان محمد مرادياب خان جي بن صاحبزادن عباس علي ۽ حسين عليءَ کي ٻيڙيءَ ۾ ويهاري ٻوڙائي ڇڏيو. هن واقعي کان پوءِ ايتري پشيماني ٿيس جو ساري عمر دل تي اهوئي ارمان رهندو آيس.

معلوم نه آهي انهن معصوم صاحبزادن جي ٻوڙائي مارڻ جي ڇو ضرورت پيش آئي. گمان آهي ته ميان صاحب کي ٻڌايو ويو هجي ته ماڻهو صاحبزادن کي گاديءَ تي ويهارڻ جا خواهان آهن. پوسٽنز جي بيان مطابق پنهنجي صاحبزادن متعلق معلوم ٿيو هو ته هو، اهڙين سرگرمين ۾ لڳل آهن، جي ميان صاحب جي بلڪل برخلاف هيون[1]. بهرحال انهيءَ کان سواءِ، ميان صاحب کان ڪڏهن به ڪا اهڙي غير مناسب حرڪت عمل ۾ نه آئي، هن واقعي تي ڪنهن شخص چند شعر به چيا هئا، جي هيٺ درج آهن:

دنيا چو بحر شوري موجش هميشه جوشان
بس نامور که در وي گشتند روي پوشان
دو گوهرِ گرامي درّ يتيم هر يک
از جلوهء جمالش دلها شدي خروشان
چون قطره هاي نيسان کردند جا به دريا
هم چون صدف سبک بار رفتند لبِ خموشان

.....

هر درز حسن چهره گلهاي باغ عباس
زير آب سيل رحمت ناگه شدند اوشان
در قلزمِ ارادت کشتيء عقل غرقست
ماندند در تحير اينجا بلند هوشان

---

[1] "سنڌ متعلق ذاتي مشاهدات"، ص 174

از قدرتِ الاهي الهام شد خرد را
يک جاي هر دو رفته تاريخ سالِ اوشان[1].

حيدرآباد جو بنياد وجهڻ: ميان غلام شاهه ڪي تعميرات جو نهايت گهڻو شوق هوندو هو. هن پنهنجي حڪومت جي دور ۾ ڪيترن ئي هنڌن ڪي دارالحڪومت بنائڻ جو ارادو ڪيو، مگر ٿوري وقت کان پوءِ، هر هنڌان ڪک ٽي ڇڏيندو رهيو. آخر ۾ هن جو توجهه سنڌونديءَ جي ڪناري، انهيءَ هنڌ مضبوط بينو، جو مسلمانن ڪي اڳ جي زماني ۾ نيرون يا نيرون ڪوٽ جي نالي سان ڪوٽبو هو. محمد بن قاسم جي پيشقدميءَ وقت، اتان جي ماڻهن مصلحت ڇاڻي دروازا ڪولي ڇڏيا هئا. هيءُ هنڌ آبهوا جي لحاظ کان نهايت بهتر هو؛ انهيءَ سبب، جو هن جي اولهه طرف سنڌو درياءُ وهندو هو ۽ اوير طرف مذڪوره درياءَ جي هڪ شاخ وهندي هئي، جا اڇڪلهه ڪليليءَ جي نالي سان مشهور آهي. ٻيو هن هنڌ ڪي سنڌ جي حڪومت ۾ مرڪزي حيثيت حاصل هئي ۽ ٽيون درياءَ هجڻ سبب اتر ڏکڻ جي آمد رفت ۽ واپار ۾ وڏيون سهوليتون هيون.

ميان صاحب هن هنڌ تي پنهنجي دارالحڪومت بنائڻ جو پڪو ارادو ڪيو. ذي القعد 1182هـ، مطابق مارچ 1769ع ۾، هن هنڌ تي قلعي جي تعمير جو حڪم ڏنو ويو. پوءِ مهاجنن ۽ هندو عاملن ڪي آسپاس ۾ زمين ڏني ويئي، ٿوري ئي وقت ۾ هن هنڌ تي هڪ نهايت شاندار شهر بنجي ويو ۽ سندس نالو حيدرآباد رکيو ويو. هڪ سال کان پوءِ، ميان صاحب هن شهر ۾ اچي سڪونت اختيار ڪئي. قلعي ۾ پنهنجي رهائش لاءِ هڪ محلات ٺهرايو، جنهن جو نقشو شيش محل جهڙو هو. حرمسراءِ کان سواءِ، هن محل ۾ ديوان عام ۽ ديوان خاص به ٺهرايل هئا.

هيگ جو بيان: بهرحال دارلحڪومت سنڌونديءَ جي ڪناري يا ان جي پر ۾ ئي ٺهي سگهيو ٽي، جهڙيءَ طرح مراد آباد، شاهپور ۽ ان

---

[1] هي شعر ٽوپڻ مل جي تاريخ تان ورتل آهن. هن جو هڪ شعر سمجهه ۾ نه آيو؛ ان جي جاءِ تي مجبورن نقطا ڏيڻا پيا. تاريخي مادي جي باري ۾ به ڪوشش جي باوجود پتو پئجي نه سگهيو، ٻيءَ هڪ روايت مان معلوم ٿئي ٿو ته هيءُ 1174هـ (60-1761ع) جو واقعو آهي.

ڪان اڳ الور، برهمڻ آباد، ٺٽو ۽ منصوره وغيره ۾ درياءَ جي ڪناري تي هئا. انهن شهرن مان ڪي شهر درياءَ جي اُتل سبب ناس ٿي ويا ۽ ڪي شهر درياءَ جي رخ بدلائڻ سببان ناس ٿي ويا. هيگ لکيو آهي تہ ميان صاحب کي هڪ اهڙي هنڌ جي تلاش هئي، جو درياءَ جي هٿچراند کان محفوظ هجي. درياءَ جو وهڪرو بدلجي چڪو هو ۽ حفاظت وارو هنڌ اهوئي هو، جتي ڪنهن زماني ۾ نيرون شهر آباد هو. سنڌ واسي هن کي 'نيرون ڪافر' چون ٿا:

"پراڻي قلعي جا باقي فقط ڪنبر رهجي ويا هئا. جن جون ديوارون زبون ٿيندي ٿيندي، هڪ مٽيءَ جو ڍڳو بنجي چڪيون هيون. آسپاس جي وڏي مرتبي وارن پيرن يا بزرگن جي شهرت رکڻ وارن ماڻهن جي آخري آرامگاهہ لاءِ هن هنڌ جو انتخاب ٿي چڪو هو. عام مسلمان حسن عقيدت سببان هن هنڌ تي دفن ٿيڻ کي نهايت چڱو سمجهندا هئا. غلام شاهہ انهيءَ هنڌ کي صاف ڪرائي ڇڏيو: هن مقدس پيرن جي خاڪ جو ڪوبہ احترام نہ ڪيو ۽ نڪي وري قديم نيرون جي باقي نشانن جو ڪجهہ خيال رکيو. هن هنڌ تي هڪ قلعو تعمير ٿيو، جنهن جو نالو حيدرآباد رکيو ويو. ڪلهوڙن جو هيءُ آخري ۽ سڀ کان وڏو تعميري ڪارنامو 1768ع ۾ شروع ٿيو ۽ 1770ع ۾ سنڌ جي حاڪم هتي سڪونت اختيار ڪئي."[1]

حيدرآباد جي سنگ بنياد جون تاريخون: ميان سرفراز خان کان حيدرآباد جي پايي پوڻ جون هيٺيون تاريخون نقل ٿيل آهن:

1. از عطاهاي واهب منان، حيدرآباد گشت آبادان.

1182 هـ

2. يا رب اجعل هذا البلد آمنا.[2]

1182 هـ

---

[1] "دي انڊس ويلٽا ڪنٽري"، ص 121

[2] هڪ تاريخون رسالي "نئين زندگي"، بابت فبروري 1954ع تان ورتل آهن.

ميان غلام شاهہ جي وفات

ميان غلام شاهہ ڪاميابيءَ سان حڪومت ڪرڻ بعد، مستند روايت مطابق، 3 جمادي الاول 1186ھ مطابق (2 آگسٽ 1772ع) جو وفات ڪئي. هن روايت ۾ وفات جو ڏينهن 'پنج شنبہ' (خميس) ٻڌايو ويو آهي، ليڪن ان ۾ دقت هيءَ آهي تہ 3 جمادي الاول خميس جو ڏينهن نہ هو. سومر يا اڱاري جو ڏينهن هو. روايت جي نقل ۾ ڪتابت ڪرڻ ۾ جيڪڏهن ڪا غلطي ٿي سگهي ٿي تہ ڏينهن جي غلطي ٿئي ها ۽ نہ تاريخ جي. انهيءَ بناء تي قياس هي چوي ٿو تہ وفات 3 تاريخ جي بجاءِ 13 تاريخ جمادي الاول مطابق 12 آگسٽ هجڻ گهرجي ۽ اهوئي ڏينهن خميس جو هو. هيگ لکيو آهي تہ 'ميان صاحب پهرين آگسٽ جو وفات ڪئي'؛ مگر اهو ڏينهن آڇر جو هو[1]. هڪ بي روايت آهي تہ جمادي الاول جي پهرين تاريخ لقوي ۽ فالج جي مرض مٿس حملو ڪيو ۽ بيءَ تاريخ جو فوت ٿي ويو. يعني پهرين آگسٽ 1772ع. عبدالمجيد جوڪئي لکيو آهي تہ "ميان ڪڏهن ڪڏهن بهادريءَ جي جوش ۾ اچي چوندو هو، 'مان احمد شاهہ جي شهر، يعني قندار کي فتح ڪندس؛ سيني امين کي تيار رهڻ گهرجي.' اوچتو ئي فالج جي مرض حملو ڪيو ۽ ڳالهائڻ کان بہ معذور ٿي ويو. ميان سرفراز کي خبر پهچائي ويئي. پٽ، عزيز، سياستدان ۽ طبيب گڏ ٿي ويا. گهٽوئي علاج ڪيو ويو، ليڪن ڪابہ دوا فائديمند ثابت نہ ٿي ۽ جان وجي حق جي حوالي ٿي[2].

---

(1) "دي انڊس ڊيلٽا ڪنٽري"، ص 121

(2) "تاريخ ڪلهوڑا و استقرار حڪومت تالپران"، ص 10-11

وفات جون تاريخون: وفات جون ڪيتريون ئي تاريخون چيون ويون هونديون، ليڪن مؤلف کي فقط پنجن جي خبر پئجي سگهي، جي هيٺ ڏجن ٿيون. انهن ۾ سيني کان پهرين ۽ توجهه جوڳي تاريخ ميان صاحب جي فرزند ميان محمد سرفراز خان جي آهي.

1. آه از بے مهريء گردون دون.
آه از نيرنگ چرخ نيلگون،
خسروِ دوران، غلامِ شاهه دين.
آن که بوسيده فلک او را زمين!
روضهء پرنور چون قصر بهشت،
دلڪشا چون جنتِ مينو سرشت،
سال تاريخش 'سرفراز' از خيال،
جستجو مي ڪرد باصد اختلال،
ناگه ازتنزيل در داد اين ندا،
هاتفي: "جنات فيها خالدا"[1]
1186هـ (1772ع)
2. هاتف فريا ڪرد "رفعت بجنت ولي." (1186)
3. "ميان خفته." (1186)
4. غلام شاه که بوده غلام شاه نجف،
مقام ڪرده ارم همدمي به شاه نجف.
5. عبدالمجيد جوڪئي "تاريخ ڪلهوڙا و استقرار حڪومت تالپران"[2] ۾ هڪ تاريخ چئي آهي:

---

[1] هتي هيءُ واضع ڪرڻ ضروري آهي ته هيءُ قطه تاريخ مڪمل نٿو ياننجي، جيئن پئي شعر جي ٿئي شعر سان ڪابه مناسبت نه آهي. منهنجو خيال آهي ته ڪجهه شعر وچ مان حذف ٿي ويل آهن، انهيءَ ڪري جو هن جي ڪابه معنيٰ نٿي نڪري. هي شعر رسالي "نئين زندگي"، بابت فبروري 1954ع تان نقل ڪيل آهن.

[2] "تاريخ ڪلهوڙا و استقرار تالپران"، قلمي نسخو، ص 13

دلا، آه از قضيه شاه ما،
که گرديد ناگاه جان کاه ما؛
زهي بود مسند نشين شاهِ سند،
ز تابش نخوابيده حکام هند؛
بهمت هميشه قوي حال بود،
بجرات جوان مرد را جان ربود؛
چو نوشيروان عدل بسيار کرد،
چو رستم ز گردان براورد گرد؛
اگر بيوه زن ره رو از دور بود،
ز صيتِ امانش بمستور بود؛
بنا قلعهء حيدرآباد زو،
نشان مانده زو تاجهان ياد او؛
جهان در حياتي اگر شاد کرد،
کنون ملک مرحومي آباد کرد؛
چو جستيم تاريخ آن شه جلي،
خرد، گفت: "رفته بجنت ولي."(1186)

شعر جيتوٽيڪ هر لحاظ کان چڱا هجن يا نہ، مگر انهن مان بہ ميان غلام شاهہ جي سيرت ۽ ان بابت تاثرات چڱيءَ ريت واضع ٿين ٿا.

هڪ سنڌي تاريخ ۾ نقل آهي:"حاڪم غلام مئو" (1186هـ)

وفات جي ڪيفيت: ميان صاحب جو عام طريقو هيءُ هوندو هو، جو صبح جو تمام سوير اٿندو هو ۽ لازمي طرح غسل ڪندو هو. نماز ۽ ٻئي مشغلي کان فارغ ٿي، ڪچهريءَ ۾ وڃي ويهندو هو. اتي ملک جون اندريون ۽ باهريون خبرون ٻڌندو هو. ٻالڪ رام، جو سندس خاص منشي هو، ڪيس خبرون ٻڌائيندو هو. معلوم ٿئي ٿو تہ غسلخاني ۾ اوچتو مٿس فالج ۽ لقوي جو حملو ٿيو ۽ هو بيوس ٿي ڪري پيو. فالج جو اثر زبان تي بہ پيو. ڳالهائڻ جي ڪوشش

ڪيائين ٿي، مگر سمجهه ۾ ڪجهه به نٿي آيو. وات مان گجي اچي رهي هئي. انهيءَ ڏينهن، يا هڪ- ٻه ڏينهن پوءِ، بيهوشيءَ جي حالت ۾ وفات ڪيائين. حيدرآباد ۾ دفن ٿيو ۽ سندس قبر تي نهايت خوبصورت قبو بڻايو ويو. ڪلهوڙا دور جي ٻين عمارتن سان گڏ، هن قبي جو تفصيلي ذڪر پڻ تعميرات جي باب ۾ ايندو.

هڪ عجيب روايت: هڪ روايت آهي ته ميان غلام شاهه حيدرآباد جي قلعي جي تعمير لاءِ، راجا ليکي جي صلاح مطابق، شيخ محمود انصاري عرف "پير مڪي" جو قبرستان ڏهرائي چڏيو. هيءُ قبرستان نيرون ڪوٽ جي هڪ ڏڙي تي هو. اتان مُردن جا هڏا نهايت بيحرمتيءَ سان ڪيرايا ويا. انهيءَ ڪري غسلخاني ۾ ڪيس هڪ غيبي ڏڦڙ لڳو ۽ سندس روح خاڪي پنجري مان پرواز ڪري ويو.[1]

مرزا قليچ بيگ به لکيو آهي ته 1772ع ۾، حيدرآباد جي قلعي جي ڏکڻ اولهه ۾ هڪ ڏڙي تي هڪ ڪچي قلعي جو بنياد رکيو ويو، ته جيئن وڏي قلعي جي حفاظت لاءِ چونڪيءَ جو ڪم ڏيئي سگهي. هن ڏڙي تي پير 'محمد مڪي' جي تربت جي آسپاس هڪ وڏو قبرستان هو. ڪيتريون ئي قبرون قلعي نهرائڻ جي خيال سان ڏهرايون ويون. انهيءَ واقعي کان ٿوريءَ دير بعد ميان صاحب فالج جي مرض سبب فوت ٿي ويو.[2]

اولياءِ ڪرام جون ڪرامتون پنهنجيءَ جڳهه تي مسلم آهن، مگر مٿي ذڪر ڪيل روايت فقط خوش اعتقاديءَ جو ڪرشمو آهي. حقيقت هيءَ آهي ته ميان صاحب تي اوچتو فالج جو حملو ٿيو ۽ هو فوت ٿي ويو، ان ڪري عجائبات پسند ماڻهن ان کي حضرت پير مڪيءَ جي ڪرامت مشهور ڪري چڏيو. جيڪڏهن اها حقيقت هجي

---

(1) "جواهر عباسيه"، ص 209-210. هيءَ روايت هر ڪنهن ماڻهوءَ جي زبان تي آهي. "لب تاريخ سنڌ" ۾ به هن جو ذڪر آهي: ص 222

(2) "تاريخ سنڌ"، ج 2، ص 163-164

ها تہ غيب جو تڦڙ انهيءَ وقت لڳڻ گهربو هو، جنهن وقت قبرن جي بيحرمتي ٿي رهي هئي ۽ راجا ليکي يا قبرستان کي ڍاهڻ وارا ماڻهو انهيءَ غيبي سزا کان محفوظ رهڻ نہ گهربا هئا.

شخصيت: ميان صاحب ڪلهوڙا خاندان جو آخري جليل القدر حڪمران هو. ڪن ماڻهن کيس پنهنجي خاندان جو سڀني کان وڏو حاڪم نهرايو آهي. بنا شبهي سندس کي ڪارناما وڏي قدر لائق ۽ حيرت انگيز آهن. مثلاً، ملڪ نيڪالي ملڻ کان پوءِ ٻيهر حڪومت هٿ ڪيائين ۽ پوءِ انتظام سنياليندي ئي عوام کي امن امان جي دولت سان مالامال ڪيائين ۽ انهيءَ سبب سڀئي ماڻهو سندس ڳڻ ڳائڻ لڳا. افغانستان کي باقاعدي خراج جي رقم ادا ڪرڻ سان گڏوگڏ هن ملڪ جي ترقي، ملڪ واسين جي خوشحالي، نون شهرن ۽ جاين نهرائڻ جو بندوبست ڪيو ۽ ان سان گڏ ڪچ تي نهايت ٻہ ڪامياب حملا ڪيا ۽ ملڪ ۾ اها حالت پيدا ڪئي، جا نادر جي حملي کان اڳ موجود هئي. هي سڀ هڪ غير معمولي شخصيت جا ڪارناما هئا، پر صحيح ائين آهي تہ هن خاندان ۾ ميان يار محمد خان اخلاق ۽ فضيلت ۾ بهترين شخص هو؛ ٻئي درجي تي ميان نور محمد خان ۽ ٽئين درجي تي ميان غلام شاهہ هو. ميان صاحب جيتوڻيڪ لکي پڙهي نہ ڄاڻندو هو، پر پوءِ ٻہ ملڪي انتظام رکڻ جون صلاحيتون منجهس جيڪي موجود هيون، اهي جڏهن عمليءَ طرح ميدان ۾ آيون، تڏهن وڏا وڏا عالم سندس عظمت اڳيان هيچ رهجي ويا.

ڪارڪنن جي سرسري ڪيفيت: ديوان چيلارام سيوهاڻي مالیات جو وزير هو. ڪن روايتن ۾ ديوان گهنشام جو ٻہ ذڪر آيو آهي. ٻالڪ رام خاص منشي هو، جو تحرير ۽ نگارش سان گڏ ضروري خبرون گڏ ڪري ٻڌائيندو هو. مرزا احمد خراساني لشڪر جو مهندار هو، جنهن جي نگرانيءَ ۾ حيدرآباد جو قلعو چوني ۽ گچ سان تيار ڪرايو ويو. ميان صاحب جي خاص فوجي دستي ۾

ٻارهن هزار سوار ۽ پيادا شامل هئا. هن کي گهوڙن جو حد کان وڌيڪ شوق هوندو هو. هڪ چگي گهوڙي جي خريداريءَ ۾ زياده کان زياده رقم ڏيئي به ضرور خريد ڪندو هو.

ميان صاحب جي والده: مشهور آهي ته ميان صاحب جي والده جو نالو مائي گلان هو، جا شروع ۾ طوائف هئي ۽ پوءِ ميان نور محمد خان ساڻس نڪاح ڪيو. هڪ ڪهاڻي مشهور آهي ته مائي گلان کي ناچ ۾ وڏو ڪمال حاصل هو ۽ هر جمعي رات تي شاهه عبداللطيف وٽ ناچ ڪندي هئي. هڪ دفعي شاهه صاحب ايترو خوش ٿيو، جو چيائين ته 'جيڪي گهرٽو هجيئي، سو گهُر!' مائيءَ عرض ڪيو ته 'هڪ پٽ جي آرزو آهي'. شاهه صاحب دعا ڪئي. مائي گلان جو نڪاح ميان نور محمد خان سان ٿيو ۽ منجهانئس ميان غلام شاهه نالي پٽ جائو.

چون ٿا ته شاهه صاحب، ميان غلام شاهه جي ننڍيءَ عمر ۾ ئي سندس عظمت متعلق هنن لفظن ۾ پيشنگوئي ڪئي هئي:

"گلان مان گل پيدا ٿيو، ڪي ٽڙيو، ڪي ٽڙندو". هيءُ واقعو ۽ پيشنگوئي صحيح هجن يا نه، مگر ميان صاحب جي عظمت جي باري ۾ تاريخ جا صفحا ضرور شاهد آهن.

افغانستان جو خراج: قطعي طور معلوم نه آهي ته ميان صاحب کابل کي سالياڻو خراج ڪيترو موڪليندو هو. انگريزن جي واپاري ڪوٺيءَ جي ڪاغذن مان معلوم ٿئي ٿو ته باقاعدگيءَ سان خراج ادا نه ڪيو ويندو هو. جڏهن خراج متعلق تقاضائن جي پرمار ٿيندي هئي، تڏهن ميان صاحب رقم موڪلي ڏيندو هو. افغاني دربار کان گهٽو ڪري اوني ڪپڙي جي فرمائش ٿيندي هئي؛ ميان صاحب خريد ڪري ڏياري موڪليندو هو ۽ اها رقم خراج جي حساب ۾ جمع ڪئي ويندي هئي[1]. ڪن روايتن مان معلوم ٿئي ٿو ته ميان صاحب خراج جي رقم گهٽائي يارهن لکن تي آندي هئي.

---

[1]. "جرنل سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽي"، بابت ڊسمبر 1938ع، ص 72.

1768ع جي حالات ۾ بيان ڪيو ويو آهي ته افغانستان جي طرفان ايلچي آيا، جن ظاهر ڪيو آهي ته 'اسين دهليءَ طرف وڃي رهيا آهيون، هڪ هزار ماڻهو افغاني فوج سان گڏي ڏيو ۽ خراج جي رقم جو پٽ اڏ ڏيو'. ميان صاحب ست لک رپيا ادا ڪيا ۽ هڪ هزار ماڻهو فوج سان گڏي ڏنا.

آزاديءَ جي تڙپ: حالات اهڙا پيدا ٿي چڪا هئا جو ميان صاحب جي حڪومت جي واڳ سنڀالڻ کان اڳ سنڌ غلاميءَ جي زنجيرن ۾ پوريءَ طرح جڪڙجي چڪي هئي ۽ ميان صاحب کي مجبوراً اها صورت قبول ڪرڻي پيئي. انگريزي کوٽيءَ جي ڪارڪنن جي شهادتن مان معلوم ٿئي ٿو ته ميان صاحب هر وقت انهن زنجيرن ٽوڙڻ لاءِ بيتاب رهندو هو. ميان صاحب انگريزن کان به هوشيار توبچي گهريا، تڏهن انهيءَ سلسلي ۾ انگريزي کوٽيءَ جي ڪارڪنن بمبئيءَ خط لکيو ته ميان کي جيڪڏهن توبچي ملي ويا ۽ هن ڪچ فتح ڪري ورتو ته وڏو طاقتور حڪمران بنجي ويندو: "هو هڪدم محڪوميءَ جا زنجير ٽوڙي ڇڏيندو؛ خراج جي ادائگي بند ڪري ڇڏيندو؛ پناڻن کان پوري آزادي حاصل ڪري ونندو ۽ پوءِ کين سنڌ جي سرزمين تي پير رکڻ جي به اجازت نه ڏيندو..... انهيءَ ڪري اسان جي اوني ڪپڙي جي تجارت کي سخت ڌڪ لڳندو- غلام شاهه آزاديءَ جي هر موقعي مان فائدي وٺڻ لاءِ ڪوشان رهي ٿو. پناڻن ۽ اتر طرف جي بين واپارين سان اسان جي (انگريزن جي) تجارتي تعلقات جي جيڪا اڳ مخالفت ڪئي ويئي هئي، ان جو سبب به اهو ئي هو. هو سنڌ ۾ افغانن جي اچڻ کي نهايت برو ڄاڻي ٿو ۽ سمجهي ٿو ته هي ماڻهو ملڪ ۾ جاسوسن جي حيثيت رکن ٿا ۽ سندس سرگرمين جون خبرون هٿي پهچائين ٿا."[1]

---

[1]. "جرنل سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽي"، ص 72.

شاديون ۽ اولاد: ميان صاحب ڪيتريون ئي شاديون ڪيون. سندس هڪڙي بيگم ڪچ جي راءَ جي خاندان مان هئي. اسان کي فقط هڪ بيگم، مائي بهوبيگم جو احوال معلوم آهي ۽ جنهن متعلق گمان آهي ته سيني کان وڏي هئي. هن بيگم کي عام ماڻهو مائي "صاحب دولت" سڏيندا هئا. هيءَ جان نثار خان گوجر جي صاحبزادي ۽ نواب الهداد خان جي سڳي ڀيڻ هئي.

ميان صاحب جي ٻن صاحبزادن جو ذڪر عام طرح سان ڪيو وينو آهي[1]- وڏو ميان محمد سرفراز خان جو ميان غلام شاهه جي وفات کان پوءِ گاديءَ تي وينو ۽ ننيو ميان محمود خان جو پٽ چند مهينا نالي ماتر حڪمران رهيو. حڪيم محمد صادق عباسيءَ جيڪو شجرو مون کي عنايت فرمايو، ان ۾ ٽئين صاحبزادي جو به ذڪر آهي. حڪيم صاحب ان جو نالو ميان محمد خان ٻڌايو آهي.

"فتحنامي" جو بيان: هاڻ ميان صاحب متعلق ميرعظيم الدين نٽويءَ جو بيان ٻڌو:

غلام شاه آن سرورِ خوش خطاب،
که از مسکنت بود حالش خراب،
(غلام شاهه جو حال مفلسيءَ سبب نهايت خراب هو.)

چو نشست بر مسند خسروري،
شد از قوتِ بخت حڪمش قوي.
(مگر جڏهن حڪومت جي گاديءَ تي وينو، تڏهن نصيحت جي ياوريءَ سان هن جي حڪومت جو بنياد مضبوط ٿي ويو.)

چو حڪم آمد از احڪم الحاڪمين،
زمين آسمان، آسمان شد زمين.

---

[1]. مثال طور، ڏسو مرزا قليچ بيگ جي "تاريخ سنڌ"، جلد ص 302.

(حاڪمن جي حاڪم [خدا] جو حڪم آيو، ته زمين آسمان بنجي وئي ۽ آسمان زمين بنجي ويو: مطلب هي آهي ته محمد مراديات خان قيد ٿي ويو ۽ غلام شاهه کي حڪومت جي گادي ملي ويئي.)

نشستے مسند به چو مردان دلير،
ستادے به ميدان چو غرنده شير.

(بهادرن وانگر تخت تي ويهندو ۽ گجندڙ شينهن وانگر ميدان ۾ بيهندو هو.)

به مردانگي در جهان سرفراز،
به همت بلندي مسافر نواز.

(مردانگيءَ سبب دنيا ۾ عزت وارو هو، وڏيءَ همت سان مسافرن کي نوازيندو هو.)

جفاڪار و بيرحم و ظالم نبود،
همين عيب بودش که عالم نبود.

(هو جفاڪار ۽ بيرحم ۽ ظالم نه هو، هن ۾ فقط هيءُ عيب هو جو عالم نه هو.)

بهر رنگ عشرت سر تازه داشت،
وليکن به هر امر انداره داشت[1].

(هو عيش عشرت جي هر رنگ ۾ مصروف ڏسڻ ۾ ايندو هو، پر هر ڪم اندازي سان ڪندو هو.)

هڪ اکين ڏٺي شهادت. هڪ اکين ڏٺي شهادت مان ظاهر آهي ته "ميان غلام شاهه عباسي جهانديده، آزمودگار، سخي ۽ مسافر نواز هو. هو بهادري ۽ جوانمرديءَ جي تصوير هو. هن ڪيتريون ئي

---

[1]. "فتحنامو"، ص 54-55.

جنگيون ڏنيون. سندس نصيب جي يا وريءَ ۾ ڪوبہ شبهو نٿو ٿي سگهي. گهوڙن کي داڻو ۽ گاهہ پنهنجين اکين اڳيان ڏيارائيندو هو. جنهن شخص کي جوانمرد ۽ ڳالهہ بولهہ ۾ دلير ڏسندو هو، هڪدم پاڻ وٽ ملازم رکندو هو. هر ٻاهرئين ملڪ مان واپاري ۽ مسافر سنڌ ۾ ايندا هئا، ميان انهن جي پرورش ۾ ڪابہ ڪسر نہ ڇڏيندو هو. جواهرن، قيمتي ڪپڙن ۽ گهوڙن وڪڻڻ وارا ايندا هئا تہ زياده قيمت ڏيئي کانئن خريد ڪندو هو. ملڪي ماڻهو توڙي مسافر سندس دور حڪومت ۾ نهايت خوش ۽ راضي هئا."[1]

هيگ جو بيان: هيگ، ميان غلام شاهہ جي متعلق لکيو آهي تہ هو ڪلهوڙن ۾ سڀني کان وڌيڪ قابل، همت وارو ۽ چست هو؛ انهيءَ کان سواءِ خاندان ۽ قبيلي جي خود داري، عزم ۽ جنگي جوهر منجهس وڏي پيماني جا موجود هئا.... سيرت جي پختگيءَ ۽ ملڪي ڪاروبار جي صلاحيت جي اعتبار کان هو خاندان جو آخري نمائندو هو. ڪلهوڙن جي بدانتظاميءَ ۽ بيرحميءَ مان بہ ڪيس ڇڪو حصو مليو هو. هن جو مضبوط هٿ ساري ملڪ ۾ محسوس ٿيندو هو. هن جڏهن وفات ڪئي، تڏهن حاڪم جي قوت گهٽجي ويئي ۽ سنڌ جو علائقو نئين سر بدانتظاميءَ جي خوفناڪ طوفان ۾ غرق ٿي ويو[2].

ڪلهوڙن جي بدانتظاميءَ ۽ بيرحميءَ متعلق هيگ جيڪي لکيو آهي، تنهن جي مستند تاريخي واقعن مان ڪابہ شهادت نٿي ملي.

عبدالمجيد جوڪيي جو بيان: منهنجو هيءُ تاريخي مسودو مڪمل ٿي چڪڻ لاءِ وڃي رهيو هو تہ عبدالمجيد جوڪيي جي "تاريخ ڪلهوڙا و استقرار حڪومت ٽالپران" جو قلمي نسخو مليو. ان

---

(1). ٽوپڻ مل جي "تاريخ سنڌ".
(2). "دي انڊس ڊيلٽا ڪنٽري"، ص 121.

مان ميان غلام شاهه جي باري ۾ ڪي نيون ڳالهيون معلوم ٿيون مثلاً:

1. ميان جي سخاوت ۽ قدرشناسيءَ سبب هر هنڌ ماڻهو فوج ۾ پرتي ٿيڻ لڳا.
2. ميان سنڌ جي سرحد جي سيني زميندارن کي پنهنجو فرمانبردار بنايو- مثلاً، ديرن جا بلوچ، سيتپور جو قاضي نور محمد، پوچ ڪاڇي، ڄام راڻو، ڄام بجار جوڪيو ۽ ملڪ عزت خان نومڙيو، وغيره. ڪن معمولي ماڻهن کي نوازشن سان وڏي عزت بخشيائين، مثلاً- محمد صديق ويس ۽ محراب جتوئي[1].
3. افغانستان کان گهوڙن جو هڪ سوداگر آيو. هن فقط هڪ گهوڙي جي قيمت ست هزار رپيا ٻڌائي ۽ چيو ته 'انهيءَ ملهه کان گهٽ نه ڏيندس.' ميان سوچيو ته جيڪڏهن اهو گهوڙو آءٌ خريد نه ڪندس ته منهنجي جوانمرديءَ ۽ ناموس جي گهٽتائي ٿيندي ۽ سوداگر سمجهندو ته ايتريءَ عزت ۽ دٻدبي جي باوجود هڪ گهوڙو به خريد ڪري نه سگهيو. سو، پنهنجي گهوڙن جي سيسن جي سردار مرزا فولاد کي حڪم ڏنائين ته گهوڙي کي طبيلي ۾ ٻڌي، ست هزار رپيا خزاني مان سوداگر جي حوالي ڪر ۽ جڏهن سوداگر وڃڻ لڳو، تڏهن کيس انعام پڻ ڏنائين[2].

راجا ليکي ۽ ميربهرام: منور، خوش چشم ۽ دولت افزون ميان جا خاص ناظر هئا. هڪ دفعي کانئن پڇائين ته راجا ليکي ۽ ميربهرام اسان جا خاص معزز سردار آهن، انهن مان اوهان جي خيال ۾ اسان جو وڌيڪ خيرخواهه ڪهڙو آهي؟' منور، جو ٻين ناظرن ۾ سيني کان وڏو هو، تنهن ميربهرام کي راجا ليکيءَ تي ترجيح ڏني. ميان فوراً ئي هڪ خدمتگار کي موڪلي راجا ليکيءَ کي گهرايو. هو

---

[1]. "تاريخ ڪلهوڙا و استقرار حڪومت تالپران"، ص 5.
[2]. "تاريخ ڪلهوڙا و استقرار حڪومت تالپران"، ص 6.

جڏهن آيو، تڏهن ڪيس چيائين ته 'رڍون ۽ ٻڪريون پشم لاءِ خريديون ويندیون آهن، نہ چارڻ لاءِ: مان سمجهان ٿو ته مير بهرام منهنجا چيل ڪم پوريءَ طرح سرانجام نٿو ڪري، انهيءَ ڪري بيفائدو سندس پرورش ڇو ڪئي وجي؟' راجا جواب ڏنو ته 'منهنجو به اهو ئي خيال آهي.' ميان اهو ٻڌي راجا کي اجازت ڏني ۽ ميربهرام کي پاڻ وٽ گهرايو ۽ ان کي چيائين ته 'راجا هر وقت فتني انگيزي ۽ شرارت ۾ لڳو رهي ٿو: منهنجي دل چوي ٿي ته ڪيس شرارت جي سزا ڏني وجي.'

مير فوراً ئي عرض ڪيو ته 'اي حڪومت جا مالڪ! راجا کي ڪيئن اهڙي همت ٿي سگهي ٿي، جو حڪومت جي مالڪ جي خلاف شرارت ڪري! اهو سيني سرائين ۾ خيرخواهيءَ ۾ وڌيڪ آهي. هو حڪمران خاندان سان بدخواهي نٿو ڪري سگهي. ان جي سرفرازي مناسب آهي'.

ميان هي جواب ٻڌي نهايت خوش ٿيو ۽ حڪم ڏنائين ته مير کي خلعت ڏني وجي. مير عرض ڪيو ته اي حاڪم، خيرخواهه لاءِ مناسب ائين ٿيندو ته سياڻي صبح جو پهريائين راجا کي خلعت عطا ڪئي وجي ۽ پوءِ بندي کي سرفراز فرمايو وجي: اهو ٻڌي ميان صاحب ڪاڏيءَ تي آگر رکي چيو ته 'ڏٺئه' اسان جي اميرن ۾ نيڪ نيتي ۽ ملڪي تدبير ۾ بهرام جهڙو ڪوبه ڪونہ آهي!'[1].

حيدرآباد جو بنياد: حيدرآباد جي بنياد متعلق ضروري گالهيون پهريائين ٿي چڪيون آهن. عبدالمجيد جوڪيي جو بيان آهي ته 'ميان هڪ دفعي فرمايو ته سنڌ جي حڪومت پيڙهين کان اسان جي خاندان ۾ آهي، ليڪن اڄا تائين ڪابه اهڙي جاءِ نہ نهرائي ويئي آهي، جا اسان جي حڪومت جو يادگار بنجي. مان هڪ اهڙو قلعو نهرائڻ گهران ٿو، جو هميشه جي لاءِ يادگار طور قائم رهي. اهڙيءَ

---

[1]. "تاريخ ڪلهوڙا واستقرار حڪومت تالپران"، ص 7-9

ريت اهو هنڌ مقرر ٿيو، جتي قديم زماني ۾ نيرون ڪوٽ هو. ميان هڪ دفعي شڪار جي خيال سان نڪتو ۽ جڏهن انهيءَ هنڌ وٽان لنگهيو، تڏهن ڏٺائين تہ اتي پاڻيءَ جي ڪمي نہ آهي، آسپاس جي زمين سيراب آهي، گاهہ تمام گهڻو ٿئي ٿو ۽ قلعي جي ٺهرائڻ لاءِ هڪ مضبوط ٽڪر آهي: اهڙيءَ ريت هن انهيءَ هنڌ تي قلعي ٺهرائڻ جو حڪم ڏنو ۽ وچ ۾ هڪ منارو پڻ ٺهرايو[1]

[1]. "تاريخ ڪلهوڙا ۽ استقرار حڪومت تالپران"، ص 10-11.

ميان محمد سرفراز خان

سرفراز جي سيرت: ميان غلام شاهه جي وفات جي پئي ڏينهن، يا هڪ روايت مطابق ٽئين ڏينهن، محمد سرفراز خان حڪومت جي گاديءَ تي وينو. هو وڏو عالم، سمجهُو ۽ خوش ذوق ماڻهو هو. سندس ڪچهريءَ جي ڏاڪ ايران جي دربار تائين وجي پهتي هئي. هر طرف کان مشهور شاعر ۽ عالم سندس دربار ۾ ايندا هئا. هو هر هڪ عالم جي علم ۽ فضل جو اندازو لڳائيندو هو. سندس ڪمالات جو امتحان ونندو هو ۽ پوءِ هرهڪ کي حيثيت مطابق انعام ڏيندو هو- ڪنهن کي پيسا، ڪنهن کي خلعت، ڪنهن کي گهوڙو، ڪنهن کي خنجر، وغيره. عظيم الدين نٽوي به سندس دربار سان وابسته هو، جو خود چوي ٿو:

من از بزم آن خان صاحب كمال،
همي يافتم كامِ دل چند سال.[1]

(آءٌ به هن ڪمال جي صاحب حاڪم جي ڪچهريءَ مان ڪجهه سالن تائين دل جو مقصد ماڻيندو رهيس.)

احمد شاهه ابدالي جي وفات: ميان محمد سرفراز خان جي تخت نشينيءَ کان اٽڪل به مهينا پوءِ، احمد شاهه ابدالي 20- رجب 1186هـ (17- آڪٽوبر 1772ع) تي، قندار ۾ وفات ڪئي ۽ فوراً ئي تخت نشينيءَ جي سلسلي ۾ تنازعو شروع ٿي ويو. احمد شاهه جو وليعهد، تيمور، هرات ۾ هو. شاهه ولي خان وزيراعظم ابدالي جي

---

[1]. "فتحنامو"، ص 60.

ٻئي پٽ شهزادي سليمان کي، جو سندس نياڻو ٻه هو، تخت تي ويهاريو. تيمور لشکر وٺي آيو ۽ بادشاهه بنجي ويو. شاهه ولي خان وزير ۽ سندس ٻه پٽ لڙائيءَ ۾ مارجي ويا. تيمور جي تخت نشينيءَ جي سلسلي ۾ پائنده خان بارکزئيءَ ۽ دلاور خان اسحاق زئيءَ نمايان خدمتون بجا آندیون هيون. بادشاهه، پائنده خان کي 'سرفراز خان' ۽ دلاور خان کي 'مدد خان' جو خطاب ڏنو. پائنده خان جو اولاد اڳتي هلي افغانستان جو حڪمران ٿيو. مدد خان جو نالو انهيءَ ڪري ياد رکڻ گهرجي ته هن سنڌ کي نهايت بريءَ طرح برباد ڪيو. سنڌ جي هن تباهيءَ جا درد انگيز حالات موقعي تي بيان ٿيندا.

سنڌ افغانستان جي هٿ هيٺ هئي، ان ڪري ميان محمد سرفراز خان، مير بهرام خان تالپر کي عذرخواهيءَ لاءِ قندار روانو ڪيو، جتان ميان صاحب کي خلعت ۽ حڪمرانيءَ جي سند سان گڏ 'خدايارخان' جو خطاب عطا ٿيو.

ديرن ڏانهن روانگي: مرزا قليچ بيگ جي بيان مطابق، ديرن جي حڪومت ٻه ميان صاحب کي ئي ملي هئي. هو پاڻ ذوالحج 1186هـ (مارچ، 1773ع) ۾ اوڏانهن ويو ۽ اٽڪل چئن مهينن تائين اتي رهي انتظام درست ڪيائين ۽ پوءِ تاريخ 12- ربيع الاخر 1187هـ (3- جولاءِ، 1773ع) جو حيدرآباد موٽي آيو.

دائود پوٽن سان تعلقات: "جواهر عباسيه" جو بيان آهي ته سرفراز خان پهريائين پنهنجي وڪيل گلراج کي بهاولپور روانو ڪيو. ظاهريءَ طرح مقصد هيءُ هو ته هو وڪالت جا فرائض بجا آڻي؛ ليڪن حقيقت ۾ هن دائود پوٽن جا حالات معلوم ڪري پنهنجي آقا کي آگاهه ڪرڻ چاهيو ٿي. ميان ديرن جي سفر ۾ مخدوم حامد گنج بخش سان ٻه انهيءَ ڪري ملاقات ڪئي هئي ته دائود پوٽن جي رئيسن کي طرفدار بنائڻ ۾ مدد ڪري. مخدوم پنهنجي طرفان انتهائي ڪوشش جو وعدو ڪيو ۽ ميان هڪ لک

رپيا مخدوم جي لاءِ ۽ هڪ لک رپيا اُڇ جي قلعي جي تعمير لاءِ ڏنا.

مخدوم خانن کي پيسا ڏيئي بهاولپور جي امير کان باغي بنائڻ چاهيو. خانن پيسا ورتا، مگر پنهنجي سردار جي خلاف ميان سان سات ڏيڻ تي آماده نہ ٿيا. ميان ديري غازي خان جي ناظر، گلراج وڪيل ۽ سيتپور جي اهلڪارن کي ب حڪم ڏيئي ڇڏيو هو تہ مخدوم صاحب جيترا ب پئسا طلب ڪري، ڪيس ڏيندا رهجو[1]. گمان آهي تہ اهو ئي موقعو آهي، جنهن تان اُڇ جي گيلاني مخدومن ۽ بهالپور جي اميرن ۾ رنجش پيدا ٿي، جا ڪيتري وقت تائين جاري رهي. حالانڪ شروع ۾ دائود پوٽن ۽ اُڇ جي مخدومن جي وچ ۾ گهرا تعلقات هئا. جڏهن بختيار خان شڪارپور ۾ دائود پوٽن لاءِ نازڪ حالات پيدا ڪري: ڇڏيا هئا، تڏهن اڇ جي ئي مخدومن مان هڪ بزرگ صلح جي ڪوشش ڪئي هئي. وري جڏهن دائود پوٽن ۽ ميان نور محمد جي وچ ۾ لڙائيون ٿيون هيون، تڏهن ب مخدومن ئي صلح ڪرايو هو ۽ انهن ئي دائود پوٽن کي انهيءَ هنڌ آندو، جتي پوءِ رياست بهالپور جو بنياد پيو.

ڪچ تي حملا: ميان محمد سرفراز خان ڪچ تي ب دفعا چڙهائي ڪئي. هڪ دفعي شعبان 1188هـ (آڪٽوبر 1774ع) ۾، جنهن کي "ڪچ گزيٽيئر"، غالباً انهيءَ سبب ڪري 1775ع جو حملو قرار ڏنو، جو هيءَ چڙهائي ڪيترن مهينن تائين جاري رهي ۽ ميان 1775ع جو، سنڌ ڏانهن واپس موٽيو. فوج چوباريءَ مان گذرندي جڏهن ڪنڊي ڪوٽ پهتي، تڏهن ميان اتان جي ڏکر جي ڏيءَ سان شادي ڪئي. ڪچ جي راءَ مقابلي ڪرڻ جي همت نہ ساري، تڏهن وڏي شان ۽ عزت سان ميان جو استقبال ڪيائين. هي صورتحال ڏسندي

---

[1]. هي حالات "جواهر عباسيه" تان ورتل آهن. (ص 125-218ع)- ليڪن هيءَ ترتيب مؤلف جي آهي.

ميان سمورا فتح ڪيل علائقا ڇڏي ڏنا ۽ ڪچ مان گجرات طرف هليو ويو. اتي ڪيترن جاڙيجن سردارن کي تابيعدار بنايو. پوءِ پارڪر مان ٽيندو واپس سنڌ ڏانهن موٽيو. پارڪر جي سردارن جي فرمانبرداريءَ جو ذڪر منشي شيوڪرام "عطارد" نڻويءَ جي خطن ۾ آيو آهي.

"انشايءِ عطارد" جو بيان: هڪ روايت آهي ته حملو آخر شعبان 1188ھ (آڪٽوبر 1774ع) جو ڪيو ويو ۽ شوال (ڊسمبر 1774ع) جي شروعات ۾ واپسي ٿي. "انشايءِ عطارد" ۾، هن احوال جي اجمالي ڪيفيت ملاحظ هجي:

1. قمرالدين جو خط، جنهن ۾ ڪچ ۽ گجرات جي مهمن کان ڪامياب ٿي واپس موٽڻ تي مبارڪبادي عرض ڪئي ويئي آهي[1].
2. صاحبزادي مير محمود خان مبارڪبادي‌ءَ سان گڏ لکيو ته قلعي جو حاڪم پڄي ويو، ماڻهن پريل شهر کي ڇڏي ڏنو ۽ غنيمت جو مال فقيرن جي هٿ آيو. انهيءَ درخواست ۾ آهي ته دائود جي جاڙيجي، ڪنڌي ڪوٽ جي مالڪ، اطاعت قبول ڪئي ۽ لاکا ڳڙهه جو قلعو خالي ٿي ويو[2].
3. مٿيئن ذڪر ڪيل درخواست ۾ آهي ته مخدوم گنج بخش، قمر الدين، دريا خان کوسو، مرزا خان بيگ، لالا امرت راءِ ۽ ٻين وڪيلن جي نالي مبارڪبادي‌ءَ جا خط موڪليا ويا[3].
4. هڪ درخواست مان معلوم ٿئي ٿو ته ڪچ ۽ گجرات جي قلعن فتح ڪرڻ لاءِ فوجون اهڙن هنڌن تان لنگهيون، جتي پاڻيءَ جو نشان به نٿو ملي. اڳوڻي زماني جو ڪو سپهه سالار انهن هنڌن

---

(1). "انشايءِ عطارد"، ص 3-4.
(2). "انشايءِ عطارد"، ص 7-8.
(3). "انشايءِ عطارد"، ص 13-15.

تان لنگهيو. هن درخواست ۾ راڻي خان جي، ڏهڪرجي ۽ جيواجي (پارکر جي حاڪمن) جي اطاعت جو ذڪر آهي.[1]

جيئن ٻڌايو ويو آهي، ته هيءُ حملو ڪڇ جي اتر ۽ اوپر کان ٿيو هو. ٻئي حملي متعلق ڪوبه واضح بيان ملي نه سگهيو، ليڪن حملو ضرور ٿيو هو.

تالپرن سان اختلاف: محمد سرفراز خان جي حڪومت جو سلسلو خوشگوار نموني هلندڙ هو. مير بهرام تالپر پنهنجي تدبر، جوانمردي، وفاداري ۽ عزيزن ۽ ملازمن جي گهٽائيءَ ڪري ميان غلام شاهه جي وقت کان ممتاز حيثيت رکندڙ هو ۽ ميان سرفراز خان جو به تمام مخلص صلاحڪار هو. راجا ليکي ميان صاحب تي وڌيڪ حاوي هو. هن کي تالپرن جو اقتدار پسند نه هو ۽ ڪوڙيون ڳالهيون جوڙي مير بهرام جي خلاف ميان جي دل ۾ بدگمانيون پيدا ڪرڻ لڳو. ڪن روايتن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته ميان، تالپرن جي خلوص ۽ وفا جي آزمائش لاءِ مير بهرام جي ڏيءُ جو سنگ گهريو. مير صاف جواب ڏنو ته، اسان جي خاندان ۾ ڪنهن ڏاڑي ماڻهوءَ سان مائٽي ڪرڻ جو دستور نه آهي. اهو ئي بنياد هو، جتان بدگمانيون شروع ٿيون[2].

سبب ڪهڙو به هجي، مگر بدگمانيون پيدا ٿيون ۽ ٿورن ئي ڏينهن ۾ انهن عداوت جي شڪل اختيار ڪئي. ان جو نتيجو نهايت دردناڪ ٿيو، جنهن جي تفصيل بيان ڪرڻ کان اڳ تالپرن جا سرسري حالات بيان ڪرڻ ضروري آهن.

مير شهداد تالپر: تالپرن مان جنهن شخص ڪلهوڙن جي ماتحت ممتاز حيثيت حاصل ڪئي، اهو مير شهداد هو؛ جو ميان يار محمد

---

(1). "انشاءِ عطارد"، ص 16.

(2). بمبئي حڪومت جي پراڻن ڪاغذن ۾ بيان ڪيو ويو آهي ته ميان سرفراز خان مير فتح خان تالپر جي ڏيءُ جو سنگ گهريو. ڏسو:
Selection from the Records of the Bombay Govt ص 677.

جو نهايت پروسي وارو ڪارڪن هو. ۽ ڪيس 'برخوردار' جو خطاب حاصل هو، جو ڪلهوڙا حڪمرانن جي طرفان ڪنهن خاص ماڻهوءَ کي ڏنو ويندو هو. ميان يار محمد خان کي جڏهن شاهي منصب مليو، تڏهن شهزادي معزالدين حڪم ڪيو ته ملتان جي طرف فوج موڪلي وڃي ۽ يار محمد خان، مير شهداد کي ئي موڪليو هو. مير جي اعليٰ خدمتن کان خوش ٿي، شهزادي ڪيس پٽ باران جي جاگير ڏني هئي. مير شهداد، نور محمد خان جي دور ۾ 2- رجب 1147 هـ (18- نومبر 1737ع) جو وفات ڪئي. هن جو مقبرو شاهپور (تعلقو شهدادپور) جي ويجهو هڪ ڳوٺ ۾ آهي، جو 'شهداد جو قبو' جي نالي سان مشهور آهي.

مير بهرام: مير شهداد جا چار پٽ هئا، جن مان ٽن ڪلهوڙن جي دور حڪومت ۾ مٿانهين حيثيت حاصل ڪئي: مير جام نندو، جو مشهور سپهه سالار هو؛ مير چاڪر خان جو خيرپور رياست جي حاڪمن جو ودّو وارث هو ۽ مير بهرام، جو تالپرن جي سڃي خاندان ۾ سڀني کان بلند شخصيت جو مالڪ هو ۽ ڪلهوڙا خاندان جي سڀني اميرن، ۾ غالباً شاهه بهاري کي ڇڏي، باقي ٻين ۾ مير بهرام جي پايي جو ڪوبه شخص نه هو. مير موصوف پنهنجي والد جي زندگيءَ ۾ ئي مٿانهون درجو حاصل ڪري ورتو هو. ان جي وفات کان پوءِ سڀني تالپرن ۽ بلوچن جو سرپرست بنيو رهيو؛ جڏهن محمد مراد ياب خان کي معزول ڪيو ويو، تڏهن ان جي جاءِ تي ميان غلام شاهه کي فرمانروا بنائڻ ۾ سڀني کان وڌيڪ سرگرم رهيو. محمد عطر خان جڏهن افغاني دربار کان جانشينيءَ جي سند ونڊي آيو ۽ ميان غلام شاهه کي ملڪ ڇڏي جيسلمير طرف وڃڻو پيو، تڏهن مير بهرام علحدگي اختيار ڪئي؛ مگر جن امير عطر خان ۽ احمد يار خان جي بدانتظامين کان تنگ ٿي اندران ئي اندران ميان غلام شاهه کي دعوتناما موڪليا هئا ۽ ڪيس پنهنجي وفاداريءَ جو يقين ڏياريو هو، انهن ۾ مير بهرام به شامل هو.

روهڙيءَ جي جنگ جي دوران ۾، هو، عطر خان ۽ احمد يار خان کان الڳ ٿي ميان غلام شاهه سان وڃي مليو هو ۽ پوءِ ميان صاحب جي وڏي پروسي وارو صلاحڪار بنيو رهيو ۽ ميان سرفراز خان جي دور ۾ به هن جي حيثيت ۾ فرق نه آيو.

راجا ليکيءَ جون شرارتون: راجا ليکيءَ مير بهرام کي ميان سرفراز جي نظرن ۾ ڪيرائڻ لاءِ ڪوڙين شڪايتن جو سلسلو جاري ڪري ڏنو. عظيم الدين نٽويءَ راجا کي ابوجهل ۽ ابولهب سان نسبت رکندڙ ٻهرائيندي لکي ٿو:

نه فضل و نه علم و نه دانش نه دين،
چو بوزينه مي بود .بالا نشين.

(راجا کي فضل، علم، دانش ۽ دين سان ڪوبه تعلق نه هو، هو باندر وانگر مٿانهين جڳهه تي ويهي رهيو هو.)

چو با مير مي رفت تدبير کار،
بجنباندي ريش بوزينه وار.

(سرفراز خان جڏهن مير بهرام سان ملکي ڪاروبار بابت مشورو ڪندو هو، تڏهن راجا باندر وانگر پنهنجي ڏاڙهي وينو لوڏيندو هو.)

دلش سوختي روز و شب از حسد،
که پيش آ مدش زان حسد روز بد.

(هن جي دل حسد کان رات ڏينهن جلندي هئي ۽ انهيءَ حسد جي ڪري ئي ڪيس بچڙو ڏينهن اڇيان آيو.)

بتزوير و مکر و فريب و فساد،
در اول بـنـي خـرابـي نهاد[1]

(هن دوکي، مڪر، فريب ۽ فساد جي بنياد تي خرابيءَ جو سلسلو جاري ڪيو.)

---

[1]. "فتحنامو"، ص 60-61.

شڪايت جي نوعيت: راجا ٻين شڪايتن سان گڏ جيڪا ٻي گالهه ميان سرفراز خان کي وري وري ٻڌائي، اها هيءَ هئي ته مير بهرام خان کان هوشيار رهڻ کپي، هو اوهان کي ڪيرائڻ جي خيال سان ڇار وڇائي رهيو آهي. مون کي انهيءَ سلسلي ۾ ڳجهيءَ طرح پيغام موڪلي ٿو ته سازش ۾ شريڪ ٿي؛ مان اوهان کي تاڪيد ڪريان ٿو ته هن کي ڊر ڏيڻ نه گهرجي ۽ فوراً ئي هن تي قبضو ڪري ونجي. هر روز انهيءَ قسم جي ڪوشش ۾ لڳو رهيو:

اگرچه محمد سرفراز خان،
نبوده چنين غافل و بدگمان،

(جيتوڻيڪ محمد سرفراز خان اهڙو غافل ۽ بدگمان نه هو.)

که بر گفتهء مفسدي جاهلي،
بتقديم آدابِ حق کاهلي،

(جو هڪ شرارتي ۽ جاهل جي چوڻ تي، جو خود حق شناسي ۽ فرضن جي بجا آوريءَ ۾ سست هو.)

عداوت کند با چنين شير مرد،
که در عقل و فرزانگي بود فرد؛

(ان شينهن مڙس جو دشمن ٿيو، جو عقل ۽ فهم ۾ يگاني حيثيت جو مالڪ هو.)

و ليکن قضا کارها مي کند،
نه يک بار بل بارها مي کند.[1]

(ليڪن قضا اهڙيءَ ئي ريت ڪم ڪندي رهي ٿي- هڪ دفعو نه، بلڪ ڪيترائي دفعا اهڙا واقعا پيش اچن ٿا.)

ظاهري طرح مير شهداد جي وفاداري ۽ اطاعت گذاري انهيءَ حد تائين مڃيل ۽ معروف هئي، جو مٽس بد گمان ٿيڻ جو ڪوبه سبب نه هو؛ ليڪن معلوم ٿئي ٿو ته راجا ليکي جي متواتر

---

(1). "فتحنامو"، ص 61.

برغلائڻ سرفراز خان جي دل ۾ شبها پيدا ڪري وڌا ۽ ان جا طبعي نتيجا ظاهر ٿيڻ لڳا.

ديوان گدومل جي نيڪ صلاح: ديوان گدو مل جڏهن سرفراز خان جي دل ۾ مير بهرام لاءِ وسوسو ڏٺو، تڏهن نهايت خلوص سان عرض ڪيائين ته 'اي منهنجا مالڪ! منهنجا سردار! جيتوڻيڪ اوهان کي منهنجي ڪابه پرواهه نه آهي، ليڪن نمڪ حلاليءَ جي حق جي تقاضا آهي ته نيڪ ۽ بد اوهان جي اڳيان ظاهر ڪريان. خدا جي واسطي فتني باز ماڻهن کان پاسي رهو. جي ماڻهو باهه کي پنهنجي دامن سان هوا ڏيڻ ۾ سرگرم رهندا آهن، اهي باهه جي پڙڪڻ تي پڇي ويندا آهن:

بينديش آخر تو تعجيل را،
مکن دشمن خود چنين ايل را؛

(اوهين سوچو، جلدي نه ڪريو، اهڙي قبيلي کي، جهڙو بهرام جو آهي، پنهنجو دشمن نه بنايو؛)

ازين سنجشت فتنه برپا شود،
بنا موس تو رخنه پيدا نشود،

(انهيءَ منصوبي سان، جو مير جي خلاف رٿيو ويو آهي، فتنو پيدا ٿيندو ۽ اوهان جي عزت ۾ رخنو پئجي ويندو؛)

گر از مير داري بخاطر هراس،
تو احسان بوي کن برون از قياس؛

(جيڪڏهن مير بهرام جي طرف کان اوهان جي دل ۾ ڊپ آهي ته مٿس حد کان وڌيڪ احسان ڪريو؛)

با احسان بنهه باربر گردنش،
که از تو نه پيچد دگر گردنش؛

(هن جي گردن تي احسانن جو ايترو بار رکو، جو گردن کي هيڏانهن هوڏانهن ڦيري نه سگهي؛)

بحکم قضا بود چون سنجشش،
نشد سود زين حرف جز رنجشش.

(ليڪن هيءُ منصوبو تضا جي حڪم سان تيار ٿيو هو، انهيءَ ڪري ديوان جي نيڪ مشوري جو نتيجو رنجيدگيءَ وڌڻ کان سواءِ ڪجهه به نه ٿيو.)

قرآن شريف تي واعدو: معلوم ٿئي ٿو ته جڏهن بي اعتمادي وڌي ويئي، تڏهن هڪ دفي صلح جو به انتظام ٿيو. چنانچه ميان محمد سرفراز خان عباسي جو هڪ هٿ اکر لکيل عهد نامو قرآن مجيد تي موجود آهي. هيءُ عهد نامو غالباً ته مير فتح علي خان وٽ موڪليو ويو هو، ته جيئن مير بهرام کي ڏيکاريو وڃي. اندازو آهي ته هيءُ عهد نامو ڏرين جي ناهه کان پوءِ لکيو ويو، جيئن ان جي عبارت مان واضح ٿئي ٿو. عهد نامو هيءُ آهي:

"اين عاصي پر معاصي محمّد سرفراز عباسي، کلام الله، که بخط حضرت شاه ولايت است، درميان آورد، که باوجود خدمت و ثبوت عهد و خدمات که بر ذمه او گزاشته شده است، اعزاز و آبروي برخوردار کامکار بهرام فقير و صوبدار فقير بدستور حضرت مغفرت منزلت نگاه خواهم داشت و از خود خواهم دانست - - - در آن تفاوت نخواهد شد و کسي را ز اولاد بهرام فقير مثل صوبدار فقير نخواهم دانست، و ايشان را لازم که سواي اين و ميان مير محمد طول عمره احدي از قوم کلهوڙه و خواه سرائي الفت نگاه ندارند و در هر حال با ما متفق باشند."[1]

(گناهن سان پريل گنهگار، محمد سرفراز عباسي، هن قرآن شريف کي وچ تي رکي، جو حضرت

---

[1]. هيءُ تحرير ان قرآن شريف تان نقل کيل آهي، جو ٽالپرن جي ڪتبخاني (واقع حيدرآباد) ۾ موجود آهي.

شاهه ولايت علي جو لکيل آهي، چوي ٿو:
منهنجون جيڪي خدمتون ڪيون ويون ۽
وفاداريءَ جي انجام تي ثابت قدم رهڻ جو جيڪو
نمونو پيش ڪيو ويو، ان کي سامهون رکندي،
مان بهرام فقير ۽ صوبدار فقير جي عزت ۽
حرمت اهڙيءَ طرح قائم رکندس، جهڙيءَ طرح
حضرت مغفرت منزلت (غلام شاهه ڪلهوڙو) جي
زماني ۾ هئي: انهن کي پنهنجن خاص ماڻهن ۾
شمار ڪندس ۽ ان ۾ ڪڏهن به فرق اچڻ نه
ڏيندس. بهرام فقير جي اولاد مان ڪنهن کي به
صوبدار فقير جي برابر نه سمجهندس: هنن جي لاءِ
به لازم آهي ته مون ۽ ميان مير محمد کان سواءِ،
ڪلهوڙن يا سرائين مان ٻئي ڪنهن سان به محبت
نه ڪن ۽ هر حال ۾ مون سان اتفاق ڪن.)

تحرير مان معلوم ٿئي ٿو ته بي اعتمادي قائم ٿي چڪي هئي ۽ مير بهرام جو اهو درجو نه رهيو هو جو ڪيس ميان غلام شاهه جي دور حڪومت ۾ حاصل هو؛ مير ازانسواءِ بهرام جي نزديڪ صوبدار کي مير بجار تي ترجيح حاصل هئي. مير محمد، ميان سرفراز خان جو پٽ هو، جنهن سان خاص محبت ۽ الفت جو انجام مير بهرام ۽ مير صوبدار کان ورتو ويو.

مير بهرام جو پٽن سان مشورو: سرفراز خان جي طور طريقي ۾ جيڪو ڦيرو اچي چڪو هو، اهو مير جهڙي دوراندیش ۽ بالغ نظر مدبر کان لکي نٿي سگهيو؛ جڏهن هن کي يقين ٿي ويو ته ميان جي دل ڦري ويئي آهي ۽ سندس اڳوٽي روش بدلجي چڪي آهي، تڏهن هن پنهنجي پٽن مير بجار ۽ مير صوبدار، کي گهرايو ۽ صورتحال بابت مشورو ڪيو. پوءِ پاڻ چيائين ته 'جيڪي اسان جي قسمت ۾ لکيل آهي، سو ضرور اسان کي ڏسڻو پوندو. اسين قرآن

شريف تي ميان سان وفادار رهڻ جو قسم کڻي چڪا آهيون، ان تي قائم رهنداسون. جيڪڏهن ميان کي هروپرو اسان سان ويڑ ٿي پيو آهي تہ ان جي ذميداري اسان تي ڪونهي. هر شخص جي جهڙي نيت هوندي، اها ان کي اهڙو ئي ڦل ڏيارائيندي. اسين پنهنجو سر الله جي رضا جي حوالي ڪري چڪا آهيون. قضا جي حڪم کان ڪير بہ ڪنڌ ڪيائي نٿو سگهي. مان اوهان ٻنهي کي خدا جي حوالي ڪريان ٿو ۽ اجازت ڏيان ٿو تہ ڪجهہ دير جي لاءِ مون کان جدا ٿي وجو ۽ قدرت جا تماشا ڏسو.'

هيءُ ٻڌندي ئي مير بجار حج جي تياري ڪئي ۽ حرمين شريف وڃڻ لاءِ سفر جو سامان ٻڌائين. مير صوبدار جواب ڏنو تہ 'منهنجي تمنا فقط اهائي آهي تہ اوهان جي قدمن ۾ پنهنجو سر قربان ڪريان. اوهين منهنجا قبلا آهيو، اوهان جي دروازي کان سواءِ ٻي ڪابہ پناهہ جي جاءِ ڪانهي. دعا ڪريو تہ مون کي هن اميد پوري ڪرڻ جي توفيق نصيب ٿئي.'

مير بهرام جو قتل: بهرحال، سرفراز خان راجا ليکيءَ جي مشوري مطابق مير بهرام ۽ سندس پٽ صوبدار کي قتل ڪرائڻ جو فيصلو ڪيو. ظاهري طرح سان مير سان سلوڪ ۾ ڪوبہ فرق اچڻ نہ ڏنائين. ڪن وقتن تي قسم کڻي پنهنجي دل جي صاف هجڻ جو يقين ڏيارينڊو هو، ليڪن ڳجهہ ڳوهہ ۾ مير جي قتل ڪرائڻ جون ڪوششون جاري رکنڊو رهيو. هن دردناڪ واقعي جي تفصيلن ۾ هڪ حد تائين اختلاف آهي. "فتحنامي" جو بيان آهي تہ مير بهرام خان خاص ڪچهريءَ ۾ آيو. اتي خاص ماڻهن کان سواءِ ٻيو ڪوبہ موجود ڪونہ هو. فريب خورده سرفراز هڪ ريشم جي ڪپڙي ۾ ويڙهيل خط ڪڍي مير بهرام جي هٿ ۾ ڏنو ۽ چيو تہ 'هي مير بجار جو خط آهي'. بهرام خط هٿ ۾ ونيو، عينڪ لڳائي پڙهڻ لڳو. هن جون نگاهون خط ۾ ئي لڳل هيون تہ حسين نالي هڪ ظالم غلام پٺيان اچي ڪيس تلوار هنئي ۽ هن سياسي مدبر جي

بهادر جي سر ڏڙ کان جدا ڪري ڇڏيائين[1]، جو ڪلهوڙا سلطنت جو سيني کان وڏو ٿنڀ هو.

"فريئر نامي" جو بيان جيتوڻيڪ "فتحنامي" تان ورتل آهي، پر ان ۾ ايتري ڳالهه زياده بيان ڪئي ويئي آهي ته بهرام ۽ صوبدار ٻئي آيا. دربار جي دروازي تي حڪم مليو ته تلوارون لاهي ڇڏيو. مير بهرام پنهنجي تلوار هڪ ڏهن سالن عمر جي ٻار کي ڏيئي پاڻ اندر هليو ويو. صوبدار تلوار لاهڻ گوارا نه ڪئي ۽ باهر دروازي تي بيهي راجا ليکيءَ جي پٽ الهه بخش سان ڳالهيون ڪرڻ لڳو. انهيءَ وچ ۾ مير بهرام مارجي ويو[2].

عبدالمجيد جوڪئي جي لکڻ مطابق واقعي جو تفصيل هيءَ آهي: مير بهرام کي صوبدار مشورو ڏنو ته قتل ٿي وڃڻ کان باغي ٿيڻ بهتر آهي. ٽالپرن انهيءَ مشوري جي تائيد ڪئي، مگر مير بهرام انهيءَ صلاح کي قبول نه ڪيو. 15- جمادي الاخر 1189ھ (13- آگسٽ 1775ع) جو، مير بهرام، صوبدار سان گڏ سلام ٿي ويو ۽ دستور مطابق پنهنجيءَ جڳهه تي وڃي وينو. ميان هڪدم اتان اٿيو. راجا ليکي، الهه بخش جنجهڻ ۽ جام فيروز ساڻ هئس. مشورو ڪيائين، ته حسين نالي هڪ شخص مير جي مارڻ جو واعدو ڪيو. مير کي اتي گهرايو ويو ۽ سندس سر وڍي ڇڏيو ويو. مير جي هڪ نوڪر صوبدار کي خبر ڏني، جنهن فوراً ئي ليکي جي پٽ الهه بخش جو پيٽ ڦاري وڌو. هن سان گڏ ڪمال رند ۽ غلام محمد به هئا. مير صوبدار تي تلوارون وسڻ لڳيون ۽ آخر هو شهيد ٿي ويو[3].

"جواهر عباسيه" لکيو آهي ته ميان سرفراز خان کي علي رضا ايرانيءَ جي ڏيءَ سان عشق ٿي ويو ۽ ساڻس شادي ڪيائين.

---

(1). "فتحنامو"، ص 66-67.
(2). "تاريخ سنڌ"، جلد ٻيو، مصنف مرزا قليچ بيت، ص 167.
(3). "تاريخ ڪلهوڙا واستقرار حڪومت تالپران"، ص 23-26.

ان وقت کان وٺي ميان علي رضا جي حڪمن تي هلڻ لڳو. علي رضا ۽ راجا ليکيءَ جي پڙڪائڻ تي سرفراز خان، مير بهرام کي بنگلي جي چت تي گهرايو ۽ اتي ئي قتل ڪرائي ڇڏيو. مولوي محمد صالح هينينءَ مصرع مان شهادت جي تاريخ ڪڍي:

"شهدِ سرفراز بهرام جنگ[1]"

1189

مير صوبدار جو قتل: مير بهرام جي شهادت سان ڪَڏوڪڏ دشمنن مير صوبدار تي به حملو ڪري ڏنو. صوبدار ان وقت راجا ليکيءَ جي پٽ الهه بخش سان ڳالهيون ڪري رهيو هو. دل ۾ شهبا ته اڳي ئي موجود هئا، سو جڏهن صوبدار ماڻهن کي گوڙ ڪندي پاڻ ڏانهن ايندي ڏٺو، تڏهن صوبدار تلوار کڄي الهه بخش جو ڪم اتي ئي پورو ڪري ڇڏيائين ۽ پوءِ ٻين سان لڙڻ لڳو. سيني هن کي گهيري ۾ آڻي شهيد ڪري وڌو.[2]

"جواهر عباسيه" لکيو آهي ته جڏهن مير بهرام خاص ڪچهريءَ ۾ گهرايو ويو تڏهن صوبدار عام ڪچهريءَ واريءَ جاءِ ۾ وينو رهيو. خدمتگارن جڏهن کيس پيءُ جي شهادت جي اطلاع ڏنو، تڏهن صوبدار ٽپ ڏيئي پنهنجي پيءُ جي گهوڙي تي ٽي وينو ۽ شهدادپور وڃي پهتو. سرفراز خان ڪجهه ماڻهو صوبدار جي قتل ڪرائڻ لاءِ روانا ڪيا. هي اطلاع ملندي ئي صوبدار ميدان تي نڪري آيو ۽ هڪ ئي ڏڪ سان الهه بخش کي ٻه ٽڪرا ڪري

---

(1) "جواهر عباسيه"، قلمي نسخو، ص 218-219.

(2) "فتحنامو"، ص 67-68. فريئر نامي، جو به اهو ئي بيان آهي. معلوم ناهي ته ميجر جنرل هيگ ڪهڙي بنياد تي لکيو آهي ته ميان غلام شاهه، مير بهرام کي شبهن جي بنياد تي خدمتن کان الڳ ڇڏيو؛ ۽ سرفراز خان هڪ قلم اڳتي وڌي مير بهرام ۽ صوبدار کي قتل ڪرائي ڇڏيو. ("دي انبس ديلٽا ڪنٽري"، ص 176)- مير بهرام جي خدمتن کان علحدگيءَ جي ڪري شهادت نٿي ملي، بلڪ سرفراز خان جي دور ۾ به پنهنجي عهدي تي قائم هو. احمد شاهه ابداليءَ جي وفات تي تعزيت لاءِ جيڪو وفد افغانستان ويو هو، ان جو اڳواڻ به مير بهرام ئي هو. رڳو پاڻ اڪيلو ئي نه، بلڪ سندس سموروَ خاندان خدمات تي مامور هو.

وڏائين. پوءِ شينهن وانگر جنگ جي ميدان ۾ قدم جمائي بيهي رهيو ۽ آخر تلوارون ۽ گوليون جهلي شهيد ٿي ويو.[1]

تاريخ شهادت: مير بهرام جي شهادت ربيع الاول 1189هـ (مئي 1775ع) ۾ ٿي. شهادت جي تاريخ منشي بالچند نٿي واري هن طرح لکي آهي:

زهے مير بهرام بهرام- رزم،
که عزمش سرِ نيزه، بر ماه زد؛
ببازيچه در عرصه گاهِ نبرد،
اگر رخ زدي بر رخ شاه زد؛
وليکن چو تقدير بود اين چنين،
قضا از جفا تيغ نا گاه زد؛
بسال وصالش، ملک بر فلک
بگفتا: بفردوس خر. گاه زد.
1189 هـ

مير کي خداآباد نئين ۾، جا هالن جي ويجهو آهي، دفن ڪيو ويو[2]

---

(1). "جواهر عباسيه"، ص 219.

(2). "فريئر نامو"، قلمي نسخو، ص 13؛ "لب تاريخ سنڌ"، ص 123-124. پوسٽنٽر لکيو آهي ته هي، ڳالهه شڪ جوڳي آهي ته مير بهرام کي سرفراز خان هي، سزا ڪنهن غداري، جي بنيادي تي ڏني، يا سرفراز جي دل ۾ مير لاءِ شبهو پيدا ٿي ويو، يا هن جي هر دلعزيزي، ۽ اثر رسوخ جي بنا تي رقابت جي وهڪري ۾ وهي ويو، ليکن هن ۾ شبهو نه آهي ته مير بهرام مدتٽ کان سنڌ جي معاملن جو مختيار رهندو آيو هو: مخدوم هن جي تمام گهڻي عزت ڪندا هٿا ۽ سائس محبت ڪندا هٿا، ان ڪري هن واقعي کان گهڻو متاثر ٿيا. "سنڌ بابت ذاتي مشاهدا"، ص 176.

سرفراز خان جو تخت تاڻ لهڻ ۽ قيد ٿيڻ

سرفراز جو پڇڻ: مير بهرام جو قتل سرفراز خان جي معزوليءَ ۽ قيد ٿيڻ جو پيش خيمو بنجي ويو. مير جي رشتيدارن ۽ قوم وارن جو وڏو تعداد هو ۽ عام ماڻهن ۾ به مير کي وڏيءَ عزت ۽ احترام سان ڏٺو ويندو هو. وري هو ۽ سندس پٽ ان حالت ۾ شهيد ٿيا، جو ظاهري طرح کانئس ڪوبه ڏوهه نه ٿيو هو ۽ سندن حياتن جي هڪ هڪ ساعت ملڪ ۽ قوم جي خدمتن ۾ گذري چڪي هئي. هن خوفناڪ واقعي، ويجهو توڙي پري، هر هنڌ پريشاني ڦهلائي ڇڏي. مير جي رشتيدارن توڙي قوم وارن هر طرف کان سرفراز خان تي حملو ڪري ڏنو. انهن جو سردار مير فتح خان هو، جو مير بهرام جي چاچي جو پٽ هو.

"فتحنامي" جو بيان: سرفراز خان جڏهن حالات جي هيءَ اضطراب انگيز رفتار ڏٺي، تڏهن خداآباد[1] مان، دريءَ مان ٽپي پيرين اگهاڙو پڇي ويو، ساڻس فقط پنج ڇهه ماڻهو همراهه هئا. هو جهنگلن مان ٿيندا درياهه تي پهتا. دريءَ تي هڪ مير بحر جي بيڙي ملي وين، ان ۾ سوار ٿي، راتورات حيدرآباد ۾ پهچي ويا. اتي پيسا تمام گهٽا هئا، سيڊي سامان ۽ بارود وغيره جي ڪمي ڪانه هئي، پر بخت جي ياوري نه هئي، تنهنڪري قلعي، دولت ۽ سامان مان ڪيس ڪوبه فائدو رسي نه سگهيو.

خداآباد جي قلعي تي مير فتح خان جي حملن ۽ سرفراز خان جي پاڇ جي ڪيفيت "فتحنامي" ۾ هن طرح بيان ٿيل آهي:

---

[1]. هن مان مراد "خداآباد نئين" آهي، جا هالن جي ڀر ۾ آهي.

سرفراز خان گشت زانديشهء آب،
برون شد ز كاريز باصد شتاب.

(سرفراز خان خوف ۽ انديشي کان پگهر جي پيو ۽ نهايت تيزيءَ سان دريءَ مان ٻاهر نڪتو).

نه فرصت كه كس كفش در پاش داد،
بـــدريا رخ از راهِ جنگل نهاد.

(ايتري فرصت کانہ هئي جو ڪو شخص هن جي پيرن ۾ جتي پارائي ها، هن جهنگل جي رستي درياهه جو رخ ڪيو.)

ز خـدام شش پنج همراه داشـــت،
ولي جمله شش پنج از بيم كاست.

(جيڪي پنج ڇهه ماڻهو ساڻس گڏ هئا، اهي به خوف وچان الڳ ٿي ويا.)

ببينيد حـــالات دنـيـاي دون،
مسازيد خود رابه دامش زبون.

(ڪميڻي دنيا جي حالات جو تماشو ڏسو، پاڻ کي انهيءَ جي جار ۾ نہ ڦاسايو.)

سحر گاه چون چرخ بركار داشت،
به دل قصدِ سلطانيءَ شـــام داشت.

(صبح جي وقت زمانو سازگار هو، سندس دل ۾ شام جي بادشاهيءَ جو ارادو هو.)

شبانگه به يک دور اين تيره فام،
ميسر نيامد چراغش بـه شام.

(رات جي وقت اونداهي آسمان اهڙو ڦيرو ڪاڏو، جو ڪيس شام جي وقت ڏيئو به ملي نہ سگهيو.)

ز تاريكيء شب دز آن خار زار،
به پايش بيفتاد بي نوک خار.

(اونداهيءَ رات جي وقت انهيءَ جهنگل ۾ سندس پيرن ۾ بيشمار ڪنڊا لڳا.)

هر آن پا که بر فرشِ مخمل کشيد،
قضا بين که خارِ مغيلان دريد![1]

(اهي پير، جي ڪنهن وقت بخمل جي غاليچن تي پوندا هئا، قضا جي هٿان ٻير جي ڪنڊن سان بُريءَ طرح زخمي ٿيا!)

"فريئر نامي" جا تفصيل: 'فريئر نامي' ۾ لکيل آهي ته الهه بخش ليکيءَ جو لاش حيدرآباد آڻي، ميان غلام شاهه جي مقبري اڳيان دفن ڪيو ويو. ميرِ فتح خان کي جڏهن ميرِ بهرام ۽ ميرِ صوبدار جي شهادت جو درد ناڪ واقعو معلوم ٿيو، تڏهن هن بهادر بلوچن جي هڪ جماعت ساڻ ڪري، خداآباد جي قلعي تي چاپو هنيو ۽ چوڪيدارن کي قتل ڪري قلعي ۾ داخل ٿي ويو..... سرفراز خان ميدان تي لڙڻ وارو مڙس نه هو، سو بهادرن جي حملي ڪندي ئي پڄي نڪتو ۽ دريءَ جي رستي قلعي کان ٻاهر هليو ويو. ساڻس چهه خدمتگار گڏ هئا، مٿو ۽ پير اگهاڙا، فقط جان سلامت ڪٽي ٻاهر نڪري سگهيو. جهنگل مان ٽيندو، درياهه جو رخ ڪيائين. ۽ مهاڻن جي ٻيڙيءَ ۾ سوار ٿي حيدرآباد جو رستو ورتائين.[2]

معزولي ۽ اسيري: ڪن روايتن ۾ ذڪر آهي ته ميربهرام جي قتل سرفراز جي دل تي ايترو گهرو اثر وڌو جو ننڊ حرام ٿي ويس. رات جي وقت اڪيلائيءَ ۾ جڏهن اکيون کوليائين ٿي، تڏهن پٽين ۽ دروازن تي ميرِ بهرام جي شڪل ٿي نظر آيس ۽ هو خوف وچان رڙيون ڪرڻ لڳندو هو.

---

(1). "فتحنامو"، ص 71.

(2). "فريئر نامو" ص 13-14 'فريئرنامي' جو هيءُ بيان صحيح نه آهي ته سرفراز حيدرآباد مان سون چاندي ڪٽي نڪتو (ص 14) اڳتي هلي خود لکي ٿو ته جڏهن حيدرآباد جي قلعي تي گهيرو ٿيو ۽ سرفراز کي بچاءَ جي ڪا اميد نه رهي، تڏهن ڪنجيون ٽالپرن جي حوالي ڪيائين (15).

راجا ليکي ۽ سندس ساٿي— جن ۾ الهه بخش جهنجڻ ۽ محراب جتوئي خاص طور ذڪر لائق آهن— مير بهرام کي، قتل ڪرائڻ ۾ سرفراز جا خاص مشير ۽ رفيق هئا. جڏهن سرفراز قلعو ڇڏي ٻڌي نڪتو، تڏهن انهن سيني سندس ساٿ ڇڏي ڏنو ۽ وڃي مير فتح خان سان مليا. مير، سرفراز جي ننڍي ڀاءُ محمود خان کي تخت تي ويهاريو. هڪ شخص کي پنهنجو نائب بنائي وٽس ڇڏيائين ۽ پاڻ تمام تڪڙو، جوش خروش سان حيدرآباد طرف روانو ٿي ويو.[1]

راجا ليکيءَ جو معاملو بہ عجيب آهي. هو ميربهرام کي مارائڻ جي ڪوششن ۾ سيني کان اڳيرو هو، پر جڏهن حالات پلٽو کاڌو تہ هڪدم ٽالپرن سان ملي ويو- پر دلي طرح انهن سان بہ نہ هو، جو اڳتي هلي معلوم ٿيندو.

مٿي ٻڌايو ويو آهي تہ حيدرآباد ۾ جنگي سامان گهٽو موجود هو ۽ کاڌ خوراڪ جي سامان جي بہ ڪمي ڪانہ هئي، پر ان هوندي بہ سرفراز همت هاري چڪو هو- يا، "فريئرنامي" جي قول مطابق، سمجهجي تہ ميدان تي مقابلي ڪرڻ وارو مرد نہ هو. بلوچن کان سواءِ، خود سندس رفيق بہ جڏهن مخالف ٿي ويا، تہ هو مقابلي جي تدبير ئي پلجي ويو ۽ ستن ڏينهن ۾ قلعو فتح ٿي ويو. سرفراز خان ان وقت راجا ليکيءَ کي چيو تہ 'تون تمام بچڙي نموني جو ڪُتو آهين! مون کي ڪهڙي راءِ ڏنئي ۽ پوءِ مون سان ڪهڙو سلوڪ ڪيئي! خدا تو کي ان جي سزا ڏيندو. منهنجي عزت آسمان تائين پهتل هئي، پر تنهنجي فريب مون کي مٿيءَ ۾ ملائي ڇڏيو. آءٌ تنهنجي مڪاريءَ جو اندازو لڳائي نہ سگهيس ۽ ناحق پنهنجي هڪ وفادار امير کي قتل ڪرائي ڇڏيم!'[2]

---

(1). "فريئر نامو"، ص 14-15.

(2). "فتحنامو"، ص 72 ۽ 73؛ ۽ "فريئرنامو"، ص 15'فريئرنامي' ۾ آهي تہ سرفراز خان مجبور ٿي قلعي جون ڪنجيون مير فتح خان جي حوالي ڪيون.

انهن طعنن سان دل جو بخار ته نڪري ٿي سگهيو، پر ڪسجي ويل سلطنت واپس نٿي ملي سگهي. سرفراز کي لاچار قيد قبولڻو پيو.

ديوان گدومل سان سلوڪ: ڪن روايتن مان معلوم ٿئي ٿو ته ديوان گدومل سان به سرفراز خان جو سلوڪ چڱو نه هو. ديوان قد جو غالباً بندرو هو. هڪ ڏينهن ڪچهريءَ ۾ ديوان گدومل جي تحقير ڪرڻ لاءِ بندرن ماڻهن جي فتني بازيءَ جو ذڪر شروع ڪري ڏنائين. گدومل برجستائيءَ سان چيو:

"درازي هاي دست مرد بايد ديد در ميدان،
قدِ ڪوتاه نه بود عيب مانند نر انگلشتان."

(مرد جي بهادري جنگ جي ميدان ۾ ڏسڻ گهرجي؛ قد جو بندرو هجڻ عيب جي ڳالهه ڪانهي؛ يقين نه اچي ته آڱوٺي کي ڏسو.)

هڪ روايت مان معلوم ٿئي ٿو ته صديق خدمتگار جي پٽ فريد جي ذريعي هيءُ افواهه مشهور ڪرايو ويو ته فريد جو ديوان جي ڏيءَ سان تعلق آهي. ديوان کي اها ئي اڪيلي نياڻي هئي. هن افواهه جي ٻڌندي ئي، راتو رات ڏيءَ کي گهٽو ڏيئي سندس لاش کي جلائي ڇڏيائين.

انتظام: ميان سرفراز جي معزوليءَ کان پوءِ حڪومت ٽالپرن جي قبضي ۾ اچي چڪي هئي، ليڪن هنن ان طرف بلڪل توجهه نه ڏنو. جڏهن حيدرآباد جي خزانن جون ڪنجيون مير فتح خان ٽالپر جي اڳيان پيش ٿيون، تڏهن هن چيو ته "اڃا هي ڪنجيون نه ونندس: اسان جو سردار مير بجار آهي، اهو ايندو، پوءِ جيڪو وٽيس سو ڪري. مون جيڪي ڪجهه ڪيو آهي، سو انهيءَ خيال سان نه ته مال ۽ دولت حاصل ڪريان، بلڪ مون فقط پنهنجي خاندان جي بزرگ ۽ پاءُ جو بدلو ونڻ چاهيو ٿي."

"فريئرنامي" جو بيان: "فريئرنامي" ۾ لکيل آهي:

راجه ليکهي وا الهه بخش جهنجن ڪليد خزانه پيش مير فتح خان حاضر ڪردند- مير صاحب موصوف گفت ڪه من برائے خزائن و دفائن دودمان ڪلهوڙه نيامده ام، بلڪه خون خواهي شهيدان خود آمده ام- الحمدلله ڪه اميدم به ڪام رسيد- حالا مير بجار خان ڪه سردار تمامي بلوچان و مايان و مختار الدوله جزو و ڪل امورات سندهه است' درين جا از حرمين شريفين زاد هما الله شرفاً و تعظيماً' مراجعت خواهند فرمود' هرچه خواهش او خواهد بود خواهد ڪرد.[1]

(راجا ليکي ۽ الهه بخش جنجهڙ خزاني جون ڪنجيون فتح خان جي اڳيان حاضر ڪيون، تڏهن مير صاحب چيو ته آءٌ ڪلهوڙا خاندان جي خزانن ۽ دفينن لاءِ نه، بلڪ پنهنجن شهيدن جي بدلي ونڊ لاءِ آيو هوس. خدا جو شڪر آهي جو پنهنجي اميد پوري ٿي. هاڻي مير بجار خان حرمين شريفين کان ايندو، پوءِ جيڪي وڻيس سو ڪري. اُهوئي اسان جو ۽ سيني بلوچن جو سردار آهي ۽ اهو ئي سنڌ جي سمورن معاملن جو مختيار آهي.)

"فتحنامي" جو بيان به اهو ئي آهي.[2]

ناقابل فهم روش: مير فتح خان ٽالپر جي هيءَ روش سراسر ناقابل فهم آهي. مير بهرام ۽ مير صوبدار شهيد ٿي چڪا هئا ۽ مير بجار خان سنڌ کان ٻاهر هو: اهڙي وقت مير فتح خان ئي سنڌ جي بلوچن جو رئيس ۽ رهنما هو. هن شهيدن جي خون جو بدلو ورتو. خداآباد

---

(1). "فريئر نامو"، ص 15-16.
(2). "فتحنامو"، ص 74.

جي قلعي تي ڇاپو هڻي سرفراز کي اتان پڇائي ڇڏيو ۽ سندس پاءُ محمود کي تخت تي ويهاريو، حيدرآباد جي قلعي تي حملو ڪيو ۽ سرفراز کي گرفتار ڪري جيل ۾ وڌو: انهيءَ مان ڪنهن به قدم کڻڻ ۾ پاڻ مير بجار جي انتظار جي ضرورت نه ڄاتائين، پر راجا ليکيءَ کي ڪابه سزا نه ڏنائين- حالانڪ هو تمام وڏو ڏوهاري هو ۽ سرفراز ڪيس حقيقي مجرم ٺهرايو هو: خزاني کي به پنهنجي نگرانيءَ ۾ نه ورتائين، بلڪ راجا ليکيءَ جي قبضي ۾ ڏيئي ڇڏيائين- حالانڪ خزانو نڪو سرفراز جو هو، نه راجا ليکيءَ جو ۽ نه فتح خان جو، بلڪ ملڪ ۽ قوم جي امانت هئي. فتح خان يقيناً بهادر هو..... بيغرض به هوندو هو، پر هو دانشمنديءَ ۽ دوراندیشيءَ کان عاري هو، اڳتي هلي ان جون وڏيڪ شهادتون ملنديون.

هڪ دوراندیش سردار جي حيثيت ۾، ڪيس يا ته ڪوبه قدم نه کڻڻ ڪپي ها ۽ مير بجار جي انتظار ۾ رهي ها، يا جڏهن قدم کنيائين ته مير بجار جي اچڻ تائين سمورن معاملن جو مختيار بنيو رهي ها ۽ راجا ليکيءَ ۽ ان جي ساڻين کي قيد ڪري ها. فتح خان نڪو ترسڻ گوارا ڪيو ۽ نه وري پنهنجي ڪاروائيءَ کي مڪمل ڪيو. انهيءَ روش جو ڪو به پهلو معقول ۽ محڪم نه آهي. تڏهن، چا ائين سمجهو وڃي ته حالات جو جيڪو نقشو سوانح نگارن پيش ڪيو، اهو نامڪمل هو؟- يعني فتح خان جي حيدرآباد پهچڻ تائين راجا ليکي ايتريقدر مضبوط ٿي چڪو هو جو فتح خان کي پنهنجيءَ مرضيءَ مطابق ڪنهن به قدم کڻڻ جي همت نه ٿي ۽ انتظام کي آڏ ۾ ڇڏڻ تي مجبور ٿي پيو. ٿي سگهي ٿو ته راجا ليکيءَ پنهنجين عيارين سان ڪيترن اڪابرن کي پاڻ سان شامل ڪري ورتو هجي ۽ فتح خان جي لاءِ ترسڻ کان سواءِ ٻيو ڪوبه چارو نه رهيو هجي. تاريخ جي صفحن ۾ انهيءَ بابت ڪو اشارو به موجود ڪونهي ۽ اها به حقيقت آهي ته فتح خان کي زياده دوراندیش ماڻهو نه هو.

خزاني جي بربادي: راجا ليکيءَ جڏهن ٻڌو تہ فتح خان خزاني سنيالڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي، تڏهن نهايت خوش ٿيو. هن پنهنجي پٽ تاجي کي ميان محمود خان جي حڪومت جو مختيار بنايو. ۽ خزاني کي پنهنجن حوارين ۾ بيدريغ ورهائڻ لڳو. مثلاً الهہ بخش جنجهڻ، فيروز پتافي کوسو، وغيرہ. سوانح نگارن لکيو آهي تہ کوسي جو ڏنڏو چوري ۽ ڦرمار هو. مير بهرام جي موجودگيءَ ۾ انهيءَ ڏنڏي کي جاري رکڻ جو ڪوبہ امکان ڪونہ هو، انهيءَ ڪري پيروز ۽ سندس قوم جا ماڻهو مير بهرام جا دشمن بنجي پيا هئا. بهرحال، راجا ليکيءَ پنهنجن ساٿين کي گڏ ڪيو ۽ :

هر يک را چندان سيم و زر دادکه در خيال ايشان نمي گنجيد و وقت شب محمود خان را برداشته برجائے که چار سو آب داشت، در آن جا پناه برد و نه دانست ڪ پئے بدي بدي ست— اگر بر آسمان برود سزائے اعمال خود خواهد يافت[1]

(هرهڪ کي ايترو سون ۽ چاندي ڏنائين، جو سندن خيال ۾ بہ نٿي اچي سگهيو. رات جي وقت محمود خان کي اتاري اهڙي هنڌ تي وٺي ويو، جنهن جي چئني طرفن پاڻي هو؛ اتي وجي پناهہ ورتائون. هن کي اهو ياد ئي نہ رهيو تہ برائيءَ جي بدلي ۾ برائي ئي ٿيندي آهي، جيڪڏهن ڪو آسمان تي ئي هليو وڃي، تڏهين بہ پنهنجن عملن جي سزا ضرور لوڙيندو.)

"فتحنامي" جو بہ اهوئي بيان آهي تہ راجا ليکيءَ پنهنجي پٽ تاجي کي مدارالمهام بنايو، سندس دل ۾ ميربجار جي هيبت

---

[1] "فريشر نامو" ص 16-17

سمايل هئي. مددگارن کي پيدا ڪرڻ لاءِ مال ۽ دولت لٽائڻ لڳو ۽ خزاني کي خالي ڪري ڇڏيائين. فتح خان خاموشيءَ سان اهي حالتون ڏسندو رهيو؛ پوءِ لشکر وڻي وڃي پنهنجي مرڪز ۾ رهيو ۽ مير بجار جو انتظار ڪرڻ لڳو. راجا ليکي اونداهيءَ رات ۾ محمود خان کي ساڻ ڪري اهڙي هنڌ وڻي ويو، جنهن جي چئن ئي طرفن پاڻي هو.[1]

سرفراز خان جي شخصيت: سرفراز خان بابت "فريئر نامي" ۾ لکيل آهي:

> محمّد سرفراز خان حاکمے بود دانش مند و فضيلت پرور- در علم و شعر فهمي يکتائے روزگار بود وقدر شعراء و علماء کما ينبغي بجا مي آورد.[2]

محمد سرفراز خان دانشمند ۽ فضيلت وارو حاڪم هو. علم ۽ شعر فهميءَ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو.عالمن ۽ فاضلن جي مناسب عزت ۽ احترام ڪندو هو.

هيءُ تالپر خاندان جي هڪ فرد جي شهادت آهي: "الفضل ما شهدت به الاعداء" (دشمن جي گواهي افضل آهي). سندس علم ۽ فضل جون ٻيون ب شهادتون موجود آهن. مثلاً، عارف باالله حضرت شاهه فقير الله علويءَ جي خطن مان ب خط سندس نالي آهن، جن مان ظاهر ٿئي ٿو ته سرفراز خان وقت جي عالمن ۽ عارفن کان نهايت اهم علمي سوال پڇندو هو ۽ انهن جي خدمت ۾ ڪاب ڪوتاهي نه ڪندو هو، شاهه فقير الله جي دل ۾ جيڪو سندس قدر ۽ درجو هو، سو خطن ۾ ڪيس لکيل لقبن مان واضع ٿي سگهي ٿو:

---

(1) "فتحنامو"، ص 74-75 پناهه واريءَ جاءِ جو نالو "ڪاهه" [ڪاهي] هو.
(2) "فريئر نامو"، ص 8

1. زبدهء محبانءِ خاص، و نقاوهء ارادت مندانِ خاص الخواص، عزيز دلهاي درويشانِ دعاگو، انيسِ قلوب، دعا گويانِ، يڪ دل و يڪ روي، مهبطِ انوارِ عظمت، محورِ فلڪِ حشمت، عالي جاه، رفيع جائگاه، محبِ صادق الاراده ميان محمد سرفراز خان [1]
2. زبدهء محبانِ اهل الله، خلاصهء مخلصان فقراء، عاڪف باب الله، عالي جاه، رفيع جائگاه، محبِ صادق ميان محمد سرفراز خان سلمه الله تعالىٰ و ابقاه.[2]

خطن جو مطلب: انهن خطن مان هيٺيون مطلب ظاهر ٿئي ٿو:

1. سرفراز خان هڪ دفعي پنج سو رپيا، هڪ دفعي هڪ هزار رپيا ۽ ٻہ دفعا سؤ سؤ رپيا، شاهہ صاحب جي خدمت ۾ موڪليا. هيءُ انهيءَ ڳالهہ جو ثبوت آهي تہ هو وقت جي عالمن ۽ صوفين کي انهيءَ نموني نذرانا موڪلينڈو رهندو هو. شاهہ صاحب جي تحرير مان ظاهر ٿئي ٿو تہ اهي رقمون خلوص سان اهل الله جي خدمت طور ڏنيون ويندیون هيون.
2. هڪ دفعي شاهہ صاحب ٻہ گهوڙا تحفي طور سرفراز خان کي موڪليا هئا.
3. هڪ خط مان ظاهر ٿئي ٿو تہ سرفراز خان دعا ۽ تصرف جي باري ۾ سوال ڪيو. شاهہ صاحب جواب ۾ لکيو تہ اهل الله تجليات جلاليه ۽ جماليہ ٻنهي کان لذت حاصل ڪن ٿا؛ خوشي توڙي رنج، ٻنهي حالتن ۾ هڪجهڙا رهن ٿا.

آنچه او ريخت به پيمانه. مانوشيديم،
اگر از خمرِ بهشت است و گر بادهء خام.[3]

---

(1) "مڪتوب شاهہ فقير الله علوي"، ص، 120
(2) "مڪتوب شاهہ فقير الله علوي"، ص، 120-122
(3) "مڪتوب فقير الله علوي"، ص 120-121

علي شير "قانع" جو قصيدو: مير علي شير "قانع" جي قصيدن جو جيڪو قلمي نسخو منهنجي نظر مان گذريو، ان ۾ هڪ قصيدو ميان سرفراز خان جي ساراهه ۾ آهي، جنهن مان فقط چند شعر نمونو طور هتي ڏجن ٿا:

زهے به ملک ولايت امير پاک نهاد
سپهر شوکت و شان و محيط انس و وداد
جهان خديو سرفراز خان عباسي
که يافت سندهه به عهدش ز عدل نو بنياد
وليء وقت بود سند را خديو بهين
کزو ولايت آبا گرفت نو ارشاد
مدام راتبه داران بزم انعامش
کشند جام عطا دجله دجله تا بغداد

قصيدي جي آخر ۾ هڪ شعر مان ظاهر ٿئي ٿو ته "قانع" زياده قصيدا ميان صاحب جي مدح ۾ لکيا هئا:

جهان نواز خديو! منم که در مدحت،
همیشه داد سخن داده ام از طرز و داد.

قصيدي مان هيءُ به ظاهر ٿئي ٿو ته ميان سرفراز جي دور حڪومت ۾ علم ۽ فضل جو قدر ۽ درجو ڪمال تي پهچي چڪو هو ۽ فهم جا صاحب ۽ دانشمند گهٽي انداز ۾ سندس بارگاهه ۾ اچي گڏ ٿيا هئا:

ز قدر دانيءَ آن بحر فضل و کانِ کرم،
رواج يافة جنسِ سخن که داشت کساد؛
ز در گهت که گود مرجع ذوي الافهام،
براي اهل کمال است بس خجسة معاد.[1]

---

[1] هي شعر، قانع جي قصيدن جي ان مخطوطي تان ورتل آهن، جو سيد حسام الدين راشديءَ جي ملکيت آهي.

حيرت ٿي حيرت: حيرت آهي ته اهڙو فضل وارو سمجهو حاڪر، راجا ليکيءَ جهڙي شخص جي سخن سازيءَ جي دام ۾ ڪيئن ڦاسي پيو، جو هن مير بهرام جهڙي مخلص ۽ حڪومت جي پراٽي رکن کي ۽ ان جي پٽ کي ناحق قتل ڪرايو ۽ اهڙيءَ ريت پنهنجي لاءِ خوفناڪ مصيبتون پيدا ڪيون!

سرفراز جي عمر جا باقي ڪجهه مهينا قيد ۾ گذريا. مير بجار هن کي ٻيهر حڪمران بنائڻ چاهيو ٿي- جيئن اڳتي هلي معلوم ٿيندو- ليڪن عبدالنبيءَ، جو ڪلهوڙن جي حڪومت توڙي سنڌ جي بربادي لاءِ گهٽي قدر ذميدار آهي، سرفراز ۽ خاندان جي ڪن ٻين فردن کي نهايت بيدرديءَ سان قتل ڪرائي ڇڏيو، جيڪي حڪومت ۾ سندس ڪامياب حريف بنجي سگهيا ٿي.

سوانح نگارن لکيو آهي ته هو خوش ذوق شاعر هو، خصوصاً سنڌي زبان جو تمام وڏو سخنور هو ۽ سنڌي شاعريءَ ۾ نعت ۽ مناجات جي شروعات هن کان ٿي؛ پر تلاش جي باوجود مون کي سندس ڪلام ملي نه سگهيو.

زراعت ۽ تجارت: زراعت جي ترقيءَ جو سلسلو سرفراز خان جي دور ۾ به چالو رهيو. حيدرآباد ضلعي ۾ "سرفراز واهه" جي نالي سان جيڪو واهه موجود آهي، سوپاڻ کوٽايو هئائين.

انگريزن جي بيانن مان معلوم ٿئي ٿو ته سرفراز جي دور ۾ سنڌ جي تجارت کي وڏو ڌڪ لڳو، انهيءَ ڪري انگريزن پنهنجي واپاري ڪوٺي بند ڪري ڇڏي. ڊاڪٽر سورلي انگريزي ڪوٺيءَ جي بند ٿيڻ بابت حالتن جي چند چاڻ ڪندي پراٽا خط به ڏنا هئا، جي بمبئيءَ حڪومت جي حفاظت خاني ۾ موجود آهن. ڊاڪٽر موصوف لکي ٿو:

> "ڪوٺيءَ بند ڪرڻ جو وڏو سبب هيءُ هو جو سرفراز خان افغانستان جي بادشاهه کي وڪرو ٿيندڙ، (انگريزن جي) اوني ڪپڙي تي پنجاهه

سيڪڙو محصول عائد ڪيو هو. ڪمپنيءَ جڏهن ان کي معاهدي جي خلاف ڇاڪائيندي احتجاج ڪيو، تڏهن حڪم واپس ورتو ويو."[1]

ڪمپنيءَ جي ڊائريڪٽرن جي مجلس جي صدر کي اطمينان نه ٿيو. هن جو رايو هيءُ رهيو ته جنهن ملڪ جي حڪومت مستقل مزاج نه آهي، ان حڪومت ۾ تجارتي حالتون اهڙي صورت ڪڏهن به اختيار ڪري نٿيون سگهن، جو وڏيڪ ذميداريون قبول ڪرڻ مناسب سمجهيون وڃن.

سوال آهي ته جڏهن محصول وارو مٿيون حڪم واپس ورتو ويو، تڏهن انگريزن کي وڏيڪ ڪهڙي تڪليف هئي جو کوني بند ڪري ڇڏيائون؟ احتجاج ٿيندي ئي حڪم واپس وٺڻ، انهيءَ حقيقت جو ثبوت آهي ته سرفراز خان کي سيني معاهدن جو پورو خيال هو. حقيقت هيءَ ٿي معلوم ٿئي ته انگريزي مال جو وڪرو گهٽ ٿي ويو هو ۽ جيڪو نفعو هو اڳ ۾ ڪمائيندا هئا اهو هاڻي نٿي ملين، انهيءَ ڪري پنهنجي تجارتي کوني بند ڪري ڇڏيائون.

هڪ بي بنياد بيان: ڊيوڊ سيٽن لکيو آهي ته "سرفراز خان، مير بهرام ۽ مير صوبدار جي قتل کان پوءِ هڪ ماڻهوءَ کي مسقط ڏانهن موڪليو ته مير بجار جو به ڪم پورو ڪري اچي. انهيءَ وچ ۾ نصير خان بروهي سنڌ پهچي ويو. هن سرفراز خان کي معزول ڪيو ۽ ان جي بن ياڻرن- عبدالنبي ۽ محمد خان، غلام شاهه جي پٽن- کي حڪومت جي گاديءَ تي ويهاريو.[2]

ظاهر آهي ته بيان جو آخري حصو بلڪل بي بنياد ۽ مهمل آهي: نه نصير خان بروهيءَ سرفراز خان کي معزول ڪيو ۽ نه عبدالنبي سرفراز جو ياءُ ۽ غلام شاهه جو پٽ هو؛ هو سرفراز جو چاچو ۽ غلام شاهه جو سوٽ هو.

---

(1). 'شاهه عبداللطيف'، ص 67.

(2). "تاريخ ڪلهوڙا"، انگريزي ٽائيپ ٿيل نسخو، ص 18.

عبدالمجيد جوڪئي جو بيان: عبدالمجيد جوڪئي ميان سرفراز خان بابت جو ڪجهه لکيو آهي، ان جي سرسري ڪيفيت هيءَ آهي:

1. ميان سرفراز خان جو نانو هڪ ايراني مغل هو.
2. ميان جي مسند نشينيءَ وقت ذڪر لائق هي امير هئا:

ميرِ بهرام، الهه بخش جنجهڙ، راجا ليکي، جام فيروز، محمد حسن ڪهاوڙ، فريد سامٽيو، سڌاري اوتيوان، روحل جويو ۽ روحل ڪوسو.

3. ميان جي دل ۾ هيءَ ڳالهه ويهي ويئي هئي ته ميرِ بهرام جي هوندي ڪيئن اطمينان سان حڪومت ڪري جو موقعو نه ملندو ۽ ڪي ڪم عقل ماڻهو انهيءَ راءِ ۾ ساڻس شامل هئا؛ انهيءَ ڪري ميان، جام فيروز ٽالپر سان عزازت جو رستو پيدا ڪيو ۽ هن ڪي ٽالپرن جي سرداري ڏنائين؛ ان ڪان پوءِ ميرِ بهرام ڪي قتل ڪري ڇڏيائين.
4. ميرِ بجار خان انهيءَ زماني ۾ حج تي ويل هو. ميرِ فتح خان، ميرِ سهراب خان ۽ ٻيا ٽالپر سردار هن واقعي کان گهڻو غمناڪ هئا، پر ظاهري طرح ميان سرفراز وٽ اچ وڃ جو سلسلو جاري رکيائون. انهيءَ وچ ۾ ميان، ميرِ فتح خان کان رشتي جي گهر ڪئي. هن ضبط ڪندي چيو ته 'جيڪڏهن خدا ڪي منظور آهي ته مون ڪي ڪهڙو عذر ٿي سگهي ٿو، پر شرط هي آهي ته الهه بخش جنجهڙ ۽ راجا ليکي به اهڙا ئي رشتا قبول ڪن.'
5. آخر سيني تي واضح ٿي ويو ته ميان سرفراز خان ڪي قيد ڪرڻ کان سواءِ ڪو چارو ڪونهي.
6. سرفراز اهو ٻڌي، چند خدمتگارن سان گڏ، قلعي جي درٻيءَ مان پڄي نڪتو. جهنگل مان ٽپندو، درياهه تي پهتو ۽ ٻيڙيءَ ۾ سوار ٿي حيدرآباد هليو ويو.
7. ماڻهن هن جي جاءِ تي سندس پاءُ ڪي تخت تي ويهاريو، جنهن جو نالو اسان 'محمود خان' ٻڌايو آهي ۽ عبدالمجيد جوڪئي ان

جو نالو 'محمد خان' لکيو آهي). سرفراز کي حيدرآباد ۾ قيد ڪيو ويو.

8. ميان علميت ۽ قابليت ۾ تمام وڏي پايي جو هو، پر زماني جي گردش سبب هن وڏن جي نصيحت تي عمل نه ڪيو ۽ عقل کان ڪم نه ورتائين.[1]

محمود خان جي حڪومت: سرفراز خان جي معزولي ۽ قيد ٿيڻ کان پوءِ، محمود خان حڪومت جي گاديءَ تي ويٺو. هن پنهنجا سمورا اختيارات راجا ليکيءَ جي حوالي ڪري ڇڏيا. راجا جي ئي حڪم سان ميان عطر خان، ميان غلام نبي ۽ ميان عبدالنبي قيد ٿيا. هن پنهنجي پٽ تاجي کي، حيدرآباد جي نوابيءَ سان گڏ، سمنڊ کان ونڍي ڪڍ جي سرحد تائين سموري علاقي جي حڪومت ڏيئي ڇڏي.

جڏهن مير بجار آيو، تڏهن راجا سوچيو ته محمود خان ننڍي عمر جو آهي، انهيءَ ڪري کيس تخت تان لاهي ميان غلام نبيءَ کي ملڪ ۽ حڪومت جو والي بنائڻ کپي.[2]

ظاهر آهي ته جيڪي، ڪجهه مٿي بيان ٿيو آهي، تنهن مان کي ڳالهيون قبول ڪرڻ جهڙيون ڪينهن. مثلاً، مير فتح خان يا تالپرن ظاهريءَ طرح اڳيون رستو قائم رکيو ۽ ميان سان پنهنجو تعلق نه ٽوڙيو؛ جڏهن ٻيا ماڻهو برخلاف ٿي پيا، تڏهن ان کي تخت تان لاهي ڇڏيائون.

سرفراز جو ديوان: هي ڪتاب مڪمل ٿي چڪو هو ته سرفراز خان جي ديوان جو پتو پيو ۽ ان جا ڪجهه فارسي شعر هٿ آيا، جن مان چند تاريخون ڳنريل صفحن ۾ نقل ٿي چڪيون آهن. هيءُ ديوان تالپرن جي ڪتبخاني ۾ موجود آهي. ان مان ڪلام جو نمونو هن باب جي آخر ۾، ضميمي طور درج آهي. سرفراز خان جو تخلص "شهادت" هو؛ ڪڏهن ڪڏهن "سرفراز" تخلص به ڪم آڻيندو هو.

---

(1). "تاريخ ڪلهوڙا و استقرار حڪومت تالپران"، ص، 13-21.

(2). "تاريخ ڪلهوڙا و استقرار حڪومت تالپران"، ص، 2-30.

ضميمو

سرفراز خان عباسيءَ جو چونڊ ڪلام

(حڪيم محمّد صادق صاحب عباسيءَ کان مليل)

هستيءِ موهوم دنيا سرائے بيش نيست،
وين طلسمِ زندگاني هر حبانے بيش نيست.
اسپ و فيل و تاج و تخت و اعتبارِ اين جهان،
مي نمايد هر چه در چشمِ تو خوابي پيش نيست.
در جهان از شوق، دل سلمانِ آبادي مخواه،
بي گمان معموره او جز خرابے بيش نيست

...

آشيان بستم ز ناداني برنگِ عندليب،
اي خوشا، باد سحر گه کز چمن آزاد رفت.

...

خوش آن گروه که با يادِ حق هم آغوش اند،
برنگِ پيڪرِ تصوير جمله خاموش اند
بعقل ڪل همه داناي جلوهءِ زات،
بچشم مردم ظاهر اگرچه بے هوش اند.

...

ز ملڪِ لا مڪانت مي رسد پيڪِ طلب هر دم،
تو از غفلت به تسخيرِ بخارا و سمرقندي.

...

مي روم از خود شهادت در طلب همچون سرشڪ،
از تو ام ڪافي براهِ عشق يڪ ايما بود.

...

(منقول از "سندھ زمیندار": مارچ، 1932ع)

گفتم که صبح وصل نمایان شود نشد،
شامِ درازِ هجر بپایان شود نشد.
یا چشمِ فتنه باز به بیند بمن ندید،
یا لعلِ جانفزاي تو خنده شود نشد.
یا جان ز زخمِ تیر تو آسمان رهد نرست،
یا سوچو گوي لائقِ چو گان شود نشد.
یا این شبِ فراق رود از میان نرفت،
یا آفتابِ وصل نمایان شود نشد.
یا "سرفراز" ناله چو قمري کند نکرد،
یا آن قد چو سرو خرامان شود نشد.

...

(منقول از "نئین زندگي" فیبروري، 1954ع)

تو اي مرغِ چمن، دل شاد مي کن،
بمرغانِ قفس هم یاد مي کن.
تو چون با گل نشیني هم نگاهي،
بدام افتادهء صیاد مي کن.
تو چو بر شاخ گل باشي نوا سنج،
بیادِ ما دمے فریاد مي کن.
تو چون پرواز گیري در گلستان،
زبالِ بستهء من یاد مي کن.
تغافل چند، اي سرو 'سرافراز'،
ز بندم پا بلطف آزاد مي کن.

...

(منقول از "بیاض علي شیر 'قانع'")

تغافل چند، چشمت را بسوییم از وفا بکشا،
گر از بهرِ وفا نکشائي از بهر جفا بکشا.

چوروي نازنينت از ميءِ لعل شود گلگون،
سرت گردم بيادِ آن دو لعل دل ڪشا بڪشا.

...

هرگز نمي فتد نظرت بر مراد،
تا خاڪِ پايِ دوست بچشمت نمي رسد؛
شڪرِ خدا ڪرت بزبان ورد دائم است،
بر خاطرت غبار ز زحمت نمي رسد.

....

"سرفراز" از اهلِ سنده ڪس شعرت نمي فهد،
به بند اين دستهء را بر اهلِ صفاهان بر.

.....

دوش ديدم خجسته دترڪي،
ايستاده نباز در بر ڪي؛
دست بگرفتمش، به هندي گفت:
'ڇهوڙ دي هاتهہ، چوريان ڪرڪي'.

ميان غلام نبي خان

حالات جو نقشو: حالات جو جيڪو نقشو گذريل باب ۾ بيان ٿي چڪو آهي، ان کي ٻيهر مجمل طور سامهون رکو:

1. سرفراز خان کي تخت تان لاهي قيد ۾ وڌو ويو هو. هن جو پاءُ محمود خان ملڪ جو حاڪم بنيو، پر ان جي حيثيت شطرنج واري بادشاهه کان زياده نه هئي.
2. فتح خان تالپر سمورن معاملن کان دستبردار ٿي پنهنجي مرڪز ۾ وڃي ويٺو هو ۽ مير بجار جي موٽي اچڻ جو انتظار ڪري رهيو هو.
3. راجا ليکي حڪومت جي سيني انتظامي ڳالهين جو مختيار هو ۽ خزانو به سندس حوالي هو. هن پنهنجي پٽ (تاجو) کي محمود خان جو مدارالمهام بنايو ۽ انهن سيني سردارن ۾ دل کولي خزانو ورهايائين، جي مير بجار ۽ تالپرن جي خلاف ڪيس مدد ڏيئي سگهيا ٿي.
4. راجا ليکي، محمود خان کي ڪاهيءَ ونڊي ويو، ته جيئن ايندڙ بازيءَ ۾ تالپر ان کي مُهرو بنائي نه استعمال ڪري سگهن.

غلام نبيءَ جي مسند نشينيءَ: راجا خوب غور ۽ فڪر کان پوءِ پنهنجيءَ پوزيشن کي مضبوط بنائڻ لاءِ هڪ ٻيو قدم کنيو: هن سوچيو ته محمود خان جي حاڪميت کي بچائڻ لاءِ، لڙائيءَ وغيره جون سموريون ذميواريون ڪيس ئي برداشت ڪرڻيون پونديون؛- چو نه هن جي جڳهه تي ڪنهن اهڙي ماڻهوءَ کي گاديءَ تي ويهاريو وجي، جنهن جي حمايت ۾ جانين ڏيڻ لاءِ هڪ وڏو ۽ طاقتور قبيلو تيار ٿئي! اهڙي حڪمران جي تلاش ۾، هن جي نظر ميان غلام

نبي خان تي پيئي، جو ميان نور محمد خان جو فرزند هو ۽ جنهن جي والده جوٽيجا قبيلي مان هئي. فيصلي ڪرڻ کان اڳ غالباً انهيءَ عورت سان ڳالهه ٻولهه ڪري اهڙا قول قرار ورتا ويا هجن ۽ مائيءَ پنهنجي قبيلي جي ماڻهن کي هر ممڪن مدد ڏيڻ جي لاءِ تيار ڪيو هجي. مطلب ته ميان محمود خان کي مسند تان لاهي، ميان غلام نبي خان کي سنڌ جو حاڪم بنايو ويو. اهڙيءَ ريت، راجا ليکيءَ ٽالپرن جي خلاف پنهنجو مددگار ٽولو چگهيءَ طرح مضبوط ڪري ورتو.

جوٽيجن جي قبيلي سمجهيو ٿي ته سندن پاٽيجو گاديءَ جو مالڪ بنبو ته پوءِ ملڪي انتظام ۽ ڪاروبار ۾ سيني کان مٿانهين حيثيت کين ئي حاصل هوندي. بيشڪ ان سلسلي ۾ قبيلي وارن لاءِ خونريز لڙائين جو خطرو موجود هو، پر ملڪي اقتدار ۾ شرڪت خاطر کين مالي توڙي جاني قربانين ڏيڻ ۾ ڪهڙو عار ٿي سگهيو ٿي؟

ميربجار جي خاتمي جون تدبيرون: ميربجار خان حج ۽ زيارتن کان فارغ ٿي مسقط پهچي چڪو هو ته کيس پنهنجي والد ۽ پاڻ جي دردانگيز قتل جو اطلاع مليو. اڳي ڏيودسيٽن جي حوالي سان ٻڌايو ويو آهي ته سرفراز، بهرام ۽ صوبدار جي قتل کان پوءِ هڪ ماڻهوءَ کي مسقط موڪليو هو ته اتي پهچي ميربجار جو خاتمو ڪري چڏي. پوسٽنٽز جو بيان آهي:

> غلام نبي خان کي خوف هو ته ميربجار اچڻ سان ئي ٽالپرن جي سرداري سنياليندو ۽ اُهي اڳي ئي بغاوت لاءِ سنيريا وينا هئا. انهيءَ سبب ڪري، غلام نبيءَ هر ممڪن تدبير سان مسقط جي حڪومت کي هن ڳالهه تي راضي ڪرڻ گهريو ته ميربجار کي يا ته ختم ڪيو وجي، يا ته گرفتار ڪري سندس حوالي ڪيو وجي. پر سندس

ڪوششون عرب تهذيب جي مهمان نوازيءَ واريءَ ممتاز ترين خوبيءَ کي ختم ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي نہ سگهيون: مير بجار خان لاءِ مهمان نوازيءَ جي آداب جي بجا آوري نهايت اهتمام سان ڪئي ويئي، بلڪ چيو وڃي ٿو تہ جان جي سلامتيءَ سان گڏ ساٺس نهايت سهڻو برتاءُ ڪيو ويو.[1]

هيءَ ڳالهہ تہ وسهڻ جوڳي معلوم نٿي ٿئي تہ سرفراز خان ڪنهن ماڻهوءَ کي مير بجار جي مارائڻ لاءِ مسقط موڪليو هو. مير بهرام ۽ صوبدار جي قتل کان پوءِ ڪيس ايتري مهلت ئي ڪانہ ملي سگهي، جو اهڙيءَ ڪنهن تدبير تي عمل ڪري سگهي. ميان غلام نبي ڪيني پرور ۽ شرپسند ماڻهو ئي ڪونہ هو، جو ڪنهن اهڙي قدم کي جائز سمجهي ها. غالباً راجا ليکيءَ ملکي انتظام تي ضابطي رکندي ئي اهڙي ڪوشش ڪئي هجي. اها ڪوشش مسقط جي حڪومت جي تعاون سان ئي ڪامياب ٿي سگهي ٿي. مسقط جي حڪومت نہ فقط تعاون ڪرڻ لاءِ تيار نہ ٿي، بلڪ مير جي حفاظت جو اهڙو تہ زبردست انتظام ڪيائين جو ڪنهن کي بہ قاتلانہ حملي جو موقعو ئي نہ ملي سگهيو.

مير بجار جو اچڻ: مير بجار مسقط کان جهاز ۾ سوار ٿي ڪراچي پهتو، جا نادر شاه جي زماني کان قلات حڪومت ۾ شامل هئي ۽ پوءِ ڪراچيءَ کان قلات ويو. نصير خان بروهيءَ سندس گهڻو آڏرياءُ ڪيو. استقبال لاءِ ڪجهہ اڳيرو اچي ڪيس مليو ۽ عزت ۽ شان سان ڪيس پاڻ سان وٺي آيو. ڏرين جي اتحاد کي مضبوط ڪرڻ لاءِ هن مير سان پنهنجي پڳ بدلائي[2] ۽ سندس مدد لاءِ فوج پڻ تيار ڪيائين.

---

(1). "سنڌ بابت ذاتي مشاهدا"، ص 177

(2). "فريئر نامو"، ص 18 'فريئرنامي' لکيو آهي تہ پڳ بدلائي پاڻ بنائڻ سنڌين جي رسم آهي؛ هونئن اها رسم گهڻن مشرقي ملکن ۾ رائج آهي.

چون میر این چنین دید دادش قسم،
که من گرچه مظلومم و بے کسم.

(میر بجار خان جڏهن هيءَ صورتحال ڏٺي، تڏهن میر نصير کي قسم ڏيئي چيائين ته جيتوڻيڪ آءٌ مظلوم ۽ بيڪس آهيان.)

مدد خواه از کس نیم جز خدا،
نه جستم درے جز درِ مصطفیٰ.

(پر خدا کان سواءِ ٻئي ڪنهن جي به مدد نٿو چاهيان ۽ رسول اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جي دروازي کان سواءِ ٻئي ڪنهن به دروازي جي درڪار نه آهي.)

همي آیدم شرم زِ اندازه بیش،
که فوجي برم برسرِ ملک خویش.

(مون کي ان ڳالهه تي بيحد شرم اچي ٿو ته پنهنجي ملڪ تي فوج وٺي چڙهائي ڪريان.)

اگر حق مدد مي کند فتح ماست،
و گر نوع دیگر رضائ خدا ست.

(جيڪڏهن خدا جي مدد شامل حال آهي ته فتح منهنجي آهي ۽ جيڪڏهن بي صورت پيش آئي ته اها پڻ خدا جي رضا آهي.)

مرا با رضائ خدا جنگ نیست،
ولے عرصــهء فضل او تنــگ نیست[1]

(منهنجو خدا جي رضا سان مقابلو ڪونهي، يقين آهي ته هن جي فضل جو ميدان تنگ نه آهي.)

2. "فريئر نامي" جو بيان آهي ته میر نصير خان پنهنجي طرفان افسوس ظاهر ڪندي میر بجار خان کي چيو:

من از تو شرمندگي مے کشم، ازين جهت که،
من جناب میر بهرام خان را بجائ والد مي داشتم

---

[1]. فتح نامون"، ص 79.

و از شنيدن خبر شهادتِ شان خواستم که انتقام از کلهوڑه بگيرم، تو چرا رفيقم نمي کني؟ ازين جهت عالم غم بر دلم هجوم مي آرد.[1]

(آءٌ اوهان کان شرمندو آهيان ڇاڪاڻ ته آءٌ جناب مير بهرام خان کي پنهنجي والد جي برابر سمجهندو هوس ۽ سندس شهادت جي خبر ٻڌي ارادو هوم ته ڪلهوڙن کان بدلو ونان: اوهين مون کي پنهنجو ساڻي ڇو نٿا بنايو، منهنجي دل انهيءَ غم سان لبريز آهي.)

سيڻن جو بيان: سيڻن لکيو آهي ته مير بجار زابلستان هليو ويو، جتي نصير خان کيس روکيو، پر جڏهن مير بچي نڪتو ۽ سنڌ ڏانهن آيو، تڏهن چشم پوشيءَ کان ڪم ورتائين.[2]

ظاهر آهي ته جيڪڏهن مير نصير خان، مير بجار کي روکڻ جو خواهان هو ته هن کي پاڻ بچائي سنڌ پهچڻ جو موقعو ئي نه ڏٻي ها: جيڪڏهن مير بجار جي بچي نڪرڻ تي چسم پوشيءَ کان ڪم ورتو، ته سمجهڻ گهرجي ته کيس روکڻ جو ارادو محض هڪ خيالي افسانو آهي.

صحيح حالات اهي ئي آهن جي "فتحنامي" ۽ "فريئرنامي" بيان ڪيا آهن. مير نصير خان کي مير بجار سان همدردي هئڻ گهربي هئي، ڇو ته :

1. مير بجار بلوچ هو: سنڌ ۾ ڪلهوڙن جي جاءِ تي بلوچن کي سرداري حاصل ٿيڻ سان، قومي نقطه نگاهه کان کيس مرغوب ٿيڻ گهربو هو.
2. مير نصير خان جي خاندان کي ڪلهوڙن سان پراڻي دشمني هئي. (هن ڪتاب جي پهرئين جلد ۾ دشمنيءَ جا سمورا واقعا تفصيل سان بيان ٿيل آهن.)

---

(1). "فريئر نامون" قلمي نسخو، ص 20.
(2). "تاريخ ڪلهوڙا"، ص 18.

3. ميان بجار خان جي سنڌ پهچڻ سان، بهرحال، ٽالپرن ۽ ٻين طبقن ۾ لڙائي شروع ٿي وڃڻ جو يقين هو. ميان نصير خان پنهنجي پاڙيسري ملڪ ۾ بي اطمينانيءَ ۽ بدامنيءَ جي حالتن پيدا ڪرڻ جو هر حالت ۾ خير مقدم ڪري ها، جو ته ان طرح ڪيس پنهنجيءَ حڪومت جي حدن کي وسيع ڪرڻ جو امڪان هو؛ يا گهٽ ۾ گهٽ خانہ جنگيءَ سنڌ جي قوت ۽ طاقت کي ضرور نقصان رسائي ها ۽ ميان نصير خان جي خيال ۾ اها حالت ڪنهن به صورت ۾ ناپسند ٿي نٿي سگهي.

عزيزن طرفان استقبال: ميان بجار قلات ڏانهن انهيءَ خيال سان ويو هو ته جيئن اتي ويهي پنهنجي عزيزن جي جماعت بنديءَ جو موقعو پيدا ڪري ۽ پوءِ مناسب هنڌ تي انهن سان ملاقات ڪري آئيندہ لاءِ ڪنهن قدم کڻڻ جو فيصلو ڪري. انهيءَ ڪري هو قلات کان شڪارپور پهتو، جتي هينئان ماڻهو پهتل هئا: ميان عبدالله خان ميان بجار خان جو پٽ؛ ميان فتح علي خان ۽ائٽيو ميان بجار خان؛ ميان غلام علي خان جو ۽ائٽيو ميان بجار خان؛ ميان فتح خان؛ ميان سهراب خان، ميان الهه يار خان؛ ميان محمود خان؛ ميان شاد علي خان؛ ۽ ميان نارو خان. انهن سان گڏ ٻيا به بلوچ سردار موجود هئا، جن سيني ڪلهوڙن جي ظلمن کان تفصيل سان ميان بجار خان کي واقف ڪيو.[1]

انهيءَ وچ ۾ راجا ليکي مري ويو ۽ سندس پٽ تاجو پيءُ جو جانشين بنيو ۽ سمورا اختيارات ڪاڙ سنيالياٿين. "فتحنامي" ۾ لکيل آهي ته ميان بجار خان جي اچڻ جي خبر ٻڌي، دوزخ جو ڪتو (راجا ليکي) هيبت وچان مري ويو؛ ڪي ماڻهو چون ٿا ته هن زهر کائي پاڻ کي ختم ڪيو.[2]

---

(1). "فريئر نامو"، قلمي نسخو، ص 21؛ "فتحنامو"، ص 80-81.

(2) راجا ليکيءَ جهڙي شخص جي خودڪشي ڪرڻ قرين قياس نه آهي. ڇيو وڃي ٿو ته هن کي دستن جي بيماري ٿي پيئي هئي ۽ انهيءَ ۾ ئي وفات ڪيائين؛ زهر کائڻ جا افواهه غالباً دستن هجڻ جي ڪري مشهور ٿيا.

حالات جو اندازو: ميـر بجار سمورا حالات پنهنجي عزيزن کان معلوم ڪيا. هنن سڀني چاهيو ٿي ته جلد کان جلد حملي ڪرڻ جو حڪم ڏنو وڃي؛ پر ميـر بجار کي ملڪ ۾ خانہ جنگيءَ جي نقصانن جو پورو اندازو هو. انهيءَ ڪري هو انتقام جي جوش ۾ اچي ملڪ واسين جي لاءِ نقصانن جي دروازي کولڻ لاءِ تيار نہ ٿيو. هو سڀني کي پاڻ سان وٺي اڳتي وڌيو ۽ دارالحڪومت کان ٻارنهن ميل پري ديرو ڄمايائين. لڙائيءَ جي قدم ڪٽڻ کان اڳ ملڪي ماڻهن جي جذبات ۽ احساسات جو اندازو لڳائڻ ضروري هو، جيڪي ماڻهو فتح خان سان گڏجي حيدرآباد جي فتح ڪرڻ ۽ سرفراز جي معزوليءَ ۾ مددگار بنجي چڪا هئا، جيڪڏهن انهن ۾ خلوص هجي ها تہ بنا تامل بهرام ۽ صوبدار جي تعزيت لاءِ ميـر بجار وٽ پهچي وڃن ها ۽ اهڙيءَ طرح سمورا اختلاف مٽجي وڃن ها؛ ليڪن تاجي ليکي، الهہ بخش جنجهڻ، محراب جتوئي، پيـروز پتافي ۽ ٻين سڀني ساٿين کي ساڻ ڪري ميـر بجار جي مقابلي جي تيـاري شروع ڪـري ڏنـي. هيءُ انهيءَ ڳالهہ جو ثبوت آهي تہ خونريزيءَ کان سواءِ معاملات کي سلجهائڻ غير ممڪن آهي.

ميـر جي نالي فرمان: تـاجي ليکي ۽ ٻين فسادين کـافي غـور ۽ مشـوري کـان پـوءِ هـڪ خط ميـر بجـار جـي نـالي لکيـو ۽ ان تـي باقاعـدي مهـر هڻـي ميـان غـلام نبـي خان جي طرفـان فرمـان جـي صورت ۾ ميـر بجار وٽ موڪلي ڏنو، هن جو مضمون هيءُ هو:

که اے ميـر بالشڪر اين جا مقام

چراکرده اي هم چه داري تو کام؟

(اي ميـر، تـون لشـڪر سـان گڏ هن هنڌ تـي ڇـو اچي رهيـو آهين، تنهنجو مقصد ۽ مدعا ڪهڙي آهي؟)

بگو چيست آخر تمنائے تو،

چه باشد سوي ما تقاضائے تو؟

(آخر ٻڌاءِ ته تون چا ٿو چوڻ چاهين ٿ اسان کان ڪهڙيءَ چيز جو طلبگار آهين؟)

بگو تا چه آهنگ داري به ما،
مگر خواهشِ جنگ داري به ما؟

(ٻڌاءِ اسان جي متعلق تنهنجو ڪهڙو ارادو آهي: شايد تون اسان سان جنگ ڪرڻ گهرين ٿو؟)

اگر جنگ خواهي، بيا: پيش گير
وگر نه ازينجا رهِ خويش گير![1]

(جيڪڏهن لڙڻ گهرين ٿو ته بسم الله، اڳتي اچ، ٻيءَ صورت ۾ اها جاءِ ڇڏي پنهنجو رستو وٺ.)

"فريئر نامي" ۾ انهيءَ خط جو مضمون هن طرح بيان ڪيو ويو آهي:

"درين جا مقام کردن چيست و تمنائے تو چه،
باشد- بگو تا چه آهن گ داري- اگر خيال
جنگ است بسم الله بيا که مايان آماده ايم"[2]

(هن هنڌ جو اڇي رهيو آهين؟ تون چا ٿو گهرين؟ ٻڌاءِ، تنهنجو ڪهڙو ارادو آهي؟ جيڪڏهن لڙائيءَ جو خيال آهي ته بسم الله، اچ، اسين تيار آهيون!

ميرعمر ڪوٽ ۾: هيءُ خط يا فرمان هن ڳالهه جو ظاهري ثبوت هو ته فسادي جنگ جي لاءِ تيار آهن ٿ غلام نبي خان انهن جي هٿ ۾ ٻيوس آهي. جوشيلن ٽالپرن ٻيهر ميرن بجار تي زور ڏنو ته جنگ جي اجازت ڏيو، مگر ميرن راضي نه ٿيو. هن، خط جو ڪوبه جواب نه ڏنو ٿ ٻئي ڏينهن سامان کڻي عمر ڪوٽ جو رستو ورتو. اهل عيال ٿ توبخانو به ساڻ هوس. عمر ڪوٽ جي قلعي تي ڪوسا

---

(1) "فتحنامو"، ص 82-83
(2) "فريئر نامو"، ص 22

قابض هئا. هو، مير جي اچڻ جي خبر ٻڌي اهڙيءَ طرح هليا ويا، جهڙيءَ طرح تيز هوا جي جهوٽي مان پن اڏامي وڃن. هنن پنهنجي سموري ڪيفيت لکي غلام نبي خان کي ڏياري موڪلي. مير بجار اطمينان سان قلعي ۾ ويهي ويو.[1]

نئين حڪمران جي حيثيت: غلام نبي خان اخلاق توڙي نيڪين ۾ پنهنجي والد جو نمونو هو. "فريئر نامي" جو مصنف ٽالپر خاندان جو فرد ۽ "فتحنامي" جو مصنف ٽالپرن جو درٻاري هو. گويا ٻئي انهن سان تعلق رکندڙ هئا. جنهن کان حڪومت کسي هئي، ان کان ڪلهوڙن جي ساراهه ۽ عزت جي اميد رکي نٿي سگهجي-ليڪن ٻنهي غلام نبي خان جو ذڪر نهايت چڱن لفظن ۾ ڪيو آهي. "فرئير نامي" جو بيان آهي:

> غلام نبي صاحبے بود با حلم و کرم، به صورت معنوي و ظاهري پير استه و از فتنه هائے راجه ليکهي بيزار- هرگاه راجه ليکهي شڪايت مير صاحبان ڪردي، ازان روي تافتے.[2]

(غلام نبي وڏو حليم ۽ بردبار ماڻهو هو، هن جو ظاهر توڙي باطن سينگاريل هو. راجا ليکي کان بيزار هو. راجا جڏهن به مير صاحبن جي شڪايت ڪندو هو تہ غلام نبي ڏانهن منهن ڦيري چڏيندو هو. "فتحنامي" ۾ لکيل آهي تہ

> جوانے خرد مند پير آشنا،
> مسافر پرست و فقير آشنا.

(هو عقلمند هو، جيتوڻيڪ جوان هو. مگر پوڙهن جي صحبت پسند هيس، مسافرن جو خدمتگار ۽ فقيرن جو دوست هو.)

> ڪرم پيشه و قابلِ قدردان،

---

(1) "فتحنامو"، ص 84 ۽ "فريئر نامو"، ص 22 ۽ 23

(2) "فريئر نامو"، ص 17

به آلِ نبي چون پدر مهربان.

(هو وڏو مهربان، قابل ۽ قدردان هو؛ آل رسول تي پيءُ وانگر مهربان هو.)

غلامِ نبي مرد فرزانه بود،
دلش از بدان دور و بيگانه بود.

(غلام نبي خوش خلق ماڻهو هو، هن جي دل برن ماڻهن کان نفرت ڪندڙ هئي.)

به صورت به وي راجه را قربتي،
به معني همي داشت زو نفرتي.

(ظاهر ۾ راجا ليکي سان هن جو وڏو قرب هو، مگر دل ۾ هن کان نفرت ڪندو هو.)

شڪايات بلوچ ڪردي چو پيش،
ز رويش همي تافتي کار خويش.

(راجا بلوچن جي شڪايت ڪندو هو ته غلام نبي منهن ڦيرائي پنهنجي ڪم ۾ لڳي ويندو هو.)

چو از دور ديدے رخش هر زمان،
به لاحول خواندان بجستي امان.[1]

(جڏهن هو پري کان راڃا جو چهرو ڏسندو هو ته هر وقت لاحول پڙهي خدا کان پناهه گهرندو هو.)

[1] "فتحنامه"، ص 77

لانياريءَ جي جنگ

عمرڪوٽ تي چڙهائي: تاجي ليکيءَ جڏهن ڏٺو تہ مير بجار عمر ڪوٽ ۾ وڃي وينو آهي، تڏهن پنهنجي ساٿين ۽ لشکر کي ساڻ ونڊي انهيءَ طرح جو رخ ڪيائين. ميان غلام نبيءَ کي ٻہ پاڻ سان گڏ ڪنيائين. جيتوڻيڪ، عام روايت مطابق، تاجي وٽ ٽيهہ هزار فوج هئي، پر، عمرڪوٽ جو قلعو لڑائي ڪري مير بجار کان فتح ڪرڻ آسان ڪم نہ هو، انهيءَ ڪري هن مڪر جو ڄار وڇايو. الهہ بخش جنجهڻ کي مير بجار جي خدمت ۾ موڪليائين، جنهن مير وٽ تاجي جي خلاف سخت شڪايتون ڪيون ۽ چيو تہ آءٌ ڪائنس بيحد ناراض آهيان: اوهين يقين ڪريو، اسين سيئي گڏجي ڪيس ناس ڪري ڇڏينداسين؛ ليکن اوهان ميان صاحب (غلام نبي) کي جيڪو خط لکيو، اهو مناسب نہ هو:

که آن موجبِ رائے آقا نه بود،
موافق به اندیشهء مانه بود.

(اهو اسان جي آقا جي راءِ مطابق نہ هو ۽ مون ٻہ پنهنجي خيال ۾ انهيءَ کي مناسب نہ ڄاتو هو.)

تو باید که اعزازِ آقا کني،
به تعظیمِ او در دلش جا کني.

(اوهان کي گهرجي تہ آقا جي عزت ڪريو ۽ تعظيم جي وسيلي سندس دل ۾ گهر ڪريو.)

برون آر زین قلعه اثقال خویش،
در اقبالِ او دان تو اقبال خویش.[1]

---

[1] "فتحنامو"، ص 84-85

(اوهين هن قلعي مان پنهنجو مال ۽ اسباب ڪڍي ڇڏيو. ۽ آقا جي ئي اقبال کي پنهنجو اقبال ڄاڻو.)

- ته جيئن سندس اکيون کلن ۽ هو غور ۽ فڪر کان پوءِ فيصلي لاءِ ڳالهه ٻولهه شروع ڪري.

الهه بخش جنجهڙ جون ڳالهيون ٻڌي، مير قلعي مان سموري سامان ڪڍڻ جو حڪم ڏنو ۽ قلعي جون چاٻيون الهه بخش جي حوالي ڪري، پاڻ هڪ جدا هنڌ تي وڃي رهيو.

"فريئر نامي" جو بيان: "فريئرنامي" جو بيان به اهو ئي آهي، جنهن جا اهم حصا هي آهن:

1. الهه بخش جنجهڙ مير سان گفتگو ۾ شڪايت ڪئي ته، 'اوهان جيڪو ميان غلام نبيءَ کي خط موڪليو هو، اهو مناسب نه هو.'
2. 'اوهان لاءِ لازم آهي ته ميان صاحب جي عزت ڪريو، هو اوهان جو 'ولي نعمت' آهي.'
3. 'قلعي کي ميان صاحب جي عاملن جي حوالي ڪريو.'
4. 'اسين سڀ تاجي ليکيءَ جي شرارتن ۽ فتنيبازين کان سخت بيزار آهيون. اوهان ۾ ئي اميد آهي ته هن مصيبت مان اسان کي ڇوٽڪارو ڏيارينداً.'[1]

هڪ مونجهارو: "فتحنامي" ۽ "فريئر نامه" ٻنهي جي بيانن ۾ هڪ اهڙو مونجهارو آهي، جنهن جو به حل سمجهه ۾ نٿو اچي. ٻنهي لکيو آهي ته جڏهن تاجي ليکيءَ ۽ ان جي ساٿين هڪ فرمان تيار ڪري ميان غلام نبيءَ جي مهر هڻائي مير بجار خان کي موڪليو هو، تڏهن مير انهيءَ جو ڪوبه جواب نه ڏنو. مثلاً،

"فتحنامي" مان ظاهر آهي:

---

[1] "فريئرنامو"، ص 23-24

چو بشنيد مير اين خط ناصواب،
نه فرمود از بس تحمل جواب.[1]
(مير جڏهن هيءُ نامناسب خط پڙهيو، تڏهن تحمل
کان ڪم وٺندي ڪوبه جواب نه ڏنائين.)
"فريئر نامي" جا لفظ هي آهن:
"چون اين خط به مير صاحب رسيد،
هيچ جواب نه فرمودند:
جـــوابِ جـاهـــلان باشد خموشي."[2]
(جڏهن هيءُ خط مير صاحب وٽ پهتو، تڏهن هن انهيءَ جي جواب
۾ ڪجهه به نه چيو: جواب جاهلان باشد خموشي.)
جڏهن هيءُ صحيح آهي ته پوءِ هيءُ قول ڪهڙيءَ طرح
مڃيو وڃي ته الهه بخش جنجهڙ مير وٽ پهچندي ئي سڀ کان اول
خط جي نامناسب هجڻ جي شڪايت ڪئي. "فتحنامي" جا شعر مٿي
نقل ٿي چڪا آهن. "فريئر نامي" جو بيان آهي:
گفت اي مير والا شان! نظر بر عذر من کنيد و
خطے که پيش ازين در خدمت والا فرستاده آيد،
آن موجب راي غلام نبي و بنده نه بود.[3]
(جنجهڙ چيو ته اي وڏي شان وارا امير! منهنجي
عذر تي توجهه فرمايو. اوهان جيڪو اڳ ميان
صاحب جي خدمت ۾ خط موڪليو هو، اهو
صاحب ممدوح ۽ منهنجيءَ راءِ ۾ مناسب نه هو.)
هيءُ مونجهارو انهيءَ صورت ۾ حل ٿي سگهي ٿو، جڏهن
مڃيو وڃي ته مير بجار ان وقت واقعي ڪو جواب نه ڏنو هو، پر

---

(1) "فتحنامو"، ص 83
(2) "فريئر نامو"، ص 22
(3) "فريئر نامو"، ص 23

عمرڪوٽ ويندي خط لکيو هوندائين، جنهن ۾ پنهنجي والد ۽ پاءُ جي قتل تي ڏک جي اظهار سان گڏ شڪايت ڪئي هوندائين ته هن دردناڪ واقعي تي همدرديءَ جي بجاءِ مون سان دشمنيءَ جو سامان ڪنو ٿي رهيو آهي. "فتحنامي" ۽ فريئر نامي" مان ڪنهن به هن خط جو ذڪر نه ڪيو آهي.

تاجي ليکي ۽ سندس ساٿين کي جڏهن معلوم ٿيو ته تدبير ڪامياب ٿي ويئي آهي، تڏهن جهٽ ۾ پنهنجا به هزار سپاهي قلعي ۾ ويهاري چڏيائون ۽ انهن لاءِ گولي بارود ۽ کاڌي جي سامان وغيره جو بندوبست ڪري، پاڻ وڃي پنهنجن تنبن ۾ ترسيا. انهيءَ وچ ۾ ڪنهن به مير بجار سان ڪا ڳالهه ٻولهه نه ڪئي. اهڙيءَ ريت به مهينا گذري ويا ۽ مير کي يقين ٿي ويو ته لڙائي کان سواءِ ڪنهن به ڳالهه جو فيصلو ٿيڻ محال آهي، انهيءَ ڪري لشکر گڏ ڪرڻ شروع ڪري ڏنائين.

تاجي ليکيءَ ڏانهن پيغام: آخر مير، تاجي ليکيءَ کي پيغام موڪليو:

اگر مرد باشي، به ميدان بيا،
زما هر کرا فتح بخشد خدا

(جيڪڏهن تو ۾ ڪو مردانگيءَ جو جوهر موجود آهي ته ميدان ۾ اچ؛ خدا جنهن کي گهرندو، انهيءَ کي فتح ڏيندو.)

غلامِ نبي را بجايش گزار،
تو يارانِ، زر جمله همراه آر.

(تون ميان غلام نبيءَ کي الڳ رهڻ ڏي، پنهنجين پيسن ڪائڻ وارن ساٿين کي وٺي اچ.)

که پرسند ياران ز ياران حساب،
دمِ تيغ گويد ســـوال و جـــواب.[1]

---

[1] "فتحنامو"، ص 86 ۽ "فريئر نامو" ص 25

(اهڙيءَ طرح دوست دوستن کان حساب وٺندا ۽ تلوار جي زبان سان سوال جواب ٿيندا.)

[هن پيغام جو مقصد اهوئي هو ته عام لڙائي نه ٿئي، خلق کي اجايو نقصان نه رسي ۽ ميان صاحب کي انهيءَ ۾ لويو نه وجي. هڪ مصلحت هيءَ ۾ هئي ته تاجو ليکي ۽ سندس ساڻي ميان صاحب جي نالي تي نه لڙن؛ اڪيلا، پنهنجي طاقت جي بنياد تي مقابلو ڪن، ته جئن لڙائي زياده کان زياده ۾ ٽولن تائين محدود رهي. پر تاجو ته فقط ميان صاحب جي ئي طاقت تي اهي فتني سازيون ڪري رهيو هو، تنهن ۾ جدا ٿي طاقت آزمائي ڪرڻ جو حوصلوئي ڪونه هو.

تاجي ۽ سندس ساٿين جا مشورا: مير بجار جو هيءُ پيغام ٻڌي، تاجي، ميان صاحب جي حضور ۾ پنهنجن سيني ساٿين سان مشورو ڪيو. ميان صاحب جي راءِ هيءَ هئي ته لڙائي نه ٿيڻ گهرجي ۽ جڏهن معاملا ڳالهه ٻولهه سان طي ٿي سگهن ٿا ته پوءِ خونريزيءَ تي ڇو زور ڏنو وجي- پر سندس هڻ ڪيل هئا ۽ اختيار جون واڳون تاجي جي هٿ ۾ هيون. هن ڄاتو ٿي ته جيڪڏهن صلح ٿي ويو ته ميربجار پنهنجي تدبر، دانشمنديءَ ۽ معاملي فهميءَ سببان حڪومت جو مختيار بنجي ويندو ۽ ٻيو ڪوبه شخص سندس مقابلي ۾ ڪامياب ٿي نه سگهندو: انهيءَ ڪري هن طي ڪري ورتو ته لڙائي ضرور ٿيڻ گهرجي، الهه بخش جنجهڙ، پيروز پتافي، محمد حسن کهاوڙ ۽ محراب خان جتوئي ميدان ۾ نڪري آيا. سندن پنهنجن لشڪرن کان سواءِ، ڪوسا ۽ افغان به گهڻي انداز ۾ موجود هئا. لشڪر جو ڪل شمار ٽيهن هزارن کان گهٽ نه هو.

عبدالمجيد جوڪئي جو بيان آهي ته، عبدالرحيم ڪردري، ميربجار سان ملڻ لاءِ آيو. هو ميان محمود خان لنواريءَ واري جو مريد هو. هن مير جي فتح لاءِ دعا ڪئي ۽ ٽي شرط مقرر ڪيا:

1. ماڻهن سان عدل ۽ انصاف جو برتاءُ ڪيو وڃي ۽ ڪوبہ ظالم ڪنهن کي نقصان نہ رسائي سگهي؛

2. جيڪي بہ غير شرعي ۽ ناجائز محصول رواج ۾ آهن، اهي بند ڪيا وڃن ۽

3. مستحق فقيرن ۽ سيدن لاءِ بيت المال مان گذران جو بندوبست ڪيو وڃي.[1]

لانياريءَ جي جنگ: مطلب تہ مير بجار جي مخلصانہ ڪوششن جي باوجود جنگ روڪجي نہ سگهي. لانياري (تعلقہ شهداد پور) جي ميدان تي ٻنهي ڌرين جو مقابلو ٿيو. هڪ طرف ٽيهہ هزار ماڻهو هئا، تہ ٻئي طرف ميربجار سان ان وقت فقط ڇهہ هزار بلوچ ساڻ هئا، پر هو وڏيءَ بهادريءَ سان لڙيا، لڙائيءَ جي ڪيفيت مير عظيم الدين نٽويءَ هن ريت بيان ڪئي آهي:

چنان شد بلند آتش کارزار،
که شد تابه فرسنگها شعله بار.

(لڙائيءَ جي باهہ اهڙي زور سان پڙڪي، جو ان جا شعلا آسپاس ڪوهن تائين پهچي ويا.)

گزشت از سرِ سروران آبِ تيغ،
سران سجده کرده بمحرابِ تيغ.

(تلوار جو پاڻي سردارن جي مٿن تان لنگهي ويو ۽ سرِ تلوارن جي محرابن ۾ سجدا ڪرڻ لڳا.)

شده موجزن دجلهء خون ناب،
سرِ کشتگان غوطه خود چون حباب.[2]

(خون جو درياهہ چوليون هڻڻ لڳو؛ ڪُنڊن جا سر انهيءَ ۾ پاڻيءَ جي قوتن وانگر غوطا کائڻ لڳا.)

---

[1] "تاريخ ڪلهوڙا واستقرار حڪومت تالپران"، ص 39

[2] "فتحنامو"، ص 89

"فريئر نامي" ۾ جنگ جي ڪيفيت هن طرح بيان ٿيل آهي.

> جوانن ۽ پوڙهن تي موت کي مسلط ڪيو ويو. ملڪ الموت جي بازار گرم ٿي ويئي. ٻنهي طرفن جي جوانن نيزي بازي شروع ڪري ڏني. نيزا بهادرن جي حياتين ونڊ لاءِ نانگ وانگر زهر هارڻ لڳا. نغارن جي ڏما ڏم کان آسمان جي برجن ۾ زلزلو پيدا ٿي ويو. معلوم ٿيو ٿي ته قيامت اچي ويئي آهي. جوانن جا پير ۽ بدن جا عضوا الڳ الڳ ٿي پکڙجي ويا هئا.[1]

ميان غلام نبيءَ جي شهادت: ٽوريءَ دير کان پوءِ ميان غلام نبي خان جي لشکر ۾ پريشاني ڦهلجي ويئي. پيروز پتافي لڙندي مارجي ويو، تڏهين ٻين ماڻهن جا حوصلا به سرد ٿي ويا. ميان غلام نبيءَ جڏهين هيءُ حال ڏٺو، تڏهين پنهنجي خاص خدمتگارن مان هڪ ٻن کي قرآن شريف ڏيئي، ميربجار ڏانهن روانو ڪيائين ته 'اي دانشور مير! آءٌ هنن ماڻهن جي هٿ ۾ قيد آهيان، مون کي هن مصيبت کان چوٽڪارو ڏيار؛ منهنجي طرفان خدا جي پاڪ ڪلام کي شفيع سمجهه'.

'فريئر نامي" جا لفظ هي آهن:

> اين فقير از جنگ متنفر بود، ليکن از گردشِ افلاک در پنجهء لئيمان گرفتار بودم، کشان کشان مرا در اين جا رسانيدند- کلام ملک الانام را پيشِ آن مهربان شفيع سازم که بهر طور تواني، مرا وارسي.[2]

---

[1] "فريئر نامو"، ص 26

[2] "فريئر نامو"، ص 26-27

(هن فقير کي جنگ کان نفرت هئي، ليڪن قسمت جي گردش کان ظالمن جي پنجي ۾ گرفتار ٿي ويو. هو مون کي گهليندا گهليندا هتي وٺي آيا. هاڻي خدا تعاليٰ جي ڪلام پاڪ کي اوهان جي اڳيان شفيع بنايان ٿو ته جيئن به ممڪن ٿئي، مون وٽ پهچي وڃو.)

هيءُ پيغام جيتوڻيڪ مخفي طرح موڪليو ويو هو، ليڪن تاجي ليکيءَ کي اهو احوال معلوم ٿي ويو. هو تمام جوش ۾ اچي، چند ساٿين کي پاڻ سان وٺي، ميان صاحب وٽ آيو ۽ چيائين ته تنهنجي نيت اول کان ئي اها هئي؛ روز اول کان تون مون کي برو سمجهندو هئين ۽ مون تي توجهه ڏيڻ وقت توکي ڏک ٿيندو هو.

چو مارا نخواهي، تو هم خوش مباش،
زدندش دگر تيغ جوشن تراش.

(توکي اسين پسند نه آهيون، ته تون به خوش نه رهه: ائين چوندي ئي ميان صاحب تي لوهي زرهه کي ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ واريون تلوارون هلايائون.)

شدش تيغ برآن حمائل نشين،
پيام شهادت شده دلنشين.

(وڌيندڙ تلوار ميان صاحب جو ڪم تمام ڪري ڇڏيو؛ اهو شهادت جو دلنشين پيغام بنجي ويو.)

چو بر خاڪ افتاد از تختِ زين،
تو گوئي فتاد آسمان بر زمين.[1]

(ميان صاحب زين جي تخت تان زمين تي ڪري پيو: چوڻ گهرجي ته آسمان زمين تي ڪري پيو.)

---

[1] "فتحنامو"، ص 90

"فريئر نامي" ۾ آهي ته تاجي چيو: 'تنهنجو مڪر مون کي معلوم ٿي ويو هو؛ تنهنجي دل اڳي ئي بلوچن ڏانهن مائل هئي؛ تو اسان جا سمورا احسان وساري ڇڏيا'. ائين چوندي ئي، هن فرشته سيرت جوان کي تلوار هڻي عدم جي دنيا ڏانهن روانو ڪري ڇڏيائين.[1]

ميان صاحب کي شهيد ڪندي ئي، تاجو پنهنجن ماڻهن جي هڪ ٽوليءَ کي ساڻ وني درياهه جي طرف پگو ۽ ٻيڙيءَ ۾ سوار ٿي شاهه ڪڙهه پهچي ويو. مير عظيم الدين نٽويءَ "شڪستِ شقي" (1190ع) مان هن جي پڄڻ جي تاريخ ڪڍي:

چو بگريخت آن زر پرستِ شقي،
خرد گفت سالش: "شڪستِ شقي".[2]

عبدالمجيد جوڪئي لکيو آهي ته لشڪر ۾ افراتفري ڦهلجي ويئي ۽ ميان پنهنجي خاص دستي کان الڳ ٿي ويو. انهيءَ وچ ۾ ڪنهن ظالم ڪيس گهائيندڙ زخم رسايا.[3]

"جواهر عباسيه" جو بيان: "جواهر عباسيه" جو بيان آهي ته مير بجار مسقط کان ڪراچيءَ پهتو، جو ان وقت مير نصير خان قلات جي واليءَ جي قبضي ۾ هو؛ پوءِ سنڌ مان لنگهي، 'ڪانا' ۾ وڃي وينو، جو رياست جيسلمير جو هڪ ڳوٺ آهي. ميان غلام نبيءَ مير جي اڇڻ کي پنهنجيءَ طاقت جو ذريعو سمجهيو ۽ هڪ پنهنجو هٿ اکر خط مخفي طرح مير ڏانهن موڪلي ڏنائين ته: 'آءٌ اوهان جي اڇڻ تي ڏاڍو خوش آهيان ۽ سرائين جي خودسريءَ مان مون کي ڏاڍو خوف آهي.' تاجو ليکي ۽ محراب جتوئي هن خط جي راز ظاهر ٿيڻ تي ميان صاحب کان سخت ناراض ٿي پيا. هنن کي يقين هو ته جيڪڏهن مير بجار اچي ويو، ته هنن سيني کي نڪرڻو،

---

(1) "فريئر نامو"، ص 27
(2) "فتحنامو"، ص 91
(3) "تاريخ ڪلهوڙا و استقرار حڪومت تالپران"، 41

بلڪ ختم ٿيڻو پوندو. هنن ميان صاحب کان ماجرا پڇي؛ ميان صاحب خوف کان انڪار ڪري ڇڏيو. مطلب ته صلاح مشوري کان پوءِ هو لڙائيءَ لاءِ تيار ٿي ويا ۽ ميان صاحب کي به مجبوراً ساڻ ڏيڻو پيو. آخرڪار مير بجار فتحياب ٿيو:

"بان مجبور اول عتاب نمود که ما را بالتجا طلبيدي و از نفاق بر ما لشکر کشيدي، بعد از آن ميان غلام نبي و اکثر سرائيان را بخاکِ مذلت انداخت."[1]

(هن مجبور ٿي پهرين ناراضگيءَ جو اظهار ڪيو ويو جو مون کي پاڻ التماس ڪري گهرايائون ۽ پوءِ دشمنيءَ کان ڪم ونندي مون تي چڙهائي ڪيائون: ان کان پوءِ ميان غلام نبيءَ ۽ ڪيترن سرائين کي قتل ڪيو ويو.

الزام جي حيثيت: حالات جي صورت اهڙي هئي جو ميربجار کي ميان غلام نبيءَ جي قتل جو ڏوهي ٺهرائڻ قياس کان پري نه هو؛ ليڪن "جواهر عباسيه" جو بيان سراسر واقعي جي خلاف آهي، ڇاڪاڻ ته:

1. هن واقعي جي تمام ويجهن راوين جو بيان انهيءَ جي خلاف آهي: ۽ صحيح انهيءَ کي مڃڻ گهرجي جو تمام ويجهن راوين جو بيان ٿيل آهي، انهيءَ ڪري جو هو تمام حالات کان سڌيءَ طرح واقف هئا.
2. مير بجار کي ميان غلام نبيءَ جي خلاف شڪايت جو ڪو به سبب نه هو. هن جي والد ۽ پاءُ کي ميان غلام نبيءَ نه، بلڪ ميان سرفراز خان قتل ڪرايو هو.
3. ميان صاحب جي آقائيت جو واسطو وجهي، مير بجار کان عمرڪوٽ جو قلعو خالي ڪرايو ويو هو ۽ مير بجار انهيءَ واسطي جي قبول ڪرڻ ۾ ڪابه هيڪ نه ڪئي هئي.

---

[1] "جواهر عباسيه"، ص 220-221

4. جيڪڏهن مير بجار ميان غلام نبي خان جي قتل جو ذميوار هجي ها، ته ميان جي ننديي ياءُ عبدالنبيءَ کي ڇو جانشين مقرر ڪري ها؟

5. مير بجار کي جو خط لکيو ويو هوندو، سو سندس سنڌ پهچڻ تي لکيو ويو هوندو. لانياريءَ جي جنگ اٽڪل ٽن مهينن جي عرصي کان پوءِ ٿي. ڪهڙو سبب آهي جو مير بجار کي ميان وٽ حيدرآباد وڃڻ بدران عمرڪوٽ وڃڻو پيو؟

بهرحال، "جواهر عباسيه" جو اهو بيان بلڪل غلط آهي. اصل روايت ۾ ڪي ٻيون غلطيون پڻ موجود آهن- مثلاً، 'تاجي ليکي' جي جاءِ تي 'راجي ليکيءَ' جو نالو لکيو ويو آهي، حالانڪ لانياريءَ جي جنگ کان اول ئي راجو ليکي مري چڪو هو. روايت ۾ شاهه بهاري جو ذڪر به موجود آهي، حالانڪ بهارو شاهه هن واقعي کان ايڪيتاليهه سال اڳ وفات ڪري چڪو هو.

مير بجار جو حسن سلوڪ: تاجو ليکي جڏهن پڇي نڪتو، تڏهن الهه بخش جنجهڻ، محمد حسن کهاوڙ ۽ محراب جتوئي، مير بجار جي خدمت ۾ پهچي پنهنجي ڏوهه جي معافيءَ جا طلبگار ٿيا. مير سيني جي ڏوهه کي درگذر ڪيو ۽ ڪمال اهو جو ڪنهن جي به خاطرداريءَ ۾ ڪوتاهي ڪانه ڪيائين. مير بهرام وانگر، مير بجار به تدبر ۽ جوانمرديءَ سان گڏ صبر ۽ تحمل جو مجسمو هو. مير بجار کان پوءِ، سموري خاندان ۾، انهن وصفن جو جامع فقط مير عبدالله خان ٿيو.

جڏهن معلوم ٿيو ته ميان غلام نبي خان تاجي ليکيءَ جي هٿان ناحق شهيد ٿي ويو، تڏهن مير کي حد کان وڌيڪ ارمان ٿيو. هو انهيءَ ئي حالت ۾ ميان صاحب جي لاش طرف ڊوڙندو آيو، لاش جي پر ۾ زمين تي ويهي رهيو ۽ دير تائين غم جي شدت کان گوڏن تي هٿ هڻندو رهيو. پوءِ تابوت نهرائي، ان لاءِ زربفت

جو غلاف تيار ڪرايائين؛ انهيءَ تابوت ۾ ميان صاحب جو لاش رکائي حيدرآباد روانو ڪيائين ۽ فوج جي هڪ ٽولي کي تاجي ليکيءَ جي گرفتاريءَ لاءِ مقرر ڪيائين.[1]

"فريئر نامي" جو بيان: "فريئر نامي" هن واقعي بابت هڪ ٻي روايت پيش ڪئي آهي، جا هيٺ درج آهي:

ميان غلام نبي خان، پنهنجن غلامن سان گڏ، فوج جي خاص دستي ۾ موجود هو. بلوچي لشکر جي خوف کان هراس ڦهليو ته هو پنهنجي دستي کان الڳ ٿي ويو ۽ هڪ ظالم جي هٿان ڪيس زبردست گهاءُ رسيا؛ ليڪن اجا زندگيءَ جون ڪي گهڙيون باقي هيس، ته مير بجار سندس سيراندي پهچي ويو. مير، ميان جي مٿي ۽ اکين تي چميون ڏنيون؛ هن جي جسم تي جيڪا مٿي ۽ لٽ هئي، تنهن کي ريشمي ڪپڙي سان اُگهيائين ۽ پوءِ افسوس ۽ پشيمانيءَ جو اظهار ڪندي چوڻ لڳو ته 'منهنجي لاءِ بهتر ٿئي ها جو هن واقعي کان اڳ ئي مري وڃان ها ۽ سرڪار جي هيءَ بي ادبي پنهنجين اکين سان نه ڏسان ها!' ميان آهستگيءَ سان وراڻيو: 'تنهنجو ڪوبہ ڏوهہ ڪونهي، قادر قدير ئي منهنجي قسمت ۾ ائين لکيو هو: هاڻ آءٌ توکي وصيت ڪريان ٿو ته منهنجي ڀاءُ عبدالنبيءَ کي مسند تي ويهارجانءِ ۽ جيترو ٿي سگهي، ساڻس نيڪيءَ ۽ پلائيءَ ۾ ڪوتاهي نه ڪجانءِ.' هيءَ وصيت ڪندي ئي پاڻ رحلت ڪيائين- اِناالله و اِنا اِليه راجعون.[2]

ممڪن آهي ته اهو سڀ ڪجهہ درست هجي، پر ظاهري طرح هيءُ روايت دارا ۽ سڪندر جي آخري ملاقات جو چربو معلوم ٿئي ٿو. ميان جي وصيعت جي باري ۾ يقين سان ڪجهہ چوڻ مشڪل آهي.

---

(1) "فتحنامو"، ص 91-93

(2) "فريئر نامو"، قلمي نسخو ص 28. "تاريخ ڪلهوڙا" واستقرار حڪومت تالپران" جي روايت بہ ساڳئي قسر جي آهي (ص 41)

"قانع جو قصيدو: "قانع" جي قصيدن مان هڪ قصيدو ميان غلام نبيءَ جي مدح ۾ به آهي، جنهن مان چند شعر هيٺ درج ڪيا وڃن ٿا:

گزيده دوحهء عباس و زيب نامهء عز،
به خلق و خُلق نه ديده مثالِ او دوران؛
سرير سند به ذاتش چنان منور شد،
ڪز انفعال شده ماه تيره در سرطان؛
ڪسي ڪه شد به وجود شهي غلام نبي،
گزيده باد به الطاف ايزد منّان؛
عزيز بود به نزدِ خدا چه شد ڪه فلڪ،
چو يوسفش ننموده به ديدهء اخوان؛
فروغِ نور محمد بلے ز جبهء او،
به چشم دهر ز روز الست بود عيان.

ظاهر آهي ته مٿين شعرن ۾ 'غلام نبي' ۽ 'نور محمد' صنعت ايهام جا حامل آهن- يعني اهي نالن جي طور به استعمال ٿيا آهن، لفظن جي طور به.

هيٺ ڄاڻايل بن شعرن ۾ ميان غلام نبيءَ جي جلوس جي نوبت واضح ٿئي ٿي:

ورا سعادت تثليث داد در طالع،
پس از هبوط بهين نجم شاه وردي خان؛
و يا مثالِ علي ولي شده چارم،
بـه نسبت خلفـاي ڪبار در اخـوان.

مطلب هي آهي ته جيڪڏهن مستقل حڪمرانن جي فهرست اڳيان رکي وڃي، ته پائرن ۾ عبدالنبيءَ جي جلوس جي نوبت ٽئين نمبر ۾ آهي- يعني اول مرادياب خان، ٻيو غلام شاهه خان، (شاهه وردي خان) ۽ ٽيون غلام نبي خان. جيئن ته ميان غلام نبي خان سرفراز خان جي معزوليءَ کان پوءِ تخت تي ويٺو، انهيءَ ڪري "قانع" چيو ته جڏهن 'شاهه ودي خان' جو روشن ستارو ٻڏي

ويو، تڏهن ميان جي لاءِ جلوس جو موقعو پيدا ٿيو. جيڪڏهن خلافت راشده جي نسبت سامهون رکي وڃي، ته پائرن ۾ غلام نبي خان جو درجو، حضرت عليءَ وانگي، چوٽون ٻيهندو- يعني اول مرادياب خان، ٻيو عطر خان، ٽيون غلام شاهه خان ۽ چوٽون غلام نبي خان.

آخر ۾ پنهنجو ۽ ميان غلام نبي خان جو تعلق نهايت سهڻي طريقي سان واضح ڪيو اٿس:

منم غلامِ علي شير "قانع" از لطفش،
توئي غلامِ نبي اي گزيدهء رحمان.[1]

[1] هي شعر "قانع" جي قصيدن جي انهيءَ مخطوطي تان ورتل آهن، جو سيد حسام الدين راشدي جي ملڪيت آهي.

ميان عبدالنبي خان

ميربجار جي خواهش: ميان غلام نبي خان جي وفات کان پوءِ، ميربجار نئينءَ خداآباد ۾ وڃي وينو. هن جي خواهش هئي ته ميان سرفراز خان کي قيد مان ڪڍي، ڪيس نئين سر حڪومت جي گاديءَ تي ويهاري. سرفراز خان جيتوڻيڪ ڪن اندر- پليتن جي پڙڪائڻ تي ميربجار جي والد ۽ پاءُ کي قتل ڪرايو هو، ليڪن هو هڪ عالم ۽ دانشمند هو ۽ ملڪي ڪاروبار کي بهتر طريقي سان سنيالڻ جي پوري اهليت رکندڙ هو[1] ۽ ميربجار جي نزديڪ ملڪي مقصد ۽ مصلحتون انتقام جي ذاتي جذبن کان ترجيح جون مستحق هيون. ميراهڙي اونداهي دور ۾ اهي عظيم القدر جذبا ۽ احساس رکندڙ هو، جڏهن خود غرضي عام هئي. اهي ئي احساس ۽ جذبا هن جي يگاني عظمت جو بنياد آهن. عظمت جو اهڙو ئي پاڪيزه پيڪر سندس پٽ ميرعبدالله هو، جيئن اڳتي هلي معلوم ٿيندو. ميربجار اجا انهيءَ باري ۾ مشورا ئي ڪري رهيو هو، ته حيدرآباد جي قلعي ۾ اوچتو قيامت برپا ٿي ويئي.

عبدالنبيءَ جي شقاوت: ميان غلام نبي خان مرحوم جو سڳو پاءُ، عبدالنبي خان، حيدرآباد ۾ هو. سرفراز خان، ان جو پٽ محمد خان، پاءُ محمود خان ۽ چاچو عطر خان، قلعي ۾ نظربند هئا. عبدالنبيءَ جاتو ٿي ته انهن چئني کي ڪائنس ترجيح ڏني ويندي، اُنهيءَ ڪري هن پنهنجي مسند نشيني جي زستي صاف ڪرڻ لاءِ انهن چئني

---

[1] "جواهر عباسيه"، ص 221؛ "فتحنامو"، ص 93

کي ختم ڪرڻ جو منصوبو بنايو. جڏهن غلام نبيءَ جو تابوت حيدرآباد پهچي ويو ۽ ماڻهو ڪفن دفن کان فارغ ٿي چڪا، تہ عبدالنبيءَ حڪم ڏنو تہ چئني نظربندن کي بنا دير جي ماري ڇڏيو وڃي، تہ جيئن ڪوبہ شخص سندس مقابلي ۾ جانشينيءَ جو دعويدار بنجي نہ سگهي.

"فريئر نامي" جو بيان آهي تہ جوڻيجا قبيلي جا ماڻهو انهن قيدين جي پهري تي مقرر ٿيل هئا. اهو عبدالنبيءَ جو ناناڻو قبيلو هو. عبدالنبيءَ انهن کي چيو:

"انهن چئني قيدين طرفان منهنجيءَ دل کي تمام گهڻو خوف آهي؛ مون کي اميد آهي تہ اوهين انهن کي عدم جي ملڪ ڏانهن روانو ڪري ڇڏيندا."

انهن بيدردن چند گهڙين ۾ چئني بيڪسن کي تلوارن سان ختم ڪري ڇڏيو.[1] اهڙيءَ طرح، چند ڏينهن ۾ هن عباسي خاندان جا پنج شخص شهيد ٿي ويا. انهيءَ دردناڪ واقعي تي ڪنهن شخص هيئنين تاريخ چئي:

پنج ڪم از گل باغ عباس.[2]

"فتحنامي" جو بيان: فتحنامي" جو بيان آهي:

طلب کرد جونيجه ها زود تر،
که بود ند حارس بر آن چندسر.

(هن جلدي انهن جوڻيجن کي گهرايو، جي انهن قيدين تي پهريدار هئا.)

به شان گفت کاي دوستان اين زمان،
مـرا هست فکـر اسيران بجـان.

---

(1) "فريئر نامو"، ص 130؛ ۽ "تاريخ ڪلهوڙا و استقرار حڪومت تالپران"، ص 41

(2) "گل باغ عباس" مان '1186' عدد نهي ٿو، ان ۾ پنج شامل ڪيا وڃن تہ '1191' بنجي ويندو: اهڙي هن دردناڪ واقعي جي تاريخ آهي. تاريخ چوندڙ جو مطلب هيءُ آهي تہ جيڪڏهن "گل باغ عباس" مان پنج گهٽ نہ هجن ها، تہ '1191' رهي ها. ڪن روايتن ۾ ذڪر آهي تہ سرفراز خان جا ٻہ پٽ هن موقعي تي شهيد ٿيا؛ مستند روايتن ۾ فقط هڪ پٽ جو ذڪر آهي.

(انهن کي چيائين ته دوستو، هن وقت مون کي انهن قيدين جو وڏو فڪر آهي.)

بر آنها چنين تيز دستي کنيد،
که آزاد از قيد هستي کنيد.

(انهن تي اهڙو تيز هٿ هلايو، جو هو زندگيءَ جي قيد کان ڇٽي وڃن.)

که اين کارها بادشاهان کنند،
پيء مصلحت قتل اخوان کنند.

(بادشاهه ائين ئي کندا آهن؛ مصلحت خاطر پائرن کي ۽ قتل ڪرائي ڇڏيندا آهن.)

برين امر آن قوم بيدادگر،
بسته به قتل اسيران کمر.

(هن حڪم تي انهن ظالمن قيدين کي قتل ڪرڻ تي ڪمر ٻڌي.)

رسيدند آن جمع بے شرم و باک،
بر آن بے گناهان بقصد هلاک.

(بيشرم ۽ بيباڪ ماڻهو، انهن بيگناهن کي قتل ڪرڻ جي ارادي سان پهچي ويا.)

سر سروران را جدا ساختند،
زمهمان سرا کربلا ساختند.

(سردارن جا سر جدا ڪري ڇڏيائون ۽ مهمان سراءِ کي ڪربلا بنائي ڇڏيائون.)

زحسرت قضا دست بردست زد،
قدر نيز زين غم به سردست زد.[1]

(قضا حسرت جا هٿ مهٽيا ۽ قدر ۽ انهيءَ غم ۾ منهن مٿو پٽيو.)

---

[1] "فتحنامو"، ص 61

عبدالنبيءَ جي جانشيني: جڏهن خاندان ۾ ٻيو ڪوبه حڪومت جو دعويدار باقي نه رهيو، تڏهن ميان عبدالنبيءَ کي ئي گاديءَ تي ويهارڻ جو فيصلو ڪيو ويو. مير بجار خان بن معتبر ماڻهن کي ميان عبدالنبيءَ ڏانهن حيدرآباد روانو ڪيو ته اوهين هتي اچي پنهنجي پاءُ جي مسند کي زينت بخشيو. عبدالنبي هيءُ پيغام ٻڌندي ئي پنهنجي سامان سڙي ۽ لشکر سميت حيدرآباد مان روانو ٿيو ۽ هڪ ئي ڏينهن ۾ هالا ڪنديءَ پهچي ويو، جو نئين خداآباد جي نزديڪ هو. ٻئي ڏينهن مير بجار ۽ ملڪ جا امير ميان جي خدمت ۾ حاضر ٿيا ۽ حضرت مخدوم نوح جي درگاهه ۾ ميربجار پنهنجن هٿن سان ميان جي سر تي حڪومت جو دستار ٻڌي، پوءِ اتان وڏي شان شوڪت سان ڪيس ميان سرفراز خان جي محل ۾ اچي ويهاريائون.[1]

هيگ جو بيان: روايت اها ئي آهي، جا مٿي بيان ٿي چڪي آهي، ليڪن ڪن بيانن ۾ حالات جي تصوير ٻئي رنگ ۾ پيش ڪئي ويئي آهي: مثلاً، هيگ لکي ٿو ته

> "غلام نبيءَ جنگ جي ميدان ۾ (مير بجار) جو مقابلو ڪيو ۽ مارجي ويو. هن جو پاءُ عبدالنبي حيدرآباد ۾ قلعي بند ٿي ويهي رهيو. هن پنهنجن ٽن ويجهن عزيزن کي مارائي، ٽنهي مستند جي اميدوارن کان چوٽڪارو حاصل ڪيو. مير بجار حيدرآباد جي چوڌاري گهيرو ڪيو. پر جڏهن ڏٺائين ته قلعو تمام مضبوط آهي، تڏهن خوني عبدالنبيءَ سان صلح ڪيائين ۽ هن شرط تي عبدالنبيءَ کي رئيس تسليم ڪيائين ته مير پاڻ وزيراعظم ۽ مدارالمهام رهندو."[2]

---

[1] "فتحنامو"، ص 95

[2] "دي انڊس ڊيلٽا ڪنٽري"، ص 122

پوسٽنز جو بيان: "پوسٽنز" جو چوڻ آهي ته جڏهن مير بجار آيو، تڏهين غلام نبي خان هڪدم مٿس حملو ڪيو. لڙائي لڳي، جنهن ۾ غلام نبي خان مارجي ويو. مير بجار، جنگ جي ميدان ۾ فتح حاصل ڪرڻ کانپوءِ، حيدرآباد جي قلعي تي چڙهائي ڪئي. اتي غلام نبيءَ جو پاءُ عبدالنبي موجود هو:

"هن پاءُ جي موت جي خبر ٻڌندي ئي قلعي کي بند ڪرائي ڇڏيو. عطر خان، سرفراز خان، مير محمد خان ۽ ٻين کي قتل ڪرائي ڇڏيائين، جن بابت شبهو ٿي سگهيو ٿي ته اهي سندس مقصد جي حصول ۾ رڪاوٽ ثابت ٿيندا..... ميربجار قلعي جي سامهون پهچي معلوم ڪيو ته هي فتح ڪرڻ کان زور آهي. پوءِ هن ڪيترائي پيغام عبدالنبيءَ کي موڪليا، جن ۾ هن سان عقيدت، وابستگيءَ ۽ اطاعت جو يقين ڏياريو ويو هو. عبدالنبي خان، دانائپ ۽ دوراندیشيءَ جي بنياد تي نه، بلڪ پيغامن تي يقين ڪندي، قلعي کان ٻاهر نڪري آيو. ميربجار خان پنهنجي وعدي تي انتهائي خلوص ۽ همت سان پابند رهندي ملاقات ڪئي. هيءَ ڳالهه ايشيا ۾ خير کا ڏني وڃي ٿي، خصوصاً اهڙيءَ حالت ۾ تمام ٿورا ماڻهو پنهنجي انجام تي پورا رهن ٿا، جڏهن ذاتي مفاد وعدي ٽوڙڻ جي ترغيب ڏيئي رهيو هجي."[1]

سيٽن جو بيان: سيٽن جي بيان کي ڪو به سر پير ڪو نه آهي؛ مگر جيئن ته اهو به هڪ ذڪر لائق ماخذ آهي، انهيءَ ڪري ان کي نظرانداز ڪري نٿو سگهجي. هو لکي ٿو:

---

[1] "سنڌ بابت ذاتي مشاهدا"، ص 178

"ميربجار خان جو مقابلو محمود خان سان ٿيو. بجار، محمود خان کي شڪست ڏني ۽ هو مارجي ويو. پوءِ بجار عبدالنبيءَ کي مجبور ڪيو ته ملڪ جو انتظام هن جي حوالي ڪري."[1]

"فريئرنامو": "فريئرنامي" لکيو آهي ته ميربجار خان ميان غلام نبي خان جو تابوت حيدرآباد موڪليو، تڏهن ان سان گڏ، ميان صاحب جي وصيت مطابق، عبدالنبيءَ کي پيغام موڪليائين:

که منشور دولت بنامِ توشد،
همـاي سعـادت بدامِ توشد.

(سلطنت جو منشور تنهنجي نالي لکيو ويو؛ سعادت جو 'هما' تنهنجي جار ۾ اچي ويو.)

بيـا و بجاي براد ر نشين،
به اقبال برمسندِ زر نشين.[2]

(اچ ۽ پنهنجي پاءُ جي جڳهه تي ويهه؛ اقبال منديءَ سان سونهري مسند جي زينت بنج.)

بحث جو خلاصو: سيني بيانن پيش ڪرڻ کان پوءِ، مناسب آهي ته حالات جي مختلف اهم جزن جو حاصل مطلب درج ڪيو وڃي:

1. غلام نبي خان ٽالپرن سان جنگ ڪرڻ لاءِ خواهان نه هو؛ پر تاجي ليکيءَ ۽ ان جي ساڻين کيس قابو ڪري ڇڏيو هو ۽ انهيءَ سبب هو سندن راءِ جي ابتڙ کو به قدم کڻي نٿي سگهيو. اغلب آهي ته سندس والده فسادين سان همنوا بنجي ويئي هجي. ان جو هيءُ خيال هوندو ته جيستائين ٽالپرن جو زور نه ٽٽندو، تيستائين جوٽيجا قبيلي جي ماڻهن کي مختيار بنجڻ جو موقعو نه ملندو.

---

(1) "تاريخ ڪلهوڙا"، انگريزي تائپ ٽيل ڪاپي، ص 18
(2) "فريئر نامو"، ص29. هي شعر فتحنامي جا آهن (ص 95).

2. غلام نبي خان کي تاجي ليکيءَ شهيد ڪيو. آخري وقت ۾ ميربجار جو ان سان ملڻ ۽ ميان جو پنهنجي پاءُ لاءِ وصيت ڪرڻ، درست معلوم نٿو ٿئي.

3. مير بجار واقعي چاهيو ٿي ته ڪلهوڙا خاندان مان ڪنهن لائق شخص کي حڪومت جي مسند تي ويهاري. هن جو لاڙو سرفراز جي طرف هو؛ ليڪن عبدالنبيءَ عام خونريزيءَ سان اهڙي صورت پيدا ڪري وڌي جو خود ڪائنس سواءِ ٻيو ڪوبه مسند جو وارث نه رهيو.

4. مير بجار تي تعجب آهي جو هن عبدالنبيءَ جي مسند نشيني قبول ڪئي، حالانڪ هو پنهنجن ڇئن ويجهن عزيزن کي قتل ڪرائي چڪو هو. اهڙي سنگدل شخص کي حاڪم بنائڻ، شرعي توڙي اخلاقي لحاظ کان تصور ۾ نه اچڻ جهڙي ڳالهه هئي. پر هن واقعي کي پوڻا ٻه سؤ سال گذري چڪا آهن ۽ حالات جو پورو نقشو سامهون ڪونهي، انهيءَ ڪري چا ٿو چئي سگهجي ته ڪهڙن سببن مير کي انهيءَ ڳالهه تي مجبور ڪري وڌو؟

عبدالنبيءَ جي حيثيت: "فريئر نامي" جو بيان آهي ته عبدالنبي فاسق هو ۽ اعتماد لائق ماڻهو نه هو؛ خونريزيءَ ۾ ڏاڍو بيباڪ هو[1]. ليڪن اهڙي شخص کي ڪهڙي سبب کان حاڪم تسليم ڪيو ويو؟ هن مان ڪنهن کي ملڪ ۽ قوم جي پلائيءَ جي ڪهڙي اميد ٿي سگهي ٿي؟ جنهن شخص ذاتي غرض لاءِ پنهنجن عزيزن کي بيدرديءَ سان قتل ڪرايو ۽ انهن جي خون جي ندي وهائي پنهنجي حڪمرانيءَ جي ٻيڙي کي تارڻ جو بندوبست ڪيو، اهو شخص عوام جي مال ۽

---

[1] "فريئر نامو"، ص 29

جان جي حفاظت جو حق ڪهڙيءَ ريت ادا ڪري سگهيو ٿي؟ انهيءَ غلطيءَ جو نتيجو هيءُ نڪتو جو ميربجار، ان جو پٽ عبدالله خان ۽ چاچي جو پٽ فتح خان مارجي ويا؛ ۽ سنڌ مٿان اهي آفتون نازل ٿيون، جن جو تصور اڄ ب دل کي لرزايو ڇڏي.

ملڪي انتظامن جي درستي: عبدالنبيءَ جي مسندنشينيءَ تي ميربجار ملڪي انتظام جو ڪاروبار پاڻ سنياليو ورتو ۽ ملڪ جي بگڙيل ڪارخاني کي نئين سر درست ڪيائين. رعيت سالن کان پريشانيءَ ۾ مبتلا هئي ۽ باهمي لڙائين ۾ ڪيترائي ملڪي علائقا تباهه ٿي چڪا هئا، جن کي هن نئين سر آباد ڪيو.

الهه بخش جنجهڻ سلاميءَ لاءِ عام دربار ۾ حاضر ٿيو، تہ عبدالنبيءَ جي دل ۾ پاءُ جي قتل جي يادگيري تازي ٿي ويئي. هو سخت غصي ۾ اچي ويو ۽ چوڻ لڳو تہ 'اي ڪميٽا! تون ميدان ڇڏي پڄي وئين، پنهنجيءَ جان بچائڻ لاءِ پريشان رهين ۽ پنهنجي آقا جا سمورا حق وساري ڇڏيئہ! جڏهن ليکيءَ منهنجي پاءُ کي قتل ڪرڻ لاءِ هٿ وڌايو هو، تڏهن تو ان کي چو نہ بچايو؟ توکي ليکيءَ جو ايترو خيال چو هو؟ جيڪو مال ليکيءَ توکي ڏنو، اهو اُن جو نہ هو، اسان جو هو: تو ننگ ۽ ناموس جي رشتي کي ٽوڙيو ۽ اسان جو نمڪ کائي، اسان سان ئي بيوفائي ڪئي!' ائين چوندي ڪيس قيد ۾ وجهڻ جو حڪم ڏنائين.

تاجي ليکيءَ جي گرفتاري ۽ آزادي: تاجو ليکي ب پنهنجن پائرن، ٻڌن ۽ ساڻين سان گڏ قيد ٿي آيو. عبدالنبيءَ سندس قتل جو حڪم جاري ڪيو. هن موقعي تي ميربجار سفارش ڪري سندس حياتي بچائي. "فتحنامي" جي مصنف ٺيڪ چيو آهي:

نه ديدم بجز مير کس در جهان،
که کرده است جان بخشيء دشمنان.

(مون ميربجار کان سواءِ ٻئي ڪنهن به شخص کي نه ڏٺو، جنهن پنهنجن دشمنن جي جان بخشي هجي.)

نه بودش ازين امر مقصد جز اين،
ڪه آرد بجا سنت شاه دين.

(هن جو مقصد فقط هيءُ هو ته حضرت رسول الله (صلي الله عليه وآله وسلم) جي سنت ادا ڪري.)

اهڙيءَ ريت، مير جي سفارش تي، جنجهڻ کي قيد کان نجات ملي ويئي، تاجي جي جان بچي ويئي ۽ سندس اهل عيال کي قيد مان چوٽڪارو مليو.[1]

[1] هي سموريا حالات "فتحنامي" ۽ "فريئرنامي" تان ورتل آهن: ("فتحنامو"، ص 95-98؛ ۽ "فريئرنامو"، ص 31-32). ميان جنهن ليکيءَ جي اهڙيءَ شدت سان مذمت ڪئي، اڄتي هلي انهيءَ ساڳئي کي پنهنجو خاص مشير مقرر ڪيائين!

عزت يار خان جا هنگاما

حالات جو نقشو: مير بهرام ٽالپر ۽ ان جي فرزند صوبدار جي قتل ٿيڻ تي سنڌ ۾ جيڪو بدامنيءَ ۽ خونريزيءَ جو هنگامو برپا ٿي ويو هو، تنهن ۾ مالي توڙي جاني نقصان پڻ ڪافي انداز ۾ ٿيو ۽ ملڪي انتظامي ڪاروبار کي به وڏو ڇيهو رسيو. عام ماڻهن ۽ اڪابرن کان سواءِ ڪلهوڙا خاندان جا پنج فرد هن ئي هنگامي ۾ ختم ٿي ويا. راڄي ليکي ۽ ان جي پٽ تاجي، ٽالپرن جي خلاف گروهه بندين جي سلسلي ۾، ملڪي خزاني کي نهايت بريءَ طرح برباد ڪيو- حالانڪ اصل ۾ هيءُ خزانو راڄي يا تاجي، ڪلهوڙن يا ٽالپرن جو نه هو، بلڪ ملڪ ۽ قوم جو خزانو هو ۽ ان کي ملڪ ۽ قوم جي ئي بهبودي‌ءَ ۾ خرچ ٿيڻ ڪپندو هو. مير بجار ملڪي انتظام بحال ڪرڻ جو ڪم شروع ڪري ڏنو هو ۽ اميد پيدا ٿي ويئي هي ته سنڌ جو عوام وري امن ۽ اطمينان جي زندگي گذارڻ لڳندو ۽ افراتفريءَ جي زماني ۾ سندن معاشي وسيلن کي جيڪو ڏڪ لڳو هو، ان جي تلافي ٿي ويندي. عين ان وقت، افغانستان جي طرفان فتني فساد جو هڪ نئون طوفان اٿيو ۽ ڏسندي ڏسندي سنڌ جي فضا کي تاريڪ بنائڻ جا سامان گڏ ٿي ويا.

عزت يار خان: پڙهندڙ کي ياد هوندو ته مرادياب جي معزوليءَ کان پوءِ ميان نور محمد خان جي ٽن پٽن ۾ مسندنشينيءَ تان جهڳڙو شروع ٿي ويو هو: سنڌ جي اڪابرن غلام شاهه کي حاڪم چونڊيو؛ افغاني دربار عطر خان کي حڪومت جو پروانو ڏنو ۽ احمد يار خان عطر خان جي حمايت ڪئي ۽ آخرڪار ملڪ انهن ٽن

پائڻ ۾ تقسيم ٿي ويو. ان بعد عطر خان ۽ احمديار خان پاڻ ۾ وڙهي پيا. احمديار خان پنهنجي پٽ عزت يار خان[1] کي يرغمال ۾ ڏيئي سنڌ جي حڪومت جو پروانو حاصل ڪيو. ليڪن، غلام شاهه جي مقابلي ۾ نه عطر خان همت ساري سگهيو ۽ نه احمد يار خان. هو ٻئي، سنڌ ڇڏي، بهاولپور پهچي ويا. احمد يار خان هندستان هليو ويو؛ ۽ عطر خان ڪجهه وقت جي هنگامي بازيءَ کان پوءِ غلام شاهه وٽ پهچي ويو ۽ باقي زندگي خاموشيءَ سان گذاريائين— تان جو عبدالنبيءَ ڪيس ناحق قتل ڪرائي ڇڏيو. عزت يار خان افغانستان ۾ ئي رهيو.

دربار ۾ شڪايتون: سرفرازخان جي معزوليءَ تي سنڌ ۾ خانه جنگيءَ جي باهه ٻرڪي، تہ عزت يار خان پنهنجي لاءِ حڪومت جي پرواني حاصل ڪرڻ جي ڪوشش شروع ڪري ڏني. محمود خان جي مسندنشينيءَ ۽ معزوليءَ، يا غلام نبيءَ ۽ عبدالنبيءَ جي مسندنشينيءَ لاءِ دربار کان بلڪل راءِ نہ ورتي ويئي. انهن حالتن عزت يار خان لاءِ چورپچار جو سازگار موقعو پيدا ڪري ڏنو. هن، ڪجهه دربارين کي پاڻ سان ملائي، تيمور کي عرضداشت پيش ڪئي تہ 'سنڌ ۾ ڏڪير پيدا ٿي چڪو آهي، حالتون بيحد بگڙي چڪيون آهن، تالپر بلوچ سيني معاملن تي حاوي ٿي ويا آهن، هرطرف شور برپا آهي ۽ عباسي خاندان جي هڪ فرد کي نالي ماتر مسند تي ويهاريو ويو آهي، پر اختيار جا مالڪ تالپر آهن'.

عزت يار خان کي سنڌ جو پروانو: جيئن تہ بدامنيءَ جي زماني ۾ ملڪ ۾ محصول وصول نہ ٿيو هو ۽ ان ڪري افغاني دربار کي مقرر خراج ادا ٿي نہ سگهيو هو، انهيءَ ڪري تيمورشاهه، عزت يار خان جي عرضداشت کي درست سمجهي، ڪيس سنڌ جي حڪومت

---

[1] "جواهر عباسيه" عزت يار خان کي 'عطر خان' جو پٽ ڄاڻايو آهي (ص 230) در اصل هو 'احمد يار خان' جو پٽ هو.

جو پروانو ڏيئي ڇڏيو. هن کي هڪ هاٿي ۽ نهايت قيمتي خلعت عطا ڪئي ويئي. محفوظ خان، بادشاهي حڪيم کي حڪم مليو ته هو ڏهه هزار دراني ۽ بابري سوار پاڻ سان وٺي عزت يار خان سان وڃي ۽ ان کي سنڌ جو حاڪم بنائي. ديرن جي نائب ناظم، قمرالدين جي نالي فرمان جاري ٿيو ته هو لشڪر لاءِ خرچ پهچائڻ جو بندوبست ڪري ۽ پڻ ديرن مان افغانن ۽ بلوچن جو لشڪر محفوظ خان جي مدد لاءِ تيار رکي. قلات جي واليءَ نصير خان، ملتان ۽ شڪارپور جي ناظمن ۽ دائودپوٽن کي به هدايت ڪئي ويئي ته هو عزت يار خان جي حمايت ۽ مدد ۾ ڪابه ڪوتاهي نه ڪن. ازانسواءِ ڪوسن جو به هڪ لشڪر تيار ٿي ويو. اهڙيءَ طرح، عزت يار خان جي جهنڊي هيٺ ٽيهه هزار ماڻهو گڏ ٿي ويا.[1]

ميربجار جون پريشانيون: هاڻ ميربجارخان جي پريشانين جو اندازو لڳايو. هو ملڪ ۽ ملڪ واسين کي بدامنيءَ جي مصيبتن مان چوٽڪاري ڏيڻ لاءِ ڪوشان هو؛ ليڪن افغاني دربار، صحيح حالات جي چند چاڻ ڪرڻ کان سواءِ، سنڌ کي جنگبازيءَ جي مرڪز بنائڻ لاءِ ڪمر ڪشيو ويٺي هئي. ميربجار جي اها خواهش نه هئي ته پنهنجي بچاءَ جي ضروري انتظامن ڪرڻ کان اڳ افغانستان جي خلاف جنگ جو اعلان ڪري ڇڏي. ليڪن هن کي اهو به گوارا نه هو ته ملڪ جا ماڻهو پنهنجي لاءِ جيڪي اندروني بندوبست ڪن، انهن کي افغاني دربار بنا سبب جي درهم برهم ڪري ڇڏي. افغاني دربار جو حق- بشرطيڪ ان کي حق چوڻ جائز ڄاڻجي — فقط ايترو هو ته خراج وصول ڪندي رهي. خراج انهيءَ صورت ۾ وصول ٿي سگهيو ٿي، جڏهن ملڪ جي انتظامي ڪاروبار ۾ خلل نه اچي. انهيءَ مصلحت کان افغانستان بلڪل بيپرواهه هو. هن کي هيءُ به احساس نه هو ته ڪنهن قدم کٽڻ کان اڳ سنڌ جي اڪابرن

---

[1] "فتحنامو"، ص 99-102؛ ۽ "فريئرنامو"، ص32-33

سان ڪا ڳالهه ٻولهه ڪري. ميربجار جي سامهون ٻه رستا هئا: اول هيءُ ته تيمور جي فرمان جي اڳيان سر جهڪائي ڇڏي ها ۽ پنهنجي وطن جي خدمتن جي امڪانن کي – خواهه اهي ڪيترا ئي محدود هئا– خطري ۾ وجهي ڇڏي ها؛ ۽ ٻيو هيءُ ته وڏيءَ همت سان غلط فيصلي جو مقابلو ڪري ها. هن غور ۽ فڪر کان پوءِ ٻيو رستو اختيار ڪيو ۽ عزت خان جي مقابلي لاءِ تيار ٿي ويو.

عزت يار خان جو خط: "فريئر نامي جي قول مطابق، هڪ فرمان ميربجارخان جي نالي آيو ته 'عبدالنبيءَ کي معزول ڪري، عزت يار خان جي فرمانبرداري قبول ڪر'. خود عزت يار خان به ڪيس هڪ خط موڪليو، جنهن ۾ لکيل هو:

"اي ميرا! آءُ اوهان کي چاچي وانگر سمجهان ٿو، اوهان جي لاءِ اهوئي بهتر آهي ته منهنجي تابعداري قبول ڪريو ۽ سچي ارادي سان مون وٽ هليا اچو: آءُ سيني معاملن کي اوهان جي حوالي ڪندس. وڌيڪ اوهين ڇاڪو ٿا ته آءُ ڪو اجنبي نه آهيان – منهنجو ڏاڏو خدايار خان هو. اوهين جيڪڏهن هيءُ طريقو اختيار ڪندؤ، ته تيمورشاهه جي طرف کان اوهان جي عزت ۽ مرتبي ۾ واڌارو ٿيندو: جيڪڏهن اوهين جنگ ڪندؤ، ته مون کي افسوس ٿيندو- مبادا اوهان جهڙو امير جنگ ۾ مارجي وڃي!"[1]

"فتحنامي" جو بيان ٻه اهو ئي آهي: يعني عزت يارخان لکيو ته

تو مختار اندر امورات ملک
به تو مي سپارم مهمات ملک.

(تون ملڪي معاملن جو مختيار هوندين؛ آءُ ملڪ جو ڪاروبار تنهنجي حوالي ڪندس.)

---

[1] "فريئرنامو"، ص 24

به تقديم حكم همايون شاهء
ترا روز افزون شود عز و جاه.
(بادشاهه جي نيڪ حڪم پوري ڪرڻ سان، تنهنجي عزت ۽ مرتبي ۾ ڏينهون ڏينهن واڌارو ٿيندو.)

اگر جنگ جوئي، ترا سود نيست،
كه در كشت و خون هيچ بهبود نيست.[1]
(جيڪڏهن تو جنگ ڪئي تہ انهيءَ مان ڪوبہ فائدو نہ ٿيندو، قتل ۽ خونريزيءَ ۾ ڪوبہ نفعو نہ آهي.)

مير بجار جو جواب: مير بجار هن خط جو جواب ڏنو- ۽ ان ۾ شڪريي ادا ڪرڻ کان پوءِ لکيائين:

"عبدالنبي خان هم عم تو هست، گويا جنگ او جنگ پدر هستبا پدر جنگ كردن ثمرهء خوب ندارد هم عبدالنبي خان قديم ولي نعمتِ من است و ازو سركشيدن نه شرطِ وفا است. نيڪ و بد در اختيارِ خدا است و من در ركابِ آقاي خود در آن طرف مي آيم- والسلام.[2]

(عبدالنبي خان اوهان جو چاچو آهي ان سان جنگ گويا پيءُ سان جنگ آهي: ۽ پيءُ سان جنگ ڪرڻ جو نتيجو سڻو نہ ٿيندو آهي. عبدالنبي خان منهنجو قديمي ولي نعمت آهي، ان جي مخالفت ڪرڻ وفاداريءَ جي قانون جي خلاف آهي. نيڪ ۽ بد خدا جي هٿ ۾ آهي: آءٌ بہ پنهنجي آقا سان گڏ انهيءَ طرف اچي رهيو آهيان.)

جنگ. مطلب تہ مير بجار ۽ عبدالنبي، ارڙهن هزار فوج وٺي، خداآباد نئينءَ کان روانا ٿيا ۽ منزلون ڪندا روهڙيءَ پهچي ويا؛ اتي آڳيئي ٻہ سؤ ٻيڙيون تيار هيون، جن وسيلي پل تيار ڪئي ويئي ۽ هڪ بن راتين ۾ سمورو لشڪر اتان لنگهي شڪارپور طرف روانو ٿيو.

---

(1) "فتحنامو"، ص 102-103

(2) "فريئر نامو" ص 34-35. ڪن ٻين هنڌن وانگر، "فريئر نامي" هتي بہ "فتحنامي" جي شعرن کي نثر جو جامو پهرايو آهي.

لکيءَ ۾ شڪارپور جي وچ تي جنگ لڳي، جنهن جو نقشو "فتحنامي" ۾ هن طرح چٽيل آهي:

چو شمشير بلوچ بران شده،
زمين سرخ از خون- افغان شده.

(جڏهن بلوچن جون تلوارون هلڻ لڳيون، تڏهن زمين افغانن جي خون سان ڳاڙهي ٿي ويئي.)

شد ند از صف آخر گريزان همه،
نيامد جز افغان ز افغان همه.

(سيئي پنهنجن صفن مان پڇڻ لڳا ۽ افغانن کان آه و فغان کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نٿي اُڇهيو.)

فتاده يکے بر زمين امن خواه،
گريزان دگـر باسرِ بے کـلاه[1]

(هڪ زمين تي ڪِريل پناهه گهري رهيو هو، ته ٻيو مٿي اگهاڙو پڇندو ٿي ويو.)

ڪوسن تمام زور سان حملو ڪيو. مير بجار گهوڙي تان لهي آيو ۽ شينهن وانگر مٿن هلان ڪيائين. ٿوريءَ دير ۾ ڪوسن جو زور پٽ ٽٽي ويو. ڪيترائي تلوارن جو بَکُ بنجي ويا؛ باقي جيڪي رهيا، اهي پڇي نڪتا. عزت يار خان به، محفوظ خان سان گڏ پنهنجي جان بچائي، پڇڻ جي راهه اختيار ڪئي. هن جو سارو سامان- تخت، پالکي، وغيره- بلوچن جي هٿ آيو.

"فريئر نامي" جو بيان: "فريئر نامي" جنگ جي ڪيفيت هن طرح لکي آهي:

صبح جي وقت ٻيئي لشڪر جنگ جي لاءِ تيار ٿي ويا. ٻنهي طرفن کان وڏيون توبون باهه وَسائڻ لڳيون. بندوقن جون گوليون بهار جي موسم جي ڇڙن وانگر وسڻ شروع ٿي ويون.

---

(1) "فتحنامو"، ص 105

جوانن... تلوارون ڪنيون ۽ جنگ جي باهه ڪي تلوارن جي پاڻيءَ سان اُجهايو. زمين ٻنهي ڌرين جي خون سان لالہ زار بنجي ويئي. جنگ جي ميدان جا پٿر، مرجان جهڙا ڳاڙها ٿي ويا. آخر، فتح ۽ ظفر جي نسيم سان، ميان عبدالنبي خان جي فتح-نشان جهنڊن جون بيرقون لهرائڻ لڳيون. عزت يارخان، بيعزتن وانگر، ساهه جي خوف کان ۽ محفوظ خان ... موت جي ڊپ کان ڀڄي روانا ٿيا.[1]

شڪارپور کي گهيرو: شڪست کاڌل افغان لشڪر جو هڪ حصو ڀڄي وڃي شڪارپور پهتو ۽ قلعي ۾ بند ٿي ويهي رهيو. "فريئر نامي" جي بيان مطابق، انهن ماڻهن ۾ ڪابل جي وزيراعظم جو پٽ بابري خان، شڪارپور جو حاڪم ۽ ڪي ٻيا سردار به هئا.[2] مير بجار، اڳتي وڌي، شهر کي گهيرو ڪيو. ڪجهه مدت تائين اندران توبن جا گولا ايندا رهيا. مير بجار حڪم ڏيئي ڇڏيو ته حملو ڪري قلعو فتح ڪيو وڃي. جڏهن گهيري ڪيلن کي ٻي واهه نظر نه آئي، تڏهن قلعي جا دروازا کولي ڇڏيائون. مير بجار عام پڙهو ڏيارايو ته 'جيڪڏهن منهنجي لشڪر مان ڪنهن به ڪير جو هڪ ڏڪ به زوريءَ ڦريو، ته ان جو هٿ ڪاٽيو ويندو. هيءُ بادشاهه جو شهر آهي ۽ اسين بادشاهه جا فرمانبردار آهيون. هتي ڪنهن به شي کي هٿ نٿو لڳائي سگهجي'. هن حڪم، هزارين غريبن جون حياتيون ۽ شريفن جون عزتون محفوظ رکيون.

افغان سردارن جو بيان: جڏهن اطمينان ٿي ويو، ته مير بجار هڪ هڪ افغان سردار کي، هڪٻئي پٽيان، عبدالنبي خان جي سامهون پيش ڪيو. هن جي نالي ۽ مرتبي جو حال معلوم ڪري، هرهڪ کي مناسب خلعت، گهوڙو، تنبو ۽ رستي جو خرچ پکو ڏيئي روانو ڪيو ويو. کين پنهنجي سامان کٽي وڃڻ جي به اجازت ڏني ويئي.

---

(1) "فريئر نامو"، ص 35-36

(2) "فتحنامو"، 99-108

هيءُ واقعو مير بجار جي ٻن اعليٰ خصوصيتن جي آئينہ دار آهي. هو، لڙائيءَ جو خواهان نہ هو، پر جڏهن سر تي اچي ويئي، تڏهن مرد ميدان ٿي ان کي منهن ڏنائين؛ ليڪن فتح جي جوش ۾ ٻہ سندس تدبر ۽ دوراندیشيءَ جي صلاحيت ڪمزور نہ ٿي. هن جاتو ٿي تہ شڪارپور سان فتح ڪيل شهر وارو سلوڪ، افغانستان جي بادشاهه خلاف جنگ جي اعلان برابر ٿيندو.. جنهن لاءِ هو اُن وقت تيار نہ هو. انهيءَ مان اندازو ٿي سگهي ٿو تہ مير بجار ڪيتريقدر بلند ڪردار ماڻهو هو. ارڙهينءَ صديءَ ۾ سندڙ يار محمد خان، نور محمد خان، شاهه بهاري، مير بهرام، غلام شاهه خان ۽ مير بجار جهڙا ماڻهو ٻہ پيدا ڪيا، جي ملڪي انتظام، جنگي مهارت ۽ سياست ۾ ايتري بلند درجي جا هئا جو ڪين بهترين نامور شخصيتن جي برابر، انتهائي عزت جي جڳهه تي ويهاري سگهجي ٿو.

"جواهر عباسيہ" جو بيان: "جواهر عباسيہ" ۾ عزت يار خان کي عطر خان جو پٽ ٻڌايو آهي، ليڪن ويو آهي تہ هو عبدالنبيءَ کان پنهنجي والد جي خون جو بدلو وٺڻ آيو هو ۽ تيمورشاهه جي حڪم مطابق، نور محمد خان بابري (ابن اميرالملڪ گل محمد خان) ۽ کي ٻيا بادشاهي امير ساڻس گڏ هئا. عزت يارخان نواب بهاول خان کان ٻہ مدد گهري هئي. نواب جي نالي مير بجار جي طرفان ٻہ هڪ خط پهچي ويو هو، تہ اوهين ضرور اچو.

نواب بهاول خان مير بجار جي مدد لاءِ تيار ٿي ويو، ليڪن هن جي پهچڻ کان اڳ مير لڙائيءَ ۾ ڪاميابي حاصل ڪري چڪو هو. عزت يار خان ۽ ڪوسن بلوچن کي، سيدن ۽ عالمن جي سفارش سان، نجات ملي ويئي. نور محمد خان بابري، مير بجار جي خاطريءَ کان متاثر ٿي، دوست بنجي ويو. بجار شڪارپور کان واپس ٿيو، تہ نواب بهاول خان اباوڙي پهچي چڪو هو. مير جي پٽ عبدالله خان، نواب موصوف جو استقبال ڪيو. نواب روهڙيءَ پهتو، تہ ميان عبدالنبيءَ جو فرزند محمد عارف ۽ مير بجار

پيشوائيءَ لاءِ آيا. نواب جي وڏي تواضع ٿي. مير نهايت قيمتي تحفا ۽ تبرڪات نذرانو رکيا. انهن ۾ 'سيماب مڪاس' جا چند داڻا به هئا. ڏهه ڏينهن روهڙيءَ ۾ گذاري، نواب واپس موٽي ويو.[1]

عبدالنبيءَ جو خط: آخر ۾، عزت يار خان جي هنگامي برپا ڪرڻ متعلق، باقي فقط هڪ دستاويز رهي ٿو- اهو عبدالنبي خان جو هڪ خط آهي، جو وزير شاهه ولي خان جي فرزند شير خان، تيمور جي وزيراعظم، کي لکيو ويو هو ۽ 'انشاي عطارد' ۾ شامل آهي. هن خط جي شروعات ۾ ٻڌايو ويو آهي ته 'نيازمنديءَ ۾ قطعاً ڪوتاهي نه ٿي هئي، البت خراج جي رقم پهچڻ ۾ دير ٿي ويئي هئي، جنهن جو نتيجو هيءُ نڪتو ته سنڌ جي ايالت جو پروانو برخوردار عزت يار خان کي ملي ويو.'

عالي جاه خان صاحب سردار نور محمّد خان بتائيدِ او از حضورِ مُعليٰ منزل به منزل ورودِ شکارپور گرديدند، موجب تعجب افزود که باوجود وجودِ مبارک ملازمان عالي اين همه غضب بادشاهي از بهر چيست؟ وليکن بعد از مقابله لشکر که بر خوردار مذکور تاب نياورده هزينت را غنيمت شمرده، خان صاحب مذکور در قلعه شکارپور مکث فرمود، ساکنان قلعه از دستبرد حادثات دوران برکنار شدند.[2]

"نور محمد خان، عزت يار خان جي مدد لاءِ، بادشاهه جي طرف کان مقرر ٿيو ۽ منزل بمنزل ٻيئي شڪارپور پهتا. وڏو تعجب ٿيو ته اوهان جي موجود هوندي به بادشاهي غضب جو سبب ڪهڙو هو! لشڪرن جو مقابلو ٿيو، ته برخوردار عزت يارخان همت ساري نه سگهيو ۽ شڪست ڪائي پڄي ويو. محمد خان شڪارپور جي قلعي ۾ هليو ويو: قلعي دار مقابلي کان ڪناره ڪشي اختيار ڪئي ۽ اهڙيءَ طرح هو زماني جي حادثن کان محفوظ رهيو."

---

[1] "جواهر عباسيه"، ص 230-233

[2] "انشاي عطارد"، ص 59

انهيءَ خط ۾ اڳتي لکيو ويو آهي تہ 'غلام صديق خان شڪارپور جو حاڪم مون وٽ آيو. مون، وڏن جي طريقي مطابق، نيازمندي جا شرط پورا ڪيا. اتان ڪوچ ڪري، درياءُ اُڪري، ملڪي انتظامات ۾ مشغول ٿي ويس، جي تمام ابتر ۽ خراب ٿي چڪا آهن. بادشاهہ جڏهن قلات جي واليءَ مير محمد نصير خان تي ناراض ٿيو هو، تڏهن نواب شاهہ ولي خان (خط جي مخاطب جو والد) پنهنجون مُربيانہ نوازشون فرمائيندي، بادشاهہ جي ناراضگي دور ڪري چڏي هئي، هاڻ، اوهين بہ، مربيءَ جهڙو ڪرم ڪندي، بادشاهہ جي ڪاوڙ کي ٺڏو ڪريو.[1]

جنگ متعلق مثنوي: "تڪملهء مقالات الشعراء" مان معلوم ٿيو تہ بنده علي، متخلص "علي" - جو مرزا باقر گرجي جو فرزند هو- عبدالنبيءَ ۽ عزت يار خان جنگ متعلق "جنگنامي" جي نالي سان هڪ مثنوي لکي هئي. هيءَ مثنوي ڪٿان بہ نظر مان نہ گذري ۽ نہ وري 'تڪملهء مقالات' جي مصنف هن جو ڪو حصو يا ڪو شعر نموني طور نقل ڪيو آهي. ڪنهن شاعر هن جنگ جي خاتمي جي هيءَ تاريخ ڪڍي هئي:

"آخرش امان"

1193 هـ

---

[1] "انشاءِ طارد"، ص 60-61

تيمور جي ڪاهه

تيمور جي چڙهائي: ٽيهه هزار افغاني فوج جو ارڙهن هزار سنڌين سان مقابلي ۾ شڪست ڪائڻ، معمولي واقعو نه هو. ميربجار جي مخالفن ۽ حاسدن کي هڪ پڪو دستاويز هٿ اچي ويو ۽ هو ميرجي خلاف شاهه کي پڙڪائڻ لڳا. هنن چيو ته "سلطنت جو انتظام درهم برهم ٿي رهيو آهي؛ سنڌ جا بلوچ ادب جي حدن کان تجاوز ڪري چڪا آهن، هن بادشاهي لشڪر جو مقابلو ڪيو ۽ شاهه جي فرمان ۽ خلعت جي احترام جو لحاظ نه رکيو؛ هن واقعي جي شهرت، ويجهو توڙي پري، هر هنڌ پهچي چڪي آهي، ان ڪري بادشاهه کي خود هن ڳالهه جو تدارڪ ڪرڻ گهرجي: جيڪڏهن سنڌين کي عبرتناڪ سزا نه ڏني ويئي، ته ملڪ جي ٻين علائقن جا ناظم به حضور جي فرمانبرداريءَ جو بوجهه پنهنجين گردنن تان لاهي ڦٽو ڪندا."

اهڙيءَ ريت شاهه غضب جي جوش ۾ اچي، هڪ وڏو لشڪر ساڻ ڪري، سنڌ تي حملي ڪرڻ جي ارادي سان نڪري پيو. محفوظ خان جيتوٽيڪ ميربجار کان شڪست کائي چڪو هو، ليڪن شڪست کان پوءِ، ميرجي حسن سلوڪ سببان، سندس مخلص دوست بنجي ويو؛ هو به حملي ۾ شاهه سان گڏ هو. هن پنهنجي طرفان ميرکي اطلاع ڏنو ته 'مون معاملات کي درست ڪرڻ جون وڏيون ڪوششون ڪيون، ليڪن مزاج مقدس بيحد برهم آهي ۽ اميد ڪانهي ته خراج جي رقم پيش ڪرڻ کان

پوءِ به ڪا دوستيءَ جي صورت پيدا ٿئي: جيڪي ممڪن ڪجهه ٿي سگهي، ڪري ونو.'[1]

ميربجار جا اقدامات: هيءُ اطلاع ملندي ئي، ميربجار ٻيهر فوج وٺي روهڙيءَ طرف روانو ٿي ويو. عبدالنبي ساٿس گڏ هو. روهڙيءَ پهچندي ئي، ميرحڪم ڏنو ته شاهه جي تشريف آوريءَ کان اڳ درياءَ تي ٻيڙين جي پل تيار ڪري ڇڏي وجي. پوءِ، ڪچ منزلون اڳتي وڌي، شاهه جي خدمت ۾ درخواست موڪليائين ته 'اوهين "ظل الله" آهيو، اسان جي خوش قسمتي آهي جو اسان ڏوڻاٽن طرف قدم رنج فرمايو- درگاهه جي هن بندي کي مدت کان زمين بوسيءَ ۽ باريابيءَ جو اشتياق هو. ڪن خودغرضن، حضور جي خدمت ۾ گهٽ وڌ ڳالهيون ڪري، غلط فهميون پيدا ڪري وڌيون آهن. هن عاجز جي هيءَ آرزو آهي ته ويجهو توڙي پري جا حالات سنئون سڌو بارگاهه ۾ پيش ڪريان، ته جيئن مدعين جو ڪوڙ ظاهر ٿي پوي ۽ حضور کي يقين اچي ته سچو ڪير آهي ۽ ڪوڙو ڪير آهي.'[2]

شاهه جي واپسي: هيءَ درخواست پڙهندي ئي بادشاهه جي ڪاوڙ وڌيءَ حد تائين ڏري ٿي ويئي. جڏهن هن ٻڌو ته ميرمنهنجي اچڻ جي خبر ٻڌي درياءَ تي ٻيڙين جي پل نهرائي آهي، ته جيئن درياءَ اُڪرڻ ۾ تڪليف نه ٿئي ۽ مون کي پل جو انتظام نه ڪرڻو پوي، تڏهن هن کي يقين ٿي ويو ته ميرجي خلاف سرڪشي ۽ بغاوت جو سموريون شڪايتون صحيح نه آهن.

---

[1] "فريئر نامو"، ص 38. اصل لفظ هي آهن:
محفوظ خان... تمامي احوال نوشته پيش ميربجار خان و عبدالنبي خان فرستاده كه من دربابِ صلح بسيار عرض نمودم، ليكن هيچ پذيرائي درگاهم نه شد- هر طوري كه بايد به احوال خود پردازند.

[2] "فريئرنامو"، ص 39؛ "فتحنامو"، ص113-114

ان وقت مير سان ٽيهه هزار فوج هئي. جڏهن دربار ۾ حاضر ٿيو، تڏهن عرض ڪيائين ته 'مون اڳ به لڙڻ نٿي چاهيو، افغاني فوج جي شديد اصرار مون کي مدافعت تي مجبور ڪيو؛ فتح کان پوءِ، مون شاهي ڪارپردازن سان جيڪو برتاءُ ڪيو، ان جي شهادت حضور پاڻ انهن ماڻهن کان دريافت ڪري سگهن ٿا.' بادشاهه بلڪل مطمئن ٿي ويو ۽ بروقت عبدالنبيءَ جي نالي سند جي حڪومت جو فرمان جاري ڪيائين.

لشڪر جو خرچ: "فريئر نامي" جو بيان آهي ته معافيءَ سان گڏ بادشاهه فرمايو:

هر قدر خرچ که درين لشکر کشي خدام بادشاهي نموده اند مير صاحب و عبدالنبي ادا نمايند- مير صاحب و عبدالنبي خان از خدا مي خواستند که جنگ نه شود، آن را قبول نمودند.[1]

'هن لشڪر جي چڙهائيءَ ۾ بادشاهه جو جيڪو خرچ ٿيو آهي، اهو ميربجار ۽ عبدالنبي ادا ڪن.' مير صاحب ۽ ميان صاحب دعائون گهري رهيا هئا ته جنگ نه ٿئي، سو هنن خرچ پري ڏيڻ قبول ڪيو.

"فتحنامي" مان ظاهر ٿئي ٿو ته فقط خراج ادا ڪرڻ جو ئي تاڪيد ڪيو ويو هو:

رسد زود زين پس زرِ ماليات،
که جاري شود بهرِ لشکر برات.

(هاڻ جلدي خراج جي رقم پهچائي وجي، ته جيئن لشڪر جو پگهار ادا ڪيو وجي.)

درين راه شد خرچ زرها کثير،
رسد زود تر ماليات خطير.[2]

---

(1) "فريئرنامو"، ص 40
(2) "فتحنامو"، ص 114

(هن سفر ۾ تمام گهڻي رقم خرچ ٿي آهي؛ وڏيون رقمون جلد پهچي وڃڻ گهرجن.)

خلعت ۽ خطاب: هن موقعي تي تيمورشاهه، ميان عبدالنبيءَ کي "معتمدالدوله شاهنواز خان فيروز جنگ" جو خطاب ۽ خلعت عطا ڪئي. مير علي "شائق" جي قصيدي مان ظاهر ٿئي ٿو ته خطاب سان گڏ شاهه، ميان عبدالنبيءَ کي هڪ هاٿي ڏنو هو، جنهن جي جهل سوني هئي ۽ عراقي گهوڙا پڻ عطا ڪيا هئا ۽ پڻ

جيغه و سر پيچ و بالا پوش سنجاب و سمور
همره فرمان والا شهپر بال هما.

"خلعت جا امن" (1194) مان، 'شائق'، انهن عطين جي تاريخ ڪڍي.[1]

"فتحنامي" جو بيان: "فتحنامي" مان معلوم ٿئي ٿو ته شاهه جڏهن مير بجار جا عرض ٻڌا، تڏهن انهن ماڻهن تي سخت ناراض ٿيو، جي جنگ جي باهه کي ڀڙڪائڻ پنيان هئا:

به فرمود با اهل فتنت همه،
که اي دشمن ملک و دولت همه!

(فتنيبازن کي هن چيو ته اي ملڪ ۽ سلطنت جا دشمنو!)

اگر مرتکب وي به عصيان شدي،
ز اُرد وي شاهي گريزان شدي.

(جيڪڏهن مير بجار سرڪشيءَ جو مرتڪب ٿئي ها، ته شاهي لشڪر گاهه کان پڄي وڃي ها.)

چو در دعويء خويش او صادق است،
به حجت چنين بر شما فائق است.

(اهو جيئن ته پنهنجيءَ دعويٰ ۾ سچو آهي، ان ڪري اڄ اوهان سيني مان فوقيت حاصل ڪري ويو آهي.)

---

[1] "قصيده شائق" قلمي نسخي ص 30 "صبح صادق" مان معلوم ٿيو ته '1193 هـ' ۾ تيمور شاهه سنڌ جي انتظام لاءِ آيو هو. مخالفن هن کي ڀڙڪائي بهاولپور تي حملو ڪرايو. اُٺ مار ۾ بهاولپور کي سخت نقصان پهتو. تيمور جي وڃڻ وقت، صاحبزادي مبارڪ خان کي يرغمال طور پاڻ سان وٺي ويو. صاحبزادو هڪ سال ڪابل ۾ رهيو ("صبح صادق"، ص 89).

محفوظ خان جڏهن شاهه کي مهرباني تي مائل ڏٺو، تڏهن سيدن کي گهرايائين. هو پاڻ سان قرآن شريف کڻي آيا؛ پوءِ خان موصوف عرض ڪيو ته 'حضور، مناسب اهو آهي ته انهن سيدن جي خاطر ۽ قرآن پاڪ جي حرمت خاطر، هتان واپس موٽي هلون:

همان وقت آن سايهء ذوالجلال،
نمود از ڪرم زان مڪان انتقال.

(ان وقت اهو 'خدا جو پاڇو'، لطف ۽ ڪرم کان ڪم ونڊي، انهيءَ هنڌان روانو ٿي ويو.)

رقم گشت صادر به لطفِ ڪثير،
به تسڪينِ عبدالنبي خان و مير-

(ان وقت، ڪمال مهربانيءَ سان، عبدالنبي خان ۽ مير بجار جي تسليءَ لاءِ لکيائين--)

ڪه ما عفو ڪرد يم عصيانِ شان،
تـــرحـــم نموديم بر جانِ شـــان.[1]

(ته اسان انهن جي گناهن کي معاف ڪري ڇڏيو ۽ انهن جي جانين تي رحم ڪيو.)

مير بجار جي درخواست: "انشاءِ عطارد" ۾ تيمور شاهه جي نالي مير بجار جي هڪ درخواست درج آهي. نصف مضمون مان سمجهجي ٿو ته غالباً اهائي درخواست ان نازڪ موقعي تي موڪلي ويئي هئي، جنهن جو ذڪر مٿي آيو آهي. درخواست جي مطلب جو خلاصو هيٺ درج آهي:

1. احقر (مير بجار)، ميان غلام شاهه ۽ محمد سرفراز خان جي زماني ۾ به خدمت تي مامور هو ۽ خراج جي رقم اهڙي انتظام سان ادا ڪندو رهندو هو جو هڪ ڪوڏي به باقي نه هئي.

---

[1] "فتحنامو"، ص 113-114

2. هن دفعي خراج جي رقم موڪلڻ ۾ دير ٿي، ان جو سبب هيءُ هو جو ملڪ سجو ويران ٿي ويو: محمد سرفراز خان جي معزوليءَ کان پوءِ، حق ناشناس ۽ نمڪ حرام ماڻهن انتظامي سلسلا درهم برهم ڪري ڇڏيا. هڪ طرف ڪچ جي ماڻهن، ٻئي طرف نومڙين ۽ ٽئين طرف راڄي ليکيءَ جي پٽن، بلاول ۽ سجاول، سنڌ جي مختلف پرڳڻن کي لُٽ مار سان تاراج ڪري ڇڏيو.

3. انهيءَ حالتن جي باوجود، منهنجي ڪوشش هيءَ هئي ته نو روز کان اڳ ئي رقم جو بندوبست ڪري بارگاه عالي ۾ پهچائي ڇڏيان. انهيءَ وچ ۾ حضور جي طرف کان سنڌ جي سرداريءَ جو فرمان عزت يار خان جي نالي جاري ٿي ويو؛ انهيءَ سببان جا حالت پيدا ٿي، تنهن ۾ سموري رعيت، خوف ۽ ڊپ جي ڪري، گهربار ڇڏي هيڏانهن هوڏانهن پڄي ويئي ۽ منهنجي خواهش پوري ٿيڻ جي ڪا به صورت باقي نه رهي.

4. با ادب عرض آهي ته حضور، سمورين حالتن کي سامهون رکندي، اسان تي رحم فرمائين ۽ ڪنهن معتبر ۽ حق شناس ماڻهوءَ کي مقرر فرمائين، جو سنڌ مان وصول ٿيندڙ رقم پاڻ وٽ امانت طور جمع ڪندو رهي؛ لشکر ۽ عملي جون پگهارون ادا ڪرڻ کان پوءِ، جو ڪجهه باقي بچي، اهو خزاني ۾ داخل ڪري.

5. حضور خود هن ملڪ ۾ پهچي ويا آهن. ملڪي پيدائش جو ملاحظو فرمايو ۽ مالیات جي جاچ ڪرايو: ان ريت حضور تي غلام جي سچيءَ ارادت ۽ پڪيءَ عقيدت جي صحيح حيثيت ظاهر ٿي ويندي ۽ هيءُ معلوم ٿي ويندو ته غلام رقم پهچائڻ ۾ بندگيءَ جي شرطن کي کڻيءَ خبرداريءَ سان پوري ڪرڻ جو خواهان آهي.[1]

درخواست تي تبصرو: هن درخواست تي مفصل تبصري جي ضرورت نه آهي، پر چند ڳالهين طرف اشارو ڪرڻ سو ضروري آهي:

---

[1] "انشاءِ عطارد"، ص 45-48

1. درخواست ۾ ملڪ جي حالت جو جيڪو نقشو پيش ڪيو ويو آهي، سو نهايت دردناڪ آهي. ان مان اندازو ٿي سگهي ٿو ته افغانستان جي تسلط ۽ ڪن ملڪي فتنيبازن جي حق نا شناسيءَ، ملڪ واسين کي ڪهڙين مصيبتن جو نشانو بنائي ڇڏيو هو.

2. درخواست مان صاف ظاهر ٿئي ٿو ته ميرِ بجار خان جيتوڻيڪ وقت جو وڏو مدبر ۽ سياستدان هو، پر سندس تدبر ۽ سياست ۾ سخن طرازي ۽ سخن سازيءَ کي ڪوبه دخل نه هو: هو هر معاملي ۾ راستبازيءَ ۽ صداقت شعاريءَ تي ڪاربند هو. هن خراج جي ادائگيءَ ۾ دير بابت سمورا حالات، سواءِ ڪنهن وڏ-گهٽاءَ جي شاهه جي خدمت ۾ پيش ڪري، عرض ڪيو ته ذرا تحمل کان ڪم ونو ۽ مهلت ڏيو: ڪو ٻيو شخص هجي ها، ته مبالغي آميز وعدا ڪري وقت گذارڻ جو طريقو اختيار ڪري ها.

3. هيءَ تجويز به پيش ڪيائين ته اوهين پنهنجو ڪارندو مقرر ڪريو، جو انتظامي خرچ ادا ڪرڻ کان پوءِ بچت جي رقم خزاني ۾ جمع ڪرائيندو رهي. هن مان ائين نه سجهڻ ڪپي ته ميرِ بجار سنڌ ۾ ڪو ٻٽو سرشتو پيدا ڪرڻ چاهيو ٿي. هن فقط انهيءَ روشن حقيقتن کي شاهه جي دل تي نقش ڪرڻ گهريو ٿي ته ملڪي حالات واقعي حد کان وڌيڪ خراب ٿي چڪا آهن ۽ انهن کي درست ڪرڻ ۾ وقت لڳندو.

4. خراج جي ادا ڪرڻ جي ذميداري قبول ڪيائين، ليڪن صاف صاف چئي ڏنائين ته جيستائين ملڪ ۾ امن قائم نه ٿيندو ۽ ماڻهو اطمينان ۽ دلجمعيءَ سان ڪم ڪار کي نه لڳندا، تيستائين رقم ڪٿان وصول ٿيندي!

5. پنهنجي بليغ انداز ۾ شاهه تي هيءَ ڳالهه به واضح ڪري ڇڏيائين ته خراج جي ادائگيءَ ۾ دير جي ذميداري اسان تي عائد نٿي ٿئي، پر انهيءَ جي ذميداري دربار تي آهي، جنهن حقيقت جي چند چاڻ کان سواءِ عزت يار خان کي سنڌ جي حڪومت جو پروانو ڏنو ۽ ان طرح ملڪي انتظام ۽ ڪاروبار کي درهم برهم ڪيو.

اهو هو مير بجار خان! جيڪڏهن اهڙن ماڻهن کي اطمينان سان ڪم ڪرڻ جو موقعو ملي ها، ته سچ پچ جيڪر سنڌ ڪٿان کان ڪٿي پهچي وڃي ها!

هڪ ضروري ڳالهه: آخر ۾ هڪ ضروري ڳالهه ظاهر ڪري ڇڏڻ گهران ٿو. اها هيءَ، ته جيڪڏهن شاهه پنهنجي حملي جو خرچ سنڌ تي وڌو، ته ان جي لاءِ شرعاً يا اخلاقاً ڪهڙو سبب پيش ڪري سگهجي ٿو؟ شاهه پاڻ عزت يار خان کي سنڌ جي حڪومت جو پروانو ڏيئي سنڌ ۾ خانه جنگيءَ جي باهه ڀڙڪائي ۽ مير بجار خان کي مدافعت جي خيال سان لڙڻو پيو، جنهن ۾ افغاني فوج شڪست کاڌي؛ پوءِ شاهه پاڻ فوج وٺي ڪاهي آيو: ان جو خرچ سنڌ تي وجهڻ، سراسر انصاف جي خلاف هو. هن مان هي به ظاهر ٿي ويو ته سنڌ کي ابدالي حڪومت جي هڪ حصي مجڻ جي باوجود، ان سان پنهنجائپ وارو برتاءُ نه ڪيو ويو ۽ اجنبيت بدستور قائم رهي. گويا، افغاني دربار جي نزديڪ، سنڌ جي حيثيت هڪ اهڙي ڪير ڏيندڙ جانور جي هئي، جو پنهنجي کاڌي پيتي ۽ داڻي چاري جو انتظام پاڻ ڪري، پر هر موقعي تي افغاني دربار لاءِ گهربل ڪير ڏيندو رهي! هن ڏاريائپ ۽ غير همدردانه برتاءَ کان پوءِ، سنڌ جي ماڻهن ۽ افغاني حڪومت جي ڪارپردازن جي وچ ۾ پنهنجائپ جي لاڳاپن پيدا ٿيڻ جو ڪهڙو امڪان ٿي سگهيو ٿي؟

ميربجار جو قتل

نئين آفت: ميربجار خان، پنهنجي تدبر ۽ دوراندیشيءَ سان، سنڌ جا بگڙيل حالات درست ڪري ڇڏيا هئا: ملڪي انتظام جو ٻيڙو مشڪلات جي خوفناڪ طوفان مان ڪڍي چڪو هو ۽ اميد پيدا ٿي چڪي هئي تہ ميان محمد سرفراز خان جي معزوليءَ کان پوءِ ملڪ تي جيڪي آفتون نازل ٿيون هيون، انهن جي تلافي جلد کان جلد ٿي ويندي. ليڪن سنڌ جي بدنصيبي ۽ قسمت جي اونداهي ڏسو- اصلاح ۽ درستيءَ جو هيءُ اميد افزا سلسلو چشم فلڪ کي پسند نہ آيو ۽ اوچتو ميربجار خان جي قتل جو واقعو وچ ۾ حائل ٿي ويو، جنهن سنڌ کي امن ۽ اطمينان جي حالت مان ڪڍي وري تفرقي ۽ خونريزيءَ جي اوڙاهہ ۾ ڪيرائي ڇڏيو.

تحقيقي طور اڄ تائين معلوم ٿي نہ سگهيو تہ ميربجار کي ڪهڙي سببان قتل ڪرايو ويو. هن باري ۾ مختلف رايا ظاهر ڪيا ويا آهن:

1. هن قتل جو ذميوار عبدالنبي هو، جو سمجهي رهيو هو تہ ميرکي وچ مان هٽائڻ کان سواءِ آزادانہ حڪمرانيءَ جو موقعو پيدا ٿي نہ سگهندو. هڪ روايت ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ عبدالنبيءَ ميربهرام جي ڏيءُ جو سڳ گهريو هو- انڪار ٿيو، تہ هو ميربجار جو دشمن بنجي ويو.[1]

---

[1] "رڙسالي پنجاب"، ج 4: ص 573 ڏيءُ جي سنگ گهرڻ جي هڪ روايت ميان سرفراز خان جي حالات ۾ ب پيش ٿي چڪي آهي. مون کي بنهي سلسلن ۾ هيءَ روايت بي بنياد نظر اچي ٿي. ميربجار، ميان کي مسند تي ويهاريو هو: ميرئي افغانن سان لڙي، ميان جي لاءِ سنڌ جي حڪومت جو پروانو ۽ خطاب حاصل ڪيا هئا؛ ميرجي ٿي قابليت ۽ صلاحيت ملڪ تي امن ۽ اطمينان سان حڪمراني ڪرڻ جو ڪارڻ هئي: هن کي قتل ڪرائڻ، ڪنهن ب نقطہ نظر سان، قرين عقل نہ هو.

2. ميرِ بجار کي عبدالنبيءَ جي والده قتل ڪرايو هو. هن جي اڳيان ٻہ مقصد هئا:

الف: ميرِ مارجي ويندو، تہ عبدالنبيءَ کي، آزاديءَ سان حڪومت ڪرڻ جو موقعو ملندو ۽ مذڪوره خاتون جا هم قوم (جوٽيجا) سيني معاملن ۾ دخل انداز رهندا؛ پر ميرِ بجار جي هوندي اهي ٻئي مقصد پورا ٿي نٿي سگهيا.

ب: ڪن ماڻهن هن خاتون کي يقين ڏياريو هو تہ سندس وڏي پٽ غلام نبي خان کي لاڙيارين جي لڙائيءَ ۾ قتل ڪرائڻ جو ذميوار ميرِ بجار هو؛ انهيءَ ڪري هن پٽ جي خون جو بدلو ونڊ گهريو ٿي.[1]

3. ميرِ بجار جوڌپور جي راجا بجي سنگهہ کان ڏيءَ جو سگ گهريو هو. انهيءَ تي بجي سنگ کي ايتري ڪاوڙ آئي جو ميرِ جي جان جو دشمن بنجي ويو.[2]

4. ميرِ بجار جوڌپور جي سرحد جي ويجهو هڪ قلعو ٺهرايو هو، بجي سنگهہ جو خيال هو تہ جيڪڏهن انهيءَ ۾ ٽالپرن جو لشڪر مستقل طور رهائش اختيار ڪندو تہ ان مان خود سندس ملڪ ۾ خلل پيدا ٿي ويندو، انهيءَ ڪري هن ميرِ جي قتل ڪرائڻ جو بندوبست ڪيو.[3]

هيءُ پويون سبب تہ بنهہ وسهڻ جوڳو نہ آهي. پهرين ٻن سببن مان ڪنهن ٻہ هڪ يا ٻنهي کي اعتبار لائق سمجهي سگهجي ٿو- جيتوڻيڪ اهي ٻہ عقل ۽ فڪر، دانش ۽ تدبر جي لحاظ کان

---

(1) هي عجيب معاملو آهي. ميرِ عبدالنبيءَ کي حڪومت ڏيارائي هئي؛ ميرِ ٿي افغانستان جي بادشاهہ ۽ عزت يار خان جي خلاف خلوص سان ميان جي مدد ڪري چڪو هو: مائيءَ کي هڪ پٽ جو قتل تہ ياد رهجي ويو، مگر ٻئي پٽ لاءِ ايڏين جان نثارن جو واقعو چونہ ياد رهيو!

(2) 'ٽالپ' جو بيان آهي تہ ميرِ بجار رائوڙن سان تڪبر سان پيش آيو هو ۽ چوڪريءَ جي رشتي سان گڏ جوڌپور کان خراج ٿي گهريائين. هي سڀ گهاليون، 'ٽالپ' جي اڪثر افسانوي ڏُکن وانگر، بلڪل بي بنياد آهن.

(3) "تاريخ ڪلهوڙا و استقرار حڪومت تالپران"، ص 15

سراسر 'خويش دشمني' معلوم ٿين ٿا. ٽيون سبب به گهٽو معقول معلوم نٿو ٿئي.

قتل جي سازش: "جواهر عباسيه" جي بيان مطابق عبدالنبيءَ جي والده شيخ محفوظ، ان جي پٽ شيخ قمرالدين، منشي بالڪرام ۽ آدي ۽ ٻيي دربانن کي پڻ هن مشوري ۾ شريڪ ڪيو- اهڙيءَ ريت قتل جي سازش مضبوط ٿي ويئي. انهيءَ سان گڏ، هڪ طرف مير جي خلاف تيمور شاهه وٽ طرح طرح جون شڪايتون پهچايون ويون ۽ ٻئي طرف جوڌپور جي مهاراجا کان مدد گهري ويئي ته هو ڪنهن به طرح هن سازش جي ڪامياب بنائڻ جو بندوبست ڪري.

بجي سنگ مير جي قتل جو بار پنهنجي سر تي کنيو. غالباً اهوئي پهريون موقعو آهي، جو هن کي لالچ طور عمرڪوٽ ڏيڻ جو واعدو ڪيو ويو. مهاراجا پنهنجي ٻن رانوڙن کي انهيءَ مقصد لاءِ تيار ڪيو. حسن سلوڪ جي مختلف واعدن سان گڏ، هنن کي ضلعي ناگور ۾ ٽيهه هزار رپين جي جاگير ۽ انهيءَ کان سواءِ موتين جا هار، چوغن ۽ ڪمربندن ۽ دُشالن جون خلعتون، خنجر ۽ مالهائون عطا ڪيون ويون.

مير نصير خان قلات جي واليءَ ڏمو ڪنيو ته جيڪڏهن بلوچن کو فتنو برپا ڪيو، ته ان کي روڪڻ جو بندوبست ڪيو ويندو.[1] گويا سنڌ، جوڌپور ۽ قلات جون حڪمران شخصيتون مير بجار جهڙي زماني جي نامور کي مارائڻ ۽ هميشه لاءِ ختم ڪري ڇڏڻ خاطر متحد ٿي ويون هيون.

مير جو قتل: جڏهن هي سمورا انتظام مڪمل ٿي ويا، تڏهن مهاراجا ٻن رانوڙن کي وڪيل بنائي، ميان عبدالنبيءَ ڏانهن موڪليو، انهن سان گڏ ڪي ٻيا ماڻهو به هئا. هو ڪيترائي دفعا ميان صاحب ۽ ميربجار سان الڳ الڳ مليا. هنن هڪ ڏينهن مير

---

[1] "جواهر عباسيه"، ص 238-239.

کي عرض ڪيو تہ 'اسان جي مهاراجا جو خط هينئر آيو آهي، ان ۾ ڪجھ اهڙيون ڳالهيون لکيل آهن، جيڪي اکيلائيءَ ۾ ئي اوهان کي ٻڌائي سگھجن ٿيون. خط ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ ميان عبدالنبيءَ ڪيترائي خط مهاراجا ڏانهن روانا ڪيا، جن ۾ اوهان جون (مير جون) سخت شڪايتون ڪيون ويبون هيون. مهاراجا جو خط هنديءَ ۾ آهي ۽ اوهان جي ماڻهن مان ڪوبہ هندي نٿو ڄاڻي؛ اجازت ملي تہ اوهان کي اکيلائيءَ ۾ اهو خط پڙهي ٻڌايو وڃي'.

مير سيني موجود ماڻهن کي پاڻ کان پري ڪري ڇڏيو ۽ جوڌپورين کي پاڻ وٽ گهرائي ورتو- فقط هڪ ملازم، 'ايسر' نالي، وٽس رهيو ۽ ٻہ ماڻهو وڪيلن سان گڏجي آيا. هڪ وڪيل، مير کي ويجهو ٿي خط پڙهڻ لڳو. پڙهندي پڙهندي هن فريب وچان چيو تہ 'هيءُ لفظ منهنجي سمجھ ۾ نٿو اچي'؛ ۽ هڪدم ٻئي کي پاڻ وٽ سڏي ورتائين. اهڙيءَ ريت، هنن ٻنهي مير کي خط ٻڌڻ ۾ مشغول رکي، اوچتو مٿس تلوارن جا ڏڪ هڻڻ شروع ڪيا. جيتوڻيڪ مير بريءَ طرح زخمي ٿي چڪو هو، ليڪن ان هوندي ٻہ هن اڪيلي سر ٻنهي قاتلن کي اتي جو اتي پورو ڪري ڇڏيو.

"جواهر عباسيه" جي روايت: "جواهر عباسيه" جو بيان آهي تہ مير جي ڪٻيءَ اک سان نظر ڪانہ پوندي هئي. ٻنهي رانوڙن کيس ڳالهين ۾ مصروف رکيو ۽ اهڙيءَ حالت ۾ تيز خنجر مير جي پيٽ ۾ ٽنبي وڌائون. مير، ٻن گهرن زخمن جي باوجود، انهن ٻنهي مان هڪ کي پڪڙي، اهڙي زور سان پڪوڙيو جو ساهہ ڪيڙ کان اڳ نہ ڇڏيائينس؛ ٻيو وري بلوچن جي هٿان ڪِنو ٿي مُئو.[1]

"فتحنامي" جو بيان: مير عظيم الدين نٽويءَ لکيو آهي تہ:

گر فتند قرطاس بر روي مير،
سپردند خنجر به پهلوي مير.

---

[1] "جواهر عباسيه"، ص 239-40.

(خط جي ڪاغذ کي ميز جي سامهون ڪنيو ٻيئا رهيا ۽ خنجر هن جي ڪُک ۾ ٽنبي ڏنائون.)

بپا خاست آن سورِ گل پيرهن،
تنش از گلِ زخم رنگين چمن.

(اهو گل جهڙي پهراڻ وارو مرد، پيرن تي بيٺو رهيو، هن جو بدن زخمن جي گلڪاريءَ سان باغ جيان رنگين هو.)

بيک ضربِ شمشير آن شير نر،
فرستاد هر چار سگ در سقر.

(تلوار جي هڪ ئي ڏڪ سان، هن شينهن مرد، چئني ڪتن کي جهنم ۾ پهچائي ڇڏيو.)

ز بس زخم خنجر گرفتش درون،
ز هر زخم جاري شده سيلِ خون.

(هن کي خنجر جا ڪيترائي زبردست گهاءَ رسي چڪا هئا ۽ هر زخم مان خون جو ريلو جاري رهيو.)

دمِ نزع مي گفت شادان به ناز،
بحمد الله کز حق شدم سرفراز.

(دم ڏيڻ وقت هن تمام خوشيءَ ۽ ناز سان چيو ٿي: 'خدا جو شڪر آهي جو هن مون کي سرفرازي بخشي.')

به باب و برادر دلم رشک داشت،
درين آرزو چشمِ من اشک داشت.

(پنهنجي پيءُ ۽ پاءُ جي حالت تي منهنجي دل کي رشڪ هو ۽ آءٌ انهيءَ آرزوءَ ۾ رئندو ٿي رهيس.)

بحمدالله کان آرزوي دلم،
ز شاهِ شهيدان شده حاصلم.

(خدا جو شڪر جو منهنجي دل جي هيءَ آرزو، شاهه شهيدان جي صدقي پوري ٿي ويئي.)

چنين گفت و جان عرض جان بخش کرد،
خدايش بجنت مکـــان بخش کـرد.[1]

(ائين چئي، هن جان حق جي حوالي ڪئي. خدا هن کي جنت ۾ جاءِ عطا ڪئي.)

"فريئر نامي" جو پيش ڪيل نقشو: "فريئر نامي ۾ لکيل آهي ته بئي وڪيل، جوڌپور جي مهاراجا طرفان مير سان محبت ۽ اخلاص جو اظهار ڪندا ٿي رهيا. چند ڏينهن کان پوءِ هنن چيو:

خطـے از مهاراجه امـروز پـيش مايـان آمـده است و در آن بسيار اخبار هاي بوالعجب است و نقليات خطوط عبدالنبي کـه پيش راجه فرستاده است در او مندرج هستند، وبسيار شکايتهاے ايشان ميان صاحب فرستاده است- چون خطِ مکتوبات هندي است و کسـے ايـن جا ايـن حـرف را نمي فهمد و نمي تواند خواند، پس بهتر است که درجائے کـه اغيار نه باشد بلکه جز مير صاحب کسـے ديگر نه باشد، مبادا ڪ شهرت پذير شود- مطابق حکـم سرکارے يک جائے خالي ساختند- مگر هندوے ايسـر نـام کـه ملازم مير صاحب بود و در ميان مير صاحب ووکلائے راجه آمد و رفت و داشت و رازدار بودو بحکـم مير صاحب آن چهار مکـار رادر آن خلوت گاه آورد- ازين ها دو اندرون ماندند و دو بـردروازه- از آن يکلـےخوانـدن خـط شـروع کرد- و بعد از خواندن يکـے، عـرض کـرد کـه سواد خط هندي در خواندن مشـکل است، چنانچه بعضـے اوقـات نوشـته خـود را خـود خوانـدن نمـي

---

[1] "فتحنامو"، ص 124-125.

تواند، اگر حڪم شود تا دو آدمي ڪه بيرون استاده اند آنها را بطلبم، تادر خواندن خط مشڪل نماند و به من همراه شوند مير صاحب مطابق درخواستِ او اجازت فرمود، آمده حاضر شدند و يڪ بخواندنِ خط مشغول شد وخيالِ مير صاحب به طرفِ او بود ڪه آن هر دو مڪار از يمين و يسار خنجر ڪشيده به هر دو پهلوي مير صاحب زدند، و مير صاحب شمشيرے ڪه پهلو داشته بود ڪشيده يڪي را زد ڪه همان جا جان داد، و ديگرے را نيم مرده گزاشت- ملازمانِ مير صاحب ڪارِ او را تمام ساختنده و دو ديگر ڪه بودند آنها گريخته راهِ ملڪِ خودشدند، ميگويند ڪه راجه جودهپور مطابق خواهش عبدالنبي خان مرتڪب اين امر گرديد، و در عوضِ اين ڪار ميان عبدالنبي خان قلعه عمرڪوٽ پيشڪش راجه نمود.

اڄ مهاراجا جي طرفان هڪ خط اسان وٽ آيو آهي، ان ۾ عجيب ۽ غريب ڳالهيون لکيل آهن. عبدالنبيءَ جيڪي خط راجا ڪي موڪليا هئا، انهن جا نقل به موڪليا اٿس، جن ۾ اوهان جون تمام گهٽيون شڪايتون ڪيون ويون آهن. جيئن ته اهو خط هندي زبان ۾ لکيل آهي ۽ هتي ان جي سمجهڻ وارو ڪير به ڪونهي، جو پڙهي سگهي، انهيءَ ڪري بهتر آهي ته اهڙي ڪا جاءِ تجويز ڪريو، جتي ڪو به ڏاريو ماڻهو نه هجي بلڪ فقط اوهان کان سواءِ ٻيو ڪير به نه هجي— مبادا انهن خطن جو احوال واشگاف ٿي وجي. مير صاحب جي حڪم مطابق، هڪ جڳهه خالي ڪرائي ويئي— فقط هڪ هندو، جنهن جو نالو امير هو ۽ مير صاحب جو ملازم هو، اتي رهي ويو. راجا جي وڪيلن ۽ مير صاحب جي وچ ۾ نياپا ۽ پيغام آڻيندو رهندو هو ۽ رازدان هو. ايسر، مير صاحب

جي چوڻ مطابق چئني کي مکان ۾ وڃي آيو. انهن مان ٻه اندر آيا؛ ۽ باقي ٻه دروازي تي رهيا. اندر وارن مان، هڪڙي خط پڙهڻ شروع ڪيو. ٿوري خط پڙهڻ کان پوءِ، چوڻ لڳو ته هندي خط پڙهڻ نهايت مشڪل آهي— ڪڏهن ڪڏهن ته پنهنجو لکيل ٻه پڙهي نٿو سگهجي— حڪم ملي ته باهر بينل بن ماڻهن کي ٻه سڏي وڃجي ته جيئن انهن جي هوندي خط پڙهڻ ۾ مشڪلات نه ٿئي.' مير صاحب اجازت ڏني. اهڙيءَ ريت اهي ماڻهو ٻه اندر اچي ويا. هڪ خط پڙهڻ ۾ مشغول رهيو. مير جو سارو ڌيان هن ڏانهن هو؛ ايتري ۾ انهن بن مڪارن، مير جي ساڃيءَ ۽ کابيءَ ڪُک ۾ خنجر ٽنبي وڌا. مير، هڪدم ميان مان تلوار ڪڍي، انهن مان هڪ کي ختم ڪري ڇڏيو ۽ ٻئي کي اڌ-مئو ڪري ڇڏيائين— پوءِ مير جي ملازمن انهيءَ کي ٻه ختم ڪري ڇڏيو. باقي ٻه، سي اتان ڀڄي پنهنجي ملڪ پهچي ويا. چون ٿا ته جوڌپور جي راجا اهو ڪم ميان عبدالنبيءَ جي مرضيءَ سان ڪيو هو انهيءَ عيوض ۾ ميان عبدالنبيءَ راجا کي عمر ڪوٽ جي قلعي ڏيڻ جي آڇ ڪئي هئي.[1]

تبصرو: هن بيان ۾ ڪي ڳالهيون اهڙيون آهن، جن کي بيڌڙڪ صحيح سمجهڻ مشڪل آهي مثلا:

1. ٻه ماڻهو اندر آيا، ٻه باهر دروازي تي رهيا؛ پوءِ اندر وارن مان هڪ شخص باهر وارن کي ائين چئي گهرايو 'ته خط پڙهڻ ۾ دقت پيش ايندي ته اهي مدد ڪندا' قرينو هيءُ هو ته ٻه ماڻهو ئي اندر رهن ها؛ هڪڙو خط پڙهي ها ۽ ٻئي کي بهاني سان ويجهو سڏي وڃي ها— مثلاً چوي ها ته هيءُ لفظ ته ڏس، پڙهڻ ۾ نٿو اچيم.'

2. هي ماڻهو بهرحال خط اڳي ئي پڙهي چڪا هئا — پڙهڻ کان سواءِ خط جي مطلب کان آگاهه ٿي نٿي سگهيا. ان ڪري، ڪنهن لفظ تي اٽڪي بيهڻ ته سمجهه ۾ اچي سگهي ٿو، مگر قدم قدم تي اٽڪڻ سمجهه ۾ نٿو اچي سگهي.

---

[1] "فريئرنامو"، ص 41-42

3. هيءَ ڳالهه ٻه وضاحت جي محتاج نه آهي ته وڪالت جي لاءِ هميشه قابل ۽ سمجهدار ماڻهو موڪليا ويندا هئا: اهڙن ماڻهن کي وڪيل بنائي موڪلڻ قرين قياس نه آهي، هڪ دفعي خط پڙهي ڇڏڻ کان پوءِ ٻه اهو بنا رندڪ جي ٻئي کي ٻڌائي نه سگهن.

4. قرينو هيءُ آهي ته ٻئي ماڻهو ميرِ بجار جي ٻنهي طرفن ويهي ويا هجن ۽ اوچتو هنن خنجر وهائي ڏنا هجن: هيءَ ڳالهه درست معلوم نٿي ٿئي ته ٻه ماڻهو ساڃي ۽ ڪاڃي بيهي رهيا، هڪڙو خط پڙهندو رهيو ۽ چوٽون ڇڏو بينو رهيو.

5. ٻن ماڻهن جو هڪ اهڙيءَ جاءِ تان پڄي پنهنجي ملڪ پهچي وڃڻ، جتي ميربجار جهڙو ماڻهو قتل ٿيو هجي، سراسر ناقابل يقين آهي.

6. بهرحال، 'پوسٽنز' جو بيان عين قرين قياس آهي. هو لکي ٿو ته، ڪلهوڙن جو ڇڻ قدرت طرفان زوال ٿي چڪو هو، ميان عبدالنبي خواه مخواه ميربجار جي تباهيءَ پٺيان اچي پيو، هن ڪيترائي طريقا آزمايا ۽ ڪنهن ۾ ٻه ڪامياب نه ٿيو:

آخرڪار پنهنجي دوست جوڌپور جي راجا جي مدد سان، هن پنهنجو مقصد پورو ڪيو. راجا جي طرفان ٻه قاتل، وڪيلن جي ويس ۾، ميربجار خان وٽ موڪليا ويا. هنن، سندس ويجهائيءَ ۽ خلاصائيءَ جي موقعي حاصل ڪرڻ لاءِ، ڪُجهي خط جو بهانو گهريو: مير جي سيني ۾ خنجر ٽنبي ڏنائون ۽ هن فوراً رباني راه اختيار ڪئي.[1]

ميرِ بجار جي شخصيت: مرزا قليچ بيگ لکيو آهي ته 'اهڙيءَ ريت سنڌ جو اهو امير مارجي ويو، جنهن جي عقل ۽ دانش، مردانگيءَ ۽ شجاعت، خداترسيءَ ۽ حق شناسيءَ جي درجي کي ٻيو ڪوبه پهچي نه سگهيو.'[2]

---

[1] "سنڌ بلبت ذاتي مشاهدا"، ص 179

[2] مرزا قليچ بيگ جي "تاريخ سنڌ"، جلد 2، ص 179

بيشڪ، ٽالپرن ۾ ميربجار تمام وڏيءَ شخصيت جو مالڪ هو. هن جو موت سنڌ جي لاءِ نهايت دردناڪ حادثو ثابت ٿيو. انهيءَ سبب ڪان سنڌ واسين تي جيڪي آفتون آيون، انهن جي مفصل سرگذشت ايندڙ صفحن ۾ بيان ڪئي ويندي. ائين ڪٽي چئجي تہ ميربجار هڪ مضبوط بند هو، جنهن سوين فتنن جي وهڪرن کي روڪي بيهاريو هو؛ ۽ جڏهن اهو بند ٽٽو، تہ فتني جون موجن پنيان موجون هر طرف ڪان وهي اٿي هليون. ڪنهن شخص ميربجار جي شهادت جي تاريخ چئي، جا هيٺ درج آهي:

هاتف بگوشِ هوشم گفتا بفكر بسيار،
"حاجي شهيد خنجر" تاريخ موت بجار.

1194هـ

منشي بالچند پہ تاريخون چيون:

1. بمحفلِ شهدا جلوه كرد مير بجار.

1194هـ

2. مير شد با حمله هر هندو شهيد.

1194هـ

سنڌي زبان ۾ هڪ عام چوٽي بنجي ويئي — "ڪن جي ڳالهين مير بجار مارايو". اها چوٽي انهيءَ ڪري ٺهي جو جيڪڏهن ميربجار اڪيلائيءَ ۾ ڳالهيون نہ ٻڌي ها، تہ قاتلن کي ڪامياب ٿيڻ جو موقعو نہ ملي ها.

مخدوم ابراهيم جي راءِ: مخدوم محمد ابراهيم، ٽالپرن جي حڪومت جي دور ۾، جوڏپورين کي دوزخي ڪافر ٺهرايو. وقت جي هڪ ٻئي وڏي عالم، شيخ عثمان ناري، انهيءَ راءِ سان اختلاف ڪيو. انهيءَ ڳالهہ تي ٻنهي ڌرين ۾ بحث چڙي پيو. مخدوم محمد ابراهيم پنهنجيءَ راءِ جي تائيد ۾ بين دليلن سان گڏ هيءُ بہ لکيو تہ

1. جڏهن جوڌپور جي راجا سنڌ جي وڏي امير الامراء ميربجار کي دوکي سان پنهنجا ماڻهو موڪلي قتل ڪرايو، تڏهن ان جي دوزخي هجڻ ۾ ايا ڪهڙو شبهو رهي ٿو.[1]

2. مرحوم ميربجار ٽالپر، سنڌ جي سرحدن ۾ جوڌپورين جي خالي ۽ غيرآباد زمين جي ويجهو قلعو ٺهرايو، ته هنن دوکي سان هن کي قتل ڪرائي سنڌ ۾ هڪ اهڙو عظيم فتنو برپا ڪري ڇڏيو، جنهن جي باهه جا شعلا ايا تائين اجهامي نه سگهيا آهن.[2]

مير عظيم الدين نٽوي شروع کان ئي ٽالپرن سان وابسته هو. ميربجار جي قتل جي واقعي تي هن هيٺيون مرثيو چيو:

فغان زخدعهء هندو و چرخ ناهنجار
که يافته دين پروران ازو آزار
دغا کنند به امدادش اهل کفر و نفاق
به انبياي کرام وبه اولياي کبار
گهے به حليهء شامي به تيغ بن ملجم
رساند ضربِ شهادت به حيدر کرار
گهے به بازيء کفارِ کوفه بهر يزيد
سرِ حسين جدا کرد از تنِ افگار
گهے به زهر و گه از تيغ و گاه از خنجر
چه ظلم ها که نه کرده به عزت اطهار
زخون آل نه شد سير آن سيه کاسه
بريخت رنگ دغا با جماعهء ديندار
همه سلوک به احباب خاندان سرکرد
که سر گرفته ازيشان به خدعهء اشرار
به صد ستم سر بهرام و صوبدار گرفت
به تيغ مکر دغا پيشه گان حليه شعار

---

[1] رسالو "دعوت الحق"، ڪراچي، بابت جنوري ۽ فبروري 1953ع، ص 33

[2] رسالو "دعوت الحق"، ڪراچي، بابت جنوري ۽ فيبروري 1953ع، ص 33

دگر نمود قيامت به اهلِ دين برپا
شهادت سرِ دين پروران مير بجار
سگان چند به مڪر و وڪالت خنريز
به شير بيشهء دين ڪرد دوستي اظهار
سياه ڪاريء هندوي آسمانست اين
ڪه رڪن دين به فگند آب خنجر ڪفار
شد اين قضيه بروباه بازيء افلاڪ
وگر نه شير ڪجا و ڪجا سگان خوار
امير سنده ڪه تاب تقابلش ناورد
سپاه خصم شدي جمع گر هزار هزار
فداي نام نبي و محب آلِ علي
فقير دوست غريب آشنا و نيڪو ڪار
نرفت او ڪه ازو نام نيڪ بر جا ماند
بماند او ڪه ازو عالم است شڪر گزار
شنيد اين سال شهادت دلم ز هاتف غيب
شهيد ابن شهيد ولي (امير بجار)
ڪدام دل نه شد داغ از جدائيءَ او
ڪدام چشم ڪ از فرقتش نه شد خونبار
خصوص تعزيه دارانش اهل بيت شدند
ڪه ڪرده بر سر آن نقد اعتقاد نثار
منم 'عظيم' حسين و داغ دار حسين
دلم به داغ شهيدان هميشه باشد يار
مڪان مير شهيد و بردار و پدرش
بـــه خلد نزد حسين علـي در ائـے دادار[1]

مير علي شاهه "شائق" جو بيان: مير علي شاهه "شائق" پنهنجي طويل قصيدي ۾ مير بجار متعلق لکيو آهي:

---

[1] "ديوان عظيم"، نتوي، قلمي نسخو، ملڪيت 'سنڌي ادبي بورڊ'.

ميـر باتـدبير، شاه سنده را نيڪو وزير،
پهلوانِ شير گير و رستمِ روز و غا؛
(باتدبير ميـر، سنڌ جي حاڪم جو نهايت چڱو وزير، شينهن
ڪي پڪڙڻ وارو پهلوان ۽ جنگ جي ڏينهن جو رستم؛)
حاجيء ميـر بجار آن غازيء دشمن شڪار،
آسـمـانِ اقـتـدار و آفـتـابِ اعتلا؛
(حاجي ميـر بجار، دشمنن ڪي شڪار ڪرڻ وارو غازي،
اقتدار جو آسمان ۽ بلنديءَ جو آفتاب؛)
مومنِ پاڪيزه دين و دوستدارِ مومنين،
صاحبِ تيغ و نگين و پهلوانِ پارسا؛
(پاڪيزه دين وارو مومن، مومنن جو دوست، تيغ جو مالڪ،
پارسا پهلوان؛)
ضارب سيف و حسام و خاربِ بيخِ خصام،
راڪبِ خنگ مرام و شاربِ شربِ ولا؛
(تلوار هلائڻ وارو، دشمنن جي پاڙن اکوڙڻ وارو، مقصد
جي گهوڙي جو سوار، محبت جو شراب پيئڻ وارو؛)
از 'اطيعوا الله' دارد خلعت روشن به بر،
تاجِ 'اتقاڪم' بفرقش سايهء بالِ هما.
("اطيعوا الله" جي روشن خلعت، هن جي بغل ۾ آهي،
'اتقاڪم' جو تاج؛ سندس سر تي هُما جي پرن جو پاڇو بنيل آهي؛)
شاه همچون آسمان و اوست چون بدرِ منير،
شاه همچون گلستان و اوست چون بادِ صبا.[1]
(بادشاهه آسمان وانگر آهي ۽ ميـر بجار روشن چند؛ بادشاهه
جيڪڏهن باغ آهي، تہ ميـر بجار انهيءَ ۾ صبح جي هير آهي.)

---

[1] "قصيده 'شاڪر'"، قلمي نسخو، ص 25-26

عبرت جو آئينو: مطلب تہ مير بجار جو قتل ڇڙ انهيءَ مرڪزي ٿنيي جو ڏهڙ هو، جنهن جي سهاري تي سنڌ جي انتظامي ڪاروبار جي سڃي عمارت بيٺل هئي. هيءُ ملڪ ۽ قوم جي هڪ نهايت ئي قيمتي دولت جو زيان هو؛ ليڪن، هن ڇت کي ڪيرائڻ جي غرض واسطي، خود سنڌ جو ئي هڪ قيمتي ٽڪرو ڪاڻي، مهاراجا جوڌپور جي حوالي ڪيو ويو! عمرڪوٽ ان وقت کان وٺي ڪچ مدت تائين جوڌپور جي قبضي ۾ رهيو. ٽالپرن جي دور حڪومت ۾ مير غلام علي خان اهو ٻيهر واپس ورتو. تقدير جي سيلاب کي ڪير بہ روڪي نٿو سگهي، ليڪن سوچيو تہ پهريائين محمد سرفراز خان، بنا ڪنهن سبب جي مير بهرام ۽ مير صوبدار کي قتل ڪرائي پنهنجي لاءِ مصيبت پيدا ڪئي، حڪومت وڃائي ۽ باقي عمر قيد ۾ گذاري، آخر مظلوميءَ جي موت مري ويو: عبدالنبيءَ بہ اهڙي ئي ساڳي حرڪت ڪئي ۽ ان حرڪت ۽ ان کان بہ وڌيڪ هڪ ٻيءَ حرڪت جو انجام آخر اهو ٿيو جو ڪلهوڙن جي حڪومت جو نالو نشان دنيا جي تختي تان ميسارجي ويو ۽ خود عبدالنبيءَ جي بہ باقي عمر بيوطنيءَ ۾ خاڪ ڇاڻيندي ختم ٿي وئي!

ميان صادق علي خان عباسي

مير عبدالله خان ٽالپر: مير بجار جي قتل وقت سندس لائق پٽ، مير عبدالله خان، موقعي تي موجود نه هو ۽ فتح خان ٽالپر سندس ڪفن دفن جو بندوبست ڪيو، رڳو شهر واسي ئي مير بجار جي مرتبي تي غمگين نه هئا، پر سارو ملڪ هن شهيد جي موت تي ڳوڙها ڳاڙي رهيو هو. عبدالله خان جڏهن واپس آيو، تہ سيني ٽالپرن ڪيس پنهنجو سردار تسليم ڪيو. هو تدبر، شجاعت، خداترسي ۽ ملڪي ماڻهن سان همدرديءَ ۾ پنهنجي پيءُ ۽ ڏاڏي کان گهٽ نه هو: روشن خياليءَ ۾ غالباً انهن کان به وڌيڪ هو.

عام افواهه ڦهلجي ويو هو تہ دشمن مير بجار سان جيڪو سلوڪ ڪيو، اهو عبدالنبيءَ جي چوڻ ۽ پڙڪائڻ جوئي نتيجو هو. وڌيڪ معلوم ٿيو تہ عبدالنبيءَ ڪوسن ۽ ليڪين ڪي گهرائڻ جا خط موڪليا آهن، تہ جيئن اهي ڪيس ٽالپرن جي خلاف هر ممڪن مدد ڏين.

مير عبدالله خان اهي افواهه ٻڌا تہ ڪيس يقين نه آيو: هن چيو تہ 'منهنجي والد ميان عبدالنبيءَ جو ڇا بگاڙيو هو جو هو دشمنيءَ تي آماده ٿي ويو؟' گويا، واقعاتي شاهدي عبدالنبيءَ جي خلاف هجڻ جي باوجود، مير عبدالله خان فيصلي ۾ جلد بازيءَ کان ڪم نه ورتو- حالانڪ هيءُ معاملو سندس والد جو هو ۽ اهڙن المناڪ حادثن جي حالت ۾ گهٽيون طبيعتون اهڙيون ٿي ويندیون آهن جو معمولي شڪ به انسان جي جذبات ۾ اشتعال پيدا ڪري وجهندا آهن.

"فريئر نامي" جو بيان: "فريئر نامي" جو بيان آهي تہ فتح خان موقعي تي موجود هو:

ڪفن دفن ڪان پوءِ، هو ٽي ڏينهن عزاداريءَ لاءِ وينو رهيو. شهر جا سمورا پير مرد ۽ جوان، دولتمند ۽ غريب، فاتحہ خوانيءَ لاءِ ايندا رهيا. عبدالنبي بہ فاتحہ خوانيءَ لاءِ مير فتح علي خان وٽ آيو. سردار ساڻس گڏ هئا. ٽن ڏينهن ڪان پوءِ مير فتح علي خان ديري، يعني شهدادپور ڏانهن روانو ٿي ويو.

شهادت جي ڏکدائڪ واقعي جي خبر جڏهن مير عبدالله خان ٻڌي، تہ هو پنهنجي والد جي زيارت لاءِ خداآباد روانو ٿيو. مير سهراب خيرپوري ۽ مير فتح علي خان عليه الرحمة (ٽالپرن جي حڪومت جو پايو وجهندڙ) ساڻس گڏ هئا. رستي ۾ مير عبدالله خان هيءَ ڳالهہ ٻڌي تہ 'اهو سمورو ڪم عبدالنبيءَ جي اشاري سان ٿيو آهي: هن ڪوسن ۽ ليڪين جي قبيلن کي خط موڪلي گهرايو آهي ۽ لشڪر گڏ ڪرڻ ۾ مشغول آهي، تنهنڪري ان معاملي ۾ خبردار رهڻ گهرجي.'

مير عبدالله خان انهيءَ ڳالهہ تي اعتبار نہ ڪيو، بلڪ ورندي ڏني تہ 'منهنجي والد پنهنجي آقا سان ڪهڙي بدي ڪئي هئي جو هو اسان سان دشمني ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويو: هن ۾ اهڙي اميد نٿي رکي سگهجي جو پنهنجن جان نثارن جي حياتيءَ جو دشمن بنجي وڃي.'[1]

عبدالنبيءَ جي ياچ: عبدالنبيءَ جي دل ۾ چور وينل هو. هن کي هڪ طرف هيءُ معلوم ٿيو تہ ماڻهو ڪيس مير بجار جي قتل جو ڏوهاري ڄاڻي رهيا آهن ۽ ٻئي طرف خبر مليس تہ مير عبدالله

---

[1] "تزيئر نامو"، ص 43-44

خان، فتح علي خان ۽ مير سهراب خان اچي رهيا آهن: بس، انهيءَ خبر ٻڌندي ئي سندس دل تي اهڙي هيبت طاري ٿي جو راتو رات، اهل عيال کي ساڻ ڪري، ونڊي پڳو. ٻه سو ماڻهو ساڻس گڏ هئا. ٻئي سؤ گهوڙن تي سوار هئا. تڙ تڪڙ ۾ جيترو ٻه مال ملڪيت ميڙي سگهيو، اُنن تي لڏي، درياهه ٽپي، قلات ڏانهن روانو ٿي ويو؛ ۽ پٽن کي ٻئي رستي کان جوڌپور موڪلي ڏنائين.[1]

"جواهر عباسيه" جو بيان آهي ته ميان پنهنجن پٽن، محمد عارف ۽ تاج محمد ۽ پائٽي شاهه محمد (ولد غلام نبي) کي، چند خاص سوارن ۽ خدمتگارن سان جوڌپور ڏانهن انهيءَ اميد تي موڪلي ڏنو ته مهاراجا خرچ پکي جو بندوبست ڪندو. شاهه محمد جي ماءُ پنهنجو سمورو مال پاڻ سان کنيو ۽ پنهنجن عزيزن مان وڏيري مهتي خان ۽ پير محمد کي ساڻ ڪري، سنڌ ڇڏي، پوڪرن طرف هلي ويئي.[2]

قابل غور ڳالهه: هتي هڪ ڳالهه غور لائق آهي- ۽ اها هيءَ ته جيڪڏهن عبدالنبي مير بجار جو قاتل نه هو، ته پوءِ هن ٻڌ جو رستو ڇو اختيار ڪيو؟ حد درجي جو تعجب ۽ افسوس هن ڳالهه تي آهي ته پنهنجن پٽن ۽ بين عزيزن کي جوڌپور ڇو روانو ڪيائين؟ جوڌپور وارا ته مير بجار جا قاتل هئا! جيڪڏهن اهو قتل مهاراجا جوڌپور جي اشاري سان ٿيو هو، ته عبدالنبيءَ کي ته مهاراجا کان بدلو ونڊ گهربو هو! مير بجار جي بين عزيزن بابت ته ڪجهه چوڻ مشڪل آهي، پر مير عبدالله خان کي- جو مرحوم جي فرزند هجڻ جي حيثيت ۾ خون جو پهريون دعويدار هو— ڪم از ڪم ان وقت تائين ته عبدالنبيءَ لاءِ ڪو به شبهو نه هو. عبدالنبي اطمينان سان وينو رهي ها، ته پاڻ ۽ ميرعبدالله گڏجي جوڌپور

---

(1) "فتحنامو"، ص 126-129. "فريئر نامي" ۾ سائين بابت لکيل آهي: "چند تن جتلوئيان، جهنجن و خدمتگاران و دوکس از مصاحبان" (ص 44).

(2) "جواهر عباسيه"، ص 240

وارن کان بدلو ونڻي سگهيا ٿي. حالتن مان صاف ظاهر ٿئي ٿو ته عبدالنبي قصوروار هو ۽ بدلي جي خوف هن کي ويهڻ نه ڏنو. سخت رنج انهيءَ ڳالهه تي آهي ته هو خود هڪ طرف پڄي ويو ۽ پنهنجن پٽن کي وري انهيءَ حاڪم وٽ موڪلي ڏنائين، جنهن جي گردن تي مير بجار جو خون هو! جيڪڏهن عبدالنبي سڌيءَ طرح ڪٽي ميربجار جو قاتل نه هو، ته به هن حقيقت کان ڪير انڪار ڪري سگهي ٿو ته هن قاتلن جي وطن کي پناهه جي جاءِ بنائي، پنهنجي جرم تي ڇڻ تصديق جي مهر هڻي ڇڏي: پنهنجي لاءِ قتل ۾ شريڪ هڻڻ جو شبهو يقين جي منزل تي پهچايو ۽ هن ناحقي خون جي بدلي ونڻ جو دروازو بند ڪري ڇڏيو.

مير عبدالله خان جو ڪوششون: مير عبدالله خان عبدالنبيءَ جي پڇڻ جي خبر پڌي حيران ٿي ويو. سندس سمجهه ۾ ئي نه پئي آيو ته ميان ڪهڙي سبب ڪري ملڪ ڇڏي پڄي ويو. هن، هڪ نيڪ نيت ماڻهوءَ وانگر، حالتن کي سلجهائڻ جي ڪوشش شروع ڪئي: ٻن معتبر ماڻهن کي قرآن مجيد ڏيئي، ميان جي پنيان روانو ڪيائين ته 'اسان جي ۽ اوهان جي وچ ۾ هيءُ قرآن پاڪ آهي، اسان کي اوهان تي ڪابه بدگماني ڪانهي، اوهان جا مشير فتني انگيز آهن، جن بنا سبب اوهان کي گمراهه ڪيو آهي: هو ظاهر ۾ اوهان جا دوست ڏيکارجي رهيا آهن، پر حقيقت ۾ اوهان جا دشمن آهن، جي اوهان کي دربدر پٽڪائيندا رهندا ۽ ڏارين جو محتاج بنائيندا: اوهين پنهنجي ملڪ موٽي اچو ۽ اچي پنهنجي گادي وسايو.'

ميان واپس ٽيڻ چاهيو ٿي، پر سندس مشيرن واپس موٽڻ تي اختلاف ڪيو ۽ مير عبدالله جا موڪليل ماڻهو ناڪام ٿي موٽي آيا.[1]

ميان صادق علي خان: مير عبدالله خان لاءِ هاڻي انهيءَ کان سواءِ ٻيو ڪو به گس نه رهيو هو ته عباسي خاندان مان ڪنهن ٻئي

---

[1] "فتحنامو"، ص 129

شخص کي حڪومت جي گاديءَ تي ويهاري. ميان نور محمد خان جي اولاد مان جيڪي ماڻهو هن منصب لاءِ چونڊجي سگهيا ٿي، تن کي عبدالنبيءَ پنهنجي مسندنشينيءَ کان اڳ ئي مارائي ڇڏيو هو، ميان محمد اسلام خان جي اولاد مان ميان صادق عليءَ کي تمام نيڪ، صالح ۽ خداپرست مڃيو ويندو هو. مير عبدالله خان هن کي مسند نشينيءَ لاءِ چونڊيو ۽ پاڻ ملڪي انتظامن جي درست ڪرڻ ۾ مشغول ٿي ويو.

"فريئر نامي" ۾ لکيل آهي ته ميرعبدالله نئين حاڪم جي باري ۾ مشيرن کان صلاح پڇي، ته انهن ٻڌايس ته:

صادق نامي فقير که از قرابتيان سر فراز خان است، در فلان جائيگاه نشسته است او را به سروري بايد برداشت- مير صاحب مردمان را مع کار خانه حڪومت براي طلب او فرستاد- چون او برگهاٹ دريا رسيد، مير صاحب مير عبدالله خان باتمامي لشکر استقبال کرده، بر فيل نشانيده باصد شان وشکوه داخل شهر کردند.[1]

(صادق نالي فقير، سرفراز خان جي عزيزن مان، فلاڻيءَ جڳهه تي وينو آهي، ان کي حاڪم بنائڻ گهرجي. مير، حڪمرانيءَ جي سامان سان گڏ، کيس گهرائڻ لاءِ ماڻهو موڪلي ڏنا. جڏهن دريائ جي گهاٹ تي پهتو، تڏهن مير عبدالله خان سموري لشکر سان

---

[1] "فريئرنامو، ص 44-45. ميان صادق علي خان جو نسب حڪيم محمد صادق عباسيءَ هن ريت لکيو آهي: ميان صادق علي، بن ميان الهه بخش، بن ميان محمد شفيع، بن ميان محمد اسلام خان، بن ميان يار محمد خان؛ ليکن منهنجيءَ تحقيق موجب ميان محمد اسلام خان، ميان يار محمد خان جو پٽ نه آهي- غالباً ڀائٽيو هو. 'فريئرنامي' ۾ ميان صادق علي خان جو نالو ميان 'محمد صادق' لکيل آهي. هيءُ معلوم ٿي نه سگهيو ته هن کي ميان سرفراز خان جو قرابتي چو ڄاڻايو ويو؟ جيڪو ميان سرفراز جو رشتيدار هو، ظاهر آهي ته اهو ميان عبدالنبيءَ جو به رشتيدار هوندو. ڏهن ۾ اچي ٿو ته ميان صادق علي نه رڳو ميان سرفراز جو هم نسب هو، پر سائس کو ٻيو رشتو به هوس.

سندس استقبال ڪيو ۽ ڪيس هاٿيءَ تي سوار ڪري وڏي شان شوڪت سان شهر ۾ وٺي آيو.

(عبدالمجيد جوڪئي لکيو آهي ته تالپر ديري شاهپور ۾ (جو هالا ڪنديءَ جي ويجهو آهي) ترسي پيا؛ انهيءَ هنڌ ڪلهوڙن جي تاجپوشيءَ جي رسم ادا ٿيندي هئي. هنن عبدالنبيءَ جي پيڇي ڪرڻ جو انتظام ڪيو ۽

صادق کلهوڑه که از اولاد يار محمد کلهوڑه بود، بر نمونه خلافت نزد خود طلبانيدند، و امورات دادو ستد بدو تعين نمودند.[1]

انهيءَ وچ ۾ خبرون اچڻ لڳيون ته هڪ طرف جوڌپور جو مهاراجا بجي سنگ، وڏي فوج وٺي، سنڌ جي اوپارين سرحد ڏانهن وڌندو اچي ٿو ۽ ٻئي طرف ميان عبدالنبيءَ، بروهين جي فوج وٺي، چڙهائي ڪري ڏٺي آهي. اهي حالتون نهايت پريشاني پيدا ڪندڙ هيون، ليڪن مير عبدالله خان ڪنهن به طرح هراسان نه ٿيو. غور ۽ مشوري کان پوءِ فيصلو ٿيو ته پهريائين جوڌپور وارن سان لڙڻ گهرجي، پوءِ ٻئي طرف توجهه ڏنو ويندو.

جوڌپورين سان جنگ: مير عبدالله خان سنڌين جي فوج پاڻ سان وٺي جوڌپورين جي مقابلي لاءِ روانو ٿيو؛ ميان صادق علي خان به ساڻس گڏ هو ۽ تي ويران بيابان منزلون هيون، جتي نه هو گاهه نه پاڻي، مير عبدالله خان فوج جي لاءِ پاڻيءَ جو بندوبست اڳ ۾ ئي ڪري ڇڏيو هو. ريگستان مان لنگهيا ته هڪ ٽٻ نظر آئي. جنهن تي تقريباً هڪ سؤ راٹوڙ سردار وينا هئا: هينان بيشمار فوج هئي ۽ جوڌ پور جي حاڪم بجي سنگهه جو ٽٻ ان جو سپهه سالار هو.

مير، اتي پهچندي ئي، جنگ جي تياري ڪئي. وقت جي دستور مطابق، فوج کي چئن حصن ۾ ورهايائين: پاڻ 'قلب' ۾ ٿي

---

[1] "تاريخ کلهوڑا و استقرار حکومت تالپران"، ص 50

بينو، ميان صادق علي خان ۽ سائس گڏ هو: 'ميمنہ' ۽ 'ميسرہ' تي مير فتح علي ۽ مير سهراب کي مقرر ڪيائين: ۽ مير فتح خان، مرزا فقير[1] ۽ ان جي پائٽيي باگي فقير کي سيني کان اڳيان بيهاريائين. فوج گهٽو ڪري نظاماٽين، جمالين ۽ لغارين تي مشتمل هئي.

مير فتح علي خان ميمنہ جي طرف کان اهڙو زبردست حملو ڪيو، جو سندس مقابلي ۾ جيڪي راڻوڙ هئا، سي پڄي نڪتا. راڻوڙن جون ٻيون ٽوليون ۽ مضبوطيءَ سان مقابلو ڪري نہ سگهيون ۽ ٽوري ئي وقت ۾ ميدان خالي ٿي ويو. بيشمار مال، مختلف قسمن جون سوين مڻ جنسون، تنبو، غاليچا، توبون، بندوقون، اٺ ۽ هاٿي، سنڌين جي هٿ آيا. جيڪي راجپوت مارجي ويا هئا، انهن کي سون جي زريءَ وارا ڪپڙا پهريل هئا، جي پڻ فاتحن لاهي ورتا.

بروهي فوج جي آمد: عبدالنبيءَ جوڌپور طرفان جيڪا مصيبت نازل ڪئي هئي، اها تہ ختم ٿي ويئي، پر هو پاڻ جيڪا مصيبت پنهنجي وطن تي آڻڻ لاءِ تيار ٿي چڪو هو، ان جو مقابلو اڃا درپيش هو، عبدالنبيءَ، مير نصير خان بروهيءَ قلات جي واليءَ کي درخواست ڪئي تہ 'اوهين مون کي فوج جي مدد ڏيو: آءُ وري جنهن وقت سنڌ جو حڪمران بنيس، تہ لکن رپين سان گڏ پنهنجي ملڪ جو هڪ حصو ۽ اوهان جي حوالي ڪندس.'

ياد هوندو تہ مير بجار پنهنجي والد ۽ پاءُ جي قتل جي خبر پڌي جڏهن قلات پهتو هو، تہ خود مير نصير خان درخواست ڪئي هيس تہ منهنجو لشڪر پاڻ سان وٺي وڃو: ميربجار انڪار ڪيو هو ۽ چيو هو تہ 'مون کي پنهنجي ملڪ تي فوج وٺي چڙهائي

---

(1) "فتحنامي" موجب، هن جو خطاب "سلطان جنگ" هو (ص 134). 'فريئرنامي' ۾ هن جي پٽ کي 'باگرخان' لکيو ويو آهي. مذڪور ڪتاب ۾ هن جنگ جي ڪيفيت صفحي 49 ۽ 50 تي ملاحظہ ڪريو.

ڪندي شرم ٿو اچي' ... ليڪن ميان عبدالنبيءَ کي پنهنجي ملڪ جي دولت ۽ زمين ٻين جي حوالي ڪري، ڏارين جي لشکر آڏ ۾ ڪوبہ حيا حجاب نہ محسوس ٿيو!

مير نصير خان پنهنجي فوج مدد ۾ ڏني ۽ پنهنجي نياڻي مير زرڪ کي ان جو سپهہ سالار مقرر ڪري موڪليو. "تاريخ بلوچستان" مان معلوم ٿئي ٿو تہ هن مهم ۾ مير زرڪ زهريءَ سان گڏ مير ولي محمد ڪوري زئي، جام خداداد موساڻي ۽ مير بازو جتڪ بہ گڏ هئا.[1]

چالڪ جي پل جي لڙائي: جڏهن معلوم ٿيو تہ ميان عبدالنبي بروهين جي فوج وٽي لاڙڪاڻي پهچي ويو آهي ۽ ان سان گڏ محراب جتوئي، ڏگاڻو جتوئي، جهنجڻ، ڪوسا، نومڙيا ۽ ٻيا قبيلا پڻ شامل ٿي ويا آهن، تڏهن مير عبدالله پنهنجن ساٿين کي حڪم ڏنو تہ بنا ساهيءَ ڪٽڻ جي اوڏانهن جو رخ ڪريو. جيئن ئي هو چالڪ جي پل تي پهتا، دشمن اچي سامهون ٿين. ميان کي مشيرن صلاح ڏني تہ بلوچ هينئر ٽڪل ٽنڊ آهن، مٽن هڪدم حملو ڪرڻ گهرجي. ميان خود، جتوين ۽ ڪوسن کي پاڻ سان وٽي، لشکر جي وچ ۾ اچي ٻينو، مير زرڪ، بروهي لشکر کي وٽي، ميمنہ تي ٿي ٻينو ۽ نومڙين ميسره جو طرف سنياليو.

مير عبدالله بہ تيزيءَ سان لشکر کي لڙائيءَ لاءِ تيار ڪيو. ميان صادق عليءَ کي هاٿيءَ تي سوار ڪيائين؛ مرزي فقير ۽ باگي فقير کي ساڻس همراهہ ڪري، کين چيائين تہ اوهين عبدالنبيءَ سان لڙو: نظاماڻين کي، مير فتح خان جي سرڪردگيءَ ۾، نومڙين جي مقابلي تي مقرر ڪيائين؛ پاڻ بروهين جي لاءِ ٿي ٻينو؛ مير فتح علي خان سندس ڏاڻي هٿ تي ۽ مير سهراب خان سندس ساڄي هٿ تي ٿي ٻينا.

---

[1] "تاريخ بلوچستان"، ص 197

جنگ توبن جي گولن وسائڻ سان شروع ٿي. سخت مقابلي کان پوءِ، مير فتح خان پوئتي هٽي ويو. درحقيقت، جوڌپورين سان جنگ ڪندي هن کي سخت زخم رسيا هئا، جنهنڪري هو جنگ جي قابل نہ رهيو هو. عين انهيءَ موقعي تي، ميان عبدالنبيءَ ميان صادق علي خان کي پوئتي هٽائي ڇڏيو. مير عبدالله خان جڏهن هيءَ حالت ڏٺي، تڏهن پائرن کي چيائين تہ 'جان جي بازي لڳائڻ جو وقت اچي ويو آهي، تيار ٿي وڃو!' مير عبدالله خان، مير فتح علي خان ۽ مير سهراب خان، گهوڙن تان لهي، تلوارون ڪڍي، وچ وانگر وڃي دشمن جي قلب ۾ ميمنہ تي ڪڙڪيا، ٿوريءَ ئي دير ۾ دشمنن جو لشڪر چڙوچڙ ٿي ويو. مير زرڪ بروهي، محراب جتوئي، آدو خان جتوئي ۽ ڪيترائي آزمودگار سردار مارجي ويا. بلوچن کي هن جنگ ۾ بيشمار مال غنيمت هٿ آيو.[1]

عبدالنبي حاجي پور ۾: ميان عبدالنبي جنگ جي ميدان مان شڪست کائي، پڄي وڃي قلات ۾ ساهہ پٽيو. مير نصير خان قلات جي واليءَ حاجي پور تعلقي جي محصول جو اڌ ميان جي خرچ لاءِ مقرر ڪيو. هو اهل عيال ۽ والده کي پاڻ سان وٺي، وڃي حاجي پور ۾ ويٺو. مير نصير خان کان وري امداد جي اميد نہ رهي هئي، انهيءَ ڪري، "ڏوڙ وڏي ديرمان پائجي" جي مطابق، هن تيمور شاهہ جي دربار جو رخ ڪيو ۽ شاهہ جي ئي امداد جو طلبگار ٿيو.[2]

---

[1] "فتحنامو"، ص 141-148؛ "فريئرنامو"، ص 50-53؛ مرزا قليچ بيگ جي "تاريخ سنڌ"، ج 2، ص 183 ۽ 184. "تاريخ بلوچستان" ۾ لکيل آهي: "او سبحانه و تعالیٰ همه ابواب پرده داري، بندگاني خودرامي نمايد باوجود قلتِ عساکر خوش نامي نصيبِ حال مير زرک گردانيد که بهمراهِ معتبرانِ خود درمکانِ سکرند سردار نامدار به شهادت رسيد که تا اليوم بپاس ننگ داري شهره آفاق است" (ص 197). پوسٽنٽر لکيو آهي تہ بروهي فوج عبدالنبيءَ جي پاڇ کان قريباً هڪ سال پوءِ آئي هئي ("سنڌ بابت ذاتي مشاهدا"، ص 181).

[2] "جواهر عباسيہ"، ص 241-242

باب سترهون

افغاني آفت

ميرعبدالله خان جا انتظامات: ميرعبدالله خان جنگ کان فرصت ملندي ئي ملک واسين جي حالت بهتر بنائڻ تي توجهه ڏيڻ شروع کيو. سنڌ جي مظلوم عوام، کيترن ئي سالن جي خرابين خوارين بعد، ميرن بجار جي مدارالهاميءَ جي زماني ۾ البت اطمينان جو ساهه کنيو، ته ميان عبدالنبيءَ وري ٻيهر انهن کي قتل ۽ لُٽ مار جي آفتن ۾ مبتلا ڪري وڏو هو.

"فتحنامي" جي بيان مطابق، ميرعبدالله خان متن ۾ محصول معاف ڪري ڇڏيا:

به فرموده ميرِ والا عطا،
نوشتند پروانه ها جابجا؛

(متانهين بخشش ڪرڻ واري ميرجي فرمان مطابق، پروانا لکي هر هنڌ موڪليا ويا.)

که مرفوع شد جابجا سربسر،
يکے پيشکش سر شماري دگر؛

(ته محصول پوريءَ طرح منسوخ ڪيا ويا: هڪ پيشڪش، ٻيو سر شماري؛)

که آن هر دو تکليف دشوار بود،
مروج ز عهد خدا يار بود؛

(اهي ٻئي محصول سخت تڪليف جا سبب هئا ۽ اهي خدا يار خان جي زماني کان رائج ڪيل هئا؛)

چون آن هر دو تکليف مالايطاق،
همين بود هر سال بر خلق شاق؛

(هي ٻئي ناقابل برداشت تڪليفون ماڻهن کي هر سال ڏاڍيون ڏکيون لڳنديون هيون:)

ز سختيء تحصيل از هر طرف،
رعايا بهر سال مي شد تلف؛

(محصول وصول ڪرڻ جي سختيءَ ۾ رعيت هر سال تلف ٿيندي رهندي هئي:)

رسيده چو در گوشِ خلق اين نويد،
شمر دند آن روز را روز عيد؛[1]

(جڏهن ماڻهن جي ڪنن تي اها خوشخبري پهتي، تڏهن اهي انهيءَ ڏينهن کي عيد جو ڏينهن سمجهڻ لڳا).

مدد خان جي مقرري: ميان عبدالنبيءَ جي هڪٻئي پٽيان درخواستن جو نتيجو هيءُ نڪتو جو افغانستان جي دربار کان سردار مددخان[2] ميان صاحب جي مدد لاءِ مقرر ٿيو. دربار مان محفوظ خان ميان صاحب جو خاص مددگار هو ۽ ان جي ڪوشش سان ميان صاحب جي درخواست تي منظوريءَ جي مهر لڳي ويندي هئي. "تاريخ بلوچستان" ۾ لکيل آهي:

ميرزرڪ جي شهادت کان پوءِ تيمور شاهه جو حڪم ميرمحمد نصير خان جي نالي صادر ٿيو، ته سردار مددخان اسحاق زئيءَ کي ميان عبدالنبي ڪلهوڙي جي امداد لاءِ مقرر ڪيو ويو آهي، اهو پاڻ سان لشڪر وٺي اينڈو ۽ اوهان جي لاءِ به حڪم آهي ته بروهين ۽ بلوچن جو لشڪر سردار موصوف سان گڏ سنڌ ڏانهن روانو ڪريو، جيئن

---

[1] "فتحنامو"، ص 133. "فريئرنامي" جو بيان به اهوئي آهي: ص 47-48

[2] هن شخص جو نالو دلاور خان هو. تيمور شاهه کي تخت تي ويهارڻ جي سلسلي ۾ هن تمام وڏي خدمت سرانجام ڏني هئي. انهيءَ ڪري ئي شاهه موصوف جي زماني ۾ کيس وڏي عزت حاصل هئي؛ "مدد خان" جو خطاب به کيس تيمور شاهه ڏنو هو. هيءُ اسحاق زئي قبيلي مان هو. "صبح صادق" هن کي 'علي خان' لکيو آهي- (ص 89).

تالپرن جي قوم کي پامال ڪيو وڃي، جا ميان صاحب موصوف جي دشمن آهي. اهڙيءَ ريت، ملڪ کي، سندن هٿن مان قبضو ڇڏائي، ذڪر ڪيل ڪلهوڙي صاحب جي حوالي ڪيو وڃي. محمد نصير خان ان وقت بيمار هو، انهيءَ ڪري هن آخوند ملا فتح محمد خان ۽ بروهي ۽ بلوچ سردارن کي انهيءَ مقصد سان تيار ڪيو ته هو سردار مددخان سان گڏجي بادشاهه جي خدمت سرانجام ڏين.[1]

مدد خان جو رقم گهرڻ: سردار مدد خان، ديري اسماعيل خان جي رستي کان آيو. "فريئر نامي" لکيو آهي ته سردار بهاولپور ۾ آيو هو. عبدالنبيءَ کجهه نذرانا موڪليا ۽ سنڌ جي فتح ڪرڻ بعد تمام وڏي رقم ڏيڻ جي واعدي تي هن کي مدد لاءِ گهرايو هو. محفوظ خان، بادشاهي حڪم مددخان ۽ نصيرخان بروهيءَ جي نالي جاري ڪرايو ته مدد ڏيڻ ۾ ڪابه ڪوتاهي نه ڪن.[2]

مطلب ته عبدالنبي، بروهين ۽ نومڙين جو لشڪر سردار سان اچي مليو. مددخان سڀ کان اول هيءُ مطالبو پيش ڪيو ته 'منهجي فوج کي پگهار نه ڏنو ويو آهي: جنهن رقم ڏيڻ جو واعدو ڪيو ويو هو، ان جو اڌ فوراً ڏيو ۽ باقي اڌ پوءِ وصول ڪندس.' ميان تي جڏهن دباءُ پيو، تڏهن هن چيو ته 'منهنجو سمورو خزانو قلعي ۾ پوريل آهي، اتي پهچي ڪوڏيءَ ڪوڏيءَ جو حساب ادا

---

(1) "تاريخ بلوچستان" ص 197-198 تاريخ مذڪور ۾ مختلف رئيسن جي فهرست ڏني ويئي آهي، مثلاً مير عبدالنبي رئيسائي، سردار حاجي محمد خان شهوائي، مير جنگي سرپرهه، مير احمد خان مينگل، وڏيرو بهادر خان بنگل زئي، احمد خان محمد شهي، دينار ڪوردي، ولانگو لهڙي، وڏيرو ميرو رنده جلال خان ٻومبڪي، جلال خان مغيري، وڏيرو غلام علي بلدي، مير يوسف خان زهري، مير نور محمد موسيائي، مير ولي محمد مينگل شاهي زئي، مير رحمت، مير مراد خان، سردار شهباز خان، مير فقير محمد وڏيرو قيصر خان مگسي، وڏيرو قلاڻي ديناري.

(2) "فريئر نامو"، ص 54. "بهاولپور گزيٽئر" ۾ لکيل آهي ته ڪن رئيسن مدد خان کي بهاولپور طرف توجهه ڏيارايو هو.

ڪندس، في الحال پنهنجون ضرورتون لُٽ مار جي ذريعي پوريون ڪريو.[1]

مدد خان بنا ڪنهن دير جي لُٽ مار شروع ڪري ڏني. هن ڪي شبهو پيدا ٿي ويو تہ عبدالنبي ڪوڙا واعدا ڪري رهيو آهي؛ ان ڪري ميان جي خاص مشيرن مان تاجي ليکيءَ جي پٽ بلاول، تاجي سهتي ۽ ٻڌي دربان جي هٿن، پيرن ۽ ڳچين ۾ زنجير وجهرائي، پنهنجن ماڻهن کي حڪم ڏنائين تہ انهن کي مارون ڏيئي، ڪائنس لڪل خزانن جو پتو لهو. "فريئر نامي" جو بيان آهي تہ انهن کي پاڻ وٽ گهرايائين ۽ سندن عضون کي ڏندن سان ڪٽيائين. هرهڪ منزل تي ساڻن اهوئي سلوڪ ڪيو ويندو هو.

[2]اهڙيءَ طرح، مددخان سنڌ جي گاديءَ جو رخ ڪيو.[3]

سنڌ تي خوفناڪ آفت: مدد خان جي خونريزيءَ ۽ ظلم جو نقشو "فتحنامي" هن طرح پيش ڪيو آهي تہ، هن کي نڪو خدا جو خوف هو، نڪو رسول صلي الله عليه وآله وسلم جو شرم. افغاني لشڪري، پاڪلن وانگر ماڻهن کي بيڏوهہ ماريندا۽ ظلم ڪندا رهيا ٿي. هو جتان بہ ويا ٿي، ڳوٺن جا ڳوٺ ويران ٿي ويا ٿي.

همه بے کس آزارو بي زور کش،
همه ناتوان دشمن و مور کش؛

(هو، سيئي بيڪسن کي ڏکوئيندڙ هئا؛ ڪمزورن کي ماريندڙ، ناتوانن جا دشمن ۽ ضعيفن جا قاتل هئا.)

---

(1) "فريئر نامو" ص 55. اصل لفظ هي آهن: "از غارت ملک سندھ به دست آريد" ممڪن، بلڪ اغلب آهي تہ ميان غلام نبيءَ اهو چيو هجي، جو جو ڪائنس رقم گهري پئي ويئي. ليڪن جيڪڏهن ميان نہ چوي ها، تہ ڇا مدد خان انهيءَ لُٽ مار ڪان باز رهي ها؟ ڇا هو انهيءَ باري ۾ ميان جي اجازت جو محتاج هو؟ جيڪڏهن عبدالنبي هن کي رقم بہ ڏئي ها، تہ بہ هن ڳالهہ جي ڪهڙي ضمانت هئي تہ مددخان يا هن جو لشڪر لُٽ مار ڪان پاسو ڪري ها؟

(2) "فريئر نامو"، 55-56

(3) "فتحنامو"، ص 149، 151. مرزا قليچ بيگ جي "تاريخ سنڌ"، ج 2، ص 184

همه موذي و ناكس و نابكار،
همه نيش زن كزدم و كهنه مار.

(هو تمام موذي، نالائق ۽ كميٽا هئا؛ سيئي وچن ۽ زهريلن نانگن وانگر ڏنگيندڙ هئا؛)

همه بے نصيب از صفا و سلوك،
همه بے سبب كش چو ديوانه خوك؛

(هو سيبيئي محبت ۽ سلوڪ كان خالي هئا؛ چتي مرون٘ وانگر ماڻهن تي بي سبب حملا كيائون ٿي؛)

همه با ضعيفان ستيزان چو برق،
همه روز ميدان گريزان چو برق.

(هو ضعيفن سان وڙهڻ لاءِ بجليءَ وانگر تيز هئا، ڪٽي مقابلي جي صورت پيدا ٿي ويئي، ته بجليءَ وانگر تيزيءَ سان پڄي ويندا هئا؛)

رعيت كشد تيغ شان بے دريغ،
گريزند بيند چون روي تيغ؛

(هنن جي تلوار رعيت جي گردن تي بيڌڙڪ هلندي ٿي رهي؛ مقابلي لاءِ كا تلوار آئي ٿي ته پڄي ٿي ويا؛)

بغارت چنان دست گسترده اند،
كه تا بوريای كهن برده اند؛[1]

(هو لُٽ مار ۾ اهڙا دست دراز هئا، جو پراڻي ڦاٽل ڳوڻ ۾ نٿي ڇڏيائون!)

"فريئر نامي" جو مصنف لكي ٿو ته

مدد خان ظالمے بود اشد چنانكه مردمان اين وقت هرگاه كر ظالمے را مي بينند مدد خان نامش مي نهند و اگر احياناً كسي بر آواز كلان فرياد مي كند يا كسے

---

[1] "فتحانمو"، ص 152

بجائے بزودي مي رود، يا ڪسے را ڪسي براي ڪدام ڪار بزودي مي طلبد، ديگر مي گويد: "مدد آمد؟ چه شد؟"[1]

'مدد خان' وڏو ظالم هو- ايتريقدر جو هن وقت ۾ ماڻهو ڪنهن کي ظلم ڪندو ڏسندا آهن، تہ ان جو نالو 'مدد خان' رکندا آهن ۽ جڏهن ۾ ڪو وڏي آواز دانهون ڪندو آهي، يا تکڙو تکڙو ڪيڏانهن ويندو آهي، يا ڪنهن ڪم لاءِ ڪو جلدي گهرائيندو آهي، تہ ٻيا چوندا آهن تہ، چا ٿيو آهي؟- مدد تہ ڪونہ آيو آهي؟

هيءَ هڪ اهڙي بي علاج آفت هئي، جنهن کي ميان عبدالنبي پنهنجيءَ حڪومت خاطر سنڌ تي چاڙهي آيو هو- حالانڪ اها حڪومت ۾ هن پنهنجي بد خصلتيءَ ۽ حماقت سببان ضايع ڪئي هئي.

مير عبدالله خان جو جذبو: مير عبدالله خان کي جڏهن ملڪ واسين جي تباهيءَ ۽ بربادي جو حال معلوم ٿيو، تڏهن هو بلڪل بيتاب ٿي ويو- هن پنهنجي عزيزن کي گهرائي صاف صاف چيو تہ 'هلو تہ ميدان ۾ هلون ۽ مردن وانگر ڪمزورن جي بچاءَ جو سهارو بنجون.' سيني هن دعوت تي لبيڪ چئي- فقط مير فتح علي خان هيئن چوندي اختلاف ڪيو، تہ هيءَ شاهي فوج آهي، بادشاهہ زمين تي خدا جو سايو آهي، انهيءَ ڪري تلوار کڻڻ جائز نہ آهي. مير عبدالله خان جواب ڏنو:

بادشاهہ اهو آهي، جنهن ۾ خدا جو صفتون موجود هجن؛ بادشاهہ اهو آهي، جو خدا وانگر ماڻهن جي پرورش ڪري؛ بادشاهہ اهو آهي، جو خدا جي خلق کي آرام پهچائي- اهو نہ آهي، جو ماڻهن جو خون وهائي. جيڪڏهن اسان هن وقت ماڻهن جي حال تي توجهہ نہ ڏنو، تہ هو تباهہ ٿي ويندا.

---

[1] "فريئر نامو"، 56

اسين انهن سيني کان ربيع توڙي خريف ۾ محصول وصول ڪندا رهيا آهيون؛ هاڻ انهن جي گلي تي تلوارون چمڪي رهيون آهن- ڇا اسان جي لاءِ ضروري نہ آهي تہ پنهنجو پاڻ کي انهن لاءِ ڍالون بنايون؟ اسين خراج ۽ محصول ونڊندا رهيا آهيون؛ جيڪڏهن اڄ پنهنجون حياتيون بچائيندي، ماڻهن کي مصيبت جي اوڙاهہ ۾ ڇڏي ڏيندا سين، تہ اسان جو ڪائنئ ورتل مال اسان لاءِ ڪيئن حلال ٿيو؟ ضروري آهي تہ اسين ماڻهن جي غمخواريءَ جي تدبير ڪريون!"[1]

"فريئر نامي" جو بيان: هن سلسلي ۾ "فريئر نامي" جا هيٺيان اقتباس ملاحظي لائق آهن. مير عبدالله خان کي جڏهن خبر ملي تہ

تمامي سندھ را آن ظالم جهول برابر خاک سياه کرده است و ناموس هاي تمام اهاليء سندھ برباد رفتہ است همون وقت مير فتح علي خان و مير سهراب خان را طلبيد و گفت که درين باره راي ايشان چيست؟ هردو مير فرمودند که بر توکل خداي تعاليٰ باين موزي جنگ بايد کرد.[2]

هن جاهل ظلم ساريءَ سنڌ کي جلائي خاڪ ڪري ڇڏيو آهي ۽ سيني سنڌين جي ناموس برباد ٿي ويئي آهي، تڏهن ان وقت مير فتح علي خان ۽ مير سهراب خان کي گهرائي، ڪائنئ پڇيائين تہ 'ٻڌايو تہ هن باري ۾ اوهان جي ڪهڙي راءِ آهي؟' ٻنهي جواب ڏنو تہ 'خدا جي پروسي تي، هن ظالم سان جنگ ڪرڻ گهرجي!'

مير فتح خان بادشاهيءَ جي غلط تصور جي بنياد تي هن راءِ سان اختلاف ڪيو، تڏهن مير عبدالله چيو:

---

[1] "فتحنامو"، ص 154

[2] "فريئر نامو"، ص 56

بادشاھ آن ڪس است ڪه عادل و خدا ترس باشد نه آنڪه بي گناه خون خلق بريزد و ناموس شرفا برباد دهد- در وقت ربيع و خريف از رعايا پول بگيريم و دروقت سختي مظلومان بي پر و بال را در چنگل خونخواران گزاريم؟ فرض است برما ڪه غمخواري رعاياي مظلوم بڪنيم-[1]

'بادشاھ اھو آھي، جو عادل ۽ خدا ترس ھجي ۽ نہ اھي، جو رعيت جو بنا ڏوھ خون وھائي ۽ شريفن جي عزت برباد ڪري. اسين ربيع توڙي خريف جي فصلن ۾ رعيت کان محصول وصول ڪندا رھيا آھيون: ڇا، اھو مناسب آھي تہ مصيبت جي وقت انھن بي دست وپا مظلومن کي خونخوارن جي پنجوڙن ۾ ڇڏي ڏيون؟ اسان جو فرض آھي تہ مظلوم رعيت جي غمخواريءَ جي ڪوشش ڪريون!'

ھي ارڙھين صديءَ جون ڳالھيون آھن، جڏھن بادشاھن جي باري ۾ نھايت غلط ۽ بيھودا تصور رائج ھئا- ايتريقدر جو نادر شاھ جھڙي ظالم ۽ جابر جو مقابلو بہ شرعي توڙي اخلاقي لحاظ سان گناھ ڇاتو ويو ٿي! ليڪن، ڏسو، مير عبدالله خان جا تصورات ھن اونداھي ۽ ظالمانہ دور ۾ بہ ڪيترا روشن ۽ پاڪيزہ ھئا- ۽ وري ھن مرد خدا جي، دل ۾ ملڪ جي انتظامي فرائض جو ڪيڏو نہ قابل قدر احساس موجزن ھو!

عملي قدم: بھرحال، مير عبدالله خان مقابلي تي نڪرڻ جو فيصلو ڪيو. مير فتح علي خان، مير غلام علي خان ۽ مير سھراب خان ساڻس گڏ نڪتا؛ ۽ مير فتح خان ۽ مرزا فقير، ڪن نظاماڻي سردارن سان گڏ، اتي ئي رھيو. مير عبدالله خان بہ منزلون طي

---

[1] "فريئر نامو"، ص 57.

ڪيون، تڏهن پوين جي دل ۾ ٻه ٻي چيني پيدا ٿي ۽ هو تيزيءَ سان پنڌيان پنڌيان روانا ٿيا. جڏهن اچي مير عبدالله خان سان مليا، تڏهن قرآن هٿ ۾ کڻي چيائون ته 'هن پاڪ ڪتاب جي پيروي اسان سڀني تي فرض آهي. خدا ۽ رسول پاڪ جي واسطي اسان جو هڪ عرض قبول فرمايو ۽ اهو هيءُ آهي ته پيش دستي نه ڪريو، بلڪ تدبير سان انهن کي شڪست ڏيو: اسين سڀ هتي انهن جي وات جهلي ويهي رهون ٿا، هو ايندا، اسان تي حملو ڪندا، ته اسين 'اڳرائي ڪندڙ ظالم آهي' تي عمل ڪندي، کين تلوارن سان کڻي چڏينداسين.' مير عبدالله انهيءَ ڳالهه تي راضي ٿي ويو.[1]

"فريئر نامي" ۾ لکيل آهي ته مير عبدالله خان ۽ ان جا ساٿي ٻه منزلون ڪري چڪا هئا، ته مير فتح خان سوار موڪلي، کين ترسايو ۽ پيغام موڪليو ته مان ٻه اچان ٿو. ٻئي ڏينهن ٻن سيدن کي قرآن مجيد ڏيئي، مير عبدالله خان ڏانهن روانو ڪيائين ته خدا ۽ رسول پاڪ جي واسطي اسان جو عرض قبول ڪريو، دشمنن تي حملي ۾ تڪڙ کان ڪم نه وٺو، تدبير سان انهن کي منهن ڏينداسين: جيڪڏهن هو اسان تي حملو ڪندا ته پوءِ اسين جوهردار تلوار سان ان جو جواب ڏينداسين.[2]

مدد خان جو پيغام: مدد خان اڳتي وڌيو، ته ڪيس جاسوسن جي ذريعي ميرن جي جنگي ارادي جي حقيقت معلوم ٿي ويئي. هن لُٽ مار بند ڪري چڏي، 'هر اول' دستن جو تعداد وڌايو ۽ هر قسم جو احتياط رکيو ته جيئن ڪنهن اوچتي حملي جو نشانو نه بنجي وڃي، پوءِ پنهنجي ساٿين سان مشورو ڪيائين- انهن مان نواب جنگ،

---

[1] "فريئر نامي" ص 155-156. مرزا قليچ بيگ جي "تاريخ سنڌ"، جلد 2 ص 185

[2] "فريئر نامو"، ص 57-58

اخلاص خان ۽ بابري خان جا نالا ذڪر لائق آهن. سيني راءِ ڏني ته جنگ کان اول صلح لاءِ ڪوشش ڪرڻ مناسب آهي. مدد خان، مير عبدالله کي لکيو ته 'اوهين وڏا بهادر ۽ عقلمند آهيو، عبدالنبيءَ اوهان تي جيڪي ظلم ڪيا آهن، اهي سڀ مون کي معلوم ٿيا آهن ۽ هن جي دل ڪنهن ڏانهن به صاف نه آهي؛ جيڪي ماڻهو هن جا مشير آهن، اهي به سمورا ڪوڙا بهتان گهريندڙ ۽ فتني باز آهن؛ نه انهن ۾ ڪا مردانگي آهي، نڪي وري عقلمند آهن؛ اهو ئي سبب آهي جو مون انهن سيني کي زنجير پارايا آهن: اوهين پنهنجي گهرن ڏانهن موٽي وڃو، مان هنن ماڻهن سان گڏ (خداآباد (خداآباد نئين) وڃڻ گهران ٿو؛ انهيءَ ڪري جو هي چون ٿا ته اتي اسان جو خزانو پوريل آهي— جيڪڏهن پيسا ملي ويا ته بهتر، ٻيءَ حالت ۾ هي ماڻهو شاهه جي نظر ۾ ڪوڙا ثابت ٿيندا. مان اوهان جي دوستيءَ جو خواهشمند آهيان ۽ انهيءَ ڳالهه تي خدا کي شاهد ڄاڻان ٿو.[1] هيءُ هڪ خط هن هڪ بابري رئيس ۽ خاص منشيءَ هٿان مير ڏانهن موڪلي ڏنو.

مير جو جواب: مير سردار جي ايلچين جي تمام وڏي عزت ڪئي. انهن مان هر هڪ کي هڪ هڪ گهوڙو، خلعت ۽ پيسا ڏنائين ۽ پنهنجي طرفان الهداد ليکي ولد جان نثار خان ۽ امرتراءِ کي سردار جي خدمت ۾ موڪليائين. انهن وڃي عرض ڪيو ته 'مير ۽ ان جا ساٿي شاهه جا جان نثار آهن، اوهان کي (سردار مدد خان کي) چاچي جي برابر سمجهن ٿا ۽ کين حڪم مڃڻ ۾ ڪو به عار نه آهي؛

---

(1) "فتحنامو" ص 160-162، مرزا قليچ بيگ جي "تاريخ سنڌ"، جلد 2، ص 185-186 'فريئرنامي' ۾ ذڪر ٿيل آهي ته پهريائين رات جو مشورو ڪيو ويو، ته سيني صلح جي راءِ ڏني ۽ صبح جو جڏهن ٻيهر مشورو ڪيو ويو ته ان وقت به سيني اها راءِ ظاهر ڪئي.(ص60-61)

ليڪن مير عرض ڪيو آهي تہ مان قسم کائي وينو آهيان تہ پل ڪيتريءَ ٻہ وڏيءَ فوج جو مقابلو ڪرڻو پوي، مان منهن نہ موڙيندس: اوهان مون کان قسم نہ پيجارايو: خداآباد وڃڻ گهرو ٿا، تہ درياهہ جي رستي هليا وجو: جڏهن اوهان جي فوج نڪري ويندي، تڏهن منهنجو قسم پورو ٿيندو ۽ اسين سڀيئي اوهان جي خوشنوديءَ لاءِ عمرڪوٽ ويندا سين— اسان جو سيڪجهہ اتي آهي ۽ اتي رهندا سين.'

سردار ٻہ مير جي ايلچين جي وڏي عزت ۽ احترام ڪيو، کين انعام ڏنا ۽ درياهہ جي رستي روانو ٿي ويو.[1]

[1] "فتحنامو"، ص 162-164؛ مرزا قليچ بيگ جي "تاريخ سنڌ"، ص184؛ "فريئرنامو"، ص 62. هي عذر تہ 'مان قسم کڻي چڪو آهيان، ضرور مقابلو ڪندس'، ڪجهہ معقول معلوم نٿو ٿئي؛ ليڪن جيئن تہ "فتحنامي" ۽ "فريئرنامي" جو بيان ٻہ اهو ئي آهي، انهيءَ ڪري هن جي نقل ڪرڻ کان سواءِ ٻيو چارو نہ هو.

سنڌ ۾ تباهيءَ جو طوفان

ملڪ جي دردناڪ حالت: مير عبدالله خان چاهيو ٿي ته مدد خان سان جنگ ڪري، ڪيس ظلم ۽ ڏاڍ جو مزو چکائي. بادشاهي ۽ سرداريءَ متعلق سندس تصورات ۽ نظريات پهريان ئي بيان ٿي چڪا آهن. ليڪن، مير فتح خان جي غلط سوچ يا خوش فهمي مير عبدالله خان لاءِ اهڙيءَ طرح رڪاوٽ بنجي پيئي، جو هن کي دل جي مرضيءَ خلاف مات ڪري ڪنڌائتو ٿي ويٺو پيو. جيڪڏهن ٽالپرن جو پنهنجو پاڻ ۾ جنگ متعلق اختلاف پيدا نه ٿئي ها، ته يقين آهي ته مدد خان شروع ۾ ئي موٽڻ تي مجبور ٿئي ها ۽ سنڌ انهن خوفناڪ آفتن ۽ مصيبتن کان محفوظ رهي ها؛ جي هن افغان سردار جي اچڻ سبب مٿس نازل ٿيون.

مدد خان جي هراول دستي ۾ نومڙيا ۽ بروهي هئا. هو هڪ ئي ڏينهن-رات ۾ خداآباد نئين پهچي ويو. عبدالنبيءَ کان تقاضا ڪيائين ته جنهن خزاني جو تو واعدو ڪيو هو، اهو ڪڍي اسان جي حوالي ڪر. عبدالنبيءَ چوڌاري پنهنجا ماڻهو دوڙايا، ته جتان جتان به جيئن به ٿوري گهڻي رقم ملي سگهي، لُٽ مار ۽ خونريزيءَ رستي حاصل ڪئي وڃي.

"فريئرنامي" ۾ لکيل آهي ته:

خدا کان نه ڊڄندڙ عبدالنبيءَ پيسن ميڙڻ لاءِ هر ڳوٺ، شهر ۽ هر گهر تي ماڻهو موڪليا. اهي ظالم جتي پهتا، جيڪا به چيز هٿ لڳن، ڦري کڻي آيا. انهيءَ سلسلي ۾ تمام گهڻا گهر برباد ٿي ويا. رعيت جا ڪيترائي گهر بي چراغ بنجي ويا.[1]

---

[1] "فريئرنامو"، ص 63

دلگداز نقشو: افغاني لشڪر جا ماڻهو هن ظالمانہ وٺ پڪڙ ۾ سيني کان اڳرا هئا. مير عظيم الدين نٽوي چوي ٿو:

چنان هول درملکِ سند اوفتاد،
که هولِ قيامت در آمد به ياد؛

(سنڌ ۾ اهڙي خوفناڪ حالت پيدا ٿي ويئي، جو قيامت جو ڪوڪرو ياد اچي ويو؛)

رسيدند آن ظالمان جا بجا،
به بستنلو ڪشتند بي چاره ها؛

(اهي ظالم هر هنڌ پهتا، غريبن کي پڪڙيندا ۽ قتل ڪندا ٿي رهيا؛)

زحق چشم پوشيده آن ظالمان،
نمودند تاراج بس خانمان؛

(انهن ظالمن انصاف جي طرف کان اکيون بند ڪري ڇڏيون ۽ گهرن جا گهر ويران ڪري ڇڏيا؛)

بجستند از روشنائي سراغ،
نمودند بس خانه ها بي چراغ؛

(روشني هٽن ۾ ڪٽي نڪتا ۽ گهرن جا گهر اونداها ڪري ڇڏيائون؛)

زدند آن ستم پيش گان جهول،
بصد ضرب از بهريک ضرب پول؛

(انهن جاهل ظالمن هڪ هڪ پيسي لاءِ ماڻهن کي ٻه ٻه سؤ زخم رسايا؛)

در اقليم ماکس توانگر نماند،
چو عنقا بجز نام از زر نماند؛

(اسان جي ملڪ ۾ ڪوبہ مالدار ماڻهو نہ رهيو ۽ 'عنقا' خيالي پکيءَ وانگر مال جو فقط نالو رهجي ويو؛)

دگر جانب از فوج نکبت نشان،
بروهي و افغان و نهمرد يان؛

(ٻئي طرف، تباهي پکيڙيندڙ فوج، جيڪا بروهين افغانن ۽ نومڙين تي مشتمل هئي؛)

چنان دستِ غارت نموده دراز،
کز انسان و حيوان نماند امتياز؛

(اهڙي وسيع پيماني لُٽ مار ۽ خونريزي ڪئي، جو انسان ۽ حيوان جو امتياز ئي مٽجي ويو؛)

نه کس را به تن جامه بگز اشتند،
نه بر فرق عمامه بگزاشتند؛

(نه ڪنهن جي بدن تي ڪپڑو ڇڏيائون ۽ نڪي ڪنهن جي مٿي تي ڪو پٽڪو ئي رهيو.)

گرفتند از خلق تا کفشِ پا،
برفتند هر خانه تا بوريا.[1]

(ماڻهن جي جتيءَ تائين لهرائي ورتائون ۽ گهرن مان گوٽيون به ميڙي ويا.)

خدا جي بارگاهه ۾ فرياد: مير عظيم الدين لکيو آهي ته جيڪي ظلم ۽ ڏاڍ ٿيا، تن جي بيان ڪرڻ جي ته ڪا طاقت ئي ڪانهي .هر ماڻهوءَ جي زبان تي جا فرياد هئي، هن جي سرسري ڪيفيت هن ريت بيان ڪئي اٿس:

الاهي خداوند عالم توئي،
ڪشائندهء بندِ عالم توکي؛

(اي خدا! جهان جو مالڪ تون ئي آهين ۽ جهان جي بندڻن کي به تون ئي کولين ٿو؛)

فرومانڊگان را ز تو ياوري،
تو ئي داورِ ما به هر داوري؛

(عاجزن جو سهارو تون ئي آهين، هر مقدمي ۾ تون ئي اسان جو انصاف ڪندڙ آهين؛)

---

[1] "فتحنامو" ص 164-165

تو سر پنجهء ظلم را بشكني،
تو درنده ناخن ز بن بر كني؛

(تون ظلم جي زنجيرن جو ٽوڙيندڙ آهين، تون چيريندڙ ڦاڙيندڙ ٻُنهن کي پاڙون پٽيندڙ آهين؛)

چسان بسپري اي خدائي بزرگ،
تو اين گلهء گوسفندان به گرگ؟

(اي خدا، سيني کان مٿانهان، تو هن رڍن جي ڏڻ کي بگهڙ جي حوالي ڪيئن ڪيو آهي؟)

بدريا تو ان غوطه زد بے درنگ؛
به كشتيء ما نا خدا شد
نهنگ؛

(درياهه ۾ بنا دير ٽپي پوڻ کان سواءِ ٻيو ڪو به چارو ڪونهي؛ چو ته مانگر مڇ اسان جي ٻيڙيءَ جو ناڪئو بنجي ويو آهي!)

عنانِ ضعيفان به سركش مده
تو اين مشتِ خس رابه آتش مده!

(ڪمزورن جي واڳ ظالمن جي هٿ ۾ نه ڏي؛ تون هن مٺ جيترن ڪکن کي باهه ۾ نه وجهه!)

جهان ظالمتِ ظلم تاريک كرد،
شبِ مرگ با خلق نزديک كرد؛

ظلم جي اونداهيءَ دنيا کي اونداهو ڪري ڇڏيو؛ موت جي رات ماڻهن جي ويجهو اچي پهتي آهي؛)

بما اين قيامت كم از حشر نيست،
تزلزل كم از بعث و از نشر نيست؛

(اسان تي جا قيامت نازل ٿي آهي، اها حشر جي ڏينهن کان گهٽ ڪانهي؛ جنهن زلزلي ۾ اسين مبتلا آهيون، اهو (بعث و نشر) قيامت جي ڏينهن کان گهٽ ڪونهي؛)

در آنجاست پرشش ز اعمالِ خلق،
درين جاست پرشش ز اموالِ خلق؛

(قيامت ۾ عملن متعلق سوال ٿيندو؛ هتي مال ۽ زر جي باري ۾ پڇا ڳاڇا ٿي رهي آهي؛)

در آنجا گنهگار در پرشش اند،
درين جا هم بي گناهم مي کشند؛

(هُتي گنهگارن کان حساب ڪتاب ورتو ويندو؛ هِتي بي گناهن کي ماريو وڃي ٿو؛)

دلِ عالمے از جفا شد دو نيم،
ترحم که اي کردگارِ عظيم.[1]

(ظلم سببان دنيا جي دل ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويئي آهي؛ اي خدا، سيني کان مٿانهان، تو رحم فرماءِ.)

مير عبدالله جو جوش: مير عبدالله خان جڏهين عمرڪوٽ ۾ هن ظلم ۽ ڏاڍ جا رت رئائيندڙ داستان ٻڌا، تڏهن بلڪل بي قابو ٿي ويو ۽ هيءَ درد پري دعا چپن تي آيس:

"اي خدا! تون منهنجي حال کان واقف آهين. 'دانشورن' منهنجون واهون بند ڪري ڇڏيون- هن ڏوهه متعلق مون کان پڇا نه ڪر. تون ڄاڻين ٿو ته هن غم منهنجيءَ دل کي ڳاري ڇڏيو آهي. تون ڄاڻين ٿو ته مان هن ۾ قصوروار نه آهيان، منهنجي ساڻين مون کي مجبور ڪيو آهي. بيشڪ مان تنهنجي مخلوق جي روبرو شرمسار آهيان، ليڪن تنهنجي اڳيان منهنجي دل جو حال ظاهر آهي. منهنجي 'سمجهدار' ساڻين مون تي ظلم ڪيو ۽ مون کي هن شرمساريءَ ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو. ماڻهو دشمنن جي هٿان جيڪي ظلم برداشت ڪري رهيا آهن، اهي هن وقت مون

---

[1] "فتحنامو"، ص 166-167

کي دوستن جي هٿان برداشت ڪرڻا پيا آهن. ڏاها ماڻهو نادانن تي ڪلندا آهن، مون 'دانشورن' جي هٿان ڏک سٿو آهي.[1]

هڪ ٻي روايت مان ظاهر آهي ته مير عبدالله خان وڏي رنج ۽ ارمان جي حالت ۾ چيو:

ڏسو، مير فتح خان جي سوچيل تدبير ويچاري عوام تي ڪهڙي مصيبت آندي! خدايا، تون منهنجو حال ڄاڻين ٿو، مان هن صلح کان بيزار هوس- هن جو وبال منهنجي گردن تي نه آهي.[2]

جنگ جي تياري: مير فتح علي خان جڏهين پنهنجي سردار جي هيءَ پريشاني ڏٺي، تڏهن پاڻ ۾ بيتاب ٿي ويو. مير سهراب کي چيائين، "چاچا جان! هاڻ اسين هن طرح هٿ پير وڌائي ويهي نٿا سگهون." پنهنجي پاءُ غلام عليءَ کي مخاطب ٿي چيائين:

تون اهو آهين، جنهن جي جان جي پناهه حضرت عليءَ جو نالو آهي ۽ اُٺ ۽ اُٺي جنگ جي تياري ڪر، ته پنهنجي جوان بخت سردار سان ڪڏجي هلون. هن وقت، هن جي رضا سيني کان وڌيڪ ضروري آهي. اسين ڪيستائين تدبيرون سوچيندا رهنداسين. لازمي آهي ته تقدير تي پروسو ڪري اٿون، ته جيڪا خدا جي رضا آهي، سا پوري ٿئي.[3]

اڌيءَ ريت، راتو رات تياري مڪمل ٿي ويئي ۽ صبح جو روانا ٿي ويا.

مير فتح خان جڏهن هيءَ حالت ڏٺي، تڏهن پنهنجن سيني هم خيال ماڻهن کي چيائين ته 'اسان کي به ساڻن هلڻ کپي:

---

[1] "فتحنامو"، ص 168

[2] "فريئر نامو"، ص 64

[3] "فتحنامو"، ص 168-169

جيڪڏهن افغان سردار سان مير عبدالله خان جي ڳالهه ٻولهه ٿي ته ٻڌنداسين ۽ جيڪڏهن جنگ جي تياري ڏٺي سون، ته روڪينداسين.'

فريئر نامي جو بيان: فريئر نامي جو بيان آهي ته فتح علي خان مير سهراب خان کان راءِ پڇي ۽ ساڻئي وقت مير غلام علي خان کي چيائين ته 'اسان کي مير عبدالله خان سان هم رڪاب جنگ لاءِ هلڻ گهرجي، زياده ظلم برداشت ٿي نٿو سگهي.' غلام علي خان جواب ڏنو ته 'جيڪا اوهان جي مرضي آهي، منهنجي به اهائي راءِ آهي.' اهڙيءَ طرح ان وقت ئي تياريءَ جو حڪم ڏنو ويو. ٻئي ڏينهن تي لشڪر وٺي روانا ٿيا. مير فتح خان جڏهن هيءَ خبر ٻڌي، تڏهن ڏاڍو پريشان ٿيو— سلام لاءِ مير عبدالله خان وٽ پهتو. مير جواب ڏنو ته 'اسان اوهان جي راءِ مطابق صلح ڪيو هو؛ نتيجو اهو نڪتو، جو غريبن تي مصيبتون نازل ٿيون!' فتح خان جواب ڏنو ته 'اوهان جو چوڻ بلڪل صحيح آهي ته هيءَ رباني تقدير هئي، جا آخر پوري ٿي. مدد خان جو ظلم حد کان لنگهي ويو آهي. فساد جو جيڪو مادو گڏ ٿي چڪو آهي، تنهن جي دوا تيز تلوار کان سواءِ ٻي ڪا به نه آهي.'[1]

مير جي هدايت: مير عبدالله خان جڏهن ڏنو ته مير فتح خان به ساڻ ڏيڻ لاءِ تيار آهي، تڏهن ڏاڍو خوش ٿيو؛ ليڪن صاف صاف چئي ڏنائين ته 'اوهان وڏا عقلمند ۽ تجربيڪار آهيو، آءٌ پڇڻ گهران ٿو ته رعيت اوهان جو ڪهڙو گناهه ڪيو هو، جو غلط راءِ ڏيئي مٿس مصيبتون نازل ڪيوَ؟ ماڻهو تباهه ٿي ويا. دشمنن کان سواءِ اوهان جي دانائپ جو ڪنهن کي ڪو فائدو نه پهتو. سياڻي موت اوهان جي ۽ منهنجي سر تي ايندو، تڏهن هيءَ هوشمندي ۽ دوراندیشي منهنجي توڙي اوهان جي ڪهڙي ڪم ايندي- احڪم الحاڪمين جي اڳيان عقل بيڪار ٿي وڃي ٿو. جيڪڏهن اڄ به اوهان پهرينءَ راءِ تي قائم آهيو، ته بهتر آهي ته جتي وينا آهيو، اتي ئي وينا رهو.'

---

[1] "فريئر نامو"، ص 64-65

مير فتح خان جواب ڏنو ته 'اوهان جي هدايت صحيح آهي. ٻڌاپي سبب منهنجا حواس درست نه آهن. منهنجي ڪري ماڻهن کي نقصان پهتو، اهو خدا جي طرف کان مقرر هو. هندن ۽ مسلمانن کي جيڪي ڪجهه پوڳٽو هو، سو پوڳي چڪا. اڄ به ڳالهه ٻولهه سان معاملات کي سلجهائي سگهجي ٿو.' اهي لفظ ٻڌي، مير عبدالله خان خاموش ٿي ويو.[1]

مدد خان جي نالي پيغام: مدد خان کي جڏهن معلوم ٿيو ته مير عبدالله خان جنگ جي ارادي سان نڪري پيو آهي، تڏهن ڏاڍو پريشان ٿيو. مشيرن سان صلاح مشوري کان پوءِ حڪم ڏنائين ته "شهر کان ٻاهر نڪرو، شهر ۾ ويٺي ڪجهه به ٿي نٿو سگهي، هر تدبير ٻاهر نڪري اختيار ڪري سگهجي ٿي." ٻئي ڏينهن، هو خداآباد مان روانو ٿي ويو.

مير عبدالله خان تيزيءَ سان هن جو پيڇو ڪيو. جڏهن سندس لشڪر مدد خان جي لشڪر کان ڇهن ڏينهن جي پنڌ تي اڇي پهتو، تڏهن مير، الهداد جي هٿان هڪ خط مدد خان کي موڪليائين، جنهن جو مضمون هيءُ هو:

> 'اي ناميارا سردار! مون تنهنجي قول تي اعتقاد ڪيو. منهنجي نظر تنهنجي سرداريءَ تي هئي، مگر تنهنجي قول جي سچائي ڪٽي؟ تو پهريائين ڇا چيو ۽ پڇاڙيءَ ۾ ڇا ڪيو: تنهنجو ظاهر ڇا هو ۽ باطن ڇا نڪتو: تنهنجيءَ فوج ملڪ تي ڪهڙو ظلم ڪيو! خدا طاقت انهيءَ لاءِ عطا ڪري ٿو، ته ماڻهن سان مهرباني ۽ جُر برتائُ ڪيو وڃي. ڪنهن وڏي جي لاءِ اهو جائز نه آهي ته هو ڪنهن ننڍي تي زبردستي ڪري. توتي خدا احسان ڪيو، تون ان جي بندن تي

---

[1] "فتحنامو"، ص 170

احسان ڪر. سيئي ماڻهو هڪ خدا جا بندا آهن ۽ ان غيور خدا کان ڊڄڻ گهرجي.'

ٻي روايت: "فريئر نامي" ۾ انهيءَ خط جو مضمون هن طرح بيان ٿيل آهي: اي نامدار، مون تنهنجي واعدي تي پروسو ڪيو، ليڪن ان ۾ دوستيءَ جو ڪوبہ پهلو نظر نہ آيو. تو پهريان ڇا چيو ۽ آخر ۾ ڇا ڪيو؟ جيڪو طاقت وارو آهي، خدا ان کي اختيار ڏئي ٿو؛ ليڪن انهيءَ لاءِ تہ هو خدا جي خلق تي لطف ۽ عنايت ڪري، نہ انهيءَ لاءِ تہ ظلم ۽ ڏاڍ سان پيش اچي. تو نڪي خدا جو خوف ڪيو، نہ رسول جو ڪو لحاظ ڪيو، غريبن ۽ ضعيفن تي اهڙو ظلم ڪيو، جو حجاج جو ظلم بہ ان اڳيان ڪجهہ نہ آهي.[1]

مدد جو جواب: مدد خان مير جو خط پڙهندي ئي بيحد شرم کان ڪنڌ ڪٽي جهڪايو ۽ پنهنجي خاص ماڻهن هٿان جواب ڏياري موڪليو:

اي مير، مون تنهنجو پيغام پنهنجي ڪنن ۾ سمائي ڇڏيو آهي. تون جوانمرديءَ ۾ شينهن کان بہ وڌيڪ آهين؛ نيڪ طبعيءَ ۾ پين کان بہ اڳرو آهين. مان رعيت مٿان ظلم ڪرڻ جو خواهان نہ هوس؛ عبدالنبيءَ جنهن رقم ڏيڻ جو واعدو ڪيو هو، سا هن نہ ڏني، بلڪ رسد جو بہ بندوبست نہ ڪيائين- مجبوراً مون کي لُٽ مار ڪرڻي پيئي- خدا جي بارگاهہ ۾ ان کان ئي پچا ڳاڇا ٿيندي. باقي رهيو اوهان سان منهنجو واعدو، سو آءٌ ڪيترائي دفعا حضور ۾ درخواستون موڪلي چڪو آهيان تہ اوهان کان سواءِ ٻيو ڪوبہ سنڌ جو انتظام نٿو ڪري سگهي؛ اتان کان جواب آيو آهي تہ اوهان کي جيڪي انتظام وٹي سو ڪريو، ليڪن هي ضروري آهي تہ مقرر خراج باقاعدي ادا ٿيندو رهي: اوهان جيڪڏهن مون کي واعدو ڏيو ۽ خاطري ڏياريو، تہ مان شاهہ جي روبرو اوهان جي

---

[1] "فريئر نامو"، ص 66.

طرفان ذميواري قبول ڪرڻ لاءِ تيار آهيان. جيڪڏهن اوهان سچيءَ دل سان اسان جا دوست آهيو، تہ مير فتح علي خان، مير سهراب خان ۽ مير فتح خان کي پاڻ سان وٺي مون وٽ اچو ۽ پنهنجي لشکر کي روانو ڪري ڇڏيو. اهڙيءَ ريت، اطاعت گذاريءَ سان، اوهان جي عزت ۽ مرتبو تنهان ئي وڌي ويندو ۽ اوهان جا دشمن ذليل ۽ شرمسار ٿيندا. هيءُ منهنجو خيرخواهيءَ جو مشورو آهي، آئيندي اوهان جي مرضي.

مير جو فيصلو: مير جواب ۾ مدد خان کي صاف چوائي موڪليو تہ 'تنهنجي فوج منهنجي برادريءَ جي ماڻهن تي مشتمل آهي، انهن کي اهڙي وقت ۾ الڳ ڪري نٿو سگهجي؛ جيڪڏهن الڳ ڪندس تہ بگڙي پوندا." عين انهيءَ موقعي تي مير فتح خان چئي ڏنو تہ 'اسان کي سردار جو حڪم مڃڻ گهرجي.' مير عبدالله خان جڏهن هيءَ صورتحال ڏٺي، تڏهن چيائين تہ 'لڙڻ' اسان جي لاءِ مشڪل نہ آهي؛ ليڪن اسان ۾ بي اتفاقي ٿي پئي آهي، تڏهن بهتر آهي تہ اسين الڳ ٿي وڃون: مير فتح خان پل مدد خان وٽ هليو وڃي، ڪيس اتان جيڪي ڪجهہ حاصل ٿيندو سو اسين بہ ڏسنداسين.'

مير عبدالله خان، مير فتح علي خان، مير غلام علي خان ۽ مير سهراب خان لڙائيءَ لاءِ نڪري پيا؛ فتح خان ۽ باگو فقير، پنهنجي ماڻهن کي ساڻ ڪري، عمرڪوٽ هليا ويا.[1]

سنڌيءَ ۾ پهاڪو: مدد خان جو ظلم ۽ ڏاڍ سنڌي زبان ۾ هڪ پهاڪو بنجي ويو- چوٽي آهي: "مدد ٿو اچئي" هيءُ پهاڪو اهڙي موقعي تي چيو ويندو آهي، جڏهن ڪا خوفناڪ مصيبت اچڻ واري هجي. مسٽر آڏواڻيءَ لکيو آهي تہ مدد خان جي لُٽ مار ۽ خونريزي مدت تائين سنڌين کي ياد رهي. هن جو نالو ٻڌي ڇهرن

---

[1] انهيءَ تفصيل لاءِ ملاحظہ ڪريو، "فتحنامو"، ص، 167-176؛ "تاريخ سنڌ"، جلد ٻيو، مرزا قليچ بيگ، ص 187-189 ۽ "فريئر نامو"، ص، 66 ۽ 67

تي زردي ڇائنجي ويندي هئي ۽ بدن ڏکي ويندو هو. ٻارن کي ڏيڇارڻ لاءِ عام طرح اها چوٽي استعمال ڪئي ويندي هئي.[1]

ظلم ۽ ڏاڍ جون شهادتون: مدد خان ظاهريءَ طرح سان عبدالنبيءَ جي حمايت ۾ سنڌ واسين تي جيڪو ظلم ۽ ڏاڍ ڪيو، ان جو اجمالي نقشو مٿي بيان ٿي چڪو آهي. حقيقت هيءَ آهي ته انهن بيانن سان سنڌ جي برباديءَ جي پوري ڪيفيت واضح ٿي نٿي سگهي، فقط سرسري نقشو سامهون اچي ٿو.

'مائونٽ اسٽوئرٽ الفنسٽن" 1809ع ۾ ڪابل ويو هو. هن پنهنجي ڪتاب "سلطنت ڪابل"، ان کان پوءِ مرتب ڪيو هو، جڏهن سنڌ جي انهيءَ تباهيءَ کي گهٽ وڌ ٽيهن سالن جو عرصو گذري چڪو هو. هو لکي ٿو ته

> مدد خان سڄي ملڪ کي تلوار ۽ باهه سان ويران ڪري ڇڏيو هو. هن جي هيءَ لُٽ مار ايتري قدر شديد ۽ بي پناهه هئي، جو هن مهم ڪان پوءِ خوفناڪ ڏڪار شروع ٿي ويو. بيان ڪيو وڃي ٿو ته 'سنڌ کي هن واقعي مان جيڪو نقصان پهتو، تنهن جي تلافي اڃا تائين نه ٿي سگهي آهي.'

يعني، مدد خان جي لُٽ مار سنڌ ۾ ايترو سَٽُ نه ڇڏيو، جو ٽيهن ورهين گذرڻ کان پوءِ به ان نقصان جي هرج کان پاڻ ڇڏائي سگهي!

ٻيڪ جي شهادت: ڪ ٻي شهادت مان ظاهر آهي:

> هن لُٽ مار کان سيدن جا ڳوٺ به محفوظ رهي نه سگهيا، حالانڪ سڀ ماڻهو انهن جو غير معمولي احترام ڪندا هئا. عام رعيت جي حالت ته بيان ٿي نٿي سگهي. عام توڙي خاص ماڻهو هن لُٽ مار جو

---

[1] "جرنل سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽي"، بابت جنوري 1938ع، ص 59.

نشانو بنيا ۽ فقيرن وانگر مانيءَ ڳيي لاءِ در در تي ٽڪڙ لڳا- ائين ٿي معلوم ٿيو، جڻ قيامت اچي ويئي!

ان کان پوءِ ڏڪار پيو- اهڙو شديد ۽ سخت ڏڪار، جو وڏن پوڙهن به اهڙو ڏڪار پنهنجيءَ جمار ۾ نه ڏٺو نه ٻڌو هو. سنڌ جهڙي زرخيز ملڪ ۾ جتي اناج جي هميشه گهٽائي رهي، اتي رپئي جو ڏيڍ سير اٽو ملندو هو. هن قحط ۾ هزارين ماڻهو بک جي وگهي موت جو شڪار بنجي ويا.

عماد الملڪ جو مرثيو: عماد الملڪ هندستان جو وزير رهي چڪو هو ۽ مغل سلطنت کي برباد ڪرڻ ۾ ڪابه ڪسر نه ڇڏي هئائين. سن 1780عيسويءَ ڌاري هو سورت ۾ هو ۽ حج ڪري وري سورت ۾ موٽي آيو. هن جڏهن سنڌ جي تباهيءَ جا دل ڌارينڊ حالات ٻڌا، تڏهن نهايت بيتاب ٿي ويو ۽ هيٺيون مرثيو سندس انهيءَ غم جي اظهار جو آئينو آهي:

در سند چه فتنه و بلا شد،
گوئي که قيامتے بپا شد!

(سنڌ ۾ ڪهڙو فتنو برپا ٿيو ۽ ڪهڙي مصيبت نازل ٿي- معلوم ٿئي ٿو ته قيامت اچي ويئي؛)

آن سند که مامنِ جهان بود،
اے آه، چه گويمت چها شد؛

(جا سنڌ ساريءَ دنيا لاءِ امن جي جاءِ هئي. مان توکي ڇا ٻڌايان ته ان جو ڪهڙو حال ٿي ويو؛)

هر خانه به خاک شد برابر،
هر صاحبِ دولتي گدا شد؛

(هر گهر لٽجي ويران ٿي پَٽُ ٿي ويو، هر دولتمند ماڻهو قرجي فقير ٿي ويو.)

هر تاجوري برهنه سر گشت،
هر ماه سري برهنه پاشد؛

(هر اهو شخص جنهن جي سر تي تاج پهريل هو، اهو لباس کان محروم ٿي ويو؛ هر چند جهڙي چهري وارو، پيرن اگهاڙو ٿي ويو.)

تا ناموران بہ بند رفتند،
سر رشتهء صبر دل رها شد،

(ڪيترائي نامور شخص قيد ۾ پئجي ويا؛ دل جي هٿن مان صبر جي واڳ ڇڏائجي ويئي؛)

مادر ز پسر، پسر ز مادر،
سر از تن و تن ز سر جدا شد؛

(ماءُ پٽ کان جدا ٿي ويئي ۽ پٽ ماءُ کان وڇڙجي ويو ۽ سر ڏڙ کان جدا ٿي ويو، ڏڙ سر کان الڳ رهجي ويو.)

منعم پئي مشتِ آرد يک سير،
سر گردان همچو آسيا شد؛

(دولت مند مُٺ اٽي جي لاءِ جند وانگر سر گردان ٿيڻ تي مجبور ٿي ويا؛)

هر گل رخي را ز خارِ صحرا،
خونِ کفِ پاي خود حناشد؛

(گل جهڙي چهري واري هر شخص جي هيءَ حالت آهي، جو جهنگ جي ڪنبن لڳڻ سان خود سندن پيرن جو رت انهن لاءِ ميندي ٿي پيئي.)

هر پرده نشين ڪُنجِ عصمت،
بي برقع و معجر و ردا شد؛

(عصمت جي گوشي جي هر پردي نشين عورت برقعي ۽ چادر کان محروم ٿي ويئي؛)

زرها بہ نثارِ حفظِ جان رفت،
جانها بر آبرو فدا شد؛

(دولت جانين جي حفاظت لاءِ قربان ڪرڻي پئي ۽ جانيون عزت آبروءَ جي بچاءَ ۾ فدا ٿي ويئون:)

رفت از همه هر چه در گره بود،
زين گونه فلک گره کشا شد:

(جنهن به ماڻهوءَ جي ڳنڍيءَ ۾ جيڪي ڪجهه هو، اهو ويندو رهيو- آسمان انهيءَ طريقي سان گره کشائي ڪئي.)

يک ظلم نشد که شد دو صد
ظلم،
يک کار نه شد که کارها شد:

(هڪ ظلم نہ بلڪ ٻہ سو ظلم ٿيا: هڪ ڪم نہ بلڪ ڪيئي ڪم ٿيا:)

بر اهلِ زمين عجب بلائے،
يک مرتبه نازل از سما شد:

(زمين واسين تي عجيب مصيبت، هڪ ئي دفعي آسمان کان نازل ٿي:)

دل خون شد زين ستمگري چند،
هر چند که جمله از قضا شد:

(انهن چند ظالمن جي هٿان دل خون ٿي ويئي: جيتوڻيڪ چئبو جيڪي ڪجهه ٿيو، اهو قضا جي حڪم سان ٿيو:)

بي ستري، طرفه آه صد آه،
بر سيّده ها و پارسا شد:

(افسوس، ڇا چيو وڃي، سادات عورتن ۽ پاڪدامن عورتن جي ڪيتريقدر اگهاڙپ ٿي.)

از اُمتِ مصطفيٰ چه ظلمي،
امروز بر آلِ مصطفيٰ شد:

(مصطفيٰ جي اُمت جي هٿان اڄ مصطفيٰ جي اولاد تي ڪهڙو ظلم ٿيو:)

امسال پس از هزار و صد سال،
احوالِ عراق رونما شد؛

(اڄ، يارهن سون سالن کان پوءِ، عراق جهڙي حالت پيدا ٿي.)

جستم چو 'نظام' سالِ تاريخ،
از هاتف غيبم ندا شد:

(اي 'نظام'، مون هن واقعي جي تاريخ معلوم ڪرڻ گهري، تڏهن غيب جي فرشتي جواب ڏنو.)

ڪائے بندهُ اهل بيت، بشنو:
هيهات که سندِ ڪربلا شد[1]

(اي اهلبيت جا غلام، ٻڌ: افسوس، سنڌ ڪربلا بنجي ويئي.)

هيگ جو بيان: ميجر جنرل هيگ لکيو آهي:

مدد خان- جيڪو اڄ تائين سنڌ ۾ بُرائيءَ سان مشهور آهي- پنهجين فوجن کي هن وفادار صوبي ۾ من مانين ڪارروائين ڪرڻ لاءِ بلڪل آزاد ڇڏي ڏنو هو. هو اتر کان ڏکڻ تائين ويو. جتان جتان لنگهيو، ڦوڪن ۽ شهرن کي لٽيائين ۽ ساڙايائين ۽ بنا ڪنهن قياس جي ماڻهن کي قتل ڪرايائين- ايستائين جو آخرڪار وحشي پٺاڻ به خونريزيءَ ۽ بربادييءَ مان ڊائجي ويا. عبدالنبيءَ جي بحاليءَ جو بندوبست ٿي ويو. تيمور شاهه جي فوج واپس موٽي، ليڪن مدد خان جي تباهيءَ ڪري سنڌ ۾ خوفناڪ ڏڪار پئجي ويو؛ مٿان ڦوري وبا جي منحوس بيماري اچي پيئي ۽ بدنصيب عوام کي جن مصيبتن سان واسطو پيو، ان جو ڪوبه مثال سنڌ جي گذريل تاريخ ۾ موجود نه هو. ظاهر آهي ته عوام کي انهن جگهڙن ۽ چڪتاڻ

---

[1] هيءُ مرثيو توپڻ مل جي تاريخ ۾ نقل ٿيل آهي، آخري مصرع ٺيڪ پڙهڻ ۾ نه آئي ۽ ان ڪري صحيح تاريخ نٿي نڪري. هن تاريخ جو ڪو ٻيو نسخو نظر مان ڪونه گذريو، جو مصرع کي صحيح ڪيو وڃي ها، ليڪن تاريخ اصل شي نه آهي، اصل شيءِ مرثيو آهي، جنهن مان ملڪ جي حالت جو هڪ حد تائين اندازو ٿي سگهي ٿو.

سان ڪوبہ تعلق ۽ ڪابہ دلچسپي نہ هئي، جا لڙائي ڪندڙ سردارن جي وچ ۾ حڪمرانيءَ جي حرص جي سلسلي ۾ ٿي رهي هئي.[1]

ميجي ڪٽي تہ عبدالنبيءَ رقم ڏيڻ جو واعدو ڪيو هو؛ ليڪن ڇا انهيءَ واعدي وفائيءَ جي ذميداري سنڌ جي عام خلق تي عائد ٿي ٿئي ۽ انهيءَ جي پوري ڪرڻ جي صورت اها هئي تہ عوام کي لٽيو ۽ ڦريو وڃي، قتل ڪيو وڃي ۽ سندن گهرن کي جلايو وڃي؟ واضح هجي تہ سنڌ ڪو ڏاريو ملڪ نہ هو، بلڪ ٽيهن پنجٽيهن سالن کان ابدالي حڪومت جو خراج پريندو ٿي آيو ۽ سنڌ واسين جي حفاظت هر افغان سردار تي اهڙيءَ ئي ريت واجب هئي، جهڙيءَ ريت خود افغانن جي حفاظت واجب هئي.

[1] "دي انڊس ڊيلٽا ڪنٽري"، ص 123.

ميرعبدالله خان جو قتل

مدد خان جي عياري: گذريل باب ۾ ٻڌائجي چڪو آهي ته مدد خان سان جنگ ڪرڻ جي باري ۾ ٽالپرن ۾ اختلاف پيدا ٿي چڪو هو: ميرعبدالله خان جنگ جي تياريءَ ۾ لڳل هو ۽ فتح علي خان ۽ سهراب خان ساٿس گڏ پنهنجون جانيون نثار ڪرڻ لاءِ تيار هئا؛ ليڪن ميرفتح خان، بادشاهيءَ جي غلط تصور هيٺ اچي، جنگ ڪرڻ کان انڪار ڪري چڪو هو ۽ عمرڪوٽ طرف روانو ٿي ويو. انهيءَ صورتحال، ميرعبدالله خان ۽ سندس ساٿين کي ٻه مجبور ڪيو ته هو ڪنهن حفاظت واري هنڌ ويهي انتظار ڪن ته حالتون ڪهڙو رخ ٿيون اختيار ڪن. هو انهيءَ خيال سان دين ڳڙهه ڏانهن هليا ويا.

مدد خان کي ميرن جي وچ ۾ تفرقي اختلاف جو جڏهين اطلاع مليو، تڏهين ڏاڍو خوش ٿيو. هن ميرفتح خان کي چاپلوسيءَ ۽ خوشامد سان پنهنجي پاسي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. ٽالپرن ۾ اهو ئي سندس مطلب جو ماڻهو هو. اهو ويچاري، مدد خان عمرڪوٽ جو رخ ڪيو. جڏهن ويجهو پهتو، تڏهن ميرفتح خان کي پيغام موڪليائين ته 'اوهين وڏا دانشمند آهيو؛ سنڌ جي ميرن ۾ اوهان جهڙو دور انديش ۽ عاقل ٻيو ڪوبه ڪونهي؛ مون وٽ هليا اچو، ته آءٌ اوهان جي هر آرزو پوري ڪندس.' ميرفتح خان جڏهن هيءُ نياپو ٻڌو، تڏهن جواب ۾ چوائي موڪليائين ته آءٌ اوهان جي خدمت ۾ حاضر ٿيڻ لاءِ تيار آهيان، بشرطيڪ مون کي پورو اطمينان ڏياريو وڃي.' مدد خان پنهنجي طرفان نواب جنگ کي ۽ ميان عبدالنبيءَ جي طرفان محمد حسن کهاوڙ کي، موڪليو

تہ هو اتي وڃي فتح خان کي پورو اطمينان ڏيارين. ٻئي وڪيل عمرڪوٽ جي قلعي ۾ پهتا. گفتگوءَ کان پوءِ انجام اقرار ٿيا ۽ ميرفتح خان بيڊڙڪ مدد خان وٽ پهچي ويو. هو ڪيس وڏيءَ عزت سان پيش آيو ۽ ڳالهين ۾ ساٽس "ياءُ" جي خطاب سان ڳالهائيندو رهيو. پوءِ ٻنهي روهڙيءَ ڏانهن رخ ڪيو.

چند منزلن کان پوءِ، مدد خان جي روش بلڪل بدلجي ويئي ۽ هو پنهنجي اصلي رنگ ۾ ظاهر ٿي ويو: فتح خان کي چيائين تہ 'تون باغي آهين؛ بغاوت جي جرم جي معافي ۽ هن گرفت مان آزادي انهيءَ صورت ۾ ٿي سگهي ٿي، تہ ٻہ لک رپيا جرمانو پري ڏي!' هيءُ ٻڌندي ئي ميرفتح خان جون اکيون ڪلي ويون، ليڪن هو ان وقت بيوس هو؛ عزيزن کان وڇڙي ڇڪو هو ۽ فوج کان ٻہ الڳ ٿي مدد خان جي گرفت جي ڄار ۾ ڦاسي ڇڪو هو، سو مجبوراً ڪيس ٻہ لک رپيا جرمانو قبول ڪرڻو پيو. ان کان پوءِ مدد خان حڪم ڏنو تہ 'ميرعبدالله خان، ميرفتح علي خان، غلام علي خان ۽ سهراب خان کي خط لکي هتي گهرائي وڃ؛ جيڪڏهن نہ، تہ منهنجي هٿان تنهنجي جان سلامت نہ رهندي!'

فتح خان پنهنجي سادگيءَ ۽ خوش فهميءَ تي ملامت ڪرڻ لڳو، ليڪن هو مدد خان جي حڪم کي ٽاري نٿي سگهيو. آخر، روهڙيءَ پهچي، ميرصاحبن کي گهرائڻ جا خط پڻ لکي ڏنائين.

فتح خان جو چوتڪارو: اوٺي سوار خط ڪٽي روانو ٿي ويو. مدد خان، فتح خان کي هڪ حفاظت واري تنبوءَ ۾ ويهاريو ۽ پنجاهه افغان سپاهي مٿس پهري لاءِ مقرر ڪيا. ظاهري طرح آزاد ٿيڻ جي ڪابہ صورت باقي نہ رهي هئي؛ ليڪن فتح خان، غور ۽ فڪر ڪري، پنهنجي ذهن ۾ هڪ تجويز ڳولي ڪڍي. انهيءَ ۾ جان جو خطرو تہ ضرور هو، پر ساڻئي وقت بچي نڪرڻ جو امڪان بہ هو. يقيني موت جي مقابلي ۾، بچڻ جو امڪان بهرحال ترجيح جي لائق هو. هن پنهنجن همراهن مان چند سوارن کي وڏي آواز حڪم ڏنو

تہ 'فلاٹن فلاٹن ڳوٹن ۾ وجو ۽ فلاٹن فلاٹن هندو سينئين کان پيسا وصول ڪريو، تہ جيئن سردار جي خدمت ۾ بن لکن جي رقم جلد کان جلد پيش ڪئي وڃي. رسد لاءِ اناج جون جنسون بہ گڏ ڪري پاڻ سان ڪٹي اچو.' ڳجهيءَ طرح انهن کي هدايت ڪيائين تہ فلاٹي هنڌ فلاٹي وڻ جي هيٺان تيز رفتار گهوڑا تيار ڪري بيهجو.

رات ٹي، پهريدار سمهي رهيا. مير پنهنجي هنڌ تي پنهنجي هڪ ساٿيءَ کي سمهاريو؛ ۽ پاڻ، پهريدار جو ويس پائي، تنبوءَ مان نڪتو. گهوڙي تي سوار ٹيڻ کان پوءِ، ڪيس پکڑڻ محال هو. اهڙيءَ ريت مدد جي چالبازي بيڪار ٹي ويئي؛ ۽ ميرن مان جيڪو سردار مدد خان جي برخلاف لڑڻ ۾ پس پيش ڪرڻ وارو هو، اهو بہ، مدد خان جي ظلم ۽ واعدي خلافيءَ جو تلخ تجربو ڪري، پنهنجيءَ راءِ کان دستبردار ٹي ويو.

مدد خان جي واپسي: مدد خان، فتح خان جي پڄي نڪرڻ جو احوال ٻڌي، چوطرف سوار دوڑايا، مگر هو هٿ نہ آيو. ٹن ڏينهن کان پوءِ معلوم ٹيو تہ هو پنهنجن پائرن وٽ پهچي ويوآهي. هاڻ مدد خان کي يقين ٹي ويو تہ ميرن طرفان اڳرائي ڪرڻ ۾ ڪابہ دير نہ ٹيندي؛ انهيءَ ڪري هو روهڑي مان روانو ٹي اُباوڙي پهچي ويو ۽ مير عبدالله خان کي خط لکيائين، يا "فريئرنامي" جي بيان مطابق- وڪيل ذريعي پيغام روانو ڪيائين تہ 'فتح خان اوهان جي خدمت ۾ منهنجون تمام گهٹيون شڪايتون ڪيون هونديون، مگر انهن کي درست نہ ڄاڻجو. هو منهنجي اصلي مقصد کي سمجهي نہ سگهيو. مان اوهان جي ملاقات جو خواهان هوس ۽ چاهيم ٹي تہ عبدالنبيءَ کي خود اوهان جي حوالي ڪريان. هينئر بہ منهنجي اها ئي آرزو آهي. اوهين منهنجيءَ ڳالهہ کي مڃو، تہ جيڪر اختلاف ختم ٹي وڃي. اوهان جي شڪ شبهي دور ڪرڻ لاءِ، قرآن مجيد موڪلي رهيو آهيان. موجوده خرخسو ۽ فساد منجي وڃي، تہ مان بادشاهہ جي اڳيان سرخرو ٹيندس'.

مير وٽ جڏهين هيءُ پيغام پهتو، تڏهين جواب ڏنائين ته 'مون کي جيڪي ڪجهه چوڻو هو، سو چئي چڪو آهيان. ساڳيءَ ڳالهه کي ورجائڻ اجايو آهي. سردارن کي گهٽ ڳالهيون ڪرڻ گهرجن. جوانمردن جو شيوو آهي ته هو جو ڪجهه چوندا آهن، انهيءَ تي قائم رهندا آهن. جيڪڏهن مون کي بادشاهه جو لحاظ نه هجي ها، ته مان پاڻ اچي سمورا معاملا درست ڪري ڇڏيان ها'.

اهو چوندي، ساڻين کي حڪم ڏنائين ته 'تيار ٿي وجو؛ ۽ مدد خان جي وڪيل کي هيءُ جواب ڏيئي رخصت ڪريو ته "خبردار ٿيءُ، اسين اچي رهيا آهيون. جيڪڏهن توکي اسان جو اشتياق آهي، ته انتظار ڪر."[1] "فريڙنامي" جو بيان آهي ته عبدالله، مدد خان جي موڪليل وڪيلن جي بيعزتي ڪئي، ڪين لشکر کان باهر ڪڍي ڇڏيو ۽ اهو به چيائين ته 'فريب ڪرڻ ۽ ڪوڙ ڳالهائڻ نڪي خدا کي پسند آهي، نڪي رسول پاڪ کي؛ جيڪڏهن بادشاهه جي ادب جو لحاظ نه هجي ها، ته اوهان جو اهڙو علاج ڪريان ها، جو ساري عمر ياد رکو ها'. وڪيل جڏهن روانا ٿي ويا، تڏهن مير فتح علي خان کي چيائين ته 'ادب جو لحاظ گهٽوئي، ڪيوسين، هاڻ جنگ کان سواءِ ٻيو ڪوبه چارو ڪونهي.'[2]

عبدالنبيءَ جو صلح ڪرڻ: مدد خان، عبدالنبيءَ کي به حال تي ڇڏي روانو ٿي ويو. مير عظيم الدين بلڪل درست لکيو آهي ته 'بدنيت کي هميشه بچڙائيءَ سان ئي واسطو پوي ٿو؛ نه ڏاريو! انهيءَ جي ڪم اچي ٿو، نه وري پنهنجو. جيڪڏهن انسان اعليٰ اخلاقن سان سنيگاريل آهي، ته يوسف وانگر انهيءَ جو کوهه ۾ ڪرڻ به عزت جو باعث بنجي وڃي ٿو'.

---

(1) "فتحنامو"، ص 179-186؛ مرزا قليچ بيگ جي "تاريخ سنڌ" جلد 2 ص 189-191 ۽ "فريڙنامو"، ص 69-73. "فريڙنامي" لکيو آهي ته مدد خان کي جڏهن فتح خان جي بچي نڪرڻ جي خبر ملي، تڏهن اهڙي حالت ٿيس جو جڙ ته ڪنهن سندس اندر ۾ باهه ٻاري ڇڏي هجي.

(2). "فريڙنامو"، ص 73.

"فريئرنامي" ۾ لکيل آهي ته مدد خان، ميرعبدالله جو پيغام ٻڌو، ته انهيءَ ئي ڏينهن درياءُ اُڪري افغانستان ڏانهن روانو ٿي ويو:

آن بوم شوم هر جا که سايه انداز شد از شومي خود آن بوم را پر از زقوم گردانيد- عبدالنبي رابے يارو مددگار گزاشت بلکه نديما نش راپا به زنجير کرده همراه به خود برد- مدد خان خوب مدد گاريء آن بے مددگار نمود عبدالنبي ازين بازيءَ روزگار غدار در ورطهء حيرت فرو رفت.[1]

هن منحوس چبري جو پاڇو جنهن ب هنڌ تي پيو، اتي نحوست کان زمين دوزخ جي برابر بنجي ويئي (ويران ٿي ويئي.) هن عبدالنبيءَ کي بي يارو مددگار ڇڏي ڏنو؛ بلڪ هن جي ساڻين کي پيرن ۾ بيڙيون پارائي، پاڻ سان وٺي ويو. مدد خان هن بي يارو مددگار جي ڇڳي مدد ڪئي. غدار عبدالنبي، زماني جي چڪر سببان، حيرت جي ڪُن ۾ ٻڏي ويو.'

جڏهن هو بي يارو مددگار رهجي ويو، تڏهن هڪ طرف نواب بهاول خان، والي رياست بهاولپور کي عرض ڪيائين ته اسان جو صلح ڪرايو ۽ ٻئي طرف باگي فقير کي ميرڏانهن روانو ڪيائين. بهاول خان، پنهنجي ڀاءُ سردار خان ۽ هڪ عزيز فضل علي خان کي ميرڏانهن روانو ڪيو. ميرفتح خان ب صلح جو وسيلو بنجي ويو. آخرڪار عبدالنبيءَ هڪ قرآن شريف تي چٽيءَ طرح لکي ڏنو ته 'جيڪڏهن آءٌ ميرسان دغا ڪريان، ته خدا مون کي ٻنهي جهانن ۾ نامراد رکي.'

ميرقرآن شريف ڏسندي ئي، چُمي کڻي متي تي رکيو؛ ۽ ميرفتح علي خان کي چيو: "آءٌ هن انجام تي قائم ٿي ويس؛

---

[1] "فريئرنامو"، ص 74.

پنهنجي ڏاڏي، پيءُ ۽ چاچي جي پيروي ڪندس ۽ سندن ئي نقش قدم تي هلندي هن فاني جهان مان سفر ستاريندس. منهنجا ٻچا- بهرام خان ۽ غلام حسين- يتيم رهجي ويندا، اهي تنهنجي حوالي ڪريان ٿو ۽ خدا کي سونپيان ٿو.' ائين چوندي ئي، عبدالنبيءَ جي خيمه گاهه ڏانهن هليو ويو. عبدالنبيءَ سندس عزت ۽ تعظيم ۾ ڪابه ڪسر نه ڇڏي. ٻئي ڏينهن پاڻ به مير جي تنبوءَ ۾ آيو ۽ معافي وغيره ورتائين. اهڙيءَ طرح، ٻنهي ڌرين ۾ صلح ٿي ويو.مير عبدالله خان انتظام سنياليو ۽ پوءِ ٻئي ڇٽا خداآباد هليا ويا.[1]

عبدالنبيءَ جو فريب: اهڙيءَ ريت، ملڪ ۾ ظاهري طرح نئين سر امن امان جي صورت پيدا ٿي ويئي؛ ليڪن عبدالنبيءَ جي دل ۾ اهي ئي وٽ پيچ اڪئين وانگر قائم رهيا ۽ هو ڪُجهه ڪُوهه ۾ پنهنجي تباهي آڻيندڙ تدبيرن ۾ لڳو رهيو. هن جي ڪوشش هيءَ هئي ته مير کي سندس عزيزن کان الڳ ڪري کيس ماري ڇڏجي. ممڪن آهي ته مير جي دل ۾ به انهيءَ قسم جو انديشو موجود هجي. اهو ئي سبب آهي جو سندس فوج هر وقت ساڻس گڏ رهندي هئي. هن مدار المهاميءَ جو ڪم جاري رکيو. هڪ روايت مطابق انهيءَ حالت ۾ ڇهه مهينا گذري ويا.

مير عظيم الدين صحيح چيو آهي ته:

به کشت آنکه بے جرم اخوانِ خويش،
گسست آنکه گلها بستانِ خويش؛

(جنهن، سواءِ ڪنهن ڏوهه جي پنهنجا ٻائر ماري ڇڏيا ۽ پنهنجي باغ جي گلن کي چڙوچڙ ڪري ڇڏيو؛)

---

(1) "فريئرنامو"، ص 74-76؛ ۽ "فتحنامو"، ص 126-190. مير عبدالله جا اهي لفظ ته 'منهنجا ٻچا يتيم رهجي ويندا'، ظاهري طرح درست معلوم نٿا ٿين. اغلب آهي ته قرآن شريف تي لکيل قسم نامو جڏهن ميرڪي پهتو، تڏهن مير پنهنجي سائين سان مشورو ڪيو. ٿي سگهي ٿو ته ڪن چيو هجي ته عبدالنبيءَ تي اعتماد ڪري نٿو سگهجي ۽ انهيءَ تي مير چيو هجي ته 'هاڻ هن قسم نامي کي قبول ڪرڻ گهرجي ۽ انجام کي خدا جي حوالي ڇڏڻ گهرجي؛ مان مارجي ويس، ته منهنجي ٻچن کي سنياليو.'

نمود آنکه نامِ پدر بے نشان،
پسندد کجا نامِ نام آوران؟

(جنهن پنهنجي پيءُ جو نالو نشان مٽائي ڇڏيو، اهو نامورن جي نالي کي ڪيئن پسند ڪري سگهي ٿو؛)

درين امر هرگز بـرو حـرف نيست،
کشد از کجا آنکه در ظرف نيست؛

(هن باري ۾ هن تي ڪوبه اعتراض نه آهي: ڪانوَ مان اها شيءِ ڪيئن ڪڍبي، جا منجهس آهيئي ڪانه؛)

مگر مير بجـار خدمـت نمود،
چرا او در امرش عداوت نمود؟

(ڇا، مير بجار هن جي خدمت نه ڪئي هئي؟ پوءِ ان سان اهڙي عداوت ڇو؟)

ز بد جلوه گر جز بدي کے شود،
ضليل از ازل مهتدي کے شود؟

(بيڙي کان بيڙائيءَ کان سواءِ ڪجهه به ظاهر نٿو ٿئي؛ جيڪو ازل کان ئي گمراهه هجي، اهو هدايت ڪيئن حاصل ڪري؟)

جيئن ته مير عبدالله خان جو لشڪر ساڻس گڏ رهندو هو، انهيءَ ڪري عبدالنبيءَ کي پنهنجي مقصد پوري ڪرڻ جي ڪابه صورت نظر نه آئي- آخر هڪ رات جو، چالاڪيءَ سان، فقيرن جو ويس پائي، هڪ بن ماڻهن کي ساڻ ونيو، مير عبدالله خان جي رهائش واري جاءِ تي پهچي ويو ۽ وڃڻ سان ئي چيائين تہ مون کي ماري ڇڏ، وڌيئي تہ قيد ڪر: جڏهن قرآن تي قسم کڻڻ کان پوءِ تو کي خاطري نہ ٿي، تڏهن بي ڪهڙي صورت اختيار ڪريان- هاڻي آءٌ هٿين خالي تو وٽ هلي آيو آهيان، مون سان جيڪو سلوڪ مناسب سمجهين، سو ڪر. اوهين لڏي لشڪر سميت مون وٽ اچو ٿا، تہ منهنجو روح فنا ٿي وڃي ٿو: مون کي ايندڙ موت جي خوف کان بچاءِ ۽ هينئر ئي ماري ڇڏ.

عبدالله خان جو انجام: ميرَ اهو ٻڌي نهايت پريشان ٿيو ۽ خاطرِ سان چوڻ لڳو تہ 'جنهن ڏينهن اوهان قرآن مون وٽ موڪليو هو، ان ڏينهن کان آءٌ جان جي خوف کان آجو ٿي ويس: اوهين اطمينان ڪريو تہ آءٌ آئيندي اڪيلو اوهان وٽ ايندس ۽ سياڻي صبح سان ئي پنهنجي عزيزن ۽ لشکر کي خداآباد (نئينءَ) روانو ڪري ڇڏيندس'. اهڙيءَ طرح فتح علي خان، غلام علي خان، سهراب خان، الهيار خان، ناري خان ۽ ٻين سيني ننڍن وڏن کي روانو ڪري ڇڏيائين؛ فقط مير فتح خان ۽ مرزي فقير کي ڪجهہ بلوچ سردارن سان گڏ پاڻ وٽ رهايائين. ان ڏينهن کان پوءِ جڏهن بہ عبدالنبيءَ وٽ وڃڻ جي ضرورت پيئي ٿي، تہ مير عبدالله خان هڪ بن ماڻهن کان سواءِ، ٻئي ڪنهن کي بہ پاڻ سان نہ نيندو هو.

عبدالله خان ۽ فتح خان جي گرفتاري: اهڙيءَ ريت، جڏهن عبدالنبيءَ کي پنهنجي مقصد پوري ڪرڻ جو موقعو مليو، تڏهن هن هڪ ڏينهن پنهنجن ماڻهن کي حڪم ڏنو تہ هٿياربند ٿي مون وٽ پهچي وجو. جڏهن مير عبدالله خان ۽ فتح خان دربار ۾ آيا، تڏهن عبدالنبي پنهنجن ماڻهن کي ضروري هدايتون ڏيئي، پاڻ ٻئي هنڌ هليو ويو. اهي ماڻهو جڏهن مير عبدالله خان ۽ فتح خان وٽ پهتا، تڏهن کين چيائون تہ ميان جي حڪم سان پنهنجا هٿيار اسان جي حوالي ڪريو. مير عبدالله خان اهو ٻڌندي ئي هڪدم تلوار تي هٿ رکيو. فتح خان چيو، 'معلوم ٿئي ٿو تہ ميان اسان جو امتحان ونڊڻ ٿو چاهي'. مير عبدالله چيو تہ، 'مان هن امتحان جي حقيقت کي ڄاڻان ٿو ۽ تو کي بہ جلدئي اها حقيقت معلوم ٿي ويندي؛ ليڪن آءٌ قرآن تي قسم کڻي چڪو آهيان ۽ اسان کي مظلوم ٿي مرڻو پوندو!'. پوءِ هڪدم تلوار مياڻ مان ڪڍي حوالي ڪيائين. مير فتح خان بہ پنهنجي تلوار پيش ڪئي. هٿيارن ونڊندي ئي ٻنهي کي جيل ۾ وڌو ويو.

ميرن ۽ بلوچن جو قتل: عبدالله خان ۽ فتح خان کي قيد ڪرڻ سان گڏ، عبدالنبيءَ جا سپاهي ميرن جي تنبن ڏانهن ڪاهي ويا، جتي قريباً هڪ سؤ بلوچ موجود هئا. انهن ۾ مرزو فقير به هو، جو طبيعت جي ناسازيءَ سبب ليٽيو پيو هو. اڪثر ماڻهو ڪاڏي رڌڻ ۾ مصروف هئا. اوچتو مٿن گوليون وسڻ لڳيون. ڪيترا ماڻهو انهيءَ حالت ۾ مارجي ويا؛ باقي بلوچن مضبوطيءَ سان مقابلو ڪيو ۽ ٻن سَون ماڻهن کي ماري پاڻ به رباني رستو ورتائون.

مير عبدالله خان ۽ مير فتح خان، قيد ٿيندي ئي، قرآن پاڪ جي تلاوت شروع ڪري ڏني:

بـيـاورد جـلاد نـا گاه تيغ،
بزد بر سرِ نوجوان هي دريغ.

(اوچتو جلاد تلوار ڪٽي آيو ۽ بنا ڪنهن قياس جي نوجوان (عبدالله خان) جي گردن تي هنئي.)

چون مصحف به آن ضربش از ڪف فتاد،
سـرش هـم بـه پهلـوي مصحـف فتاد؛

(ڏڪ لڳڻ سان مصحف مبارڪ هٿن مان ڇُٽي ويو ۽ سِسي به وڃي مصحف مبارڪ جي پاسي ۾ ڪِري؛)

به پيشانيء مصحف از خونِ مير،
مصور شـده ڪلمه 'يـا قدير'؛

(مصحف مبارڪ جي پيشانيءَ تي، مير عبدالله خان جي رت سان، 'يا قدير' جو ڪلمو نقش ٿي ويو؛)

ساڳيءَ ريت مير فتح خان جو سر قلم ٿي ويو[1]. عبدالنبي مير بجار کي قتل ڪرائي در بدر ٿيو هو ۽ سنڌ تي ناحق مصيبتون آندين هئائين؛ هينئر وري پنهنجي محسن جي بيگناهه خون سان پنهنجي بدنصيبيءَ جي چٽي تي نئين مهر هڻي چڏيائين.

---

(1) "فتحنامو" ص 188-195؛ مرزا قليچ بيگ جي "تاريخ سنڌ"، جلد 2، ص 191-193؛ "فريئرنامو"، ص 76-79.

عظيم نثويہ جو قطعہ تاريخ: مير عظيم الدين نثويءَ مير عبدالله خان، مير فتح خان ۽ مرزي فقير جي شهادت تي هيٺيون قطعو لکيو:[1]

باز آثار است در ارکانِ عالم زلزله،
باز آثارِ قيامت در جهان آمد پديد.
مير عبدالله بن بجار بن بهرام شير،
هي به تيغ خدع بر ميراثِ آبا شد شهيد.
از سر صدق و صفا آن سر گروهِ سروران،
کرد سر را با دو سر قربانِ قرآن مجيد.
آن دوسر، يعني دو سرور، فتح خان و ميرز است،
هر دو ميرِ نامدار و هر دو پيرِ رو سفيد.
نوجواني هاي عبدالله دل را پاک سوخت،
ماجرايش هر که بشنيد از جگر آهے کشيد.
آن هزبر جنگ کاندر رزم گاهش هر زمان،
روح رستم مدح خوانِ دست و تيغش مي رسيد.
ديده ام حالات عالم در تواريخ سلف،
هم ز اخبارِ قديم و هم ز آثارِ جديد.
اين شهادت هاي موروثي که اينجا واقع است،
از کجا جز خاندانِ مرتضيٰ جاي شنيد.

---

[1] "جواهر عباسيہ" ۾ لکيل آهي تہ عبدالنبيءَ مظفر حبشي، لطف الله، شڪر الله ۽ اودي دربان کي قيدين جي نگراني ۽ لاءِ مقرر ڪيو هو. مير عبدالله خان ڏينهن جو قرآن شريف جي تلاوت ڪندو هو ۽ رات جو ٻي سؤ رکعتون نماز پڙهندو هو. فتح خان بہ وڏو عابد ۽ زاهد ماڻهو هو ۽ هينئر اڳي کان بہ وڌيڪ عبادت ۾ مشغول رهندو هو. عبدالنبيءَ هڪڙي رات کين قتل ڪري ڇڏڻ جو حڪم ڏنو. مير عبدالله خان سجدي ۾ هو تہ سندس سر قلم ڪيو ويو. مير فتح کان رڙيون نڪري ويون؛ پر هو قتل ٿيڻ کان بچي نہ سگهيو ۽ صبر سان گذاري ويو- (ص252-253).

اين ستم ها كين زمان از ظالمان در سند شد،
جزبه دشت كربلا چشمِ فلك هر گز نديد.
هاتفم سالِ شهادت گفت نالان صبح گاه،
واي واويلا، "شهيد ابن الشهيد ابن الشهيد!"
(1196هـ)
بر شهيدان باد رحمت از خداوندِ عظيم،
در بهشت از بهرِ شان هر روز بادا روزِ عيد. [1]

[1] ميرعظيم ٽئوي؛ جي 'سنڌي ادبي بورڊ' واري قلمي "ديوان عظيم" تان ورتل.

باب ويهون

هالاٽيءَ جي جنگ

ٽالپرن جو انتقامي جوش: مير عبدالله خان ۽ مير فتح خان جي مظلوم ٽي مرڻ جي خبر جڏهن خداآباد پهتي تہ محشر مچي ويو. مير فتح علي خان تہ ايترو جوش ۾ پرجي ويو جو کنهن بہ مصلحت ۽ تدبير ويچارڻ بنا، چوڻ لڳو تہ هينئر جو هينئر حملو ڪري ڏجي. مير سهراب خان جو رايو هو تہ پهرين ٻارن ٻچن کي کنهن مناسب هنڌ پهچائڻ جو بندوبست ڪجي، تنهان پوءِ سانهه ستيءَ سان بدلي ونڻ جي صلاح سوچجي. مير فتح علي خان چيو، 'سائين، اوهان کي جيئن وٺي تيئن ڪريو، مون کي چڏي ڏيو: منهنجو پير اصل پَٽ تي نٿو ٽکي ۽ دل پاري وارا بُلَ پيئي ڏئيم!' سهراب جواب ڏنو تہ 'پائو، حالت اسان سيني جي اها ئي آهي، دشمن کان ويرِ ونڻ بنا اَنّ پاڻي حرام اٿئون، پر جيڪڏهن پنيان راجپوت چڙهائي ڪري آيا، تہ سوچيو تہ چا ٿيندو! سياڻپ جو ڪم اهو آهي تہ انسان سيني پاسن ڏيان رکي. مير عبدالله خان جي يتيمن ۽ ٻئي سموري عيال کي دين ڪڙهہ ٽانئيکو ڪري، پوءِ پاڻ کي لڙائيءَ لاءِ نکرڻ کپي.'

مير سهراب جي تجويز: آخر ٽالپرن پنهنجا ٻار ٻچا ۽ ضروري سامان سڙو دين ڪڙهہ پهتو ڪيو ۽ پوءِ شهيدن جي خون جي بدلي ونڻ لاءِ اُسهيا. ڪُل چهہ هزار بلوچ هئا؛ سردارن مان مير فتح علي خان ۽ سهراب خان کان سواءِ غلام علي خان، ناري خان، باگي خان ۽ الهہ يار خان جو ذڪر آيل آهي. مير سهراب خان کي عين آخري وقت اِهو احساس ٿيو تہ لشکر گهٽ آهي. هونئن بہ چهہ هزار بلوچ عبدالنبيءَ سان مقابلي ڪرڻ لاءِ ڪافي ڪونہ هئا. هو ان کان تمام گهٽو لشکر ميدان ۾ آڻي ٽي سگهيو ۽ هو چاڪاڻ تہ ملڪ جو والي هو، تنهنڪري وٽس ساز سامان بہ وڌيڪ هو.

صلاح مصلحت کان پوءِ، مير سهراب کي اجازت ڏني وئي تہ هو لشکر ميڙڻ لاءِ دنگي ڏانهن وڃي، جتي بلوچن جي بستي هئي. تجويز اها هئي تہ مير سهراب اتان نندي خان ۽ ٻين سردارن جو ڪڪ مدد طور ونڻي اچي. انهيءَ انتظام لاءِ هفتي ڪن جي دير پوڻ جو امڪان هو. مير فتح خان جواب ڏنو:

مرا تکيه بر عونِ يزدان بس است،
مددگارِ مـــن شاهِ مردان بـــس است.

(منهنجو پروسو خدا جي مدد تي آهي؛ منهنجي مدد لاءِ 'شاهه مردان' ڪافي آهي.)

"دريـــن امـــر دادم تـــرا اختيار،
صلاحے که نيک آيدت پيش آر."

(هن باري ۾ اوهين مختيار آهيو؛ جيئن چگو سمجهو، تيئن ڪريو.)

مير سهراب آخر انهيءَ ئي ڏينهن دنگي ڏانهن روانو ٿي ويو. مير فتح علي خان مددي لشکر جي انتظار بنا ئي دشمن جو رخ ڪيو ۽ دين ڪڙهه کان اُباوڙي ٽيندو، ميرپور پهچي ويو[1].

پهرين لڙائي: ميان عبدالنبيءَ مير عبدالله خان جي قتل کانپوءِ ڏڳاٽي جتوئيءَ کي مختيار بنايو هو ۽ کيس لاکاوت جي جاگير ڏني هئائين، جنهن جي آمدني ٽن- چئن لکن کان گهٽ نہ هئي.[2] ڏڳاٽو، الهه بخش جهنجڻ جي پٽ غلام حسين ۽ پيروز ڪليريءَ کي ونڻي، مقابلي لاءِ آيو. ساڻس ڏهه هزار فوج هئي. ميان عبدالنبيءَ ٽنهي سردارن- ڏڳاٽي، غلام حسين ۽ پيروز- کي ٻڌائي ڇڏيو هو تہ فتح علي خان وٽ هڪ هزار کان ٻہ گهٽ ماڻهو آهن ۽ سهراب دنگي طرف ويل آهي، تنهنڪري فتح علي خان کي ختم ڪرڻ جو هن کان

---

(1) "فتح نامو"، ص 197-202؛ ۽ مرزا قليچ بيگ جي "سنڌ جي تاريخ"، ج 2، ص 193-194.
(2) "جواهر عباسيه"، ص 225.

بهتر موقعو ڪوبہ نٹو ٹي سگهي. روايتن مان معلوم ٹئي ٹو تہ ميان عبدالنبيءَ جي جاسوسن جيڪي اطلاع آندا هئا، تن مطابق مير فتح خان جي لشڪر ۾ ان وقت ستن سون کان وڌيڪ ماڻهو ڪونہ هئا[1] "فريئرنامي" لکيو آهي: "گهٹ ۾ گهٹ هڪ هزار".

ڏگاڻي وٹ توبون بہ هيون. تنبن ۽ شاميانن سان گڏ، هن باقاعدي بورچيخاني ۽ سامان ۽ هٹيارن وغيره رکڻ جو انتظام بہ ڪيو هو[2]. مير فتح علي خان وٹ فوج جيتوٹيڪ تمام گهٹ هئي، پر هن مير سهراب خان جي انتظار ڪرڻ بنا ئي، خدا جي مدد جي پروسي تي، حملو ڪري ڏنو ۽ ميان عبدالنبيءَ جي فوج گهٹي تعداد جي باوجود هار کائي پڳي. منجهن اهڙو ٹاکوڙو پيو جو ڏگاڻي جتوئي کي غلام حسين، جهنجڻ جي خبر کانہ هئي، تہ پيروز ڪليري وري انهن ٻنهي کان ٹُنٹي ٻئي پاسي نڪري ويو[3].

"فريئر نامي" جو پيش ڪيل نقشو. "فريئرنامي" جنگ جو نقشو هن ريت پيش ڪيو آهي تہ:

مير فتح علي خان دشمن جي ويجهو پهتو تہ حڪم ڏنائين تہ زور سان نغارو وڄايو. فتح جي انهيءَ نغاري جو آواز جڏهن دشمن جي ڪنن تي پيو، تہ سردار هڪٻئي کي چوڻ لڳا تہ 'هيءُ آواز ڪهڙو؟ مير فتح علي خان کي تہ ايڏي طاقت ڪانهي جو ست

---

(1) "فتحنامو"، ص 204. انهيءَ ئي ڪتاب ۾ صفحي 201 تي ڄاڻايل آهي تہ مير وٹ چهہ هزار بلوچ هئا:

همي بود با مير ذوالاقتدار،
ز بلوچ حاضر همه شش هزار.

"فريئرنامي" بہ لشڪر جو تعداد چهہ هزار ڄاڻايو آهي (ص 82). "جواهر عباسيہ" ۾ آهي تہ مير وٹ فقط پنج سؤ سوار هئا (ص 256). آءٌ اها ڳجهارت کانہ سَلي سگهيس تہ جڏهن چهہ هزار ماڻهو موجود هئا تہ پوءِ ميدان ۾ ڇڙا ست سؤ ڪيئن وڃي رهيا؟ هيءَ حقيقت بہ واضح ڪري ڇڏڻ گهرجي تہ مرزا قليچ بيگ صرف هڪڙيءَ لڙائيءَ جو ذڪر ڪيو آهي. "فتحنامي" ۽ "جواهر عباسيہ" جو بيان آهي تہ بہ لڙايون ٽيون. "فريئرنامي" بہ ٻن لڙاين جوئي ذڪر ڪيو آهي. اهو ئي ترجيح جوڳو آهي.

(2) "جواهر عباسيہ"، ص 256.

(3) "فتحنامو"، ص 204-210.

سوُ ماڻهن سان اسان تي هلان ڪري: پَڪَ اسان جي آقا وڏيڪ مدد موڪلي آهي!' اهي ڳالهيون پئي ٿيون ته ايتري ۾ جاچوس خبر آندي ته اهو مير فتح علي خان اچي سهڙيو آهي. هنن به پنهنجون صفون درست ڪيون ۽ مقابلي لاءِ تيار ٿي ويا. ايتري ۾ مير فتح علي خان جي لشڪر جا جهنڊا ڏسڻ ۾ آيا. توبن ۽ بندوقن جي جنگ سان ابتدا ٿي. آخرڪار بلوچ تلوارون ڪڍي اچي دشمن تي ڪڙڪيا. مري قوم وارن ڏاڍي بهادري ڏيکاري، پر دشمنن آخر شڪست کاڌي ۽ مقابلي بدران پڄي جان بچائڻ بهتر ڄاتائون. ٽئي ڏينهن ميان جا ٽيئي سردار، رُلي ۽ پريشان ٿي، پنهنجي آقا (عبدالنبي) وٽ واپس پهتا[1].

"جواهر عباسيہ" جو بيان: "جواهر عباسيہ" جو بيان آهي ته ميرن جي لشڪر ۾ فتح علي خان، باگو خان، الهيار خان ۽ نارو خان موجود هئا ۽ هنن پنهنجي ننڍڙي لشڪر کي ڏهن حصن ۾ ورهايو. رات جي وقت هر هڪ حصو هڪٻئي پٺيان بندوقون هلائيندو ۽ ڏڳاٽي جي لشڪر تي حملا ڪندو رهندو هو ۽ کين ساهه پٽڻ ۾ نه ڏيندو هو. ڏڳاٽي کي معلوم ٿي نه سگهيو ته ميرن جي فوج ٿوري آهي يا گهٽي؛ فقط حملن جي تواتر سببان دل تي اهڙو خوف ڇائنجي ويس جو مال ۽ زر، تنبو، توبخانو، گلم ۽ ٻيو سامان، بلڪ کاڌي جون رڌل پڪل ديڳيون به ڇڏي ڀڄي ويو. ميرن کي بيشمار مال غنيمت هٿ آيو. ان کانپوءِ هو، منزلن تي منزلون ڪندا، اڳتي وڌيا[2].

نئون لشڪر: ميان جڏهن پنهنجي ٽنهي شڪست کاڌل سردارن سان ملاقات ڪئي، تڏهن کين سخت چينيبائين. چوڻ لڳو: "اوهين

---

(1) "فريئرنامو"، ص 85 ۽ 86 هيءَ واضح ڳالهه ظاهر آهي ته بلوچن کي تلوار جي لڙائيءَ ۾ وڏو ڪمال حاصل هو. انهن هر هنڌ انهيءَ ڪمال سان فتح حاصل ڪئي.

(2) "جواهر عباسيہ"، ص 256. جنگ جي هيءَ ڪيفيت عين قرين قياس معلوم ٿئي ٿي. ننڍيءَ فوج لاءِ اهو ئي مناسب هوندو آهي ته رات جي وقت هڪٻئي پٺيان تيز حملا ڪري. اهڙيءَ ريت نڪي خود انهن ماڻهن کي دشمن جي فوجي گهٽائيءَ جو پتو پئجي سگهي ٿو ۽ نه دشمن انهن جي ٿورائيءَ جو اندازو ڪري سگهي ٿو.

بيغيرت آهيو؛ رڳو ڏسڻ جا سي مڙس آهيو، پر حقيقت ۾ اوهين عورتون آهيو ۽ اوهان کي ڪُنڊ ۾ ويهي چرخو هلائڻ کپي- اهو ئي ڪم اوهان لاءِ موزون آهي." هيءُ "فتحنامي" جو بيان آهي. "فريئرنامي" جي بيان مطابق، ميان چيو: 'اوهان ماڻهن کي پٽڪا لاهي پوتيون مٿي تي اوڍڻ گهرجن.' هنن جواب ڏنو ته 'اسان جو ڪوبہ ڏوهہ نہ آهي. جيڪي ڪجهہ پيش آيو آهي، اهو اوهان جي ظلم جو نتيجو آهي. هاڻي اوهين پاڻ وڏو لشڪر وٺي ميدان تي نڪرو ۽ دشمن جي تلوار بازيءَ جو مزو چکو.'[1]

مطلب تہ ميان نئين لشڪر جي تياري شروع ڪري ڏني. ۽ محمد حسن ڪهاوڙ کي لشڪر جو سپهہ سالار مقرر ڪيو. ان ۾ ليکي، ڪوسا، نومڙيا ۽ افغان بہ شامل هئا ۽ سمورو لشڪر ٽيهن هزارن کان گهٽ نہ هو. سردار خان ۽ اسحاق شاهہ کي محمد حسن جو مددگار بنائي، ساڻس روانو ڪيو ويو.[2]

"جواهر عباسيہ" جو بيان آهي تہ ميان عبدالنبيءَ، پنهنجيءَ ماءُ جي مشوري مطابق، محمد حسن ڪهاوڙ کي حرمسراءِ جي دروازي تي گهرايو ۽ وفاداريءَ جو واعدو وٺي، کيس 'امير الامراء' جو خطاب، قيمتي خلعت ۽ ڪلنگي عطا ڪئي.[3]

هالاڻيءَ جي جنگ: ميان جو لشڪر جڏهن هالاڻيءَ پهتو تڏهن مير فتح علي خان انهيءَ هنڌ کان قريباً ڇهن ڪوهن جي پنڌ تي هو- ميان جي فوج ايتري زياده هئي، جو ظاهريءَ طرح ان کي شڪست ڏيڻ جو خيال بہ ٿي نٿي سگهيو. پوءِ وري ميان پاڻ بہ وڏيڪ فوج وٺي هالاڻيءَ پهچي ويو. بدنيت ليکي، غلام حسين جنجهڻ، تاجو سامٽيو، ڏگاڻو جتوئي، پيروز ڪليري ۽ پيروز خان تالپر ساڻس همراهہ هئا. هيءُ اهو ئي هنڌ آهي، جنهن کي ڪن صاحبن هالاڻي بهلاڻي جي جنگ ڄاڻايو آهي.

---

(1). "فريئر نامو" ص 86. هي جواب منهنجي سمجهہ وسهڻ جوگو نہ آهي.
(2) "فتحنامو" ص 210-212؛ ۽ مرزا قليچ بيگ جي "تاريخ سنڌ"، ج 2، ص 194.
(3) "جواهر عباسيه"، ص 257.

بن ڏينهن کان پوءِ ميان پنهنجي لشکر جو جائزو ورتو ۽ جنگ لاءِ صف بندي ڪئي. مير فتح علي خان به تياري شروع ڪري ڏني- مير الهيار خان ۽ باگي خان کي چيائين ته اسان جي فوج تمام گهڻ آهي، بهتر اهو آهي ته مير سهراب جو انتظار ڪيو وڃي. فتح علي خان ڪجهه دير ترسڻ تي راضي نه ٿيو ۽ چوڻ لڳو ته "خدا تي پروسو رکي، لڙڻ گهرجي" ۽ ان سان گڏ ڪيترا مثال ڏيئي ظاهر ڪيائين ته خدا جي مدد شامل حال هجي، ته ٿورو لشکر به فتح حاصل ڪري سگهي ٿو:

مددگار حق است قيوم وحي،
هو الله غالب علىٰ کل شئي.

(حيّ و قيوم خدا اسان جو مددگار آهي ۽ اهو سيني شين تي غالب آهي)

آخرڪار، بلوچن جو هي مختصر لشکر، هالاڻيءَ جي ميدان ۾، ميان عبدالنبيءَ جي ٽيهن هزارن کان به وڌيڪ فوج جي مقابلي لاءِ تيار ٿي ويو. پهرين توبون ۽ بندوقون هلنديون رهيون ۽ پوءِ مير فتح علي خان، پنهنجي عام طريقي مطابق، گهوڙي تان لهي تلوار هلائڻ لڳو. عين انهيءَ موقعي تي مير سهراب خان ٽيهن هزارن بلوچن جو تازه دم لشکر وٺي اچي سهڙيو. محمد حسين کهاوڙ ڏاڍيءَ مردانگيءَ سان لڙيو؛ ليڪن ان جو دستو مير سهراب خان جي حملي جو تاب نه جهلي سگهيو ۽ هارايائين. خود محمد حسن، خيري خان مريءَ هٿان مارجي ويو. ڪائنس پوءِ، سندس ڀاءُ محمد باقر کهاوڙ لشکر جي سالاري سنيالي. اهو به مارجي ويو. مير غلام علي خان تالپر، تاجي ليکيءَ جي ڀاءُ الهداد جو سر قلم ڪيو؛ مير سهراب خان تاجي سامٽيي کي پورو ڪيو؛ ۽ مير الهيار خان، مير ناري خان ۽ مير باگي خان به گهٽن کي ماري وڌو. مير عظيم الدين، "فتح نامي" جي مصنف، جي چوڻ مطابق- زمين، اندر- ڪارن ماڻهن جي خون سان رنگجي ويئي.

عبدالنبيءَ جي ياڄ: ميان عبدالنبيءَ پنهنجيءَ فوج کي پڄندي ۽ چڙوچڙ ٿيندي ڏٺو، تڏهن پر واريءَ هڪ ڏينهن ۾ گهڙي پيو ۽ وڏيءَ مشڪلات سان ٻئي ڪناري تي پهتو. پوءِ وٽي درياءَ جو رخ ڪيائين- فقط چند خدمتگار ساڻس گڏ هئا. درياهه مان لنگهڻ کان پوءِ، هن کي خداآباد پهچڻ گهربو هو، تہ جيئن نئين فوج جو بندوبست ڪري؛ ليڪن هن تي اهڙي پريشاني چائنجي ويئي هئي، جو خداآباد وڃڻ جي بجاءِ قلات ڏانهن هليو ويو. مير عظيم الدين انهيءَ جنگ جي فتح جي تاريخ هن ريت چئي آهي:

بادِ نسيم مددِ حق وزيد
باز بهار گلِ آمال شد
داد علي فتح به فتح علي
مير عجب صاحبِ اقبال شد
مير ز بالا چو مسيحا رسيد
فوج عدو گر همه دجال شد
بسکه زره پوش به خون غرق کرد
دشت همه ماهي و غربال شد
بخشي مرگ آمده در فوج خصم
چهره نويسي به خط و خال شد
روئے کهادر چو به خون سرخ شد
خصم نماينده دنبال شد
رفت ز کولاب چو مرغابيان
تيغ و سپر بين که پر و بال شد
آن رقم شاه که در دست داشت
در کف او نامهء اعمال شد
جست مخالف مدد از چار سو
اين مدد از پنج تن و آل شد

از پئے اين فتح كه آمد عظيم
"فتح علي فتح علي" سال شد.[1]

مير موصوف "فتحنامي" ۾ ٻه تاريخ چئي آهي:

مضاعف كن اعداد فتح علي-
كه تاريخ اين فتح گردد جلي.[2]

جنگ هالاڻيءَ جي اهميت: هالاڻيءَ جي جنگ كلهوڙن جي قسمت جو آخري فيصلو كري ڇڏيو. گهٽ وڌ اسي سالن كان پوءِ سنڌ جي حكومت، كلهوڙن جي هٿان نكري، ٽالپرن جي قبضي ۾ اچي ويئي. ميان صادق عليءَ واري تجربي مان ثابت ٿي چكو هو ته هو پل كيترائي نيڪ چو نه هجن، مگر ملكي فرائض كي چگيءَ طرح سرانجام كري نٿي سگهيا. ميان عبدالنبي ٻه دفعا آزمائجي چكو هو ۽ وري ٻيهر آزمائش ۾ پوڻ لاءِ كوبه تيار نه هو. انهيءَ كري، كافي غور ۽ فكر كان پوءِ، اهو ئي فيصلو كيو ويو ته حكومت جي واڳ مير فتح علي خان سنيالي- جو مير بهرام شهيد جو پوٽو، مير صوبدار شهيد جو پٽ، مير بجار جو ڀائٽيو ۽ مير عبدالله خان شهيد جو سوٽ هو. كلهوڙن كان حكومت كسجڻ جو هك سبب هيءُ ٻه ٿي سگهيو ٿي ته مير بهرام خان، ميربجار خان ۽ مير عبدالله خان كان پوءِ ٽالپرن ۾ اهڙيءَ دل دماغ ۽ بلند نظر جو كوبه ماڻهو نه رهيو هو.

ملكي حالات: ميان عبدالنبي پنهنجي اهل اعيال كي كي حيدرآباد ۾ ڇڏي، هليو ويو هو. مظفر شيدي، شالمين شيدي ۽ عمراڻي بلوچ اهل عيال جا نگهبان مقرر هئا. عبدالنبي، عمركوٽ، جوڌپور جي راجا كي ڏيئي چكو هو: كراچي بندر ۽ كُورن سان سيراب ٽيڻ وارو علائقو، مير نصير خان، قلات جي واليءَ كي ڏيئي ڇڏيو هئائين: كيس مدد ملي ها يا نه ۽ هو كامياب

---

(1) "جواهر عباسيه"، ص، 258.
(2) "فتحنامو" ص، 221.

ٿئي ها يا نہ، ليڪن ويندي ويندي سنڌ جي آزاديءَ لاءِ اولهه ۾ اوپر طرف کان اهڙيون ٻہ خوفناڪ مصيبتون لڳائي ويو، جي ڪافي عرصي تائين آزار جو سبب بنيون رهيون.

مير فتح علي خان، هالاڻيءَ جي جنگ کان پوءِ، نوشهري پهچي ويو- بلاول ليکي، سمنڊ جي رستي، هالار ڏانهن هليو ويو- تاجي جتوئيءَ ۽ ڏگاڻي جتوئيءَ، مير جي خدمت ۾ حاضر ٿي، پنهنجي گناهن جو پڇتاءُ ڪيو ۽ معافي حاصل ڪئي. ملڪ جي مختلف حصن کي دشمن جي حوالي ڪري، عبدالنبيءَ جيڪي مصيبتون برپا ڪيون، انهن جو تفصيل ٽالپرن جي تاريخ سان تعلق رکندڙ آهي؛ ليڪن ايترو ضرور ٻڌائي ڇڏڻ گهرجي تہ هالاڻيءَ جي جنگ کان ٽورن ئي ڏينهن بعد، مير سهراب جو پاءُ مير غلام محمد انهن جوڌپورين جو مقابلو ڪندي مارجي ويو، جي عمر ڪوٽ ۾ اچي رهيا هئا. 'غلام محمد' جي عدن ۾ جيڪڏهن 'اجل' جا عدد شامل ڪيا وڃن، تہ هن جوانمرد جي شهادت جي تاريخ (سن 1197ھ) نڪري ٿي.

عبدالنبيءَ جي نئين مصيبت: عبدالنبي شڪست کائي ستو نصير خان وٽ وڃي پهتو ۽ ڪيس چيو تہ منهنجي مدد ڪريو. نصير خان گهٽو ئي سمجهايس تہ اڳ ۾ ٻہ تنهنجي مدد ڪئي ويئي. مگر ان مان ڪوبہ ڪڙ تيل نہ نڪتو؛ جوڌپورين جي مدد ٻہ ڪم نہ آئي؛ مدد خان توڪي گاديءَ تي ويهاريو، مگر تون پنهنجي قول ۽ واعدي تي قائم رهي نہ سگهئين ۽ خانہ بدوش ٿي وئين؛ هاڻ هر هر ڇو ٿو تنگ ڪرين. مگر، عبدالنبي اهڙو نرجو ٿي لڳو، جو نصير خان کي ڪجهہ نہ ڪجهہ انتظام ضرور ڪرڻو پيو.

عبدالنبيءَ کي چيائين تہ لشکر جي گڏ ٿيڻ جو انتظار ڪر ۽ پاڻ، ڳجهيءَ طرح، هڪ تيز رفتار قاصد کي خط ڏيئي مير فتح علي خان ڏانهن روانو ڪيائين. مضمون هيءُ هو تہ "هن بيحيا منهنجو دامن اچي پکڙيو آهي- گهٽو ئي چيم، مگر مڃيئي نٿو. مون مجبور ٿي، هن سان واعدو ڪيو آهي تہ منهنجي فوج هڪ

دفعو توکي خداآباد [1] پهچائي ايندي، اڳتي تون ڄاڻ ۾ تنهنجو ڪم ڄاڻي. اوهان کي درخواست آهي ته منهنجيءَ فوج سان جنگ نه ڪجو، انهيءَ ڪري جو هيءَ فوج جنگ ڪرڻ جي خيال سان نٿي اچي- ۽ ڪجهه ڏينهن شڪار جي خيال سان گذاري؛ خداآباد کان منهنجا سڀ ماڻهو واپس موڪلي ايندا." مير، جواب ۾ چوائي موڪليو ته جيڪڏهن اوهان جا ماڻهو درياءُ اُڪريا، ته پوءِ اسين مجبور ٿي انهن سان لڙانداسين.

عبدالنبيءَ جي ٿيءِ ناڪامي: مير فتح عليءَ، پنهنجي ساٿين سان مشوري ڪرڻ بعد، مدافعت جي پوري تياري ڪئي. پوءِ، ٻهراءَ مطابق، شڪار لاءِ نڪري ويو؛ ليڪن ڏري پرزي حالات ڪيس ملندا رهيا ٿي.

عبدالنبي، قلات جي بروهيءَ کان فوج ونڊي، هٿڙيءَ (ضلعو سيوستان) پهتو، اوير طرف کان جوڏپور جي فوج ميدان ۾ اچڻ لاءِ تيار ٿي ويئي.

هن اجمال جو تفصيل هيءُ آهي ته بروهي فوج هٿڙيءَ پهچي اڳتي وڌڻ کان انڪار ڪيو ۽ ميان کي چيو ته پهريائين اسان جو خرچ هتي رک. هي ماڻهو شايد لُٽ مار ڪن ها، ليڪن هڪ ته مير نصير خان انهن کي منع ڪري ڇڏي هئي ۽ ٻيو ته ("فتحنامي" جي قول مطابق) هيءُ علاقو ايتريقدر ته لٽجي چڪو هو، جو جڳهين ۾ ڪا ڪاڻي به سلامت ڪانه بچي هئي. ميان جوڏپورين کي پيغام موڪليو ته اڳتي وڌو. هنن جواب ڏنو ته پهريائين اوهين درياءُ اُڪري هن طرف اچو، ته پوءِ اسين به اڳتي وڌون. بروهين کي جڏهن اڳتي وڌڻ لاءِ چيو ويو، تڏهن هنن اڳتي وڌڻ کان انڪار ڪيو. جڏهن بروهين کي ميان وٽان خرچ حاصل نه ٿيو، تڏهن هنن خود ميان جي ملڪيت تي هٿ صاف ڪرڻ شروع

---

[1] هن مان مراد "خداآباد پراڻي" آهي، جا سنڌوندي جي اوير طرف هالن جي پر ۾ آهي.

ڪيا- اُٺ، گهوڙا، تنبو، يا ٻيو جيڪي ڪجهه هو، اهو پاڻ سان کڻي پوئتي واپس ٿي ويا. ميان صاحب کي به لاچار مجبور ٿي پڇتو پيو ۽ وڃي قلات ۾ پهتو، جتي مير نصير خان ڪيس حاجي پور ۾ رهايو. بروهين جي پوئتي هٽندي، جوڌپوري به واپس موٽي ويا. هن واقعي جي تاريخ "فتحنامي" جي مصنف، هن طرح لکي آهي:

پئے سالِ این ماجرا در کتاب،
خرد گفت تاریخ: دشمن خراب.

1197 هـ

حيدرآباد جي فتح: مير فتح علي خان 1198هـ (1782ع) ۾ حيدرآباد کي فتح ڪيو. ميان عبدالنبيءَ جي عيال ۽ ٻين لاڳاپيدارن کي به وڏي احترام سان حاجي پور موڪليائين، جتي خود هو پاڻ رهندو هو. مائي بهوبيگم، جا عام طرح سان مائي "صاحبِ دولت" جي لقب سان مشهور هئي ۽ ميان غلام شاهه جي سڀ کان وڏي بيگم هئي، سا بهاولپور ڏانهن هلي ويئي. هيءَ بيگم جان نثار خان گوجر جي ڏيءَ ۽ نواب الهداد خان جي سڳي پيٽ هئي. نواب موصوف ان وقت بهاولپور ۾ هو ۽ بيگم به وٽس ئي اڇي رهائش اختيار ڪئي. هن بيگم سان گڏ ميان سرفراز خان جي بيگم مائي سون ٻائي به هئي، جا نورنگ خان جسڪاڻي بلوچ جي نياڻي هئي.[1]

حڪومت جو پروانو: مير فتح علي خان تلوار جي زور سان حاڪم بنجي ويو هو؛ ليڪن سنڌ ان وقت افغانستان جي تابع هئي ۽ افغاني دربار مان سند حاصل ڪرڻ کان سواءِ حڪومت جو سڪو هلي نٿي سگهيو. ديوان گدو مل اڳيئي اتي موجود هو. مير سندس پاءُ جسپتراءِ کي به اوڏانهن روانو ڪيو. انهيءَ وچ ۾، عبدالنبي به فرياد ڪڍي افغاني دربار ۾ پنهنجو. محفوظ خان افغاني

---

[1] ميان عبدالنبيءَ جي ڪوشش جا سمورا حالات "فتحنامي" تان ورتل آهن. ملاحظه هجي صفحو 227، 237 ۽ مرزا قليچ بيگ جي "تاريخ سنڌ"، ج 2، ص 196-199. بيگمات متعلق ملاحظه هجي: "جواهر عباسيه"، ص 260.

دربار ۾ عبدالنبيءَ جو سيني کان وڏو حمايتي هو. جسپتراءِ کي جڏهن حالات زياده بگڙندڙ نظر آيا، تڏهن پيغام موڪليائين تہ ڪو زياده هوشيار ۽ دانشمند وڪيل موڪليو[1]. مير انهيءَ مقصد سان، آغا ابراهيم شاهہ ايرانيءَ جو انتخاب ڪيو ۽ مرزا غلام عليءَ کي آغا سان گڏ روانو ڪيو. آغا کي ملڪي ۽ مالي ڳالهين ۾ يدطوليٰ حاصل هو. هن جي پهچندي حالتون سلجهڻ لڳيون. شاهي دربار مان حڪم جاري ٿيو تہ ميان عبدالنبي ڇهن ڏينهن اندر نو لک رپيا خزاني ۾ ڏئي، تہ سنڌ جي حڪومت جو پروانو سندس حوالي ڪيو وڃي. جيڪڏهن آغا هيءَ رقم ادا ڪري، تہ حڪومت جو پروانو مير فتح علي خان جي نالي جاري ڪيو وڃي. ميان پيسن جو انتظام ڪري نہ سگهيو ۽ آغا ابراهيم ، پنهنجي ايراني تعلقات جي بنياد تي، ايراني ۽ قندهاري واپارين کان پيسا ونيو، رقم داخل ڪرائي. اهڙيءَ طرح، مير فتح علي خان کي حڪومت جي پرواني سان گڏ شاهاڻي خلعت، ڪلنگي ۽ خاص گهوڙو عطا ٿيو.[2] ميان عبدالنبيءَ جي لاءِ ديري غازي خان جي محصول مان هڪ لک رپيا سالياني رقم مقرر ٿي ويئي ۽ هو حاجي پور ۾ رهي پيو.[3]

---

(1) "فتحنامي" لکيو آهي تہ هيءُ پيغام ديوان گنومل موڪليو آهي (ص 248)؛ ليڪن "جواهر عباسيہ" ۾ تفصيل سان لکيل آهي تہ ان وڪالت جا فرائض جسپتراءِ انجام ڏئي رهيو هو. تيمور شاهہ، ميان عبدالنبيءَ جي وڪيل شيخ قمر الدين جون ڳالهيون ٻڌي، جسپتراءِ کي چيڻيين، تڏهن هن نئين وڪيل لاءِ پيغام موڪليو. (ص 263-264).

(2) "جواهر عباسيہ"، ص 264-265.

(3) "جواهر عباسيہ"، ص 259.

باب ايڪيهون

عبدالنبيءَ جون سرگرميون

افغاني دربار ۾ فرياد: ميان عبدالنبي جيتوڻيڪ سنڌ مان خارج ٿي چڪو هو، ليڪن ان جون مخالفانہ سرگرميون بدستور جاري رهيون. هن جي آخري اميد جي جاءِ افغاني دربار هئي، جتي محفوظ خان جو خاص اثر ۽ رسوخ هو ۽ خان موصوف، معمول مطابق، دربار ۾ ميان صاحب لاءِ چگي فضا پيدا ڪرڻ ۾ هر ممڪن ڪوشش ڪندو رهندو هو ۽ هر موقعي مان فائدو حاصل ڪندو هو.

"فتحنامي" جي مصنف، ميان صاحب متعلق لکيو آهي تہ

بنـاليد او بـر درِ بـادشـاه،
چو نقاره هر شام هر صبح گاه؛

(عبدالنبي بادشاهہ جي دروازي تي نغاري وانگر صبح شام رڙندو رهندو هو.)

به بزم اميرانِ شاهي چو دف،
همي کرد فرد او هر طرف.

(بادشاهي اميرن جي مجلس ۾ هو دف وانگر چوڌاري فرياد ڪندو رهندو هو.)

به هر مجلس و بزم محفوظ خان،
به او هم نوا بود چون ترجمان.

(محفوظ خان، هر مجلس ۽ هر محفل ۾، ان جو همنوا ۽ ترجمان هو.)

همي کرد سر جابجا سازِ او،
نبود آگه از بختِ نازِ او.

(هو هر هنڌ ان جا گيت ڳائيندو وتندو هو ۽ ان جي ناساز بخت جي هن کي ڪابہ ڇاڻ نہ هئي.)[1]

ميرِ فتح علي خان جون ڪوششون: ميرِ فتح علي خان، پنهنجن وڪيلن جي معرفت، سمورا حالات بادشاهہ جي خدمت ۾ پهچايا؛ مثلاً تہ هن اسان جي چاچي ميرِ بجار خان کي شهيد ڪرايو، هن جي ظلم سان ميرِ عبدالله خان ۽ ميرِ فتح خان مارايا ويا؛ هن، قرآن تي اعتبار ڏيئي، واعدي خلافي ڪئي ۽ خدا جي پاڪ ڪلام جي عزت جو بہ لحاظ نہ رکيو ۽ هي خدا کان بہ نڏو ڊڄي؛ ڇا ڪو مسلمان قرآن شريف جو قسم کٹي بہ دغا ڪري سگهي ٿو؟ ان کان سواءِ، عبدالنبيءَ پنهنجي پائرن سان بہ ڪهڙو سلوڪ روا رکيو؟ نندا وڌا، هن جي ظلم سببان بيگناهہ موت جي آهيءَ ۾ اچي ويا، جي سيبيئي خدا جي درگاه ۾ فرياد کٹي پهچي ويا. آءٌ خود هن جي ظلم جو فرياد اوهان جي دربار تائين پهچايان ٿو. جيڪو اوهان جي اڳيان داد جو طلبگار ٿي آيو آهي. اي شاه جهان پناهہ، اهڙي شخص کي اوهان جي دربار مان مقصد حاصل نہ هئڻ گهرجي!

ملڪ جي ورهاست: ليڪن افغاني دربار ۾ ان وقت چگهائي ۽ برائيءَ جي ڪابہ تميز باقي نہ رهي هئي. جيڪو بہ شخص دربارين کي رشوت ڏيئي پنهنجو همنوا بنائيندو هو، اهو پنهنجي مرضيءَ مطابق فرمان حاصل ڪندو هو. بادشاهہ جڏهن ڏٺو تہ دربار ۾ ٻنهي طرفن جا حامي موجود آهن، تڏهن حڪم جاري ڪيائين تہ ملڪ کي بن حصن ۾ ورهايو وڃي- هڪ حصو تالپرن وٽ رهي ۽ ٻيو عبدالنبيءَ کي ملي. ميان جڏهن عرض ڪيو تہ تالپرن وٽ بيشمار فوج آهي ۽ مان اڪيلو انهن سان لڙي نٿو سگهان، شاهي فوج

---

[1]. "فتحنامو"، ص 245.

مون سان همراهه ڏني وڃي، تڏهن تيمور، بوستان خان ۽ اخلاص خان کي فوج ڏيئي، عبدالنبيءَ سان گڏي روانو ڪيو.[1]

مقابلي جي تياري: مير فتح علي خان کي جڏهن پنهنجن وڪيلن ذريعي هي حالات معلوم ٿيا، تڏهن هن ارادو ڪيو ته هن فيصلي کي قبول نه ڪندس. اها ڳالهه ڳڻي، هو چاليهه هزار جنگجو بلوچن سان روهڙيءَ طرف روانو ٿي ويو، ته جيئن عبدالنبي جڏهن فوج وٺي اچي، ته ان کي سنڌ جي اترينءَ سرحد تي ئي روڪيو وڃي ۽ جيڪڏهن مقابلي ڪرڻ جي ضرورت سامهون اچي، ته مردانگيءَ سان مقابلو ڪري. انهيءَ وچ ۾، هن جا وڪيل اهي ڪوششون ڪندا رهيا ته جيئن ملڪي ورهاست وارو حڪم منسوخ ٿي وڃي. عبدالنبيءَ جڏهن ٻڌو ته فتح علي خان چاليهه هزار جنگجو سپاهين سان لڙي مرڻ لاءِ تيار وينو آهي، تڏهن مٿس خوف ڇائنجي ويو. افغاني فوج جي سپه سالارن هي حالات بادشاهه جي خدمت ۾ موڪلي ڏنا. انهيءَ وچ ۾ محفوظ خان فوت ٿي ويو. جو دربار ۾ عبدالنبيءَ جو سيني کان وڌيڪ دوست ۽ مددگار هو. اهڙيءَ ريت عبدالنبيءَ جي حامين جو پاسو هلڪو ٿي ويو ۽ فتح علي خان جي وڪيلن، بوستان خان ۽ اخلاص خان جي نالي فرمان حاصل ڪيو ته سنڌ جي ورهاست واري حڪمنامي کي منسوخ ڪرائو وڃي ۽ فوج واپس موٽي اچي.

فرمان مطابق، افغاني فوج سڪر ڪوٽ (منڊ ڪوٽ؟) کان واپس موٽي ويئي ۽ عبدالنبيءَ جي هن ڪوشش مان به ڪو نتيجو حاصل نه ٿيو.[2]

تالپرن ۾ اختلاف: ڪجهه عرصو امن ۽ اطمينان سان گذري ويو- تان جو نيٺ تالپرن جو پنهنجو پاڻ ۾ اختلاف پيدا ٿي پيو، فتح علي خان جي آرزو هئي ته ملڪ متحد رهي، ٽڪرا ٽڪرا نه ٿئي ۽ تالپر سردارن کي نقد رقمون ملنديون رهن. انهيءَ ڪري هن ملڪي آمدنيءَ

---

(1). "فتحنامو"، ص 245، 249؛ ۽ مرزا قليچ بيگ جي "تاريخ سنڌ"، جلد 2، ص 201.

(2). "فتحنامو"، ص، 249- 254؛ ۽ قليچ بيگ جي "تاريخ سنڌ"، ج 2، ص 201، 202.

جا ست حصا ڪيا- چار حصا پنهنجي ۽ پنهنجي ٽن پائرن لاءِ رکيائين؛ ۽ حصا ميرسهراب خان کي ڏنائين؛ ۽ هڪ حصو ميرناري خان جي حوالي ڪيائين. هيءَ ورهاست ميرسهراب خان ۽ ميرناري خان کي پسند نہ آئي. هو ميرفتح علي خان جي اقتدار کان گهبراهٽ ۾ هئا ۽ چاهيائون ٿي ته پنهنجي لاءِ به استقلال جو درجو حاصل ڪن. ميرسهراب خان چپ چاپ اٿي ڪڙو ٿيو ۽ وڃي روهڙيءَ ۾ رهائش اختيار ڪيائين. اتي هن، ماڻهو گڏ ڪري، پنهنجي لاءِ مستقل حيثيت پيدا ڪئي. اها رياست خيرپور جي وجود جي شروعات هئي، جا اڄ ڏينهن تائين قائم آهي. پوءِ ميرنارو خان حيدرآباد مان نڪتو ۽ اڻ ڄاتل رستن تان شاهنبدر پهچي ويو. اتي هن استقلال جو پايو ڄمايو. اهڙيءَ طرح ٽي مرڪز بنجي ويا ۽ ٽنهي طرفن کان خراج جون رقمون الڳ الڳ شاهي دربار ۾ پيش ٿيندیون هيون.

عبدالنبيءَ جون ڪوششون: عبدالنبيءَ کي اڳيئي آرام ڪونہ هو، ويتر جو ٽالپرن جي اختلاف جون ڪيس خبرون پهتيون، تڏهن مخالفانہ سرگرميون وڌيڪ تيز ڪري ڏنائين. هن وري بادشاهہ ڏانهن درخواست موڪلي، جنهن جو مضمون هيءُ هو تہ 'حضور جن فتح علي خان کي سنڌ جو حاڪم مقرر ڪيو آهي؛ هن جي برادري ڪانئس الڳ ٿي چڪي آهي؛ ٽالپرن جي بي اتفاقيءَ جون ڳالهيون هر هڪ ماڻهوءَ جي زبان تي آهن ۽ هر ڪو رئيس جدا جدا هنڌن تي پنهنجو مرڪز بنائي وينو آهي.' هيءُ به لکرايائين تہ

> ميرسهراب خان به من نوشته است که اگر شما بيائيد من با شما خواهم شد و از ميرفتح علي خان ايمن نيستم- درين صورت شاه بيکس نواز چاره بندي سازد و هم طالع يار شود تا بلاشک ملک آبا و اجداد خود از معاندان بدست من آيد و حق در مرکز خود قرار گيرد.[1]

---

[1] 'فريئرنامو'، ص 110.

سهراب خان مون کي لکي موڪليو آهي ته جيڪڏهن اوهان اچو ته مان اوهان جو ساٿ ڏيندس. مون کي، مير فتح علي خان جي طرفان خوف آهي- انهيءَ حالت ۾ جيڪڏهن غريب نواز بادشاهه منهنجي مدد فرمائي ۽ نصيب يا وري ڪري، ته منهنجي ڏاڏي جو ملڪ دشمنن جي قبضي مان نڪري مون کي ملي ويندو ۽ حق پنهنجيءَ اصلي جڳهه تي قائم رهندو.

وڪيل قمر الدين جون ڪارگذاريون: قمرالدين، ميان عبدالنبيءَ جي طرفان افغاني دربار ۾ وڪيل هو. هو جڏهن ڪابل پهتو تڏهن دربارين سان ملي پنهنجي وڪالت جو مقصد بادشاهه جي خدمت ۾ پيش ڪيائين: "فتحنامي" جي بيان مطابق- عرض ڪيائين ته

اي بادشاهه! حضور جن هميشه اسان تي نوازشون فرمايون؛ ليڪن اسان سان نصيب ساٿ نه ڏنو. هينئر صورتحال سازگار نظر اچي ٿي. زماني پنهنجو پاسو بدلايو آهي: بلوچن ۾ بي اتفاقي پيدا ٿي چڪي آهي؛ هر هڪ سردار هڪٻئي کان الڳ آهي؛ ڪيترا بلوچ، مير فتح علي خان جو ساٿ ڇڏي چڪا آهن ۽ انهن ڳجهه ڳوهه ۾ عبدالنبيءَ جي اطاعت جو واعدو ڪيو آهي؛ مير سهراب ۽ ٻيا سردار الڳ الڳ خط لکي رهيا آهن: هاڻ جيڪڏهن بادشاهه جي مدد اسان سان شامل حال هجي، ته اسان جو مقصد پورو ٿي سگهي ٿو. خدا واسطي اسان جي مدد فرمايو ۽ امداد سان دلنوازي ڪريو.[1]

عبدالنبيءَ لاءِ نئون فرمان: مطلب ته نهايت وڏين ڪوششن سان عبدالنبيءَ پنهنجي مقصد حاصل ڪرڻ جو بندوبست ڪري ورتو؛ يعني ڪيس سنڌ جي حڪومت جو پروانو ملي ويو. هيءُ سن 1202هـ بمطابق 1788ع جو واقعو آهي. شاهه، سردار احمد خان نُورزئي ۽ بوستان خان کي فوج ڏيئي، عبدالنبيءَ سان همراه ڪري روانو ڪيو. . پنهي سردارن جي نالي تاڪيدي حڪم جاري ٿيو ته هو سنڌ

---

[1]. "فتحنامو"، ص 264-265.

ڪي فتح ڪري، ميان ڪي حڪومت جي گاديءَ تي ويهارين. ان سان گڏ بهاولپور جي والي جي نالي حڪم جاري ٿيو، جنهن جو مضمون هيءُ هو ته "اوهان هن کان اڳ عبدالنبيءَ کي ڪا مدد نه ڏني هئي، بلڪ ٽالپرن جي حمايت ڪندا ٿي رهيؤ ۽ انهن کي پنهنجن قلعن ۾ پناهه ڏني هيوَ؛ جيڪڏهن هينئر ميان جي مدد ۾ پوري سرگرمي نه ڏيکاريوَ، ته پوءِ اوهان جي تاديب لاءِ خود اسان کي نڪرڻو پوندو.[1]

عبرتناڪ حالتون: اندازو ڪريو ته هي حالات ڪيتريءَ حد تائين عبرتناڪ آهن. سنڌ بيشڪ افغانستان جي تابع هئي. ۽ ان کي حالات جي مجبوريءَ سببان هن مصيبت جي سامهون سر جهڪائڻو پيو هو؛ ليڪن سوچيو ته افغاني تسلط جي آغاز کان اڄ تائين تابعداريءَ جو رشتو سنڌ جي لاءِ ڪيترائي دفعا خوفناڪ آفتن جو سبب بنجي چڪا هئا!

1. احمد شاهه جي آمد جو غلغلو بلند ٿيو ۽ ميان نور محمد خان، جو هڪ دفعو نادرشاهه جي آمد جو تلخ تجربو چکي چڪو هو، جيسلمير جي ريگستاني علائقي ۾ پناهه ورتي ۽ اتي ئي وفات ڪيائين.
2. وري هڪ دفعو سنڌ حڪومت جي ڪارپردازن، اتفاق راءِ سان، ميان غلام شاهه کي حاڪميت لاءِ چونديو؛ ليڪن افغاني دربار محمد عطر خان جي نالي حڪومت جو فرمان جاري ڪيو.
3. آخر احمد يار خان، پنهنجي پٽ کي يرغمال ۾ ڏيئي، پنهنجي لاءِ حڪومت جو پروانو حاصل ڪيو.

---

[1] "جواهر عباسيه"، ص 271،272. "جواهر" ۾ لکيل آهي ته سردار احمد خان نورزئي جو قد تمام ڊگهو ۽ جسم مضبوط هو، جنهن کي ڏسندي ئي انسان تي هيبت ڇانجي ويندي هئي؛ ليڪن هو حد درجي جو احمق به هو. (ص 274) "صبح صادق" جو بيان آهي ته عبدالنبيءَ، رياست بهاولپور جي خلاف شڪايتون ڪري نيٺ احمد خان نورزئي کي چاڙهي آندو هو، احمد خان شهر جي عاليشان عمارت، مثلاً شيش محل ۽دولت خاني کي ڌاهي پٽ ڪري ڇڏيو.امير بهاول خان صحيح حالات احمد خان جي خدمت ۾ پيش ڪيا ۽ پوءِ امن جي صورت پيدا ٿي. (ص 90)

4. ميان غلام شاهه جي وفات کان پوءِ، افراتفريءَ جو فتنو اُٿيو. سرفراز خان معزول ٿيو ۽ عزت يار خان کي حڪومت جو پروانو مليو.

5. عزت يار خان کي شڪست آئي، تڏهن عبدالنبي سنڌ جو حاڪم تسليم ڪيو ويو.

6. مير بجار خان جي قتل کان پوءِ، خود عبدالنبي ملڪ ۽ حڪومت کي ڇڏي ڇجي ويو هو. هن، جوڌپورين ۽ بروهين کي پڙڪائي، سنڌ تي حملا ڪرايا. مير عبدالله خان ٽالپر همت ۽ پهلوانيءَ سان انهن آفتن کي روڪڻ جا اپاءَ ورتا. افغانستان، مسڪين سنڌ جي بچاءُ لاءِ آگر بہ ڪانہ ڪنئي.

7. ان کان پوءِ عبدالنبي، مدد خان اسحاق زئيءَ کي پاڻ سان وٺي آيو، جنهن سنڌ جي ڪنڌ ڪڙڇ ۾ قيامت برپا ڪري ڏني. افغاني دربار کي هڪ گهڙيءَ لاءِ بہ اهو خيال نہ آيو تہ لُٽ مار، خونريزي، باهيون ڏيارڻ ۽ بربادي ڪرڻ، ڪهڙي ملڪ جي قانوني نقطهء نگاهه سان جائز هو.

8. عبدالنبيءَ قرآن تي قسم کڻي ٽالپرن سان صلح ڪيو ۽ ٻيهر حڪومت جي گاديءَ تي ويٺو؛ ليڪن ٿوريءَ دير کان پوءِ هن مير عبدالله خان ۽ فتح خان کي بيگناهه مارائي ڇڏيو هو، هرهنڌ ناڪام ۽ نامراد ٿي، افغاني دربار ۾ فريادي ٿيو، تڏهن سنڌ کي ٻن حصن ۾ ورهائي، هڪ حصو هن کي ڏنو ويو ۽ هن جي مدد لاءِ فوج پڻ موڪلي وئي.

9. مير فتح علي خان، پنهنجي جانبازيءَ جو مظاهرو ڪندي، ملڪ کي ورهاست ٿيڻ کان روڪي وڏو. ليڪن، ٿوريءَ دير کان پوءِ وري عبدالنبيءَ کي نوابيءَ جو پروانو ملي ويو ۽ سندس مدد لاءِ فوج پڻ مقرر ٿي ويئي.

سوچ ڪريو، ڇا، هي حالات ڪنهن تبصري جا محتاج آهن؟ ڇا، انهن ۾ تدبر ۽ سياست، حڪومت ۽ حڪمراني يا خلق خدا جي

امن ۽ راحت لاءِ ڪنهن معمولي جنبي جي به ڪا جهلڪ نظر اچي ٿي؟

افغانن جي آمد: بهرحال، عبدالنبي افغاني لشڪر سان گڏ آيو ۽ سڀ کان اول بهاولپور جو رخ ڪيائين. بهاولپور جو والي پنهنجي گاديءَ جو هنڌ ڇڏي وڃي ديراوڙ ۾ ويٺو، جو زياده حفاظت وارو هنڌ هو ۽ ڪنهن ٻاهرئين لشڪر لاءِ اتي رسڻ آسان نه هو. افغاني لشڪر بهاولپور ۾ ظلم ۽ ستم جا جيڪي پهاڙ ڪيرايا، اهي اسان جي هن ڪتاب جي موضوع کان ٻاهر آهن. لُٽ مار ۽ خونريزيءَ کان سواءِ، ڪيترين ئي جاين کي ڏهرائي يا ٻاهه جي نذر ڪري ڇڏيو ويو.

جڏهن هيءَ لشڪر خيرپور جي ويجهو پهتو، تڏهن، احمد خان نورزئي پنهنجي طرف کان مرزا سهراب کي ۽ ميان عبدالنبيءَ پنهنجي پٽ تاج محمد خان ۽ تاجي ليکي، سلطان ليکي ۽ شيخ قمرالدين کي وڪيل بنائي، مير سهراب ٽالپر ڏانهن روانو ڪيو ۽ پيغام ڏنو ته جيڪڏهن سنڌ فتح ڪرڻ ۾ اسان جي مدد ڪندين؛ ته اسان توسان نهايت چگو سلوڪ ڪنداسين؛ ليڪن مير سهراب هن چار ۾ نه ڦاٿو ۽ هن سمورا حالات مير فتح علي خان کي لکي موڪليا.

"فريئر نامي" جو بيان آهي:

> عهدنامه به مصحفِ مجيد نوشته پيش مير فتح علي خان فرستاد که ميانِ من و ايشان کلام الله هست که من براي جنگ مخالفان تيارهستم. مگر چشم در راهِ انتظار والاست اميد که آن معدن فتوت بالشکر ظفر پيکر خود روانهء اين طرف شوند تا من نيز بالشکر والا ملحق گرديده، دمار از روزگارِ اين بدنهادان بر آريم[1].

---

[1] "فريئر نامو"، ص 113.

(مير سهراب) قرآن پاڪ تي عهدنامو لکي، مير فتح علي خان ڏانهن روانوڪيو ته منهنجي ۽ اوهان جي وچ ۾ هي پاڪ ڪلام شاهد آهي.مان مخالفن سان جنگ ۾ وڙهڻ لاءِ هروقت تيار آهيان، فقط اوهان جو انتظار آهي. جيڪڏهن اوهان لشکر وٺي هن طرف اچو ته مان اوهان سان سانڍ ڏيندس ۽ پوءِ گڏجي، متحد ٿي، انهن اندر-کوٽن جي دماغن مان مغروريءَ جي هوا ڪيڏاسين.

افغانن جو اڳتي وڌڻ: افغان سردار، غضب جي جوش ۾ روهڙيءَ مان ٽيندا، هالا ڪنديءَ پهچي ويا ۽ مير فتح علي خان کي بادشاهه جو حڪم موڪليائون ته سنڌ تان دستبردار ٿي وڃ، نه ته سخت سزا پائيندين. مير هن فرمان کي چپ چاپ ڪهڙيءَ طرح قبول ڪري سگهيو ٿي، پنهنجي ساٿين جي مشوري سان، اهل عيال کي ڇڏ ۽ جيسلمير ڏانهن موڪلي ڏنائين، پاڻ مقابلي لاءِ تيار ٿي نڪتو. هن سلسلي ۾ هن جو پهريون قدم هيءُ هو ته افغانن دريائُ اُڪرڻ لاءِ هرهنڌ جيڪي پليون بنايون آهن، انهن جي ڀاهڻ جو حڪم جاري ڪيائين.

جڏهن دشمنن جي فوج فقط ٻن ميلن تي رهي، تڏهن مير سهراب خان جي همت کيس جواب ڏيئي چڏيو؛ هو مقابلي تان هٽ کٽي، شاهه ڳڙهه جي قلعي ۾ وڃي وينو ۽ مير فتح علي خان فقط اڪيلو رهجي ويو. معلوم ٿئي ٿو ته مير سهراب خان کي خيال آيو ته خدا ڄاڻي مقابلي جو کهڙو نتيجو نڪري، شڪست آئي ته حڪومت ڦرجي ويندي، فتح ٿي ته بادشاهه نئين فوج رواني ڪندو بهتر ائين آهي ته ڪشمڪش کان الڳ ٿي، زماني جي طلسم جو تماشو ڏٺو وڃي.

مير فتح علي خان جڏهن مير سهراب جي علحدگيءَ جي خبر ٻڌي، تڏهن چيائين:

حسبي الله و نعم الوكيل، نعم المولىٰ و نعم النصير.
اگر او به قلعه پناه گرفت من در حصار حمايت حافظِ حقيقي پناه مي گيرم[1].

منهجي لاءِ خدا ڪافي آهي، اهوئي منهنجو وڪيل آهي؛ اهوئي مولا، اهوئي مددگار آهي. جيڪڏهن مير سهراب قلعي ۾ وڃي پناهه ورتي آهي، تہ مان حقيقي نگهبان(خدا) جي مدد جي قلعي ۾ پناهه ونان ٿو.

لڙائي: بهرحال، مير فتح علي خان وڏيءَ بهادريءَ سان لڙائي ڪئي، جنهن جو تفصيل ٽالپرن جي تاريخ جو حصو آهي. هن جي اجمالي ڪيفيت هيءَ آهي تہ مير عبدالنبيءَ ۽ ان جي مددگارن جو جملي لشڪر چاليهن هزار کان گهٽ نہ هو. مير فتح علي خان سان هن موقعي تي فقط ڏهہ هزار جانباز سپاهي ساڻ هئا. ٻنهي فوجن جي وچ ۾ هڪ اونهون واهہ حائل هو. احمد خان نورزئيءَ پنهنجي فوج کي تاڪيد ڪيو تہ بندوقون تيزيءَ سان هلايو ۽ دشمن جي فوجن کي واهہ جي پرسان اچڻ نہ ڏيو.

پهريائين ٻنهي لشڪرن جي وچ ۾ توبون هلنديون رهيون؛ پوءِ بندوقن جون گوليون باهہ جي ائلن وانگر وسڻ شروع ٿيون ۽ آخر مير فتح علي خان پنهنجي جانبازن کي حڪم ڏنو تہ تلوارون ڪڍي واهہ ۾ ٽپي پئو ۽ دشمنن کي ماري پڄائي ڪيو. بلوچ وڏي مردانگيءَ سان اڳتي وڌيا. هو، پاڻيءَ مان تري، واهہ جي ٻيءَ پر وڃي رسيا ۽ دشمنن جي لشڪر کي واريءَ جي ذرن وانگر چڙوچڙ ڪري ڇڏيائون. عبدالنبيءَ، احمد خان نورزئي ۽ بوستان خان، فوج کي چڙوچڙ ٽيندو ڏسي، پاڻ بہ پڇڻ جو رستو اختيار ڪيو. ٽيئي

---

[1] "فريئر نامو"، ص 114.

ڇڻا اتا پڇي وڃي ٽن ڪوهن تي ترسيا. عبدالنبي احمد خان ڪي چيو ته 'لشڪر ڪي ٻيهر ترتيب ڏئي، هتي ترسڻ گهرجي ۽ پوءِ رات جو مير فتح علي خان تي ڇاپو هڻنداسين' احمد خان، خوف ۽ هراس جي حالت ۾، جواب ڏنو ته 'هيءُ ڪم اسان کان ته ڇا، بلڪ تيمور شاهه کان به ٿي نه سگهندو!'[1]

شاندار ڪاميابي: مطلب ته مير فتح علي خان ڪي نهايت شاندار ڪاميابي حاصل ٿي. مير عظيم الدين نثنويءَ لکيو آهي ته

بحمد الله کاوزه فتح مِير،
در آفاق گرديد شهرت پذير.

(خدا جو شڪر آهي، جو مير جي فتح جو آواز دنيا جي ڪنڊ - ڪڙڇ ۾ ڦهلجي ويو.)

چنين فتح گوشِ فلڪ ڪم شنيد،
بحمدالله کامروز عالم شنيد.

(اهڙي فتح آسمان جي ڪنن به تمام گهٽ ٻڌي؛ خدا جو شڪر آهي جو اڄ ساريءَ دنيا ٻڌي ورتي.)

سه تاريخ اين تازه فتح عظيم،
دو من گفتم و يک خداي عليم.

(هن تازيءَ عظيم فتح جون ٽي تاريخون ٿيون، ۽ مون چيون ۽ هڪ الله پاڻ:)

بفرمود حق سال نصرت قرين،
که انّا فتحناک فتح المبين.

1204ھ

---

(1) "فريئر نامو"، ص 116-118

(هن فتح جي سال متعلق خدا فرمايو. اسان توکي فتح عطا ڪئي. فتح روشن!)

ز دل سال اين فتح شد منجلي:
بحکمِ ازل فتح فتح علي.

1204هـ

(منهنجيءَ دل ۾ هن فتح جو سوال هن طرح روشن ٿيو ته ازل جي حڪم سان هيءَ فتح عليءَ جي فتح آهي.)

همين سالِ فتح مبارک عمل؛
به فتح علي حکمِ فتح ازل.[1]

1204هـ

(هن برڪت پريءَ فتح جو سال هن طرح به نڪري ٿو ته 'فتح عليءَ کي ازل کان فتح جو حڪم مليو.')

عبدالنبيءَ جون وڌيڪ ڪوششون: احمد خان نورزئيءَ جي شڪست جو حال ٻڌي، تيمور شاهه جي دل ۾ سخت جوش پيدا ٿيو ۽ مدد خان کي پاڻ سان وٺي بهاولپور پهتو. هن دفعي به بهاولپور کي سخت تڪليفون درپيش آيون. تيمور واپس موٽي ويو. پوءِ پاينده خان بارکزئيءَ کي عبدالنبيءَ سان گڏي، سنڌ ڏانهن روانو ڪيائين. پاينده خان، ديري اسماعيل خان ۽ ديري غازي خان مان ٽيندو، منڊ ڪوٽ جي ويجهو درياءُ اکري، سنڌ پهتو. نصير خان بروهي به شاهي حڪم مطابق، پاينده خان سان اچي مليو. مير فتح علي خان جا وڪيل شاهي دربار ۾ انهيءَ ڪوشش ۾ مصروف هئا

---

(1) "فتح نامو"، 286-287 "جواهر عباسيه" جو بيان به "فتح نامي" مطابق آهي (ص 275). شهامت عليءَ خدا جاڻي ڪهڙي بنياد تي لکيو آهي ته جنگ ۾ فتح عليءَ هارايو، ڪٿ پڄي ويو ۽ عبدالنبي مسند تي ويٺو. شهامت عليءَ، احمد خان نورزئيءَ جي جڳهه تي مدد خان جي اچڻ جو ذڪر ڪيو آهي (انگريزي تاريخ، بهاولپور، ص 76-77). هيءُ سڄو بيان غلط آهي.

تہ ڪنهن طريقي سان فيصلو سندن فائدي ۾ ٿئي. قاضي فيض الله جي ڪوششن سان، شاهہ تاڪيدي فرمان جاري ڪيو تہ پاينده خان ۽ نصير خان هڪدم واپس موڪي اچن. ميان عبدالنبيءَ جڏهن اڪيلو رهجي ويو، تڏهن پريشانيءَ جي حالت ۾ وڻي پيگو. پريشانيءَ جي هيءَ حالت هئي، جو بہ گهوڙا سندس سواري ۾ مري ويا. آخر ٿئين گهوڙي ڪيس حاجي پور تائين رسايو. سندس وڪيل لالا عزت راءِ ملتان ۾ هو، تنهن کي بہ اتان واپس گهرائي ورتائين.[1]

1. [1] "جواهر عباسيه"، ص 301، 302 "تاريخ بلوچستان" ۾ لکيل آهي تہ پاينده خان ڪاڇي پهتو، تہ نصير خان سانس گڏجي ويو: پوءِ ٻيئي لاڙڪاڻي ۾ پهتا، تہ بادشاهہ جي طرف کان حڪم آيو تہ ٽالپرن جا گناهہ معاف ڪيا ويا، انهن رقم خزاني ۾ داخل ڪرائي آهي ۽ ڪلهوڙن کان وڌيڪ خدمت گذاريءَ جو واعدو ڪيو اٿن (ص 200). گويا، مقصد اهو نہ هو تہ ملڪ جي پلائي ۽ ملڪ واسين جي بهتريءَ جي تقاضا پوري ڪئي وڃي، پر مقصد فقط هيءَ هو تہ رقم ڪهڙي بہ ذريعي سان وڌيڪ سولي ۽ وڌيڪ مقدار ۾ ملي.

فاعتبروا يا اولي الابصار!

باب پاويهون

عبدالنبيءَ جي پچاڑي

ديدي كه خونِ ناحقِ پروانه، شمع را،
چندان امان نه داد كه شب را سحر كند.

بكر ۽ ليه جي حكومت: ميان عبدالنبيءَ جو پٽ، محمد عارف مدت كان جوڌپور جي مها راجا طرفان مدد جي اميد تي وينو هو. تہ شايد مهاراجا طرفان مدد جو كو گس نكري پوي ۽ انهيءَ جي آڌار تي سنڌ جي حكومت وري ٻيهر حاصل كري سگهجي. مگر جڏهن اميد برصواب ٿيڻ جي كا صورت نظر نہ آئي، تڏهن صاحبزادو جوڌپور كان روانو ٿي بهاولپور جي مشهور شهر ديراوڙ ۾ پهچي ويو. بهاولپور جي واليءَ سندس وڏي عزت ۽ مرحبا كئي. عزت راءِ وكيل، صاحبزادي جو اُڇ ۾ استقبال كيو. ان كان پوءِ، عبدالنبيءَ جي درخواست ۽ نواب امين الملك جي سفارش تي بكر ۽ ليهہ جا علائقا جاگير طور كيس مليا ۽ چاليهہ هزار روپيا پڻ امداد طور عطا ٿيا.

هي ٻئي علائقا جسكاڻي بلوچن آباد كيا هئا. 'نيكره' انهن جو مركز هو[1].

عبدالنبيءَ كي انهن علائقن تي قبضي حاصل كرڻ لاءِ جسكاڻي بلوچن سان جنگ كرڻي پيئي. انهن جو سردار حيات خان وفات كري چكو هو. حيات خان جي ياءُ، محمد خان، زبردست مقابلو كيو. جڏهن كاميابيءَ سان بچاءَ كرڻ كان نراس ٿي ويو،

---

(1) "تاريخ بلوچستان"، مرتب سردار غلام الرسول خان (ص، 111 ۽ 112).

تڏهن ماڻڪ راءِ کي قلعي ۾ ويهاري پاڻ نڪري پڄي ويو. اهڙيءَ طرح 'نيڪره' ميان عبدالنبيءَ جي قبضي ۾ آيو[1].

سرڪاري خراج جو جھڳڙو: سن 1207هـ، مطابق 1793ع ۾ تيمور شاهه وفات ڪئي ۽ ان جو پٽ زمان شاهه تخت نشين ٿيو. ان وقت تائين ميان عبدالنبيءَ ڏانهن سرڪاري خراج مان هڪ لک رپين جي وڏي رقم رهيل هئي. انهي رقم جو مطالبو اڳ ۾ ٿيندو رهيو هوندو- نئين بادشاهه جي ڪارندن بقايا وصول ڪرڻ ۾ زياده چُستي ڪان ڪم ورتو ۽ ميان صاحب لاءِ مطالبا ٽارڻ غير ممڪن ٿي پيو، تڏهن وڃي امين الملڪ جو دامن پڪڙيائين، جنهن جي سفارش سان ڪيس هي علائقا حاصل ٿيا هئا. امين الملڪ جي سعي ۽ ڪوشش سان هيءُ فيصلو ٿيو ته ميان عبدالنبي پنج سؤ اُٺ پيش ڪري ۽ جيستائين اٺ حاضر نه ٿين، تيستائين ان جو پوٽو غلام علي، جنهن جي عمر ان وقت صرف ڏهه سال هئي، يرغمال ۾ رهي. لالا عزت راءِ کي غلام عليءَ جي نگرانيءَ ۽ تعليم لاءِ مقرر ڪيو ويو.

لالا عزت راءِ سوچيو ته هيءُ معصوم ٻار کابل تائين سفر جي تڪليف برداشت ڪري نه سگهندو، ان ڪري ان جي چڏائڻ جي تدبير سوچيائين. ٻار کي سيکاريائين ته جڏهن نواب امين الملڪ وٽ نذرانا پيش ڪرين، تڏهن حرمسراءِ ۾ وڃي پيش ڪجئين ۽ ان سان گڏ روئي پنهنجو حال پڻ بيان ڪجئين. ڇوڪري ائين ئي ڪيو. حرم جي عورتن کي هن تي رحم آيو ۽ هنن نواب کي سفارش ڪري کيس يرغماليءَ جي مصيبت کان آزاد ڪرايو[2].

---

[1]. "جواهر عباسيه" (ص 304-305). هتورار لکيو آهي ته ميان عبدالنبي جڏهن سنڌ مان نڪتو، تڏهن ڪوٽلا مخدوم ناله دهندي علائقي راجنپور ۾ وڃي رهائش اختيار ڪيائين- هن سان گڏ فوج به آئي هئي، جنهن ذريعي ليهه ۽ نيڪره تي قبضو جمايائين ۽ ڇهه سال هن علائقي جو منتظم رهيو. (تاريخ ديرو غازي خان عرف "باغ و بهار"، ص 124).

[2]. "جواهر عباسيه"، ص 309-310.

جاگير جو قرجڻ: جيتوٽيڪ ميان عبدالنبيءَ سان باقي رقم جي معاملي ۾ نرميءَ جو برتاءُ ڪيو ويو هو، ليڪن هو ان رقم جو اڌ به ڏيئي نه سگهيو. جڏهن زمان شاهه ڪيس حڪم ڪيو ته پنهنجو فوجي دستو وڃي قندار جي مهم ۾ شامل ٿي وڃ، تڏهن ميان هيءُ حڪم به نه مڃيو. زمان شاهه کي ايتري ڪاوڙ آئي جو ميان کان جاگير ڦري ورتائين ۽ نواب محمد خان کي ان جاگير جو ناظم مقرر ڪيائين. نواب جڏهن جاگير جي قبضي وٺڻ لاءِ پهتو، تڏهن ميان مقابلي لاءِ تيار ٿي ويو. ميان جو پٽ محمد عارف ميدان ۾ نڪتو ۽ نواب محمد خان جي سپاهين کي پڄڻ ٿي مجبور ڪري وڌائين. انهن مان ڪجهه ماڻهو سارين جي پوڪ ۾ لڪي ويا هئا. محمد عارف پنهنجن ساٿين سان پيڇو ڪندو پوڪ جي ويجهو پهتو، تڏهن انهن ماڻهن انڌا ڌنڌ گوليون هلائڻ شروع ڪري ڏنيون. اتفاق سان هڪ گولي محمد عارف کي لڳي ۽ هو اتي ئي مري پيو. تاجي ليکيءَ جو پٽ راجو به انهيءَ لڙائيءَ ۾ مارجي ويو. ميان کي جڏهن پنهنجي جگر بند جي موت جو پيغام پهتو، تڏهن همت هاري وينو ۽ علائقو نواب محمد خان جي حوالي ڪري ڇڏيائين. پٽ کي "ليهه" ۾ دفن ڪيائين؛ ۽ پاڻ اهل عيال ۽ مال اسباب سميت جوڌپور ڏانهن روانو ٿيو. ڳڇ ڏينهن مکڻ ٻيلي ۾ ترسي، پوءِ جيسلمير جي رستي اڳتي روانو ٿيو ۽ پنهنجو هاٿي فضل علي خان هالاڻيءَ جي حوالي ڪري ويو. بجي سنگ جي پوٽي راجا پيم سنگهه به وڏا شهر ميان جي گذاري لاءِ مقرر ڪيا.[1]

سماڻي آفت: سن 1214هـ (1799ع) ۾، ميان عبدالنبي، جوڌپورين کان ناراض ٿي، بهاولپور هليو ويو. خواجه لطافت علي، ناظر، هن جي خاندان جو زرخريد غلام هو. جڏهن ليه جو علائقو ڦرجي ويو، تڏهن هو، ميان صاحب کي چڏي، حج تي روانو ٿي ويو هو. هينئر

---

[1]. "جواهر عباسيه"، ص 312-314.

هن جي ڪوشش سان راجن پور ضلعي ديري غازي خان جو علائقو ميان ڪي ملي ويو.[1]

رنجيت سنگهه هيءَ جاگير انهيءَ خيال سان بحال رکي ته جيئن ضرورت جي موقعي تي ميان صاحب يا سندس خاندان کي سنڌ تي حملي جي سلسلي ۾ استعمال ڪري سگهجي.

ميان راجن پور پهتو، قضا الاهي سندس گهر کي باهه لڳي ويئي. سمورو زو جواهر، ريشم ۽ پشميني جا ڪپڙا ۽ ٻيون قيمتي شيون سڙي خاڪ ٿي ويون. هڪڙو موتي وجي بچيو، جنهن جي به باهه جي لوساٽ سبب اها چمڪ ڏمڪ گهٽجي ويئي هئي؛ اهو بڪانير جي شاهوڪارن وٽ ڇهن پنجن هزارن رپين ۾ گروي رکي، گهر جي ضروري سامان جو بندوبست ڪيائين.

اميد جي آخري جهلڪ: افغانستان ۾ ڪيترائي انقلاب آيا: زمان شاهه معزول ٿيو ۽ بينائي پٽ وڃائي وينو؛ ان جو پاءُ محمود بادشاهه ٿيو، ان شاهه شجاع کان شڪست کاڌي؛ ۽ شاهه شجاع سنڌ فتح ڪرڻ جو ارادو ڪيو ۽ 1218 هـ (1803ع) ۾ شڪارپور پهتو: ميان عبدالنبيءَ جي دل ۾ هينئر وري اميد جي جهلڪ پيدا ٿي ۽ راجن پور کان ستن ڏينهن ۾ بادشاهه وٽ شڪارپور پهچي ويو. انهيءَ وچ ۾ شاهه شجاع ٽالپرن سان ناهه ڪري ڇڏيو ۽ واپس موٽي هليو ويو. ميان عبدالنبيءَ کي به ناڪام ٿي واپس ورٽو پيو. هيءَ ان جي لاءِ اميد جي آخري جهلڪ هئي.

---

[1]. "جواهر عباسيه"، ص 369. "تاريخ ديره غازيخان" ۾ لکيل آهي ته ميان جوڌپور مان شاهي دربار ۾ عريضيون موڪلينڈو رهيو. ڪيس جيڪي چاليهه هزار رپيا سالياني ضيافت طور ملندا هئا، تن جي بدران راجن پور جي جاگير عطا ٿي. ميان پنهنجي پوٽي محمد علي (محمد عارف جو پٽ) کي راجا جي سپرد ڪيو ۽ پاڻ پنهنجي پٽ تاج محمد خان ۽ ٻين لاڳاپيدارن سان راجن پور پهتو. ننڍي پٽ فضل علي خان کي نصير خان بروهيءَ ڏانهن موڪلي ڏنائين (ص 125). جاگير جي مختصر ڪيفيت هيءَ آهي ته حاجي پور (برهٽو جام پور) جو ٽيون حصو نصير خان بروهيءَ ميان کي ڏنو هو. راجن پور جي جاگير ايتري وقت لاءِ ڏني ويئي هئي، جيستائين سنڌ جو قبضو نه ملي. سکن جي زماني ۾ ان جاگير ۾ گهٽيون ڦيريون گهيريون ٽيون. انگريزن جي زماني ۾ اها بحال ٿي.

وفات: سن 1220ع (سن 1805ع) ۾، ميان راجن پور ۾ وفات ڪئي. هن جي وفات جون ٻه تاريخون مشهور آهن:

1. دوش هاتف بود گريان باهزاران چشم درد،
   بر يتيم حال عباسي فلک کو ظلم کرد.
2. آه هاتف کرد عباسيست صاحب بي نظير،
   سِند را برده بلوچان جاي ما فردوس گير.

انهن ٻنهي شعرن جو مطلب ۽ اعداد، مؤلف جي سمجهه ڪان مٿي آهن.

اولاد: ميان صاحب جي ٽن پٽن جو پتو پئجي سگهيو- پهريون محمد عارف، جو ليهه جي لڙائيءَ ۾ مارجي ويو ۽ اتي ئي دفن ٿيو؛ هن جو هڪڙو پٽ محمد علي جوڏپور ۾ رهيو ۽ ٻئي پٽ غلام عليءَ متعلق ڪجهه ٻه معلوم ٿي نه سگهيو. ميان جو ٻيو پٽ تاج محمد خان هو، جو راجن پور جي جاگير جو وارث بنيو. هو سن 1231هه (سن 1816ع) ۾ فوت ٿيو. هن جا ٻه پٽ هئا- احمد يار خان عرف شاهنواز خان[1] ۽ ايزد يار خان. هن جو اولاد اڄا تائين راجن پور ۾ موجود آهي. ٽئين فرزند، فضل علي خان، حاجي پور ۾ رهائش اختيار ڪئي.

حرف آخر. اهڙيءَ ريت ڪلهوڙا خاندان جو آخري تاجدار، پنهنجي غلطين سببان سلطنت کي وڃائي، ويهن پنجويهن سالن جي رولڙن

---

[1]. غالباً هيءُ ئي اهو شاهنواز خان آهي، جنهن جو ذڪر موهن لال جي سفر نامن ۾ آيل آهي. موهن لال قنڌار ويندي جڏهن حاجي پور پهتو، تڏهن هن لکيو: "حاجي پور ۾ پنجاهه ڪن دڪان آهن. هي مهاراجا (رنجيت سنگهه)، شاهه نواز خان (هي عبدالنبيءَ جو لقب هو ۽ خاندائي لقب ٻه بنجي ويو) کي جاگير طور ڏنو هو. سندس وڏا سنڌ جا حڪمران هئا. مسلمان ان ڪري هنن جو گهڻو احترام ڪن ٿا، جو هي امام عباس جي اولاد مان آهن" (417). پوءِ لکي ٿو ته 'هتان کان يارهن ميلن تي جهان پور آهي، اها ٻه ميان صاحب جي ملڪيت آهي'. راجن پور متعلق موهن لکيو آهي ته "هيءُ نهايت عمدو ڳوٺ آهي، هتي اٽڪل ستر دڪان آهن، بازار چٽ سان ڍڪيل آهي، جايون مٽيءَ جون ٽهيل آهن ۽ ڪابه پڪار ڪان مٿي نه آهي. هي شهر ٻه شاهنواز خان جي جاگير ۾ آهي، جنهن جي پاڻ (غالباً ايزد يار خان) وٽ، آڏ ڪالهه (25- فيبروري 1836ع) ٽڪيس (ص 420).

"Travels" in the Punjab, Afghanistan and Turkey, by Mohan Lal (H. Allen & Co. London, 1846).

۽ پريشانين کان پوءِ، راجن پور جي خاڪ ۾ وڃي هميشه لاءِ آرامي ٿيو. ڪلهوڙن جيڪي سنڌ جون عظيم الشان خدمتون ڪيون، انهن جو نظير ملڻ لاءِ سنڌ جي تاريخ جا ڪيترائي دور خالي آهن. ڪيتريقدر نہ افسوس ۽ ارمان جي جاءِ آهي، جو هن خاندان جي آخري حاڪم انهن سيني خدمتن تي پاڻي ڦيري ڇڏيو ۽ سنڌ کي انهن خوفناڪ مصيبتن ۾ ڦاسايو، جن جا مثال دنيا جي تاريخ ۾ مشڪل سان هٿ اچي سگهندا. وڏا، ملڪي تعمير ۽ انتظامي سڌارن ۾ يڪانيت جي درجي تي پهتا؛ ۽ اولاد، خاص ڪري آخري حاڪم، تخريب ۽ ملڪي بربادي ۾ يڪانو درجو حاصل ڪيو:

آگ تهے ابتدائے عشق مين هم،
هو گئے خاک، انتها هے يه.

باب ٽيويهون

سنڌ جو پس منظر

هڪ ضروري نُڪتو: ڪلهوڙن جي دور ۾ انتظامي، تمدني، سياسي، علمي ۽ ادبي حالات جو نقشو پيش ڪرڻ کان اڳ مناسب معلوم ٿئي ٿو ته سنڌ جي انهيءَ پس منظر تي اجمالي روشني وڌي وڃي، جنهن ۾ هن خاندان ملڪي ۽ قومي خدمتن جو ٻيڑو کنيو ۽ پنهنجي اسي سالن جي دور حڪومت ۾ انهن مقصدن لاءِ سرگرميءَ سان ڪم ڪيو، جي شروعات کان سندن پيش نظر هئا- يا ائين سمجهڻ گهرجي ته انهن جي سرگرمين مان جن مقصدن جو اندازو ٿئي ٿو، انهن جي تڪميل ۾ هو پنهنجي وس ۽ همت مطابق ڪم ڪندا رهيا.

سنڌ وڏي عرصي کان انهن طاقتن جي هٿ هيٺ هلندي ٿي آئي، جي ان معنيٰ ۾ ملڪي نه هيون، جو هو اُتي جي ملڪي وسائل کي سنڌ واسين جي بهتريءَ ۽ بهبوديءَ لاءِ استعمال ڪن ها. انهن قوتن جي نظر ۾ فقط مالي حاصلات جو مفاد هو ۽ امن امان قائم ڪرڻ ۾ به انهن جي فقط انهيءَ ڪري دلچسپي هئي ته جيئن مال ميڙڻ ۾ ڪو خلل پيدا نه ٿئي. هتي انهيءَ سوال سان ڪوبه بحث نه آهي ته اهي طاقتون چڱيون هيون يا بريون. تاريخ اهڙن مثالن کان خالي نه آهي ته بعضي ملڪي حڪومتون ملڪ واسين لاءِ ڏارين حڪومتن جي مقابلي ۾ نهايت بهتر ثابت ٿيون- مقصد هي آهي ته ملڪي حڪومتون انهيءَ ڪري ترجيح جو باعث ٿين ٿيون، جو انهن مان ڪنهن به طرح، ملڪ واسين جي خيرخواهيءَ جي زياده ميد هوندي آهي، انهن کي ملڪي ضرورتن جو پورو اندازو هوندو هي ۽ ملڪ جي دولت کي ٻاهر نه ڪيندیون آهن. انهيءَ سلسلي ۾

جيڪڏهن ڪي ابتڙ مثالن جون حڪومتون نظر اچن، تہ انهيءَ سببان کو بنيادي اصول کي غلط نهرائي نٿو سگهجي.

آئين اڪبري' جو بيان: مغلن جي زماني ۾ سنڌ بن حصن ۾ ورهايل هئي: اٽريون حصو، جنهن کي 'بکر جي سرڪار' چيو ويندو هو، ملتان صوبي ۾ شامل هو؛ ۽ ٻيو ڏاڪڻيون حصو، جنهن جو مرڪز 'نٺو' هو، هڪ علحدو صوبو هو، جنهن ۾ پنج سرڪاريون هيون- سرڪار نٺو، سرڪار چاچڪان، سرڪار سيوستان، سرڪار نصرپور ۽ سرڪار چڪر هاله. سرڪار بکر ۾ هيٺيان پرڳڻا شامل هئا: الور، سکر، چانڊڪي، جتوئي، درٻيلو، سنگهر، سيوي، فتحپور گنجابو، کهڙي، جو ڪُن، ڪاکري ۽ ماڙيلو.

ٻنهي حصن جي سرڪاري آمدني، سرسري اندازي مطابق، ٽوري گهٽ سادا اٺ ڪروڙ دام، يا قريباً ايڪيهه لک رپيا هئي. نٺي جي ڪيفيت هن طرح بيان ڪئي ويئي آهي تہ 'سياري جي موسم ۾ پوستينن جي ضرورت نٿي پوي؛ گرميءَ ۾ سيوستان جي هوا معتدل رهي ٿي؛ قسمين قسمين ميوا پيدا ٿين ٿا، خصوصاً انب تمام گهٽو ٿئي ٿو: هن ولايت ۾ اناج تمام گهٽو ٿئي ٿو؛ آبادگارن کان پيدائش جو ٽيون حصو ورتو وڃي ٿو؛ لوڻ ۽ لوهه جي کاڻ آهي؛ چانور سنا ۽ تمام گهٽي انداز ۾ ٽين ٿا؛ هر قسم جا گل موجود آهن؛ ننڍيون وڏيون، چاليهه هزار ٻيڙيون ٽيندیون.[1]

---

[1]. "آئين اڪبري"، مرتب بلوخمان، ص 554، 558، هن سلسلي ۾ ٽورو تفصيل ملاحظہ ڪريو. نٺي ۽ بکر جا صحيح مجموعي اعداد هي آهن:

نٺو	66255393	دام
بکر	18424947	"

مسٽر چهلاڻيءَ پنهنجي ڪتاب "سنڌ جي اقتصادي تاريخ" ۾ صفحي 45 تي جيڪي انگ اکر شايع ڪيا آهن. انهن مان سرڪار چاچڪان جي انگن درج ڪرڻ ۾ غلطي ٿي ويل آهي- يعني '11784586' جي بدران '11748586' درج ٿيل آهن. بهرحال، چاليهه دام في رپئي جي حساب سان، نٺي ۽ بکر ٻنهي جي آمدني ايڪيهه لک، سورنهن هزار، ڇهه سو ستاويهه رپيا ٿين ٿا. ائبورڊ تامس، "مغل سلطنت جا مالي وسيلا" ۾، سموريءَ سنڌ جي آمدني ٻاويهه لک، پنجانوي هزار،

انتظامي حالات: انتظامي حالات متعلق زياده تفصيل ڪٿي ب نٿو ملي؛ ليڪن قياس هيءُ آهي تہ ملڪي انتظام جو ڍانچو اهو ئي هوندو جو ان وقت ملڪ جي ٻين حصن ۾ رائج هو: يعني سڀ کان ننڍو انتظامي حلقو ’ڳوٺ‘؛ ان کان پوءِ پرڳڻو، جنهن کي اسان جي دور جي تحصيل يا تعلقي جي برابر سمجهڻ گهرجي؛ پرڳڻي جي وڏي سرڪار، جا ڪيترن پرڳڻن تي ٻڌل هوندي هئي، ان کي، اسان جي دور جي ضلعي جي برابر سمجهڻ گهرجي ۽ سڀ کان آخر ۾ صوبو. ڪڏهن ڪڏهن صوبي ۽ سرڪار کي ساڳي ڳالهه ڄاتو ويندو هو- جيئن ”آئين اڪبري“ ۾ نٿي کي سرڪار چيو ويو، جو اصل ۾ هن جي حيثيت عملي طرح صوبي جي هئي، جيتوڻيڪ وڏو صوبو نہ هو. هر انتظامي يونٽ ۾ مختلف سرڪاري ڪارڪن مقرر هوندا هئا، مثلاً زمين جي حساب رکڻ وارا، ڏلن وصول ڪرڻ وارا، حساب چڪاسيندڙ ۽ خزانچي. هر صوبي ۾ امن قائم رکڻ لاءِ تاڻيدار موجود رهندو هو، هينان کان وڃي مٿي تائين هر انتظامي حلقي ۾،

چار سو ويهه روپيا ٻڌايا آهن (ص 50). ’برنئر‘ لکيو آهي تہ فقط نٿي جي آمدني ٽيويهه لک ويهه هزار هئي (”مغل سلطنت جا مالي وسيلا،“ ص 37). ’برنئر‘ جو ماخذ معلوم نہ آهي؛ ليڪن جيڪڏهن هن آخري بيان کي ماخذ معلوم نہ هجڻ جي حالت ۾، درست ڄاتو وڃي ۽ انهيءَ مناسبت سان بکر جي آمدني ۾ اضافو ڪيو وڃي، تہ سموريءَ سنڌ جي مجموعي آمدني گهٽ وڌ اٽاويهه لک ٽي ويندي. مستر چهلاڻيءَ ڏکڻ سنڌ جا ارڙهن حڪومتي ادارا ٻڌايا آهن (ص 45). جيڪڏهن هن مان صرف نٿي جي سرڪار مراد ورتل آهي، تہ پوءِ اهي انگ اکر غلط آهن؛ انهيءَ ڪري جو صحيح تعداد سورهن آهي، جيتوڻيڪ ’بلوخمان‘ غلطيءَ کان ارڙهن لکيا آهن، يا سمجهڻ گهرجي تہ ڇاپي جي غلطيءَ سببان ارڙهن ڇپجي ويا آهن. سڄي نٿي صوبي جا (محل) سرڪاري ادارا ايڪونجاهه ٽين ٿا؛ جن جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو:

سرڪار نٿو	16
= چاچڪان	11
= سيوستان	5
= نصرپور	7
= چڪرهاله	8
جوڙ	51

هي تفصيل ”آئين اڪبري“، مرتب بلوخمان، جو 557- 558 تي ڄاڻايل آهي.

عام طور اهوئي انتظام هوندو هو، البت آفيسرن جا عهدا الڳ الڳ هوندا هئا. عدالتي ڪاروبار قاضين جي حوالي هوندو هو. جيل ۾ موجود هئا، انهن ۾ ڪائيندڙ پيندڙ ماڻهو ڪاڏي ۽ پوشاڪ جو انتظام پاڻ ڪندا هئا. عالمگير جي دؤر ۾ غريبن کي ضرورت مطابق ڪاڏي ڪپڙي ڏيڻ جو حڪم جاري ٿي ويو هو.

انهيءَ کان سواءِ، ڪي ڪارڪن خاص ڪمن لاءِ به مقرر هوندا هئا- مثلاً اخبار نويس ۽ وقائع نگار، جي پنهنجن علائقن جون ضروري خبرون وڏيءَ خبرداريءَ سان مرڪزن ۾ پهچائيندا هئا؛ يا اڳهه مقرر ڪندڙ، جي سيني جنسن جي اڳهن جون رپورٽون موڪليندا رهندا هئا.

زمين جي ڪيفيت: زمين جا عام طرح سان ٽي قسم ڄاتا ويندا هئا ۽ ٽنهي جي پيدائش مان سرڪاري حصي جي مقرري الڳ الڳ هوندي هئي. پهرئين قسم جي زمين اها هئي، جا درياءَ جي ٻوڏ وقت سيراب ٿيندي هئي ۽ ان ۾ زياده محنت کان سواءِ فصل تيار ٿي ويندو هو؛ سراسري پيداوار زياده هوندي هئي ۽ ان مان پيداوار جو ٽيون حصو ورتو ويندو هو. ٻئي قسم جون اهي زمينون هوندیون هيون، جي درياءَ جي ڪناري ڪان پرانهيون هجڻ سبب، ٻوڏ جو پاڻي پهچي نه سگهندو هو؛ انهن کي ننڍن وڏن واهن جي ذريعي سيراب ڪيو ويندو هو ۽ ٻٽئيءَ وقت پنجن مان ٻن کوڙن جي حساب سان هاريءَ کان وصول ڪيو ويندو هو. ٽيون قسم باراني زمين جو هو: هنن زمينن جا فصل برسات تي ٻڌل هوندا هئا ۽ هاري پيدائش جو صرف پنجون حصو ڏيندا هئا.

ڪي زمينون مقاطعي تي پڻ ڏنيون ويندیون هيون ۽ في جريب يا في ايڪڙ جي حساب سان انهن لاءِ نقد رقم مقرر ڪئي ويندي هئي.

سرڪاري حصي وصول ڪرڻ جو طريقو: هارين کي اختيار هوندو هو ته وٽين ته پيدائش پاڻ رکن ۽ نقد رقم خزاني ۾ پيارين،

يا وٽين تہ جنس ڏين: جنس جي وصول ڪرڻ لاءِ ڪيترائي طريقا رائج هئا.

1. هڪ نيم سرڪاري ماڻهو، بينل فصل کي ڏسي، ٻڌائيندو هو تہ هيتري جنس ڏني وجي.
2. هاري سمورو فصل گري تي گڏ ڪندو هو ۽ ان مان سرڪاري حصو الڳ ويندو هو.
3. ٻنين ۾ بينل فصل ورهايو ويندو هو. هيءُ طريقو عام طرح زميندار اختيار ڪندا هئا، جي سرڪاري خزاني ۾ نقد رقم جمع ڪرائيندا هئا ۽ هاريءَ کان فصل جو حصو وٺندا هئا. سرڪاري حصي ڪيڏ کان پوءِ ڪار پرداز سرڪاري حصو انهيءَ وقت وڪڻي ڇڏيندا هئا، يا سرڪاري اناج- گهر ۾ جمع ڪرائي، اُن جي رقم حساب ۾ جمع ڪرائيندا هئا.

مقاطعا: زمينون مقاطعي تي ٻہ ڏنيون ويندیون هيون- يعني مختلف ماڻهو سرڪاري واجبات جو فيصلو ڪري، زمين جي وڏن وڏن ٽڪرن جي آبادي پنهنجي ذمي ڪٽندا هئا. هو مقرر ٽيل رقم سرڪاري خزاني ۾ جمع ڪرائيندا هئا ۽ پوءِ هارين کان زمين آباد ڪرائيندا هئا. اوهين ڪتاب ۾ پڙهي چڪا آهيو تہ ڪلهوڙن رئيسن ٻہ شروع ۾ مختلف علاقا مغل ڪار پردازن کان مقاطعي تي ورتا هئا. مقاطعيدار پنهنجي پيدائش وڌائڻ جي وسيلن جو خود ذميوار هوندو هو. مغلن جي اصطلاح ۾ زمين جي مقرر اڳهه کي "ضبطي" ۽ مقاطعي کي 'نسق' چوندا هئا.

متفرقا محصول: زمين جي ڏل يا پيداوار جي حصي سان گڏ ٻيا ٻہ محصول رائج هئا: مثلاً رستن ۽ ٻيلن جا محصول ۽ ڪن ٻين شين تي محصول- جئن تہ لوڻ، قلمي شورو، آفيم يا چونگيءَ جو محصول. واضح هجي تہ ان زماني ۾ جنسون تمام سستيون هوندیون هيون. لوڻ جي مڻ جي قيمت هڪ پيسي کان وٺي ٽن پئسن تائين هوندي هئي. ڳائو گوشت ڏيڏ آني سير وڪامندو هو ۽ ٻاکرو گوشت ٻين

ادائي آنين سير جي حساب سان وڪامندو هو. سورت ۾ چانور گهٽو ڪري سوا رپئي مڻ وڪامندا هئا؛ خود سنڌ ۾ اناج جي سستائيءَ جي هيءَ حالت هئي جو ڪن وقتن تي اُن جي وڪڙ ۽ پيسن وصول ڪرڻ ۾ سخت تڪليف ٿيندي هئي. "گلدسته نورس بهار" ۾، اناج جي سستائيءَ جا ڪيترائي مثال ملن ٿا.[1]

صنعت ۽ حرفت: صنعت ۽ حرفت متعلق سنڌ جي هر هڪ حصي جي حالات ڪٿي به بيان ٿيل نه آهن؛ ليڪن ننڍي ۽ ڪن ٻين شهرن بابت ڪي اطلاع سامهون رکي اندازو ڪري سگهجي ٿو ته سنڌ ان زماني ۾ هنر ۽ ڪاريگريءَ جي اعتبار کان تمام مٿانهون درجو رکيو ٿي. مثلاً:

1. ننڍي ۾ چاليهه هزار ٻيڙيون ۽ جهاز ڪِرائي تي هلندا هئا.
2. بافتو، شالون، تارڪشيءَ جون لونگيون، ريشمي ۽ سوٽي ڪپڙا نهايت اعليٰ درجي جا ٺهندا هئا.
3. ننڍي ۾ جيڪي چيٽون تيار ٿيندیون هيون، تن کي شوقين ماڻهو تمام پري پري کڻي ويندا هئا.
4. ڪپڙي جي صنعت نهايت اعليٰ پيماني تي پهتل هئي.
5. ساري هندستان ۾ بهترين پالکيون ننڍي ۾ ٺهنديون هيون ۽ بن قيمتن واريون ڏوليون به جهڙيون هتي ٺهنديون هيون، تهڙيون ٻئي ڪنهن به هنڌ نه ٺهنديون هيون.
6. سنڌ ۾ چمڙي جي رڳاوت جو فن به ڪمال تي پهتل هو.
7. نادر شاهه جي حملي وقت ننڍي ۾ چالهه هزار ڪپڙي اُٽڻ وارا ڪوري رهندا هئا.

هيءُ فقط سرسري ڪيفيت آهي. سنڌ جي پراڻي هنر ۽ ڪاريگريءَ جا نمونا اڄ به هر هنڌ موجود آهن. مثلاً زين پوش، شطرنج جو سامان، لونگيون، سوسيون، ڪيس، غاليچا، جنديءَ جـ

---

(1). "گلدسته"، ص 123.

روغني هندورا، پلنگ، وغيره. پرت ۾ چر جو ڪم، جنڊيءَ جو ڪم، ڪاشيءَ جو ڪم، جتيون ۾ زريءَ جو ڪم. نئين تمدن ۾ هن هنر ۾ ڪاريگريءَ جي سرپرستي تمام گهڻجي ويئي، انهيءَ ڪري هي هنر ۾ ڪاريگريون پنهنجي پهرينءَ حالت ۾ قائم رهي نه سگهيون.

واپار: سنڌ کان چانور، ڪڪ، نير، چمڙو، هڏا، تيلي ٻج، ڪپهه ۽ اُن وغيره شيون ٻاهرين ملڪن ۾ موڪليون ويندیون هيون. سموري اتر هندستان ۾ راجپوتانا وغيره لاءِ ضرورت جو سامان سنڌ جي بندرن تي ڪنو ٿيندو هو ۽ پوءِ اتان هر هنڌ موڪليو ويندو هو. جهڙيءَ طرح بحري تجارت جو مرڪز ڪنو هو، اهڙيءَ طرح بري تجارت جو مرڪز سترهين صديءَ ۾ شڪارپور هو. ٻنهي شهرن ۾ وڏن وڏن واپارين جون تجارتي ڪوٺيون هوندیون هيون ۽ انهن جا ڳماشتا ايراني نار، بحر قلزم، بحر روم ۽ هندي وڏي سمنڊ جي بندرن تي موجود هوندا هئا.

مغلن جي دور جو نقشو: مسٽر ايس.پي.جبلاٽي لکي ٿو ته، مغلن جي عروج واري دور ۾ هن عظيم الشان شهنشاهيت، عام حيثيت سان جيڪو امن امان قائم ڪيو، ان مان سنڌ کي ڇگو فائدو حاصل ٿيو. هن دور ۾ سنڌ جي هنر ۽ ڪاريگريءَ ۾ وڏي ترقي حاصل ڪئي ۽ واپار پڻ دنيا جي مختلف حصن ۾ پکڙجي ويو. ڪنو ان وقت ۾ بين الاقوامي تجارت جو مرڪز بڻجي ويو. هتان جي تاجرن ۽ واپارين صوبي جي مصنوعات کي ويجهو توڙي پرانهون روشناس ڪرايو. معلوم ٿئي ٿو ته خود مغلن به سنڌ جي تجارت کي وڌائڻ ۽ ويجهائڻ ۾ خاص دلچسپي ورتي. هن دور جي وڏن وڏن فرنگي تاجرن- پورچو گيزن، انگريزن ۽ ڊچن- سنڌ ۾ پنهنجا ڪارخانا قائم ڪيا. [1]

---

[1]. سنڌ جي اقتصادي تاريخ"، انگريزي، ص 12.

والٽر هملٽن جو بيان: والٽر هملٽن جو ڪتاب سن 1820ع ۾ ڇپيو ويو- جڏهن ڪلهوڙن جي حڪومت کي ختم ٿئي گهٽ وڌ پنجٽيهه سال گذري چڪا هئا. هن ڪتاب ۾ سنڌ جو جيڪو نقشو پيش ڪيو ويو آهي، اجمالي طور ان تي به هڪ نظر وجهڻ گهرجي. هن نقشي مان به سنڌ جي پس منظر جو هڪ حد تائين اندازو ٿي سگهندو:

1. سنڌ جي زراعت جو مدار بارش تي آهي يا واهن جي ذريعي آبادي ڪئي وڃي ٿي. درياهه جي چاڑهه تي اناج ۽ ٻيون جنسون پوکيون وڃن ٿيون. سال جي باقي حصي ۾ نير، ڪمند ۽ هئڊ وغيره جي آبادي ٿئي ٿي.

2. ملڪي پيداوار مان هيٺيون چيزون ذڪر ڪرڻ جي لائق آهن: چانور، گيهه، چمڙو، ڪلون، شارڪ مڇيءَ جا ڪنب، پوٽاس، قلعي شورو، هنگ، مڇ، ٿڌي جو ڪپڙو، گهوڙا، نير، تيلي بج، ڦٽڪي ۽ مشڪ. ان کان سواءِ ملتان جا گهوڙا، تجارت لاءِ گهرايا وڃن ٿا.

3. ٻاهرين ملڪن مان هيٺيون شيون سنڌ ۾ اچن ٿيون: ٽين، لوهه، شيهو، فولاد، هاٿيءَ جا ڏند، يورپ جون نهيل شيون تلوارون، غاليچا، ريشم، ڪنڊ، مصري، قرمچي، پان، ڪارا مرچ، دالچيني، ڦوٽا، لونگ، جعفر، موتي، ايريو.

4. سنڌ مان شارڪ مڇيءَ جا ڪنب ۽ گوشت، گيهه، پوٽاس، قلمي شورو، چمڙو، ڪلون، السيءَ جو تيل، سرنهن جو تيل، ڪٽڪ، هنگ، مڇ، ڪونئر، بادامين، رنگاوت جون شيون، پستا، اکروٽ، شالون، ڪپڙو، ڪپهه، زعفران ۽ چيٽون ٻاهر موڪلين ويندين هين.

5. سنڌ جي رهاڪن جو قد وچولو آهي، جسم مضبوط، رنگ سانورو، اکين ۽ وار ڪارا، ڏند غير معمولي طور عمدا ۽ مضبوط ۽ متي جا وار ڊگها آهن. پٽڪا تمام وڏا پٽن ٿا؛ ڪن پٽڪن ۾ اسي گز ململ جا به اچي وڃن ٿا. مسلمان گهڻو ڪري سني ۽ حنفي فرقي جا آهن. انهن ۾ مذهبي تعصب بلڪل ڪونه آهي.[1]

---

[1]. والٽر هملٽن جو ڪتاب "هندستان ۽ ان سان لاڳو ملڪ"، انگريزي، ج 1، ص 561-584.

هيءُ جيتوٽيڪ ٽالپرن جي ابتدائي دور جو نقشو آهي، ليڪن يقين آهي ته ڪلهوڙن جو دور يا ان کان اڳ جي دور جو نقشو به هن کان ڪو گهٽو مختلف نه هوندو.

ڪلهوڙن جو ظهور: اهو ئي ملڪي پس منظر هو، جنهن ۾ ڪلهوڙن جو ظهور ٿيو. جنهن حد تائين ملڪ جي انتظامي ڍانچي جو تعلق آهي، ممڪن آهي ته ڪن صوبن ۽ علائقن ۾ مقامي ضرورت کي سامهون رکي ڪا جزوي ترميم ڪئي ويئي هجي، پر عام صورت گهٽو ڪري اها ئي ساڳي هوندي.

هيءُ به بڏائي ڇڏڻ گهرجي ته جڏهن مغل حڪومت تي زوال آيو ۽ ملڪي انتظام ۾ خرابيون پيدا ٿيون، تڏهن ملڪي خوشحاليءَ جا وسيلا به اصلي حالت ۾ قائم رهي نه سگهيا- خصوصاً سنڌ کي تمام ڳرو نقصان رسيو. اوهين ڏسي چڪا آهيو ته ڪلهوڙن کي حڪمرانيءَ جو موقعو ان وقت مليو، جڏهين بدانتظاميءَ جا دردناڪ نتيجا هر هنڌ ظاهر ٿي چڪا هئا. انهن حالتن کي سامهون رکندي، انهن جي تعميري ۽ اصلاحي ڪارنامن جو اندازو ڪرڻ گهرجي- جن جي سرسري ڪيفيت ايندڙ صفحن ۾ پيش ٿيندي.

ملڪي وحدت جي بحالي ۽ آبادڪاري

پهريون ضروري قدم: ڪلهوڙن لاءِ سڀ کان پهريون ۽ بيحد ضروري ڪم هيءُ هو ته هو سنڌجي جاگرافيائي وحدت کي وري وجود ۾ آڻين، جيڪا گهڻيءَ مدت کان ٽٽي چڪي هئي ۽ غالب فاتحن جي هنگامي آرائين سبب ان جي مختلف حصن جون سرحدون بار بار بدلجنديون ٿي رهيون. هن حقيقت ۾ ڪوبه شڪ نه آهي ته جڏهن ميان يار محمد خان شاهي منصب ۽ سيويءَ ۽ گنجابه جي حڪومت حاصل ڪئي، تڏهن ان وقت کان طي ڪيو ويو هو ته آهستي آهستي سموريءَ سنڌ کي هڪ مرڪز جي ماتحت جمع ڪرڻ گهرجي. اوهين جيڪڏهن چاهيو ته هن جو مطلب هي به ڪڍي سگهو ٿا ته يار محمد خان پنهنجي حڪومت جي دائري کي زياده کان زياده وڌائڻ ۽ وسعت ڏيڻ چاهيو ٿي ۽ اهو مقصد هن جي فرزند نور محمد جي به سامهون رهيو؛ ليڪن سنڌ جي سمورن حصن کي هڪ هنڌ ملائڻ جي صورت، هونئن به، هن کان سواءِ ڪهڙي هئي ته حڪومت جي دائري کي وڌائڻ جي مطلب کي خاص نصب العين بنايو وڃي.

واضح هجي ته سنڌ جو نالو انتظامي ڪاغذن ۾ باقي نه رهيو هو ۽ ان جي بجاءِ بڪر ۽ ٽٽي جون سرڪارون وجود ۾ آڻي ويون هيون، هڪ سرڪار، ملتان صوبي سان ملي چڪي هئي ۽ بي هڪ الڳ انتظامي يونٽ بنيل هئي.

يار محمد خان ۽ نور محمد خان جون ڪوششون: ارڙهين صديءَ جي شروعات ۾ ميان يار محمد خان کي سنڌ جي فقط هڪ

صوبي جي انتظام ۽ بندوبست جو موقعو مليو- ان ۾ بكر شامل نہ هو؛ گويا بكر سركار جا ٻہ حصا كيا ويا هئا. ان وقت ميان يار محمد آهستي آهستي ملكي وحدت جي بحاليءَ جو كم شروع كيو ۽ هيءُ كم گهڻ- وڌ پنجٽيهن سالن جي اندر، ميان نور محمد خان جي حكومت جي دور ۾ تكميل كي پهتو. ممكن آهي تہ اڄ ان جي اهميت جو صحيح اندازو كري نہ سگهجي، انهيءَ كري جو اصل كارنامن تي ٻن صدين جو ڊگهو عرصو گذري چكو آهي ۽ ميان صاحب جي زندگيءَ ۾ ئي نادر افشار ملكي وحدت كي نئين سر ٽكر ٽكر كرڻ شروع كيو هو ۽ سنڌ جو هك ٽكرو الگ كري بلوچستان سان ملائي ڇڏيائين، تہ ٻيو ٽكرو دائودپوٽن كي ڏيئي ڇڏيائين: پوءِ دائود پوٽن وارو حصو پهرين سڌيءَ طرح نادر جي هٿ هيٺ رهيو ۽ آخر افغانن جي سنيال هيٺ رهيو.

ان هوندي بہ، ميان يار محمد خان ۽ ميان نور محمد خان، بكر سركار ۽ ٺٽي سركار جي جڳهہ تي سنڌ كي نئين سر هك جاگرافيائي حقيقت ۾ آندو. هيءَ وحدت انهن مخلص بزرگن جي كوشش سان قائم ۽ استوار ٿي، جا پوءِ وري مٽجي نہ سگهي؛ جيتوٽيك ان جي حدن ۾ متواتر ردبدل ٿيندي پئي رهي. تاريخ جو هيءُ روشن واقعو آهي تہ ميان نور محمد خان جي دور ۾ توڙي ان جي وفات كان پوءِ ملك جو نالو 'سنڌ' جي نالي سان ئي سڏبو رهيو ۽ ان كان پوءِ كڏهن بہ بكر، ٺٽي يا كنهن ٻئي نالي سان سڏجڻ ۾ نہ آيو. كلهوڙن جو هيءُ نهايت اهم ملكي كارنامو آهي، جو هميشہ سنڌ جي تاريخ ۾ روشن رهندو. افسوس جو اڄ تائين ان جي اهميت جو صحيح اندازو نہ كيو ويو آهي.

ملكي آبادي: كلهوڙن جي شروعات جيتوٽيك پيري مريديءَ سان ٿي، ليكن هو شروع كان ئي زميندارييءَ ڏانهن خاص طرح متوجهہ هئا ۽ جيكو بہ علائقو سندن انتظام هيٺ اچي ٿي ويو،

اتي واهه کوٽرائي، ان کي آباد ڪندا ٿي رهيا. هن باري ۾ گهربل تفصيل مناسب موقعن تي پيش ٿي چڪا آهن، جن جي دهرائڻ جي ضرورت نه آهي. واهن کوٽائڻ ۽ غير آباد زمين کي آباد ڪري، زراعت کي ترقي ڏيارڻ تي سندن ايڏو توجهه هو، جو اڄ به سنڌ جو ملڪ جن واهن جي ڪري آباد ۽ زرخيز بنيل آهي، تن جي تعمير لاءِ شروعات ۾ جنهن حڪمران وسيع پيماني تي ڪم شروع ڪيو، اهو ميان نور محمد خان جهڙو دوراندیش حاڪم هو.[1]

ميان صاحب اتر سنڌ ۾ ٿي وڏا واهه کوٽايا، جن مان به واهه ويهه ويهه ميل ڊگها هئا ۽ هڪ واهه ڏهه ميل ڊگهو هو. غيرآباد زمينن کي آباد ڪرائڻ جو هيءُ ڪارنامو ان زماني ۾ عمل ۾ آيو، جڏهن واهن کوٽائڻ جي سلسلي ۾ انجنيئرنگ جو فن بلڪل ابتدائي حالت ۾ هو ۽ اهي اوزار ۽ تجربا هئا ئي ڪونه، جن مان اسين اڄ فائدا حاصل ڪري رهيا آهيون. حقيقت شناس هن ڳالهه جو به اعتراف ڪيو آهي ته ڪلهوڙن جي هٿ هيٺ واهن جو انتظام، ٽالپرن جي دور کان تمام بهتر ۽ صحيح هو.[2]

آبادڪاريءَ جا نتيجا: سنڌ صدين کان وڻي ڌارين جي هٿ هيٺ رهندي ٿي آئي. اهي ماڻهو نڪي سنڌ واسين جي ضرورتن جو صحيح اندازو لڳائيندڙ هئا ۽ نه انهن مان هيءَ اميد ٿي سگهي ٿي ته هو ملڪ واسين جي بهبوديءَ لاءِ انهيءَ دلي همدرديءَ سان ڪم ڪندا، جنهن جي توقع خود سنڌ جي فرزندن مان ٿي سگهي ٿي. انهن حالتن جو نتيجو هيءُ نڪتو، جو سنڌ جون مختلف قومون، پنهنجيءَ ڪِرت ۾ اطمينان سان مصروف رهجڻ بجاءِ، هڪ قسم جي خانه بدوشي اختيار ڪرڻ تي مجبورٿي وييون ۽ انهن ۾ چورين ۽ ڦرلٽ ڪرڻ جي عادت پئجي ويئي. ڪلهوڙن ملڪي

---

(1). "جرنل، سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽي، بابت آگسٽ 1937ع، ص 17.

(2). "جرنل، سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽي"، بابت آگسٽ 1937ع، ص 18.

آبادي ۽ لاءِ ڇگا وسيلا موجود ڪري، هزارن ماڻهن کي ڪيتي ۽ جي ڏنڏن ۾ لڳايو: ان طرح مختلف علائقا آباد ٿي ويا، جتي ڪٽي ڪوٽ ۽ شهر بنجي ويا، ماڻهو مفيد ڏنڏن ۾ مصروف ٿيا ۽ منجهانئن بريون عادتون مٽجي ويون. پهريائين چورن، ڦورن ۽ فسادين کي سخت سزائون ڏنيون ويندیون هيون، ليڪن انهن کي ڪن ڇگن ڏنڏن ۾ لڳائڻ جو ڪوبه ذريعو مهيا نه ڪيو ويندو هو: ڪلهوڙن بيروزگار ماڻهن لاءِ ڇگا ذريعا موجود ڪيا ۽ اهڙي ۽ طرح عوام ۾ امن امان جو زندگي گذارڻ ۽ محنت ۽ مشقت سان روزي ڪمائڻ جو لاڙو پيدا ٿي پيو.

امن امان جون شاهديون: ملڪ ۾ امن امان جون شاهديون ڪلهوڙن جي ابتدائي زماني کان ئي ملن ٿيون. مثلاً ميان يار محمد خان جي دور جو نقشو ملاحظ ڪريو:

خدا جي عنايت ۽ شهنشاهه جي اقبال جي برڪت سان رستن جو امن ۽ رعيت جي بهبودي تمام اعليٰ درجي تي پهتل آهي. مسافر توڙي مقامي ماڻهو پنهنجي پنهنجي ڪاروبار کي لڳل آهن.[1]

هڪ غير جانبدار مبصر لکي ٿو:

فتني ۽ فساد جي زماني کان وٺي اڄ تائين، ميان يار محمد خان جي علائقن ۾ ايڏي پيماني تي امن قائم آهي جو مسافر هر انديشي کان فارغ ٿي، رات ڏينهن امن سان هر هنڌ اچن وڃن ٿا.[2]

ميان نور محمد خان جي دور ۾ به اهائي حالت هئي. بيشڪ ڪن موقعن تي بدامني ۽ جا واقعا به ظاهر ٿيا ۽ اهي واقعا گهٽو ڪري انهن حصن ۾ پيش آيا، جي سي کان پڇاڙي ۽ ڪلهوڙن جي حڪومت جو حصو بنيا هئا. هي حقيقت پنهنجي ۽ جڳهه تي بهرحال

---

(1). "گلستة نورس بهار"، ص 10.
(2). "گلستة نورس بهار"، ص 220.

تسليم ٿيل آهي ته ڪلهوڙن جنهن به علائقي کي سنياليو، ان ۾ جلد کان جلد امن جو بندوبست ڪيو. صحيح طريقو اهو ئي هو ته هو ماڻهن جي لاءِ مفيد ڏنڌن ۾ مصروف رهڻ جو بندوبست ڪن ها ۽ فقط سزائن ڏيڻ تي اڪتفا نه ڪن ها- هنن ائين ئي ڪيو.

سنڌ جي مالي حالت: غير آباد زمينن کي آباد ڪرڻ سان ئي سنڌ جي آمدنيءَ ڪلهوڙن جي دور ۾ غير معمولي ترقي حاصل ڪئي. "آئين اڪبريءَ" مان معلوم ٿئي ٿو ته اڪبر بادشاهه جي دور حڪومت ۾ سنڌ جي مالي آمدني قريباً چوويهه لک رپيا هئي. ايلس جي بيان مطابق، ڪلهوڙن جي دور ۾ مالي آمدني اسي لکن تي پهچي ويئي هئي[1]. ٽالپرن جي زماني ۾ مالي صورت وري گهٽجي ويئي. انهن جو سبب ڪن صاحبن جي نزديڪ هيءُ آهي ته ٽالپرن ڪيترين ئي زرخيز زمينن ۾ پنهنجا شڪار گاهه بنايا هئا.

ڪوبه اهڙو بيان ملي نه سگهيو آهي، جنهن مان ظاهر ٿئي ته ڪلهوڙن ملڪ جي ڪنهن حصي ۾ ڏلن جو اڳهه وڌايو هو، يا انهن جي دور کان اڳ يا پوءِ ڏلن جا اڳهه گهٽ هئا. ترقيءَ جو حقيقي سبب هن کان سواءِ ٻيو ڪوبه نه هو، ته ملڪ جي آبادڪاري تمام اوج تي پهچي ويئي هئي- ملڪ ۾ امن هو ۽ ماڻهو دلجوئيءَ سان هنر ۽ ڪاريگريءَ، زراعت ۽ تجارت ۾ لڳل هئا. هيءُ بيان ته اول ئي ٿي چڪو آهي ته ڪلهوڙن جي دور ۾ زمينن کي سيراب ڪرڻ جو انتظام ان کان پوءِ واري دور کان گهڻو بهتر هو.

والٽر هملٽن جو بيان: والٽر هملٽن لکي ٿو ته:

ڪلهوڙن جي حڪومت جي دور ۾ سنڌ جي سالياني آمدنيءَ جو اندازو اسي لک رپيا ڪيو ويو هو. 1809ع ۾ آمدني گهٽجي وڃي ٽيتاليهن لکن تي بيٺي. سن 1813ع ۾ وري وڌي

---

(1). "جرنل، سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽي"، بابت فيبروري 1943ع، ص 253. هن ۾ هينري ايلس (Henry Ellis) جو بيان نقل ٿيل آهي.

ايڪهٺ لکن تي پهچي ويئي. جنهن مان ڪابل جو ساليانو خراج بارهن لک رپيا ڪٺ ڪرڻ گهرجي ۽ ان مان ڏيڍ ڪروڙ (پندرهن لک پائوند) جي وڏي رقم امين ڏانهن مسلسل بقايا رهندي اچي ٿي. ملڪ جي طبعي وسيلا تمام بهترين آهن. جيڪڏهن حڪومت جي نظام ۾ اصطلاح ٿي وڃي ٿي ته هن ملڪ جا رئيس اتر ۽ اولهه جي پاڙيسرين لاءِ حد درجي خطرناڪ بنجي وڃن؛ ليڪن هيءُ صوبو جيتوڻيڪ هندستان جي حدن ۾ شامل آهي، ان هوندي به هڪ تمام وڏي ريگستاني حصي هن کي هندستان کان اڌريءَ طرح ڪٽي ڇڏيو آهي، جو هو (هندستان) هن جي (سنڌ جي) سياست ۾ ڪوبه حصو نٿو وٺي.[1]

ٻئي هنڌ تي هن بيان ڪيو آهي ته:

چيو وڃي ٿو ته ڪلهوڙن جي دور ۾ ڪڪرالي مان ڇهه لک رپيا ساليانو آمدني وصول ٿيندي هئي، ليڪن هينئر ان جي آمدني، گهٽجي گهٽجي، هڪ لک نوي هزار رپين تي وڃي پهتي آهي.[2]

سنڌ تي مصيبتون: نادر شاهه جي ڪاهه، آزاد سنڌ لاءِ پهرين وڏي مصيبت هئي، جنهن ۾ ملڪ جي گڏ ٿيل دولت نهايت بريءَ طرح سان لٽجي ويئي ۽ آئيندي پڻ هر سال سنڌ مان ويهه لک رپيا خراج طور ايران وڃڻ لڳا. نادر جي قتل ٿيڻ تي هيءُ مصيبت ختم ٿي، ته ان سان گڏ افغانن جي غلاميءَ جو زنجير سنڌ جي گلي ۾ پئجي ويو. پوءِ جي خانه جنگين ۾ نه رڳو لُٽ مار جاري رهي، پر ملڪي ڪاروبار تي به تباهيءَ جو دور چائنجي ويو. ان هوندي به ميان غلام شاهه جي دور ۾ امن امان قائم ٿيندي ئي دولت جي وار ڦير شروع ٿي ويئي ۽ ڪيترا نوان شهر آباد ٿيا؛ ايتريقدر جو ڪن مؤرخن ميان غلام شاهه کي ڪلهوڙا خاندان جو بهترين حڪمران

---

(1). "هندستان ۽ ان سان لاڳو ملڪن جا حالات"، ص 568.

(2). "هندستان ۽ ان سان لاڳو ملڪن جا هالات"، ص 573.

قرار ڏنو، حالانڪ هن جي حڪومت وسعت ۾ بهترين انتظام جي لحاظ کان ميان نور محمد خان جي برابر نه هئي. ميان غلام شاهه جون اکيون بند ٿيون ته وري سنڌ کي امن امان جون چند گهڙيون به نصيب ٿي نه سگهيون. ميان عبدالنبيءَ جي دور ۾ ملڪ جو جيڪو حال ٿيو، ان جو دردناڪ نقشو اڳ ۾ پيش ڪيو ويو آهي. بربادي‌ءَ جي هن خوني دور مان گذرڻ کانپوءِ، ملڪي انتظام تالپرن جي هٿ ۾ آيو. کين حڪومت جي پرواني حاصل ڪرڻ لاءِ تمام وڏيون رقمون ۽ نهايت قيمتي تحفا افغاني دربار کي ڏيڻا پيا: هن مان اندازو ٿي سگهي ٿو ته سنڌ ۾ پنهنجي بگڙيل حالتن کي جلد کان جلد درست ڪرڻ جي ڪيتريقدر صلاحيت هئي. هن صلاحيت جو بنياد ڪلهوڙن جي ئي دور ۾ پختو ٿيو هو.

حاصل مطلب: جيڪي ڪجهه مٿي بيان ٿيو آهي، ان جو خلاصو هيٺ ڄاڻائجي ٿو:

1. ڪلهوڙن ٽيهن- پنجٽيهن سالن جي عرصي ۾ ملڪ کي نئين سر متحد ڪيو ۽ بکر ۽ ٺٽي جي "سرڪارين" کي ختم ڪري، سنڌ جو نالو ٻيهر زنده ڪيو. هي هنن جو نهايت عظيم الشان قومي ڪارنامو آهي- جنهن جو اعتراف نه ڪرڻ تاريخ جي روشن پهلوءَ کان انڪار جي برابر ٿيندو.
2. هنن ملڪ ۾ صحيح اصول تي امن قائم ڪيو: ملڪواسين کي خانه بدوشي‌ءَ ۽ لُٽ مار کان هٽائي، مفيد مشغلن ۾ لڳايو ۽ اهڙي‌ءَ طرح ملڪ جي آبادي‌ءَ جو انتظام مدبرانه نموني ۾ سر انجام ڏنو. سنڌ جي آخري دور جي تاريخ ۾ هي پهريون حڪمران طبقو آهي، جنهن انهي سياست جو پايو وڌو، جنهن کي اصطلاح ۾ "مربانه سياست" چيو وڃي ٿو. سندن همه گير امن کي ڏسندي اعتراف ڪرڻو پوي ٿو، ته ملڪ واسي هنن جي بهترين انتظام سببان نهايت خوشحال ۽ مطمئن هئا.

3. هنن واهه کوٽايا ۽ غير آباد زمينن کي آباد ڪيون. سنڌ جي زرخيز زمين ۽ سنڌو نديءَ جي قدرتي دولت مان پوري پوري فائدي حاصل ڪرڻ جي هيءَ پهرين ۽ ڪامياب ڪوشش هئي.

4. سنڌ کي عام طرح سان غريب ۽ غير آباد ملڪ سمجهيو ويندو هو. ڪن ماڻهن ٽالپرن جي دور ۾ هن جي آدمشماري زياده کان زياده ڏهه لک ٻڌائي آهي. ڪلهوڙن جي دور ۾ هيءُ ملڪ ايترو دولتمند بنجي ويو، جو نادر کي ان جي خزاني مان لڳ ڀڳ هڪ ڪروڙ رپين جي رقم هٿ آئي ۽ هر سال ٻاويهه لک رپيا خراج طور مٿس مڙهيا ويا، حالانڪ سنڌ جون حدون پڻ گهٽايون ويون هيون.

هي واقعات ڪنهن به طرح سنڌ جي غريبيءَ يا گهٽ آباديءَ جا نه آهن. بلڪ خوشحاليءَ ۽ دولتمنديءَ جا شاهد آهن.

باب پنجويهون

حڪومت ۽ عوام

ڪلهوڙن جي هر دلعزيزي: حڪومت جي هر دلعزيزيءَ جو سپ کان وڏو دستاويز هيءُ آهي ته ملڪ واسين جي دل مان جيڪو آواز نڪري، اهو حڪومت جي حق ۾ هجي: ڪلهوڙن جي هر دلعزيزيءَ جو هن کان وڏو ڪهڙو ثبوت ٿي سگهي ٿو جو هنن جي حڪومت ختم ٿيڻ کان ست پنجهٺ سالن بعد، جن به انگريز مبصرن سنڌ کي ڏٺو، انهن کي ڪلهوڙن جو اثر ۽ رسوخ زنده محسوس ٿيو ٿي، مثلاً، پوسٽنز جي بيانن مان معلوم ٿئي ٿو:

1. هن جماعت (ڪلهوڙن) کي وڏي تقدس ۽ احترام جي نظرن سان ڏٺو ويندو هو. عوام جي دلين کي مرعوب ڪرڻ لاءِ دنيوي طاقت سان گڏ مذهبي رجحان به شامل ٿي ويو. ملڪ ۾ اڃا اهڙا ڪيترائي اهڃاڻ موجود آهن، جن هن بطرفي اثر جي پائدار نشانين جي شهادت ڏيئي رهيا آهن.[1]

2. ڪلهوڙن جو اثر درجي بدرجي گهٽبو ويو، يا چوڻ گهرجي ته هن خاندان جي زوال کان پوءِ انهن جي اثر کي دٻايو ويو ۽ هيءُ ڳالهه مشڪوڪ آهي ته تالپر شروع ۾ يا ان کان پوءِ ڪنهن به موقعي تي عوام ۾ اهڙو ئي هر دلعزيز هئا.[2]

3. تالپر ملڪ جا فاتح هئا ۽ هنن حڪومت انهيءَ بزرگ جماعت کان ڦري هئي، جنهن جي ياد مسلمانن جي سيني طبقن ۾ حا— درجي عزيز هئي[3]

---

[1] پوسٽنز: "سنڌ بابت ذاتي مشاهدا"، ص 168.

هيءَ عبارت اصل ۾ ڪرو (Crow) جي آهي، جا پوسٽنز بنا حوالي ڪنئي آهي (ڏسو: "سنڌ جي— دربار ۾ حاضريءَ جو داستان" ص 13).

[2] پوسٽنز: "سنڌ بابت ذاتي مشاهدا"، ص 192.

[3] پوسٽنز: "سنڌ بابت ذاتي مشاهدا"، ص 132.

جيسائين کا حڪومت پنهنجي سموري ڪاروبار ۾ ملڪ واسين جي ملڪي مسئلن ۽ معاملن جي حقيقي طور نمائنده نه هجي، سا حڪومت اهڙي هر دلعزيزي حاصل ڪري نٿي سگهي جو مٿجي وڃڻ کانپوءِ به ان جي خوشگوار ياد دلين ۾ برابر تازي رهي. ڪلهوڑا حڪومت جي چگي هجڻ لاءِ، هن کان وڏو ڪهڙو دستاويز ٿي سگهي ٿو؟

سنڌين جي ديندارياڻي: کاٻ اهڙي لکيل حقيقت نٿي ملي، جنهن مان معلوم ٿي سگهي ته ڪلهوڙن جي دور ۾ عام ماڻهن جي حالت ڪهڙي هئي. هن کان ويهن- پنجويهن سالن بعد انگريزن جي اچ- وچ شروع ٿي ۽ مختلف لکيتون تيار ٿيڻ لڳيون. انهن لکيتن کي سامهون رکي، ڪلهوڙن جي دور متعلق پنهنجي دماغ ۾ هڪ اهڙو نقشو مرتب ڪري سگهون ٿا، جو زياده کان زياده قرين صحت هجي. برنز پنهنجي ڪتاب "سفرنامہ بخارا" ۾ لکي ٿو:

سنڌ ۾ داخل ٿيڻ تي جا چيز هڪ اجنبيءَ جو توجهہ سڀ کان وڌيڪ پنهنجي طرف چڪي ٿي، اها هيءَ آهي ته عرب جي پيغمبر (صلي الله عليه وآله وسلم) جن مذهبي علمن کي واجب ٺهرايو ۽ هتي سڀ ماڻهو ان جا پوريءَ شدت سان پابند آهن. نماز جي مقرر وقتن تي، هرهنڌ، حقير کان حقير ۽ غريب کان غريب، ڪي معظم جي طرف منهن ڪري، نماز پڙهندو نظر ايندو. مون هڪ ملاح کي ڏٺو، جو درياءَ جي وهڪ کي سامهون ٻيڙيءَ کي ڌيءَ طاقت ۽ محنت سان چڪڻ ۾ مصروف هو؛ جڏهن نماز جو وقت آيو تڏهن پاڻيءَ ۾ پسيل ۽ گپ سان ڀريل، ڪناري ڏانهن ليو ويو ته جيئن خدا جو فرض پاڻ مٽان لاهي. ننڍي کان ننڍي ٽوڪ ۾ به مؤذن جي صدا بلند ٿيندي رهي ٿي، جو مومنن کي نماز ۽ سڏي ٿو. جن مسلمانن جي ڪنن ۾ هيءَ صدا گونجي ٿي، اهي

هڪدم پنهنجن ڪمن کي چڏي ڏين ٿا ته جيئن الحمد جي خاتمي تي آمين چوڻ ۾ شريڪ ٿي وڃن.[1]

هيءَ ان وقت جي حالت هئي، جڏهن ڪلهوڙن جي حڪومت کي ختم ٿئي پنجيتاليهه ڪن ورهيه گذري چڪا هئا. هن مان صاف ظاهر ٿئي ٿو ته ڪلهوڙن جي دور ۾ سنڌ واسين جي ديندار سيني کي ممتاز ۽ نمايان نظر آئي ٿي.

معاشي معيار: هندستان جي مختلف حصن ۾ وقت بوقت ڏڪار پوندا ٿي رهيا؛ ليڪن سنڌ کي فقط ان زماني ۾ ڏڪار سان واسطو پيو، جڏهن مدد خان افغان فوج وٺي عبدالنبيءَ جي امداد لاءِ آيو هو ۽ هن ملڪ جي مختلف حصن ۾ باهه ۽ خون جون لهرون ڊوڙائي چڏيون هيون. ظاهر آهي ته اهڙين حالتن ۾ نه ڪوئي شخص پنهنجي ڪاروبار ۾ اطمينان سان مشغول رهي سگهيو ٿي ۽ نه وري ٻنيون ٻارا حملي آورن جي دستبرد کان بچي سگهيا ٿي. هن واقعي کان سواءِ، ڪلهوڙن جي دور ۾ اناج جي سستائيءَ جون شاهديون هر هنڌ ملن ٿيون. ڪن وقتن تي اناج ايترو ته سستو ٿي ويندو هو، جو مختلف پرڳڻن مان مقرر رقم ملتان جي نواب کي موڪلڻ ۾ مشڪلاتون پيش ايندیون هيون[2]. اناج چگي اڳهه تي وڪرو نه ٿئي ته رقم ڪٿان هٿ اچي؟

اناج جي سستائيءَ جو سبب هن کان سواءِ ٻيو ڪهڙو ٿي سگهيو ٿي ته پيداوار زياده هئي، جنهن ڪري ماڻهن کي خريداريءَ جي ضرورت ئي محسوس نٿي ٿئي. اسان جي زماني ۾ معيشت جا معيار جاچيا وڃن تا- مثلاً آمدني کيتري ٿي ۽ في ماڻهو جوکيترو خرچ آهي. ڪلهوڙن جي زماني جو مقرر معيار اسان جي سامهون ڪونهي؛ ليڪن هي ظاهر آهي ته زندگيءَ جو

---

(1). برنز جو "بخارا جو سفرنامو"، ص 1.
(2). مثلاً "گلدسته نورس بهار"، ص 123.

ضرورتون ان دور ۾ سهڻي طريقي سان پوريون ٿينديون هيون ۽ ماڻهو مجموعي طرح مطمئن ۽ فارغ البال هئا. ڪلهوڙن جي هردلعزيزيءَ جو هڪ وڏو سبب هيءُ ب هو ته هنن امن جو بندوبست ڪيو، جو مدت کان ناپيد هو ۽ عوام جي لاءِ روزگار جي سلسلي ۾ نهايت مفيد مشغلن جو انتظام ڪيو.

خوشحاليءَ جون ثابتيون: سورلي لکيو آهي ته سنڌ انهن خوش نصيب علائقن مان آهي، جتي گهٽي برسات نه ٻ پوي، تڏهن ٻ ڪا خاص تڪليف پيش نٿي اچي؛ انهيءَ ڪري جو سنڌ هڪ درياءَ جو پيدا ڪيل ملڪ آهي، جنهن جي پاڻ سان ڪٽي آندل مٽيءَ مان، درجي بدرجي، هيءُ علائقو وجود ۾ آيو آهي ۽ اهو درياءُ، پنهنجو زندگي بخش پاڻي بنا ڪنهن رڪاوٽ جي، باقاعدگيءَ سان پهچائيندو رهي ٿو، جيتوڻيڪ ان جي بخشش هر سال هڪجيتري عظيم القدر نه هجي [1]

"تاريخ طاهري" ۾ نٿي متعلق ڄاڻايل آهي:

هن شهر جو بنياد اهڙيءَ نيڪ ساعت ۾ رکيو ويو هو جو هتان جي رهاڪن کي ڪڏهن ب مصيبت ۽ تڪليف سان واسطو نه پيو. جيڪي ڪجهه ڪين ميسر آهي، انهيءَ تي قانع آهن ۽ پنهنجو ڪاروبار امن ۽ راحت سان ڪندا رهن ٿا. جنهن سستائيءَ ۽ خوشيءَ جو دور چالو آهي، اها ڪڏهن ب ڪنهن ٻئي هنڌ تي ڏٺي نه ويئي آهي ۽ نڪي ڏسڻ ۾ ايندي.[2]

هن مان ظاهر آهي ته ماڻهو مجموعي طرح مطمئن ۽ خوشحال هئا ۽ نٿي جي مقابلي ۾ اتر سنڌ جي زرخيزي تمام گهٽو وڌل هئي.

---

[1]. "شاهه عبداللطيف"، ص 109.

[2]. "تاريخ طاهري"، ڊاڪٽر سورلي جي حوالي سان ص 110.

عوام جي حالت: اناج جي سستائيءَ کي سامهون رکندي، هيءَ دعوا تعجب جهڙي نہ سمجهڻ گهرجي تہ عوام جي حالت سٹريل هئي. اسان جي زماني ۾ ڪاريگرن جي جاءِ مشينن والاري آهي: مختلف يورپي ملڪن وڏا وڏا ڪارخانا قائم ڪيا ۽ دور دراز ملڪن مان ڪچي مال جون جنسون ڪٹي، مختلف قسم جون شيون گهٹي انداز ۾ ٺاهي، جهازن وسيلي هر هنڌ پهچائي، دولت سميٹڻ لڳا. ان کان اڳ هر ملڪ جي ڪُوٽن ۾ ڪاريگر مختلف شيون ٺاهيندا هئا ۽ اهڙيءَ طرح سان ملڪواسين جون ضرورتون پوريون ٿيندیون هيون. سنڌ جي ڪُوناڻن ۾ بہ قسم قسم جا هنر رائج هئا. ڪي چيزون ايتريءَ گهٹائيءَ ۾ تيار ٿيندیون هيون جو باهرين ملڪن ڏانهن بہ موڪليون ويندیون هيون. هيءُ سمورو انتظام انگريزن جي دور ۾ تبديل ٿي ويو. ڪلهوڙن جي دور ۾ سنڌ پنهنجين عام ضرورتن جي سلسلي ۾ باهرين ملڪن کان وڏيءَ حد تائين بي نياز هئي. هيءُ بہ انهيءَ ڳالهہ جو ثبوت آهي تہ عوام پنهنجيءَ جاءِ تي مطمئن ۽ فارغ البال هئا.

اناج توڙي ضرورت جون ٻيون شيون سستيون هوندیون هيون؛ انهيءَ بنياد تي ملازمن جا پگهار، مزدورن ۽ ڪاريگرن جي اجرت بہ زياده نہ هئي. ايسٹ انديا ڪمپنيءَ، ننڍي جي تجارتي ڪوٹيءَ جي حفاظت لاءِ ڏهہ سپاهي رکيا هئا ۽ انهن کي پنج رپيا في ماڻهوءَ جي حساب سان پگهار ملندو هو. سپاهين کي عام طور چار رپيا ماهيانو ملندو هو، سوارن کي اٺ روپيا ملندو هو؛ لباس ۽ جنگ جو سامان انهيءَ کانسواءِ هو[1]. هيءَ حالت ڪا سنڌ لاءِ مخصوص نہ هئي، بلڪ هندستان جي سيني حصن ۾ اها ئي حالت هئي. اسان جي اڄوڪي دور جي تمام وڏن پگهارن ۽ معاوضن جـ عادي ماڻهو شايد پنجن رپين ماهوار کي بلڪل بي حقيقت ڄاڻن؛

---

[1] سنڌ جي اقتصادي تاريخ"، انگريزي، ص 148.

ليڪن هو مختلف جنسن جي اڳهن جو مقابلو جيڪڏهن پنهنجي دور جي اڳهن سان ڪندا، تہ مرڳو پنهنجن پگهارن جي ٿورائيءَ جي اعتراف ڪرڻ تي مجبور ٿي پوندا!

اجرت ۽ اناج: پگهارن ۽ جنسن جي اڳهن متعلق هڪ نقشو مسٽر ڇبلاٽيءَ جي ڪتاب مان پيش ڪيو وڃي ٿو، جو حال جي حقيقت کي واضح ڪرڻ لاءِ هر اعتبار سان مناسب ٿيندو.

سن 1600ع ۾، عام مزور ٿي پئسا يا چار پئسا روزاني مزوري ونندا هئا- يعني ڏيڍ، يا وڌ ۾ وڌ ٻہ روپيا ماهوار ڪاريگرن جي اجرت رواني سواءِ ٻہ يا ادائي آنا هئي. 1751ع کان 1752ع ۾، يعني ميان نور محمد خان جي آخري دور ۾ عام، مزور کي روزاني ڏيڍ آنو ۽ ڪاريگر کي ادائي آنا مزوري ملندي هئي. هن حالت کي سامهون رکندي، هيٺئين نقشي تي نظر وجهڻ گهرجي:

زمانو	مزور جو ماهيانو پگهار	ڪاريگر جو ماهيانو پگهار
سترهين صدي	ڏيڍ- ٻہ رپيا	ساڍا چار — پنج روپيا
سن 51-1752ع	ٿي رپيا	پنج روپيا

انهن پگهارن جي مقابلي ۾، سترهين صديءَ ۾ اناج جو اڳهہ پنج آنا في مڻ هو ۽ ارڙهين صديءَ جي وچ ۾ ڏهہ آنا في مڻ هو![1]

انهن انگن اکرن مان معلوم ٿئي ٿو تہ سترهين صديءَ ۾ عام مزور پنهنجي ماهياني پگهار مان پنج- ڇهہ مڻ اَن جا خريد ڪري سگهيو ٿي ۽ ارڙهين صديءَ جي وچ ۾ ٻہ سندس خريدي طاقت قريب قريب اها ئي ساڳي هئي. سترهين صديءَ جو ڪاريگر پنهنجي ماهياني پگهار مان چوڏهن-پندرهن مڻ اَن خريد ڪري سگهيو ٿي، ارڙهينءَ صديءَ جي وچ ۾، هن جي خريدي قوت گهٽ ۾ گهٽ ساڍا نوَ مڻ هئي. پنجن ماڻهن جو ڪٽنب مهيني ۾ ڏيڍ مڻ ڪن اناج واپرائي سگهي ٿو ۽ سڄي سال ۾ ارڙهن- ويهن مڻ مان

---

(1) "سنڌ جي اقتصادي تاريخ"، ص 147.

چگيءَ طرح پنهنجو گذارو ڪري سگهي ٿو. ٻين لفظن ۾، عام مزور وڌ کان وڌ ٽن مهينن جي پگهار مان سڄي سال جو اناج خريد ڪري سگهيو ٿي ۽ سندس باقي مهينن جو پگهار اناج کان سواءِ، کاڌي پيتي جي ٻين چيزن، ڪپڙي ۽ ٻين ضرورتن کي پورو ڪري سگهيو ٿي. اڇڪلهه جي مقابلي ۾، ان زماني جون ضرورتون تمام سادیون هيون. هن کي خوشحاليءَ جو نقشو نه سمجهڻ گهرجي، مگر پوءِ به هن حقيقت کان انڪار ٿي نٿو سگهي ته زندگيءَ جون ضرورتون نهايت سهڻي طريقي پوريون ٿيندیون هيون.

رهڻي ڪهڻي: سنڌي ماڻهو هميشه کان جفاڪش رهندا پئي آيا آهن. ٻين ملڪن وانگر، انهن ۾ به طبقا موجود هئا ۽ ايا تائين به آهن- مثال طور، وڏا وڏا زميندار، جاگيردار، وظيفي خور (انعام دار)، سادات ۽ علماءَ، جن کي عام ماڻهو به وڏيءَ عزت ۽ مرتبي جي نظر سان ڏسندا هئا ۽ حڪومت طرفان به انهن لاءِ انعام ۽ وظيفا مقرر ڪيل هئا. موجوده دور ۾ جيڪي طبقن ۾ تفاوت ۽ باهمي نفرت جا نمونا موجود آهن، سي ان دور ۾ ڪونه هئا. ڪلهوڙن جي زماني ۾ ته وڏي درجي وارن طبقن جو وجود يقيناً گهٽي قدر محدود هو. هي سڀ ماڻهو پاڻ ۾ محبت، احترام ۽ همدرديءَ جي رشتن ۾ ڳنڍيل هئا ۽ هڪ ڪٽنب جي حيثيت سان زندگي بسر ڪندا هئا.

ڳوٺن ۾ جايون عام طور ڪچيون هوندیون هيون، جيئن اڇڪلهه به نه رڳو سنڌ ۾ بلڪ هر هنڌ آهن. زياده ماڻهو کيتيءَ جي ڌنڌي ۾ مصروف هئا ۽ هنر ۽ ڪاريگريءَ ۾ ٿورا عام لباس سٽڻ ۽ پهراڻ هو ۽ مٽي تي پڪو، هندو ماڻهو ڏوتي، انگ رکو ۽ پڳڙي پائيندا هئا. ٽوپين جو رواج گهڻو ڪري ٽالپرن جي زماني ۾ پيو- انهن جون ٽوپيون خاص نموني جون هوندیون هيون. ڏاڙهيءَ سان گڏ مٽي جا وار ڏگها رکندا هئا. ايرانين ۽ هندن جي پيرويءَ ۾ ڏاڙهي ڪوڙائڻ جو جيڪو سلسلو هندستان جي ٻين پاڳن ۾

شروع ٿي ويو هو، سنڌ ان کان آخري وقت تائين حفاظت ۾ رهي- جيتوٽيڪ ايرانين جو اثر سيني کان اول سنڌ تي پيو هو- جنهن جو سبب هيءُ هو تہ حڪمران طبقو دينداريءَ جي مٿانهن درجي تي فائز هو.

ماڻهو گهٽو ڪري چانور ۽ ميڇي کائيندا هئا. ڪڪڙ جي ماني بہ اڪثر ڪري کاڌي ويندي هئي ۽ غريب ماڻهو گهٽو ڪري باجهري ۽ جوئر بہ کائيندا هئا. اميرن کي شڪار جو بہ خاص شوق هوندو هو ۽ هو پڪين جو گوشت کائيندا هئا. ڪلهوڙن غالباً چند شڪار گاهہ نهرايا هئا، جن مان خداآباد جي ويجهو هڪ شڪار گاهہ جو ذڪر 'نامہ نغز' ڪيو آهي؛ ليڪن ٽالپرن جي دور وانگر شڪار گاهہ جي گهٽائي ڪانہ هئي.

ڳائڻ ۽ کهاڻين پڌڻ جو شوق عام هوندو هو. پوسٽنز لکيو آهي تہ، جن مزدورن کي واهن جي کوٽائي ۽ ڪلن صاف ڪرڻ جي ڪم تي لڳايو ويندو هو، انهن لاءِ اجرت سان گڏ ڪم ڪرڻ جي دوران ۾ ڳائڻ جو بہ انتظام ڪيو ويندو هو. ان طرح مزدور ٻارهن ٻارهن ڪلاڪن تائين ڪم ۾ لڳا رهندا هئا [1].

ڪلهوڙن جو لباس: ڪلهوڙا خاندان جي لباس متعلق ڪوبہ بيان ملي نہ سگهيو آهي. ميان عبدالنبيءَ جي اولاد راجن پور، ضلعي ديري غازي خان ۾ رهائش اختيار ڪئي هئي، انهن جي لباس جي هڪ خصوصيت جو ذڪر "رؤساي پنجاب" ۾ آيو آهي. ان مان خيال ٿئي ٿو تہ اهو غالباً ڪلهوڙن جو خاص لباس هو. مذڪوره بيان مان ظاهر آهي تہ اهي ماڻهو پٽڪو هڪ نرالي نموني سان ٻڌندا هئا، جنهن جي ٻنهي پاسي ڪنڊون ۽ مٿي چپترو هوندو هو. [2]

---

[1] سنڌ بابت ذاتي مشاهدا"، ص 36.

[2] "رؤساي پنجاب"، جلد 4، ص 578.

هي ماڻهو حڪومت کان محروم ٿيڻ بعد به حڪمرانيءَ واري دور جي تڪلف تي قائم هئا. مثال طور، جيڪو شخص پنهنجي خاندان جو رئيس بنبو هو، ان جي ويهڻ لاءِ هڪ خاص قسم جي مسند وڇائي ويندي هئي؛ هو جڏهن ان تي اچي ويهندو هو، تڏهن ملاقات لاءِ پل تہ ڪهڙو به وڏو ماڻهو اچي، تہ ان جي تعظيم لاءِ نہ اٺندو هو [1].

فوج: يقين سان معلوم ٿي نہ سگهيو تہ ڪلهوڙن جي فوج ۾ باقاعدي ۽ مستقل فوج ڪيتري هئي ۽ خاص ضرورت جي موقعي تي ڪيتري فوج جنگي ميدان تي آڻي سگهيا ٿي. هنن جون سرحدون چڱيءَ حفاظت جون محتاج هيون ۽ هر سرحدي قلعي ۾ ڪين اهڙا فوجي دستا رکڻا پوندا هئا، جي اوچتيءَ ضرورت پيش اچڻ تي بچاءَ جو فرض پوريءَ ريت ادا ڪري سگهن. جيئن تہ امن قائم ڪرڻ لاءِ هنن کي ملڪ جي مختلف حصن ۾، خاص ڪري ڪچ ۽ ماروائڙ جي طرف به قلعا ٺهرائڻا پيا هئا، انهيءَ ڪري يقين آهي تہ انهن قلعن ۾ فوج جو چگو اندازو مقرر هوندو.

ميان يار محمد هڪ موقعي تي، جڏهن قندار جي فتح لاءِ مغل دربار ۾ مشورا ٿي رهيا هئا، چيو تہ آءٌ پاڻ ويهہ هزار پيادا، سوار ۽ توپچي وٺي ايندس يا پنهنجي ڪنهن پٽ کي موڪليندس[2]. جڏهن دائود پوٽن سان پهرئين دفعي ڪشمڪش ٿي ۽ ميان يار محمد لڙائيءَ لاءِ ميدان ۾ آيو، تڏهن، "جواهر عباسيہ" جي بيان مطابق، ساٺس "سپاهِ گران" ۽ "فوج بيڪران" هئي [3]. ميان نور محمد خان جي دور ۾ شڪارپور تي حملو ٿيو، تڏهن "جواهر" جو بيان هيءُ آهي تہ ميان، مير شهداد ٽالپر کي اڪثر روانو ڪيو ۽ ان جي پٺيان پاڻ به لاڙڪاڻي پهتو: ان سان گڏ ست هزار سوار ۽ پيادا هئا. [4]

---

(1) "رؤساي پنجاب"، ج 4، 578.
(2) "گلدستہ نورس بهار"، ص 58.
(3) "جواهر عباسيہ"، ص 90.
(4) "جواهر عباسيہ"، ص 97.

"نامہ نغز" ۾ ميان جي فرزندن، ويجهن عزيزن ۽ وڏن وڏن سردارن جي ذڪر ڪندي، ڪن جي لشڪر جو تعداد ٻڌايو ويو آهي- مثلاً محمد مراد ياب ۽ ان جي سيني پائرن مان هر هڪ کي ٽيهه ٽيهه هزار فوج هئي خود ميان صاحب جي متعلق لکيل آهي تہ خداآباد ۾ رهندو هو:

در آن شهر عباسيء نامدار،
نشته با لشکر صدر هزار.

(هن شهر ۾ نامور عباسي هڪ لک فوج سان ويٺو هو.)

انهن متفرق بيانن کي سامهون رکندي، يقين سان چئي سگهجي ٿو تہ ڪلهوڙن جي فوج يقيناً زبردست هئي ۽ ان جو تعداد مجموعي طور هڪ لک کان گهٽ نہ هوندو؛ ضرورت جي موقعي تي، هو انهيءَ کان بہ زياده فوج ڪٺي ڪري سگهندا هوندا. پوسٽنز لکيو آهي:

سنڌ جا نهيل هٿيار ۽ اوزار هندستان جي ٻين حصن جي نهيل هٿيارن کان تمام اعليٰ هوندا آهن- خاص ڪري بندوقن جون نالين، جن ۾ دمشق جي نموني جيان خم ڏنو وڃي ٿو.... سنڌ جي تلوارن جا قر تمام وڏا، نميل ۽ حد درجي تيز ٿين ٿا ۽ انهن کي نهايت عمدي طريقي سان پاڻي ڏنو وڃي ٿو. [1]

فوج جي فداڪاري: ڪلهوڙن جي هردلعزيزيءَ جو نقشو مٿي بيان ٿي چڪو آهي. فوجين جي فداڪاريءَ متعلق بہ ميان يار محمد خان جي شخصيت جي سلسلي ۾ چند شاهديون اڳي پيش ٿي چڪيون آهن؛ ليڪن موضوع جي مناسبت جي تقاضا هيءَ آهي تہ انهن جي ٻيهر ورائڻ کي بيفائدو نہ سمجهي، وري هڪ دفعو فوج جي اها خصوصيت واضح ڪئي وڃي، جنهن ڪلهوڙن جي تعلق ۾ سنڌي فوج کي يگانگيءَ جي درجي تي رسائي ڇڏيو. مثلاً ميان صاحب چوي ٿو:

---

[1]. "سنڌ بابت ذاتي مشاهدا"، ص 103-104.

1. منهنجو لشڪر دنيائي فائدي کان متي آهي. ان کي هِن خادم الفقراء سان عقيدتمنديءَ جو تعلق آهي ۽ هيءُ تعلق وڏن کان وٺي پشت بشت هلندو اچي ٿو. هي ماڻهو جان نثاري ۽ جانفشانيءَ جي درجي تي پروانن وانگر بيتاب ۽ مضطرب رهن ٿا. [1]

2. اراتمند فقير ۽ عقيدتمند بلوچ، ڪي اڄ کان سچا مريد نہ آهن، بلڪ انهن جي جان نثاري ۽ حق پرستيءَ جو جوهر پشتان پشت روشن هلندو اچي ٿو. هي ماڻهو پنهنجي عزت، حياتي ۽ اولاد کي اراتمنديءَ جي راهہ ۾ بيڏڑڪ قربان ڪريو ڇڏين. مان ٻہ انهن کي پنهنجي جان ۽ دل کان وڌيڪ پيارو سمجهان ٿو ۽ خدا جو شڪر آهي تہ انهن مان ڪنهن کي ٻہ شريعت جي قانون کان ٻاهر ڪڍهن ٻہ ڪو ڏڪ نہ پهچايو ويو آهي. خدا نہ ڪري، جيڪڏهن انهن کي اسان کان ڪا تڪليف ٻہ پهچي ٿي، تہ ان تڪليف کي هو اسان خاطر خنده پيشانيءَ سان ۽ نهايت صبر سان برداشت ڪن ٿا، هي انهن جي اعتقاد جي صحيح هجڻ جو ڪرشمو آهي. [2]

---

[1] "گلدسته نورس بهار"، ص 59.

[2] گلدسته نور بهار"، ص 109.

باب چويهون

كلهوڙا حكومت جا اميرءِ اكابر

معلوماتي ڪيفيت: ڪلهوڙا حڪومت جي سڀني اميرن ۽ اڪابرن جو احوال معلوم ٿي نہ سگهيو. ڪن فوجي ۽ سياسي هستين جو ذڪر گهٽن هنڌن آيو آهي. هن دور جي ڪن عالمن ۽ فاضلن جا حالات مختلف سلسلن ۾ بيان ٿيا آهن. عالمن، صوفين، اديبن ۽ شاعرن جا حالات الڳ لکيا ويندا؛ هن باب ۾ فقط فوجي ۽ سياسي هستين جا حالات ترتيبوار گڏ ڪيا ويا آهن، گويا هيءُ گلدستو مختلف ٻارين مان گل چوندي تيار ڪيو ويو آهي.

خاندان جا فرد: ڪلهوڙا خاندان مان جيڪي ماڻهو حڪومت جي سلسلي ۾ ذڪر لائق سرگرمين جا اڳواڻ بنيا، تن جو احوال ترتيبوار بيان ٿي چڪو آهي.

ڪن شخصن جون ساريون حياتيون گمنامي ۾ گذريون. قياس هيءُ آهي تہ انهن کي گذران لاءِ حڪومت طرفان وظيفا ملندا رهيا ۽ هو انهيءَ حالت ۾ ئي وفات ڪري ويا. ڪن متعلق ڪجهہ ڳالهيون مختلف بيانن مان ظاهر ٿين ٿيون. مثلاً، جنهن زماني ۾ ميان نور محمد خان پنهنجو وصيت نامو لکيو، ان زماني ۾ ان جي پائرن مان ميان دائود، ميان غلام حسين ۽ ميان محمد خان يقيني طور فوت ٿي چڪا هئا: جيئن تہ وصيت نامي ۾ ڪ هنڌ لکي ٿو، "برادرم مغفور محمد خان"؛ ۽ ٻئي هنڌ لکي ٿو، مرحوم المغفور غلام حسين". ميان دائود خان جو ڪٿي بہ ذڪر يل نہ آهي؛ باقي ان جي فرزند محمد عليءَ جو ذڪر موجود آهي. نامہ نغز" ۾ محمد عارف، عزت خان، پيروز خان ۽ پائي خان کي

عزيزن ۾ شامل ڪيو ويو آهي. حڪيم محمد صادق عباسيءَ، محمد اسلام ۽ محمد عارف کي ميان صاحب جا سڳا پائر ٻڌايو آهي. ظاهري طرح سان "نامہ نغز" جو بيان ئي زياده ترجيح جو مستحق آهي. پائي خان ان وفد جو اڳواڻ هو، جو ميان نور محمد وڏن قيمتي تحفن سان گڏ، هڪ دفعي احمد شاهہ ابداليءَ جي دربار ۾ موڪليو هو. ميان صاحب جي وصيتنامي مان ظاهر ٿئي ٿو تہ محمد سلام خان جا پٽ محمد شفيع، شاهہ محمد، محمد عارف ۽ سائينڏنو بہ عزيزن ۾ شامل هئا.

مير علي شاهہ "شائق" پنهنجي طويل قصيدي ۾، ميان عبدالنبيءَ جي پائيٽي شاهہ محمد سان گڏ، خاندان جي هيٺين ماڻهن کي مشهور ڄاڻايو آهي: شفيع محمد، گل محمد، محمد وارث ۽ محمد باقر.

تالپر: عزيزن کان پوءِ سيني کان زياده ذڪر لائق تالپرن جو خاندان آهي، جنهن ڇهن پيڑهين تائين ڪلهوڙا حڪمرانن جون بهترين خدمتون انجام ڏنيون ۽ آخر ۾ اهو ئي خاندان ڪلهوڙا حڪومت جو وارث ۽ جانشين بنيو. انهن مان مير شهداد، مير بهرام، ميربجار، مير صوبدار، مير عبدالله خان ۽ مير فتح خان جا حالات تفصيل سان بيان ٿي چڪا آهن. باقي فردن مان مير چاڪر، جام نندو ۽ مير شاهو خاص طور قابل ذڪر آهن. مير چاڪر ۽ جام نندو مير شهداد جا پٽ ۽ مير بهرام جا پائر هئا. مير شاهو، مير شهداد جي پاءُ شاهک جو پٽ هو. هي ٽيئي بہ مير بهرام وانگر سيني جنگي مهمن ۾ شريک رهيا ۽ کين ميان نور محمد خان جا وڏا فوجي جرنيل مجيو ويندو هو. هنن متعلق معلوم ٿي نہ سگهيو تہ ڪهڙي زماني ۾ وفات ڪيائون. "نامہ نغز" مان صرف ايترو پتو پوي ٿو تہ مير چاڪر جو مرڪز شاهپور هو ۽ مير شاهوءَ جا ٻہ فرزند هئا- هڪ جو نالو مقصود خان ۽ ٻئي جو آلودو خان هو.

شاهه بهارو: ڪلهوڙن جي ناليرن فوجي جرنيلن مان شاهه بهارو خاص طور قابل ذڪر آهي. ميان يار محمد خان جي دور ڪان وٺي پنهنجيءَ وفات جي عرصي تائين سيني وڏين لڙاين ۾ اڳرو رهيو ۽ زياده لڙائين ۾ سندس بهادريءَ سان ڪاميابيون حاصل ٿيون. هن، ڪيترائي قلعا نهرايا، هر هنڌ واهه کوٽايا، لاڙڪاڻي علاقي جو ناظم رهيو ۽ پنهنجي انتظامي دور ۾ علاقي کي آباد ڪرڻ جي ڪوشش ۾ ڪابه ڪوتاهي نه ڪيائين. سن 1148ھ (1736-35ع) ۾ فوت ٿيو ۽ پنهنجي پٺيان چار فرزند ڇڏيائين. "نامه نغز" انهن مان هڪ جو نالو مقصود ٻڌايو آهي ۽ ٻئي جو فتح خان، باقي ٻن جا نالا ڪٿان به معلوم ٿي نه سگهيا.

مختلف فرد: مشهور فوجي جرنيلن مان هيٺين جا نالا ڪيترن ئي هنڌن تي آيا آهن: بلاول، سلطان، خيرو، ڪمال ۽ ان جو پٽ پاڪٽ ۽ پائر، ڦتوحل، راڄوليڪي، بلاول ليڪي، غلام محمد ڪهاوڙ، تاجو ليڪي، مراد ڪليري، جنهن کي ڪن هنڌن تي مراد ڳنجو به لکيو ويو آهي، الله بخش ليڪي، الهه بخش جنجهڻ، پيروز ڪليري، محمد حسن ڪهاوڙ، محراب جتوئي، ڏڳڙو جتوئي، پيروز خان ٽالپر، مرزو فقير، باگو خان، بالڪ رام، ميرڪ محمد حسن احسن شيخ الاسلام هو.

وڪيل ۽ مشير: ميان يار محمد خان ۽ ميان نور محمد جي دور تائين جن ماڻهن وڪيلن ۽ مشيرن جي حيثيت سان ڪم ڪيو، انهن مان هيٺيان شخص خاص طور ذڪر لائق آهن: سبزل خان آخوند محمد صالح، حافظ احمد علي، ديوداس مهتو، مولراج، ڪرن مل مهتو، ملا محمد يار، درگاهي، شيخ عزيز الله ۽ ان جو ساٿي ديوان گلو مل ۽ ان جي پاءُ جسپت راءِ کي به شامل ڪرڻ گهرجي. انهن سيني جا حوالا "گلدستهء نورس بهار" ۽ ڪن ٻين ڪتابن ۾ ملن ٿا؛ ليڪن انهن سيني ۾ اول درجو مير لطف الله کي حاصل

آهي، جو 'مير متارو' جي نالي سان مشهور هو. مير صاحب جي والد جو نالو عبدالڪريم هو. هيءُ دهليءَ جي دربار ۾ وڪيل مقرر ٿيو هو. هن انندرام 'مخلص' سان گهرا دوستاڻا تعلقات پيدا ڪيا. 'مخلص' جي خطن مان ٿي خط هن جي نالي آهن. "تحفة الڪرام" جو بيان آهي:

پس وزير اعليء ميان نور محمّد واليء سند شده نام نيکو به سلوکِ عام و خاص يادگار مانده- در ايامِ دولت به استرضا و تمشيت مهام سادات و اڪابر و علماء توفيق وافي يافته نام آور سند و هند بر آمد.[1]

(ان بعد، هو ميان نور محمد خان سنڌ جي واليءَ جو وڏو وزير بنجي ويو ۽ عام خاص ماڻهن سان ڪيل سهڻو سلوڪ پنهنجي پنيان يادگار ڇڏي ويو. هن پنهنجي وزارت جي دور ۾ ساداتن، اڪابرن ۽ علمائن جي خوشنودي حاصل ڪرڻ لاءِ، انهن جي ڪمن ڪرڻ ۾ ڪابه ڪوتاهي ڪانه ڪئي. انهيءَ بنياد تي، هن ڪي سنڌ ۽ هند ۾ ناموري حاصل ٿي.

"نامهء نغز" جي بيان مطابق، نادر شاهه مير موصوف کي پنهنجي ايلچيءَ سان گڏ دهليءَ مان ميان نور محمد خان ڏانهن روانو ڪيو هو. 1160 هـ (سن 1748ع) ۾ مير صاحب وفات ڪئي. محمد پناهه 'رجا' جو ڪافي مدت تائين مير وٽ ملازم رهي چڪو هو، هڪ قطعو چيو، جنهن ۾ تاريخ جو بيت هيءُ هو:

هر ڪه آمد برسرِ قبرش بتاريخِ وفات،
"رحمت ايزد بجانِ مير لطف الله" گفت[2]

مير لطف الله جو هڪ پاءُ مير شهزادو هو، سو به 1160هـ ۾ فوت ٿي ويو. قاضي عبدالقادر هن جي وفات جي تاريخ چئي:

---

(1). 'تحفة الڪرام'، ص 139.
(2). "مقالات الشعرا"، ص 123.

گرفتہ مسکن باشه شهيد شهزاده -1160 هـ[3]

منشي عبدالروف: شروعاتي دور جي منشين مان، مير منشي عبدالرؤف تمام ممتاز ۽ نمايان آهي. هي سهتا قوم جو فرد هو. ڪن ماڻهن جو چوڻ آهي تہ هن جو اصلي وطن هنگورجا هو. بنا ڪنهن تردید جي، ڇئي سگهجي ٿو تہ انشاء جي فن ۾ سنڌ جي زمين ٻيو ههڙو ڪوبہ شخص پيدا نہ ڪيو. هو پهريائين بختيار خان وٽ ملازم هو؛ پوءِ ميان يار محمد خان جي ملازمت اختيار ڪيائين ۽ مير منشيءَ جي خدمت تي مامور رهيو.

تاريخ 18 ربيع الاول سن 1140 هـ (23 آڪٽوبر 1827ع)، سومر رات، پهرئين پهر وفات ڪيائين. "گلدستہ نورس بهار" هن جي لکيل خطن جو مجموعو آهي، جن کي سندس پٽ منشي محمد وفا مرتب ڪيو هو. "تحفة الڪرام" ۾ لکيل آهي تہ انهن خطن جا ڪيترائي جلد، مرتب ٿي، انشاء جي فن جي شاهن وٽ ڦرندا رهيا. منشي عبدالرؤف جي جاءِ تي سندس ڏوهٽو عبدالله مقرر ٿيو، جنهن مرادياب خان جي دور ۾ وفات ڪئي. ميان غلام شاهہ جي دور ۾ منشي عبدالرؤف جو پاءُ محمد حفيظ منشي گريءَ جي خدمت تي مامور هو [1].

شيخ غلام محمد ۽ شيخ شڪر الله: هي ٻئي سڳا پائر هئا. هنن جي والد بزرگوار جو نالو غالباً شيخ عزيز الله هو. هو سيوستان جو رهاڪو هو، جو پوءِ عالمگير جي دور حڪومت ۾ مسلمان ٿيو ۽ ڪلهوڙن جي ابتدائي دور ۾ مختلف خدمتن تي مامور رهيو. غلام محمد بہ تمام وڏيءَ عزت وارو امير هو. جڏهن نٽي جي امت ميان نور محمد خان کي ملي، تڏهن غلام محمد کي نظام سنيالڻ لاءِ موڪليو ويو هو. ميان محمد مرادياب خان کي

. "مقالات الشعراء"، ص 192

"تحفة الڪرام"، جلد 3، ص 124.

جڏهين نادر شاهه سان گڏ وڃڻو پيو، تڏهين غلام محمد به ساڻس گڏجي ويو هو. هن مسقط ۾ شهادت پاتي. ننڍيو ڀاءُ شڪر الله سالن تائين ننڍي جو ناظر رهيو ۽ ان بعد ڪيس مسقط روانو ڪيو ويو ته محمد مراد ياب خان کي وڃي پاڻ سان وٺي اچي. ان ئي سفر ۾ هو زهر سان شهيد ٿيو. محمد پناهه 'رجا' انهن ڀائرن جي شهادت تي جيڪو قطعو لکيو هو، سو اڳ ۾ ئي نقل ٿي چڪو آهي؛ ان جو تاريخي بيت هيءُ هو:

شد آن يکي پيءِ حسن سنت حسين،
و آن ديگري به پيروي سنت حسن.

پهرينءَ مصرع مان شيخ غلام محمد جي شهادت جي تاريخ (1163ھ) نڪري ٿي ۽ بيءَ مصرع مان شيخ شڪر الله جي شهادت جي تاريخ (1164ھ).

ميان عبدالنبيءَ جو دور: ميان عبدالنبيءَ جي دور ۾ مختلف اڪابرن جو حال لکيو آهي، اهو پڻ ملاحظ ڪريو.

1. خاص ملازم: جاين جو داروغو، 'داروغئ حنيان گران'، 'رئيس ـــ نقيبان' ۽ لطف الله:

غير لطف الله کاندر ياريء اهل دل ست،
هيچ يک را بندهٔ احسان نيم، شڪر خدا.

واضح هجي ته هن کي مير لطف الله عرف مير متارو نه سمجهڻ گهرجي، هيءُ ڪو ٻيو شخص آهي.

2. خدمت ۾ حاضر رهندڙ شڪر الله، خاص همدم[1] مظفر، آبدار صادق علي خان، سالار.

3. ناظر: منور، حيدرعلي، جواهر، (؟) زمرد، ياقوت.

4. متصدي: ٻالڪ رام، ڳلاب راءِ، ڳوملڙ.

---

[1]. هيءُ شڪر الله، شيخ غلام محمد جي ٻاهر شيخ شڪر الله کان سواءِ ڪو ٻيو شخص آهي.

5. عمال: اجو مل، دتهر، ڦتو ڪوڪر.
6. توشڪچي: تارا چند، هرراءِ، سهج رام، ماڻڪ، مولچند.
7. وڪيل: "شائق"، رحمت الله ڪان سواءِ ڪنهن جو به نالو نه لکيو آهي. هو چوي ٿو:

هيچ ڪس جز رحمت الله دوا سازش نديد،
از پئي بيماريء افلاس محتاج- دوا.

8. ميان عبدالنبيءَ جو ماسات چامن ۽ پير محمد جوٽيجو.
9. سيد عابد شاهه ۽ قاضي احمدي، ٻئي علم ۽ فضل ۾ يگانا هئا.
10. علماءَ: قاضي ابراهيم، مولوي خان محمد، مولوي غريب الله ۽ حافظ احمد پويان ٽيئي ميان عبدالنبيءَ جي صاحبزادن جا استاد هئا.

"شائق" پڇاڙيءَ ۾ ٽالپرن جو ذڪر تفصيل سان ڪيو آهي، ان جو ورجائڻ ضروري نه آهي.

ڪلهوڙا حڪومت جو خصوصيتون: ڪلهوڙا حڪومت جون ڪي خصوصيتون پڌ ڏيان جوڳيون آهن، مثلاً:

1. هن حڪومت جي شروعات درويشي ۽ پيري- مريديءَ مان ٿي ئي. ميان نور محمد خان جي دور تائين حڪمرانن جي مرشديءَ و سلسلو بنا ڪنهن رندڪ جي بدستور قائم رهيو- هو روزانو ريدن کي تصوف جي مروج آداب مطابق توجهه ڏيندا هئا ۽ انهن ي تربيت ڪندا هئا. مرادياب خان جي وقت ۾ هيءُ سلسلو ختر ي ويو. يقين آهي ته ميان غلام شاهه جي دور ۾ اهو سلسلو وري روع ٿي ويو: انهيءَ ڪري جو سرائي فقيرن مرادياب خان جي بڪار هجڻ جو وڏو سبب هيءُ ٻڌايو هو ته هن خاندان جي روحاني بيت واريءَ رسم کي ڇڏي ڏنو هو، سو جيستائين ميان غلام اهه هن رسم کي نئين سر جاري نه ڪيو هوندو، تيستائين ڪيس سند جو لائق ڪيئن مجيو ويو هوندو.:

هن حڪومت جو هڪ خاص عقيدو هيءُ هو ته اڪثر امير ۽ ئيس حڪومت جي واليءَ جا مريد ٿيندا هئا ۽ انهن کي 'فقير' جي

لقب سان ياد ڪيو ويندو هو- جيئن ته شاهه بهارو "فقير" ۽ مير شهداد بلوچ "فقير". هن مان اندازو ٿي سگهي ٿو. ڪلهوڙن حڪومت جي ديبي ۽ شان حاصل هجڻ جي باوجود فقر جي سلسلي کي هر ڳالهه ۾ قائم رکيو. قياس چوي ٿو ته ميان آدم شاهه جي وقت کان سيني مريدن کي "فقير" جي لقب سان ڪوٺيو ويندو هو. هيءُ خطاب جو طريقو ميان يار محمد خان ۽ ميان نور محمد خان حڪمرانيءَ جي درجي تي پهچڻ کان پوءِ به ترڪ نه ڪيو، بلڪ ان کي اڳئين کان به زياده ممتاز ۽ نمايان ڪري ٻيهاريو. حڪومتون پنهنجن وڏيءَ عزت وارن اميرن کي خطاب ڏينديون هيون، مگر ڪلهوڙن "فقير" کان وڏو خطاب ڪنهن به شخص کي نه ڏنو.

3. ڪلهوڙا حڪومت ۾ جن شخصن کي ترقي ۽ پنهنجائپ جو سڀ کان مٿانهون درجو ڏنو ويندو هو، ان کي "برخوردار" جي خطاب سان مخاطب ڪيو ويندو هو: مثلاً "برخوردار" شاهه بهارو فقير، "برخوردار" شهداد بلوچ فقير. ميان نور محمد خان جڏهن و صيت نامو لکيو هو، تڏهن پنهنجن فرزندن ۽ عزيزن سان گڏ شيخ غلام محمد ۽ شيخ شڪر الله جو ذڪر به خاص طور ڪيو هو ۽ انهن لاءِ "برخوردار" جو ئي لفظ استعمال ڪيو هئائين:

> "و برخوردار شيخ غلام محمد و شيخ شكر الله را به منزله برادري دانند كه آنها نمک حلال و فدوي هستند و شيخ غلام محمد جفا ديده و محنت كشيده است."[1]
>
> (برخوردار شيخ غلام محمد ۽ شيخ شڪر الله کي پائرن وانگر ڄاڻندا رهجو- هي ٻيئي نمڪ حلال ۽ وفادار آهن. شيخ غلام محمد ڪافي سختيون ڏٺيون آهن ۽ تڪليفون سٺيون آهن.

---

[1]. "منشورالوصيت" ص 22.

باب ستاويهون

اقتصادي حالات جو نقشو

[1]

معلومات جي ڪوٽ: اقتصادي حالات متعلق مختلف ڳالهيون مٿي بيان ٿي چڪيون آهن؛ ليڪن هن پهلوءَ تي ڪجهه تفصيل سان گفتگو ڪرڻ کان سواءِ پورو اندازو ٿي نٿو سگهي ته ڪلهوڙن جي دور ۾ سنڌ جي اقتصادي حالت ڪهڙي هئي. مصيبت هيءَ آهي ته معلوماتي وسيلا وڌيءَ حد تائين گهٽ آهن.

"آئين اڪبري" ۽ "مظهر شاهجهاني" مان گهٽو ڪجهه اخذ ڪري سگهجي ٿو؛ ليڪن هي ٻئي ڪتاب مغلن جي دور جو نقشو پيش ڪري سگهن ٿا، باقي ڪلهوڙن جي دور بابت منجهن ڪابه معلومات نه آهي. جيڪڏهن هن دور جو ڪو معمولي ڪتاب به هٿ اچي ها، ته هوند پهرئين دور جو مقابلو ڪري ڏيکاري سگهجي ها ته سنڌ جي هن ملڪي حڪومت ملڪ واسين لاءِ ڇا ڪجهه ڪيو.

مسٽر چيلاٽيءَ چئن يورپي سياحن جي بيانن جو ذڪر ڪيو آهي. انهن مان نڪولس وٽنگٽن سن 1606 ۾ آيو، فادر منريق سن 1640 ۾، نڪولائي منوچي سن 1655ع ۾ ۽ ڪپتان الیگزينڊر هئمٽلن سن 1699ع ۾[1]. پوئين سياح جي اچڻ کان اٽڪل ٻن سالن بعد ميان يار محمد خان ڪي اُتر سنڌ جي هڪ حصي جي نظامت ملي هئي، لهذا انهن سياحن جي بيانن مان اسان جي موضوع واري دور متعلق ڇا حاصل ڪري سگهجي ٿو؟

---

(1). "سنڌ جي اقتصادي تاريخ"، ص 5.

ٽالپرن جي ابتدائي دور ۾ جن انگريز ايجنٽن ۽ ڪارندن جي آمد شروع ٿي چڪي هئي، انهن جا بيان موجود آهن، مثلاً ڪرو، ايلس، پاٽنجر، دل هوسٽي، ميڪ مرڊو، ڊاڪٽر برنز، پوسٽنز، برٽن، اليگزينڊر برنز؛ ليڪن انهن سيني ٽالپرن جي دور جا حالات بيان ڪيا آهن: ۽ ائين ڪرڻ مناسب نه ٿيندو ته مغلن ۽ ٽالپرن جا حالات سامهون رکي وچ جي خال کي قياس آرائيءَ جي بنياد تي پُر ڪيو وڃي. تاريخي واقعن لاءِ قياس آرائي هڪ حد تائين مناسب ڄاڻي سگهجي ٿي، ليڪن ڪنهن علائقي جو اقتصادي نقشو فقط قياس ۽ خيال جي بنياد تي ڪيئن تيار ڪري سگهجي ٿو؟

ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جا ڪاغذات: ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي تجارتي ڪوٺي سنڌ ۾ پهرين پهرين 1635ع ۾ قائم ٿي، جا 1662ع تائين قائم رهي. ٻئي دفعي، ميان غلام شاهه سن 1758ع ۾ سنڌ جي ڪوٽين وجهڻ جي اجازت ڏني ۽ پوءِ اها، سن 1775ع ۾، ميان سرفراز خان جي دور ۾ بند ٿي. بيءَ واپاري ڪوٺيءَ جي ڪاغذن مان يقيناً ڪجهه معلومات حاصل ڪري سگهجي ٿي، ليڪن هيءَ حقيقت واضح ڪري ڇڏڻ گهرجي ته ان معلومات کي نڪو اقتصادي حالات جو مڪمل دفتر قرار ڏيئي سگهجي ٿو ۽ نه ئي ان جي هر بيان کي اکيون پوري قبول ڪري سگهجي ٿو. هيءُ معلوم آهي ته ڪن اهم تاريخي واقعن متعلق انگريزن جيڪي تعبير ڪيا، اهي مؤرخانه ۽ غير جانبدارانه تعمبير نه هئا، بلڪ انهن سيڪجهه پنهنجي ئي فائدي ۽ منافعي جي نقطه نگاهه سان ڏٺو ۽ انهيءَ نقطه نگاهه سان ان تي چگو يا برو ظاهر ڪيو. زير غور معاملي ۾ به خبرداريءَ کان ڪم وٺڻ نهايت ضروري آهي. ان نموني مختلف ذريعن سان جيڪي ڪجهه حاصل ٿيو، تنهن کي اختصار سان هيٺ ڏجي ٿو:

سنڌوندي: جن اهل قلم سنڌ کي مصر سان مشابهت ڏني آهي [1]، انهن جي سامهون فقط هيءَ حقيقت هئي ته جهڙيءَ طرح نيل ندي مصر جي سرزمين لاءِ شهہ رڳ جي حيثيت رکي ٿي، تهڙيءَ طرح سنڌوندي‌ءَ کي به سنڌ جي سر زمين ۾ شهہ رڳ جي حيثيت حاصل آهي. هيءُ ملڪ انهيءَ ئي درياهہ جي ريٺ مان ٺهيو ۽ اهو ئي درياهہ هن جي سموريءَ زرخيزيءَ جو حقيقي سرچشمو آهي. نيل جو جڏهن پاڻي چڙهي، تڏهن آسپاس جون زمينون سيراب ٿين ۽ انساني حياتيءَ جي شروعات کان وٺي اتي جا ماڻهو آزاديءَ سان کيتيءَ جو ڏنڏو ڪندا آيا آهن. سنڌ جي به اها ئي ساڳي حالت آهي. مصر وانگر هتي به برسات تمام گهٽ پوي ٿي؛ ليڪن درياهہ جڏهن مقرر موسم ۾ چاڑهہ تي ايندو هو ۽ هن جو پاڻي ڪنارن جي مٽان چلڪٽ لڳندو هو، ته ميلن تائين زمينن جي آبياريءَ ٿي ويندي هئي ۽ ڪنهن خاص محنت ۽ مشقت کان سواءِ ڪافي اناج پيدا ٿي وينلو هو. اهوئي سبب آهي جو برصغير هندستان ۾ زندگيءَ جا ابتدائي نقش سنڌوندي‌ءَ جي ئي ڪنارن تي ڇنڇوٽ شروع ٿيا. هيءَ ندي مختلف وقتن تي پنهنجو وهڪرو بدلائيندي رهي. سنڌ جا سمورا مشهور تاريخي شهر، جي اڄ يا ته منجي چڪا هن يا فقط معمولي شهرن ۽ ڳوٺن جي حيثيت اختيار ڪري چڪا هن، سي هن جي ڪنارن تي آباد هئا- مثال طور الور، منصوره، ڪر، برهمڻ آباد، ديبل، لاهري بندر، سيوهڻ، نصرپور، ٺٽو، وغيره. مدن جي ترقيءَ سان گڏوگڏ ماڻهن خود به نديءَ جي پاڻيءَ مان فائدي حاصل ڪرڻ جون ڪوششون ڪيون؛ واهہ کوٽايا، زراعت جي ترقي ڏني ۽ ملڪ جي آباديءَ کي وڌايو.

شروعاتي ڪلهوڙا ۽ آخري ڪلهوڙا: ڪلهوڙن جي دور حڪومت تي غور ڪرڻ وقت، هيءَ حقيقت به سامهون رکڻ

---

[1]. ڪپتان ايسٽ وڪ ته سنڌ بابت پنهنجي هڪ مشهور ڪتاب ۾ هن علاقي کي سنڌ جي ان "نوخيز مصر" (Young Egypt) جاڻايو آهي.

گهرجي تہ شروعاتي ڪلهوڙن جو نقطہ نگاھ ۽ طريقہ ڪار هڪڙو هو ۽ پوءِ جي دور ۾ هن خاندان جا جيڪي شخص حڪومت جي مسند تي پهتا، انهن جو نقطہ نگاھ ۽ طريقہ ڪار ٻئي نموني جو هو. هن حقيقت جو صحيح اندازو سڀ کان اول مسٽر ڇٻلاڻيءَ ڪيو. هو ابتدائي ڪلهوڙن ۾ فقط ميان يار محمد خان ۽ ميان نور محمد خان کي شمار ڪري ٿو ۽ باقي ٻين سڀني کي آخري ڪلهوڙن ۾ شمار ڪري ٿو [1]- مثلاً مراد ياب خان، غلام شاھ خان، عطر خان، احمد يار خان، سرفراز خان، محمود خان، غلام نبي خان ۽ عبدالنبي خان- جيتوڻيڪ ٻنهي گروهن ۾ فرق ۽ تفاوت جا مڙيئي پهلو مسٽر ڇٻلاڻيءَ واضح نہ ڪيا آهن.

يار محمد خان ۽ نور محمد خان متعلق مسٽر ڇٻلاڻيءَ لکيو آهي تہ مجموعي حيثيت سان انهن حڪومت جو ڪاروبار وڏي تدبر، دانائيءَ ۽ دوراندیشيءَ سان هلايو:

هو ٻئي تمام وڏا بهادر هئا ۽ امن جي مقصدن لاءِ بہ اهڙا ئي عظيم الشان هئا[2].

صاحب موصوف غلام شاھ جي تعريف بہ ڪئي آهي ۽ ان سان گڏ هيءُ بہ لکيو آهي تہ هن ملڪ کي هڪ وڏي تباهي آڻيندڙ جنگ ۾ الجهائي وڏو ۽ جيڪي فتحون پاڻ حاصل ڪيائين، ان لاءِ وڏي قيمت ادا ڪرڻي پيئي. پوءِ جا ڪلهوڙا حاڪمن جون خانہ جنگيون ۽ سازشون ٻيهر بيان ڪرڻ جون محتاج نہ آهن.

ابتدائي دور جا حالات: ميان يار محمد خان ۽ ميان نور محمد خان جو نصب العين مختصر لفظن ۾ هيءُ هو:

1. ڪشمڪش ۽ لڙائين کان حتي الامڪان پاسو ڪيو وڃي.
2. آهستي آهستي ملڪ کي متحد ڪيو وڃي.

---

(1). "سنڌ جي اقتصادي تاريخ"، انگريزي، ص 18.
(2) "سنڌ جي تاريخ"، انگريزي، ص 18.

3. جيڪو علائقو انتظام هيٺ اچي، ان جي آباد ڪرڻ ۾ ڪابه ڪوتاهي نه ڪئي وڃي. فسادين کي سزائون ضرور ڏنيون وڃن، ليڪن ان سان گڏوگڏ انهن لاءِ روزگار جو چگو بندوبست ڪيو وڃي، ته جيئن هو پنهنجين قوتن کي غير قانوني حرڪتن ۾ استعمال ڪرڻ بدران مفيد سرگرمين ۾ رڌل رکن- پاڻ ۾ خوشحال ٿين ۽ ملڪ کي به خوشحال بڻائين.

هيءُ نصب العين واضح يا غير واضح طور شروع کان ئي ڪلهوڙن جي سامهون رهيو. ميان آدم شاهه ۽ ان جي جانشينن اخلاقي ۽ عملي سڌارن جو جيڪو پروگرام شروع ڪيو هو، ان ۾ عوام جي معاشي اصلاح پڻ نمايان حيثيت ٿي رکي. مثال طور، شاهه علي عرف شاهل محمد بابت "تحفة الڪرام" جي مصنف لکيو آهي ته هن مريدن جو تعداد وڌايو ۽ زراعت کي به ترقي ڏني؛ لاڙڪاڻي وارو گهاڙ واهه به انهيءَ کوٽايو هو. هيءُ سلسلو ميان نصير محمد ۽ ميان دين محمد جي دور ۾ به جاري رهيو.

يار محمد خان کي سبيءَ ۽ گنجابه جي نظامت خود شهزادي محمد معزالدين ڏني هئي، جو ان وقت ملتان جو گورنر هو ۽ فقط انهيءَ ڪري هن 'سرڪش' ۽ 'باغيءَ' کي هن نوازش لاءِ چونڊيو ويو هو، جو سبي ۽ گنجابه جي انتظام ۾ ٿي ماٺهو هڪٻئي پٽيان ناڪام ٿي چڪا هئا. يار محمد کان سواءِ هن بوجهه کي کڻڻ ۽ ان جي ذميوارين کي سهڻي طريقي سان پوري ڪرڻ جي لائق ٻيو ڪوبه ڪونه هو. چا، هي يار محمد جي انتظامي صلاحيتن جو هڪ نهايت روشن ثبوت نه آهي؟ چا، هن تجربي جي ڪاميابيءَ ۾ ڪنهن کي شبهو ٿي سگهي ٿو؟

يار محمد خان ۽ نور محمد خان: يار محمد خان پنهنجي حڪومت جو انتظام به نهايت عمدي نموني سان ڪيو ۽ ان سان گڏ مختلف علائقا مقاطعي تي ونڻي انهن جي حالت پڻ سڌاري- ايتريقدر جو پنهنجي علائقي سان گڏ ٿئي جي حڪومت ۾ فسادين

جي ڪن- مهٽ لاءِ ٻہ هن ڪان مدد ورتي ويندي هئي. ميان نور محمد خان جي دور ۾ ساري سنڌ هڪ مرڪز هيٺ اچي ويئي. ڏٽي جي ڏاکڻي علائقي ۾ ڪجهہ فسادي رهجي ويا هئا، جن جي سرڪوبيءَ لاءِ ميان صاحب کي چڑهائي ڪرڻي پئي. هاڻ ان جي تعميري ڪارنامن جو سرسري ملاحظو ڪريو:

1. ميان نور محمد واهن جي ذريعي ملڪي آبادي وڌائڻ جو وڏو حامي ۽ سرپرست هو. هو جنگ جي ميدان ۾ جهڙو بهادر ۽ جوانمرد هو، تهڙو ئي زراعت جي ڪم کي ترقي ونائڻ ۾ ممتاز هو. هن جي دور حڪومت ۾ سنڌ جي زرعي پيداوار پنهنجي ڪمال ترقيءَ تي پهچي ويئي.

2. سنڌ ۾ واهن جو پهريون وڏو معمار ميان نور محمد خان ڪلهوڑو هو. هن جيڪي ٻہ وڏا واهہ تعمير ڪرايا، سي اتر سنڌ ۾ هئا، جتي سندس حڪومت جو پهرين پهرين بنياد پيو هو.

3. نظام گهاٽ جا ٽي وڏا واهہ، زرعي سڌاري جي هن وڏي حاميءَ کوٽايا. "نور واهہ" هن جي ئي نالي تي ٺهيو. "شاهہ جي ڪور" شاهہ بهاري ٺهرائي، جو ميان صاحب جو هڪ روشن- دماغ وزير هو. هن چانڊڪي (موجوده لاڑڪاڻو) ۾ ڪيترن ئي واهن جو انتظام ڪيو. "ڏاتي جي ڪور" ڏاتي کهاوڙ ٺهرائي هئي. نوشهري تعلقي ۾ "نصرت واهہ" نصرت چانديي کوٽايو هو. "مراد واهہ" مراد ڪليريءَ، "باگو واهہ" باگي سيال ۽ "پيروز واهہ" پيروز کوٽايو- هي ٽيئي ڪلهوڑا دربار جا امير هئا.[1]

نهايت عمدو نظام: پچاڙيءَ واري دور ۾ ٻہ واهن جي تعمير ٿيندي رهي: مثلاً "سرفراز واهہ" جو حيدرآباد ضلعي ۾ آهي،

---

[1]. "هيءَ معلومات "سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽي" جي جرنل مسٽر چبلائيءَ جي ڪتاب مان ورتل آهي. ملاحظہ هجي "جرنل" بابت آگسٽ 1937، ص 15-16 ۽ مسٽر چبلائي جو ڪتاب، ص 27-28.

سو سرفراز خان ڪلهوڙي سان منسوب آهي[1]. هيءَ ڳالهه وضاحت جي محتاج ڪانهي ته انهن واهن ۽ انهن جهڙن ٻين ڪيترن واهن جي ذريعي زراعت ۾ نهايت بي انداز ترقي ٿي- ملڪي پيداوار وڌي ويئي ۽ عام ماڻهو حلال جي پورهئي ۾ لڳي ويا ۽ خوشحاليءَ سان زندگي گذارڻ لڳا.

ڊاڪٽر سورلي لکي ٿو:

هيءُ سمجهڻ نهايت مناسب آهي ته واهن جو جيڪو نظام سن 1843ع ۾ ٽالپرن کان ورتو ويو هو. سو عام بهبوديءَ جي ڪمن منجهان هڪ اهڙي سلسلي جو نشان هو، جو ڪلهوڙن جي دور ۾ نهايت بهترين طريقي تي جاري هو.[2]

مسٽر ڇبلاٽيءَ جو بيان آهي ته

سنڌ ۾ واهن جي صفائيءَ، بحاليءَ ۽ توسيع ۾ ڪلهوڙن خاص طور وڏيون تڪليفون برداشت ڪيون ۽ تمام گهڻي رقم خرچ ڪئي. مسٽر لئمبرڪ بلڪل صحيح چيو آهي ته نادر شاهه 1739ع ۾ ميان نور محمد ڪلهوڙي تي سالياني ويهه لک خراج مقرر ڪيو هو ۽ احمد شاهه ابدالي مدت تائين باقاعدي وصول ڪندو رهيو. پوءِ ميان غلام ۽ ان جي جانشينن وڏي پيماني تي لڙائيون جاري رکيون. انهن سيني خرچن کي سنيالي، چئبو ته خزانو ڀرپور هو.[3]

حالات جو حقيقي نقشو: مسٽر لئمبرڪ اخراجات جي جيڪا ڪيفيت ٻڌائي آهي، حقيقي حالات جو نقشو ان کان وڌيڪ آهي. مثلاً:

1. نادر شاهه اٽڪل هڪ ڪروڙ رپين جي رقم ۽ جواهرات پاڻ سان کڻي ويو، ظاهر ۾ ڪلهوڙن جي خزانن ۽ دفنين کي خالي

---

[1]. سورلي جو ڪتاب "شاهه عبداللطيف"، ص 129.

[2]. سورلي جو ڪتاب "شاهه عبداللطيف"، ص 129.

[3] "سنڌ جي اقتصادي تاريخ" ص 30.

ڪري ويو. ان کان سواءِ، هن ويهه لک نہ بلڪ ڪن روايتن مطابق ايڪيهه لک رپيا سالياڻو تاوان پڻ عائد ڪيو.[1] ۽ ملڪي نظام کي بلڪل درهم برهم ڪري ويو.

2. ان کان پوءِ افغانن جي مصيبت نازل ٿي ۽ خراج باقاعدگيءَ سان ونبو رهيو، انهيءَ کان سواءِ تحفا پڻ موڪليا ويندا هئا.

3. ميان نور محمد خان جي وفات کان پوءِ محمد مرادياب خان ٽن سالن ۾ ايتري رقم گڏ ڪئي هئي جو حڪمرانيءَ کان ڪناره ڪش ٿي، ملڪ کان ٻاهر نڪري وڃڻ جو فيصلو ڪري چگي خاصي دولت مسقط ڏانهن موڪلي ڏنائين؛ جنهن جو وڏو حصو ميان غلام شاهه واپس گهرائي ورتو.

4. افغاني دربار، ميان غلام شاهه کي حڪومت جي پرواني ڏيڻ کان اڳ ۾ دفعا سنڌ ڏانهن فوج رواني ڪئي- هڪ دفعي محمد عطر خان لاءِ ۽ ٻئي دفعي احمد يار خان لاءِ. ٽنهي پائرن ۾ ننڍيون وڏيون لڙائيون پڻ ٿيون ۽ هڪ دفعي ٽنهي ۾ ملڪ پڻ ورهاست ٿيو.

5. جيتوٽيڪ ميان نور محمد خان جي زماني جي سنڌ باقي نہ رهي هئي- ان مان سبي، گنجابه، ڪراچي ۽ شڪارپور الڳ ٿي چڪا هئا- تڏهن ۾ ميان غلام شاهه چوڏهن ورهين جي حڪمرانيءَ ۾ ايتري رقم گڏ ڪري ورتي جو هن نوان شهر آباد ڪيا، ڪيترا مقبرا جوڙايا، قلعا نهرايا ۽ ۾ دفعا ڪچ تي ڪاهون ڪيائين؛ هو وڏيءَ عزت ۽ دٻدٻي وارو حڪمران هو.

6. ميان غلام شاهه جي وفات کان ٻن ٽن سالن بعد، وري ملڪ ۾ افراتفري شروع ٿي. ملڪ ۾ اندر لڙائيون ٿيون؛ ٻاهران هڪ دفعو عزت يار خان آيو، ۾ دفعا نصير خان بروهيءَ فوج

---

[1]. سورلي جو ڪتابه "شاهه عبداللطيف"، ص 145.

موڪلي ۽ هڪ دفعي جوڌپور جي راجا حملو ڪيو. عبدالنبي خزانو کڻي ٻاهر هليو ويو ۽ ڪيترا دفعا افغانن جو لشڪر پاڻ سان وٺي آيو مدد خان جي آمد جا جيڪي حالات پيش ٿي چڪا آهن، انهن کي سامهون رکندي بنا تڪلف چئي سگهجي ٿو ته ٻئي ڪنهن ملڪ تي هن کان وڌيڪ تباهيءَ جو طوفان شايد ئي نازل ٿيو هجي. انهن تباهين ۽ بربادين جي باوجود ٽالپرن جي شروعاتي دور ۾ ئي هڪ خاصي وڏي رقم افغاني دربار کي ڏيئي، سنڌ جي نوابيءَ جو پروانو حاصل ڪيو ويو هو.

ڇا، اهي حقيقتون هن ڳالهه جو روشن ثبوت نه آهن ته ڪلهوڙن جي زرعي سڌارن سنڌ کي اقتصادي طرح انتهائي ڪمال تي پهچائي ڇڏيو هو، جو هر تباهيءَ کان پوءِ به ٿوري کان ٿوري عرصي ۾ هوءَ پنهنجن پيرن تي اُڀي ٿي سگهي ٿي؟ سوچڻ گهرجي ته جيڪڏهن نادر جي بلا نازل نه ٿئي ها، افغانن جي مصيبت نه اچي ها، اندروني ڇڪتاڻ نه ٿئي ها ۽ انتظامي ڪاروبار طبعي حالت تي جاري رهي ها، ته سنڌ ڪٿان کان ڪٿي وڃي پهچي ها!

اقتصادي حالات جو نقشو

[2]

فصل ۽ باغات: اڇڪلھ وانگر، مغلن ۽ ڪلھوڙن جي زماني ۾ ب سنڌ جا مکيہ فصل ب ھئا- ھڪ ربيع، ٻيو خريف. ربيع ۾ عام طرح ڪڻڪ، جو، چڻا، مٽر، نير وغيره جي آبادي ٿيندي ھئي ۽ خريف جي مند ۾ چانور، ڪپھ، منگ، ڪمند، تماڪ، پست، سڻي، وغيره جون جنسون پيدا ٿيندیون ھيون. تيلي ٻج، مثلاً: سرنھن، جانيو، السي ۽ تر انھيءَ کان سواءِ ھئا.

باغات گھڻو ڪري سيني ھنڌن تي موجود ھئا. مسٽر چبلاٽيءَ لکيو آھي تہ ٺٽي، حيدرآباد، شڪارپور، سيوھڻ ۽ روھڙيءَ کي باغات جي لحاظ کان امتيازي درجو حاصل ھو. ھن باري ۾ مختلف مورخن ھيٺين ميون جو ذڪر ڪيو آھي: انب، ٻير، توت، صوف، انگور، سنگترا، ليما، گدامڑي، پستا، کجور ڏاڙھون، شفتالو، ڪيلو ۽ گدرا.

ٺٽي بابت سن 1699ع جي ھڪ بيان مان ظاھر آھي تہ بادشاھي باغ نھايت چڱيءَ حالت ۾ ھئا، جن ۾ ميوا ۽ گل وڏي اھتمام سان رکيا ويندا ھئا- خاص ڪري بھترين ذائقي وارا ڏاڙھون، مون اتي کاڌا.[1]

زمين جي ديل: وصوليءَ جا مجموعي انگ اکر پھريائين پيش ٿي چڪا آھن- يعني ڪلھوڙن جي دور ۾ اسي لک ۽ ٽالپرن جي دور ۾ چاليھ لک. پوين حڪمرانن جي دور ۾ گھڻو ڪري وصولي گھٽبي ۽ وڌندي ٿي رھي. پوسٽنز اٺويھين صديءَ جي

---

[1] "ايسٽ انڊيز جي نئين تاريخ"، انگريزي، مطبوع 1754ع، ص 224: باقي بيان مسٽر چبلاٽيءَ جي ڪتاب تان ورتل آھي (ص 35)

شروع کان سن 1843ع تائين، مختلف سنن ۾، وصوليءَ جو اندازو هيٺينءَ طرح پيش ڪيو آهي:

اٺويهين صديءَ جي شروعات	چاليهه لک
سن 1809ع	پنجيتاليهه لک
سن 1814ع	ايڪهٺ لک
سن 1824ع	پنجاهه لک
سن 1843ع	پنجٽيهه لک.[1]

سنڌ ۾ برطانوي حڪومت جي شروعات وقت رڳو زمين جي ڏڻ جي وصولي، ڪُل وصوليءَ جو اڌ هئي انهيءَ تناسب جي بنياد تي- جو جيڪڏهن بلڪل صحيح نه آهي تہ صحت جي قريب ضرور هجڻ گهرجي- ڪلهوڙن جي دور ۾ زمين جي ڏڻ ٽيونجاهه لک ٽيهه هزار ٽئي ٽي. هيءَ رقم ٽالپر دور جي فقط هڪ سال (سن 1814ع) کي چڏي، سندن سموريءَ وصوليءَ کان زياده هئي.

پيداوار ۽ آباد زمين: جيڪڏهن فرض ڪيو وجي تہ زمين جي ڏڻ سموريءَ پيدائش جي ٽي پتي هئي- حالانڪ واهن ۽ سيلاب وارين زمينن کي ملائي غور ڪيو وجي تہ ڏڻ جو تناسب هن کان گهٽ ٽئي ٽو تہ سنڌ جي پيداوار هڪ ڪروڙ ۽ ست لک رپيا ٽئي ٽي. هن زماني ۾ اناج جو اگهہ زياده کان زياده ڏهہ آنا في مڻ هو. انهيءَ بنياد تي حساب هن طرح ٿهي ٽو تہ پيداوار ٻہ ڪروڙ چاونجاهہ لک مڻ کان گهٽ نہ هئي. بيشڪ هيءُ سراسري اندازو آهي، ليڪن يقين آهي تہ زياده کان زياده قرين صحت هوندو.

هاڻي آباد ٽيندڙ زمين جو حساب گهڻو مشڪل نہ آهي. مثلاً، جيڪڏهن فرض ڪيو وجي تہ في ايڪڙ پيدائش ٻارهن مڻ هئي ۽ انهيءَ پيدائش کي ٻنهي قسمن جي فصلن جي سراسري ڄاتي وجي تہ آباد زمين جي ايراضي قريباً ايڪيهہ لک ايڪڙ هجڻ

---

[1] "سنڌ جي اقتصادي ص تاريخ"، 47

گهرجي مغلن جي دور ۾ اناج جو اگهه پنج آنا في مڻ هو؛ ليڪن ڏل جي بنياد تي، متئين اصول مطابق، ان دور جي زرعي زمين ساڻ سورهن لکن ايڪڙن کان زياده نه هئي ۽ ٽالپرن جي دور ۾ آباد زمين ته فقط اٺ لک هڪ هزار ٽي سؤ ايڪڙ وڃيو رهي[1].

ڪلهوڙن جي زماني جو جيڪو اندازو پيش ڪيو ويو آهي، اهو هن مفروضي تي ٻڌل آهي ته انهن جي سموري دور ۾ اناج جو اگهه ڏهه آنا في مڻ رهيو؛ حالانڪ هي بنهه غلط آهي. سن 1739ع تائين ننڍو سنئون ستو مغلن جي هٿ هيٺ هو ۽ ان کان پوءِ ميان نور محمد خان جي هٿ هيٺ آيو. ڪوبه شخص هيءُ خيال نٿو ڪري سگهي ته سن 1739ع تائين اناج جو اگهه پنج آنا في مڻ هو ۽ جڏهن سمورو انتظام ڪلهوڙن سنيالیو تڏهن اگهه ٻيٽو ٿي ويو. زياده صحيح هيءُ صورت ٿيندي ته هن اگهه ۾ درجي بدرجي واڌارو ٿيو ۽ غالباً ڪلهوڙن جي آخري دور ۾ ڏهه آنا في مڻ تي پهتو هجي. وري هي به ظاهر آهي ته هن اگهه ۾ زيادتي يا ته هن بنياد تي ٿي سگهي ٿي ته پيداوار گهٽجي ويئي هجي ۽ يا هن بنياد تي ٿي سگهي ٿي ته سنڌ جي اناج جي روانگي وڌي ويئي هجي. پهرين صورت تسليم ڪرڻ جي قابل نه هئي، انهيءَ ڪري جو ڪلهوڙن نوان واهه کوٽائي غيرآباد زمينن جي آباد ڪرائڻ جو انتظام ڪيو ۽ پيداوار کي وڌايو، ٻيءَ صورت لاءِ ڪابه قطعي شهادت موجود نه آهي؛ ليڪن جيڪڏهن ان کي درست ڄاتو وڃي ته پوءِ مڃڻ گهرجي ته انهيءَ مان سنڌ جي خوشحاليءَ ۾ واڌارو آيو.

جانور: سنڌ شروع کان ئي زرعي ملڪ رهندو اچي ٿو. هتي پري پري تائين ڪليل ميدان موجود هئا، جي چراگاهن جو ڪم ڏيئي ٿي سگهيا ۽ انهيءَ ڪري جانورن جي دولت به هتي هميشه جام رهي. انهن ۾ ڏڪا به هئا، جن کان سواءِ ڪيتيءَ جو ڪم هلي نٿي سگهيو

---

[1] "سنڌ جي اقتصادي تاريخي"، ص 49

۽ ڪير وارا جانور به هئا. اهوئي سبب آهي جو سنڌ جون جيڪي جنسون ٻاهر موڪليون ويندیون هيون، انهن ۾ گيهه به شامل هو. ڪير وارا جانور زياده نه هجن ها، تہ ايترو گيهه ڪٿان پيدا ٿي سگهيو ٿي جو ملڪي ضرورتن جي پورائيءَ کان پوءِ به ٻاهر موڪلي سگهجي ها. رڌن ٻڪرين پالڻ جو شوق به هو ۽ سنڌ جا ميدان انهيءَ مقصد لاءِ بيحد موزون به هئا. اُٺ سواريءَ ۽ بار ڏيوئڻ لاءِ ضروري هو، ان ڪري جو خود سنڌ جو به وڏو حصو ريگستاني آهي ۽ ان جي آسپاس به ريگستانن جي ڪمي نہ آهي. گهوڙا سنڌ ۾ به پاليا ويندا هئا ۽ ٻاهران به گهرايا ويندا هئا.

هاڻ مختلف شهادتون ملاحظ فرمايو:

1. پهرينءَ انگريزي ڪونيءَ جا ڪارندا ٻڌائين ٿا تہ هتي (ٺٽي ۾) نصرپور، سيوهڻ ۽ بکر کان گيهه ۽ تيل تمام گهڻو ايندو هو. منريق لکي ٿو تہ هن خطي (سنڌ) ۾ چوپائي مال جي گهڻائي آهي ۽ خاص ڪري مينهون تمام گهڻيون ٿين ٿيون. منوچي ٻڌائي ٿو تہ هتي گيهه تمام گهڻو ٿئي ٿو ۽ مسقط ڏانهن موڪليو وڃي ٿو. هملٽن لکي ٿو تہ ٺٽي جي آسپاس ماڻهو مينهون گهڻيون ڏارين ٿا. هو قد بت ۾ وڏيون ٿين ٿيون ۽ ڪير به گهڻو ڏين ٿيون.[1]

2. پالتو جانورن مان اُٺ جو درجو اهميت جي لحاظ کان ٻئي نمبر ۾ آهي... سنڌ ۾ اُٺن جي گهڻائي آهي. ڪيترن مانهن سو ڏهه ڏهه هزار اُٺ آهن، بلڪ ان کان به زياده. اجمير جا اُٺ نهايت تيز رفتار آهن. بار ڏيوئڻ لاءِ بهترين اُٺ ٺٽي جو ٿئي ٿو. اهڙيءَ طرح، ڪرو[2] لکي ٿو تہ اُٺ صوبي جي هر حصي ۾ گهڻا پاليا وڃن ٿا.[3]

---

[1] "سنڌ جي اقتصادي تاريخ"، ص 89

[2] ڪِرو (Crow)

[3] "سنڌ جي اقتصادي تاريخ"، ص 89

خوشحالي ۽ جون شهادتون: هاڻ انهن سياحن جي بيانن تي نظر وجهڻ گهرجي، جن ڪلهوڙن جي حڪومت جي آغاز کان ٿوري مدت اڳ سنڌ کي ڏٺو، يا خود ڪلهوڙن جي دور بابت نقشا پيش ڪيا:

1. سترهين صديءَ جا انگريز واپاري: هتي هر قسم جي ڪائڻ جي شين جي گهٽائي آهي ۽ ٻيون چيزون، هندستان جي هر حصي کان وڌيڪ سستي اڳهه تي ملي وڃن ٿيون. مڇيءَ ۽ ميوي جي به گهٽائي آهي- ٻئي چيزون ايترين سستيون وڪامن ٿيون جو جيڪڏهن کو ٻڌي ته يقين نه اچيس. ڪڪڙ چئين پئسن، رڍ هڪ رپئي ۽ چانور، گيهه ۽ ڪائڻ جون ٻيون شيون به تمام سستيون آهن.[1]

پورچو گيز سياح منريق. بکر جي ويجهو باغات ۽ وٽن جا جهڳٽا آهن. مارڪيٽ جنسن سان پريا پيا آهن. ملڪ ۾ قدم قدم تي ڀوٽ، زمين زرخيز، زراعت عمدي، آبادي ڪتيل فقط سيوهڻ جي ويجهو هڪ ننڍي ٽڪري کي الڳ سمجهڻ گهرجي، جو ڏاڙيلن جو پناهگاهه آهي.[2]

3. منوچي: ملڪ ۾ اناج تمام گهڻو پيدا ٿئي ٿو؛ گيهه به تمام گهڻو موجود آهي ۽ مسقط ڏانهن موڪليو ويندو آهي. بکر جي زمين تمام زرخيز آهي ۽ نهايت عمدو اناج پيدا ڪري ٿي.[3]

4. هئملٽن: ڪڪ، چانورن، گهوڙن ۽ چوپائي مال جي ملڪ ۾ تمام گهڻائي آهي. ماڻهن کي ڏڪار جي مصيبتن سان ڪڏهن به واسطو نه پيو آهي. گوشت تمام عمدو ملي ٿو ۽ گهڻو ٿئي ٿو گيهه تمام گهڻي تعداد ۾ باهر موڪليو وڃي ٿو.[4]

---

(1) "سنڌ جي اقتصادي تاريخ"، ص 40
(2) "سنڌ جي اقتصادي تاريخ"، ص 41
(3) "سنڌ جي اقتصادي تاريخ"، ص 41
(4) "سنڌ جي اقتصادي تاريخ"، ص 41

5. پاڻنجر: ملڪ ايڏو خوشحال آهي جو جڏهن نادر شاهه پنج لک فوج سان سنڌ تي حملو ڪيو، تڏهن ڏٺي جي حاڪم، ميان نور محمد ڪلهوڑي فوج ۽ خيمي بردار جي مهمانداري شاهاڻي طريقي سان سورهن ڏينهن تائين ڪئي ۽ ڪنهن به چيز جي ڪميءَ جو ڪو ذري ماتيت به احساس نه ٿيو.[1]

6. رابرٽ ارسڪن: سن 1757ع تائين سنڌ هڪ چگيءَ ۽ امن پرور حڪومت جي هٿ هيٺ هئي. هتي اناج ۽ زندگيءَ جي ٻين گهٽين ضروري شين جي گهٽائي هئي، جيئن هميشه هئي.[2]

7. ڪيلنڈر: سنڌ جيتوٽيڪ هڪ مختصر علائقو آهي، ليڪن قدرتي طور زرخيز آهي. هي تمام خوشحال ۽ آباد هو، تان جو اڄ ڪان پنجٽيهه سال ڪن اڳ بدقسمتيءَ سان موجوده حڪمران خاندان جي هٿ هيٺ اچي ويو ۽ آهستي آهستي پوئٽو پوندو ويو.[3]

آدمشماري: آدمشماريءَ متعلق به قياس جي بنياد تي حساب لڳائڻ ڪان سواءِ ٻيو ڪو چاروئي نه آهي؛ انهيءَ ڪري جو ڪوبه مستند ماخذ سامهون ڪونهي، جنهن تان پروسي سان انگ اکر اخذ ڪري سگهجن. هن سلسلي ۾ مسٽر ڇبلاٽيءَ جي استدلال جو طريقو گهٽو معقول آهي. موصوف جي بيان جو هڪ بنياد هي آهي ته آباد زمين جي بنياد تي ڪيو وڃي ته آدمشماري اندازاً ڪيتري هوندي. پوءِ چوي ٿو ته

> اسين ڏسي چڪا آهيون ته مغلن جي حڪومت جي شروعات ۾ آباد زمين پندرهن لکن ايڪڙن ڪان گهٽ نه هوندي ۽ ابتدائي ڪلهوڙن (ميان يار محمد خان ۽ ميان نور محمد خان) جي دور ۾ ويهن لکن ايڪڙن جي اعليٰ درجي تي پهچي چڪي هوندي.

---

[1] "سنڌ جي اقتصادي تاريخ" ص 41. هيءُ ٻڌائي ڇڏڻ گهرجي ته نادر سان جيڪا فوج هئي، اها پاڻنجر جي بيان ڪيل تعداد جو مشڪل سان سئينءون حصو هوندي: ليڪن تعداد جي ڪميءَ سان ملڪ جي تسليم ٿيل خوشحاليءَ جي درجي ۾ ڪابه ڪمي نٿي اچي.

[2] "سنڌ جي اقتصادي تاريخ"، ص 41

[3] "سنڌ جي اقتصادي تاري"، ص 41. موجوده خاندان مان مراد تالپر آهن.

جيڪڏهن آدمشماريءَ ۾ آباد زمين جو تناسب ٿي ۽
ٻه رکيو وڃي تہ مغلن جي دور ۾ سنڌ جي آدمشماري
ويهن لکن کان مٿي ۽ ڪلهوڙن جي دور ۾ ٽيهن
لکن جي لڳ ڀڳ هوندي[1].

موصوف جي بيان جو ٻيو بنياد هي آهي تہ پهريائين شهري ۽ ٻوءِ ڳوٺاڻي آدمشماريءَ جو اندازو ڪيو وڃي، جنهن بابت مختلف بيانن ۾ اشارا ملن ٿا. مثلاً، نٿي جي آدمشماريءَ جو اندازو اڪثر ماڻهن پيش ڪيو آهي. هڪ بيان هي آهي تہ اتي پنجاهه هزار جايون هيون. جيڪڏهن هر ڪٽنب جي سراسري پنجن ماڻهن تي شمار ڪئي وڃي تہ نٿي جي آدمشماري ادائي لک ٿئي ٿي. هئملٽن لکيو آهي تہ نٿي جو شهر ٽي ميل ڊگهو ۽ ڏيڍ ميل ويڪرو هو: ساڍن چئن چورس ملين ۾ ادائي لک ماڻهن جو هجڻ بلڪل قرين قياس آهي. نصرپور ۽ تمام وڏو شهر هو. ان کان سواءِ بکر، سکر، روهڙي، سيوهڻ، خداآباد ۽ حيدرآباد ۽ ڇڳا وڏا ڳوٺ هئا. جيڪڏهن انهن سيني ڳوٺن جي آدمشماري ٽوري ۾ ٽوري چار لک ۽ فرض ڪئي وڃي ۽ سنڌ جي آدمشماريءَ جي معلوم انگن اکرن جي تناسب مطابق، سمجهي وڃي تہ شهري آدمشماري سموري آدمشماريءَ جو چوڏهن سيڪڙو ٿئي ٿي، تہ ان حالت ۾ ۽ ڪلهوڙن جي دور جي آدمشماري ٽيهن لکن کان گهٽ نٿي ٿئي. مطلب تہ

سنڌ جي آدمشماري مغل حڪومت جي شروعات
۾ ويهن لکن جي لڳ ڀڳ هئي ۽ 'ابتدائي
ڪلهوڙن' جي دور ۾ ٽيهن لکن جي تعداد تي
پهچي ويئي.[2]

---

[1] "سنڌ جي اقتصادي تاريخ"، ص 131-132

[2] "سنڌ جي اقتصادي تاريخ"، 138-139

باب اٺتيهون

صنعت ۽ تجارت

صنعت و حرفت ۽ تجارت جي ترقي هن ڳالهه تي ٻڌل آهي ته ملڪ ۾ ضرورت جو ڪجو مال گهٽائيءَ ۾ پيدا ٿيندو هجي ۽ ان کي هڪ جڳهه کان ٻيءَ جڳهه تائين پهچائڻ ۾ زياده تڪليف ٿئي. سنڌ ۾ ٻئي شرط پورا ٿيا ٿي، ان ڪري صنعت ۽ حرفت به شروع کان ئي چگي ترقي حاصل ڪئي ۽ واپار ۾ به وڏو واڌارو آيو. ڪيهه هتي قديم زماني کان ونني پيدا ٿيندي هئي، لهٰذا ڪپڙي جي صنعت پنهنجي ڪمال اوج تي پهچي ويئي. چمڙي، اُن ۽ ڪاٺ جي به ڪمي ڪانه هئي. سنڌونديءَ جي وسيلي ٻيڙيون ۽ ننڍا جهاز اتر کان ڏکڻ ۽ ڏکڻ کان اتر ڏانهن ايندا ويندا هئا ۽ انهن جي ذريعي سامان به هر جڳهه پهچائي سگهبو هو.

هيءُ علائقو اهڙي هنڌ تي هو جو ايشيا جي اڪثر ملڪن ۽ يورپ کان خشڪيءَ ۽ بحري رستي جيڪي قافلا ايندا هئا، اهي سڀ کان اول سنڌ پهچندا هئا.

فرنگي واپارين جي چٽاييٽيءَ: سنڌ جي تجارت ۽ صنعت و حرفت جي واڌاري ۽ منافعي جي هڪ شهادت فرنگي تاجرن جي چٽاييٽيءَ مان به ملي ٿي، جا سنڌن وچ ۾ تجارت جي سلسلي ۾ پيدا ٿي. سيني کان اول هتي پورچو گيز پهتا ۽ سنڌن مسلسل ڪوششون اهي رهيون ته ٻي ڪابه قوم سنڌ جي ڪنهن به بندرگاهه تي پنهنجا قدم نه جمائي. پوءِ انگريز آيا، جي ڪيتريون تڪليفون سهي سنڌ ۾ واپاري ڪوٺي کولي ويهي رهيا. هنن جون ڪوششون به اهي ئي هيون ته سمورو واپار سنڌن ئي قبضي ۾ رهي. اوهان معلوم ڪري چڪا آهيو ته هنن ميان غلام شاهه کان

پروانا حاصل ڪيا هئا، تن جو مقصد اهوئي هو. آخر ۾ ولنديزي آيا. جيڪڏهن يورپي قومن لاءِ سنڌ جو تيار ٿيل مال خريدڻ ۽ يورپ ۾ نيئي وڪڻڻ چگي مالي فائدي جو سبب نه هجي ها ۽ ان ڪري سنڌ سان تجارتي تعلقات ۾ خاص ڪشش نه هجي ها تہ هي واپاري هڪٻئي کي پوئتي هٽائڻ جي ڪوشش چو ڪن ها؟

مسٽر چبلاٽيءَ بلڪل درست لکيو آهي تہ: سنڌ مغلن ۽ ابتدائي ڪلهوڙن جي زماني ۾ پنهنجي صنعت ۽ حرفت، زراعت ۽ تجارت سببان شهرت جي عروج تي پهچي ويئي هئي. پوين ڪلهوڙن جي دور ۾، هن جي اها امتيازي خصوصيت گهٽجڻ شروع ٿي ۽ ٽالپرن جي دور ۾ سندس گهٽجڻ جي رفتار تمام تيز ٿي ويئي[1].

فرنگين جون شهادتون: هاڻ هن سلسلي ۾ انهن فرنگين جون چند شهادتون ملاحظہ ڪريو، جي ڪلهوڙا حڪومت جي آغاز کان ڪجهہ مدت اڳ آيا ۽ سندن بيانن ۾ ڪلهوڙا دور جي حالات جو خاڪو پيش ٿيو:

1. هندستان ۾ پورچوگيزن جو سرڪاري سوانح نگار، ائنٽونيو بوڪئرو: (Antonio Boccaro) سنڌ جي حڪومت ايتري خوشحال ... ۽ ان جي تجارت ايتري وسيع آهي، جو جيترا بہ جهاز ٻاهران اچن، انهن کي مال ملیو وڃي[2].

2. ٿيونيو Thevenot: هن ملڪ ۾ لڏ پلاڻ ۽ آمدرفت تمام زياده آهي- خاص ڪري نٽي جي شهر ۾، جتي هندستاني تاجر ملڪي

---

(1) "سنڌ جي اقتصادي تاريخ" ص 71،
(2) "سنڌ جي اقصادي تاريخ"، ص 73.

ماڻهن جون بنايل عجيب چيزون ڪثرت سان خريد ڪن ٿا. هنن ماڻهن کي هر قسم جي فن ۾ حيرت انگيز مهارت حاصل آهي.[1]

3. برنز: سنڌ جون ٻيل شيون دهليءَ جي بادشاهي دور ۾ بيحد پسند ڪيون ويندیون هيون. سال 1739ع ۾ جڏهن نادرشاهه سنڌ تي حملو ڪيو، تڏهن هتان جي تجارت بلاشڪ نهايت وڏي ترقيءَ تي هئي.[2]

ڪلهوڙن جي آخري ۽ ڪائنن پوءِ جي زماني ۾ صنعت و حرفت ۽ تجارف کي جيڪو نقصان رسيو، ان جي سببن جو ذڪر ناٿن ڪرو[3]، ڪپتان ميڪ مرڊو[4] ڊل هوسٽي[5] ۽ پاٽنجر[6] جي بيانن ۾ آيو آهي؛ ليڪن هتي انهن سببن تي بحث ڪرڻ اسان جي موضوع کان ٻاهر آهي.[7]

سوتي ڪپڙو: مٽين عام ڪيفيتن کان پوءِ، مختلف اهم هنرن جو سرسري نقشو پيش ڪرڻ ضروري آهي انهن مان سڀ کان اول سوتي ڪپڙي جو ذڪر ٽيٽ گهرجي. مسٽر ڇبلاٽيءَ جي بيان مطابق، مغلن ۽ ابتدائي ڪلهوڙن جي دور ۾ ٿٽو سوتي ڪپڙي جي صنعت جي هڪ نهايت اهم مرڪز هو. ڪپڙو اهڙو ڇگو ٺهندو هو، جو ايشيا ڪپڙن ۾ سڀ کان ڇگو سمجهو ويندو هو ۽ هر، هنڌ ان جي گهُر هوندي هئي. فرنگي تاجر سنڌي ڪپڙي جا انبار ڪٽي ويندا هئا ۽ تمام گهڻو نفعو ڪمائيندا هئا. ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي ڪارپردازن هڪ موقعي تي پنهنجن سنڌي ڪارندن کي هدايت

---

[1] "سنڌ جي اقتصادي تاريخ"، ص 74.

[2] "سنڌ جي اقتصادي تاريخ"، ص 75.

[3] Nathan Crow

[4] Mc Murdo

[5] Del Hoste

[6] Pottinger

[7] تفصيل لاءِ ڏسو مسٽر ڇبلاٽيءَ جو ڪتاب "سنڌ جي اقتصادي تاريخ"، ص 76-77

ڪئي ته سنڌ جو بافتو انگلستان ۾ سڀ کان زياده وڪجي ٿو، ان ڪري مال رواني ڪرڻ وقت ان بافتي جو مقدار وڌايو وڃي. 1669ع ۾ هيءَ حالت هئي جو سنڌ جو ناهيل ڪپڙو ماڻهو زياده خريد ڪندا هئا ۽ واپارين کي اهوئي خيال رهندو هو ته هيءُ ڪپڙو زياده مقدار ۾ ملي ته خوب نفعو ڪمايون. ٺٽو، نصرپور، سيوهڻ، ڪنڊيارو، درٻيلو، بکر، سکر، روهڙي، گنمبٽ، بويڪ ۽ سن سوتي ڪپڙي جا مشهور مرڪز هئا. سنڌ جون ٺهيل چيٽون دنيا جي هر مارڪيٽ ۾ خاص قدر ۽ قيمت جي نگاهه سان ڏٺيون ويندیون هيو.

ائنٽونيو بوڪئرو جو بيان آهي ته 1631ع ۾ فقط ٺٽي شهر ۾ ٽيهه هزار آڏاڻا هئا. انهيءَ کان چند سالن بعد انگريز ڪارندن ٻڌايو ته ٺٽي ۾ ٽي هزار ڪٽنب فقط ڪپڙن اُٽڻ جو ڪم ڪندا هئا. هئملٽن جو بيان آهي ته ٺٽي ۾ 1696ع ۾ پليگ پيئي، تڏهن اسي هزارن کان زياده ماڻهو موت جو شڪار ٿي ويا، جي ريشمي ۽ سوتي ڪپڙي اُٽڻ جو ڪم ڪندا هئا. پاٽنجر لکيو آهي ته نادرشاهه جي حملي وقت ٺٽي ۾ چاليهه هزار ڪوري لونگيون ٺاهيندا هئا. ٺٽي کان پوءِ نصرپور جو درجو هو، جنهن ۾، انگريزن جي بيان مطابق، هڪ هزار ڪٽنب رڳو ڪورڪي ڏنڊي ۾ مصروف هئا[1].

ريشمي ۽ اوني ڪپڙو: ريشمي ڪپڙن جي صنعت خاص طرح لونگين جي ديده زيب صنعت به ترقيءَ تي هئي. ان کان سواءِ چڪن دوزي، گلن واري اوني ڪپڙي، ڪيمخواب، ڪشيده ڪاريءَ، اٽاوت ۽ گلڪاري وغيره جي صنعت جا نمونا اڄ به ملن ٿا، جن کي ڏسندي انسان هنرمندن جي ڪاريگريءَ تي حيران ٿي وڃي ٿو. ٽرپارڪر ۾ اوني ڪپڙو نهايت عمدو ٺهندو هو، خاص ڪري ٽوپيون اعليٰ قسم جون جاڪيون ويندیون هيون. انهيءَ کان سواءِ ڪمبل، خرزينون ۽ بوريون نفيس نموني جون ٺهنديون هيون.

---

[1] مسٽر چيلاڻيءَ جو ڪتاب، ص 82-83

نٽي جي ڪاريگرن جو ذڪر اڪثر ماڻهن ڪيو آهي. برٽن انهن ڪاريگرن جي زوال جو ماتم ڪندي لکي ٿو ته

جن پنج هزار آڏاڻن تي اهڙيون شالون ۽ ريشمي لونگيون تيار ٿينديون هيون جو انهن جو شهرت جي هاڪ ساري وچ ايشيا ۾ ڦهليل هئي، هاڻ انهن جي نشانيءَ طور فقط هڪ درجن آڏاڻا وڃي باقي رهيا آهن[1].

چمڙي جو سامان: سنڌ مغلن ۽ ابتدائي ڪلهوڙن جي دور ۾ چمڙي جي صنعت جي سلسلي ۾ به خاص شهرت جي مالڪ هئي. هتي چوپايا جانور، رڍون، ٻڪريون ۽ اُٺ گهٽي انداز ۾ موجود هئا ۽ ڪلون تمام گهٽيون ملنديون هيون، انهيءَ ڪري هن صنعت جو ترقي حاصل ڪرڻ يقيني ڳالهه هئي. مختلف بيانن مان معلوم ٿئي ٿو ته ڪلون ٻاهرينءَ دنيا ڏانهن موڪليون ويندیون هيون ۽ سنڌ جو چمڙو به نهايت پسند ڪيو ويندو هو. فان آرلچ لکيو آهي ته

سنڌ جو چمڙو هندستان جي ڪن بهترين چمڙن ۾ شمار ٿئي ٿو. نرميءَ توڙي جٽاءَ ۾ به يورپ جي چمڙي کان گهٽ نه آهي.

مسٽر چبلاڻي لکي ٿو:

مغلن ۽ ابتدائي ڪلهوڙن جي زماني ۾ چمڙي صاف ڪرڻ ۽ رنگڻ جي فن تمام وڏي ترقي ڪئي ۽ هن فن جي ماهرن وڏيءَ هنرمنديءَ ۽ ڪاريگريءَ جي نمائش ڪئي. منريق سنڌ جي "دلپسند چمڙي" جو ذڪر ڪيو آهي، جو ميز پوشن لاءِ استعمال ٿيندو هو ۽ سينگار لاءِ ديوارين تي ٽنگيو ويندو هو؛ بستري تي به ماڻهو چادرن وانگر وڇائيندا هئا. هيءُ چمڙو نهايت ملائم

---

[1] مسٽر چبلاڻيءَ جو ڪتاب ص 85-86

هوندو هو ۽ گرمين ۾ ٽڏاڻ پهچائيندو هو. نشوٽن چوي ٿو ته سنڌ جا ماڻهو چمڙو نهايت عمدي طريقي سان تيار ڪن ٿا؛ پوءِ ان تي مختلف رنگن جي ريشم سان حد درجي جي ڪاريگريءَ سان گل پرين ٿا... هندستان ۾ هن چمڙي کي تمام قدر جي نگاهه سان ڏٺو ويندو آهي ۽ ان کي فرش تي نہ بلڪ بسترن ۽ ميزن تي وڇائيندا آهن.

هن مان زينون، گهوڙن ۽ اُٺن جا پلاڻ، ڍالون، دستانا، پيتيون، جُتيون، پاڻيءَ جو مشڪون ۽ گيهه جا ڏٻا ٺهندا هئا.

متفرق صنعتون: مٿئين خاص صنعتن کان سواءِ، ٻين سنهين سنهين صنعتن جي ڪا حد ۽ شمار ئي نہ آهي: مثلا ڪاٺ جو رنگين ڪم، جنهن جا نادر نمونا اڄ ٻ جتي ڪٽي هاٿيءَ جي ڏندن جو ڪم، نهايت خوبصورت چمڪندڙ ٽائيل، جي ڪلهوڙن جي ڪن عمارتن ۾ استعمال ٿيا؛ جنگي اوزار، جن جي تعريف پوسٽنز جي بيان مطابق اڳ ۾ ئي نقل ٿي چڪي آهي.

اهي چيزون پوءِ جي زماني ۾ قائم رهي نہ سگهيون. حالات بدلجي ويا. فرنگي تسلط ماڻهن جي مزاج کي ئي بدلائي ڇڏيو. ملڪي مصنوعات جي سرپرستي گهٽبي ويئي ۽ ان سان گڏ اهي صنعتون ٻ زوال ۾ اچي ويبون. نئين دور ۾ جن چيزن فروغ حاصل ڪيو، اهي اجنبي حاڪمن جي ملڪ مان ايندبون هيون. ملڪي صناع ۽ ڪاريگر آخر ڇا ڪن ها؟ جيڪي چيزون هنن ناهيون ٿي، تن جا خريدار نہ رهيا ۽ جن چيزن جي خريداري هئي، انهن جي ناهڻ جا اسباب ڪونہ هئا.

تجارت: سنڌ قدرتي طرح اهڙي هنڌ هئي، جو انهيءَ سببان ڪيترن ئي ٻاهرين ملڪن جو سامان ٻ هتان ئي ايندو ويندو هو؛ جيئن خاص ڪري اتر هندستان جي سموري مال جي ٻاهر موڪلڻ

جو رستو سنڌ کان سواءِ ٻيو ڪوبہ ڪونہ هو. مارواڙ، بيڪانير، جيسلمير، ملتان، پنجاب، ڪشمير، سرحد، بلوچستان ۽ افغانستان بحري رستي سان جيڪو سامان باهر موڪليندا هئا، اهو پهريائين سنڌ ۾ پهچندو هو ۽ پوءِ هتان ئي جهازن ۾ سوار ٿيندو هو ۽ باهر کان جيڪو مال انهن ملڪن جي ضرورت لاءِ ايندو هو، اهو بہ سڀ کان اول سنڌ جي بندرن تي لهندو هو. سنڌ جا بندر انهيءَ سبب ساريءَ دنيا ۾ مشهور هئا: مثال طور: ديبل ۽ پوءِ جي زماني ۾ لاهري بندر، اورنگا بندر، شاهبندر، بسته بندر ۽ علي بندر، جتان بصري، بندر عباس، هرمز، مسقط ۽ بحرين وغيره ڏانهن مال موڪليو ويندو هو. مختلف هنڌان هي مال خشڪيءَ جي رستي قسطنطنيہ يا مصر ڏانهن روانو ٿي ويندو هو- ۽ پوءِ اتان يورپ ڏانهن روانو ڪيو ويندو هو. اهڙيءَ ريت انهن ساڳين رستن سان ٻاهريون مال اسان جي ملڪ ۾ ايندو هو. هندستان جي مختلف علائقن تائين سنڌ مان وڏا رستا ٺهيل هئا، جن جي ذريعي تجارتي قافلا هميشه ايندا ويندا رهيا ٿي.

بحري تجارت ۾ جيستائين عام سهوليتون پيدا نہ ٿيون هيون، تيستائين ايران، افغانستان ۽ وچ ايشيا کان مختلف واپاري جنسون مڪران ۽ بلوچستان جي رستي سنڌ ۾ ايندیون هيون. هن تجارتي شاهہ راهہ جو هڪ مشهور مارڪيٽ شڪارپور ۾ قائم ٿيل هو. سنڌ واسين تجارت جي ئي هن وسيع سلسلي ۾ دنيا جي مختلف بندرن ۾ پنهنجيون واپاري ڪوٺيون قائم ڪيون هيون. ڪلهوڙن جي دور ۾ ڪلڪتي کان ڪراچيءَ تائين هندستان جي ڪنارن تي، مسقط، بصري ۽ بحرين وغيره ۾ سنڌي واپارين جي تجارتي ڪوٺين جا حوالا ملن ٿا.

باب ٽيهون

علم ۽ فضل

[1]

اهل علم جي بيخبري: سنڌ جي سرزمين جون جيتوٽيڪ ڪيترين امتيازي خصوصيتون پاڪ ۽ هند جي ڪيترن ماڻهن جي نظرن کان لکل ۽ پوشيده رهيون، مگر هن علائقي جا باشندا شروع کان وٺي اڄ تائين جنهن علم ۽ فضل جي عظيم دولت جا مالڪ رهيا، ان جو ته اڄ تائين ڪنهن به سرسري طور اندازو به نه ڪيو آهي. هيءَ حالت ڏسندي، بي اختيار بغداد جي عباسين ۽ اندلس جي اُمين جي ياد تازي ٿيو وڃي. اندلس ۾ جيڪي يگانا عالم پيدا ٿيا، انهن جي نالن کان به مشرق جا ڪيترائي ڄاڻو آشنا ٿي نه سگهيا، حالانڪ انهن جون تصنيفون انهيءَ لائق هيون جو کين مٿي ۽ اکين تي ڇڪهه ڏني وڃي ها. بغداد خلافت جي دائره اثر ۾ جن عالمن زندگيون بسر ڪيون، انهن مان هرهڪ جا نالا ته گهٽ ۾ گهٽ مڪي اڪابرن جا نالا هرشخص جي زبان تي آهن. انهيءَ جو سبب هيءُ آهي جو انهن عالمن جا ڪتاب مشرقي حلقن ۾ مسلسل رائج رهيا، ليڪن اندلسي عالمن جا ڪتاب صدين تائين هتي پهچي ئي نه سگهيا.

ڪتبخانا: سنڌ اهو ملڪ هو جتي مسلمانن جا قدم سيني کان اول پهتا ۽ انهن هتي هرهنڌ درسگاهون قائم ڪيون. ان کان پوءِ صدين تائين ٻاهر کان اهل علم و فضل جي آمد جاري رهي. هو ٻين سيني ملڪن کان اول سنڌ ۾ ئي پهتا ۽ منجهائن ڪيترن اتي ئي رهائش اختيار ڪئي ٿي. ڪتبخانن جو جهڙو چگو ذوق سنڌ ۾ هو، ان جو مثال ڪنهن ٻئي حصي ۾ غالباً گهٽو گهٽ ملندو. مدت ٿي جو

زماني جا اڳيان طور طريقا بدلجي ويا. جن علمن جي حاصلات کي اسان وٽ علم جو معيار ۽ ڪمال ڄاتو ويندو هو. انهن جو قدر ۽ قيمت باقي نه رهي. ڪتبخانا برباد ٿي ويا، ليڪن اڄ به ڪو شخص سنڌ جي طول ۽ عرض ۾ وري نڪري ته ڪيس ڪيترن اڻڄاڻل هنڌن تان ناياب ڪتابن جا ذخيرا ملي ويندا. اهڙا شخص به واقعي آهن جن پنهنجن وڏن جي علمي دولت کي بيدرديءَ سان لُٽي ڇڏيو ۽ جواهرن کي کوڏين جي ملهه وکٽي ڇڏيو: ليڪن ساڳئي وقت اهڙا ماڻهو به آهن، جي پنهنجي ڪتبخانن ڏيکارڻ تي مشڪل سان راضي ٿيندا ته مبادا ڪا چيز هٿ لائڻ سان ضايع ٿي نه وڃي. اوهين هن بخل کي ڀل ڪيتروئي ناپسند ڪريو. ليڪن هن مان هيءَ حقيقت ته ڏينهن جي روشنيءَ وانگر ظاهر ٿي ويندي ته وڏن جي علمي دولت ڪان مالا مال نه هجڻ جي باوجود به انهن ماڻهن ۾ ڪتابن جي حفاظت جو ڪيترو جذبو ڪارفرما آهي. هيءُ هن ڳالهه جو دليل آهي ته ڪتابن کي سنڌ ۾ هميشه ڪان هڪ نهايت قيمتي دولت ڄاتو وڃي ٿو ۽ اهو سنڌ واسين جي علمي توجهه جو ثبوت آهي- جيتوڻيڪ هي درست آهي ته اولاد هرهنڌ پنهنجن وڏن جي فضيلت جو مقام محفوظ رکي نه سگهيا.

ميان نور محمد خان جو ڪتبخانو: ڪلهوڙن جي حڪومت جي باقاعدي شروعات ميان يار محمد خان ڪان ٿي، جو مجموعي طرح ارڙهن— اوڻيهه سال مغل سلطنت جي هڪ ناظم جي حيثيت ۾ ڪم ڪندو رهيو ۽ ان مدت مان لڳ ڀڳ اڌ عرصو مختلف ڪشمڪش ۾ گذاريو. ظاهر آهي ته انهيءَ حالت ۾ ڪتابن سهيڙڻ طرف يڪدليءَ سان توجهه ٿي نٿي سگهيو. ميان نور محمد خان جڏهين جانشين ٿيو، تڏهن سندس سامهون نهايت اهم ملڪي تنظيمون هيون ۽ ساڳئي وقت مسلسل ننڍيون وڏيون لڙايون جاري هيون، جي ميان صاحب جي نصب العين جي تڪميل ۾ بلڪل اٽڪر هيون- يعني هن چاهيو ٿي ته سنڌ متحد ٿي وڃي، هر هنڌ امن

امان جو دور هجي، ماڻهو فتني فساد ۽ لُٽ مار کي ڇڏي مفيد ڪمن ۾ لڳي ويڻ ۽ ڪو به طبقو جائز روزگار جي وسيلي کان محروم نه رهي. تنهن هوندي به ميان نور محمد خان وٽ نادر شاهه جي ڪاهه کان اڳ هڪ ڇگو خاصو ڪتبخانو گڏ ٿي ويو هو. نادر جتي سون چاندي ۽ جواهر سميٽيا، اتي هو علمي دولت کي به پاڻ سان کڻي ويو. مٿي ذکر ٿي چڪو آهي ته ميان صاحب جي وصيت نامي ۾ انهيءَ ڪتبخاني لٽجڻ جو به هڪ هنڌ ماتم ڪيو ويو آهي.

هئملٽن جي شاهدي: ڪپتان هئملٽن سن 1699ع ۾ ٿتي آيو هو. هو لکي ٿو:

> ٿتي جو شهر دينيات، لسانيات ۽ سياست جي تدريس ۽ تعليم جي سلسلي ۾ ڇگي شهرت جو مالڪ آهي. هتي چار سؤ ڪاليج آهن، جن ۾ نونهالن کي انهن علمن جي تعليم ڏني وجي ٿي.[1]

ڪاليجن مان مراد يقيناً اهڙا ڪاليج نه آهن، جهڙا اڄڪلهه اسان جي زماني ۾ موجود آهن— انهن مان مراد درسگاهه آهن. اڳئين زماني ۾ اهڙائي درسگاهه هر هنڌ موجود هئا ۽ اهي ئي اسان وٽ علم جي نشر و اشاعت جا ذريعا هئا. علم جي هردلعزيزيءَ جو هيءُ حال هو جو هڪ دفعي شاهه جهان فخر سان چيو هو ته ڏکڻ اسان جو 'شيراز' آهي. ڪيترن درسگاهن کي حڪومت جي طرفان امداد ملندي هئي ۽ ڪي اهڙا به درسگاهه هئا جي مختلف علماء ڪرام جي ڪوششن ۽ همت سان هلندڙ هئا. اسان جي ملڪ ۾ جن صاحبن علمي لحاظ کان شهرت ۽ اميتاز جو درجو حاصل ڪيو، اهي انهن درسگاهن مان ئي اُسريا هئا. هنن جڏهن ملڪي انتظام ڏانهن توجهه ڪيو، تڏهن ابوالفضل، فيضي ۽ سعدالله خان علامي بنيا؛ جن جا مثال بين ملڪن ۾ به تمام گهٽ ملندا.

---

[1] "سنڌ جي اقتصادي تاريخ"، ص 134

نٽي جي آدمشماري ان زماني ۾ لڳ ڀڳ ٻن — ادائي لکن ۾ هئي. ايتري آبادي ۾ ننڍين وڏن چئن سون درسگاهن جو وجود بهرحال علمي ذوق جي دستاويز آهي- چاهي انهن درسگاهن کي مڪتبن جي پيماني تي ئي فرض ڪيو وڃي. مڪتبن ۾ به اهي سيئي ڪتاب پڙهايا ويندا هئا، جن مختلف علمن ۾ بنيادي حيثيت رکي ٿي ۽ جن جي استادن وٽان پڙهڻ کان پوءِ، ماڻهو پنهنجي مطالعي جي ذوق ۽ همت سان عالم بنجي ويندا هئا.

فريد بکريءَ جي شاهدي: شيخ فريد بکريءَ پنهنجو مشهور ڪتاب "ذخيرة الخوانين"، هئملٽن کان پنجويهه سال اڳ مرتب ڪيو هو. هو لکي ٿو:

> نٽي جي اوليائن، عالمن ۽ شاعرن جو ڳاڻيٽو محال آهي- هتي صرف-نحو، دينيات ۽ شاعري عام آهي. مختصر طور ائين چئجي ته نٽي کي عراق ثاني سمجهڻ گهرجي.

شيخ فريد ۽ هئملٽن جون شاهديون مغلن جي زماني سان تعلق رکندڙ آهن. ڪلهوڙا حڪومت جو آغاز شيخ فريد کان گهٽ-وڌ ستاويهه سالن کان پوءِ ۽ هئملٽن کان قريباً ٻه سو ورهيه پوءِ ٿيو. ليڪن انهن شاهدين مان اندازو ٿي سگهي ٿو ته ڪلهوڙا ڪهڙي پس منظر ۾ اقتدار ۾ آيا. اهي جيڪڏهن اهل علم جي سرپرستيءَ کان بلڪل بيپرواهي ۽ اختيار ڪن ها ته هيءُ علمي پس منظر هڪ قرن يا ٻن قرنن صدي ۾ ته زوال پذير ٿي نٽي سگهيو؛ ليڪن اسان جي اڳيان اهڙيون شاهديون موجود آهن جو ڪلهوڙا پنهنجي وس آهر علم جي هر صنف جي سرپرستي ڪئي ۽ منجهائن ڪيترا خود علم ۽ فضل جا صاحب هئا ۽ ڪن ته مختلف علمن ۾ امتيازي درجو حاصل ڪيو.

عالم ۽ فاضل: ڪلهوڙن جي دور ۾ جيترا به عالم ۽ فاضل ٿي گذريا آهن، انهن سيني جا نالا ۽ حالات معلوم ٿي نه سگهيا. ميرعلي شير "قانع"، "تحفة الڪرام" ۽ "مقالات الشعراء" ۾ فقط انهن

ممتاز عالمن ۽ اديبن جو ذڪر ڪيو آهي، جن جا نالا هن ڪي معلوم ٿي سگهيا. هتي فقط انهن اڪابرن جا حالات اچي سگهيا آهن، جن متعلق يقين سان معلوم ٿي سگهيو ته اهي ڪلهوڙن جي دور ۾ هئا، يا ڪلهوڙا حڪومت انهن جي سرپرستي ڪئي.

هتي هن ڳالهه جي وضاحت به ضروري آهي ته ڪلهوڙن جي سرگذشت ميان آدم شاهه کان شروع ٿئي ٿي، جو جلال الدين محمد اڪبر جي زماني ۾ هو. جيڪڏهن ان وقت کان عالمن جا حالات بيان ڪيا وڃن ته اهو حقيقت ۾ مغلن جي دور جو داستان بنجي ويندو. انهيءَ ڪري مناسب اهو آهي ته بيان جو سلسلو ارڙهين صديءَ جي ابتدا کان شروع ڪيو وڃي، جڏهن ميان يار محمد خان کي سبي ۽ ڪنجاهه جي نظامت ملي، زياده تر ۽ ميان نور محمد خان جي دور کان ئي عالمن ۽ اديبن جا نالا گڏ ڪيا وڃن؛ انهيءَ ڪري جو سموري سنڌ ميان صاحب جي ئي دور ۾ ڪلهوڙن جي حڪومت هيٺ آئي.

ضروري تصريح: عالمن ۽ فاضلن جا حالات اختصار طور بيان ڪرڻ کان اڳ هڪ ٻيءَ حقيقت ڏانهن اشارو ڪرڻ ضروري آهي، جا غالباً ڪيترن صاحبن لاءَ تعجب جو باعث ٿيندي: ۽ اُها هيءَ ته سنڌ جو هر علائقو ۽ پرڳڻو هر دور ۾ دماغي ۽ روحاني خوبين جي هستين جو مرڪز بنيو رهيو. هيءَ دولت وڏن وڏن شهرن ۽ ڳوٺن ۾ محدود نه هئي. ننڍو بيشڪ تمام وڏو شهر هو، صدين کان تهذيب ۽ تمدن، صنعت ۽ تجارت ۾ زبردست شهرت جو مرڪز رهيو. اتي جيڪڏهن هئلٽن جي زماني ۾ چار سو درسگاهه هئا، ته ان مان اهو گمان ڪرڻ نه گهرجي ته سنڌ جا باقي علائقا علم ۽ فضل يا درسگاهن کان خالي هئا. مير علي شير "قانع" "تحفة الڪرام" ۾ اڪابرن جا حالات نهايت اختصار سان لکيا آهن ۽ ترتيب پڻ اهڙي رکي آهي جو سرسري نگاهه سان ڏنو وڃي ته پورو اندازو ٿي نه ٿو سگهي ته هيءُ بيان سنڌ واسين جي فضيلت جو ڪيتريقدر واضع ۽

نادر دستاويز آهي. هيٺ ڏنل فهرست ۾ انهن هنڌن جا نالا درج ڪيل آهن، جتان جي اڪابرن جا حالات بيان ڪيا ويا آهن. هن فهرست کي سامهون رکي غور ڪريو ته علم جو چرچو ڪيتريقدر نه عام هو: شهر نه، بلڪ ڳوٺ به هن بي بها دولت سان معمور هئا.

بکر، سکر، روهڙي، الور، سوي، کوڙ، سيوهڻ، دشت باران، پکو ڪانيار، بوبڪ هالاڪندي، پٽ، پاٽوٽ، خانوٽ، جهيجا، انڙپور، ڪپرو، جوهري، نصرپور، گجرڪوٽ، ڪاتيار، اڳهر ڪوٽ، چاچڪ، ونگو، ولهار، اپلا، نري، بلڙي، ڪاهوٽ، ڪڪرالو، مٺياري، نيرون ڪوٽ (حيدرآباد)، اڪن پور، پنو، شال(سال)، دڙي، هنگورا، ڪنجه ڪوه، ڊنڊي، سون دڙو، منجهر ڊنڊ، سامري، هنگورجا، دربيلو، روپاهه، پٽ باران، لاهري بندر، ٺٽو، ساڪر جي ڪناري جا ڳوٺ، شڪارپور، پريالو، ڪاهان ۽ سن: هيءَ مختصر فهرست آهي ۽ ممڪن آهي ته ڪي نالا رهجي ويا هجن؛ ليڪن هيءَ فهرست به علم جي همه گيريءَ جو هڪ روشن دستاويز آهي.

مخدوم رحمت الله: مخدوم رحمت الله هڪ اهڙي علمي خاندان جو روشن چراغ هو، جو پيڑهين کان علمي فضيلتن ۾ ممتاز رهندو ٿي آيو. مير علي شير "قانع" لکيو آهي ته ان جو وجود رحمت جو باعث هو. شرعي احڪامن جي حفاظت ۽ نگرانيءَ ۾ خاص اهتمام ڪندو هو. قوت جي اعتبار کان پنهنجي زماني ۾ بي مثال مجيو ويندو هو. هن بزرگ سال 1137 هه يا 1138 هه ۾ وفات ڪئي. سندس شاگردن مان مخدوم ضياءِ الدين تمام گهڻي شهرت حاصل ڪئي. [1]

---

[1] "مقالات الشعراء" قلمي نسخو، ملڪيت سنڌي ادبي بورڊ، ص 118، "قانع"، "تحفة الڪرام" ۾ به مخدوم ضياء الدين جو ذڪر ڪيو آهي (ج 3، ص 228). جيڪڏهن هي اهو صاحب آهي، جنهن جو ذڪر مقالات ۾ آهي ته سمجهڻ گهرجي ته ان جا چار پٽ هئا: انهن مان محمد ذاڪر ۽ محمد عالم دهليءَ هليا ويا، محمد ناصر حج جي سفر ۾ بندر عباس ۾ وفات ڪئي ۽ محمد اعظم ٺٽي ۾ ئي رهيو.

مرزا محمد رحيم خان: محمد رحيم خان، ميرزا مقيم تواني [تيوٽي] جو فرزند هو. مرزا موصوف شاهجهان جي دور ۾ ايران کان آيو ۽ سرڪاري خدمات جي سلسلي ۾ جهانگيرنگر (ڍاڪا) ۾ رهائش ڪئي. محمد رحيم غالباً اتي ئي پيدا ٿيو ۽ اتي ئي مختلف علوم ۽ فنون حاصل ڪيائين. عالمگير جي آخري دور ۾ هن کي واپس گهرايو ويو. ڍاڪا کان جڏهن دهليءَ پهتو، تڏهن بادشاهه جي وفات جي خبر مليس. شهزادن ۾ تاج ۽ تخت هٿ ڪرڻ لاءِ پاڻ ۾ لڙائي شروع ٿي وئي هئي. ميرزا محمد رحيم خان، شهزادي عظيم الشان (ابن شاهه عالم اول، بن عالمگير) جي فوج ۾ توبخاني جو داروغو بنجي ويو. فرخ سير جي دور ۾ ان کي نئين جو ديوان بنايو ويو. اهو معلوم ٿي نه سگهيو ته هن عهدي تي ڪيتريءَ مدت تائين قائم رهيو. فقط هيءُ معلوم ٿي سگهيو آهي ته هڪ دفعي اتان تبديل ٿيو ۽ 1137 هـ ۾ ٻيهر نئين جو ديوان مقرر ٿي آيو. هن دفعي ڇڻ مهينن کان زياده زنده نه رهيو ۽ شعبان 1167هـ اپريل 1725ع) ۾ فوت ٿي ويو. "قانع" لکيو آهي ته هو علمي ڪمالات جي زيورن سان سينگاريل هو ۽ ڪيس علوم غربيه ۾ خاص دسترس حاصل هئي. هو ڪيترن ئي ڪتابن جو مصنف هو- مثلاً رسالو "انيس القلوب"، "مغل بادشاهن جي تاريخ" تيمور جي زماني کان فرخ سير جي دور تائين، جنهن ۾ سمورا حالات تفصيل سان بيان ڪيل هئا.[1] هيءَ ڪالهه خاص طور توجهه لائق آهي ته ان زماني جا ماڻهو فوجي ۽ انتظامي عهدن جا فرض به انجام ڏيندا هئا ۽ ان سان گڏ وگڏ اعليٰ درجي جا علمي ڪتاب به تصنيف ڪندا هئا.

عبدالله واعظ: هيءُ "ميان موريو" نالي مشهور هو. "قانع" لکيو آهي ته

---

[1] "مقالات الشعراء" ص 120

تقويٰ ۽ توفيق جو صاحب، صالح ۽ پرهيزگار بزرگ هو. هن جي وعظ جي مجلس مان عام توڙي خاص ماڻهو مستفيد ٿيندا هئا. سندس ڳالهيون نهايت اثرائتيون هونديون هيون، انهيءَ ڪري جو هو "اتامرون الناس بالبر وتنسون انفسكم" (ڇا اوهين ماڻهن کي حڪم ڏيو ٿا ۽ پنهنجن نفسن کي وساريو وينا آهيو) کان بلڪل پاڪ هو. هن جي ذات فقط تبرڪ ۽ دعا جي حيثيت رکندي هئي. 1167ھ ۾ وفات ڪيائين. سندس جنازي تي ڪيترائي ماڻهو گڏ ٿيا. ان زماني ۾ ايترا ماڻهو شايد ئي ڪنهن ٻئي جي جنازي تي گڏ ٿيا هجن.[1]

عبدالرشيد نتوي: هيءُ بزرگ لغت جي بن ڪتابن تصنيف ڪرڻ سببان تمام گهڻو مشهور آهي- هڪ عربي لغت جنهن جو نالو "رشيدي عربي" هو ۽ ٻي فارسي لغت جنهن جو نالو "رشيدي فارسي" جي نالي سان مشهور ٿي. هن جي والد جو نالو عبدالغفور هو. نسب جي لحاظ سان حسيني هو ۽ مديني منوره کان اچي نتي ۾ مقيم ٿيو هو. عبدالرشيد نتي ۾ ئي تعليم ۽ تربيت حاصل ڪئي. عالمگير جي تاجپوشيءَ واري جلوس تي جيڪا تاريخ چئي هئائين، اها پنهنجي مادي جي اعتبار کان حد درجي جي بهترين هئي. اها تاريخ هيءَ آهي:

"واطيعوا الله واطيعوا الرسول و اولوالامر منكم."

رشيد شعر ۾ تمام چگو چوندو هو. "قانع" "مقالات الشعراء" ۾، ان جي هڪ قصيدي مان تمام گهڻا شعر نقل ڪيا آهن.[2]

---

(1) "مقالات الشعراء"، ص 190

(2) "مقالات الشعراء"، ص 195

آقا محمد ڪريم اصفهاني: آقا جيتوٽيڪ اصل ۾ ايراني هو، ليڪن ساري عمر نٽي ۾ ئي گذاريائين ۽ مختلف سرڪاري خدمتن تي مقرر رهيو. شاهبندر جي ناظم جي حيثيت ۾ تمام گهٽي شهرت حاصل ڪيائين. نادر جڏهن سنڌ تي حملو ڪيو ۽ ملڪ جي مختلف حصن ۾ حڪومت جو انتظام درهم برهم ٿي ويو، تڏهن نٽي جي ماڻهن ڪيس پنهنجو وڪيل بنايو. هن عهدي تي رهي، ننڍي وڏي کي راضي ۽ ممنون بنائڻ ۾ هن ڪابه ڪسر نه ڇڏي.

آقا نهايت چگو شاعر هو. سندس تخلص "عاشق" هو. "قانع" لکي ٿو:

> در صحبت وے مجمع شعرا بود و رعايت هرڪدام فراخور حال به عمل مے آورد. ديوان ترتيب داد. در سال هزار و صد و پنجاه و پنج فوت ڪرده- "رحمت الله تعالىٰ عليڪ" موافق سال است.[1]
>
> (هن جي مجلس ۾ شاعر جمع هوندا هئا. هرهڪ سان سندس حيثيت مطابق سلوڪ ڪندو هو. هن، هڪ ديوان مرتب ڪيائين ۽ سال 1155 هـ ۾ وفات ڪيائين. "رحمت الله تعالىٰ عليڪ" مان سندس وفات جي تاريخ نڪري ٿي.)

مير نجم الدين: هيءُ مخدوم محمد معين جو ڀاٽيجو ۽ مير محمد 'رفيع' بکريءَ جو فرزند هو. هن مخدوم صاحب کان ئي تعليم حاصل ڪئي ۽ ان جي ئي زندگيءَ ۾ درس ۽ فتويٰ جو صاحب بنجي ويو. هن جا شاگرد پڻ ڪمال درجي تي پهتا- مثلاً ميان احمد، جو نٽي جي آسپاس ۾ مفتي مجيو ويندو هو ۽ ٻيو ميان محمد باقر.

---

[1] "مقالات الشعراء"، ص 193-195.

مير نجم الدين عربي زبان ۾ تمام گهڻيون تصنيفون ڪيون. منطق ۾ "يڪ روزي" نالي سندس هڪ مشهور رسالو آهي. مير ان جي تتبع ۾، مختلف علمن ۾ هڪ رسالو هڪ ئي ڏينهن ۾ مرتب ڪيو، جو "قانع" جي بيان مطابق "يڪ روزي" کان بهتر هو ۽ ضخامت ۾ به ان کان وڏو هو. "طوطي نامو" پڻ نئين سر فارسيءَ ۾ لکيائين ۽ ان جي عبارت نخشبيءَ جي عبارت کان زياده شيرين هئي. مير صاحب پاڻ شاعر به هو ۽ سندس تخلص "عزلت" هو. هن زياده عمر ڪانه ماڻي ۽ 1160هـ ۾ فوت ٿي ويو.

عبدالباسط: هيءُ نٽي جو رهاڪو هو. نوجوانيءَ ۾ دهليءَ ويو. هن کي منصب جي خواهش هئي. نواب عنايت الله خان وڏي ڪوشش ڪئي، ليڪن هن کي منصب ملي نه سگهيو؛ نوڪري مليس ٿي، جا پاڻ قبول نه ڪيائين. هڪ قلعي فتح ٿيڻ تي عبدالباسط، هيءَ تاريخ چئي: "هٰذا عطانا فامنن او امسک بغير حساب (1116)"؛ هن ۾ 'بغير حساب' مان هيءُ اشارو آهي ته حساب جي عددن کي حساب ڪيو وڃي. عالمگير کي هيءَ تاريخ نهايت پسند آئي ۽ هڪدم "هڪ صدي" جي منصب جو حڪم جاري ڪيو ۽ گڏوگڏ چيائين ته 'امير تيمور جڏهن روم جي سلطان بايزيد يلدرم تي فتح حاصل ڪئي هئي، تڏهن ڪنهن شخص 'غلبت الروم في ادني الارض" مان تاريخ ڪڍي هئي ۽ ان کان پوءِ هن جهڙي تاريخ ٻيو ڪوبه نه ڪڍي سگهيو. پر هاڻي عبدالباسط ڪڍي ورتي'. عنايت الله خان جي ڪوشش سان عبدالباسط تان خدمت معاف ٿي ويئي ۽ سندس علم ۽ فضل جو لحاظ رکندي، ڪيس نٽي ۾ عدالت جو عهدو ڏنو ويو؛ جيتوڻيڪ عدالت جو ڪم سندس ئي ذمي هو؛ ان هوندي به عربيءَ جي تدريس جو سلسلو ٻڌاپي تائين به جاري رکيائين. پوءِ هن آخري عمر ۾ حج ڪيو. [1]

---

[1] "مقالات الشعراء"، ص 198

ميرمحمد علي: ميرصاحب وطن جي اعتبار کان مشهدي ۽ منصب جي اعتبار کان طباطبائي ساداتن مان هو. نجوم ۽ حڪمت جي علم ۾ ڪيس تمام مٿانهون درجو حاصل هو. هو، سال 1169هجريءَ ۾ ڏٺي پهتو؛ ۽ ميان محمد مرادياب خان جي سرڪار ۾ ملازم ٿي ويو. هتي وڏيءَ عزت ۽ آبروءَ سان زندگي گذاريندي، اخر ڪيس وطن وڃڻ جي اجازت ملي ويئي.[1]

ميان محمد عارف: هيءُ ڏٺي جو رهاڪو هو. ميرعلي شير 'قانع' هن جي سهٽين عادتن ۽ بهترين اخلاق جي وڏي ساراهه ڪئي آهي. هيءُ نواب سيف الله خان جي دور ۾ منشيگيريءَ جي عهدي تي مقرر ٿيو ۽ پوءِ ميان نور محمد خان جي سرڪار ۾ سندس شمار وڏن منشين ۾ ٿيندو هو. ميان صاحب هن جي تمام گهڻي عزت ڪندو هو. 'قانع' لکيو آهي ته هن وانگيان سهڻا اکر لکندڙ ڪي تمام ٿورا ماڻهو هوندا. هو شعر پڻ چوندو هو.[2]

---

[1] "مقالات الشعراء"، ص 210-211

[2] "مقالات الشعراء"، ص 209

علم ۽ فضل
[2]

مخدوم عبدالروف: مخدوم صاحب جي وڏن مان جنهن شخص پهريان ئي علم ۽ فضل ۾ ڪمال درجو حاصل ڪيو، اهو مخدوم محمد اسحاق هو. هو، قوم جو سهتو هو ۽ شيخ بهاء الدين زڪريا ملتانيءَ جي خاندان ۾ مريد ٿيو هو. ڪيس ۾ فرزند هئا: مخدوم احمد ۽ مخدوم محمد. ٻنهي فرزندن پنهنجي والد جي فيض مان چگو حصو ورتو ۽ ٻنهين جو اولاد پيڙهين تائين بزرگيءَ ۽ خدا پرستيءَ ۾ ممتاز رهيو. مخدوم عبدالرؤف جو نسب هيءُ آهي: مخدوم عبدالرؤف، بن مخدوم عمر، بن مخدوم عبدالحميد پهريون، بن مخدوم فتح الله پهريون، بن مخدوم احمد، بن مخدوم اسحاق. "قانع" مخدوم عبدالرؤف بابت لکيو آهي تہ:

> از حسن شعور تا آن وفات همگي موصوف اخلاق رضيه صرف عبادت و رياضت بوده خوارقش برون از حد احصاست — ميان نور محمّد بغايت در بندگي اش بوده وجه حرفش از دل و جان ڪمر انقياد بسته داشته در هزار و صد و شصت و شش هجري به رحمت رؤف پيوسته-

(آغاز شعور کان وني وفات تائين پسنديد اخلاق سان سينگاريل رهيو. سمورو وقت عبادت ۽ رياضت ۾ گذارينو هو. هن جي ڪرامتن جو شمار ئي ڪري نٿو سگهجي. ميان نورمحمد خان هن جو گهٹو فرمانبردار هو ۽ سندس هر حڪم جي پيرويءَ لاءِ تيار هوندو هو. 1166هـ (1753ع) ۾ وفات ڪيائين.)

شيخ ابراهيم قاضي زادي هالا ڪنديءَ واري "ڪان ولياً رؤف الحق" مان سندس وفات جي تاريخ ڪڍي.[1]

مخدوم روح الله: "تحفة الڪرام" جي مصنف جي قول مطابق، منقول ۽ معقول جو جامع ۽ فروغ ۽ اصول جي علم ۾ پنهنجو مٿ پاڻ هو. صلاحيت ۽ بزرگيءَ ۾ وڏي شهرت حاصل ڪيائين. ڪيس سال 1162 هـ (1753ع) ۾ ميان نور محمد خان دعا لاءِ محمد آباد ۾ سڏايو اتي مير علي شير "قانع" کي ساڻس ملاقات ڪرڻ جو شرف حاص ٿيو. مٿي لکجي چڪو آهي ته نادرشاهه جڏهن حڪومت جي تخت تي وينو هو، تڏهن مخدوم روح الله "الخير في ماوقع" مان جلوس جي تاريخ ڪڍي هئي. مخدوم جي سامهون هيءَ حقيقت هئي ته ايران افراتفري، خانه جنگي ۽ بدامنيءَ کان محفوظ ٿي ويو، تنهنڪري هن، نادر جي جلوس کي خير سان تعبير ڪيو. مير علي شير "قانع" جڏهن اها تاريخ ٻڌي، تڏهن نادر جي ظلمن کي سامهون رکندي "الخير" کي "لاخير" بنائي ڇڏيو، يعني جيڪي ڪجهه ٿيو، ان ۾ ڪا ڀلائيءَ جو ڪوبه پهلو نه آهي. نادر جڏهن قتل ٿيو، تڏهن مخدوم روح الله ان جي قتل جي تاريخ "الخير في ماهو واقع" مان ڪڍي. هن دفعي به "قانع" ان کي "لاخير" بنائي ڇڏيو.[2]

مير صلاح الدين ۽ سيد پير شاهه: هي شيخ عثمان مروندي، عرف مخدوم لعل شهباز قلندر جي درگاهه جو سجاده نشين هو. جنهن جي مزار تي سيوهڻ ۾ هزارين ماڻهو سلامي آهن. سندن نسب لکياري ساداتن سان ملي ٿو. مير صلاح الدين مريدن جي تربيت ۾ تمام گهڻو ڪوشان رهندو هو. هن جو فرزند سيد پير شاهه وڏيءَ رياضت جو صاحب هو. ميان نور محمد خان کي سندس

---

[1] "تحفة الڪرام" ج 3، ص 149؛ قلمي نسخو ص، 421

[2] "تحفة الڪرام" ج 3، ص 129-130

زيارت جي گهٽي آرزو هوندي هئي ۽ باربار درخواستون موڪلينڈو هو تہ هن طرف تشريف فرما ٿيو. سيد صاحب پري رهڻ چاهيندا هئا. آخر ميان صاحب پاڻ زيارت لاءِ پهچي ويو. ارادتمند، سيد صاحب کي گهٽي زور پرڻ کان پوءِ ميان صاحب وٽ وڃي ويا. ملاقات کان پوءِ سيد صاحب چيو تہ "هاڻي دنيا ۾ رهڻ مناسب معلوم نٿو ٿئي." ۽ پوءِ ٿوريءَ مدت کان پوءِ وفات ڪري ويو[1].

مخدوم عنايت الله: هيءُ حال ۽ ڪرامت جو صاحب هو. ٻاراڻيءَ عمر ۾ ئي نظر هلي ويئي هيس. خدا ڪيس حافظو اهڙو عجيب ۽ غريب عطا ڪيو هو، جو اڪين ڪم محروم هجڻ جي باوجود سيني علمن ۾ ڪمال حاصل ڪيو هئائين. درس ۽ ڏيندو هو ۽ وعظ ۽ ڪندو هو. ظاهري علم سان گڏ باطني صفتن ۾ ۽ مٿانهين درجي تي فائز هو. "قانع" لکيو آهي تہ سندس واعظ تمام اثرائتو هوندو هو. "تحفة الڪرام" ۾ هن جي بن فرزندن جو ذڪر آيو آهي: هڪ ميان محمد سعيد واعظ، جنهن فقه جي علم ۾ ڪمال حاصل ڪيو ۽ ٻيو مولوي محمد صادق جو معقولات ۾ پنهنجو مثال پاڻ هو ۽ درسگاهہ پڻ قائم ڪئي هئائين[2].

مخدوم محمد معين: مخدوم جو خاندان ٽن پيڑهين کان ئي ممتاز هو. هن جو ڏاڏو مخدوم طالب الله ڳوٺ دالي تعلقي روپاهہ ۽ پٽ باران جو رهاڪو هو. فاضل خان کي هن سان وڏي عقيدت هئي. مخدوم جو والد مخدوم محمد امين پنهنجي وطن مان لڏي، نٽي ۾ اچي رهائش اختيار ڪئي هئي. فاضل خان پنهنجي ڏيءَ سان سندس شادي ڪرائي. هيءُ علم ۾ نهايت ڪمال درجي تي هو ۽ امير جي ڏيءَ سان شادي ڪرڻ سبب دنيائي حيثيت ۽ مٿانهين ٿي ويس.

---

[1] "تحفة الڪرام" ج 3، ص 137. قلمي نسخو، ص 391

[2] "تحفة الڪرام" ج 3، ص 230

مخدوم محمد معين، مخدوم عنايت الله کان تعليم حاصل ڪئي ۽ منقول ۽ معقول ۾ وقت جو علامہ بنجي ويو. ان بعد ميان ابوالقاسم نقشبنديءَ سان ارادتمنديءَ جو رشتو قائم ڪيائين. شاھ عبداللطيف سان پڻ دوستي ٿي ويئي هيس. راڳ ٻڌڻ کان پوءِ دل ۽ دماغ تي خاص ڪيفيت طاري ٿي ويندي هيس ۽ نهايت عمدا شعر چوندو هو. فارسيءَ ۾ "تسليم" ۽ هنديءَ ۾ "بيراڳي" تخلص استعمال ڪندو هو. هن ڪيترين ئي تصنيفون ڇڏيون.

وفات جي ڪيفيت "قانع" هن طرح لکي آهي تہ شاھ عبداللطيف هڪ ڏينهن مريدن کي چيو تہ "هلو، پنهنجي دوست کي آخري دفعو ملي اچون." جيئن ئي ٻڌي پهتو تہ راڳ جي محفل شروع ٿي ويئي. مخدوم ذوق جي عالم ۾ اٿيو ۽ اندر هليو ويو- ٿوريءَ دير کان پوءِ وفات ڪيائين. شاھ عبداللطيف جنازي نماز پڙهي واپس موٽي آيو ۽ وري ڪنهين بہ ٻڌي نہ ويو، چو تہ ٻڌي فقط مخدوم جي زيارت لاءِ ئي ويندو هو[1]. وفات جو سال 1161ھ (1748ع) آهي.

وفات جون تاريخون: مخدوم جي وفات تي ڪيترن شاعرن تاريخون چيون، جن مان ڪي هيٺ ڏجن ٿيون:

1. محسن ٺٽوي:

عارفِ دين معين حق مخدوم
آنکه در عشق جمله تن دل شد
نورِ ذهنش به مشکلاتِ علوم
در شبِ جهل بدرِ کامل شد
با کمالاتِ ظاهري از فقر
باطنش مظهرِ فضائل شد
به نگاهے که کرد شاهد غيب
عين رو گشت وسوي منزل شد

---

[1] "تحفة الکرام" ج 3، ص 229-230

لا جرم سال فوت او گفتند
"قطرهء دُر ببحر واصل شد"

2. محسن نقوي:

معين اهلِ حق مخدوم دوران
دليلِ قاطع هر علم چو سيف
که چون خورشيدِ طبعش گرم گشتے
شتاي سامعان دم مے زد از صيف
ازين محنت سرا مردانه در دم
به مهمان خانهء حق رفت چون ضيف
به دل گفتم اگر عرفان شناسي
بگو زين درد تاريخے به هرکيف
دومدِ آه پيهم دل زد و گفت:
"معين دينِ احمد رفت، صد حيف"

3. محمّد پناهه "رجا" نقوي:

مخدوم بسکه بودبه دنيا معينِ دين
در ماتمش دل همه مومن حزينِ اوست
واحسرتا چه ماتمي، يک حشر آفت است
هر يک جدا جدا دلش اندوهگين اوست
مي سو خت از تبِ غم ومي کرد فکرِ سال
يعني دلِ 'رجا' که محبت گزينِ اوست
آمد به سالِ رحلت او اين ندا ز غيب
"ناجي شد او که آلِ محمّد معين اوست"

محسن جون تاريخون شريعت جي لحاظ کان نهايت بلند آهن. 'رجا' جا تاريخ جو امتيازي پهلو هيءُ آهي ته هن ۾ مخدوم جو نالو شامل ٿيل آهي. انهيءَ کان سواءِ "مقالات" ۾ ڪي تاريخون نقل ٿيل آهن، ليکن انهن کي نظرانداز ڪرڻو پيو[1].

---

[1] "مقالات الشعراء"، ص 66-67.

مخدوم محمد هاشم: ٻيءُ جو نالو عبدالغفور هو. 1104هـ ۾ پيدا ٿيو. سال 92-1693ع ۾، مخدوم عبدالرؤف جي مشهور شاگرد مخدوم ضياء الدين کان تعليم حاصل ڪيائين ۽ نون سالن جي عرصي ۾ تعليم کان فارغ ٿي ويو. 1135 (آگسٽ 1723ع) ۾ حج جي سعادت حاصل ڪئي ۽ 12- رجب 1136هـ (26- مارچ 1724ع) جو مديني منوره پهتو.

هيءُ پنهنجي دور جو وڏو عالم هو. فقه، حديث، رجال، ڪلام، معقول ۽ تفسير وغيره جي سڀني علمن ۾ ڪيس دسترس حاصل هئي. اٽڪل ساڍن ٽن سون ڪتابن جي تصنيفات ڇڏيائين.

مخدوم جي فرمائش تي ميان غلام شاهه هڪ فرمان جاري ڪيو هو، اهو هن کان اڳ ميان صاحب جي حالات ۾ درج ٿي چڪو آهي. "تحفة الڪرام" جي مصنف لکيو آهي:

> در تقويت دين سنت و جماعت وا احياءِ سنن، نادرهء زمان بود... بر مشرکين و معاندين دين عملش خوب جرياني داشت- در زمانش صدها از گروه ذمي به شرف ايمان رسيدند. باسلاطين وقت مثل نادر شاه بادشاه و احمد شاه رسل و رسائل مفتوح درست احکام تقويت دين به استدعايش حسب دلخواه مي رسيدند و حسن نفاذ مي يافتند.[1]
>
> (سنت جماعت کي زور وڌائڻ ۽ سنت نبي جي احياء لاءِ ڪوشش ونندڙ جهڙس ٻيو ڪو ورلي هو. دين جي دشمنن ۽ مشرکن خلاف سندس عمل خوب جاري هو. هن جي دور ۾ سوين ذمي ايمان جي دولت سان مشرف ٿيا. وقت جي بادشاهن، مثلاً نادرشاهه ۽ احمد شاهه ابدالي، سان سندس خط و

---

[1] "تحفة الڪرام"، ج 3، ص 230

ڪتابت جاري هوندي هئي. هن جي استدعا موجب
دين جي طاقت لاءِ حڪم جاري ٿيندا رهندا هئا ۽
نهايت سهڻي طريقي سان انهن تي عمل ٿيندو هو.)

6- رجب 1174 هـ (9 فيبروري 1761ع) جو وفات ڪيائين. هن جا ٻه فرزند هئا- هڪ عبدالرحمان. جو جهونا ڳڙهه ۾ فوت ٿي ويو ۽ ٻيو مخدوم عبداللطيف، جنهن والد جي وفات کان پوءِ ٻه علمي شان ۽ ڪمال جو اعزاز قائم رکيو ۽ اهڙيءَ ريت مخدوم محمد هاشم جو درسگاهه دستور موجب هلندو رهيو. مخدوم عبداللطيف پنهنجي پيءُ وانگر مدرسي ۾ پڙهائڻ سان گڏ روزانو عصر جي نماز کان پوءِ مسجد ۾ حديث جو درس ڏيندو هو ۽ هر جمعي تي جامع مسجد ۾ واعظ ڪندو هو[1].

مخدوم محمد ابراهيم: مخدوم عبداللطيف بن مخدوم محمد هاشم جو فرزند مخدوم ابراهيم ٻه پنهنجي وقت جو تمام وڏو عالم هو. هن جي ڪيترين قلمي تصنيفن جو ذڪر مولانا محمد عبدالرشيد نعمانيءَ پنهنجي انهيءَ فاضلانه مضمون ۾ ڪيو آهي، جيڪو هن ڪتبخانه مظهرالعلوم ڪراچي جي مخطوطات متعلق لکيو هو ۽ جو رسالي "دعوت الحق" جي مختلف نمبرن ۾ شايع ٿيو هو[2]. جيتوٽيڪ مخدوم موصوف جي سامهون ڪلهوڙن جي حڪومت ختم ٿي چڪي هئي ۽ ٽالپر بلوچ سنڌ تي تسلط جمائي چڪا هئا، ليڪن سندس پيدائش ۽ تربيت ڪلهوڙن جي ئي دور ۾ ٿي هئي. هن ڪيترن مختلف رسالن ۾ ڪن اهم مسئلن تي مفصل بحث پڻ ڪيا. مثلاً: هڪ رسالي ۾، جنهن جو نالو "اماطة اذي العبيد عن طريق جواز استعمال اموال الكافر العنيد" هو، ڏمين جي صحيح حيثيت ظاهر ڪئي اٿس ۽ منجهس پنجيتاليهن

---

[1] "تحفة الكرام" ج 3، ص 230

[2] "رساله دعوت الحق"، بابت آگسٽ ۽ سمبر 1952ع ۽ بابت جنوري ۽ فيبروري 1953ع

سببن سان ثابت ڪيل آهي ته مخدوم جي زماني ۾ سنڌ جا غير مسلم ذمي نه رهيا هئا، بلڪ حربي بنجي چڪا هئا[1].

ڪوسا قوم جا بلوچ موقعو ونڻي رياست جوڌپور جي حدن ۾ لُٽ مار ڪندا رهندا هئا ۽ مال سان گڏ عورتون ۽ ٻار به کڻي ويندا هئا. مخدوم ابراهيم کان پڇيو ويو ته انهن قيدين کي ٻانهيون ۽ غلام بنائڻ ۽ مال کي پنهنجي ضرورت ۾ خرچ ڪرڻ جائز آهي يا نه؟ مخدوم پنهنجي خيال مطابق ان کي جائز قرار ڏنو ۽ جوڌپور جي رياست کي دارالحرب ثابت ڪيائين.

شيخ عثمان ٺارو: هن دور ۾ هڪ زبردست عالم شيخ عثمان ٺارو هو، جو ميان نور محمد نصرپوريءَ جو شاگرد هو. هن مخدوم ابراهيم جي راءِ سان اختلاف ڪيو ۽ اهو به لکيو ته سنڌي ڪافرن کي ذميين جي بدران حربي قرار ڏيڻ غلط آهي ۽ هي به لکيائين ته جوڌپور دارالحرب نه آهي، مخدوم ابراهيم عربي نظم ۾ شيخ عثمان جي هجو ڪئي ۽ بيحد جوش ۾ اچي شيخ موصوف کي جوڌپور جي ڪافرن جو حمايتي ظاهر ڪيو، حالانڪ هن جو مقصد ۽ مدعا فقط هيءُ هئي ته مسئلي جي حقيقي حيثيت واضح ٿي وڃي ۽ جوڌپور جي باشندن جي حمايت سان هن جو ڪوبه لاڳاپو نه هو. شيخ عثمان ۽ ان جي شاگرد ميان محمد صادق جي رد ۾ هڪ سؤ ٻاويهن صفحن جو هڪ ڪتاب لکيو، جنهن ۾ هن جوڌپور جا حالات بيان ڪري ثابت ڪيو ته اهو واقعي دارالحرب آهي ۽ ضمني طرح سنڌ جا حالات به ڪتاب ۾ لکي ڇڏيا.

انهن ڪتابن تي تنقيد ۽ تبصرو اسان جي هن موضوع کان خارج آهي. مقصد فقط هيءُ آهي ته ڪلهوڙن جي دور ۾ ۽ ان کان ڪجهه مدت پوءِ، سنڌ ۾ ايڏي پايي جا عالم موجود هئا جو هو ملڪي پاليسيءَ جي ڪن بنيادي مسئلن بابت جيڪي رايا ڏيندا

---

[1] "رساله دعوت الحق"، بابت آگسٽ ۽ سپٽمبر 1952ع، ص 43

هئا، انهن سان ڪنهن کي پورو اتفاق هجي يا نہ هجي، ليڪن ڪو شخص اڄ به ائين چئي نٿو سگهي ته اهي مختصر ۽ سطحي هئا، يا موافق ۽ مخالف دليلن جي پيٽا ڪرڻ کان سواءِ ڏنا ويا هئا.

قاضي مخدوم عبدالرحمان: "قانع" جي بيان مطابق، هو نهايت جليل القدر عالم ۽ صاحب فضيلت بزرگ هو. شاهه جهان جي زماني ۾، عالمگير جي حڪومت جي آخري دور تائين، حرمين شريفين جي نگرانن جو انتظام هن جي حوالي رهندو هو. هن جا چار فرزند- مخدوم محمد اڪرم، ميان مدني، حفيظ يار خان ۽ عابد يار خان هئا. هن خاندان جو هڪ ٻيو به بزرگ قاضي عبدالرحمان ثاني هو، جو مدپني منوره ۾ فوت ٿيو ۽ ان کي جنت البقيع ۾ دفن ڪيو ويو.

حاجي محمد قائم: "تحفة الڪرام" ۾ لکيل آهي ته 'عالم اڪمل و فاضل افضل، مجموعهء علم معقول و منقول هو. وقت جي عالمن سان سندس بحث ٿيندا هئا ۽ حاجي موصوف گهٽو ڪري انهن بحثن ۾ بلند رهندو هو. هر روز عصر جي نماز کان پوءِ حديث جو درس ڏيندو هو. هڪ دفعي حج ڪري واپس موٽي آيو؛ ٻئي دفعي ويو ته مديني منوره ۾ اقامت اختيار ڪيائين ۽ پوءِ اتي ئي 1157ھ ۾ وفات ڪيائين ۽ جنت البقيع ۾ دفن ٿيو. ملا محمد باقر واعظ ۽ مخدوم نور محمد نصرپوري حاجي صاحب جا شاگرد هئا.

"مقالات الشعراء" ۾ آهي ته حاجي قائم حديث جي علم ۾ وڏي اعتماد وارو ڄاتو ويندو هو. حافظي جو هيءُ حال هو، جو جن مسئلن ۽ مقدمن کي ٻيا عالم پوريءَ تحقيق کان پوءِ بيان ڪندا هئا، حاجي قائم بروقت انهن تي پنهنجي راءِ ڏيندو هو، بلڪ هر ڪتاب جي بابن ۽ صفحن جو حوالو به ڏيندو هو. پهرين دفعي جڏهن حج جو ارادو ڪيائين، ته سفر ۾ ايندي ويندي جتي به ويو ٿي اتي ماڻهن سندس وڏي عزت ۽ استقبال ڪيو ٿي، خاص ڪري

سورت ۾ عقيدتمندن سندس استقبال اهڙي شان سان ڪيو، جنهن جو بيان ڪرڻ مشڪل آهي. سال 1154هـ ۾ حرمين جي سفر تي روانو ٿيو ۽ اهوئي فيصلو ڪري نڪتو تہ مديني ۾ مقيم ٿيندس. تاريخ وفات "في جناتِ تجري" مال 1157هـ نڪري ٿي.

شعر پڙ چوندو هو- 'استخراج تحويل شمس' جي فن ۾ هڪ قطعو لکيو هئائين، جيڪو "مقالات" ۾ درج ٿيل آهي ۽ ان ۾ استخراج جي علمي قاعدي کي نهايت سهڻي انداز ۾ پيش ڪيو ويو آهي[1].

شاهہ نجم الدين: هيءُ قادري حسني هو. سندس لقب "محي الدين ثاني" هو ۽ ڪشمير جو رهاڪو هو. سال 1165 هـ ۾ نٽي آيو ۽ شهر واسين کي پنهنجي ظاهري ۽ باطني علم جي نور سان گهڻوئي فيض رسايائين. ميان نور محمد کي ان سان ملڻ جو ايترو شوق هو جو خداآباد کان هالا ڪنديءَ تائين ۽ اتان کان نٽي تائين ڪيترائي وسيلا اختيار ڪيائين. شاهہ صاحب ملاقات تي راضي نہ ٿيو ۽ ميان صاحب لاءِ "نقش صد در صد" درست ڪيائين ۽ ان جي تاريخ ۾ هيءَ مصرع چيائين:

چون نجم دين لا مع شده نور محمد زد علم.

هن بزرگ ۾ دفعا حج ڪيو.[2]

---

[1] "مقالات الشعراء"، ص 234-236

[2] "مقالات الشعراء" ص 239

علم ۽ فضل

[3]

اهم ديني تصنيفون: جن عالمن سڳورن جو مٿي ذڪر اچي چڪو آهي، انهن مان ڪي اهڙا به آهن جن ڪتاب ۽ رسالا تصنيف ڪيا ۽ ٻيا اهڙا به آهن. جن جون عمريون درس ۽ فتويٰ ڏيڻ ۾ گذري وييون ۽ مستقل تصنيفن تي توجهه ڏيڻ جو وقت نه ملي سگهيو؛ ليڪن عام ماڻهن ڪي هيءُ ٻڌي حيرت ٿيندي ته ڪلهوڙن جي دور ۾ سنڌ اهڙا بزرگ به پيدا ڪيا، جن حديث جي ڪتابن جون شرحون لکيون؛ پر پنهنجي علم ۽ فضل آهر شهرت حاصل ي نه سگهيا. مثلاً:

1. ابوالحسن ڪبير، جنهن "صحيح بخاري"، "صحيح "، "سنن ماجه" ۽ "سنن نسائي" تي تعليقات لکيا ۽ "فتح لقدير" ۽ مسند امام احمد بن حنبل جا حاشيا مرتب ڪيا. هن سال 113 هـ يا 1138هـ ۾ وفات ڪئي.
2. ابوالحسن صغير، جنهن تصوف ۾ ڪمال درجو حال ۽ 1187هـ ۾ فوت ٿي ويو.
3. ملا ابوالطيب بن عبدالقادر، جنهن "جامع ترمذي" جي ح لکي.
4. ملا محمد اڪرم نصرپوري، جنهن "صحيح بخاريءَ" شرح سان گڏ توضيح ۽ تلويح تي حاشيو لکيو.

حديث جي مستند ڪتابن تي اهي ئي ماڻهو شرح لکي ٿي، جيڪي حديث جو اعليٰ ذوق رکندا هئا ۽ جن جو مقصد نصب العين اهوئي هو ته حديث جو علم وڌيڪ پکڙجي. اهل

علم جو بيان آهي تہ اهي تعليقات ۽ اهي شرحون انهن ماڻهن جي زماني ۾ بہ مفيد ۽ قدر لائق هيون ۽ اڄ بہ انهن جي افادي حيثيت کان ڪوبہ انڪار ڪري نٿو سگهي.

شيخ محمد حيات سنڌي: انهيءَ دور ۾ شيخ محمد حيات سنڌي بہ ٿي گذريو آهي. هيءُ قوم جو چاچڙ ۽ عادلپور جو وينل هو، جو روهڙيءَ ۽ گهوٽڪيءَ جي وچ تي هڪ ڳوٺ آهي. جوانيءَ جي ئي وقت ۾ مديني منوره ڏانهن هليو ويو ۽ تعليم مڪمل ڪري هميشہ لاءِ اُتي ئي رهائش اختيار ڪيائين ۽ ساري حياتي درس حديث جي درس ڏيڻ ۾ گذاريائين. شيخ غلام علي آزاد بلگراميءَ لکيو آهي تہ

> تبحر عظيم درين فن اشرف اندوخت... خواص و عوام حرمين شريفين و مصر و روم و شام اعتقادو اخلاص خاص داشتند و از ذات همايون کسب برکات مي نمودند:[1]

(حديث جي فن ۾ بيحد عبور حاصل ڪيو هئائين... مڪي معظم، مديني منوره، مصر، روم ۽ شام جي خواص توڙي عوام کي شيخ موصوف سان خاص اخلاص ۽ عقيدت هئي ۽ وٽانئس برڪتون حاصل ڪندا رهندا هئا.)

26- صفر 1163 هـ (24- جنوري 1749ع) تي، اربع جي ڏينهن شيخ صاحب وفات ڪئي ۽ 'جنت البقيع' ۾ دفن ڪيو ويو.

شيخ جي شاگردن جو اندازو ڪرڻ نهايت مشڪل آهي. نواب صديق حسن خان فقط هيٺين شاگردن جو ذڪر ڪيو آهي: شيخ احمد بن عبدالرحمان شامي، شيخ محمد سعيد، شيخ عبدالقادر خليل، شيخ عبدالقادر بن احمد بن عبدالقادر، سيد غلام علي آزاد

---

(1) "مآثر الڪرام"، دفتر پهريون، ص 164

بلگرامي، شيخ محمد فاخر 'زائر' الهه آبادي[1]. انهن کان سواءِ مولانا محمد زاهد سورتي، شيخ عبدالخالق يمني، سيد عبدالرحمان العيد روسي ۽ نواب مصطفيٰ خان 'شيفتة' به شيخ محمد حيات کان سند حاصل ڪئي ۽ نجد جي "تحريڪ اصلاح" جي باني، شيخ محمد بن عبدالوهاب به شيخ موصوف کان ئي حديث پڙهي هئي.

نواب صديق حسن خان سندس ڪيترين ئي تصنيفن جو ذڪر ڪيو آهي، جن مان خاص طرح ذڪر لائق هي آهن: "الا يقاف علىٰ سبب الاختلاف"، "رساله في رد بدعة التعزيه"، "تحفة الانام في العمل بحديث النبي عليه الصلواة والسلام". پوئين رسالي جي تلخيص ميرزا مظهر جان جانان ڪئي هئي، جا "ڪلمات طيبات" ۾ ڇپجي چڪي آهي.

شيخ جو درجو: حديث جي نشر و اشاعت ۾ شيخ محمد حيات ـجو درجو تمام بلند آهي. ٻارهين ۽ تيرهين صدي هجريءَ ۾ جن ـصاحبن مختلف سلسلن ۾ احياءِ حديث لاءِ خاص اهتمام ڪيو، نهن مان گهڻن جي فيض جو سلسلو شيخ صاحب تي اچي ختم ٿئي ٿو. دين جي صحيح علمن جي احياء ۽ اشاعت ۾ هڪ سنڌي ـزرگ جو هيءُ عظيم الشان ڪارنامو، هر سنڌيءَ لاءِ يقينا فخر جو ـاعث هجڻ گهرجي. شيخ 'فاخر' الهه آباديءَ هڪ مثنويءَ ۾ شيخ محمد حيات سنڌيءَ جو ذڪر هن ريت ڪيو آهي:

اد بر روي صفحه دوران	محفل آراي حلقه انسان
يخ الاسلام عصر علامه	در فنونِ حديث فهامه
وشگافِ دقائق ايمان	راز دانِ حقائق ايمان
سته از حبس ربقهء تقليد	بسته بر اجتهاد راي مزيد
س فرماي مسجد نبوي	به طريق و شفيق مصطفوي
ن محمّد حيات بخت بلند	به حديثِ نبي قوي پيوند

"اتحاف النبلاء المتقين باحياء مآثر الفقهاء المحدثين"، ص 403

متع الله زمرة العيان بافاداته الي الازمان
سرِ من خاک پاي أو بادا جانِ من در رضاي أو بادا[1]

شاهه فقيرالله علوي: هن جو احوال پهريائين لکي آيا آهيون. سندس اصل وطن جلال آباد (افغانستان) هو؛ اتان نکري وڃي شڪارپور جو رهواسي ٿيو. جو اڳ ۾ سنڌ جو مشهور شهر هو ۽ اڄ ۾ ان کي خاص اهميت حاصل آهي؛ ليڪن نادرشاهه جڏهن سنڌ کي ٽڪرا ٽڪرا ڪيو، تڏهن شڪارپور پهرين دائودپوٽن جي حوالي ڪري ڇڏيائين ۽ پوءِ وري دائود پوٽن کان کسي سڌيءَ طرح پنهنجيءَ سلطنت ۾ شامل ڪري ڇڏيائين ۽ ان کان پوءِ افغان حڪمران شڪارپور تي قابض رهيا. شاهه فقير الله علوي ظاهري ۽ باطني علمن ۾ پنهنجي وقت جو وڏي پايي جو عالم هو. بادشاهن رئيسن، عالمن ۽ الله وارن سان سندس خط ڪتابت هوندي هئي: انهن مان احمد شاهه ابدالي، ميان محمد سرفراز خان ڪلهوڙي، شاهه ولي خان، وزيراعظم افغانستان ۽ شهزادي سليمان بن احمد شاهه سان خط ڪتاب جو ذڪر اڳ ۾ اچي چڪو آهي. حج پڻ ڪيو هئائين. "تحفة الكرام" مان معلوم ٿئي ٿو ته پاڻ بزرگيءَ جي سلسلي ڪي ڪمال درجي تي پهچائي ڇڏيو هئائين. خاص توڙي عام سندس معتقد هئا. شڪارپور جي حاڪمن کي ساڻس خاص عقيدت هئي. جيئن اڳ ٻڌائجي چڪو آهي، سندس ڪتبخانو علمي جواهرن جو هڪ قيمتي خزانو هو. افسوس جو شاهه صاحب جي وفات کان پوءِ اهو ضايع ٿي ويو.

مخدوم جعفر بوبڪائي: هيءُ بزرگ مخدوم ميران جو فرزند هو. مخدوم، نجوم رمل ۽ نيز نجات جي علمن ۾ بيمثال مجيب ويندو هو. "قانع" سندس باري ۾ ڪي عجيب غريب حڪايتون لکيون آهن، جن کي هن دور ۾ شايد اعتبار جوڳو نه ڄاتو وڃي

---

[1] "اتحاف النبلاء المتقين با حياء آثر الفقها المحدثين"، ص 404

مثلاً، هڪ دفعي مخدوم صاحب سنڌ کان دهليءَ وڃڻ جو ارادو ڪيو. راهہ خرچ لاءِ جيڪي ڏوکڙ ساڻ کنيا هئائين، سي لاهور پهچندي ئي ختم ٿي ويس. ڪنهن کان گهرڻ يا قرض وٺڻ تي دل نہ ٿيس ۽ قرض شايد ملي بہ نہ سگهيس ها- انهيءَ ڪري پنهنجي 'نير نجات' کان ڪم ونيو، شهر جي ٻاهران هڪڙو باغ تيار ڪيائين، جنهن ۾ ميويدار وڻ هئا. پوءِ ان باغ کي ڪنهن دولتمند وٽ گروي رکي، پيسا ونيو، دهليءَ پهچي ويو. موٽندي گرويءَ جي رقم ادا ڪيائين ۽ پوءِ باغ کي نيست نابود ڪري ڇڏيائين.

ٻئي هنڌ لکيل آهي تہ هڪ دفعي بادشاهہ مهيني جي آخري تاريخن ۾ ڪانئس پڇيو تہ چند ڪڏهن ڏسبو. مخدوم سرسري طرح حساب ڪري تاريخ ٻڌائي. ٻين نجومين حساب ڪري، هڪ ڏينهن پوءِ جي تاريخ ٻيهاري. انهيءَ تي مخدوم ڪتاب ڪڍي باقاعدي حساب ڪيو، تہ پنهنجو فيصلو غلط ۽ ٻين جو فيصلو درست معلوم ٿيس. پنهنجي ايڏي ساري غلطي قبول ڪرڻ ۾ جيڪي سو ڪهٽائي محسوس ٿيس، ان ڪري پنهنجيءَ ٻڌايل تاريخ مطابق، پنهنجي 'نير نجات' جي علم جي زور تي، هڪڙو نئون چند آسمان تي چمڪائي ڇڏيائين!

اصلي چند وري ٻئي ڏينهن تي ظاهر ٿيو. ان ڳالهہ تي ماڻهن ۾ جڏهن گهٽو چوٻولو پئجي ويو، تڏهن مخدوم سموري حقيقت ظاهر ڪري ٻڌائي.

مخدوم جعفر جو فرزند مخدوم عبدالغني بہ تمام وڏو عالم هو. هن 1169 هـ (1756ع) ۾ وفات ڪئي. "قانع" وفات جي تاريخ هن قطعي ۾ چئي:

مخدومِ پاک سيرت عبدالغني که بود،
در علم شرع مصطفوي محزن نهفت؛

هاتف به روز رفتن وے در جنان ز غيب،
"فيها علي الارائکِ نعم الثواب" گفت [1].

محمد شفيع خان: هيءُ شخص نٽي جي مخدومن مان هو. عمر جو گهڻو حصو دهليءَ ۾ گذاريائين. ساري عمر شادي نہ ڪيائين ۽ حياتيءَ ۾ جيڪي ڪجهہ گڏ ڪيو هئائين، سو پنهنجي ڀاءُ محمد رضا خان جي خبر گيريءَ ۾ صرف ڪندو رهيو. سن 1160 هـ ۾ حج جي ارادي سان وطن موٽي آيو. "قانع" لکيو آهي:

هو صوفي صافي هو ۽ فقيرن سان گهڻي صحبت هيس. سندس صحبت فيض کان خالي نہ هئي. مخدوم محمد معين ساڻس ملي تمام گهڻو خوش ٿيندو هو.

ڪن رڪاوٽن سببان حج جو سفر ۾ دير ٿيندي رهي، تان جو آخر اجل جو پيغام اچي پهتو. "قانع" سندس وفات جي تاريخ هن طرح چئي:

"روز يکه جانش واصلِ حق شد ز روي هم،
"قانع" بگفت، باد محمد شفيع خان." [2]

مولوي محمد صادق: هيءُ مخدوم عنايت الله واعظ جو فرزند ۽ مخدوم محمد معين جي چند بهترين شاگردن مان هو. معقولات ۾ يگانو مجيو ويندو هو؛ ليڪن ايتري شهرت حاصل ڪانہ ڪيائين. ڪلهوڙا حڪومت طرفان شيخ شڪر الله نٽي جو ناظر هو ۽ ميرڪ محمد احسن کي شيخ الاسلام جو منصب تي مقرر ڪيو ويو هو: هي ٻئي مولوي محمد صادق جي عزت ۽ پر داخت تي خاص طرح توجهہ ڏيندا هئا. مولوي صاحب کي شعر گوئيءَ سان بہ چگي دلچسپي هئي. [3]

---

[1] "مقالات الشعراء"، ص 173
[2] "مقالات الشعراء"، ص 159-160
[3] "مقالات شعرا"، ص 170

ميان محمد صادق نقشبندي: هيءُ صاحب ظاهري توڙي باطني ڪمالات جو جامع هو. سندس فرزند، ميان غلام حسين، مديني منور ڏانهن هليو ويو ۽ اتي شيخ محمد حيات سنڌيءَ جي وفات کانپوءِ مسجد نبويءَ ۾ ان جو درسگاهه سنياليائين. هيءُ نڪتي جو رهاڪو هو ۽ سيد عبدالڪريم بلڙيءَ واري جي تڙپوٽي شاهه عبداللطيف پٽائي جو مريد هو. شاهه عبداللطيف جي والد، شاهه حبيب، جي وفات تي حديث مان هينئين تاريخ ڪڍيائين:

"الموت جسر يوصل الحبيب للقاء الحبيب"- 1144 هـ.[1]

سيد علي رضا: هيءُ حضرت شيخ عبدالقادر جيلانيءَ جي اولاد مان هو ۽ درويشاڻي نموني زندگي گذاريندو رهيو. ڪتابن کي هڪ اُٺ تي لڏائي، پاڻ گهوڙي تي سوار ٿيندو هو، جنهن جي اڳيان جهنبو ڪٽي هلندا هئا: اهڙيءَ ريت سيرسياحت ۾ مشغول رهندو هو. آخر عمر ۾ بکر ۾ رهڻ پسند ڪيائين ۽ اتي ئي رهي پيو. ميان نور محمد خان ڪجهه رقم سندس گذاران لاءِ مقرر ڪري ڇڏي هئي. سيد صاحب جي وفات تي، سندس هڪ غلام، جنهن جو نالو بشير هو، سجاده نشين بنجي ويو.[2]

غلام علي: هيءُ اُڇ جي وينل شيخ محمد جي اولاد مان هو، جو شاهه حسن ارغون جي زماني ۾ نڪتي هليو آيو هو. غلام عليءَ جي والد جو نالو محمد باقر ۽ ڏاڏي جو نالو قاضي محمد حسين هو. موصوف علم ۾ ڪمال جو درجو حاصل ڪيو هو. وٽس عالمن جون هميشه ڪچهريون هونديون هيون. قضاالاهيءَ سان ڪيس جنون جي بيماري ٿي پيئي ۽ انهيءَ حالت ۾ 1154هـ ۾ وفات ڪيائين. ظاهري علم سان گڏ روحاني ذوق به ڏاڍو هوس. مولانا روم جي مثنوي گهڻي پڙهندو هو. "قانع" جي بيان مطابق، هڪ

---

[1] "مقالات الشعراء"، ص 173

[2] "مقالات الشعراء"، ص 210

شخص کان معلوم ٿيو ته پاڻ چوندو هو ته 'بزرگن هميشه چگّيون چيزون يادگار طور ڇڏيون آهن ۽ آءٌ به هڪ چيز يادگار طور ڇڏي رهيون آهيان. هي هڪ مثنويءَ ڏانهن اشارو هو، جا پاڻ لکڻ شروع ڪئي هئائين؛ ليڪن جنون جي ڪري مڪمل نه ٿي سگهي. ان جو فقط هڪ شعر "مقالات الشعراء" ۾ درج ٿيل آهي.

"در بيخبري شدم خبردار، ازخود شده باخدا شدم يار".[1]

حڪيم عبدالرئوف: هيءُ شخص علم طب ۽ حڪمت ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو ۽ موسيقيءَ ۾ به پوري مهارت رکندو هو. موسيقيءَ تي هڪ نهايت عمدو ڪتاب به لکيو هئائين. ميان نور محمد جي حڪومت ۾ ڪيس مٿانهون منصب حاصل هو. سندس پٽ ڪرم الله به هڪ ممتاز طبيب هو ۽ ميان غلام شاهه وٽ ملازم هو.[2]

مير محمد اڪرم: هيءُ شخص روهڙيءَ جو ويندل هو. طب ۾ ڪيس خاص دسترس حاصل هئي ۽ هڪ طبيب جي ئي حيثيت سان ميان نور محمد خان وٽ ملازم ٿيو هو. ڪجهه وقت تائين ميان صاحب جي طرفان بکر جو ناظم ٿي رهيو. هن کي چار پٽ هئا: مير سراج الدين، مير تاج الدين، مير معين الدين ۽ مير نورالدين. هيءُ جيستائين زنده رهيو، عزت ۽ فارغ البالیءَ جي زندگي گذاريندو رهيو. عجيب اتفاق هيءُ ٿيو، جو چئني مان ڪنهن به پنهنجي پٽيان اولاد نه ڇڏيو. مير محمد اڪرم جو پاءُ مير محمد افضل ملتان ۾ رهندو هو، سو پنهنجي پاءُ جي پوين کي روهڙيءَ کان ملتان وٽي ويو.[3]

---

[1] "مقالات الشعراء"، ص 220

[2] "تحفة الڪرام"، ج 3، ص 120

[3] "تحفة الڪرام"، ج 3، ص 129

علي مدد: هيءُ شخص ايراني هو. حڪمت، جفر، نجوم ۽ رمل ۾ پنهنجي زماني جو يگانو استاد مجيو ويندو هو. هن ميان نور محمد خان وٽ تمام مٿانهون درجو حاصل ڪيو:

> در آن ولا کسي از منتسبان آن سرکار باين رتبت کم رسيده، بسيار، مخير و باجود و صاحبِ خوان مي زيست تاهل کرد. در سوستان امامت داشت[1].

ان زماني ۾ جيڪي مانهو ميان جي سرڪار سان وابسته هئا، انهن مان تمام ٿورن ماڻهن کي علي مدد جهڙو مرتبو حاصل ٿيو. هيءُ تمام سخي ۽ هٿ جو چُوٽ هو. سندس دسترخوان وسيع هو. شادي ڪرڻ کان سواءِ سيوهڻ ۾ وڃي رهيو.

شيخ محمد رضا: هيءُ شخص اصل نٽي جو رهاڪو هو، پر بکر ۾ وڃي رهيو هو. سندس اهل عيال بکر ۾ ئي رهندو هو ۽ ٻيا رشتيدار نٽي ۾ هوندا هئا. عالمگير جي دور کان وٺي محمد شاهه جي دور تائين مختلف عهدا ماڻيندو رهيو. مير عبدالجليل سان گهاٽي دوستي هوندي هيس. مير موصوف سنڌ ۾ وقائع نگاريءَ ۽ اخبارنويسيءَ جي خدمت تي مقرر ڪيل هو. هو جڏهن هندستان ويو، تڏهن محمد رضا کي ئي پنهنجيءَ جاءِ تي نائب مقرر ڪري ويو. مٿي لکجي چڪو آهي ته جڏهن اعظم خان ۽ صوفي شاهه عنايت جي وچ ۾ سوال جواب شروع ٿيا هئا، تڏهن محمد رضا، شاهه صاحب کي مخاطب ٿي هيءُ شعر پڙهيو هو:

> دوست بيدار بشو، عالم خواب است اين جا،
> حرفِ بيهوده مگو، پاي ثبات است اين جا.

---

[1] "مقالات الشعراء"، ص 206

هن 1143ھ ۾ وفات ڪئي. ڪنهن شخص سندس وفات تي هيءَ تاريخ چئي:

محمد رضا داده جان در جناب شد.

("محمد رضا" جي عددن مان "جان" جا عدد ڪاڻي ۽ ان ۾ "جنان" جا عدد شامل ڪيا وڃن، تہ تاريخ نڪري اچي ٿي.[1]

متفرق هستيون: هاڻ بين متفرق هستين جا مختصر حالات درج ڪجن ٿا:

1. عبدالواحد: پيرسن هو؛ "قانع" هن کي نادر جي دور ۾ خداآباد ۾ ڏٺو هو.
2. شيخ محمد نعيم: وڏو قابل شخص هو، ساري حياتي ملازمت ۾ گذاريائين؛ 1145ھ ۾ وفات ڪيائين.
3. مير جان شاهہ: روهڙيءَ جو رهاڪو هو؛ صوفي شاهہ عنايت سان عقيدت جو رشتو هوس؛ تمام وڏو شاعر هو.
4. عبداللطيب. درٻيلي جو رهاڪو هو؛ "شرح مُلا" تي تمام عمدي شرح لکيائين.
5. شاهہ اسماعيل صوفي: شيخ عبدالله انصاريءَ جي اولاد مان هو؛ صوفي شاهہ عنايت کان فيض حاصل ڪيو هئائين.
6. شاهہ حيدر جو پوٽو، حاجي نور محمد: ميان غلام شاهہ وٽ طبابت جي سلسلي ۾ ملازم هو.
7. مير محمد يعقوب، ساڪن سکر: تمام وڏو حڪيم هو.

عبدالنبيءَ جو دور. مير علي شاهہ "شائق"، پنهنجي قصيدي ۾، عبدالنبيءَ جي دور جي هيئين عالمن جو ذڪر ڪيو آهي:

قاضي ابراهيم در دينِ رسولِ هاشمي،
داده با لطف و مدارا رائق شرع : هدیٰ
مولوي خان محمّد محرمِ سرِ صمد،

---

[1] "مقالات الشعراء"، ص 114

آنکه بر خوانِ علومش خلق را باشد صلا.
شد غريب الله اهلِ عقل را نيکو اديب،
احمد اندر حفظ قرآن قاري ام القريٰ.[2]

هي سنڌ جي عالم فاضل هستين جو مختصر خاڪو آهي، جنهن مان اندازو ٿي سگهي ٿو ته ڪلهوڙن جي دور ۾ سنڌ جي علمي فضا جو ڪهڙو رنگ هو ۽ هر علم جا ڪيترا ماهر موجود هئا. فقط هڪڙيءَ برڪ شخصيت جو ذڪر باقي رهجي ويو- يعني ميان محمد دائود عباسي، جو ڪلهوڙا خاندان ۾ علم ۽ فضل جي لحاظ کان غالباً سڀني کان مٿانهين درجي جو هو. سندس هڪ تصنيف جو مفصل ذڪر ايندڙ باب ۾ پيش ڪريون ٿا.

[2] "قصيده شائق"، قلمي نسخو، ص 18

دائود خان عباسي ۽ "صيد المراد"

محمد دائود خان عباسي: گذريل باب جي آخر ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته ميان نور محمد خان جي پاڻ ميان محمد دائود خان عباسيءَ جي علم ۽ فضل بابت الڳ باب ۾ لکيو ويندو. ان جو پهريون سبب هيءُ آهي ته ميان صاحب موصوف جو هڪ بهترين ڪتاب، هڪ انگريز جي توجهه سان، 'رايل ايشياٽڪ سوسائٽيءَ' جي پاران شايع ٿيو، جو سندس علم ۽ فضل جو هڪ يگانو دستاويز آهي. ٻيو سبب هيءُ ٻه آهي ته ڪلهوڙن جي دور حڪومت ۾ صاحب موصوف اهل علم جي پرورش ۽ بزرگن جي سنيال جو خاص مرڪز هو. ٽيون سبب هيءُ آهي ته ڪلهوڙن جي جنگي مهمن ۽ ملڪي نظام جو احوال ته تمام گهٽو لکيو ويو آهي، پر هن خاندان ۾ جنهن شخصيت جي علمي مرتبي جو ثبوت ملي ٿو، سا فقط دائود خان جي ئي شخصيت آهي.

ياد هوندو ته ميان يار محمد خان جي وفات کان پوءِ ميان نورمحمد ۽ ميان محمد دائود خان ۾ جانشينيءَ تان تڪرار ٿي پيو هو جو ڪن بيانن مطابق ٽن سالن تائين جاري رهيو. ان بابت جيڪو احوال ملي سگهيو، سو مٿي بيان ڪيو ويو آهي ۽ هتي ان جي ورجائڻ جي ضرورت ڪانهي. اسان جي بيان جو سلسلو، ان ڪري، فقط ميان محمد دائود جي علمي شان کي اُجاگر ڪرڻ تائين محدود رهندو.

"قانع" جو بيان: "قانع" ميان صاحب جي باري ۾ لکيو آهي:

اميري صاحبِ دل و دست بود — در حڪمت
دست وافي و فڪر شافي داشت- حڪيم مير

عبدالرزاق "مشرب" تخلص... و ديگر صاحب
كمالات پيش او به مراتب ارجمند بسر مي
بردند[1]

(هو صاحبدل ۽ سخي امير هو. علم طب ۾ ڪيس پورو ملڪو حاصل هو. حڪيم عبدالرزاق 'مشرب' ۽ ٻيا ڪمال جا صاحب، ميان صاحب وٽ عزت ۽ شان سان زندگيون گذارينداهئا. ٻئي هنڌ آيل آهي:

در صفتِ جوانمردي مثلِ روزگار بود[2].

(پهلوانيءَ ۾ هو دنيا اندر پنهنجو مَٽ پاڻ هو.)

طبيب هجڻ سان گڏ، ميان صاحب تمام سٺو شاعر به هو.

ميرعبدالرزاق: حڪيم مير عبدالرزاق 'مشرب'، جنهن جو ذڪر مٿي آيو آهي، اصفهان جي ساداتن مان هو. عالمگير جي زماني ۾ هندستان آيو ۽ بريلي، لکنؤ ۽ ڪشمير ۾ رهيو؛ پوءِ سنڌ آيو ۽ باقي عمر ميان محمد دائود خان وٽ گذاريائين. "مقالات الشعراء" ۾ لکيل آهي:

جامع جميع علوم، بتخصيص در جفر و اعداد
شانے عظيم داشته. در طبابت بقراطِ عصر و
در سخاوت حاتمِ دهر.

(سڀني علمن جو جامع هو، خاص ڪري علم جفر ۽ علم اعداد ۾ سندس وڏو مرتبو هو. طبابت ۾ پنهنجي زماني جو بقراط ۽ سخاوت ۾ زماني جو حاتم هو.)

1127هـ ۾ وفات ڪيائين. "قانع" جي بيان مان معلوم ٿئي ٿو ته حڪيم صاحب شهيد ٿيو، پر ڪوبه تفصيل نه ٻڌايو ويو آهي ته ڪٿي ۽ ڪهڙي سلسلي ۾ شهيد ٿيو؟ فقط ايترو ذڪر ڪيو

---

[1] "مقالات الشعراء"، ص 105

[2] "مقالات الشعراء"، ص 207

اٿس تہ شهادت کان ڪجهہ ڏينهن اڳ هڪ غزل چيو هئائين ۽ ان ۾ شهادت جي واقعي طرف هن طرح اشارو ڪيو اٿس:

دل از ذوقِ شهادت اضطرابے ساڪني دارد،
چوجوهر جسمِ من شد موجهء دريائے شمشيرے.[1]

بهرحال، هيءُ واقعو ميان يار محمد خان جي وفات کان چار سال اڳ پيش آيو. ان مان معلوم ٿيو تہ ميان محمد دائود خان عباسي پنهنجي صاحبزادگيءَ واري ابتدائي دور ۾ ئي ايتريقدر علم ۽ فضل حاصل ڪري چڪو هو، جو حڪيم عبدالرزاق جهڙي وقت جي يگاني فاضل کي ميان موصوف جي صحبت پسند ايندي هئي.

"صيد المراد": زير نظر باب ۾ ميان صاحب جي جنهن ڪتاب جو ذڪر ڪرڻو آهي. ان جو نالو "صيدالمراد في قوانين الصياد" آهي؛ کي ماڻهو ان کي "بازنامو" پڻ چوندا آهن.

ليفٽيننٽ ڪرنل ڊي. سي. فِلٽ (D. C. Phillot)، هيءُ ڪتاب سال 1908ع ۾ سنڌي اهتمام سان شايع ڪرايو هو. ڪرنل موصوف 'بورڊ آف اگزئمنرس' جو سيڪريٽري ۽ ڪلڪتي يونيورسٽيءَ جو فيلو هو. هن کان اڳ "باز نامہ ناصري" جو ترجمو ڇپائي چڪو هو. سڄو ڪتاب ايڪيهن بابن تي پکڙيل آهي. آخر ۾ "خاتمو" آهي. ضميمن کي شامل ڪندي، ڪتاب جا ڪل 433 صفحا آهن.

شايع ڪندڙ پنهنجي ديباچي ۾ لکيو آهي تہ شڪار جو فن ختم ٿي رهيو آهي. سندس دور ۾ وڏا وڏا شڪاري هي هئا: مير عليمراد بلوچ؛ نواب فوجدار خان، ٽانڪ جو رئيس؛ شير جنگ، اٽڪ جو رئيس؛ ميان فيض محمد خان جالنڌري (غلام جيلاني وزير جو پٽ)؛ ميان محمود خان تونسوي؛ ملڪ اعتبار خان پنڊي گهپ؛ نواب محمد افضل خان ۽ ڪالا سنگهہ امرتسري. سيد فتح شاهہ کي بازن پالڻ ۾ بيمثال ٻڌايو اٿس.

---

[1] "مقالات الشعراء"، ص 300

ڪتاب جي تمهيد: ڪتاب جي مهاڳ جي عبارت هيءَ آهي:

چنين گويد محرر اين مقدمات و مقرر اين. مقالات اضعف العباد و احو جهم الي رحمت الله الغني الودود ابن يار محمد، فقير داؤد (احسن الله احواله) كه معرفت تمام درمزاج شكر گان يعني جانورانِ شكاري و طريق صيد و اصطياد و كيفيت صياد و تشخيص امراض و حفظ صحت هريك از ايشان بهم رسانيده-

(هنن مهاڳن ۾ مقالن کي ترتيب ڏيڻ وارو، پانهن ۾ سيني کان وڌيڪ ضعيف ۽ غني ۽ ودود خدا جي رحمت جو سيني کان وڌيڪ محتاج، فقير دائود ابن يار محمد- خدا سندس حالتون بهتر ڪري، چوي ٿو ته مون شڪاري جانورن جي مزاج، شڪار جي طريقن، شڪاريءَ جي ڪيفيت، جانورن جي مرض جي تشخيص ۽ انهن جي صحت جي سنيال جي تدبيرن بابت پوري واقفيت ڪئي.)

پنهنجي نالي کان اڳ پيءُ جي نالي آڏ جو سبب هيءُ ٿو معلوم ٿئي ته پراڻي زماني جي لکڻ جي انداز موجب "ودود" کي "دائود" جو قافيو ڪري آڏو هو.

شڪار بابت ڪتاب: پوءِ ميان صاحب شڪار بابت ڪتابن جي سر گزشت بيان ڪئي آهي. چوي ٿو ته سڀ کان اول ايران جي بادشاهه جمشيد 'شڪارنامو' مرتب ڪرايو. نوشيروان بادشاهه ان کي نئين سر ترتيب ڏياري ۽ ان جو نالو "بازنامه نوشيرواني" رکيو. ان کان پوءِ ساماني خاندان جي مشهور بادشاهه بوالفوارس عبدالملڪ بن نوح، "باز نامه نوشيروانيءَ" جو ترجمو هلويءَ مان فارسي زبان ۾ ڪرايو ۽ ان جو نالو "جوارح نامه" ڪيو. عبدالملڪ سامانيءَ کان پوءِ، ملڪ شاهه سلجوقيءَ اهو

شڪارنامو نئين سر مرتب ڪرائڻ جو اهتمام ڪيو ۽ ان لاءِ پنهنجيءَ حڪومت ۾ بين ملڪن مان شڪار جي فن جي ماهرن کي دعوت ڏيئي پاڻ وٽ گهرايائين: مثلاً، ابوالجوارح خواجہ علي بن محمد نيشاپوري، ابوالملڪ سهيل بلخي، ابوالعباس بن فصل ترمذي، عبدالله بن خالد مروزي، علي بن عبدالله خوارزمي، حاجي بيگ رومي، خواجہ زڪي عراقي، افضل الدين فارسي، خواجہ محمد تبريزي، اسماعيل سيستاني، سرباد هندي، تالش ترڪستاني، خواجہ زنگي اصفهاني، عبدالعزيز مصري ۽ صدفنوس مغربي.

شڪار جا فني ماهر: مٿين ماڻهن مان شڪار جي سيني فنن جو بهترين ماهر ابوالجوارح علي بن محمد نيشاپوري هو؛ باقي صاحبن مان هي سيني فنن ۾ چگي مهارت رکندا هئا ۽ هيٺيان صاحب فقط ڪنهن هڪڙي خاص فن ۾ ماهر هئا:

1. شڪاري جانورن کي کاڌو ڏيڻ ۽ انهن جون وٺيون سجاڻڻ.....خواجہ ذڪي عراقي
2. بيماريون سجاڻڻ.....حاجي بيگ رومي
3. دوائون ڏيڻ.....سرباد هندي
4. پڪين جا ڪنپ پٽڻ ۽ انهن جا آڪيرا ناهڻ.....خواجہ عبدالله خوارزمي

ملڪ شاهہ محمد بن قليچ نظاميءَ کي مقرر ڪيو تہ فن جا اُهي ماهر جيڪي ڪجهہ بڏائيندا وڃن، سو پوريءَ خبرداريءَ سان قلمبند ڪندو وڃي. ان طرح نئون شڪارنامو مرتب ٿيو ۽ ان جو نالو "صيد نامہ ملڪ شاهہ" رکيو ويو.

"شڪار نامہ ايل خاني" ۽ صيدالمراد": طغان تيمور خان ايل خانيءَ (1338ھ- 1351ھ)، "صيد نامہ ملوڪ شاهہ" کي سامهون رکي، نئون ڪتاب مرتب ڪرايو ۽ ان جو نالو "شڪارنامہ ايل خاني" رکيو. ميان محمد دائود خان چوي ٿو تہ هي شڪارنامو جهوني ۽ پيچيدي فارسيءَ ۾ هو، مون ان کي نئين سر لکيو: اهڙيءَ طرح

هيءُ نئون ڪتاب تمام آسان فهم بنجي ويو. ميان صاحب پنهنجن تجربن جي بنياد تي هن ۾ اضافا ٻه ڪيا آهن. سڀ کان وڌيڪ ذڪر لائق ڳالهه هيءَ آهي ته شڪاري جانورن لاءِ جيڪي دوائون تجويز ڪيل آهن، تن مان گهڻين دوائن جا نالا ڏيهي زبان ۾ لکيا اٿس، ته جئن شائقن کي هن ڪتاب مان فائدي حاصل ڪرڻ ۾ ڪابه تڪليف نه ٿئي.

هن حقيقت ۾ ڪوبه شبهه نه آهي ته ميان صاحب باريڪ بينيءَ سان هڪ هڪ نڪتي تي غور ڪيو ۽ جيڪي ڪجهه اڳيان ماڻهو لکي ويا هئا، تنهن جو اکيون پوري نقل نه ڪيو، بلڪ خود هر ڳالهه جو تجربو ڪري صحيح احوال قلمبند ڪيائين. شڪار جي فن کان ڪو بنهه ناواقف ماڻهو ٻه جيڪڏهن ڪتاب کي غور سان پڙهندو، ته ميان صاحب جي وسيع تجربي ۽ گهريءَ نظر جو ڪيس چگيءَ ريت اندازو ٿي ويندو.

حڪيم محمد صادق عباسيءَ بيان ڪيو آهي ته ڪنهن صاحب کان ٻڌو هوم ته ميان دائود ڏڪڻ سنڌ جي ڪنهن جهنگ ۾ باز ڇڏي انهن جا ٻچا ڪيرايا هئا. هيءُ واقعو ٿيو هجي يا نه، پر شڪاري جانورن بابت ميان صاحب جي معلومات حد درجي جي حيرت انگيز آهي. لطف جي ڳالهه هيءَ آهي ته هو شڪار کي بيڪاريءَ جو مشغلو نه ڄاڻندو هو، بلڪ هڪ هڪ صاحبِ فن جي حيثيت سان ان ڏانهن توجهه ٿيو هو. هن فن سان گڏ، طبابت ۾ مهارت هجڻ جو واقعو پڻ هن حقيقت جو روشن ثبوت آهي ته هو پنهنجو سمورو وقت مفيد ڪمن ۾ صرف ڪندو هو.

ڪتاب جو مضمون: ڪتاب ۾ هيٺين شڪاري جانورن جو ذڪر آهي: باز، باشو، شاهين، چرخ، مجري، خنافه، (چرخ جو هڪ قسم) شنقار، سنگ سنگ، طغرل.

هر جانور جون خصوصيتون جدا جدا بيان ڪيون ويون آهن- مثلاً رنگ ڪهڙو ٿيندو آهي، اکين جي ڪيفيت ڇا هوندي آهي،

ڪهڙن نورن ۾ ڪهڙا عيب ٿين ٿا، انهن جو اڪيون ڪوڙ جون ڪهڙيون ترڪيبون آهن، جيڪڏهن بيمار ٿين تہ علاج ڪهڙي طريقي سان ڪرڻ گهرجي ۽ وري هر هڪ بيماريءَ جي پوري ڪيفيت لکي ان لاءِ نسخا پڻ ٻڌايا ويا آهن. شڪاري جانورن بابت ڪابہ ضروري ڳالهہ ڇڏي نہ ويئي آهي. انهن کي شڪار لاءِ تيار ڪرڻ جون تدبيرون تہ انتهائي تفصيل سان بيان ڪيون ويون آهن.

جانورن جون خصوصيتون: هڪ هنڌ جانورن جون خصوصيتون تمام ٿُڙ لفظن ۾ لکيل آهن، جي هتي درج ڪرڻ لائق آهن:

باز:	منظور نظر بادشاهان
شنقار:	پرواز درڪار
شاهين:	دلاور و بلند پرواز
چرخ:	باتجمل و دوربين
بحري:	سخت ڪوش و دلاور
عقاب:	ڪوشنده
هما:	مبارڪ و ڪم آزار
بوم:	روز ڪور و بيمار
باشه:	چالاڪ و رنگين
شير:	پر دل و غران
پلنگ:	جنگ آور و ڪامران
يوز:	ترش روي و خونخوار
سگ:	شڪم بنده
خر:	زشت آواز ناخوش
استر:	شموس و بدخو
تدرو:	بحالِ خويش نازان
ڪلنگ:	زيرڪ و هشيار
قاز:	غوغا ڪننده و شناور

خرگوش •	• همه روز در خواب و اندوهگين
ڪلاغ •	• عاجز پر حذر از دشمن پرحذر
خروس •	• خورشنده
ڪبڪ: •	• خندان در ڪوهسار
بوتيمار: •	• بر لب دريا نشسته
ڪنجشڪ: •	• عاجز و مسڪين
گوزن: •	• بد دل و گريزان
آهو: •	• سياه چشم و ڪم آزار
خوڪ: •	• بي حميت و گنده
شتر: •	• حمال و بار ڪش
اسپ: •	• محبوب و مبارڪ رو

ڪتاب جو خاتمو: ڪتاب جي خاتمي ۾ ميان صاحب بلبل، طوطي، ڪبوتر ۽ ٻين پالتو پکين ۽ جانورن جي بيمارين جو احوال ۽ انهن جي علاج جون تدبيرون لکيون آهن ۽ سيني دوائن جا نالا ملڪي زبانن ۾ ڄاڻايا اٿس، ته جيئن انهن جي حاصل ڪرڻ ۾ تڪليف نه ٿئي. ان کان پوءِ گهوڙن جون بيماريون ۽ انهن جا علاج پڻ لکيا اٿس. ڪتاب جو هي حصو اسان جي ملڪ جي لاءِ جانورن جي علاج سان واسطو رکندڙ، هڪ تمام قيمتي ذخيرو آهي. ضروري آهي ته هن ڪتاب جي گهڻ ۾ گهڻ هن حصي جو ترجمو ملڪي زبانن ۾ ڪرائي گهٽي تعداد ۾ ڇپايو وڃي، ته جيئن عام ماڻهو منجهانئس فائدو حاصل ڪري سگهن.

هيءُ "صيد المراد" ڪتاب جي سرسري ڪيفيت آهي، جنهن مان ڪتاب جي حيثيت جو ڪنهن حد تائين اندازو ٿي سگهي ٿو. انگريز ليفٽيننٽ ڪرنل هيءُ ڪتاب انهيءَ خيال کان شايع ڪرايو هو ته جيئن شڪار جا شوقين منجهانئس فائدو حاصل ڪري سگهن؛ پر ڪتاب جي حيثيت کا نلهي اها کانه آهي ته امير ماڻهو ان کي پنهنجي تفريحي مقصدن لاءِ استعمال ڪن: ڪتاب

جي فني حيثيت نهايت بلند آهي ۽ ان سان گڏ پالتو پکين ۽ جانورن بابت جيڪو احوال منجهس شامل ڪيو ويو آهي، سو هڪ تمام قيمتي آهي.

طبي تصنيف: ڪن صاحبن کان معلوم ٿيو ته ميان محمد دائود خان طب جي فن ۾ به هڪ نهايت عمدو ڪتاب لکرايو هو؛ ليڪن ان ڪتاب جو اڄ تائين ڪو به پتو پئجي نه سگهيو آهي، انهيءَ ڪري هن باري ۾ ڪجهه به چئي نٿو سگهجي: البت هيءَ ڳالهه مڃڻ جوگي آهي ته ميان دائود جهڙي بلند علمي ذوق رکندڙ شخص طب تي به ڪو ڪتاب لکرايو هوندو، ڇاڪاڻ ته هو پاڻ طب جي فن ۾ ڪافي دسترس رکندو هو.

باب چوٽيهون

شاعري ۽ ادب

[1]

سنڌي شاعري ۽ ادب: جيتوڻيڪ، ٻين علائقن وانگر، سنڌ ۾ ب اعليٰ درجي جا شاعر ۽ اديب گهٽ پيدا ٿيا ۽ هيءَ ڳالهه اسان کي معلوم آهي ته علم جي عام صنفن جيان شعر ۽ ادب ۾ ب رتبي جي بلندي سڀائين محدود پئي رهي آهي، ليڪن هيءَ حقيقت هڪدم قبول ڪرڻ جوڳي آهي ته سنڌ ۾ شعر ۽ ادب جو ذوق ب سڀائين عام ۽ هم گير رهيو آهي. مثال طور، جيڪڏهن فقط "مقالات الشعراء" کي ئي ڏٺو وڃي ته واضح ٿي ويندو ته هر دور ۾ وچولي درجي جا شاعر ۽ اديب ڪثرت سان موجود رهيا آهن ۽ اُهي ڪنهن هڪ شهر يا ڳوٺ تائين محدود نه هئا: بلڪ سنڌ جي سڀني شهرن ۽ ڳوٺن باذوق ماڻهو پيدا ڪيا: انهن مان ڪي اهڙا هنڌ ب آهن، جتي اڄ ڪنهن چگي شاعر جي موجود هجڻ تي سچ پچ حيرت ٿيندي. هيءَ ڳالهه ب ڏيان ۽ ويچار جوڳي آهي ته سنڌ ۾ شاعرن ۽ اديبن جي گهٽائيءَ ئي مير علي شير 'قانع' کي "مقالات الشعراء" جهڙي ڪتاب مرتب ڪرڻ تي آماده ڪيو. ٻين هنڌن ههڙي قسم جا ڪتاب خير کي جوڙيا ويا هوندا.

مايه ناز اديب: هيءَ دعويٰ ته غالباً سنڌ ۽ سنڌ واسين لاءِ واجبي نه سمجهي وڃي ته ابوالفضل ۽ فيضيءَ جي وڏن جو اصل وطن سنڌ ئي هو، ليڪن هن فخر جي حق بجانب هجڻ ۾ ڪنهن کي شڪ ٿي سگهي ٿو ته ابوالفتح 'قابل خان' جهڙو شهرهء آفاق اديب سنڌي ئي هو؟ 'قانع' لکيو آهي ته جنهن زماني ۾ لاهري بندر

شهزادي اورنگزيب جي جاگير ۾ هو، تڏهن ابوالفتح ان بندر جي محررن ۾ شامل هو. ڪاپردازن کان حساب طلب ڪيو ويو، ته حساب درست ثابت ٿيو. ابوالفتح هڪ درخواست شهزادي جي خدمت ۾ پيش ڪري مدد لاءِ خرچ گهريو. اها درخواست شهزادي جي نظر مان گذري، ته خط جي مضمون کي ڏسندي ئي ابوالفتح کي منشگيريءَ جي جڳهه تي مقرر ڪيائين. اورنگزيب تخت نشين ٿيو، ته هن ابوالفتح کي "قابل خان" جو لقب ڏيئي مير منشي بنايو[1]. واضح هجي ته اورنگزيب خود يگانو اديب هو. ويچار ڪريو ته قابل خان کيتري عظيم رتبي وارو منشي هوندو، جنهن جي اِنشاء جي اسلوب کي ڏسي ڪيس مير منشيءَ جو عهدو ڏنو ويو.

وري ڪلهوڙن جي دور ۾ منشي عبدالرؤف هڪ بلند پايي جو اديب ۽ منشي هو. جن ماڻهن سرڪاري لکپڙهه ۾ فارسيءَ جي پراڻي، پُرتڪلف ۽ استعمال گڏيل انداز کي ترڪ ڪري لکڻ جي صاف، سليس ۽ سادي نموني کي فروغ ڏنو، تن ۾ منشي عبدالرؤف خاص طرح ذڪر لائق آهي. لطف جي ڳالهه آهي ته سادگيءَ ۽ سلاست جي باوجود منشي صاحب جي لکڻين جو اسلوب عالماڻو آهي ۽ ان جي پيروي اُهوئي ڪري سگهي ٿو، جو عربيءَ ۽ فارسي جو يگانو ماهر هجي. هيءَ حقيقت منشي صاحب جي خطن جي مجموعي کي ڏسڻ مان واضح ٿي سگهي ٿو.

ادب ۽ شعر جي سرپرستي: ڪلهوڙن پنهنجي حڪومت جي دور ۾ ادب ۽ شعر جي سرپرستيءَ ۾ حتي الامڪان ڪابه ڪسر ڪانه ڇڏي. بيشڪ، انهن جي دور ۾ شاعرن ۽ اديبن تي مغل شهنشاهن يا عبدالرحيم خانخانان جي وقت وارين بخششن ۽ نوازشن جا واقعا نٿا ملن. ان جو هڪڙو سبب هيءُ به آهي ته ڪلهوڙن وٽ مغل بادشاهن ۽ اميرن جهڙا مالي وسيلا موجود نه

---

[1] "مقالات الشعراء"، ص 22

هئا. ٻيو هي به سبب ٿي سگهي ٿو ته ڪلهوڙن وٽ ادب جي سرپرستيءَ جو تصور مغلن کان مختلف هو. هڪڙي سرپرستي هيءَ آهي ته شاعرن ۽ اديبن جي قصيدن ۽ ادبي شهپارن تي وڏيون وڏيون مرحمتون انعام طور ڏنيون وڃن؛ ۽ سرپرستيءَ جو ٻيو طريقو هيءُ آهي ته سٽن سٽن شاعرن ۽ اديبن جي گذاري جو حڪومت پاران بندوبست ڪيو وڃي، ته جيئن اهي فارغ البال ٿي پنهنجن تخليقي مشغلن کي جاري رکي سگهن. ڪلهوڙن جي سرپرستي پهرئين قسم جي نه هئي، بلڪ ٻئي قسم جي هئي؛ تنهن هوندي به ان کي سرپرستي ئي چيو ويندو ۽ ڪئين اديب ۽ شاعر انهيءَ سرپرستيءَ مان فائدو حاصل ڪندا رهيا.

ميان نور محمد خان: منشي عبدالرؤف پهريائين بختيارخان پنيءَ وٽ ملازم هو ۽ ان کان پوءِ ميان يار محمد خان جو مير منشي بنيو. ميان نور محمد خان جي دور ۾ به هو ساڳيءَ طرح پنهنجي مير منشيءَ جي عهدي تي قائم رهيو ۽ سندس وفات کان پوءِ منشي صاحب جو ڏوهٽو منشگيريءَ جي عهدي تي مامور رهيو؛ پوءِ ميان غلام شاهه جي دور ۾ وري منشي صاحب جي پاءُ اهو عهدو سنياليو.

ميان نور محمد خان ديني خيالن جو ماڻهو هو. سندس سارو وقت ملڪي ۽ قومي ڪمن ۾ صرف ٿيندو رهندو هو. ظاهري طرح ته سندس طبيعت ڪي شعر ۽ شاعريءَ سان ڪا خاص مناسبت ڪانه هئي، تنهن هوندي به هو وقت بوقت ڪا طرح مصرع تجويز ڪري غزل لکرائيندو هو. مثلاً، 'قانع' لکيو آهي ته هڪ پيري ميان صاحب شيخ شڪر الله، نٽي جي ناظم، ڏانهن هيءَ مصرع موڪليو:

"سيه چشمے زهند آورد پيغام رمِ آهو."

۽ فرمائش ڪئي ته هن جي اڳين مصرع موڪلي وڃي. شيخ شڪر الله اها مصرع نٽي جي شاعرن اڳيان پيش ڪئي هوندي. محسن

نڏويءَ نہ رڳو ان جي تضمين ڪئي، بلڪل سڄو غزل لکيو، جنهن جا ٽي شعر "مقالات الشعراء" ۾ ڇاڙايل آهن:

نگه از زلفِ مشکين تو شد دامِ رم آهو
سيه چشمے ز هند آورد پيغامِ رمِ آه و
باين وحشت نگاهي چشم الفت از تومي دارد
بود آغ از رمهاي تو انج امِ رمِ آهو
زمين را چشمِ حيرت باز شد بهرِ تماشاي
به صحرا نقشِ پاننشست ازگامِ رمِ آهو[1]

محمد مرادياب خان: ميرزا معز اصفهانيءَ جي حالات ۾ لکيل آهي تہ هو جڏهن 1166هـ ۾ ٺٽي پهتو، تہ سندس علم ۽ فضل جي مرتبي آهر قدرداني ڪندي:

ميان محمد مرادياب خان به آرزو و نياز تمام به حضور طلبيده بر مولوي محمد جعفر قربتش داد- يکچندي مانده به معاينه مصلحت وقت دامن خود را از دست مجالست ميان مذکور پاک بر چيده از راه تهتهه به بندر بنبئي و از آن به طرف دکن شتافت.[2]

(ميان محمد مرادياب خان تمام خواهش ۽ نيازمنديءَ سان ڪيس پاڻ وٽ گهرايو ۽ مولوي محمد جعفر شيرازيءَ کان بہ ڪيس وڌيڪ مقرب بنايو. معز ڪجهہ عرصو اتي رهيو ۽ پوءِ وقت جي مصلحت جي بنياد تي ميان صاحب جي ڪچهريءَ کان پاڻ کي جهلي ڇڏيائين ۽ ٺٽي جي رستي کان بمبئيءَ ۽ اتان کان دکن هليو ويو.)

ميان کان مرزا معز جي الڳ ٿي وڃڻ ۽ سندس سنڌ کان دکن هلئي وڃڻ بابت بحث ڪرڻ غيرضروري آهي، ليکن متئين واقعي

---

[1] "مقالات الشعراء"، ص 318
[2] "مقالات الشعراء"، ص 327

مان روز روشن جيان ظاهر آهي ته جڏهن به ٻاهر کان ڪو ڪمال جو صاحب سنڌ ۾ ايندو هو، ته ڪلهوڙا حڪمران ان جي قدرداني ۽ وس آهر کا به ڪوتاهي نه ڪندا هئا. ڪمال پروري ۽ هنر نوازي جو اهو سلسلو سندن آخري دور تائين بدستور قائم رهيو.

محسن: هاڻ مناسب معلوم ٿئي ٿو ته ڪلهوڙا دور جي چوند شاعرن ۽ اديبن جو سرسري احوال پيش ڪجي ۽ انهن جي ڪلام جو نمونو پڻ درج ڪيو وڃي، ته جيئن پڙهندڙن کي اُن دور جي شعر ۽ ادب جو چڱيءَ طرح اندازو ٿي سگهي.

هن دور جي شاعرن مان محسن ڪٽويءَ جو ذڪر سڀ کان اول اچڻ گهرجي؛ ڇاڪاڻ ته هو نه فقط ڪلهوڙن جي دور جو، بلڪ سڄيءَ سنڌ جو بهترين شاعر آهي. منهنجي خيال موجب، نثر ۾ منشي عبدالرؤف ۽ نظم ۾ محسن، يقيناً بيمثال آهن. پر تعجب جي ڳالهه آهي ته انهن ٻنهي جو نثر ۽ نظم اڄا تائين اشاعت کان محروم آهي! افسوس جو هندستاني تذڪري نگارن کي هنن ٻنهي جي باري ۾ ڪجهه به معلوم ٿي نه سگهيو ۽ سمورا تذڪرا سندن ذڪر کان خالي آهن. مير علي شير 'قانع' جيڪو تذڪرو لکيو، سو به چيڀاٽي نه سگهيو ۽ نتيجو هيءُ نڪتو جو سنڌي علم ۽ فضل جا هي ٻئي يڪتا گوهر اڄا تائين گمنامي ۾ آهن.

'قانع' محسن بابت لکيو آهي:

در تته به اين ڪماليتِ شاعري و لطافتِ سخن و ملاحتِ ڪلام ڪسي برنيامده.

(شاعريءَ جي ڪماليت، سخن جي لطافت ۽ ڪلام جي ميناج ۾ ڪٽي، محسن جهڙو ٻيو پيدا نه ڪيو).

رڳو ڪٽي ۾ ئي نه، بلڪ ساريءَ سنڌ ۾ هن جي ڏکر جو ماڻهو ڪنهن به دور ۾ نظر نٿو اچي.

حالات: محسن جو خانداني سلسلو هن ريت آهي: محمد محسن بن نور محمد بن ابراهيم بن محمد يعقوب. محسن جي خاندان جو

پيشو هو ريشم جو واپار ڪرڻ ۽ سندس بزرگن مان ڪنهن ڪي به شعر ۽ ادب سان ڪو لڳاءُ ڪونہ هو. انهيءَ خاندان ۾ هيءُ املهہ ماڻڪ پيدا ٿيو. هن نواب لطف علي خان رضوي بکريءَ جي صحبت ۾ تربيت حاصل ڪئي ۽ ٿوري ئي عرصي ۾ سندس طبعي جوهر چمڪي پيا. جنهن به صاحبِ ذوق ڏٺي ۾ اچي 'محسن' جو شعر ٿي پڙهيو، سو سندس ديوان جي نقل ڪرڻ جي پنڌيان هوندو هو ۽ ان کي هو ڏٺي جو سڀ کان وڏو تحفو سمجهندو هو. مغلن جي دور ۾ هندستان کان ڏٺي ۾ جيڪو نواب مقرر ٿي ايندو هو، اهو 'محسن' سا سڻي سلوڪ ڪرڻ ۾ ڪابہ کوتاهي نہ ڪندو هو. ميان نور محمد خان به هن لاءِ مستقل وظيفو مقرر ڪري ڇڏيو هو، جو "مقالات الشعراء" ۾ فقط پندرهن رپيا ماهيانو ٻڌايو ويو آهي ۽ منهنجي خيال ۾ تمام گهٽ آهي. شايد وقت بوقت ڪيس انعام پڻ ملندا هجن. هيءَ حقيقت به معلوم ٿئي ٿي تہ 'محسن' جو قدر سندس اعليٰ حيثيت مطابق نہ ٿيو، چو تہ سندس سيني مقصدن ۾ بيقدريءَ جي شڪايت موجود آهي. ڪلهوڙا دربار سان وابستہ ٿيڻ کان پوءِ هو خداآباد ۾ ويو؛ ممڪن آهي تہ هو اوڏانهن گهٽو ايندو ويندو هجي. 20- شوال 1163هـ (11 سيپٽمبر، 1750ع) جو وفات ڪيائين. 'قانع' لکيو آهي تہ فقط بائيتاليهہ سال عمر هيس[1]. انهيءَ بنياد تي سمجهڻ گهرجي تہ 'محسن' 1120هـ يا 1121هـ ۾ پيدا ٿيو.

تصنيفون: "مقالات الشعراء" ۾ 'محسن' جي هيٺين تصنيفن جو ذڪر آهي:

1. عقد دوازده گوهر— بارهن امامن جا منقبت.
2. طرازِ دانش— حضرت صاحب الزمان جي ولادت جي باري ۾.

---

[1] "مقالات الشعراء"، ص 313

3. حملهء حسيني— هن ڪتاب ۾ حضرت امام حسين جو احوال، "حملهٔ حيدري" جي تتبع تي "شاهنامي" ۽ "سڪندرنامي" جي بحر ۾ لکيو هئائين، جنهن ۾ ڏهه هزار شعر هئا.

4. ديوان— غزل، قصيدا، قطعا ۽ رباعيون وغيره.

5. محڪ ڪمال— قديم ۽ جديد فارسي شاعرن جو چونڊ ڪلام. هيءُ ڪتاب آغا محمد ڪريم اصفهانيءَ جي فرمائش تي مرتب ڪيو هئائين[2]

"محڪ ڪمال" جو قلمي نسخو منهنجي نظر مان گذريو، جو اٽڪل ٽي سو ست صفحن تي مشتمل هو. منجهس استاد شاعرن جا شعر رديف وار مرتب ڪيل آهن. غور ڪرڻ سان معلوم ٿيو ته انتخاب ڪو ايترو بهتر نه آهي، جيترو 'محسن' جهڙي خوش ذوق شاعر جو هجڻ گهرجي.

قصيدن جو انتخاب: قصيدا گهڻو ڪري نعت ۽ منقبت ۾ آهن ۽ فقط چند قصيدا ٻڪمن ۽ اميرن جي مدح ۾ لکيا ويا آهن- مثلاً: نادرشاهه، ميان نور محمد عباسي، ميان مرادياب خان، تقي محمد خان، نواب صادق علي خان، وغيره. ميان نور محمد خان ۽ مرادياب خان بابت چيل قصيدن مان ڪجهه شعر هيٺ ڏجن ٿا: پهرين ميان نور محمد لاءِ چيل قصيدا ملاحظه ڪريو:

بلند قدر فلڪ مرتبت زمين تمڪين،
به بزم جم، به سخا حاتم و به رزم پلنگ.
نهالِ دوحهء هاشم بهار عبّاسي،
نصير بخت خدايارخان ثابت جنگ.

...

---

[2] "مقالات الشعراء"، ص 300

زخود بر آ و برو سیر کن خدا بادش،
مباش سست که این جا شتاب به زد رنگ.

...

کمر ز رشتهء جان بستم و روان گشتم،
متاعِ نظم بدوشِ اشتیاق پیش آهنگ.
کنون که از کرمِ حق به خاک درگاهش،
ز لوح آئینهء بختِ خود زدودم زنگ.
قلعهء کفري به کچ کرد چو مفتوح باز،
هر که نظر کرد گفت فاتح خیبر رسید.
رفت عمرکوٹ را از بت و بت خانه ها،
طرفه شکستي ازو بربت و پیکر رسید.

...

محسنِ گمنام را نام تو نامي بود،
زانکه سهارا ضیا از مهِ انور رسید.
این که او از ازل از رهِ امدادِ حق،
دل به محبت گرو طبع سنخور رسید.

...

نور محمّدي ز جبینِ تو روشن است،
چون نورِ مهر زآئنهء مه به آن عکاس.
سرو تو قد دوحهء هاشم کشیده است،
شمعِ تو نور کرده ز عباس اقتباس.
طوفان آب تیغ جهادت به ملک کچ،
بنیاد کفر داد به سیلاب اندراس.

...

اقبال چاکرا فلک از راه کینه ام،
سر گشته بهر دانه نمود است همچو آس.
از بسکه گشته است معجزيٰ کتاب دل،
از خاطرم گسیخته شیرازهء حواس.

ڪم نيستم ز طالب و عرفي درين زمان،
دارم سخن بسي و ندارم سخن شناس.
چون درگه تو مرجع ارباب حاجت است،
دارد به حضرت تو مراين بنده التماس!
ڪان وجه قوت جمع پريشان به رغم چرخ،
گردد مضاعف از ڪرم و لطف بي قياس.
تابا حضور قلب پئي چاڪران تو،
گيرم ره دعا و بجا آورم سپاس.

مرادياب خان: هڪڙو قصيدو مرادياب خان جي مدح ۾ چيل آهي، هيءُ يا ته ان وقت چيو ويو آهي، جڏهن ميان نور محمد خان جي زماني ۾ مرادياب خان ٺٽي آيو هو ۽ يا وري مرادياب خان جي مستقل حڪمران بنجڻ تي چيو ويو. ان جا چند شعر ملاحظ ڪريو:

گلِ مراد اگر يافت تتّه درڪار است
مراد ياب بود هر ڪرا خدا يار است
بهارِ مقدم فيضي ڪه يافت اين صوبه
ڪه خاڪ تا به لبِ بام رشڪ گلزار است
درين ديار ڪه آراست محفلِ عشرت
ڪه نغمهء طربي بر زبانِ هر تار است
نسيم روح فزائي ڪه يافت اين گلشن
ڪه دسته دستهء گل هابه نوڪِ هر خار است

...

ز حال محسن مداح سرسري مگزر
ڪه بس نزارو پريشان چو زلف دلدار است

...

سخن ڪه زادهء فهم است و آفريدهء حق
يڪي ز معجزه هاي رسولِ مختار است

اگر ز بي بصري قدر او نداند كس
چه غم كه اهل سخن را بدو سروكار است
ولي كجاست سخن تا ازان كسي گويد
نه اين سخن كه زبانها ازو به گفتار است
سخن كه فضلِ بهار كمالِ انسانيت
به دل نشينيء جانها چو پيكرِ يار است

ميرڪ محمد حسن 'احسن'، ميان نور محمد خان جي طرفان ٿتي ۾ شيخ الاسلام هو. هو ۽ شيخ شڪرالله، ٿتي جو ناظم، محسن جي گهٽي عزت ڪندا هئا. شيخ الاسلام جي مدح جي هڪ قصيدي جو مطالعو هيءُ آهي:

گر برد بادِ صبا خلق تو در صحن چمن،
گل كند از لب هر غنچه كه احسن احسن.

هن قسم جا شعر هڪ قادر الكلام، فن جو استاد ئي چئي سگهي ٿو.

حضرت صاحب الزمان كي خطاب ڪندي جيڪي شعر چيائين، انهن مان ٻه شعر هيٺ درج ڪجن ٿا:

جهان از رنگِ ظلمت تيره ترشد از دل مشرك
به تيغ كفر پردازد سر صيقل گري دارم
زبس پوشيده حق را باطل از مسلم نما كافر
مسلماني كه دارم در لباسِ كافري دارم

غزل: غزلن جا متفرق شعر ملاحظ ڪريو:

جز مرتضيٰ علي در خيبر كه مي كند،
محسن كشاد كار ز اهل همم طلب.

...

باعث جوش و خروش عارفِ روشن ضمير،
از دل دريا بپرس و از لب دريا مپرس.

...

چشم جادوئي تو از مستي بر اعجاز نگه،
خوشهء انگور سازد سجهء صد دانه را.
قسمتِ هر کس بقدر همتِ والاي اوست،
میر سد از سنگ طفلان روزي دیوانه ر

...

برق جولانیم در راهِ محبت دور نیست،
جاده پیچد هم چو مو از گرمیِ رفتار ما.
ز یک اشک ندامت جرم عالم مي توان شستن،
بچشم خویش دیدم وسعت دریاے رحمت را.

...

همت پیر مغان بین که دو صد کون غمر،
سبک از جاے بیک گردش مینا برداشت.

...

زمین قابل میخانه دارد طرفه تاثیرے،
اگر زاهد درو مسواک کارد تاک برخیزد.

...

کو مصرع درست به دیوان روزگار،
یک بیت 'عزلت' ازدو جهان انتخاب گیر.

...

گر ساکن میخانه و تکیه نشینیم،
زاهد تو و دین تو و ما شاد به دینیم.

...

رسید این سخن از برهمن مرا 'محسن'،
که بت پرست توان باش و خود پرست مباش.

...

خانه بے سقفے براے نام دارم چون نگین،
ورنه من آسوده ام درسایهء دیوار خویش.

از بسکه گرد کینه جهان را گرفته است،
یک سینه بے غبار بعالم نیا فتیم.
یاران رقم کنید بلوح مزار ما،
رفتیم زین خرابه و همدم نیافتیم.

...

ذرات کائنات ز مهر تو روشن است،
این نکته خوانده ام ز کتاب مبین صبح.
بشگفته در دل از تو گل یاد یار ما،
اے درد یار باش دمے از دیار ما.

رباعیون: نموني طور چند رباعیون ملاحظ کریو:

در ماتم شاه مو بمو غمناکم،
چون گل همه خونم و گریبان چاکم.
کو طاقت ضبط ناله و آه مرا،
معذورم اگر چو اشک سرِ خاکم.

...

هر چند شعار پوشیده بسے،
کے مي رود از دلق فقیري به کسے.
لیکن ز کجا بهم رسانم زین قوم،
صاحب سخنے، داد دهے، نکته رسے.

...

چون موج تمام اضطرابم چه کنم،
گرداب صفت به پیچ و تابم چه کنم.
از وعدهء خشک آن فریبندهء دل،
مستغرق قلزم سرابم چه کنم.

...

اے یازده در ز یک صدف کرده ظهور،
وے فیض شما نمود عالم معمور.

بر "محسن" پر گناه چشمے کر مے،
اے عفو شما نمونهء عفو غفور.

اهڙا شعر مشهور استادن جي ديوانن ۾ گهٽ نظر ايندا.

"محسن" از عشق تو در پيري نخواهد توبه کرد،
مے کشي هر چند در ماهتاب باشد بهتر است.

هن مضمون کي غالب به اردوءَ ۾ ادا ڪيو آهي:

پي، جس قدر ملے شب مهتاب مين شراب،
اس بلغمي مزاج کو گرمي هي راس هے.

'غالب' جو شعر 'محسن' جي آخري مصرع جو خوبصورت نمونو آهي؛ پر 'محسن' ان مضمون مان هڪ عمدي ڳالهه پيدا ڪري ڇڏي آهي.

جدت: 'محسن' جي هڪ خوبي هيءَ آهي ته هو نيون نيون تشبيهون ۽ استعارا بي تڪلفيءَ سان پيدا ڪريو وڃي. سندس جدت جا چند نمونا ملاحظه ڪريو:

اي شوخ چشم! زلفت از ملکِ دل ستاني
شاه جهان اول، صاحب قرآن ثاني

دارا شڪوه خطت اورنگ زيب عارض
ابرو بسان افسر سرگرم سائباني

در لشڪر ڪرشمه خال تو فيل باشد
مژگان راجپوتان صف صف به پاسباني

روزے که سکهء داغ بر قلب ما نشاندي
حڪمت چو اشڪ ما يافت در شش جهت رواني

دارالخلافهء دل چون شد مسخرِ تو
بنشين به درد محسن، بر تخت حڪمراني

...

تا دلم در ڪف نياري، عقل و دينم ڪے بري
با مقدم اولاً در ساز و پس ده را بتاز

گر جنون ڪامل نه باشد باخرد شو آشنا
چوگواه دعويت سست است با قاضي بساز
چون بحڪم شرع بخشد آب را تطهير آب
جرم مے خواران بشويد قطرهء اشڪِ نياز

...

خال مشڪين برلب شيرين يار افتاده است،
از غريبي هندوے در قندهار افتاده است.

...

"خان"، "هندو"، لب شيرين يار" ۽ "قندار" جون مناسبتون تصريح جون محتاج نہ آهن.

ميرعليشير "قانع": ميرعلي شير "قانع"، بن عزت الله، بن مير ڪاظم، بن مير مقيم. 'قانع' جا وڏا شيراز ڪان آيا هئا. پاڻ سال 1140هـ ۾ پيدا ٿيو ۽ ننڍي ۾ ئي تربيت حاصل ڪيائين. اوائل ۾ ئي اٽن هزارن شعرن جو ديوان مرتب ڪيو هئائين، جو پوءِ ڪنهن سبب ڪري ديوان درياهه ۾ لوڙهي ڇڏيائين. پن سالن جي عرصي ڪان پوءِ، مير حيدرالدين ابوتراب 'ڪامل' جي شاگردي اختيار ڪيائين ۽ نئين سر شعر چوڻ شروع ڪيائين. 'ڪامل' ئي هن لاءِ 'قانع' تخلص تجويز ڪيو. ان ڪان اڳ هو 'مظهري' جو تخلص رکندو هو.

ميان غلام شاهه 'قانع' کي نظم ۽ نثر ۾ تاريخ لکڻ جو ڪم حوالي ڪيو هو؛ پر اهو پتو نہ آهي تہ هن چا لکيو. تاريخ جي سلسلي ۾ نظم ۽ نثر جو ڪوبہ ڪتاب، يا ان جو ڪوبہ حصو هٿ نہ اچي سگهيو.

'قانع' وچولي درجي جو شاعر هو ۽ نثر بہ درمياني درجي جو لکيو اٿس. "مقالات" ۾ هن پنهنجين ڪيترين تصنيفن جو ذڪر ڪيو آهي- مثلاً:

1. قصو كامروپ	ٽن هزار بيتن جي مثنوي هي قصو 'قانع'، ابوالفتح 'قابل خان' جي نالي منسوب ڪيو هو.
2. شمهء از قدرت ﷺ	مثنوي.
3. واقعات حضرت شاهه	مثنوي، ڏيڍ هزار بيت.
4. قضا و قدر	مثنوي.
5. چار منزله	مثنوي، هڪ هزار بيت.

6. صنعتن ۽ تاريخن بابت متفرقا شعرهڪ هزار بيت.

7. بوستان بهار	مڪليءَ جي تعريف ۾ (نثر).
8. تزويح نامه حسن و عشق	
9. ديوان	غزل، قصيدا، مخمس، ترجيح، بند، وغيره.

10. نثر نو آئين.
11. تحفة الكرام
12. مقالات الشعراء
13. ساقي نامو

'قانع' جي اهميت ۽ عظمت جو بنياد هي آهي ته هن سنڌ جي عالمن فاضلن ۽ مشهور شاعرن ۽ اديبن جا تذڪرا لکي، انهن جا نالا ۽ شعر هميشه لاءِ محفوظ ڪري ڇڏيا. جيڪڏهن اهي ڪارناما 'قانع' جي هٿان سرانجام نه ٿين ها، ته سنڌ جي انهن هستين جي ڪابه چيز اڄ اسان کي سلامت ڪانه ملي ها.

'قانع' جون چيل ڪيتريون ئي تاريخون هن ڪتاب ۾ جابجا درج ٿي چڪيون آهن. سندس ڪلام معمولي آهي، فقط نموني طور چند شعر هيٺ ڏنا وڃن ٿا.

در كلام هر كه از سوز درونش شور نيست،
گر همه از آسمان نازل شود مشهور نيست.

هر کس ز رهے رود به سويش،
از بهر خدا چه اختلاف است.

...

قطره شود ز بحر بدر چون گهر شود،
يا رب مباد هيچ کسے با هنر شود.

...

آفت اندر دهر بر مردم همين نام است وبس،
گرد خود گرديد نيها حلقهء دام است وبس.

...

درين زمانه چو قانع به حرف مي گيرند،
حصار آبرو است آن لبے که خاموش است.

محمد پناهه "رجا": سنڌ جو ٽيون وڏو فارسي شاعر محمد پناهه 'رجا' آهي. هن به 'قانع' جي استاد مير حيدرالدين ابو تراب 'ڪامل' جي صحبت ۾ تربيت حاصل ڪئي. سنڌ جي وزير مير لطف الله عرف مير متاري وٽ عزت جي زندگي گذاريائين. شعر ۾ 'رجا' جو پايو 'قانع' کان مٿيرو آهي، پر هو به 'محسن' جي معيار تي نه پهتو آهي. 'رجا' جون ڪيتريون تاريخون ۽ قطعا ڪتاب ۾ نقل ٿي چڪا آهن. غزلن جو نمونو به ملاحظ ڪريو:

من و عشق نگه بازي تو و دز ديده ديدنها،
من و نظارهء حسنت تو و ناز آفريدنها.
من و محو رخت بودن تو و در جلوه افزودن،
من و بے خويش گرديدن تو و بر خويش چيدنها.
به شمشير تغافل نيم بسمل شد "رجا" ظالم،
تو و بر پا حنا بستن من و درخون تپيدنها.

...

ڪمال رفعت اقبال را باشد زوال از پے،
دو پاس آخر فروغ آفتاب از بام پست افتد.

واجب بود مرا که تخلص "رجا" کنم،
نامم پناه بر درِ حیدر گرفته است.

...

به لاف یک نفس عمر این تنگ ظرفان،
دروغ هستي خود چون حباب مي بافتد.

...

چشم او دیدي و از خود شده اینت "رجا"،
چه قدر مست به یک ساغر صبها شده.

...

سر گرم بدین جوش بدریا که روانست،
دریا بکف پا ز حباب آبله دارد.

...

شاعري ۽ ادب
[2]

"الهام": ميرمرتضيٰ 'الهام'، ميرڪمال الدين احمد رضويءَ جو فرزند هو. معقول ۽ منقول علمن جي تحصيل سان گڏ ٽيهن ورهين جي عمر تائين سپاهگيري، سواري، ٻيڙي هلائڻ، تلوار بازي ۽ تيراندازي وغيره مروج فنن ۾ پوري مهارت حاصل ڪئي هئائين ۽ هفتِ قلم اڪرن لکڻ ۾ تمام وڏو ماهر هو. هن کي عالمگير جي خدمت ۾ پهچڻ جي گهٽي آرزو هئي. جڏهن اورنگزيب جي وفات جي خبر ٻڌائين، تڏهن شاهه عالم بهادر شاهه وٽ دهليءَ پهتو ۽ پنهنجا ڪمالات ڏيکاري مهربانين جو مستحق بنيو. شڪل صورت ۾ يوسف ثاني هو. افسوس، جوانيءَ ۾ ئي (1127ھ) دارالبقا ڏانهن راهي ٽيو. پنهنجي والد کان شعر جو شوق پرايائين. ۽ ان جي ئي تجويز مطابق "الهام" تخلص اختيار ڪيائين.[1]

ابو احمد خان: هن جو وطن مرادآباد (هندستان) هو. محمد منعم خان خانخانان وٽ دهليءَ ۾ ملازم هو؛ پوءِ ديوان بنجي ڏٽي پهتو؛ هڪ سال هالاڪنديءَ ۾ رهيو ۽ هڪ سال ڏٽي ۾ ملازمت ڇڏي وطن ڏانهن وڃي رهيو هو، تہ سن شهر جي ويجهو 1148ھ ۾ وفات ڪيائين. جفر جامع جي زڪوات، شرطن سميت ادا ڪري چڪو هو ۽ انهن علوم ۾ پڻ ڪمال حاصل ڪرڻ سان گڏ علم تڪسير جو

---

[1] "مقالات الشعراء"، ص 19-20

پڻ عامل هو. شعر ٻه چوندو هو[1]. جيتوڻيڪ سنڌي نه هو، پر سنڌ ۾ رهيو ۽ اتي ئي وفات ڪيائين. پٽس سندس ميت کي وطن ڪٽائي ويو.

اشرف: محمد اشرف، سکر جو رهاڪو هو. سندس وڏا سلطان محمود بکريءَ وٽ چگن عهدن تي رهي چڪا هئا. 'قانع'، هن سان محمدآباد ۾ ملاقات ڪئي هئي. مالي حالت تمام خراب هيس ۽ ملازمت جي تلاش ۾ سرگردان هو. هينئين شعر ۾ هن پنهنجي حالت جو نقشو پيش ڪيو آهي:

آن را که نه چاست است نے شام،
چه صبح وطن، چه شام غربت.[2]

احسن: محمد احسن پٽ ملا عبدالرحيم، نيرون ڪوٽ جو وينل هو. قرآن شريف جو حافظ هو ۽ سندس قرآت جو انداز، اهڙو ته وٽندڙ هو، جو شاهه عالم بهادر شاهه ٻه هن وٽان قرآن شريف ٻڌي بيحد خوش ٿيو. ڪيس سني منصب ملڻ جي اميد هئي، پر عمر وفا نه ڪيس. شعر ٻه چوندو هو. مثال طور هڪڙو شعر عرض آهي:

گل کرده وداع بوستان را،
بلبل بزن آتش آشيان را.[3]

احسن: محمد احسن پٽ محمد عاقل، ٺٽي جو وينل هو. شاهي منصبدار هو ۽ 'جوهرخانه' جي داروغي جو ڪم سندس حوالي هو. پيءُ پٽ، ٻئي قرآن شريف جا حافظ هئا. عربيت جا ماهر ۽ ورع ۽ تقواءِ جا پابند هئا. 'قانع' لکيو آهي ته، سلامت روي انهن تي ختم هئي. درس ۽ تدريس ۾ وقت گذاريندا هئا. احسن جي ڪري محمد حسن دهليءَ ۾ رهندو هو. محمد شاهه جي دربار ۾ سنڌ جي ماڻهن

---

(1) "مقالات الشعراء"، ص 20
(2) "مقالات الشعراء"، ص 24-25
(3) "مقالات الشعراء"، ص 25

مان ٻئي ڪنهن به شخص احسن جهڙي عزت حاصل نه ڪئي.
احسن جا چند شعر ملاحظ ڪريو:

در زمانِ ما نمي پرسد متاع عقل کس،
رونق عشق بتان بازار دانائي شکست.
منزل مقصود نتوان يافت بي درد طلب،
خارها در پاي رهرو جاده پيمائي شکست.
اعتصام در گه خيرالو سائل 'احسنا'،
ديو حرص و آز را برگ توانائي شکست.[1]

اڪرم: محمد اڪرم ٺٽي جو رهاڪو هو. پهريائين دهليءَ ۾ وقائع نويسيءَ جي ڪم تي مقرر ٿيو ۽ پوءِ گجرات ۾ هڪ پرڳڻي جو فوجدار بنجي ويو؛ ان کان پوءِ وري ڏهه- ٻارهه سال سخت تڪليفن ۾ گذاريائين. جڏهن نادر شاهه جا جهاز سورت کان ٺٽي اچي رهيا هئا، تڏهن انهن ۾ ملاح جي نوڪري حاصل ڪيائين ۽ ٺٽي پهچي اِها نوڪري ڇڏي ڏنائين. ٻيهر سورت کان ٿيندو دکن پهتو؛ اُتي اتنور قلعي جو قلعيدار بنجي ويو ۽ 'اڪرم الدين خان' جو خطاب حاصل ڪيائين.

سورت وڃڻ وقت، "قانع" پڻ انهيءَ جهاز جي سفر ۾ ساٿس گڏ هو. رستي ۾ مرهٽن جي جهازن حملو ڪيو ۽ ٽي ڏينهن ٽي راتيون سخت پريشانيءَ ۾ گذريون. آخر خدا جي فضل سان چوٽڪارو مليو، تہ ان موقعي تي هيءُ شعر چيائين:

درميان آب و آتش هم چو گل،
ڪشتيء اميد ما دارد شنا.
گر ز فضل حق نمايد رهبري،
نيست مخلص از چنين جوش بلا.[2]

---

[1] "مقالات الشعراء"، ص 26-27
[2] "مقالات الشعراء"، ص 34

"اسلم": سليمان بيگ نالو هوس. جيئن اڳ ۾ ٻڌائجي چڪو آهي، نادرشاهه هن کي سِکي ۽ خطبي جاري ڪرڻ لاءِ سنڌ موڪليو هو ۽ خداآباد پراٽيءَ ۾ اچي رهيو. جڏهن محمد محسن نٽويءَ سان سندس ملاقات ٿي، تہ اسلم پنهنجو هڪ غزل امتحان خاطر تخميس لاءِ 'محسن' کي ڏنو ۽ سنڌ جي نامور شاعر پنهنجيءَ تخميس ۾ اسلم جي شعرن کي چمڪائي ڇڏيو. فقط آخري بند نموني طور درج ڪيو وجي ٿو:

در آن گلشن که طوق بندگي بر خويش پيچيدم،
چو قمري در هواي قامتش بسيار گرديدم،
ز 'محسن' مي شنيدم وصف او، اما نه فهميدم،
اگر هم چون سليم 'اسلم' ز قدش سايه مي ديدم،
خيابان در خيابان سرو را آزاد مي کردم.[1]

"اڪسير": آقا حاجي محمد نالو هوس. هيءُ به نادري لشڪر سان گڏ سنڌ آيو هو ۽ اتي ئي رهي پيو. هڪ ڏينهن هيٺيون شعر ٻڌايائين:

شبے به ياد قدش سر به جيب فکر شدم،
سحر گه آنچه ز لب مي فتاد م وزون بود.

ٻڌڻ وارن مان هڪ اعتراض ڪندي چيو تہ "چا، 'ڦُک' به موزون ٿيندي؟" آقا بيحجاب جواب ڏنو، "ها، تنهنجي ڏاڙهيءَ ۽ مُڇن جو قسم، ضرور موزون ٿيندي!"[2]

ابراهيم: هالا ڪنديءَ جي قاضين جي اولاد مان هو. شعر به چوندو هو ۽ تاريخن ڪيڻ ۾ خاص مهارت هيس. مخدوم عبدالرؤف هالاڪنديءَ واري مسجد ٺهرائي، تہ ابراهيم ان جي تاريخ هن طرح ڪيي:

---

(1) "مقالات الشعراء"، ص 34-35
(2) "مقالات الشعراء"، ص 35

"ربنا تقبل منا بالكرم." — 1169هـ

هڪ چوبدار جي وفات تي هيءَ تاريخ چيائين:

"چوبدار اجل رسيد كه خيز." — 1166هـ[1]

آسارام: قوم جو ڪتري هو. ننڍي ۾ گهٽو ڪري ديوانيءَ جي عهدي تي مامور رهيو. ڪجهه وقت شاهبندر جو ناظم بنيو هو. ميان محمد مرادياب خان جي دور ۾ هڪ دفعي ننڍي جي سيني پرڳڻن جو انتظام هن جي حوالي ٿيو هو. تمام خوش اخلاق ۽ مرنجان مرنج ماڻهو هو. "شاهنامي" ۽ "سڪندرنامي" جا شعر اڪثر زبان تي هوندا هئس. آخوند درويش عليءَ جو شاگرد هو. سندس پنهنجو هڪ شعر اسان کي هٿ اچي سگهيو آهي.

سخن كه هر نفسش جان تازه مي بخشد،
بكوش كاين هنر از معجز مسيحائي است.[2]

ابوتراب: ابو احمد خان مرادآباديءَ جو فرزند هو. والد سان گڏ سنڌ ۾ آيو هو ۽ ان جي وفات تي ميان نور محمد خان وٽ ملازم ٿيو؛ پوءِ ملازمت ڇڏي وطن موٽيو. 'قانع' ديوان گنومل جي ملازم دولهه رام مهتي کان پٽو تہ ابو تراب 1175هـ ۾ ملتان ۾ هو ۽ سندس مالي حالت چگي نہ هئي.[3]

"آزاد". پالچند نالو هوس، آخوند فيض الله 'طپش' جو شاگرد هو. ميان مرادياب خان جي معزول ٿيڻ ۽ ميان غلام شاهه جي حڪمران بنجڻ جي موقعي تي، هن جي چيل تاريخ متي نقل ٿي چڪي آهي. هڪ دفعي ننڍي جي شاعرن ۾ هڪ مصرع طرح تجويز ٿي، جنهن جو قافيو 'آب'، 'خراب' ۽ رديف 'دريب' هو. آزاد انهيءَ تي هيٺيون غزل چيو:

---

[1] "مقالات الشعراء"، ص 41

[2] "مقالات الشعراء"، ص 42

[3] "مقالات الشعراء"، ص 44-45

فتاد عكس ازان روي شعله تاب در آب،
كه گشته اند همه ماهيان كباب در آب.
خيال روي تو از ديدهء ترم پيدا ست،
چنانكه جلوه كند عكس ماهتاب درآب.[1]

"بي تكلف": آخوند ابوالحسن 'بي تكلف'، تمام لائق ۽ سنيءَ طبع جو ماڻهو هو. هندو توڙي مسلمان ٻئي وٽانئس علمي فائدو حاصل ڪندا هئا. 'قانع' هن وٽان فارسي پڙهي هئي. هيءُ جهانگارن باجارن جي سيدن وٽ ملازم هو. "مقالات الشعراء" ۾ هن جو چيل هڪ قطعهء تاريخ نقل ٿيل آهي.[2]

"تابع". اسد الله نالو هوس ۽ محسن نٽويءَ جو شاگرد هو؛ پوءِ نٽي كان سورت ڏانهن هليو ويو. 'قانع' لكيو آهي ته 1171هـ ۾ اُتي رهندو هو. هن جو هڪ بنا نقطي غزل "مقالات" ۾ درج آهي:

در رهِ طولِ امل هر گاه راه آورده ام،
راه را گم كرده ره آورد آه آورده ام.
طالع سعد سها محو صور دارد مراد،
ساده لوحم گر طمع در مهر و ماه آورده ام.
گوهر اسرارِ دل مسلوك كردم 'تابعا'
لعل سامع در كلام واه واه آورده ام.[3]

جعفر: مرزا محمد جعفر، شيراز كان سير جي خيال سان سنڌ پهتو. ڪجهه عرصو راڻي اجمال، ڏراجا جي حاكم وٽ گذاريائين. مخدوم محمد معين كي هن جي علم ۽ فضل جو احوال معلوم ٿيو، ته كيس پاڻ وٽ گهرايائين. شيخ شكرالله، نٽي جي ناظم، هن جي اچڻ جو ذكر ميان خداداد خان سان كيو، جو محمد مرادياب خان جي ايران رجڻ بعد عملي طرح وليعهد بنيو هو. ميان صاحب كي جڏهن هن

---

[1] "مقالات الشعراء"، ص 58-59
[2] "مقالات الشعراء"، ص 60-61
[3] "مقالات الشعراء"، ص 70-71

جي فضل ۽ ڪمال جو حال معلوم ٿيو، تڏهن ڪان هن جو مرتبو ايترو مٿانهون ٿي ويو جو "قانع" جي قول مطابق، وليعهد وٽ ان ۾ اضافي ڪرڻ جي گنجائش نہ رهي. ميان خداداد خان هندستان جو رخ ڪيو، تڏهن ميان نور محمد خان، جعفر جي رتبي ۾ اضافو ڪيو. هو، علم تڪسير ۽ جعفر جو عامل هو. ميان نور محمد خان لاءِ جامع جفر تيار ڪري رهيو هو، پر ايڏا ان کي مڪمل ئي نہ ڪيو هئائين تہ ميان صاحب آخرت جي سفر تي روانو ٿيو.

محمد مرادياب خان جي دور ۾ جعفر تي عتاب نازل ٿيو ۽ ڪيس وطن وڃڻ جي اجازت ملي وئي. جڏهن ڪڪرالي پهتو، تہ ڪڪرالي جي حاڪم ڪيس اڳتي وڃن جي اجازت نہ ڏني. جعفر مجبور ٿي ڪراچيءَ وڃڻ لاءِ نٽي پهتو. محمد مرادياب خان، ڪڪرالي جي حاڪم خلاف لڙائيءَ لاءِ نٽي ۾ هو. انهن ئي ڏينهن ۾ جعفر وفات ڪئي.[1] شعر بہ سنو چوندو هو. سندس چيل هڪ تاريخ مٿي نقل ٿي چڪي آهي.

چتر پوچ: 'قانع' لکيو آهي تہ نٽي جي هندن مان ڪوبہ شخص انشاء جي فن ۾ چتر پوچ جهڙو نہ ٿيو. هو ڪيترن ئي حاڪمن وٽ منشگيريءَ جي عهدي تي رهيو ۽ بلاغت ۾ خاص شهرت حاصل ڪيائين. وڏي عمر ماڻي، 1171 ھ ۾ فوت ٿي ويو. نظم توڙي نثر ٻنهي ۾ خاص دسترس حاصل هيس. خاص ڪري هجويہ تاريخ چوڻ ۾ ڪيس خاص مهارت هئي. مثلاً جڏهن ميان نور محمد خان فوت ٿيو ۽ مرادياب خان جانشين بنيو، تڏهن چتر پوچ فردوسيءَ جي هڪ مصرع مان "تقلب" جا عدد ڪڍي تاريخ ڪيي:

تقلب نيست در مصراع طوسي،
که مرگ خر بود سگ را عروسي.—— 1167ھ [2]

---

[1] "مقالات الشعراء"، ص 78-79

[2] "مقالات الشعراء"، ص 85-86

حسن: مير ابوالمڪارم جو فرزند هو ۽ فقير منش ماڻهو هو. شعر تمام چڱو چوندو هو. هڪ پيري، جڳهه جوڙيندي، لوهه جي ميخن بدران رسين کان ڪم ونڊي رهيو هو ته ڪنهن شخص چيس، 'خدا طاقت ڏني اٿئي، لوهه جا ڪوڪا چو نٿو استعمال ڪرين؟' حسن في البديهه چيو:

خانهء بي بقاي فاني را،
به ازين ديگرے چه آرايد؛
فڪر بيت دگر چرا نه ڪني،
ڪ ترا جاودان بڪار آيد!

هن 1133 هه ۾ وفات ڪئي.[1]

سرفراز: محمد سرفراز نالو هوس. هن جا وڏا غير مسلم هئا. پاڻ منصبدار هو. ڪڏهن ڪڏهن شعر به چوندو هو. پنهنجي والده جي وفات تي "ادخلي جنتي" (1114هـ) مان تاريخ ڪڍيائين. قرآن جو حافظ ۽ حج جي فرض کان به مشرف ٿيو هو. 1169هه ۾ وفات ڪيائين.[2]

سرشار: نالو شيخ رحمت الله هوس. سندس والد شيخ عزت الله کي مضبوط ارادي، حسن تدبير ۽ دوراندیشيءَ سبب خاص شهرت حاصل هئي. جوانيءَ جي وقت کان ئي ذميدار خدمتون سندس سپرد ٿيون. سورت جي حاڪم نواب محمد صفدر خان سان گڏ رهي هن جيڪي ڪارناما سرانجام ڏنا، اهي عقلمندن جي نظر ۾ بهترين ڪارناما هئا. سندس پٽ، شيخ رحمت الله، پنهنجي والد جي انهيءَ اعزاز کي نهايت سهڻي نموني قائم رکيو. 'سرشار' تخلص، 'قانع' جو تجويز ڪيل هو. هڪ پيري به شعر في البديهه چيائين، جن مان پهريون شعر هي هو:

---

[1] "مقالات الشعراء"، ص 92

[2] "مقالات الشعراء"، ص 147-148

آتش صهبا اگر هست آبرو درکار نيست،
هر چه بادا باد مارا خاک برسر ريختن.

هڪڙي ڏينهن نڪته دانن جي محفل جميل هئي، جنهن ۾ هيءُ شعر زير بحث آيو.

عجز است کار سگ صفتان وقت احتياج،
سگ زخم خويش رابزبان مي کند علاج.

'سرشار' انهيءَ تي تنقيد ڪندي چيو ته ڪتو جيڪڏهن پنهنجي زخم جو علاج پنهنجيءَ زبان سان ڪري ٿو، ته هيءُ ان جي بي نيازيءَ جو دليل آهي: بي نيازيءَ کي 'عجز' سان تعبير ڪرڻ غلط آهي ۽ هيءَ تمثيل، جنهن لاءِ تمثيل ڏني ويئي آهي، تنهن جي حقيقت جي ابتڙ آهي. هن اعتراض جو ڪو معقول جواب ڪير به ڏيئي نه سگهيو.

"ساقي": اسد الله نالو، سيد معصوم بکريءَ جي اولاد مان هو. هيءُ جڏهن حڪيم محمد يعقوب خان سان گڏجي مرادآباد آيو هو، تڏهن 'قانع' ساڻس ملاقات ڪئي هئي ۽ سندس سجع چئي هٿائين:

"اسد الله ساقي ڪوثر."

'ساقي' جو پنهنجو فقط هڪ شعر نقل ٿيل آهي:

مست گردم ز بادهء ڪوثر،
اســـد الله ســـاقيم بـــاشـــد.[1]

"سرخوش": 'سرخوش' جو ذڪر هن ڪان اڳ به هڪ هنڌ اچي چڪو آهي. سندس نالو محمد محفوظ هو ۽ شيخ محمد مريد جو پٽ هو. تمام خوش اخلاق ماڻهو هو. غريب توڙي امير سان چگيءَ طرح پيش ايندو هو. ميان نور محمد خان جي طرفان، سردار جهان خان وٽ، ڪابل ۾ وڪالت جا فرائض به انجام ڏيندو رهيو. تاريخون سڻيون چوندو هو. مثلاً، شيخ عزيز الله جي وفات تي هيئين تاريخ چيائين:

---

[1] "مقالات الشعراء"، ص 150

"جنات عدن است جاي عزيز".--- (1147 هـ)

شروع ۾ سندس تخلص 'فدائي' هو. سندس ڪجهه شعر هيٺ ڏجن ٿا:

گه ڪشي، گاه زنده مي سازي،
ترا ڪه هم ڪم ڪم خدائي نيست.

.....

خراب ڪرد فغان تو آسمان، اي دل،
تراڪه گفت ڪه رو درپيء بتان، اي دل[1].

[1] "مقالات الشعراء"، ص 148-149

شاعريءِ ادب

[3]

"شوقي": محمد حسين ولد ملا عبدالرؤف 'شوقي'، شروع ۾ عدالتي ڪاتي ۾ ملازم هو ۽ پوءِ صدارت جي منصب تي فائز ٿيو. گهڻو وقت دهليءَ ۾ رهيو. ڪيتريون مثنويون لکيائين. مثلاً "نغمات شوقي"، جا شيخ بهائيءَ جي مشهور مثنويءَ "نان و حلوا" جي رنگ ۾ هئي ۽ مثنوي "ناز و نياز"؛ ٻيون مثنويون به يادگار ڇڏيائين. تاريخون به سنيون چوندو هو. پنهنجي والد جي وفات جي تاريخ هينئنءَ ريت چيائين.

"يشرب من كاس كان مزاجها كافوراً ابداً." — 1127 هـ

نٽي ۾ جڏهن طاعون جي بيماري پيئي، تڏهن 'تعميه' جي طريقي تي هيءَ تاريخ چيائين:

ز شهر تته طاعون والم شد،
به فضل حق درو روي كرم شد.— 1123هـ [1]

عبدالشڪور: نٽي جو رهاڪو هو ۽ تمام عمدو شاعر هو. ميت کي قبر ۾ لاهڻ وقت تبرڪ طور هي لفظ چئبا آهن: "بسم الله و علي ملة رسول الله"؛ عبدالشڪور جو والد 1116 هـ ۾ فوت ٿيو، تہ هن دعا جي انهن ئي لفظن مان وفات جي تاريخ ڪڍي. شعر جو نمونو هيءُ آهي:

---

[1] "مقالات الشعراء"، ص 161

شب ز شمعے منصبِ پروانگي مي خواستم،
خلعتے بخشيده زر خاکستر نارِ فنا.[1]

محمد شفيع: ٽٽي ۾ فارسي زبان جو استاد هو. 'قانع' به هن کان "عروض سيفي" ۽ "قصائد عرفي" جا ڪي سبق پڙهيا هئا. تمام باوقار شخص هو. شعر سنا چوندو هو. شيخ عزيز الله جي فرزند شيخ غلام محمد جي سجع جئي هئائين:

"غلام محمد، عزيز الله."

بدين جي قاضيءَ جي هجوَ ۾ هينين رباعي چيائين:

قاضيءَ بدين بزرگوارے عجبے،
بر مرکب جهل شهسوارے عجبے.
اما پسرش، نعوذ بالله منها،
عجلاً جسداً لـــه خـــوارے عجبے.[2]

"شوقي": مهتو دول هرام 'شوقي'، 'قانع' جي بيان مطابق، انشاء جي فن ۾ پنهنجو مَٽ پاڻ هو. شعر به سٺو چوندو هو. "مقالات الشعراء" جي ترتيب وقت هالاڪنديءَ ۾ رهندو هو. سندس شعر جو نمونو هي آهي:

تابه برخسار توقطِ مشک ناب آمد برون،
از تنک ابري بخوبي ماهتاب آمد برون.
دفتر حسن جهان را سر به سر کرديم سير،
صورت زيباي جانان از حساب آمد برون.[3]

محمد صادق: سندس والد جو نالو محمد جعفر هو ۽ شيخ عبدالغنيءَ جو شاگرد هو. 'قانع' لکيو آهي:

استعداد کلي داشته، شعر فهمي بروختم بود چنانچه محمدّ محسن اکثر شعر را بدو مي نموده- فوت وے سال شصت و هست است.

---

[1] "مقالات الشعراء"، ص 162-163
[2] "مقالات الشعراء"، ص 162-163
[3] "مقالات الشعراء"، ص 168

(وڏو قابل شخص هو. شعر فهمي مٿس ختم هئي.
محسن ٿٽوي پنهنجا شعر گهٽو ڪري هن کي
ڏيکاريندو هو. سال 1168هـ ۾ وفات ڪيائين.)

هن جو فقط هڪ شعر "مقالات" ۾ درج ٿيل آهي:

چشم مستش بخمار دوشين،
سرمهء ديدهء پيمانه بود.[1]

"ضيا": هن جو نالو محمد ضيا هو. مُلا عبدالحڪيم 'عطائيءَ' جو پائٽيو هو. هيءُ شخص انهيءَ ڪري خاص ذڪر ڪرڻ جي لائق آهي جو ميرزا 'بيدل' عظيم آباديءَ جي انداز ۽ تتبع ۾ جيڪڏهن ڪنهن ڪاميابي حاصل ڪئي، تہ برصغير هندستان ۾ اُهو فقط 'ضيا' ئي هو. مرزا 'بيدل' جي شهرت ٻڌي، سندس ڪان دهليءَ پهتو. درويشاڻيءَ وضع جو ماڻهو هو، سو مرزا جي شاگردن ڪيس ڏسي مٿس چٽرون ڪيون. هڪڙي چيو تہ بياباني آهي، تہ ٻئي چيو وحشي ٿو ڏسجي! 'ضيا' جي نازڪ ۽ حساس دل اها گفتگو برداشت ڪري نہ سگهي ۽ بيساختہ چئي ڏنائين:

سر به صحرا دادن از ما آن قدر مشكل مدان،
وحشت آغازيم اما كمتر 'بيدل' نه ايم!

هيءُ شعر ٻڌي مرزا جا شاگرد وائڙا ٿي ويا ۽ پنهنجي ڪيل سلوڪ تي پشيمان ٿيا. جڏهن ميرزا سان سندس ملاقات ٿي تہ هن ڪائنس محبت سان پڇيو تہ ڪٽان آيا آهيو؟ ضيا جواب ڏنو:

اشك ريزان ز بدخشان جگر مي آيم،
منم آن قافله سالار كه بارم خون است.

ميرزا ڪائنس سندس تخلص پڇيو. هن جواب ڏنو. 'ضيا.' ميرزا چيس، 'پائو، تون تہ قيامت آهين، قيامت تخلص هئڻ گهرجيئي!'

---

[1] "مقالات الشعراء"، ص 172-173

"ضيا" ميرزا وٽ گهڻو وقت گذاريو. نواب مهابت خان "ڪاظم" ڏي جو نواب مقرر ٿي آيو، تہ 'ضيا' ساڻس گڏجي ڏي آيو. نواب کي هن لاءِ ايتري عزت هئي جو پاڻ سان گڏ هاٿيءَ تي ويهارينڊو هوس. سندس شعر جو نمونو هي آهي:

هر ڪجا رفتم بخود سامانِ حسرت داشتم،
تکيه هرجا چون شرر گوئي مرا بر دوش بود؛
پيش ازان ڪزلب ڪشو دنها شود رسوا 'ضيا'،
چون حباب از خجلت گفتارها خاموش بود. [1]

"عالي": محمد علي نالو هوس، 'عالي' تخلص. هيءُ ميان دائود خان عباسيءَ جو فرزند ۽ ميان نور محمد خان جو پائٽيو هو. نظم توڙي نثر، ٻنهي ۾ ڪامل دسترس حاصل هيس. سٺو خوشنويس هو. ڳالهائڻ ۾ جيتوٽيڪ گهڻو ٻاتڙائيندو هو، پر جڏهن شعر پڙهندو هو تہ اهو عيب بلڪل محسوس نہ ٿيندو هو. 'قانع' ٻہ هن جي صحبت ۾ چگو وقت گذاريو. چند شعر نموني طور ڏجن ٿا:

به سخن آمد و شهد از لب تقرير چکيد،
نگهے ڪرد و غرق از رخِ تصوير چکيد.

.....

ناوڪ غمزهء آن قاتل صياد هنوز،
درڪمان بود که خون از دل نخچير چکيد.

.....

نيم حرفِ وفا يا رب چرا مردود هر گوشم،
نصيحت نيستم ياران چرا از دل فراموشم.

....

---

[1] "مقالات الشعراء"، ص 75-176

بلبل و پروانه مي جوشد بهم در محفلم،
عشق گويا روغن گل در چراغم كرده است.[1]

علي: هن جو نالو محمد علي هو. سيوستان جو رهاڪو هو ۽ استاد نورالحق 'مشتاقيءَ' جو پوٽو هو. شعر به سٿو چوندو هو ۽ شعر فهميءَ ۾ پنهنجو مَٽ پاڻ هو. ڪلام جو نمونو هي آهي:

درد آه ماست هر شب ادهم جولان ما،
نُه فلك گرديست واپس مانده ميدان ما؛
محراب به خميازه و ناقوس به فرياد،
زين جمله ندانم بتو هم خانه كدام است.[2]

"عطار": قمرالدين، 'عطار'، اصل لاهور جو رهاڪو هو. ميان نور محمد خان جي لشڪر ۾ عطر جو دڪان هوس ۽ ڪتابن جو مطالعو به ڪندو رهندو هو. 'قانع' هڪ دفعي ٿوري دير لاءِ ساڻس ڪچهري ڪئي، معلوم ٿيس ته 'عطار' شعر به چوي ٿو. نمونو ڏسو:

ملامت در قفا دارد سيه كاري درين عالم،
به گريد ابر چون پوشيده روي مهر انور را.[3]

"عاشق": محمد تقي خان، بن نواب يوسف الله خان، جو 1138هـ ۾ نواب مهابت خان جي وفات تي نٽي جو حاڪم بنجي ويو هو ۽ اٽڪل پنجن سالن تائين اها حڪومت ماڻيائين. وفات ڪان پوءِ مڪلي تي امامن جي آستاني وٽ دفن ٿيو. تقي خان پنهنجي پيءُ سان گڏجي نٽي آيو هو. شعر جو نمونو هي آهي:

در شمار داد اگر فرياد رس مي داشتم،
مي شمردم ناله ها را تا نفس مي داشتم،

---

(1) "مقالات الشعراء"، ص 119
(2) "مقالات الشعراء"، ص 90
(3) "مقالات الشعراء"، ص 192

بيڪسے چون من نمي بودي اگر زين ناڪسان،
عاشقان چشم اميدي هم بڪس مي داشتم.[1]

"عطارد": شيوڪرام 'عطارد' ٿٽوي، جنهن جي انشاء جو ذڪر ماخذ جي سلسلي ۾ اچي چڪو آهي. هيءُ ميان غلام شاهه جي منشين مان هو ۽ ميان سرفراز خان جي زماني ۾ به انهيءَ عهدي تي فائز رهيو. مير بجار خان به هن کان خط لکرائيندو هو. شاعريءَ ۾ محسن ٽٽويءَ جو شاگرد هو. ڪلام جو نمونو هي آهي:

به خاموشي ڪند چشمِ تو تعليم اشارتها،
زگرد سرمه معلوم است نقش پاي اين عنقا.

....

نه من از دشت خرد هم چو پتنگ آمده ام،
مد تے داشت بزندان خم افلاطون را.

...

عقده ازڪار ڪسے خواهد ڪشودن روزگار،
هرڪرا درڪف برنگ غنچه يڪ مشت زراست.[2]

"فنا في الله": 'قانع' لکيو آهي ته مون 'فنا في الله' کي محمد آباد ۾ ڏٺو هو، جو پنجاب جو باشندو معلوم ٿيو. هن جو فقط هڪ شعر نقل ڪيو اٿس:

من و تو موجهء بحريم ڪز سبڪ روحي،
زطرف ڪون مڪان مي ڪند نگنجد آب روانش.[3]

"فائز": شيخ عبدالسبحان نالو، تخلص "فائز" ۽ سندس پيءُ جو نالو شيخ مرتضىٰ هو. شيخ مرتضي ۽ ان جو پاءُ، شيخ شجاع، شاهي منصبدار هئا. عبدالسبحان ظريف ۽ خوش مزاج شاعر هو. ابهام ۽

---

[1] "مقالات الشعراء"، ص 192-193
[2] "مقالات الشعراء"، ص 206
[3] "مقالات الشعراء"، ص 225

حاضر جوابيءَ ۾ تمام مشهور هو. عقيدي جو غالباً شيعو هو. ميان نور محمد جي حڪومت جي آخري دور ۾، اهلبيت جي محبت ۾ حد کان وڌڻ سبب، عتاب هيٺ آيو. هن جي وفات تي 'قانع' قطع تاريخ چيو، جنهن جي تاريخ واري مصرع هي هئي:

"فائز رحمت سبحان شد، گفت."

هن جو پاڻ محمد رفيع به شعر چوندو هو ۽ سڀني سليقي وارو ماڻهو هو.[1]

"مزمل": هيءُ راجائن طرفان ميان نور محمد خان وٽ وڪيل هو. ڪافي مدت تائين سنڌ ۾ رهيو ۽ ميان صاحب جي دربار جو هڪ ضروري رڪن بنجي ويو هو. تمام خوش مزاج ۽ لطيفي باز شخص هو. لطف الله عرف مير متارو، ميان صاحب جو وزير، هن کان گهٽو چڙندو هو. هڪ ڀيري مير، ميان صاحب کي عرض ڪيو ته مزمل کي نظربند ڪريو ۽ پوءِ هڪ ڏينهن مير سلام لاءِ دربار ۾ آيو، ته ميان صاحب کي آهستي عرض ڪيائين ته مزمل کي ٻئي ڪمري ۾ وڃڻ جو حڪم ڏيو. مزمل هيءُ ڳالهه ٻڌي ورتي ۽ في البديهه هينيون شعر چيائين:

به ميان گفت مير نُكته سنجے،
باين الفاظ سنڌي- "چؤته و نجے"*،
ازين جا پيشتر هر هنر نه ونجم،
كه تا نيك و بدِ خود را نه سنجم.

ميان صاحب هي شعر ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ شيخ مزمل تي گهڻي شفقت ڪيائين.[2]

"مداح": هن جو نالو غلام علي هو ۽ محسن تخلص جو پٽ هو. 1145هـ ۾ جائو هو. محسن هن جي ولادت جي تاريخ چئي هئي:

---

[1] "مقالات الشعراء"، ص 244-245

* يعني، 'چئو ته وڃي'

[2] "تحفة الكرام" ج 3، ص 244-245

"غلامِ علي بے بدل يا فتم."

'غلام عليءَ' جي عددن مان "بدل" جا عدد وضع ڪيا وڃن تہ تاريخ نڪري ٿي. شاعر سنو هو، جيتوڻيڪ پنهنجي پيءُ جي برابر نہ هو. 'قانع' ۽ غلام علي گهٽو ڪري ڪا هڪ طرح مصرع تجويز ڪري غزل چوندا هئا. شعر جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

صاحب دل را سفر باشد همیشه در وطن،
گرز آب آید برون دارد گهر مسکن در آب؛
پاک از الایشِ دینائي اند افتد گان،
پر محال است این که گرددسایه دامن تر در آب.

.....

حسن او را آب و تاب از بے قراري حاصل است،
صفحهء آئینه بے سیماب فرد باطل است؛
نوبت دور گل جام است و فصل نو بهار،
گر درین موسم کسي دیوانه گردد عاقل است؛
رو طریقِ خاکساري را چو نقشِ پا بگیر،
کاین صراطِ مستقیمت خضر راه منزل است.

.....

ز دنیا بر کنار از فقر گشتم،
به یمن کشتي از دریا گزشتم،
حدیث قتلم ار نشنیده باشي،
بدان از سطر تیغش سر گزشتم. [1]

ميان نور محمد کي التجا: 'محسن' جي وفات تي، غلام علي 'مداح' هڪ نهايت پُراثر التماس، نظم جي صورت ۾، ميان صاحب جي خدمت ۾ پيش ڪيو هو، جو هتي انهيءَ خيال سان هو بهو درج ڪيو وڃي ٿو تہ ان مان هڪ طرف 'محسن' جي خاندان

---

[1] "مقالات الشعراء"، ص 363-366

جي مالي حالت جو اندازو ٿي سگهي ٿو ۽ ٻئي طرف اهو ڏسي سگهجي ٿو ته شعر ۽ ادب ۾ 'مداح'، جو پايو پنهنجن همعصر ۾ ڪيترو مٿانهون هو:

اے آنکہ تو سر دفتر ارباب سخائي
پيشِ تو گدائيست يڪي حاتم طائي
تا گشت محيط ڪرم و وجود تو معراج
بحر آمده ڪشتي بڪف از بهر گدائي
در مجلس تو ماه يڪي ڪاسهء سيمين
در محفلِ تو مهر يڪي جام طلائي
پُر گل شود از فيض نگاهت چو نهالي
گر بر سرِ خاري نظرِ لطف نمائي
در هر دو جهان باد ترا يار محمّد
هر دم بتو باشد مدد و لطف خدائي
آن ڪس ڪه برو سايهء لطف تو فتاده
هرگز نڪشد منتي از بالِ همائي
تا خطرات از نور محمّد شده روشن
مانند دلت صبح نباشد به صفائي
'محسن' ڪ دعاگوي و ثنا خوانِ تو بوده
زين دار فنا رفت بتقدير خدائي
اميد که از غايت لطف و ڪرم خويش
بر حالِ يتيمان نظر رحم نمائي
ني منصب و ني مزرعه دارند، نه باغي
از قيد غم و غصه ندارند رهائي
هر لحظه ز آه شرر افشان دلِ شان
از گنبد گردون گزرد تير هوائي
بايد که تو از صيقل لطف و ڪرم خويش
از آئينهء خاطرِ شان زنگ زدائي

هر مشڪل شان حل ڪني از راه تفضل
بر عقدهء دشوار ڪه دارند ڪشائي
تا باز 'غلام علي' از شوق چو بلبل
در باغ دعاي تو ڪند نغمه سرائي

مٿين شعرن کي پڙهندي، ڪنهن وقت ائين محسوس ٿئي ٿو ته اهي غلام علي 'مداح' جا نہ آهن، بلڪ خود 'محسن' جا آهن- يعني، گمان آهي ته محسن پنهنجي خاندان جي بيچارگيءَ کي سامهون رکندي، موت جي بستري تي اهي شعر لکيا هجن ۽ غلام علي 'مداح' کي چيو هجيس ته سندس مرڻ کان پوءِ اهي ميان صاحب جي خدمت ۾ پيش ڪيا وڃن.

مريد: شيخ محمد مريد نالو ۽ 'مريد' تخلص هوس. سيوهڻ مان لڏي اچي ڏٺي ۾ وينو هو. شيخ محمد محفوظ 'سرخوش' -جنهن جو ذڪر اڳ ۾ اچي چڪيو آهي- جو پٽ هو. 'سرخوش' جو پٽ قمر الدين 'عشرت' به شاعر هو. مريد کي ڪتابن جي مطالعي جو بيحد شوق هوندو هو. 'قانع' لکيو آهي ته گهٽيءَ مشغوليت جي باوجود هو ڪتاب پڙهندو رهندو هو ۽ پڌاپي ۾ به اهو ذوق بدستور قائم رهيو. انشاء جي فن ۾ بينظير مجيو ويندو هو. سال 1171 هـ ۾ وفات ڪيائين. 'قانع' سندس وفات جي تاريخ چئي:

"له مساڪن طيبة في جنات."— 1171 هـ

ڪلام جو نمونو:

از هم آغوشيء خود قدر مرا بالاڪن،
اين دل خستهء درد گدائي دارد.[1]

"مير": مير جان محمد بکريءَ جو سرسري ذڪر اڳ اچي چڪو آهي. هيءُ صوفي شاهه عنايت جو خليفو هو. صوفي صاحب جي خدمت ۾ پهچڻ بابت هڪ دلچسپ مثنوي، 'ساقي نامي' جي طرز تي لکي هئائين، جنهن جا ڪجهه شعر 'مقالات الشعراء' ۾ نقل ٿيل آهن. ملاقات جي موقعي جا ڪجهه شعر درج ڪجن ٿا:

---

[1] "مقالات الشعراء"، ص 366

ز سر پا ساخته درپيش رفتم،
جمالش ديدم و از خويش رفتم.
دل و ديده همه محو لقايش،
سر آشفته افگندم به پايش.
بلطف و مرحمت بنشاند پيشم،
کرم کرد از نواز شهاي خويشم.
باستفسار احوالم بپر داخت،
دلم ممنونِ اخلاقِ حسن ساخت.
کمالي ديدم از حد بشر دور،
دل و جان در هواي عشق رنجور.
مجسم صورت نور الٰهي،
تماشا کرد اشعار کماهي.
محقق عارفي کامل عياري،
بهار حسن را آئينه داري.[1]

مير عظيم الدين: مير صاحب جي حالات، ماخذات جي باب ۾، "فتحنامي" جي سلسلي ۾ اڳي چڪا آهن، هي به ڪلهوڙن جي دور جو شاعر هو. ميان سرفراز خان وٽ رهڻ جو ذڪر "فتحنامي" ۾ ڪيو اٿس. "مجموعهء دلڪشا" ۾ سندس هڪ عجيب واقعو نقل ٿيل آهي. هڪ ڏينهن مير عظيم الدين ۽ ان جو هڪ عزيز مير غلام علي "مائل" مڪلي جي ٽڪريءَ تي مرزا عيسيٰ ترخان جي مقبري جي ٻاهرين دروازي تي وينا هئا، ماڻهو ايندا ويندا پئي رهيا؛ اتي هڪ خوبصورت چوڪرو آيو، جنهن جي نڪ جي هيٺيان تر هو؛ مير عظيم الدين هڪ دم چيو:

"ز بس حيرت بلال از منبر افتاد"

---

[1] "مقالات الشعراء"، ص 328-329

هن اها مصرع ٻہ ٽي دفعا ڏهرائي. مير "مائل" ڪجهہ غور کان پوءِ چيو:

"چو ديد آن خال زير بينيءِ يار،
ز بس حيرت بلال از منبر افتاد"

مير عظيم الدين هيءُ ٻڌندي ئي "مائل" کي پاڪر پاتو ۽ خدا جي نعمت جو شڪرانو ادا ڪيائين تہ سندس خاندان ۾ شعر جو ذوق اڃان موجود آهي. شهر پهچي، سڪر ماڻهن کي انهيءَ خوشي ۾ ڪاڏي جي دعوت ڏنائين ۽ کين سارو قصو بيان ڪري ٻڌايائين.[1]

مسڪين شاهہ هندي: هي نواب مهابت خان "ڪاظم" جو ڪارندو هو. ساري حياتي ننڍي ۾ گذاريائين. "ضيا" هڪ ڏينهن ڪنهن ڳالهہ تان بگڙي کيس ڪافر چيو؛ انهي تي مسڪين جواب ۾ هي رباعي چئي:

ضيائے بے ضيا گر ڪافرم خواند،
چراغ ڪذب را نبود فروغے.
مسلمان گويمش زان روڪه نبود،
مڪافات دروغے جز دروغے.

سيف الله: هي خداآباد ۾ رهندو هو. جعفر ۽ محسن جي صحبت ۾ وقت گذارينڊو هو. هڪ پيري سيف الله محسن جي ساراهہ ۾ هڪ رباعي چئي؛ انهي تي محسن جواب ۾ هڪ نهايت عمدو قطعو ڏانهنس موڪليو، جنهن ۾ سيف الله جي ساراهہ هئي؛ سيف الله وري ان جي جواب ۾ هيءَ رباعي محسن ڏانهن موڪلي:

مدحم ڪرده است محسن خلق الله،
آن مظهر و جامع ڪمالات اِلٰه،
من لائق هجو باشم او مدح ڪند،
لاحول ولا قوة الا بالله.

---

[1] "مجموعہ دلڪشا"

باب ستتيهون

شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه

سنڌ ۾ عربي ۽ فارسيءَ جو اوج: گذريل بابن ۾ علم فضل جي سلسلي ۾ يا شعر ۽ ادب جي سلسلي ۾، جيڪي بيان ڪيو ويو آهي، سو عربي ۽ فارسي زبانن بابت هو. هندستان ۾ اسلام جي ظهور کان پوءِ پهرين عربي زبان کي وڏڻ ويجهڻ جو موقعو مليو ۽ ان کان پوءِ فارسي زبان عام ٿي. عربيءَ جيئن ته ديني علمن جو سرچشمو هئي ۽ اسلام جا اصل ذخيرا عربيءَ ۾ ئي هئا، تنهن ڪري علم ۽ فضل جا شائق گهڻي شوق سان هي زبان سکندا هئا. سنڌين عربي زبان ۽ عربي علوم ۾ اهو درجو حاصل ڪيو جو مديني منوره ۾ درس ۽ تدريس جون مسندون آراسته ڪيائون ۽ اسلامي دنيا جا اڪابر، وٽائن فيض جي جواهرن حاصل ڪرڻ لاءِ، سندن سامهون عقيدت جون جهوليون جهلينداهئا. جيڪي ڪتاب سنڌ ۾ تصنيف ٿيا، سي مدتن تائين علم وارن لاءِ فائدي حاصل ڪرڻ جو بهترين ڀنڊار بنيا رهيا ٿي. هتان جي درسگاهن ۾ به عربيءَ جي تعليم ايڏي اعليٰ پيماني تي ڏني ويندي هئي جو شايد خود عرب ۾ به اهڙيون درسگاهون زياده تعداد ۾ موجود نه هيون. پوءِ جڏهن فارسي هتي جي عام علمي زبان بڻي ته نظم توڙي نثر جا جواهر پارا اُن زبان ۾ به تيار ٿيندا رهيا ۽ انهن شخصن جا احوال ۽ سوانح به مرتب ٿيا، جن کي وقت جي هنن علمي زبانن ۾ اعليٰ درجو حاصل ٿيو.

سنڌي زبان: سنڌي زبان ۾ ظاهري طرح تمام ٿورن صاحبز پنهنجي خيال جو اظهار ڪيو. جيئن ته هن زبان کي عام طور علمي درجو حاصل نه هو، فقط ڳالهائڻ ٻولهائڻ تائين محدود هئي

ان ڪري، يا ته ائين سمجهڻ گهرجي ته سنڌيءَ ۾ نظم ۽ نثر جا ڪتاب لکيا نه ويا ۽ يا وري ائين سمجهڻ گهرجي ته هن زبان جي شاعرن ۽ نثر نگارن جا احوال قلمبند نه ٿي سگهيا.

ڪلهوڙن جي دور کان ڪجهه عرصو اڳ، سيد عبدالڪريمؒ هڪ بزرگ هو، جو سنڌي زبان ۾ شعر چوندو هو. غالباً مخدوم نوحؒ سان شعر ۾ سندن سوال جواب ٿيندا رهندا هئا. "قانع" علي شيرازيءَ جي بيان ۾ لکيو آهي:

(ميان سيد عبدالڪريم صاحب بلڑي بيتي در زبان سنڌي به طريق معما بجانب استاد خود مخدوم نوحؒ هاله کندي فرستا دند تا جواب فرمايند.... هر گاهه سوال و جواب بنظر مير معز اليه در آمد، مضمون هر دو بيت درين يک بيت پارسي بسته تشفي خاطر فرمودند:

جان بجانان ده و گرنه از تو بستانند اجل، خودتو منصف باش اي دل اين نکو يا آن نکو.[1]

(ميان سيد عبدالڪريم صاحب بلڑي واري سنڌي زبان ۾ هڪ بيت، ڪجهارت طور، پنهنجي استاد مخدوم نوحؒ هالا ڪنديءَ واري ڏانهن موڪليو هو ته پاڻ ان جو جواب ارشاد فرمائين.

مير علي شيرازيءَ جڏهن اهي سوال جواب ڏٺا، تڏهن پنهي بيتن (سيد عبدالڪريم جي بيت ۽ مخدوم نوح جي بيت) جو مضمون فارسي جي هڪ شعر ۾ آڻي، پنهي کي مطمئن ڪيائين.) بيت جو مضمون هي هو:

اي دل، تون پنهنجي جان خود محبوب جي حوالي ڪري ڇڏ، ورنه موت ان کي پاڻ سان وٺي ويندو: تون خود انصاف ڪر ته هيءَ صورت چڱي آهي يا هوءَ صورت.

---

[1] "مقالات الشعراء"، ص 210

ڪلهوڙا دور جو ٻي ٻها هيرو: مطلب ته سنڌي زبان ڏانهن لاڙو ۽ ڏيان تمام گهڻ هو. ايتري قدر جو خود ان زبان جي شاعرن جا احوال به ڪتابن ۾ قلمبند ٿي نه سگهيا؛ ليڪن ڪلهوڙن جي دور ۾ شاهه عبداللطيف پيدا ٿيو، جنهن جو ڪافي ڪلام سمورو ئي سنڌي زبان ۾ آهي. نه فقط سنڌيءَ ۾ ئي بلڪ ڪنهن به ٻئي زبان ۾ سنڌ "شاهه" جهڙو حق گو شاعر اڄ تائين پيدا نه ڪيو آهي. هو دنيا جي انهن چند چيدن شاعرن مان آهي، جن جي حيثيت حقائق و معارف جي لحاظ کان عالمگير آهي ۽ جن جي ڪلام ۾ زماني جي اڪيچار انقلابن کان پوءِ به ڪا پُراٽپ ۽ فرسودگي پيدا نه ٿي سگهي آهي: جيئن انگريزي زبان ۾ شيڪسپيئر؛ جرمن زبان ۾ گوئٽي؛ اڙدوءَ ۾ غالب ۽ اقبال؛ فارسيءَ ۾ سعدي، حافظ، مولانا روم، نظيري، عرفي، وغيره؛ سنسڪرت ۾ ڪالياس؛ پنجابي ۾ وارث شاهه ۽ بُلا شاهه؛ عربي ۾ امرءُالقيس، متنبي وغيره. ڈاڪٽر سورلي بلڪل درست لکيو آهي ته: شاهه صاحب ڪلهوڙن جي دور جو نهايت ڀهڪندڙ هيرو هو[1].

شاهه عبداللطيف

شاهه عبداللطيف جي سوانح جو ڪو به اطمينان بخش خاڪو اڃا تائين مرتب ٿي نه سگهيو آهي ۽ سندس چو گرد ڪئين قسمن جي منگهڙت ڪهاڻين جو ڇار ڦهلجي ويو آهي. جڏهن معلومات گهڻ ۽ عقيدت زور هجي، تڏهن عام طور اهڙي قسم جي حالت پيدا ٿيندي آهي. عقيدتمندن جي انتهائي شوق جو نقاش، پنهنجي فڪر ۽ خيال جي رنگ آميزيءَ سان طرح طرح جون تصويرون گهڙي، معلومات جي اوٽائي واري خال کي پر ڪندو ٿو رهي، عام ماڻهو جڏهن انهن خيالي تصويرن کي ڏسن ٿا، ته پنهنجي عقيدت جي جوش وچان هو انهن جي هر ليڪ ۽ رنگ

---

[1] "شاهه عبداللطيف آف پٽ"، ص 169

روپ ڪي صحيح سمجهڻ لڳن ٿا ۽ اهڙيءَ حالت ۾ هو انهن تصويرن جي صحيح يا غلط هجڻ جي باري ۾ تحقيق جي طرف ڪوبه توجهه نه ڏيندا آهن. عام طور من گهڙت ڪهاڻيون ۽ افسانا ڪجهه وقت تائين ماڻهن ۾ هڪ ٻئي جي واتان گردش ڪري ڪري، حقيقتن جي حيثيت اختيار ڪريو وڃن ۽ پوءِ هر هنڌ انهن جي عام مجتا ٿيڻ لڳي ٿي.

ولادت: شاهه صاحب بابت هن روايت ڪي عام طرح مستند ڄاتو وڃي ٿو ته هو 1101هـ (89....1690) ۾ ڄائو هو. گويا سندس ولادت بارهين صدي هجريءَ جي بنهه ابتدا ۾ ٿي. عوام جي عقيدي مطابق، صدي جي بلڪل پڄاڻيءَ تي مجدد پيدا ٿيندا آهن. شاهه عبداللطيف ڪي ڪو به شخص، مقرر اصطلاح موجب، "مجدد" مجي يا نه مجي، پر هن حقيقت ۾ ڪو به شڪ نه آهي ته هن پنهنجي شاعريءَ سان سنڌي زبان ڪي جيئاري ڇڏيو. هن سنڌي زبان ۾ اها دل آويزي، اها جاذبيت ۽ اهو روح پيدا ڪري ڇڏيو جو اڄ دنيا جا وڏا وڏا عالم فقط شاهه صاحب جي شاعريءَ مان حظ حاصل ڪرڻ لاءِ سنڌي زبان سکن ٿا. وري شاهه صاحب جي تعليم، معرفت جي تعليم هئي، جا پنهنجي هم گيريءَ سببان زمان ۽ مڪان جي حد بندين کان بلند ۽ بالا هوندي آهي: جنهن جو خطاب فقط انهن ماڻهن ڏانهن نه هوندو آهي جيڪي اسان ڪي تعليمي حلقن ۾ نظر ايندا آهن، بلڪ جنهن جو خطاب هر دور، هر ملڪ ۽ هر قوم جي ماڻهن جي لاءِ هوندو آهي: انهن جي زبان مان جيڪو به ڳفتو نڪري ٿو سو انسانيت جو سبق هوندو آهي، آفاقيت جو وعظ هجي ٿو: هو انسانن ڪي انسان بڻائڻ جا سانچا تيار ڪن ٿا ۽ پنهنجي پنهنجي وس آهر انهن فرضن ڪي پوري ڪرڻ جو شوق ۽ ولولو پيدا ڪن ٿا، جن لاءِ خدا تعالىٰ پيغمبرن ڪي دنيا ۾ موڪلي ٿو.

خاندان: شاهه عبداللطيف، شاهه عبدالڪريم جي اولاد مان هو، جو اصل منيارين جو رهاڪو هو، پر پوءِ بلڙيءَ ۾ وڃي رهيو،

جتي سندس مزار آهي. معلوم نہ آهي تہ شاهہ صاحب ڪهڙي سببان بلڙيءَ کي پنهنجي رهائش لاءِ پسند ڪيو. سندس پڙپوٽو، شاهہ حبيب وري پنهنجي وطن مٽيارين ۾ وڃي رهيو.[1] هي شاهہ عبداللطيف جو والد هو ۽ شاهہ جي پيدائش وقت "هالا حويليءَ" نالي هڪ ڳوٺ ۾ رهندو هو، جو پوءِ ڦٽي ويو.

جيتريقدر خانداني عظمت ۽ بزرگيءَ جو تعلق آهي، شاهہ صاحب جو گهراٽو جيڪڏهن سنڌ ۾ سيني کان اوچو نہ هو، تہ گهٽ ۾ گهٽ بن ٽن اوچ گهراٽن ۾ شمار ٿيندو هو. عوام کي هن گهراٽي ۽ ان جي فردن سان جيڪا سچي عقيدت هئي، سا بادشاهن ۽ حاڪمن کي بہ ورلي نصيب ٿئي ٿي. ڊاڪٽر سورلي لکيو آهي:

> خود شاهہ صاحب پنهنجي گهراٽي جي هن بلند حيثيت مان بيواجبي فائدي حاصل ڪرڻ کي ڪڏهن بہ پسند نہ ڪيو. هن انهن راحتن ۽ نفاستن ڏانهن ڪڏهن اک کٽي بہ نہ ڏٺو، جي دين دارن جي خواهش جو مرڪز ٿيندیون آهن.[2]

والد ماجد: شاهہ صاحب جي والد، شاهہ حبيب بابت "تحفة الڪرام" جو بيان آهي تہ هو وجد ۽ حال جو صاحب هو. استغراق جو هيءُ حال هو جو جڏهن سندس فرزند شاهہ عبداللطيف خدمت ۾ حاضر ٿيندو هو، تہ اڪثر ڪري پڇندو هو، ڪير آهين ؟ شاهہ صاحب عرض ڪندو هو "توهان جو غلام، عبداللطيف آهي" شاهہ حبيب چوندو هو "مون نہ پٽو آهي!" "مقالات الشعراء" ۾ ميان محمد صادق نقشبنديءَ جو احوال ڇاٽيندي لکيل آهي:

> در فوت والد بزرگوار آن سر آمد اولیا (شاهہ عبداللطيف) المسميٰ به مير حبيب الله كه همانا ذات اقدسش ناموس سلسلهٔ كريمه و به كرامات

---

[1] شجرو هن ريت آهي: سيد حبيب الله شاهہ بن سيد عبدالقدوس شاهہ بن سيد جلال شاهہ بن سيد عبدالڪريم شاهہ.

[2] "شاهہ عبداللطيف"، ص 172

ظاهره اظهر من الشمس چنين تاريخ از حديث نبوي استنباط ڪرده: "الموت جسر يوصل الحبيب للقاء الحبيب" 1144هـ.[1]

شاهه عبداللطيف اولياٸن جو سردار هو. سندس والد مير حبيب الله سيد عبدالڪريم جي سلسلي جو بر گزيده بزرگ هو ۽ سندس ڪرامتون سڄ ڪان وڌيڪ روشن هيون. ان جي وفات جي تاريخ ميان محمد صادق نقشبنديءَ رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم جي هن حديث مان ڪڍي هئي:

موت هڪ پل آهي، جنهن تان لنگهي، دوست،
دوست جي ديدار جو شرف حاصل ڪري ٿو.

گويا شاهه حبيب جي وفات 1731ع ۾، ميان نور محمد خان جي دور حڪومت ۾ ٿي ۽ شاهه عبداللطيف جي عمر ان وقت چوٸيتاليهن سالن جي لڳ ڀڳ هئي.

هالا حويلي، ڪوٽڙي ۽ ٽپ: شاهه عبداللطيف جو ننڍپڻ هالا حويليءَ ۾ گذريو، پوءِ شاهه حبيب اتان لڏي ڪوٽڙيءَ ۾ وڃي وٺو. غالباً والد جي وفات کان پوءِ شاهه عبداللطيف خود هڪ واريءَ جي ڏڙي تي نٸين ڳوٺ جو بنياد رکيو، جو "ٽپ" جي نالي سان مشهور ٿيو. هيءَ ڳوٺ ڪرار ڏنڊ جي پاسي ۾ هو، جنهن ۾ علي گنج واهه جو پاڻي پوندو هو. اتي ٸي شاهه صاحب پنهنجي ساري زندگي گذاري ۽ آخر اتي جي ٸي خاڪ ۾ هميشه لاءِ آرامي ٿيو. شاهه صاحب جي ڪري ٽپ ڪي عالمگير جي حيثيت حاصل ٿي. بادشاهن وڏا وڏا شهر، قلعا ۽ مقبرا ٺهرايا، جن تي لکين ڪروڙين رپيا خرچ ٿيا، پر ٽپ تي واريءَ جو هڪ ڏڙو هو: انسانيت جي هڪ چمڪندڙ گوهر، جنهن جو نالو شاهه عبداللطيف هو، واريءَ جي هن ڏڙي ڪي اهڙي شهرت ڏٸي جڏي جو جيستائين دنيا قائم آهي، ان جو نالو

---

[1] "مقالات الشعراء"، ص 173

سدائين زندهه رهندو. سنڌ جي هڪ ڇيڙي ڪان ٻئي ڇيڙي تائين، تاريخي دور جي آغاز ڪان وٺي اڄ تائين بيشمار شهر آباد ٿيا، جن مان ڪيترن جا نالا فقط تاريخ جي صفحن تي وڃي باقي بچيا آهن، پر "پٽ" جي اوج ۽ آبادي۽ جو اصلي دور اڄا هاڻ شروع ٿيو آهي، جڏهن ڪان شاهه عبداللطيف جي عارفاڻي ڪلام جو صحيح ذوق پيدا ٿيڻ لڳو آهي ۽ انهيءَ ذوق جي ترقي سان گڏو گڏ پٽ جو اوج پڻ ان شاالله ڏينهون ڏينهن وڌندو رهندو.

شادي: شاهه عبداللطيف جو پيارو دوست مرزا مغل بيگ هو. هو 1713ع ۾ چورن هٿان مارجي ويو، شاهه صاحب ان جي صاحبزادي۽ سان نڪاح ڪيو. اولاد کو به نه ٿيو. هڪ افسانو مشهور آهي ته شاهه صاحب جي اهليه جڏهن حامله هئي، تڏهن پلي ڪائڻ جي خواهش ظاهر ڪيائين. نوڪرياڻي۽ شاهه صاحب جي هڪڙي مريد کي پلي آڻڻ لاءِ موڪليو. شاهه صاحب کي جڏهن انهيءَ ڳالهه جي خبر پئي تڏهن چيائين ته "جيڪو ٻار هينئر پنهنجي ماءُ جي پيٽ ۾ ئي منهنجن فقيرن لاءِ تڪليف جو سبب بنيو آهي، سو جڏهن جمي جوان ٿيندو، تڏهن خدا جاڻي ڪهڙا گل ڪيندو: خدا ڪري هي۽ مڪڙي ٽڙڻ کان سواءِ ڪومائجي وڃي!" انهيءَ ڪري ٻار مئل پيدا ٿيو.[1]

ظاهر آهي ته انهيءَ قسم جا افسانا شاهه صاحب جي ڪرامت جو ثبوت ته بنجي سگهن ٿا، پر سندس عالمگير شفقت ۽ محبت جو ڪو چگو اظهار نه آهن ۽ انهن کي صحيح مڃڻ مشڪل آهي.

علم وفضل: عام طور ائين سمجهيو وڃي ٿو ته شاهه صاحب ڪتابي علم کان بنهه بي نياز هو. "تحفة الڪرام" جو بيان آهي:

---

[1] "شاهه عبداللطيف"، ص 175... 176

"باآنکه اُمي بود، حق تعاليٰ تمام علوم بر لوح سينه اش مشبت داشته."[1]

(جيتوٽيڪ هو اڻ پڙهيل هو، پر خدا تعاليٰ سيئي علم سندس سيني تي نقش ڪري ڇڏيا هئا.)

ڊاڪٽر سورلي لکيو آهي:

شاهه صاحب جي ڪلام مان ظاهر ٿئي ٿو ته ڪيس عربي ۽ فارسيءَ جي اهڙي جاڻ هئي، جيڪا ان وقت جي عام پڙهيل ماڻهن کان گهڻو وڌيڪ هئي. هيءَ ڳالهه يقيني آهي ته هو مولانا روم جي مثنوي چگيءَ طرح ڄاڻيندو هو: بلڪ بيان ڪيو وڃي ٿو ته ميان نور محمد ڪلهوڙي جو تعلق شاهه صاحب سان قائم نه رهيو هو ۽ ان ڪري هن مثنويءَ جو هڪ نهايت عمدو نسخو شاهه صاحب جي خدمت ۾ پيش ڪري، سندس مهرباني‌ءَ جي نظر حاصل ڪئي هئي.

ليلا رام وٽڙ مل جو بيان آهي ته قرآن مجيد، مثنوي مولانا روم ۽ شاهه ڪريم جا سنڌي بيت هر وقت وٽس موجود رهندا هئا. جيڪڏهن انهيءَ ڳالهه ۾ سچائيءَ جو ٿورو به گمان موجود آهي. .. ۽ غالباً هڪ حد تائين سچي آهي..... ته پوءِ هيءُ دعويٰ سراسر باطل ٿي وڃي ٿي ته شاهه صاحب خاصو پڙهيل لکيل ماڻهو نه هو.[2]

مٿئين اقتباس ۾ ڪنهن اضافي جي ضرورت ناهي. حقيقت هيءَ آهي ته خوش اعتقاد ماڻهو، پنهنجي "عقيدت جي مرڪز" کي قدرت جي هڪ خاص ڪرشمي قرار ڏيڻ جي غرض سان اهڙا داستان تيار ڪري ويندا آهن؛ پر شاهه صاحب جي ڪتابي تعليم ۽ تربيت جو پيمانو پل ڪيتروئي مٿانهون فرض ڪيو وڃي، ان جي باوجود هو قدرت جي لطف ۽ ڪرم جو هڪ خاص ڪرشمو رهي ٿو. جيڪي ڪتاب شاهه صاحب مطالع ڪيا، اهي هر دور ۾ هزارن ماڻهن پڙهيا هوندا، بلڪ گهڻن جو مطالعو ته شاهه

---

(1) "تحفة الڪرام"، ج 3، ص 152

(2) "شاهه عبداللطيف"، ص 174

صاحب کان يقيناً گهٽو وسيع هو، پر تنهن هوندي به انهن مان کو به شخص حق گوئيءَ جي تاثير ۾ شاهه عبداللطيف نه بنجي سگهيو:

هزار نکتهء باريک تر ز مو اين جا است
نه هرک سو بترا شد قلندري داند.

خليو ۽ اخلاق: سورلي جي بيان مطابق، بيشمار ماڻهن شاهه صاحب جي حليي بابت جيڪا معلومات بيان ڪئي، تنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته هو بت جو مضبوط، شڪل جو سهڻو ۽ وچولي قد جو هو، ڏاڙهي ڇڏي ڏني هئائين. اکيون تمام خوبصورت ۽ ڪاري رنگ جون هيس. چهري مان ڏاهپ پئي ٻکندي هئي ۽ پيشاني وڏي ۽ ويڪري هيس. چهري تي سنجيدگي هيس ۽ معلوم ٿيندو هو ته ڪُوڙهن خيالن ۾ پڏل آهي. دل حقيقت شناس هيس ۽ سمورو وقت سوچ ويچار ۾ رهندو هو.

شاهه صاحب جي اخلاق بابت سورلي لکيو آهي ته سندس هلت چلت حليمائيءَ واري ۽ گفتگو سنجيدگيءَ واري هئي. لطف ۽ رحم، همدردي ۽ سخا سندس طبيعت ۾ فطري طرح موجود هيون. انهن ڳڻن ۽ خوبين سببان سندس شخصيت بيحد احترام جي لائق بنجي پيئي هئي. هو ڪنورتا ۽ سختيءَ کان بيحد نفرت ڪندو هو، ايتريقدر جو ڪنهن انسان يا حيوان کي ڪا معمولي جسماني تڪليف پهچائڻ به برداشت ڪري نه سگهندو هو.[1]

اهڙي بلند پايي، حساس ۽ حقيقت کي پهتل شاعر جي سيرت اهڙي ٿي سگهي ٿي. مولانا عبدالحق، خواجا حاليءَ جي باري ۾ لکيو آهي ته هو هڪ دفعي حيدرآباد(دکن) ويو، اتي رياست جو هڪ وڏو آفيسر ساڻس ملڻ آيو. ڪوچوان، گاڏيءَ کي ڪجهه اڳتي وڌائي بيهاريو، انهيءَ تي آفيسر صاحب چهبڪ سان ڪوچوان کي مار ڏني. خواجه حالي، مٿان ماڙيءَ تان اهو نظارو ڏسي رهيو هو. پوءِ هن ٻڌايو ته آءٌ سمجهان ٿو ته اڄا تائين مون کي چهبڪن جو آواز ٻڌڻ ۾ اچي ٿو!

---

[1] "شاهه عبداللطيف"، ص 172

ڪلهوڙن سان تعلق: ڪن روايتن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته شاهه عبداللطيف جي آزاد ۽ قلندرانه هلت چلت ڏسي، مٽيارين جي سيدن ميان نور محمد ڪلهوڙي وٽ شڪايتون ڪيون ۽ سيدن جي اثر رسوخ سببان ميان صاحب جي دل ۾ شاهه صاحب خلاف البت مخالفت پيدا ٿي پئي. ٿي سگهي ٿو ته هن داستان ۾ سچائيءَ جو ڪو پهلو موجود هجي؛ ۽ جڏهن خاندان جا ئي اڪثر فرد پنهنجي ڪنهن پاءُ جي خلاف اُبتيون سُبتيون ڳالهيون ڪن، ته ڪنهن شخص جو انهن کان متاثر ٿيڻ غير يقيني نه آهي. سورلي لکيو آهي ته آخر ۾ نور محمد کي شاهه عبداللطيف جي خلوص ۽ اعليٰ رتبي جو يقين ٿي ويو هو ۽ پوءِ هن شاهه صاحب سان دوستي پيدا ڪئي هئي... بلڪ عام روايتن مطابق، ميان غلام شاهه جي پيدائش شاهه صاحب جي ئي دعا ۽ برڪت جو نتيجو هئي.[1]

وفات: شاهه عبداللطيف ميان نور محمد کان ٻه سال اڳ 1165ھ (1752ع) ۾ وفات ڪئي. سندس مريدن مان ڪنهن شخص هيٺين تاريخ چئي:

ٻه تاريخون شيخ محمد پناهه "رجا" چيون:

شاهه صاحب، ذوالمواهب سيد عبداللطيف،
آنکه قطب وقت خود از مردان حق،
چون ز جام ارجعي مخمور نوش وصل شد،
گفت ملهم غيب سال رحلتش "رضوان حق." ..... 1165ھ[2]

1. گرديده محو عشق وجود لطيف مير،
2. شد محو در مراقبه جسم لطيف پاڪ.[3]

ٻنهي تاريخن مان "1165ھ" تاريخ نڪري ٿي.

---

(1). "شاهه عبداللطيف"، ص 173
(2). "تحفة الڪرام"، ج3، ص 153
(3). "مقالات الشعراء"، ص 209

شاهه صاحب کي پٽ تي ئي دفن ڪيو ويو. 1754ع ۾ ميان غلام شاهه، شاهه صاحب جو مقبرو ٺهرايو. "تحفة الڪرام" جي مصنف لکيو آهي:

روزي که ازين سرا نقل فرموده در ماتمش جمعي از مريدان جان دادند.... مزار متبر که اش بر آن به هيئت عجيب جاي با روح وصفا ست.... گنبد عالي بر مرقد ش بنا يافته و راجا جيسلمير نوبت نذر نموده... صبح و شام درگاهش عجيب روح و سرور غريب صفا و حصور دارد... و اکنون سيد جمال شاهه قائم مقام آن ولي مخصوص به کرامات خفي و جلي است و سلسله فقراء چند خليفه نامور دارد.[1]

(جنهن ڏينهن شاهه صاحب جو انتقال ٿيو، ان ڏينهن سندس ماتم ۾ ڪيترن ئي مريدن پنهنجون جانيون ڏنيون. هن جي مزار مبارڪ عجيب جڳهه آهي، جا روحاني فيض سان معمور آهي. مٿائنس عاليشان گنبذ ٺهرايو ويو آهي. جيسلمير جي راجا به نذرانه روانا ڪيا. صبح شام درگاهه تي عجيب روح ۽ سرور، صفا ۽ حضور رهي ٿو. هن وقت سيد جلال شاهه (شاهه صاحب جي وڏي پاڻ جو پوٽو) هن صاحب ڪرامت وليءَ جو سجاده نشين آهي. شاهه صاحب جي فقيري سلسلي مان ڪجهه ناليرا فقير خليفا آهن.)

شاهه جو رسالو: "تحفة الڪرام" جي متئين عبارت مان ظاهر آهي ته شاهه صاحب پنهنجي زندگيءَ ۾ شاعريءَ جي ڪري نه، بلڪ پنهنجي بزرگيءَ ۽ روحاني فيض جي ڪري مشهور هو. سندس بزرگيءَ جو اندازو هن واقعي مان ٿي سگهي ٿو ته ڪيترائي مريد سندس جدائيءَ جو غم نه سهي سگهيا ۽ فوت ٿي ويا.

---

[1]."تحفة الڪرام"، ج3، ص 153

معلوم ٿئي ٿو ته شاهه صاحب بيخودئ جي عالم ۾ شعر چوندو هو. ڪن روايتن مان ظاهر ٿئي ٿو ته ڪيس پنهنجي ڪلام کي گڏ ڪرڻ جو ڪوبه خيال ڪو نه هو. سندس ٻن عقيدتمند فقيرن سچي ڪلام کي گڏ ڪيو: جڏهن شاهه صاحب اهو ڏٺو، تڏهن سمورو دفتر ڏنڊ ۾ اڇلائي ڇڏيائين. آخر انهن عقيدتمندن، شاهه صاحب کي راضي ڪري، ٻيهر ڪلام جو مجموعو مرتب ڪيو: اهو مجموعو "شاهه جو رسالو" جي نالي سان مشهور آهي.

شاهه جو رسالو اڄ تائين مڪمل شايع نه ٿيو آهي. سنڌ ۾ هن جا ڪيترا ئي قلمي نسخا موجود آهن. اڄ ڪلهه ڊاڪٽر دائوپوٽو صاحب رسالي جي ترتيب ۾ مشغول آهي*. رسالي جي ڪجهه بيتن جو ترجمو ڊاڪٽر سورلي انگريزئ ۾ ڪيو هو. شاهه صاحب توڙي سندس رسالي بابت سنڌئ ۾ سوين ڪتاب لکجي چڪا آهن. سنڌئ کان سواءِ انگريزئ ۾ ڊاڪٽر سورلي جو ڪتاب گهڻو مشهور آهي.

سنڌي زبان جي ارتقا: آخر ۾ سنڌي زبان بابت هڪ تازي بيان جو اختصار درج ڪرڻ ضروري آهي:

1. ڪلهوڙن جو دور سنڌي زبان جي اوسر ۽ ارتقا لاءِ سونهري دور هو.

2. ميان سرفراز خان ڪلهوڙي سنڌي زبان ۾ نعت ۽ مناجات جو آغاز ڪيو.

3. شاهه عبدالطيف سنڌي زبان ۽ ادب ۾ زندگيءَ جو نئون روح ڦوڪيو.[1]

---

* افسوس جو ڊاڪٽر دائوپوٽي صاحب سان حياتيءَ وفا نه ڪئي ۽ سنڌي ادبي بورڊ ڀاران مرحوم کي سپرد ڪيل "شاهه جي رسالي" جو ڪم پاڻ تڪميل تي پهچي نه سگهيو. بورڊ ڀاران پوءِ اهو ڪم علامه آءِآءِقاضي صاحب جي حوالي ڪيو ويو ۽ هن وقت علامه صاحب جو مرتب ڪيل رسالو شايع ٿي چڪو آهي... مترجم

(1) 1. حيدرآباد بابت هڪ مقالو، راوائر "ڊان" انگريزي، 6 سيپٽمبر 1953ع

باب انتيهون

تعميرات

تعميرات: سنڌ ۾ ڪلهوڙن جي دور جي باري ۾ مونکي جيتري معلومات درڪار هئي، سا باوجود سعيي ۽ ڪوشش جي ميسر ٿي ڪانه سگهي. هن مقصد لاءِ ساريءَ سنڌ جي چپي چپي جو دورو ڪرڻ ضروري هو. ان لاءِ به دفعا ڪوشش ڪيم، پر دوري لاءِ جيڪي اسباب ۽ وسيلا ضروري هئا. اهي مهيا نه ٿيا ۽ ان ڪري آءٌ هر هنڌ پهچي گهربل تحقيقات ڪري نه سگهيس ۽ نڪي آثار قديم کي روبرو وڃي جاچي سگهيس. آخر ڪار ان کان سواءِ ٻيو ڪو به چارو نه رهيو ته مختلف ڪتابن ۾ جيڪي احوال درج ٿي چڪا آهن. تن کي هڪ هنڌ گڏ ڪري مرتب ڪيو وڃي. هيٺ ڏنل بيان انهيءَ طرح جي تحقيق ۽ چنڊچاڻ جو نتيجو آهن.

ڪلهوڙن جا مرڪز

ڪلهوڙن مختلف وقتن تي مختلف مرڪز بنايا. ميان آدم شاهه کان ميان دين محمد تائين مرڪزن جو سرسري ذڪر، سندن احوال ۾ اڳي ئي اچي چڪو آهي. جيئن ته ان وقت تائين باقاعدي حڪومت جو شان اڃا پيدا نه ٿيو هو، تنهن ڪري انهن کي اها حيثيت نٿي ڏيئي سگهي، جا پوءِ وارن مرڪزن کي گهٽ يا زياده مدت جي لاءِ حاصل رهي. ميان يار محمد جي دور کان ڪلهوڙن جي مختلف مرڪزن جي مجموعي ڪيفيت هيءَ آهي:

1. خداآباد، جنهن کي ٻيءَ خداآباد کان الڳ سمجهڻ لاءِ "خداآباد پراڻي" چوڻ زياده مناسب ٿيندو.
2. محمدآباد.
3. مرادآباد.

4. الهہ آباد، جنهن کي پوءِ "شاهپور" جو نالو ڏنو ويو.
5. شاهہ ڪڙهہ
6. خداآباد نئين
7. حيدرآباد

هاڻي انهن جي سرسري ڪيفيت ملاحظہ ڪريو:

خداآباد: جيئن اڳ ۾ ٻڌائجي چڪو آهي، هن مرڪز جو باني يار محمد خان هو، جنهن کي مغل دربار کان "خدايار خان ثابت جنگ" جو خطاب مليو هو ۽ غالباً "خدايار خان" جي خطاب جي ئي مناسبت کي سامهون رکندي، مرڪز جو نالو "خداآباد" رکيو ويو. ڪن روايتن مان معلوم ٿئي ٿو تہ پهريائين انهيءَ جاءِ تي جيڪا بستي هئي، تنهن کي عام طور تي "شڪارپور پنهواري" چيو ويندو هو، جڏهن اها ميان يار محمد خان جي هٿ ۾ آئي، تہ هن ان جو نالو بدلائي ڇڏيو ۽ جيئن جيئن ڪلهوڙا ترقي ڪندا رهيا، تيئن تيئن هن مرڪز جي رونق آرائش ۽ حسن ۾ بہ اضافو ٿيندو رهيو. ميان غلام شاهہ جي دور تائين خداآباد جي عظمت ۾ ڪوبہ فرق نہ آيو؛ جڏهن ميان صاحب حڪومت جو مرڪز حيدرآباد منتقل ڪيو، تڏهن ساڻس گڏ درباري ۽ گهٽا واپاري بہ اتان هليا ويا ۽ خداآباد جي رونق گهٽجڻ لڳي. عبدالنبيءَ جڏهن مير عبدالله خان ٽالپر ۽ مير فتح خان ٽالپر کي قتل ڪرايو، تڏهن ٽالپرن انتقام جي جوش ۾ اچي خداآباد تي حملو ڪيو. هنن شهر کي لُٽيو ۽ جاين کي باهہ ڏئي ڇڏي. اهڙيءَ طرح 1781ع ۾، خداآباد جو شهر تباهہ ٿي ويو.

موجوده حالت: هيئر خداآباد ۾ فقط بہ جايون بچيل آهن. . هڪڙي جامع مسجد ۽ ٻيو ميان يار محمد خان جو مقبرو. عام روايتن موجب، اهي جڳهيون بہ چگيءَ حالت ۾ ڪونهن. 1701ع کان 1768ع تائين هن شهر جي حسن ۽ عظمت ۾ اضافو ٿيندو رهيو؛ 1768ع کان 1781ع تائين ان جي رونق گهٽبي رهي، پر ان جو وجود قائم هو ۽ چگيءَ حالت ۾ هوندو؛ آخر 1781ع ۾ برباد ٿي ويو.

چون ٿا ته هن شهر جا ڪنبر لڳ ڀڳ پنجاهه ايڪڙ زمين ۾ ڦهليل آهن؛ ليڪن يقين آهي ته اصل شهر پنهنجن باغن وغيره سان زياده وسيع ايراضيءَ ۾ پکڙيل هوندو، جيتوڻيڪ هينئر ان جي اها ڪيفيت پيش ڪرڻ مشڪل آهي.

خائف جو بيان: اسان جي اڳيان خداآباد بابت پهريون بيان باغ علي "خائف"، "نامهء نغز" جي مصنف جو آهي. هو لکي ٿو:

هوا خوشدل و باغبان دلپذير،
خداآباد شهر است جنت نظير.

(هن جي هوا دل کي خوش ڪري ٿي ۽ هن جا باغ دل وندرائيندڙ آهن؛ خداآباد سڄ پڄ ته جنت جو نمونو آهي.)

"خائف" جي بيان مطابق، اتي سرؤ، ترنج، صنوبر، انگور، ناسپاتي، وغيره جا وڻ هئا. گلن مان گلاب، چنبيلي، نرگس، نسرين، نسترن، نيلوفر، سوسن، سنبل، هزاري ۽ گل خيري جو ذڪر ڪيل آهي. پکين مان ڪبوتر، مور ۽ بلبل جا نالا خاص طور ورتا اٿس. "خائف" هي به لکيو آهي ته هن ۾ واهه وهندا هئا ۽ پر ۾ شڪارگاهه هو. هي ميان نور محمد خان جي دور جو نقشو هو.

"شائق" جو بيان: مير علي شاهه "شائق"، ميان عبدالنبيءَ جي دور جو نقشو هن طرح پيش ڪيو آهي:

وين خدابادي ڪه اندر وي خداآباد ڪرد،
هم چو نام خود خداباد است شهر جانفزا؛
باد خود آباد چون در سينه اقليم سند،
راحت دلهاي پيچان چون دم روح خدا؛
خانه هايش چون جنان، جانانه هايش جان ستان،
دلبر نش دلربا، دلداد گانش در عزا؛
گلعذارانش به زيبا چهره چون لاله زار،
خوش مقال و رمز فهم ونڪته دان و آشنا،
قصر سلطان درميان و درميانش گلستان،
دست دولت رانگار و پاي قدرت را حنا.

آخري شعر مان ظاهر ٿئي ٿو ته كلهوڑا حاكمن جو محل شهر جي وچ ۾ هو ۽ ان محل جي اندر باغ هو. محل حكومت سلطنت جي هٿ لاءِ زيبائش جو سبب هو ۽ باغ قدرت جي پير لاءِ ميندي. محل جي تعريف "شائق" هنن لفظن ۾ بيان كئي آهي.

ارتفاعش را فلك بيند اصطرلاب شمس،
قدر مقدارش خداوند اچه جاي عقل ما!

(محل ايترو بلند هو جو ان كي ماپڻ لاءِ آسمان سج جو اصطرلاب (ستارن جي مفاصلن ماپڻ جو اوزار) استعمال كندو هو: اهڙي حالت ۾ اسان ماڻهن جا عقل ان جي قدر ۽ منزلت جو كهڙو اندازو كري سگهن ٿا.)

بازار جي تعريف ۾ شائق چوي ٿو ته "جيكڏهن سير كرڻ جو ارادو آهي ته دل كي هٿ جي تريءَ تي كڍي رك! هن جي گهٽين ۾ هر طرف سوين يوسف قطارون ٻڌيو پيئا آهن. هن جو هر دكان كنعان جو نمونو آهي. شهر جهان جي جان آهي. خداوند هن كي هميشه آباد ركي!.

'شائق' ان باغ جو نالو "علي باغ" ٻڌايو آهي. ان ۾ حاكم جي سير لاءِ هك ٻيڙي هئي. "شائق" لكي ٿو ته: ان كي پاڻيءَ تي كشمير جي حيثيت حاصل هئي، يا چئجي ته سندس شان ائين هو، جيئن نيل نديءَ جي كناري تي مصر.

"خائف" ۽ "شائق" ٻنهي جي مٿي پيش كيل نقشن مان ظاهر ٿو ٿئي ته شهر كافي خوبصورت ۽ دلكش هو، جيتوڻيك ان جي تفصيلي حيثيت جو كو اندازو ٿي نه ٿو سگهي.

جامع مسجد: جامع مسجد اڄ به موجود آهي، جيتوڻيك پوڻا ٻه سئو سال گذري چكا آهن. خائف لكيو آهي ته "جڏهن هيءُ مسجد جوڙي وئي، ته منجهس نقاشيءَ جو كم نهايت عمدو كيو ويو. قبو ايترو بلند ٺهرايو ويو، جو آسمان سان وڃي مليو. چٽسالي جي كم ۾ شنگرف گهڙو استعمال كيو ويو. هن كي بيت المقدس ته نٿو چئي

سگهجي، پر اُتي هر وقت ذڪر ٿيندو رهي ٿو. نحو ۽ صرف جا استاد، عربيءَ جي تعليم ۽ تدريس ۾ مشغول آهن. "صحيح بخاري" پڙهائي وجي ٿي. حافظ، قرآن جي تلاوت ڪندا رهن ٿا ۽ ذاڪر تسبيح ۾ مصروف آهن". ڪوزنس جي بيان مطابق هي مسجد ميان يار محمد خان نهرائي هئي. هن جا ٻه حصا هئا: هڪڙو 80 فوٽ ڊگهو ۽ 21 فوٽ ويڪرو ۽ ٻيو 80 فوٽ ڊگهو ۽ 25 فوٽ ويڪرو. اُچائي 34 فوٽ هئي. ٻاهرئين دروازي تي ٻنهي پاسن، ڪاشيءَ جو نهايت دل آويز ڪم ٿيل هو. چٽسالي‌ءَ جي ڪم ۾ هن کان اڳ تڪلف ۽ بناوت کان ڪم ورتو وينلو هو؛ ميان صاحب انهيءَ پراڻي طريقي کي ترڪ ڪري نئون طريقو اختيار ڪيو ۽ مسجد ۾ جيترو ٻه ڪاشيءَ جو ڪم ڪرايو، ان ۾ اصليت جي شان کي قائم رکيو:

ڪاشيءَ جي هر هڪ سر تي ڪنول جو گل آهي، جو مرڪزي ڏاندڙيءَ مان نڪتل آهي. اُن جا سليقي سان سجايل سهٽا پَن، ٻنهي پاسن ڏانهن ڦهلجي رهيا آهن. غور سان ڏٺو وجي، تہ ان جي اندر ٻه بيشمار گل نظر ايندا. منجهس سختيءَ ۽ اڻڪائيءَ جو ذرو ٻه ڪونهي، بلڪ سندس سموريون ليڪون ملائمت سان لبريز آهن ۽ ڏسڻ واري تي انهن جو نهايت دلڪش اثر پوي ٿو. هيءُ جامع مسجد ٻئي ڪنهن سبب جي ڪري نہ، تہ گهٽ ۾ گهٽ ڪاشيءَ جي چترڪاريءَ سببان حفاظت لهڻي.

افسوس جو زائرن ۽ سياحن مسجد جي ڪاشيءَ کي نقصان رسائڻ ۾ ڪابہ ڪسر ڪانہ ڇڏي آهي. ڪيترن زورآورن تہ سرن کي اُکيڙي ڪڍي وڃڻ جون ڪوششون ڪيون، پر اهي ايترين مضبوط هيون جو اڪڙي نہ سگهيون ۽ هنڌان هنڌان پيڇي پيون.

مقبرو: خداآباد کان هڪ ميل پري ميان يار محمد خان جو مقبرو آهي. هيءُ چورس عمارت آهي ۽ مٿان گنبذ اٿس. هن تي ٻه ڪاشيءَ

جو ڪر ٽيل آهي، جنهن ۾ سنڌ، ايران کي مات ڪري، ڇڏيو هو. هي مقبرو ميان نور محمد ٺهرايو هو، جنهن کي تعمير جي شوق ۽ قديم آثارن جي حفاظت ۾، نہ فقط ڪلهوڙا حاڪمن ۾، بلڪ سنڌ جي سيني حاڪمن ۾ يگاني حيثيت حاصل هئي. اڪثر مقبرا ۽ مسجدون انهيءَ حڪمران ٺهرايون هيون.

محمد آباد: محمد آباد جو بنياد ميان نور محمد رکيو هو. ڪتاب ۾ هر هنڌ ان جو ذڪر اچي چڪو آهي..... مثلاً جڏهن ميان محمد مرادياب خان کي ملڪي انتظام جو مختيار بنايو ويو، تڏهن ميان نورمحمد خان خود محمد آباد ۾ رهائش اختيار ڪئي هئي. هن شهر جي موجوده حالت جي باري ۾ ڪجهہ بہ معلوم ٿي نہ سگهبو.

مراد آباد: جڏهن ميان نور محمد خان جي وفات کان پوءِ ميان محمد مرادياب خان جي نالي حڪومت جو پروانو جاري ٿيو ۽ هو عمرڪوٽ کان موٽيو، تہ نصرپور لڳ درياهہ جي ٻئي ڪنارې تي خيما کوڙيا ويا ۽ اتي ئي ميان صاحب جي جلوس جي رسم ادا ٿي هئي: انهيءَ هنڌ 1754ع ۾ هڪ شهر آباد ٿيو، جنهن جو نالو "مرادآباد" رکيو ويو. ڪجهہ مدت کان پوءِ درياهہ جي ٻوڏ سببان اهو شهر ناس ٿي ويو. هن وقت ان جو ڪو بہ نشان باقي نہ آهي. درياهہ جڏهن پنهنجو وهڪرو بدلايو، تہ نصرپور جي بہ اُها اڳوٽي حيثيت باقي نہ رهي.

الهہ آباد: مرادآباد جو شهر تباهہ ٿي ويو، تہ ميان غلام شاهہ محمد آباد جي پر ۾ هڪ نئون شهر "الهہ آباد" جي نالي سان تعمير ڪرايو، پوءِ ان جو نالو مٽائي "شاهپور" رکيو ويو. ليڪن هيءُ شهر زياده عرصي تائين مرڪز نہ رهيو ۽ جلدئي ان کي ترڪ ڪيو ويو. هيئر هي هڪ معمولي ڳوٺ آهي. شاهپور نالي هڪ ٻيو شهر بہ ميان غلام شاهہ آباد ڪرايو.

شاهہ ڪڙهہ ۽ شاهبندر: جنهن زماني ۾ ميان عطر خان ۽ ميان احمديار خان، عطائي خان کي پاڻ سان وٺي، سنڌ تي چڙهائي ڪئي هئي، تڏهن ميان غلام شاهہ ڏکڻ علائقي طرف هٿي ويو هو. هن

ڳڄي ڪي مرڪز بنائي، ان جو نالو "شاهه ڪڙهه" رکيو هو. اورنگا بندر مان ماڻهن کي لڏائي اچي هن نئين شهر ۾ ڪين آباد ڪيو. ميان صاحب هن شهر جي لاءِ ۾ ۾ ئي هڪ بندرگاهه جو پڻ بندوبست ڪيو، جنهن تي "شاهه بندر" نالو پيو. جڏهن خان جنگي ختم ٿي وئي ۽ ساري سنڌ ميان غلام شاهه جي قبضي هيٺ آئي، تڏهن هن مرڪز کي ترڪ ڪيو ويو.

حيدرآباد: ميان غلام شاهه جي پايي وڏل شهرن مان سڀني کان وڏيڪ حيدرآباد جو شهر آهي، جنهن کي پوءِ حڪومت جي مرڪز جي حيثيت حاصل ٿي ۽ ٽالپرن جي زماني ۾ به اهوئي حڪومت جو مرڪز هو. هن شهر جو بنياد 1768ع ۾ رکيو ويو. والٽر هئملٽن هن شهر بابت 1820ع ۾ جيڪي ڪجهه لکيو هو، ان جو نچوڙ هيءُ آهي ته "هيءُ قلعو هڪ ٽڪر تي آهي، جو هڪ هزار قدم ڊگهو آهي؛ هن جي هڪ طرف ڪليلي آهي ۽ ٻئي طرف ٽن ميلن جي مفاصلي تي سنڌو ندي آهي؛ قلعو پنج ڪنڊو آهي ۽ ٽڪر جي بيهڪ مطابق تعمير ٿيل آهي؛ قلعي جون ديوارون سرن جون آهن ۽ منجهن بندوقن لاءِ سوراخ؛ ڪيترن هنڌن تي ٽڪر جو لاهه ايڏو ته اُتانهون آهي، جو جيڪڏهن پٽ کي ٽوڙي ڇڏجي، تڏهن به قلعي تي چڙهڻ نهايت مشڪل آهي":

> قلعي جي اندر ڪيترين ئي خوبصورت مسجدون آهن، پر ان جي آس پاس ميان غلام شاهه جي مقبري کان سواءِ ٻي ڪا به ذڪر لائق عمارت ڪانهي، جيڪو قلعي جي ڏکڻ طرف هڪ ٽڪريءَ تي ٺهيل آهي. بازار جي دڪانن تي هر قسم جون جنسون ڪثرت سان موجود آهن ۽ گهڻو ڪري هندو ئي دڪانداريءَ جو ڏنڏو ڪندڙ آهن.[1]

پوسٽنز جو بيان: پوسٽنز لکيو آهي ته حيدرآباد جو شهر هڪ ٽڪريءَ تي اڏيل آهي، جنهن جي اوير طرف سان لڳو لڳ، پري تائين درياهه وهندڙ آهي. هن جا بچاءَ تمام وسيع آهي. هڪ بازار

---

(1) "هنستان ۽ ان سان لاڳو ملڪ"، انگريزي، ج 1، ص 569

آهي، جا هڪ ميل تائين ڊگهي آهي. سامونڊي هوائون حيدرآباد تائين پهچن ٿيون. هيءُ شهر سنڌ جي پوري وچ تي آهي؛ انهيءَ ڪري غالباً حڪومت جي مرڪز لاءِ هن شهر جو انتخاب ڪيو ويو.

ميان غلام شاهه ان کي قديم نيرون ڪوٽ جي جاءِ تي آباد ڪيو هو. ايشيائي لڙاين ۾ حيدرآباد کي گهٽو ڪري ناقابل تسخير سمجهيو وڃي، پر ان جي هيبت ڀريو نظارو ان جي حقيقي قوت جي متعلق غلط تصور پيدا ڪري ٿو.[1]

هي بيان ٽالپرن جي دور بابت آهن، پر يقين آهي ته ڪلهوڙن جي دور ۾ عام حالت ان کان مختلف نه هوندي. بعد ۾ هي گهٽا مقبرا ٺهيا. ڪلهوڙن جي دور جا هي ٻه مقبرا يادگار آهن: هڪ ميان غلام شاهه جو مقبرو ۽ ٻيو ميان سرفراز خان جو مقبرو.

نئون خداآباد: هي مرڪز ميان غلام شاهه خان جي وفات کان پوءِ ميان سرفراز خان جي دور ۾ قائم ٿيو. هي هالا کان ڏيڍ ٻه ميل پنڌ تي (اُتر- اولهه طرف) آهي، اتي ٽالپرن جا مقبرا آهن.

شاهه بهاري جو مقبرو: هيءُ مقبرو لاڙڪاڻي ۾ آهي، جتي شاهه بهارو مدت تائين حاڪم رهيو ۽ پنهنجي انتظام هيٺ آيل علاقي کي آبادي جي لحاظ سان ڪمال درجي تائين پهچايائين. هيءُ مقبرو ميان غلام شاهه ٺهرايو هو. چبوترو 75 چورس فوٽ ۽ ان تي 39 چورس فوٽ مقبري جي عمارت ڏيل آهي، جا 47 فوٽ اوچي آهي. ڪلهوڙن جي دور ۾ لاڙڪاڻي جي رونق گهٽي وڏي وئي هئي. شڪارپور جو شهر سندن هٿن مان نڪري ويو هو، تڏهن لاڙڪاڻو اتر سرحد تي ڪلهوڙن جو سڀ کان وڏو شهر وڃي رهيو هو. منجهس ريشمي ۽ سوٽي ڪپڙو تمام سٺو ٺهندو هو.

متفرق عمارتون: ڪلهوڙن جي دور جي ٻين عمارتن جو مختصر احوال هيٺ درج ڪجي ٿو:

---

[1] "سنڌ بلبت ذاتي مشاهدا"، ص 27-28

1. ميان آدم شاهه جو مقبرو، جو سکر ۾ آهي. ۽ ميان غلام شاهه نهرايو هو.
2. شاهل محمد جو مقبرو، جو قنبر کان ڇهن ميلن جي پنڌ تي آهي. ميان غلام شاهه نهرايو هو. ساڌا پندرهن چورس فوٽ چبوتڙو ۽ ان تي ساڌا پنجٽيهه فوٽ اوچو مقبرو آهي.
3. ميان نصير محمد خان جو مقبرو ميان يار محمد خان جوڙايو هو.
4. لاڙڪاڻي جو قلعو، جنهن جا رڳو هيئر نشان وڃي رهيا آهن.
5. پير رڪن شاهه جي درگاهه، جا 1179هـ ۾ تعمير ٿي ۽ پير شهنشاهه جي درگاهه، جا 1175هـ ۾ تعمير ٿي.
6. بدين جو شهر، جو 1750ع ۾ تعمير ٿيو؛ ان کي مدد خان پناڻ تباهه ڪري ڇڏيو هو. [ٽنڊل شهر جا ڏڙا ظاهر آهن ۽ اوپر طرف نئين سر شهر آباد آهي.]
7. شاهه عبداللطيف جو مقبرو، جو ميان غلام شاهه جوڙايو هو.
8. نوشهرو فيروز، جو فيروز برگ اڏايو هو.
9. خيرو ديرو، ٽنبو باگو.
10. ميان نور محمد خان جو مقبرو، جو غالباً ميان محمد مرادياب خان جي دور ۾ ٺهيو.

پڄاڻي

شڪر ڪ جمازه به منزل رسيد.
مطلب تہ شڪر آهي جو اُڻ منزل تي پهتو.

عام تبصرو: سمن حاڪمن کان پوءِ سنڌ جي جيڪا پهرين ملڪي حڪومت قائم ٿي، ان جي سرگذشت اسين پڄاڻي تي پهچائي چڪا آهيون. جيتوڻيڪ ڪلهوڙا مجموعي حيثيت سان فقط اسي ورهيہ حڪمران رهيا ۽ ان مدت جو بہ وڏو حصو اهڙو آهي، جنهن ۾ سموري سنڌ سندن قبضي ۾ نہ رهي. مثلاً ميان يار محمد خان جي ابتدائي دور ۾ سنڌ جو فقط هڪ حصو سندن انتظام هيٺ هو. ميان نور محمد خان 1739ع ۾ سڄي سنڌ کي پنهنجي انتظامي دائري اندر آڻڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي. چند مهينن کان پوءِ نادر شاهہ سهڙي آيو، ظلم ۽ جبر جي ٻُهاري سان پهريائين هن سنڌ جي سموري دولت جي صفائي ڪري ڇڏي ۽ پوءِ استبداد جي ڪينچيءَ سان متحده سنڌ جي دامن کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيو. ميان نور محمد خان، آهستي آهستي ملڪي انتظام کي وري نئين سر پنهنجيءَ حالت تي آندو، تہ مٿان احمد شاهہ ابدالي اچي ڪڙڪيو، سنڌ ويچاري وري بہ خوفناڪ مصيبتن ۾ مبتلا ٿي وئي. ميان نور محمد خان کان پوءِ، ڪيترن سالن تائين گهرو لڙائين جي باهہ پڙڪندي رهي. ميان غلام شاهہ بارهن. تيرهن سال اطمينان سان حڪومت ڪئي. جيتوڻيڪ ان تي بہ ابدالين جي تلوار لٽڪندي رهي.... ان کان پوءِ وري بہ بار بار اندروني ڪشمڪشيون اُپريون ۽ بار بار افغاني لشڪر سنڌ ۾ آيا، جن مان مدد خان جي چڙهائي تمام وڏي آفت هئي.

انهن بي اطمنانين پريشانين جي باوجود ڪلهوڙن جي حڪومت ملڪ واسين لاءِ راحت ۽ آسائش، واڌاري سڌاري جا اهي سمورا سامان ڪنا ڪيا، جيڪي سندن وس ۾ هئا. واهه ڪوٽايائون، غير آباد زمينن کي آباد ڪرايائون، صنعت ۽ حرفت کي ترقي ڏياريائون ۽ رستا نهرائي، مسافرين جو امن قائم ڪري تجارت کي فروغ ڏياريائون: مطلب ته عوام جي اقتصادي، اخلاقي ۽ انتظامي ضرورتن کي حتي الامڪان پورو ڪيائون ۽ علم ۽ فضل جي سرپرستيءَ ۾ وس آهر ڪا به ڪسر ڪانه ڇڏيائون. سنڌي زبان ۽ سنڌي ادب به انهن جي ئي دور ۾ نئين سر زنده ٿيا.

بي تعصبي: هيءَ ڳالهه ذڪر ڪرڻ لائق آهي ته ڪلهوڙن جي حڪومت هن لحاظ سان اسلامي مقصدن جو بهتر اندازو لڳائيندڙ هئي، جو انهن جي دور ۾ غير مسلمانن سان ڪڏهن به تعصب وارو سلوڪ نه ڪيو ويو. مٿي بيان ٿي چڪو آهي ته ميان يار محمد خان جي دور ڪان هندو ڪارڪنن کي ڪلهوڙن وٽ خاص اعتماد جو درجو حاصل هو. ڪيترن هندو ڪارڪنن جا نالا مختلف هنڌن تي، هن ڪتاب ۾ پيش ٿي چڪا آهن.

ميان يار محمد خان ۽ ميان نور محمد خان جي زماني ۾ مهتي موٽو مل حد درجي جو اعتماد حاصل ڪيو. ان بعد ديوان گدو مل بلند ترين درجو حاصل ڪيو. هي ماڻهو نهايت قابل هئا ۽ خلوص ۽ ايمانداريءَ سان پنهنجن آقائن جون خدمتون ڪندا رهندا هئا، انهيءَ کري متن شفقت ۽ نوازش ۾ ڪڏهن به بخل نه ڪيو ويو. مهتي موٽو مل کي "برخوردار" جو لقب حاصل هو، جو ڪلهوڙن جي دور ۾ فقط انهن ماڻهن کي ملندو هو، جن کي هو حڪومت جي انتظامي ڪاروبار ۾ پنهنجو لازمي جزو سمجهندا هئا. جيئن مسلمانن مان شيخ شڪرالله، شيخ غلام محمد، مير شهداد ٽالپر ۽ شاهه بهارو. جيڪڏهن غير مسلمانن سان عزت ۽ قدر شناسيءَ جو بهترين برتاءُ نه ٿئي ها، ته هو جيڪر پاڻ کي حڪومت

سان ايترو مخلص بنجي نہ وابستہ ڪن ها ۽ اعتماد جي اعليٰ درجي تي نہ پهچن ها. هو سنڌي هئا، پنهنجي صلاحيتن سببان اعليٰ ڪان اعليٰ درجن تي فائز ٿيا. صحيح قومي ۽ ملڪي حڪومت جون تقاضائون انهيءَ صورت ۾ پوريون ٿي سگهيون ٿي. هر شخص ڪي، ملڪ جي باشندي هجڻ جي حيثيت سان، ڪنهن بہ قسم جي فرق ۽ پيد پاءُ ڪان سواءِ، سندس صلاحيت ۽ ڪارڪردگيءَ جي بنياد تي عزت ۽ رتبو حاصل ٿيڻ گهرجي. ڪلهوڙن جي دور ڪان پوءِ اها حالت قائم نہ رهي ۽ ان جي نتيجي ۾، اسان ڪي معلوم آهي تہ هندن مان ڪيترا ماڻهو اجنبي انگريزن جا ڳجهيءَ طرح چاڙتا بنجي ويا. ملڪ جي آزاديءَ ڪي جيڪو نقصان پهتو، تنهن جي سببن مان هڪ اهم سبب اهو بہ هو.

وڌيڪ شهادتون: ڪلهوڙن جي بي تعصبيءَ جو هيءُ نقشو سندن سموري دور ۾ قائم رهيو:

مثلاً ميان غلام شاهہ جو دور جنهن ۾ ڪيترا هندو ذميداريءَ جي عهدن تي مقرر هئا؛ ميان عبدالنبيءَ جي دور ۾ راءِ بالڪ رام ۽ ڪلاب راءِ متصدين ۾ شامل هئا، جيئن "شائق" جي قصيدي مان واضح ٿئي ٿو. انهيءَ قصيدي جون وڌيڪ شهادتون ملاحظہ ڪريو:

1. لائق تحسين بود گدومل روشن دماغ
2. دفتر از ديوان اجو مل شد به نظم و انتظام
3. ڪرد تاراچند تاراج متاع صبر وهوش
   با لب شرين و گفتار خوش و چشم سياه

انهن ڪان سواءِ هر راءِ، سہ جرام، ماڻڪ ۽ مولچند جا نالا پڻ ڄاڻايل آهن.

ايڏا ڪجهہ وڌيڪ: ارڙهين صديءَ جي ملڪي حڪومت جو هيءُ پهريون مفصل نقشو آهي، جو ترتيب هيٺ اڇي چڪو آهي. هن ڪي سامهون رکي نئين سر اندازو ڪرڻ گهرجي تہ جيڪي

شخصيتون اڄ ڪان ٻہ سئو سال اڳ موجود هيون انهن جي سامهون ملڪ ۾ قوم جا ڪهڙا پيمانا هئا. .... هنن ڪهڙي دردناڪ حالات ۾ مشڪلات جي هجوم ۾ ملڪي انتظام ۾ بندوبست جو واڳون سنڀاليون، ڪهڙيءَ طرح مسلسل محنت ۾ مشقت ڪان ڪم ورتو، ڪهڙيءَ همت ۾ جانفشانيءَ سان اهي سمورا سامان گڏ ڪيا، جي انهن جي دور ۾ ملڪ واسين جي آرام، خوشحاليءَ ۾ ترقيءَ لاءِ ضروري هئا. تاريخون انهيءَ مقصد سان مرتب ڪيون وڃن ٿيون تہ ايندڙ نسل پنهنجن وڏن جي ڪارنامن مان چگا سبق حاصل ڪن، انهن جي لغزشن ۾ غلطين کان بچيل رهن ۾ هر قدم اڳتي وڌائيندا رهن. سنڌ جي هڪ قومي حڪومت جي سرگرمين ۾ جانفشانين جو هيءُ نقشو، هڪ آئينو آهي، جنهن ڪي سامهون رکي موجوده نسل ۾ ايندڙ نسل پنهنجي عملي صلاحيت جي خط و خال درست ڪري سگهن ٿا يا چوڻ گهرجي تہ وڌا پنهنجي اولاد کي اڄ جي زبان ۾ چئي رهيا آهن:

دادیم نشان ز گنج مقصود ترا،
گر ما نرسیدیم تو شاید برسي.

ضميمو نمبر 1

ڪلهوڙن ۽ دائودپوٽن جا شجرا

ڪلهوڙن ۽ دائودپوٽن جي شجرن متعلق جيڪي پيچيدگيون آهن، انهن جو ذڪر مون ڪتاب جي شروعاتي بابن ۾ تفصيل سان ڪيو آهي. هتي انهيءَ مطلب کي ڏهرائڻ جي ضرورت نه آهي. هينئر شجرا درج ڪيان ٿو، ته جيئن انهيءَ کي سامهون رکي، پڙهندڙن کي منهنجي گذارش تي غور ڪرڻ ۾ سهوليت ٿئي، هر شجري جي عنوان تي درج ڪيو ويو آهي ته هيءُ ڪٿان اخذ ڪيل آهي . "جواهر عباسيه" تان به شجرا نقل ٿيل آهن، سي ٻئي هڪ ٻئي جي سامهون درج ڪيا ويا آهن ته جيئن تفاوت جو اندازو آسانيءَ سان ٿي سگهي. انهيءَ مان هيءُ به معلوم ٿي سگهي ٿو ته جيڪي ڪتاب حڪمرانن جي سرپرستيءَ ۾ مرتب ٿيا انهن ۾ ڪيتري بي احتياطي ٿي.
ڪلهوڙن جي مختلف شجرن درج ڪرڻ کان پوءِ، ٽالپرن جو شجرو به انهيءَ حد تائين ڏنو ويو آهي، جنهن حد تائين هن خاندان جي فردن جو تعلق ڪلهوڙن سان آهي.

.....

ڪلهوڙا ۽ دائودپوٽا

"جواهر عباسيه" جو پهريون بيان

(حضرت عباس رضه ڪان امير چيني خان تائين)

حضرت عباس رضه

حضرت عبدالله رضه

علي

محمد

خليفو ابوجعفر منصور باني بغداد

خليفو مهدي

خليفو هارون الرشيد

خليفو امين الرشيد

سلطان ابوجعفر عبدالله

خليفو سلطان ابوالفضل

خليفو شاهه محمد

خليفو ابوالقاسر احمد مستنصربالله

(پهريون عباسي مصر جو خليفو)

سلطان ياسين

سلطان سهيل

سلطان شاهه مزمل

"جواهر عباسيه" جو ٻيو بيان

حضرت عباس رضه

حضرت عبدالله رضه

علي

محمد

خليفو ابو جعفر منصور

خليفو مهدي

خليفو هارون الرشيد

خليفو معتصر بالله

خليفو متوڪل

خليفو معتضد

خليفو مقتدر

خليفو متقي

خليفو قادر

خليفو قائم

جاهرة الدين

خليفو مقتدي

خليفو مستظهر



سلطان احمد ثاني
(جو سڀ کان پهرين سنڌ ۾ آيو)
↓
ابونصر عرف ابن
↓
عبدالقادر عرف ڪاهر خان
↓
سڪندر خان عرف سنگراسي
↓
فتح الله خان عرف ٽل خان
↓
بهاءالله خان عرف پلا خان
↓
امير چني خان

سهيل
غفيل
مزمل
احمد ثاني
ابو نصر
عبدالقادر
سڪندر خان
فتح الله خان
بهادرالله خان
امير جني خان

پهريون شجرو "جواهر عباسيه" جي صفحي 21-22 تي آهي ۽ ٻيو شجرو صفحي 31-36 تي.

ڪلهوڙا ۽ دائودپوٽا

(حضرت عباس رضہ کان چني خان تائين)

حڪيم محمد صادق عباسيءَ جي بيان مطابق

حضرت عباس رضہ

↓

حضرت عبدالله

↓

علي

↓

محمد

↓

خليفو ابو جعفر منصور

↓

خليفو مهدي

↓

خليفو هارون الرشيد

↓

"تحفة الڪرام" ۽ "نامه نغز" جي بيان مطابق

حضرت عباس رضہ

↓

شيخ اوداڙو

↓

پنجن پيڑهين کان پوءِ

فتح الله خان عرف ٽل خان

↓

بهاءالله خان عرف بلو خان

↓

چينه

(يعني امير چني خان)


خليفو مامون الرشيد
عباس
عبدالرحمٰن
قائم
جاهرو
احمد
ظاهر
احمد
قائم
سڀ کان اول سنڌ ۾ آيو
جنيح يا جنيهه عرف چينه
(اميرچني خان)

ڪلهوڙاءِ دائودپوتا

(چني خان کان پوءِ)

"جواهر عباسيه" جي بيان مطابق

امير چني خان

- دائود خان اول
  - محمود خان
    - محمد خان
      - دائود خان ثاني (جنهن سان دائودپوتن جو لقب جاري ٿيو.)
- محمد مهدي
  - ڪلهوڑا خان
    - (نائين، پيڑهيءَ کان پوءِ) محمد آدم شاهه

حڪيم محمد صادق عباسيءَ جي بيان مطابق

جنيح يا جنيهه يا چينه

- محمد
- ابراهيم (ڪلهوڑو)
- شاهه محمد
- رائو
- طاهر
- ميان خان محمد
- ميان صاحب ڏنو
- ميان نور شاهه عرف گجن شاهه
- ميان آدم شاهه شهيد

ڪلهوڙا ۽ دائودپوتا

(چني خان کان پوءِ)

سيد علي محمد راشدي جي بيان مطابق

چار چنو يا چيني- 1220ع
(چيني خان)
↓
محمد- 1240ع
↓
ابراهيم- 1280ع
↓
شهه محمد- 20-1300ع
↓
راڻو- 60-1350ع
↓
طاهر- 1400ع
↓
ميان خان- 1440ع
↓
ميان صاحب- 1480ع
↓
گجن شاهه- 1520ع
↓
ميان آدم شاهه

ميرزا قليچ بيگ جي بيان مطابق

(چينو خان)
↓
محمد
↓
ابراهيم
↓
شاهه محمد عرف شاهر
↓
راڻو
↓
طاهر
↓
خان
↓
صاحب
↓
گجن
↓
آدم شاهه

دائودپوٽن جو شجرو

دائودخان ثاني (ڏسو صفحو)

چندر خان

↓

صالح خان

↓

هيبت خان

↓

بکر خان اول

↓

بهادر خان اول

↓

بکر خان ثاني

↓

فيروز خان

↓


بهادر خان ثاني
مبارڪ خان اول
(1) امير صادق محمد خان اول
(بهاولپور جو پهريون حڪمران)
1727ع- 26- مارچ 1746ع
(2) محمد بهاول خان اول
باني بهاولپور
1746ع- 1749ع
(3) محمد مبارڪ خان ثاني
1749ع 4- جون 1772ع
ميان فتح محمد خان
(4) جعفر خان
بهاول خان ثاني، جو لقب ڏنو ويو.
5- جون 1772ع- 23- آگسٽ 1809ع
(5) عبدالله خان
لقب
صادق محمد خان ثاني
23- آگسٽ 1809- 17- اپريل 1826ع

(6) رحيم يار خان
لقب
بهاول خان ٽيون
17- اپريل 1826ع- 19- آڪٽوبر 1852ع

(7) سعادت يار خان
لقب
صادق محمد خان ٽيون
19- آڪٽوبر 1852
ع- 22- فيبروري 1853ع

(8) حاجي خان
لقب
فتح خان
22- فيبروري 1853ع-
3- آڪٽوبر 1858ع

(9) رحيم يار خان
لقب
محمد بهاول خان چوٿون
3- آڪٽوبر 1858- 25- مارچ 1866ع

(10) نواب صادق محمد خان
چوٿون
25- مارچ 1866ع- 14- فيبروري 1899ع

↓

(11) مبارڪ خان

لقب

الحاج محمد بهاول خان پنجون

14- فيبروري 1899ع- 15- فيبروري 1907ع

↓

(12) الحاج رڪن الدوله نصرت جنگ،
مخلص الدوله، سيف الدوله، معين الدوله،
حافظ الملڪ نواب سر صادق محمد خان
پنجون، حال امير رياست بهاولپور(1)

(1) جن نالن سان نمبر لڳل آهن، اهي انهيءَ ترتيب سان بهاولپور جا حڪمران ٿيا. موجوده امير بهاولپور جي نالي سان جيڪي لقب لکيل آهن، سي نواب محمد بهاول خان ثانيءَ جي زماني کان وٺي هن خاندان جا موروثي لقب آهن.

كلهوڙن جو شجرو

(ميان آدم شاهه كان ميان نورمحمد خان تائين)

حڪيم محمد صادق عباسي جي بيان مطابق

ڪلهوڙن جو شجرو

(ميان آدم شاھ کان ميان نورمحمد خان تائين)

ميرزا قليچ بيگ جي بيان مطابق



ڪلهوڙن جو شجرو

(ميان آدم شاهه کان ميان نورمحمد خان تائين)

سيد علي محمد راشديءَ جي بيان مطابق




ڪلهوڙن جو شجرو [1]
(ميان نورمحمد خان کان آخر تائين)
سيد علي محمد راشديءَ جي بيان مطابق
ميان نورمحمد خان
صادق علي
عبدالنبي خان
خداداد خان
غلام شاهه خان
غلام نبي خان
احمد يار خان
عطر خان
محمد مراياب خان
سرفراز خان
ميرمحمد خان
محمود خان

(2) ميرزا قليچ بيگ جي بيان مطابق



(3)

حڪيم محمد صادق عباسيءَ جي بيان مطابق





* سجاده نشينيءَ ۽ مسندنشينيءَ جي ترتيب هر نالي سان گڏ ڏنل نمبرن مان معلوم ٿي سگهي ٿي. ميان صادق عليءَ بابت تحقيق سان معلوم نه ٿي سگهيو آهي ته ڪنهن جو پٽ هو. حڪيم محمد صادق عباسيءَ، ميان صادق عليءَ بابت لکيو آهي ته هيءَ ميان محمد اسلام خان جي پوين مان هو: يعني ميان صادق علي ميان الله بخش بن ميان شفيع بن ميان محمد اسلام خان. منهنجيءَ تحقيق مطابق، ميان محمد اسلام خان ميان نورمحمد خان جو حقيقي پاءُ نه، بلڪ سوٽ هو. اهو معلوم نه ٿي سگهيو ته ڪنهن جو پٽ هو- ميان دين محمد جو، يا ميان ميرمحمد جو.


ڪلهوڙن جو شجرو
[مؤلف جي تحقيق مطابق]
(1) ميان آدم شاهه شهيد
(2) ميان دائود*
(3) ميان الياس
(1620ع)
(4) ميان شاهه علي عرف شاهل محمد شهيد
(1657ع)
ميان محمد حسن (پيءُ جي زندگيءَ ۾ ئي وفات ڪيائين)
(5) ميان نصير محمد
1692-1657ع
(6) ميان دين محمد
1699-1692ع
(7) ميان يار محمد خان
(خدايار خان)
1719-1701ع)
ميان مير محمد خان
1719ع
(6) ميان دين محمد
1699-1692ع
ميان فضل علي شاهه
(8) ميان نورمحمد خان
ميان غلام حسين خان
ميان غلام علي خان
ميان دائود خان
ميان محمد علي خان (عالي)
ميان تاج محمد خان


تالپرن جو شجرو
ميرشهداد خان
ميرخيرو خان
ميربهرام خان شهيد
ميرچاڪر خان
ميرفتح علي خان تالپر= دختر
(ميربهرام خان جو پاٽيجو)
ميرصوبدار خان شهيد
ميربجار خان شهيد
ميرنارو خان
(باني رياست ميرپور)
ميرالهيار خان
دختر
(اهليه ميرنارو خان)
ميرعبدالله خان شهيد
علي مراد خان
غلام حيدر خان
ميربهرام خان
ميرغلام حسين خان
ميرمراد علي خان
(چوٽون تالپر حڪمران)
ميركرم علي خان
(تيون تالپر حڪمران)
ميرغلام علي خان
(ٻيو تالپر حڪمران)
ميرفتح علي خان
(سنڌ جو پهريون تالپر حڪمران)
سليمان خان
زنگي خان
علي خان
غلام محمد
ميرسهراب خان
(باني رياست خيرپور)

شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو شجرو

حضرت موسيٰ ڪاظمؒ جي ڏهين پيڑهيءَ ۾ سيد مير علي نالي هڪ بزرگ هرات ۾ رهندو هو، اهو شاهه عبداللطيف جي خاندان جو وڏو هو. ڪانئس پوءِ جو شجرو هيٺ درج ڪجي ٿو:




سيد عبدالڪريم شاهه بلڙيءَ وارو
سيد عبدالقدوس
سيد محمد حسين
سيد عبدالرحيم
سيد جلال شاهه شهيد
سيدالله ثاني
سيد الله اول
سيد دين محمد
سيد برهان
سيد عبدالقدوس شاهه
سيد عبدالدليل
سيد حبيب الله شاهه
سيد عبدالغني
شاهه عبداللطيف
سيد جمال شاهه
سيد محمد زمان
سيد عبدالواسع
(هيءَ اهو بزرگ هو، جنهن صوفي شاهه عنايت جي مخالفت ۾ نمايان حصو ورتو هو).
سيد مبارڪ شاهه
سيد ڪريم ڏنو شاهه
سيد جمال شاهه
(هيءَ شاهه لطيف جو جانشين بنيو)
سيد محمد مقيم
سيد عبدالواسع
سيد قائر دين شاهه
(سجاده نشين)
سيد قائر شاهه
(سجاده نشين)
سيد قائر محمد شاهه
(سجاده نشين)
سيد بچل شاهه

سيد قائم دين شاهه
(سجاده نشين)
سيد امير شاهه
(سجاده نشين)
سيد محمد علي شاهه
(سجاده نشين)
سيد لطف علي شاهه
(سجاده نشين)
سيد مير محمد شاهه
سيد الله بخش شاهه
سيد علي بخش شاهه
سيد دّتل شاهه
سيد غلام شاهه
سيد لطف علي شاهه
سيد علي بخش شاهه
سيد نور شاهه

فهرست ماخذ

1. وقائع نادري، مصنف: معصوم علي محشر، مطبوعه نولكشور
2. اورينٽل كاليج ميگزين، بابت فيبروري 1950ع
3. گلزار شاهي، مصنف: مفتي غلام الرسول، لاهوري
4. احمد شاهه بابا (فارسي) مصنف غبار
(زير اهتمام، ادبي انجمن، كابل)
5. انتخاب تواريخ الاغيار، مرتب: سيد عيسيٰ مهدوي، مطبوعه قومي پريس، حيدرآباد دكن
6. نادر شاهه (فريزر جي كتاب جو فارسي ترجمو)
7. تاريخ هند (اسلامي دور)، مرتب: منشي محمد ذكاءُ الله
8. تاريخ هند (انگريزي دور) جلد 2،3 ۽ 4، مرتب: منشي محمد ذكاءُ الله
9. تذكره علماءِ هند (فارسي) مرتب: مولوي رحمان علي ميمبر كائونسل ريوان، (مطبوعه نولكشور، نومبر 1914ع)
10. سراج التواريخ (فارسي) جلد اول (مطبع حروفي كابل 1331هـ)
11. تاريخ افغانستان، مرتب: سيد جمال الدين افغاني (اردو ترجمو)
12. تاريخ جهان كشايءِ نادري (فارسي)
مرتب: ميرزا مهدي كوكب، مطبوعه بمبئي
13. ماثر الامراء (فارسي)، جلد 1 2 .3،
(رائل ايشياٽڪ سوسائٽي بنگال)
14. منتخب اللباب (فارسي) مرتب: خافي خان
(رائل ايشياٽڪ سوسائٽي بنگال)

15. طبقات اكبري (فارسي)، مرتب: ملا نظام الدين
(رائل ايشياٽڪ سوسائٽي بنگال)
16. آئين اكبري (فارسي)، مرتب: ابوالفضل
(رائل ايشياٽڪ سوسائٽي بنگال)
17. اكبر نامه (فارسي)، مرتب: ابوالفضل
(رائل ايشياٽڪ سوسائٽي بنگال)
18. تذكرهء رؤساي پنجاب (اردو)، جلد چوٽون
(مطبع نولكشور، لاهور)
19. تاريخ بلوچان، مرتب: سردار غلام رسول خان بلوچ
20. تاريخ بلوچستان، مرتب: راءِ بهادر هتو رام
(معروف به عجب باغ و بهار)
21. تاريخ ضلعو ديرو غازي خان، مرتب راءِ بهادر هتو رام
22. كتاب الخطط و الاثار (عربي)، مرتب: علامه مقريزي
(مطبع نيل، مصر)
23. تاريخ مماليک (عربي)، مرتب: حسن ابراهيم
24. تاريخ احمد (فارسي) عرف محاربات سلاطين درّ انيه
مرتب: منشي عبدالكريم
25. صبح صادق، مرتب: محمد عزيز الرحمان بهاولپوري
26. مفتاح التواريخ (فارسي)، مرتب: وليم بِيل
27. كارنامه راجپوتان، مرتب: مولوي محمد عبدالغني رام پوري
28. هديه مهدويه، مرتب: مولوي محمد زمان خان شاهجهانپوري
(مطبع نظامي، كانپور)
29. كمپني كي حكومت، مرتب: باري
30. مقدسه رقعات عالمگير، مرتب: سيد نجيب اشرف
(مطبع دارا المصنفين، اعظم گڙهه)

31. محمد شاهه بن تغلق، مرتب: پروفيسر مهدي حسين
(هندستاني ائڪيڈمي، الهه آباد)
32. تاريخ مبارڪ شاهي (فارسي) مرتب: يحييٰ بن احمد
(رائل ايشياٽڪ سوسائٽي بنگال)
33. سير المتاخرين (فارسي)، مرتب: غلام حسين طباطبائي
(مطبع نولڪشور)
34. تاريخ سنڌ (فارسي) معصوم بكري، مرتب:
(ڊاڪٽر دائودپوٽو، مطبع قيمه بمبئي)
35. مائرالڪرام، جلد ٻيو (فارسي)، مرتب: غلام علي "آزاد" بلگرامي
36. خزانهء عامره (فارسي)، مرتب: غلام علي "آزاد" بلگرامي
37. تاريخ رياست خيرپور (فارسي) خانبهادر خداداد خان
(مطبع رياض هند، امرتسر)
38. صيدالمراد في قوانين الصياد: ميان محمد دائود خان عباسي
(رائل ايشياٽڪ سوسائٽي بنگال)
39. تاريخ احوال بتذكرة حال: شيخ علي حزين
(مطبع نولڪشور)
40. مجموعه دلڪشا (قلمي بياض ۾ حصا) مرتب:
مير ڪرم علي خان ٽالپر (ملڪيت حسام الدين راشدي)
41. "الوحيد" اسپيشل نمبر، بابت 15. جون 1936ع
42. تذكره مشاهير سنده (قلمي)، مرتب، مولانا دين محمد وفائي مرحوم (ملڪيت ادبي بورڊ)
43. قديم سنڌ (سنڌي) مرتب: ميرزا قليچ بيگ مرحوم
44. تاريخ ضلعو ديرو غازي خان.... شايع ٿيل 1875ع
(وڪٽوريا پريس، لاهور)

45. رساله آريانا (كابل) [جلد چوٿون، 7،8،9،10،11،12 ..
[جلد پنجون، نمبر 1،2
46. رساله دعوت حق (كراچي) [بابت آگسٽ ۽ سپٽمبر 1952ع
[بابت جنوري ۽ فيبروري 1953ع
47. تاريخ بلوچستان، مرتب: مير گل خان نصير
اسلاميه اليكٽرك پريس، كوئيٽه
48. اتحاف النبلاء المتقين، باثار العلماء المحدثين:
نواب صديق حسن خان مرحوم (مطبع نظامي، كانپور)

....

FOREIGN PUBLICATIONS.

1. Gazetteer of the Sindh Province by E.H. Aitkens.
2. Gazetteer of the Sindh Province by Hughes.
3. Imperial Gazetteer of India (Baluchistan).
4. The English in West India by P.Anderson.
5. George Thomas Military Memoir.
6. Here and There by Keene.
7. Cambridge History of India- Vols: 4 & 5.
8. Fall of the Mughal Empire by J.N. Sarkar.
9. Cutch or Random Sketches of Western India by Mrs. Postans.
10. History of the arabs by Philip Hittie.
11. The Slave Kings of Egypt by W. Muir.
12. Treatise by Aitcheson Vol: 7.
13. Shah Abdul Latif of Bhit by H.T Sorley.
14. A Narrative of a Visit to the Court of Sindh by James Burnes.
15. Bahawalpur Gazetteer.
16. Multan Gazetteer.
17. A Handbook of the Government Records in the Office of the Commissioner of Sindh.
18. Travels in Baluchistan & Sindh by Henry Potinger.
19. Selection from the Records of the Deputy Commissioner Upper Sindh Frontier.
20. A Bibliography of Sindh by N.M. Billimoria.
21. Afghanistan, A Brief Survey by Jamaluddin Ahmed.
22. A guide to Afghanistan by Muhammad Ali, M.A.
23. Antiquities of Sindh by Henry Cousin M.R.A.S.
24. Antiquities of Kathiawar & Kutch by Henry Cousin M.R.A.S.
25. District Gazetteer of Sindh -8 Vols.
26. District Gazetteer of Baluchistan -8 Vols.
27. Dictionary of Indian Biography by Buckland.
28. Calcutta Review –Vol: XXXI.
29. Aurangzeb & his Times by Zahiruddin Faruqi.
30. The Mughal Empire by S.M. Jafar.
31. The Punjab under the Mughals by Mohd. Akber.
32. Muhammadan Dynasties by Stanley lane-poole.
33. History of the Punjab by Muhammad Latif.
34. The Chronology of Modern India by James Burgess.

35. Oxford History of India by V. Smith.
36. History of the Afghans by Ferrier.
37. The Later Mughals by William Irvine -2 Vols.
38. History of the Mahratta People 3 Vols: by Kincaid.
39. Personal Observations on Sindh by T. Postans.
40. Memoirs on Shikarpur by Captain F.G. Goldsmid.
41. Memoirs on the Sayyids of Roree & Bakkur by F.G Goldsmid Government Education Press Bombay, 1855.
42. Miscellaneous Information (Shikarpur) by T. Postans (-do)
43. Memoirs on Khairpur by Lewis Pelly (-do)
44. Brief Notes (khairpur by Lewis belly) (-do)
45. Frontier of Upper sind by John Jacob (-do)
46. Private Journal by Lewis Brown (-do)
47. Memoirs on Karachi by T.G.Carless (-do)
48. Routes from Karachi to Gerruk by E.P. Delhoste.
49. karachi, Thatta and Sehwan by E.P Delhoste.
50. City of Thatta by J.W Winchester. (-do)
51. Memorirs on Lus by T.G. Carless.(-do)
52. Port of Sonmeeanee by S.V.W. hart. (-do)
53. Harbour & Town of Sonmeeanee by C.W. Montrion. (do)
54. From Qelat to Sonmeeanee by James Qutram. (do.)
55. Munchur lake by T. Postans. (do.)
56. The River Indus by J.F Heddle. (do.)
57. Delta of the Indus by T.G carless. (do.)
58. Portions of the Indus by T.G carless. (do.)
59. The River Indus by john wood. (do.)
60. Plants of Sindh by J.E Stocks. (do.)
61. Cultivation in Sindh by R.F Burton. (do.)
62. Population of Sindh by R.F Burton. (do.)
63. Rough Notes by H.B.E Frere. (do.)
64. Chiefs & persons of Importance by Preedy & Rathborne & Goldney. (do.)
65. Memoranda by john Macleod.(do.)
66. Pargana of Chandookah by Hugh James. (do.)
67. Routes from Karachi by J. Holland. (do.)
68. An Account of the Province of Cutch by James Macmurdo. (do)
69. History of the Muslim World by Ihsanullah Abbasi.
70. Slections from the Papers of Charles Metcalf.
71. History of the Jats by Qanungo.
72. Slections from state Papers of Bombay by Forrest, -2 vols.

73. Nadir Shah by lockhart.
74. History of the British India by Thornton.
75. Archaeological Survey–Volume 8 (Karachi, Hyderabad and Shikarpur)
76. The Country of Baluchistan by A.W Hughes.
77. District Gazetteer (Jalaun)
78. Nadir Shah In India by J.N. Sarkar.
79. A Volunteer's Scramble by Hugo James.
80. A Description of Hindostan and Adjacent Countries. By Walter Hamilton.
81. Chiefs and Families of Note in the Punjab by Griffin and Massey.
82. Tod's Rajisthan.
83. Memoirs of Seth Naomull Hotchand.
84. Personal Narraltive of a Tour Through the Western States of Rajwara by A.H.E. Boilean.
85. Gazetteer of the Bombay Presidency, Cutch, Palanpur and Mahi Kantha- Vol: V.
86. Gujrat and the Gujratis by Behramji. M Malabari.
87. Wanderings in Baluchistan by Macgregor.
88. Selections by Elphinistone.
89. Economic Conditions in Sind by Mr . Chablani.
90. A Geographical, Statistical and Historical Description of Hindustan and the Adjacent Countries by Walter Hamilton (1820)
91. A New History of the East Indies by Captain Cope (1754)
92. A Comprehensive History of India by Beveridge.

ڈسٹي

اشارا

ماٹھن جا نالا

ماڳن ۽ مڪانن جا نالا

ڪتابن جا نالا

اشارا

1. جن اسمن جو ذڪر ڪتاب جي حاشيي ۾ آيل آهي، ان صفحي جي نمبر سان گڏ "ح" جو زڪر ڏنو ويو آهي.
2. جن اسمن جو حوالو ٻين اسمن سان ڏيو ويو آهي، ان لاءِ "ر.ڪ" (رجوع ڪيو) جي نشاني استعمال ڪئي ويئي آهي.

فهرست نمبر1
ماڻهن جا نالا

(الف)

آدم شاهه، ميان (بن ميان گجن شاهه): 378-383-406-494
آدو خان جتوئي: 273
آدو (دربان): 253
"آزاد" ٻالچند: 464
آزاد بلگرامي (سيد غلام علي): 424
آسارام: 464
آلودو خان (بن مير شاهو): 372
ابراهيم (بن محمد يعقوب): 447
ابراهيم شاهه، ايراني، آغا: 323
ابراهيم، قاضي: 377-432
ابراهيم قاضين جو اولاد: 463
ابو احمد خان مراد آبادي: 460-464
ابوالجوارح خواجه علي: 438
"ابوالحسن بي تڪلف": 465
ابوالحسن صغير: 423
ابوالحسن ڪبير: 423
ابوالطيب ملا (بن عبدالقادر): 423
ابو العباس بن فضل ترمذي: 438
ابو الفتح "قابل خان": 444
ابوالفضل: 404-443
ابوالفوارس عبدالملڪ بن نوح: 437
ابوالقاسم سراج الدين محمد "قاسم" مير: 71
ابوالقاسم نقشبندي: 416
ابوالملڪ سهيل بلخي: 438
ابوتراب (بن ابو احمد خان مراد آبادي): 464
ابوجهل: 173
ابو لهب: 173
اجومل: 377-505
احسن، محمد احسن (بن "ملا عبدالرحيم): 461
احسن محمد احسن (بن محمد عاقل): 461
احمد (حافظ قرآن): 433
احمد بن حنبل، امام: 423
احمد بن عبدالقادر: 424

احمد خان: 147
احمد خان (بهادر خان جو پاڻ) 101
احمد خان فيروزاٽي: 88
احمد خان محمد شهي: 276
احمد خان مينگل، مير: 276
احمد خان نورزئي: 328-329-331-333-335
احمد خراساني، ميرزا: 158
احمد شاهه ابدالي احمد خان (بادشاهه افغانستان): 67-69-74-75-84-103-104-148-149-154-167-180-329-372-385-418-426-503-532
احمد علي، حافظ (وڪيل): 373
احمد يار خان (شاهنواز خان) بن تاج محمد خان ڪلهوڙو: 341
احمد يار خان، ميان (بن ميان نور محمد خان): 84-85-86-89-90-91-92-93-94-95-97-98-145-172-173-233-234-329-341-382-386
احمدي، قاضي: 377
اختيار خان مدواٽي: 89-98-99-101-103-145-146
اخلاص خان: 283-326
ارسڪن: 123-124-141-143-144-393
اسحاق شاهه: 316
اسدالله "ساقي": 468
اسلام خان: 269
اسلم (سليمان بيگ): 463
اسماعيل خان (بن سبزل خان): 102
اسماعيل خان پني: 67-69
اسماعيل سيستاني: 438
اسماعيل، صوفي، شاهه: 432
اشرف، محمد اشرف: 461
اعتبار خان ملڪ (پندي گهپ): 436
اعظم خان (ننڍي جو نواب): 431
افضل الدين فارسي: 438
اقبال: 484
اڪبر (جلال الدين، شهنشاهِ هند): 356-406
اڪرم، محمد اڪرم، اڪرم الدين خان: 462
اڪسير آقا حاجي محمد: 463
الفبستن مائونٽ استوئرٽ: 295
اليگزينڊر، برنز: 108-380
الهه بخش (بن راجا ليکي): 179-180-184-373
الهه بخش جهنجهڻ: 179-185-187-189-195-206-210-211-212-220-231
الهه بخش ميان (ڪلهوڙو): 232-313-373
الهه بخش ميان (ڪلهوڙو): 269
الهداد خان، نواب: 161-322
الهداد ليکي (تاجي ليکي جو پاڻ): 292-317
الهيار خان، مير: 205-208-312-315-317
الهام، مير مرتضيٰ: 460
امراءُ القيس: 484

امرت راءِ، لالا: 170-283
امير الملڪ، گل محمد خان: 240
امير: 257-258-259-
امين الملڪ: 337-338
انٽونيو بوڪئرو (Antonio Boccaro): 396-398
انند رام "مخلص": 374
اورنگزيب عالمگير: 122-346-375-408-409-411-421-431-435-444-460
ايٽڪنس: 106
آڏواڻي، اي.بي: 121-294
ائدورڊ ٽامس: 344
ايرج، مرزا (بن عبدالحيم خانخانان):
ايزد يار خان (بن تاج محمد خان ڪلھوڙو): 341
ايسٽ وڪ، ڪپتان: 381
ايسر (ملازم مير بجار خان): 254-256-257
ايلس، هينري: 356-380
اليگزينڈر هئملٽن، ڪپتان:379

(ب)

بابري خان: 239-283
بازو جتڪ، مير: 272
باغ علي "خائف" (مصنف نامئ نغز): 496-497
باگو خان مير: 312-315-317
باقر گرجي، ميرزا: 242
باگر خان (باگو فقير):271-373
(ر.ڪ باگو فقير):
باگو سيال: 384
باھو خان: 101
بايزيد يلدرم (سلطان روم): 411
بجار جوڪيو (چام): 131-164
بجار خان، مير (ٽالپر): 177-178-186-187-188-189-190-193-194-195-196-200-201-202-203-204-205-206-207-208-210-211-212-213-214-215-216-218-219-220-221-224-227-228-229-230-231-232-233-235-236-237-238-239-240-243-244-245-246-247-249-250-251-252-253-259-260-261-262-263-264-265-266-267-268-271-274-307-309-310-319-325-330-372-475
باگو فقير (باگر خان) بن مرزا فقير: 271-272-294-305-373
بجي سنگ (راجا جوڌپور): 252-253-270-339
بختيار خان، پني: 169-375-445
برٽن (مصنف "تاريخ سندؔ"): 380-399
برخوردار خان گوجر: 145
برگس جيمس: 110-116
برنز اليگزينڈر: 108-361-362-380-397
برنئر: 345
بشير، سجاده نشين سيد علي رضا: 429

بلاول: 373
بلاول ليکي (بن راجا ليکي): 248-373-320-277
بلوخمان: 344-345
بلا شاهه: 484
بليموريا: 106
بمبي مل: 129
بن ملجم: 261
بنده علي "علي": 242
بهاءُ الدين زڪريا ملتاني، شيخ: 413
بهادر خان بنگلزئي، وڏيرو: 276
بهادر خان عالياڻي: 89-98-99-100-101-102-103-105-145
بهادر شاهه (اول) شاهه عالم: 460
(ر.ڪ شاهه عالم)
بهارو فقير، شاهه: 172-220-240-378-384-501
بهاول خان (والي بهاولپور): 305-329
بهرام خان (بن مير عبدالله خان مير): 306
بهرام فقير: 177
(ر.ڪ بهرام، مير)
بهرام مير (مير بهرام خان تالپر): 80-85-89-102-103-112-164-165-168-171-172-173-174-175-176-177-178-179-180-181-182-184-185-187-189-193-194-195-202-203-204-220-233-240-251-264-319-372
بهو بيگم (مائي صاحب دولت): 161-322
بودو (دربان): 277
بوستان خان: 326-328-333
بي تڪلف، آخوند ابوالحسن: 465
"بيدل" عظيم آبادي، ميرزا: 472
"بيراڳي" مخدوم محمد معين: 415

پ

پالچند "آزاد" (ننوي): 181-260-464
پيو (دربان): 253
پالڪرام، منشي: 156-158-253-373-376-505

(پ)

پائنده خان بارڪ زئي: 168-335-336
پريتمداس روپچند: 123-126
پاٽنجر (Pattinger): 380-393-397-398
پوچ ڪاچي: 164
پوسٽنز، ڪپتان، ٽي: 69-93-115-151-181-201-228-259-360-367-369-373-380-388-400-500
پونجو سيٹ: 111-113
پيدرو بيريٽو رولن: 118-120-121
پير شاهه، سيد (بن مير صلاح الدين) سجاده نشين مخدوم لعل شهباز: 414
پير محمد جوٽيجو: 267-377

پير مڪي شيخ محمود انصاري: 157
پيروز پتافي: 206-214-216
پيروز ڪلهوڙو: 371
پيروز خان تالپر: 316-373
پيروز ڪليري: 313-314-316-373
پيروز ويراڙ: 384

(پ)

پاڳت (بن ڪمال): 373
پائي خان، ڪلهوڙو: 371
پير سنگ: 339

(ت)

"تابع" اسدالله: 465
تاج الدين مير (بن محمد اڪرم): 430
تاج محمد خان (بن ميان عبدالنبي ڪلهوڙو): 267-331-340-341
تاجو جتوئي: 320
تاجو سامتيو: 316-317
تاجو ليکي (تاجو فقير): 206-210-211-213-214-217-218-220-221-229-230-231-277-317-331-339-373
تاراچند (نوشڪچي): 377-505
تالش (ترڪستاني): 438
"تسليم" مخدوم محمد معين: 416
تقي محمد خان: 449
تيمور: 167
تيمور شاهه (بن احمد شاهه ابدالي): 168-234-236-240-243-246-247-253-273-275-299-323-326-334-335-338

(ٽ)

نارو خان، مير: 205-308-312-315-317-327

(ٺ)

ٺاڍ: 252
ٺامس رو: 121
ٺامس سيٽون، ڊاڪٽر: 130
ٺوپڻ مل، منشي: 81-112-152-163-299

(ث)

ثابت جنگ (يار محمد خان): 449-495
(ر.ڪ يار محمد خان)

(ٿ)

ٿيونو (Thevenot): 396

(ج)

جارج پوشيئر: 123
جان شاهه، مير: 432
جان محمد بکري، مير: 479
جان نثار خان: 283
جان نثار خان گوجر: 161-322
جسپر راءِ: 322
جعفر، ميرزا محمد جعفر، شيرازي: 465-466-481
جعفر خان بوبڪائي، مخدوم: 426
جلال خان ڊوميڪي: 276
جلال خان مغيري: 476

جلال شاهه: 486
جلال شاهه، سيد: 492
جمشيد: 437
(جواهر (ناظر): 376
جهان خان، سردار (پوپلزئي): 149-468
جهاندار شاهه (شهزادو محمد معز الدين): 382
(ر.ڪ معز الدين)
جنجهن: 267
جيڪب هينري موات، ڊاڪٽر: 131
جيمس اول، شاهه انگلستان: 121
جيمس برگس: 110-116
جيواجي: 171

(چ)

چام بجار جوڪيو: 164
چام خدادا موساڻي: 272
چام ڏهيسر (چام ڪڪراله): (ر.ڪ چام ڪڪراله): 103
چام راڻو: 164
چام فيروز: 179-195
چام ڪڪراله: 72-78-80-103
چام نندو (مير چام نندو): 172-372

(چ)

چاڪر، مير: 172
چامان (ماسات ميان عبدالنبي): 377
چيلا رام سيوستاني: 158
چتر پوڄ: 466

(ح)

حاجي بيگ رومي: 438
حاجي محمد "اڪسير": 463
حافظ، خواجه شيرازي: 484
حافظ احمد: 377
حالي، خواجه الطاف حسين: 490
حامد گنج بخش، مخدوم: 168-170
حامد گنج بخش پنجون، مخدوم: 146
حبيب الله شاهه، سيد (شاهه حبيب): 429-486-487
حبيب فقير، نائچ: 150
حسام الدين راشدي، سيد: 192-223
حسن (بن مير ابوالمڪارم): 467
حسن (غلام): 178
حسن ارغون، شاهه: 429
حسين رضه (حضرت امام): 261-449
حسين: 179
(ر.ڪ غلام حسين)
حسين علي (بن ميان محمد مرادياب خان عباسي): 83-151
حفيظ يار خان (بن قاضي مخدوم عبدالرحمان): 421
حيات خان: 337
حيدر ڪرار رضه: 261
حيدر (ناظر): 376
حيدرالدين ابوتراب ڪامل، مير: 456-458

(خ)
خالد مروزي: 438
خان محمد، مولوي: 377-432
خان بيگ، مرزا: 170
خداداد خان (ابن ميان نور محمد خان كلهوڑو): 145-465
خدا يار خان (ميان يار محمد خان كلهوڑو): 236
خدا يار خان (ميان محمد سرفراز خان): 168
(ر.ك سرفراز خان، محمد)
خواجہ زكي عراقي: 438
خواجہ زنگي اصفهاني: 438
خواجہ محمد تبريزي: 438
خيرو (اونوال): 373
خيرو خان مري: 317
(چ)
چبلاٽي، ايس.پي: 344-345-349-365-379-382-384-385-388-393-396-397-398-399
(د)
دارا: 221
دائود پوٽو، ڊاڪٽر: 393
دائود خان اول محمد (بن چيني خان): 170
دائود خان، ميان محمد (بن يار محمد خان كلهوڑو): 371-432-434-435-436-437-438-439-442-473
دتهر: 377
درگاهي: 373
درويش علي، آخوند: 464
دريا خان كوسو: 170
دلاور خان اسحاق زئي (مدد خان): (ر.ك مدد خان)168-275
دولت افزون: 164
دولهه رام "شوقي": 464-471
ديسل راءِ (ڪچ جو حڪمران): 109-110-111-112-113-115
ديوداس، مهتو: 373
ديوڪرن: 109-110-111
(ڏ)
ڏگاٽو، جتوئي: 272-313-314-315-316-320-373
(ڏ)
ڏاتو كهاوڙ: 384
(ڊ)
ڊل هوسٽي (del Hoste): 380-397
ڊهكرجي: 171
(ر)
رابرٽ ارسكن: 393
رابرٽ سمپٽن: 123
(ر.ك سمپٽن)
راجسنگ، كنور (بيكانير): 104
راجا خمره (راجا ليكي جو پاءُ): 89
تاجا گنج سنگ (بيكانير جو راجا): 104
راجا ليكي: 35-85-89-151-157-158-164-171-173-174-178-179-180-185-

-200-196-195-193-190-189-188-187
209-208-205-202-201
راشدي پائر (سيد علي محمد راشدي ۽ سيد حسام الدين راشدي):
راڻو اجمال (حاڪر ڏاريجا): 465
راڻو خان: 171
راءِ ڪچ: 169-161-127-115-107
راءِ گوڙجي: 116
رحمت الله "سرشار": 467
رحمت الله مخدوم: 407
رحمت الله (وڪيل): 377
رنجيت سنگ: 341-340
روح الله سنڌي، مخدوم: 414
رستم خان نوحاڻي: 100
روحل جويو: 195
روحل كوسو: 195

(ز)

زمان شاهه: 340-339-338
زمرد (ناظر): 376
زور آور سنگ (بيكانير جو راجا): 104

(س)

سورلي، سارلي، ڊاڪٽر ايچ.ٽي: -489-486-484-385-363-132-123-122
493-491-490
"ساقي" اسدالله: 468
سائين ڏنو: 372
سبزل خان: 373-102-101
سجاول (بن راجا ليكي): 248
سڏاري اوتيوان: 195
سراج الدين، مير (بن ۔محمد اڪرم): 430
سرباد هندي: 438
سربلند خان (ميان محمد مرادياب خان): 81-80-70-69-68
(ر.ڪ محمد مرادياب خان)
سرخوش، شيخ محمد محفوظ: 468
(ر.ڪ محمد محفوظ):
سردار خان (بهاول خان جو پاءُ): 316-305
سردار حيات خان: 337
"سرشار"، شيخ رحمت الله: 467
سرفراز خان (پائنده خان بارڪ زئي): 336-335-168
سرفراز خان، ميان محمد: -385-382-380-269-264-251-247-222-132-91
493-480-475-467-426
سعيدالله خان: 88
سعدالله خان علامي: 404
سعدي: 484
سڪندر (اعظم): 221-107
سلطان (ڪلهوڙا فوج جو سپهه سالار): 373
سلطان جنگ (مرزا فقير): 271
(ر.ڪ مرزا فقير)
سلطان ليكي: 331

(ش)
سلطان محمود (حاڪم بکر): 118-461-119
سليمان، شهزادو (بن احمد شاهه ابدالي): 168-426
سليمان بيگ "اسلم": 463
سمهو خان فيروزاڻي: 147
سمپٽن، رابرٽ: 123-124-133-134-135-138-139
سنڌ راڻي: 115-117
سنڪراسي خان، محمد (سڪندر خان):
سون ٻائي، بيگم مائي: 322
سوهن لعل پٽناگر، راءِ (مصنف "تاريخ بيڪانير"): 104
سهجرام (توشڪچي): 377
سهراب خان تالپر، مير (خيرپور): 195-205-206-271-272-273-280-281-291-294-301-308-312-313-314-317-320-327-328-331-332-333
سيٽن ڊيوڊ (مصنف "تاريخ ڪلهوڙا"): 69-73-80-93-104-194-201-204-228
سيد پير شاهه (بن مير صلاح الدين) سجاده نشين مخدوم لعل شهباز: 414
سيف الله: 481
سيف الله خان، نواب (نٽي جو نواب): 412-474
سيموئل بيون: 123
سيوڪ رام:
شاد علي خان، مير: 205
شالمين شيدي: 319
شاه بهارو: 172-220-240-373-378-384-501-504
(ر.ڪ بهارو فقير):
شاهجهان: 122-379-404-421
شاهه حبيب (حبيب الله شاهه): 786-487
شاهه حسن ارغون: 428
شاهه حيدر: 432
شاهه شجاع: 340
شاهه عالم، بهادر شاهه اول: 408-460-461
شاهه عبداللطيف (ٻٽائي): 18-159-194-363-385-386-416-429-482-484-485-486-487-488-489-490-491-502
شاهه علي، ميان عرف شاهل محمد (بن ميان دائود): 383
(ر.ڪ شاهه محمد عرف شاهل)
شاهه عنايت، صوفي: 432
(ر.ڪ عنايت الله، صوفي، شاهه)
شاهه محمد (بن ميان غلام نبي خان): 267-372
شاهه محمد (بن محمد اسلام عباسي): 372
شاهه محمد، سيد: 67-68-69
شاهنواز خان (احمد يار خان) بن تاج محمد خان ڪلهوڙو: 341

شاھ نواز خان، فيروز جنگ (عبدالنبي خان كلهوڑو): 246
(ر.ك غلام شاھ خان)
شاھ وردي خان (ميان غلام شاھ خان): 104-105-222
شاھ ولي خان (وزيراعظم احمد شاھ ابدالي): 167-241-242-326
شاھك (مير شهداد جو ياءُ): 372
شاھل محمد: 383-502
(ر.ك شاھ علي، شاھ محمد)
"شائق" مير علي شاھ: 262-372-376-432-496-505
(ر.ك مير علي شاھ "شائق")
شڪرالله، شيخ (نواب ٺٽو): 310-375-376-378-428-445-452-465
شوقي، محمد حسين: 470
شوقي، مهتو دولهرام: 471
(ر.ك دولهرام)
شهادت (تخلص ميان محمد سرفراز خان): 196
(ر.ك سرفراز خان، محمد)
شهامت علي، مولوي: 335
شهباز خان، سردار: 276
شهداد بلوچ، مير فقير (ٽالپر): 171-368-372-378
شيخ ابراهيم (قاضي زادو): 414
شيخ احمد (بن عبدالرحمان شامي): 424
شيخ بهائي: 470
شيخ شجاع: 475
شيخ عثمان ناڙو: 260-420
شيخ فريد، بكري: 405
شيخ محفوظ: 253
شيخ محمد (ساكن اُچ): 429
شيخ محمد (كلهوڑو): 372
شيخ محمد بن عبدالوهاب: 425
شيخ محمد وفا (بن منشي عبدالرؤف سيوستاني): 375
شيخ مرتضيٰ (عبدالسبحان "فائز" جو والد): 475
شيخ مزمل: 476
شير جنگ (رئيس اٽڪ): 436
شير خان (وزيراعظم افغانستان): 241
شير شاھ: 118
شير محمد خان: 89
شيڪسپيئر: 484
شيوڪرام "عطارد" ٺٽوي: 170

(ص)

صاحب دولت، مائي (مائي بهو بيگم): 161
صادق خان (مغل سپه سالار):
صادق خان (دائود پوٽو):
صادق علي خان (سالار): 376
صادق علي خان عباسي: 265-268-269-270-272-319
صادق علي خان، نواب (گورنر ٺٽو): 449

صادق محمد خان، امير (دائود پوٽو):
صالح خان (گماشتو گل محمد خان خراساني): 67-69
صدفنوس مغربي: 438
صديق (خدمتگار): 186
صديق حسين خان، نواب (مؤلف "شمع انجمن"): 424
صلاح الدين، ميرا: 414
صمصام الدوله (ميان غلام شاهه خان): 117
(ر.ڪ غلام شاهه خان)
صوبدار فقير (ميرا صوبدار خان)،
صوبدار خان، ميرا: 176-177-178-179-184-187-194-201-206-233-261-264-319-372
(ر.ڪ صوبدار فقير)

(ض)

"ضيا" محمد ضيا: 472-473-481
ضياءُ الدين، مخدوم: 407-418

(ط)

طالب (آملي): 451
طالب الله، مخدوم: 415
طغان تيمور خان ايل خاني: 438
طهماسپ خان جلائر: 68

(ع)

عابد شاهه، سيد: 377
عابد يار خان (بن قاضي مخدوم عبالرحمان): 421
"عاشق" (آقا محمد ڪريم اصفهاني): 410
عاشق، محمد تقي خان: 474
عالمگير، اورنگزيب: 409-411-421-431-435-460
(ر.ڪ اورنگزيب عالمگير)
عالي، محمد علي (بن ميان دائود خان عباسي): 473
حضرت عباس رضه (چاچو حضرت رسول صلي الله عليه وآله وسلم): 222-341-450
عباس علي (بن ميان محمد مرادياب خان عباسي): 83-151
عبدالباسط: 411
عبدالجليل بلگرامي: 431
عبدالحق مولانا، ڊاڪٽر: 490
عبدالحڪيم عطائي: 472
عبدالحميد پهريون، مخدوم: 413
عبدالخالق يمني، شيخ: 425
عبدالرحمان (بن مخدوم محمد هاشم): 419
عبدالرحمان، قاضي مخدوم: 421
عبدالرحمان ثاني، قاضي: 421
عبدالرحمان العيدروسي، سيد: 425
عبدالرحيم ملا (ولد محمد احسن): 461
عبدالرحيم خانخانان: 444
عبدالرحيم ڪردي: 214

عبدالرشيد نتوي: 409
عبدالرزاق "مشرب" حڪيم مير: 435
عبدالرؤف، حڪيم: 430
عبدالرؤف، مخدوم: 413-318-463
عبدالرؤف، ملا (والد محمد حسن شوقي): 470
عبدالرؤف منشي، سيوستاني، الكبري (مصنف گلدسته نورس بهار): 375-444-445-447
عبدالشڪور (نتوي): 470
عبدالطيب (دربيولوي): 432
عبدالعزيز مصري: 438
عبدالغني، شيخ: 471
عبدالغني، مخدوم (بن مخدوم جعفر بوبڪائي): 427
عبدالغفور (والد عبدالرشيد نتوي): 409-481
عبدالغفور (والد مخدوم محمد هاشم): 418
عبدالقادر جيلاني رحه، شيخ: 429
عبدالقادر: 423
عبدالقادر (والد ملا ابوالطيب): 423
عبدالقادر خليل، شيخ: 424
عبدالقادر شيخ (بن احمد): 424
عبدالقادر، قاضي: 374
عبدالقدوس شاهه، سيد: 486
عبدالڪريم رحه، سيد (بلڑي): 429-483-485-486-487-489
عبدالڪريم (والد مير متارو): 374
عبدالله (بن خالد مروزي): 438
عبدالله (ڏوهتو منشي عبدالرؤف): 375
عبدالله انصاري، شيخ: 432
عبدالله خوارزمي خواجه: 438
عبدالله خان تالپر، مير (بن مير بجار خان): 205-220-224-231-240-265-266-267-268-269-270-272-273-274-279-280-281-282-283-285-289-290-291-294-292-301-302-303-305-306-307-308-309-310-312-313-319-325-330-372-395
عبداللطيف، شاهه ڀٽائي: 487-488-489-490-491-492-493
(ر.ڪ شاهه عبداللطيف)
عبداللطيف مخدوم، بن مخدوم محمد هاشم: 419
عبدالمجيد جوڪيو: 154-155-163-165-179-195-214-218-270
عبدالملڪ ساماني: 437
عبدالنبي رئيساڻي: 276
عبدالنبي خان، ميان (معتمد الدوله، شاهنواز خان، فيروز جنگ): 81-145-193-194-196-211-212-213-219-222-124-225-227-228-229-230-231-234-235-236-237-239-240-241-242-244-245-246-247-251-252-253-254-257-258-259-264-265-266-267-268-

-276-275-274-273-272-271-270-269
-300-299-295-293-285-283-279-277
-309-308-307-306-305-304-303-301
-319-318-317-316-315-314-313-312
-328-326-325-324-323-322-321-320
-338-337-336-335-333-331-330-329
-377-376-372-367-362-358-340-339
505-496-495-432-387-382
عبدالواحد: 432
عبدالوهاب: 325
عثمان نارو، شيخ: 260-420
عثمان مروندي، شيخ (مخدوم لعل شهباز قلندر): 414
عرفي: 451-484
عزت الله (والد مير "قانع"): 456
عزت الله شيخ (والد شيخ رحمت الله): 467
عزت خان كلهوڙو: 371
عزت خان نومڙيو ملك: 164
عزت راءِ لالا: 336-337-338
عزت يار خان: 233-234-235-236-
-238-240-241-242-248-249-250-252
386-330
"عزلت" مير نجم الدين: 411
عزيزالله شيخ (وكيل): 373
(ر.ك شيخ عزيز الله):
عزيز الله، شيخ: 468
عزيز الله شيخ (والد شيخ غلام محمد): 471
عزيز الله شيخ (والد شيخ شكرالله): 375
"عطارد" قمرالدين (لاهوري): 474
"عطارد" شيوكرام نٿوي: 475
(ر.ك شيوكرام نٿوي):
عطائي خان: 499
عطر خان عباسي، ميان محمد (بن ميان نور محمد خان عباسي: 68-
-93-92-91-90-89-87-86-85-84-70-69
-103-102-101-100-99-98-97-95-94
-196-173-172-147-146-145-105-104
499-386-382-329-240-234-233-224
عظيم الدين "عظيم" نٿوي، مير: -254-218-215-173-167-161-102-83
-318-317-310-306-304-287-286-261
481-480-334
عظيم الشان، شهزادو (بن شاهه عالم پهريون): 408
علي (كرم الله وجه): 223
علي بن عبدالله، خوارزمي: 438
علي (ناظر): 376
علي خان (مدد خان): 275
علي رضا، ايراني: 179
علي رضا، سيد: 429
علي شير "قانع": 483
(ر.ك "قانع")
علي شيرازي: 483
علي، محمد علي (ڏوهتو نور الحق مشتاقي): 474

علي محمد خان (ناظم ملتان): 145
علي مدد: 431
علي مراد بلوچ، مير: 436
علام آءِ.آءِ.قاضي: 493
علي نواز خان: 128
عبدالملڪ (وزير هند): 296
عمراڻي بلوچ: 319
عنايت الله خان، نواب: 411
عنايت الله، صوفي، شاهه: 432
عنايت الله، مخدوم: 428
عنايت الله واعظ، مخدوم: 428
عيسيٰ ترخان، ميرزا: 118-119-120-480

(غ)

غالب، مرزا (دهلوي): 484
غريب الله، مولوي: 377
غلام جيلاني (وزير): 436
غلام حسين (بن مير عبدالله خان تالپر): 306
غلام حسين خان (بن ميان يار محمد خان): 371
غلام حسين (بن محمد صادق نقشبندي:): 429
غلام حسين جهنجهڙ (بن الهه بخش جهنجهڙ): 313-314-316
غلام الرسول خان سردار: 337
غلام شاهه خان، ميان هزبر جنگ، شاهه وردي خان، صمصام الدوله: 71-78-79-81-82-83-84-85-87-88-89-90-91-92-93-94-95-96-98-87-99-100-101-102-103-104-105-106-107-111-112-113-114-115-116-117-123-126-127-128-129-131-132-133-135-138-139-141-143-144-145-146-147-148-149-150-152-153-154-155-156-157-158-159-160-161-162-163-164-167-171-172-173-177-180-184-194-222-223-233-234-240-247-310-322-329-330-357-358-375-377-380-382-386-395-418-430-432-445-456-464-475-491-492-495-499-500-501-502-503-505
غلام صديق خان: 242
غلام علي (بن محمد باقر): 429
غلام بلدي، وڏيرو: 276
غلام علي (ڏوهٽو عبدالنبي ڪلهوڙو): 338-341
غلام علي، ميرزا: 323
غلام علي "آزاد" بلگرامي، سيد: 424
(ر.ڪ "آزاد" بلگرامي)
غلام علي "مائل" مير: 480
غلام علي "مداح" (بن محسن نٽوي): 476-477-479
غلام علي خان تالپر، مير: 205-264-281-290-294-302-308-312-317
غلام محمد: 179
غلام محمد، شيخ: 375-376-378-471-504

غلام محمد، ميو: 320
غلام محمد كهاوڙ: 373
غلام النبي خان، ميان (بن ميان نور محمد خان عباسي): 196-200-201-207-208-209-210-211-213-216-218-219-220-221-222-223-224-227-228-230-236-251-266-382
(ف)
فادر مزيق: 379-391-392-399
فاضل خان: 415
فان آرلچ: 399
"فائز" شيخ عبدالسبحان: 475
فتح الله اول، مخدوم: 413
فتح خان (بن شاهه بهارو): 373
فتح خان ٽالپر، ميو: 171-182-185-186-187-188-189-190-195-196-200-205-206-231-265-266-271-272-273-279-280-281-282-285-290-291-292-294-301-302-303-304-305-308-309-310-312-313-314-315-317-318-319-320-321-322-323-325-326-327-328-330-495
فتح شاهه، سيد: 436
فتح علي خان، ميو (پائٽيو ميو بجار خان): 176-205-266-267-271-272-273-279-280-281-290-291-294-301-302-304-305-308-312-313-314-315-316-317-310-318-320-321-322-323-325-326-327-328-330-331-332-333-334-335
فتح محمد خان اخوند، ملا: 276
فدائي محمد محفوظ "سرخوش": 469
(ر.ڪ محمد محفوظ):
فرخ سير، محمد: 150-408
فردوسي: 466
فريد (بن صديق خدمتگار): 186
فريد بكري، شيخ: 405
فريد سامٽيو: 195
فريئر، سربارٽل:
فضل ترمذي: 438
فضل علي خان (بن ميان محمد خان عباسي):
فضل علي خان (بن ميان عبدالنبي عباسي): 340-341
فضل علي خان دائود پوٽو: 305
فضل علي خان هالاڻي: 339
فقيرالله علوي، شاهه: 190-426
فقير محمد، ميو: 276
فلٽ لفٽيننٽ ڪرنل ڊي.سي: 436
فوجدار خان (رئيس ٽوڻڪ) نواب: 436
فولاد، ميرزا: 164
فنا في الله: 475
فيروز برگ: 502
فيروز پتافي: 189
فيروز جنگ (ميان عبدالنبي خان ڪلهوڙو): 246

(ر.ڪ عبدالنبي خان)
فيض الله طيش، آخوند: 464
فيض الله قاضي: 336
فيض محمد خان جالنڌري: 436
فيضي: 404

(ڦ)

ڦتوحل: 373

(ق)

قابل خان، ابوالفتح: 443
قاسم، ابوالقاسم سراج الدين محمد: 71
(ر.ڪ ابوالقاسم)
"قانع" مير علي شير (مظهري): 71-192-222-223-405-406-407-408-409-410-411-412-413-414-415-416-421-427-428-429-432-434-435-443-445-447-448-456-457-458-461-462-464-465-466-467-468-471-473-474
قائم خان (بهادر خان جو ٻاڻ): 101
قلاٽي دينواري، وڏيرو: 276
قليچ بيگ، ميرزا: 103-157-161-168-179-259-273-277-282-283-284-294-304-309-313-314-316-322-326
قليچ نظامي: 438
قمرالدين خان (نواب ديرو غازي خان): 170-235
قمرالدين، شيخ (بن شيخ محفوظ): 253-323-328-331
قمر الدين "عشرت": 479
قيصر خان منگسي، وڏيرو (زميندار گنجابه): 476

(ڪ)

ڪاظم، مير (ڏاڏو مير قانع): 456
ڪالا سنگهه امرتسري: 436
ڪالداس: 484
ڪبير خان: 101
ڪرم الله بن حڪيم عبدالرزاق: 430
ڪرن مل، مهتو: 373
ڪرو، ناٿن (Nathan Crow): 360-380-391-397
ڪستم داس، مهتو: 138
ڪمال (سالار ڪلهوڑا فوج): 373
ڪمال الدين احمد رضوي، مير: 460
ڪمال رند: 179
ڪنور راج سنگهه: 104
ڪوزنس: 498
ڪوڪلتاش (محمد قائم): (ر.ڪ ڪوڪلتاش محمد قائم): 105
ڪيلنبر: 393

(گ)

گنج سنگهه (بيڪانير جو راجا): 104
گدومل ديوان: 68-69-90-104-111-150-175-186-322-323-373-464-504
گدومل (متصدي): 376
گرنڊلي، ڪپتان: 107

گل راج (وڪيل): 169
گل محمد ڪلهوڙو: 372
گل محمد خان، امير الملڪ: 240
گل محمد خان خراساني: 67-69
گلابراءِ (محصول وصول ڪندڙ): 126-505
گلابراءِ (متصدي): 376-505
گلان، مائي (ميان غلام شاهه عباسي جا والده): 159
گنج بخش، مخدوم: 168-170
گوئٽي: 484

(ل)

لاکو راءُ (بن راءُ ديسل): 110
لشڪر خان (بن وڏيرو محمد خان): 102
لطافت علي ناظر، خواجه: 339
لطف الله: 310-376
لطف الله، ميو (عرف ميو متارو): 373-374-376-458-476
لطف علي خان، رضوي (بکري): 448
لطف علي خان، ميو (نٽي جو نواب):
لعل شهباز قلندر، مخدوم (شيخ عثمان مرواندي): 414
ليلا رام وطڻ مل: 489
ليمبرڪ، مسٽر: 385

(م)

ماٽڪ (توشڪچي): 377
ماٽڪ راءِ: 338
مائي بهو بيگم (مائي صاحب دولت): 161-322
مائي سون ٻائي: 322
مائي گلان (ميان غلام شاهه جي والده): 159
مبارڪ خان، صاحبزادو: 246
متارو، ميو: 374-376-458-476
(ر.ڪ لطف الله، ميو):
متنبي: 484
محراب جتوئي: 164-185-206-208-218-272-273-373
محسن ٽٽوي: 416-417-445-447-448-449-450-452-453-455-458-463-465-472-475-476-477-478-479-481
محفوظ خان: 235-238-239-243-247-275-276-322-324-326-444
محمد (صلي الله عليه وآله وسلم): 203-232-277-361-487
محمد بن قاسم (فاتح سنڌ): 108-152
محمد بن قليچ نظاماني: 438
محمد ابراهيم، مخدوم: 260-419
محمد احسن، ميرڪ: 428
محمد اسحاق، مخدوم: 413
محمد اسلام خان، ميان (ڪلهوڙو): 269
محمد اعظم (بن مخدوم رحمت الله): 407

محمد افضل، مير (مير محمد اكرم جو پاءُ): 430
محمد افضل خان، نواب: 436
محمد اكرم (اكرم الدين خان "اكرم"): 462
محمد اكرم، مخدوم (بن قاضي عبدالرحمان): 421
محمد اكرم، مير (بكر جو نواب): 430
محمد اكرم نصرپوري، ملا: 423
محمد امين، مخدوم: 415
محمد امين (الرشيد) خليفو: 415
محمد باقر (بن قاضي محمد حسين): 429
محمد باقر كلهوڑو: 410
محمد باقر كهاوڙ: 317
محمد باقر واعظ، ملا: 421
محمد باقي (ترخان): 119
مرزا باقر گرجي: 242
محمد بيگ شاملو: 67-68
محمد پناهه "رجا" ٺٽوي: 374-376-417-458-459-491
محمد جام خان علياڻي: 88
محمد جعفر، مولوي (شيرازي): 446
محمد جعفر (والد محمد صادق): 471
محمد حسن: 461
محمد حسن "احسن" ميرڪ: 373-452
محمد حسن كهاوڙ: 195-214-220-301-316-373
محمد حسين: 150
محمد حسين "شوقي": 470
محمد حسين، قاضي: 429
محمد حفيظ، منشي (منشي عبدالرزاق جو پاءُ): 375
محمد حيات سنڌي، شيخ: 424-425-429
محمد خان (حيات خان جو پاءُ): 337
محمد خان، ميان (بن ميان يار محمد خان): 371
محمد خان، ميان (محمود خان بن ميان غلام شاهه خان عباسي): 161-194-196
محمد خان، شهواڻي: 276
محمد خان، نواب: 339
محمد خان، وڏيرو: 101
محمد دائود خان اول: (ر.ك دائود خان اول):
محمد دائود خان ميان: (ر.ك دائود خان، ميان محمد):
محمد ذاكر (بن مخدوم رحمت الله): 407
محمد رضا، شيخ (ٺٽوي): 431-432
محمد رضا خان: 428
محمد رفيع (بكري): 410
محمد رفيع (عبدالسبحان جو پاءُ): 476

محمد زاهد سورتي: 425
محمد زمان (مريد درگاهه لنواري ميان: 214
محمد سرفراز "سرفراز": 467
محمد سرفراز خان، خدا يار خان "شهادت": 91-94-104-117-154-161-167-168-169-171-173-174-175-176-177-178-179-180-181-182-183-184-185-186-188-190-191-192-193-194-195-196-197-198-199-200-201-202-206-219-222-224-225-227-228-230-234-247-248-251-255-264-269-322-330
محمد سعيد، شيخ: 424
محمد سعيد واعظ، ميان: 415
محمد شاهه، روشن اختر، ابوالفتح ناصر الدين (بن خجسته اختر جهان شاهه): 431-461
محمد شفيع: 471
محمد شفيع (بن محمد اسلام عباسي): 269-372
محمد شفيع خان (مخدوم زادو): 428
محمد صادق (بن محمد جعفر): 471
محمد صادق، مولوي (بن مخدوم عنايت الله "واعظ"): 415-428
محمد صادق، ميان (شاگرد شيخ عثمان): 420
محمد صادق عباسي، حڪيم: 161-197-269-372-439
محمد صادق نقشبندي، ميان: 429-486-487
محمد صالح آخوند: 373
محمد صالح، مولوي: 180
محمد صديق ويس: 104-164
محمد صفدر خان، نواب: 467
محمد عارف (ڪلهوڙو): 371
محمد عارف (بن ميان عبدالنبي خان عباسي): 240-267-337-339-340-341
محمد عارف نتوي، ميان: 412
محمد عاقل (والد محمد احسن): 461
محمد عالم (بن مخدوم رحمت الله): 407
محمد عبدالرشيد نعماني: 419
محمد عطر خان عباسي، ميان: (ر.ڪ عطر خان عباسي):
محمد علي (بن ميان محمد دائود خان ڪلهوڙو): 371
محمد علي (بن محمد عارف): 340-341
محمد علي طباطبائي، مشهدي، مير: 412
محمد فاخر "زائر" الهه آبادي، شيخ: 425
محمد فتح خان (مبارڪ خان جو ياڻ): 88

محمد قائم، حاجي: 421
محمد قائم كوكلتاش: 98-105-150
محمد كريم اصفهاني، آغا (امين الملك "عاشق"): 410-449
محمد مبارك خان، امير (دائود پوٽو): 99-100-102-103-145-146-147-149
محمد مبارك خان ثاني (نواب بهاولپور): 87
محمد محفوظ "سرخوش" ۽ "فدائي": 468-479
محمد مرادياب خان، ميان (سربلند خان): 68-69-70-71-73-74-75-76-77-78-79-80-81-82-83-84-85-87-90-93-94-127-151-162-222-223-233-375-377-386-412-446-449-451-464-465-466-499-502
محمد مريد، شيخ "مريد": 468-479
محمد معين نٽوي مخدوم: 410-415-416-417-428-465
محمد منعم خان خانخانان: 460
محمد ناصر (بن مخدوم رحمت الله): 407
محمد نصير خان بروهي، والي قلات: 90
(ر.ك نصير خان بروهي)
محمد نعيم، شيخ: 432
محمد نيشاپوري: 438
محمد وارث (كلهوڙو): 372
محمد وفا، منشي: 375
محمد هاشم، مخدوم: 147-148-418-419
محمد يار، ملا: 373
محمد يحييٰ قاضي: 133-139
محمد يوسف خان زهري: 276
محمد يعقوب خان، حكيم: 432-468
محمود انصاري، شيخ (پير مكي): 157
(ر.ك پير مكي)
محمود تونسوي، ميان: 436
محمود خان، ميان (بن ميان غلام شاهه خان عباسي): 161-169-185-189-190-195-200-201-224-229-234-382
محمود خان، مير: 205
محمود خان، لنواري: 214
محي الدين ثاني (شاهه نجم الدين): 422
مخدوم احمد (بن مخدوم اسحاق): 413
مخدوم احمد (بن مخدوم عبدالرؤف): 413
مخدوم حامد گنج بخش: 168-170
مخدوم حامد گنج بخش پنجون: 146
مخدوم عبدالحميد: 413

مخدوم عمر: 413
مخدوم محمد (بن مخدوم عبدالرؤف): 413
مخدوم ميران (والد مخدوم محمد جعفر بوبكائي): 426
مخدوم نوح (هالا كنبي): 227-483
مداح، غلام علي (بن محسن ٹٹوي): 476
مدد خان (دلاود خان اسحاق زئي): 168-275-276-277-278-279-282-283-285-291-292-293-294-295-299-301-302-303-304-305-320-330-335-362-387-502-503
مراد فقير نظاماڻي: 150
مراد كليري (مراد گنجو): 373-384
مراد گنجو (مراد كليري): 384
(ر.ك مراد كليري)
مرتضيٰ "الهام"، مير: 460
مير چندائي، بي.دي: 132
مرزا خان بيگ: 170
مرزا باقر گرجي: 242
مرزا فولاد: 164
مرزو فقير: 272-281-308-309-310-373
مرزو نصير ("سلطان جنگ"): 271
مريد، شيخ محمد مريد: 479
مزمل، شيخ مزمل: 476
مسكين شاهه هندي: 481
مشتاقي، نورالحق: 474
مشرب، حكيم مير عبدالرزاق: 435-436
مصطفيٰ خان "شيفته" نواب: 425
مظفر (آبدار): 376
مظفر شيدي (حبشي): 310-319
مظهر جان جانان، ميرزا: 425
مظهري، غلام علي، شير قانع: 456-457-458
(ر.ك "قانعه")
مير عبدالنبي رئيساڻي: 276
معتضد بالله:
(ر.ك ابوالفتح المعتضد بالله)
معتمد الدوله شاهنواز خان، فيروز جنگ (عبدالنبي خان): 246-321-505
(ر.ك عبدالنبي خان)
معز اصفهاني، ميرزا: 446
معز الدين، جهاندار شاهه (بن شاهه عالم بهادر شاهه): 172
معصوم (بكري) سيد (مير): 468
معين الدين، مير (بن محمد اكرم مير): 430
معين الدين خان (معين الملك عرف مير منو):
(ر.ك معين الملك)
مغل بيگ، ميرزا: 488
مقصود (بن شاهه بهارو): 373
مقضود فقير: 91-94-105-147

مقصود خان (مير شاهو): 372
ملڪ شاهه سلجوقي: 437
منوچي، نڪولائي: 379-391-392
منريق: 379-391-392-399
منور: 164
منور (ناظر): 376
موٽومل، مهتو: 504
مولچند (توشڪچي): 377-505
مولراج: 373
مولانا روم: 429-484-489
مومن خان: 110
موهن لال: 341
مهابت خان "ڪاظم" نواب (نٽي جو نواب): 473-474-481
مهتو خان، وڏيرو: 267
مهرو خان: 88
ميان احمد مفتي: 410
ميان موريو: 408
(ر.ڪ عبدالله واعظ):
ميان غلام نبي خان: 196
(ر.ڪ غلام نبي خان)
ميان مدني (بن قاضي مخدوم عبدالرحمان): 421
مير، تاج الدين: 430
مير، مير جان محمد بكري: 479
مير جعفر: 123
مير جنگي سرپرهه: 276
مير چاڪر (بلوچ): 172-372
مير سراج الدين: 430
مير رحمت: 276
مير فقير محمد: 276
مير زرڪ زهري (بروهي): 272-273-275
مير شهداد: 372
مير شاهڪ (مير شهداد جو پاڻ): 372
مير شاهو بلوچ (بن شاهڪ): 372
مير شهزادو (مير لطف الله جو پاڻ): 374
مير صوبدار: 178
(ر.ڪ صوبدار فقير):
مير علي شاهه "شائق" مصنف "قصيده عاشق": 246-262-372-376-377-432-496-497-505
مير ڪاظم (بن مقيم): 456
مير محمد، ميان (بن ميان سرفراز خان عباسي):176-177
مير متارو: 374-376-458-476
(ر.ڪ لطف الله، مير)
مير مراد خان: 276
مير مقيم: 456
مير نصير خان بروهي (والي قلات): 218-235
(ر.ڪ نصير خان بروهي)
مير نور الدين: 430
مير ورند، وڏيرو: 276
مير هزاز خان (ناظر ملتان): 145
مير سهراب: 331

ميرزا مقيم تونيي: 408
ميرڪ محمد حسن "احسن": 373
ميڪمردو ڪپتان (Mcmurdo): 397-380

(ن)

نادر شاهه افشار: 68-75-76-158-202-281-348-357-374-376-385-393-404-418-462-503-532
نجم الدين "عزلت" مير: 410-411
نجم الدين قادري حسني (لقب محي الدين ثاني): 422
نخشبي: 411
نشوتن: 400
نصرت: 149
نصرت خان چانديو: 384
نصير خان بروهي، مير (والي قلات): 90-194-202-203-204-205-218-235-242-253-271-272-273-275-319-320-321-322-335-336-386
نصير محمد ڪلهوڙو، ميان (بن الياس محمد): 383
نظر شيدي: 310-319
نظيري: 484
نڪولس وٽنگٽن: 379
نندو (سردار): 313
نواب جنگ: 282-301
نوح، مخدوم: 227-483
(ر.ڪ مخدوم نوح)
نور الحق "مشتاقي": 474
نور الدين، مير (بن محمد اڪرم): 430
نور محمد (محسن ٺٽويءَ جو والد): 447
نور محمد، حاجي (پوٽو شاهه حيدر): 432
نور محمد موسياڻي: 276
نور محمد نصرپوري، مخدوم: 420-421
نور محمد خان بابري: 239-240
نور محمد خان عباسي، ميان، خدا يار خان، ثابت جنگ، شاهه قلي خان (بيگلر بيگي) شاهنواز خان: 67-68-69-70-74-75-76-91-92-97-104-158-159-172-201-233-240-241-269-274-329-341-352-353-354-355-358-365-368-371-372-374-375-377-378-382-383-384-386-390-393-403-404-406-412-414-429-430-431-434-445-448-449-451-452-464-466-468-473-474-476-487-495-496-499-502-503-504
نورنگ خان بلوچ جسڪاڻي: 322
نوشيروان: 437

(و)

وارث شاهه: 484
واسڪو ڊيگاما: 118
والٽر هملٽن: 350-356-391
وڏيرو ميرو رند: 276

ولانگو لهڙي: 276
ولايت علي شاهه: 177
ولي محمد ڪوري زئي، مير: 272
ولي محمد مينگل، شاهي زئي، مير: 276
وڏيرو قلاٽي ديناري: 276
وڏيرو غلام علي بلدي: 276

(هـ)

هتورام، راءِ بهادر (مصنف: "تاريخ ضلع ديرو غازي خان"): 338
هردار جي: 104
هر راءِ (توشڪچي): 377-505
هزار خان، مير (نواب ملتان): 145
هزبر جنگ (ميان غلام شاهه خان عباسي): 104
(ر.ڪ غلام شاهه خان عباسي)
هئملٽن ڪپتان: 350-392-394-398-404-405-406-500
هنري ايلس: 356-380
هيگ، ميجر جنرل مصنف "دي انڊس ڊيلٽا ڪنٽري": 71-116-119-150-152-153-154-163-180-227-299
هيملٽن، ڪپتان: 122
هيوز، اي.ڊبليو (مرتب "سنڌ گزيٽيئر"):

(ي)

يار محمد خان عباسي، ميان خدا يار خان: 91-117-130-158-171-172-269-352-353-355-368-369-373-375-378-379-382-393-403-406-434-436-445-494-495-498-502-503-504
ياقوت (ناظر): 376
يزيد: 261
يوسف (عليه السلام): 304-497
يوسف خان زهري، مير: 276
Hel Hoste: 397
Mc Murdo: 397
Nathan Crow: 397
Pedro Borrato Rolin: 118
Pottinger: 397

ماڳن ۽ مڪانن جا نالا
فهرست -2

(الف)

اپلا: 407
اٽڪ: 436
اجمير: 391
احمد آباد: 71-108-138
اختيار واهه: 98
اوڙيسا: 123
افغانستان: 69-70-81-94-113-124-
128--125-145-146-158-159-160-164-
168-180-193-233-234-235-240-249-
252-275-305-322-329-330-340-401-
426-532
اڪن پور: 407
اگهم ڪوٽ: 407
اگر: 133-135
الور: 153-344-381-407
الهه آباد: 71-84-90-93-94-105-495-
499-534
اٻاوڙو: 101-102-103-105-146-240-
303-313
اتر سنڌ: 354-363-379-384
اتر هندستان: 108-349-400
اُچ (شريف): 169-337-429
اوچتو: 73
اورنگا (بندر): 90-95-133-134-135-
138-139-141-401-500
امرڪس واهه: 89-94
امرتسر: 534
اندلس: 402
انڙپور: 407
انگلستان: 121-398
ايران: 357-401-408-414-437-465
ايسٽ انديا ڪمپني: 121-364-380-
397

(ب)

بازار امير بيگ: 119
باگو واهه: 384
بچور: 142
بحر هند (هندي وڏو سمنڊ): 349
بحرين: 401
بحر روم (يونوچ سمنڊ): 401
بحر قلزم (ڳاڙهو سمنڊ): 401
بدين: 471-502
بربندي: 133-135-139
برهمڻ آباد: 153-381
بريلي: 435
بسته بندر: 113-401
بسين: 120

بصرو: 401-452
بغداد: 192-402
بكر: 118-119-150-337-344-352-353-
358-381-391-392-394-398-407-429-
430-431-444-445
بلڙي: 407-483-485-486
بلوچستان: 353-401
بمبئي: 110-123-127-128-131-133-
135-139-160-171-193-446-532
بندر بنبئي: 446
(ر.ك بمبئي):
بندر عباس: 401-407
بنگال: 123
بوبك: 398
بوبكان: 407
(ر.ك بوبك)
بورڊ آگ اگزئمنرس: 436
بهادر پور: 102
بهار: 123
بهاولپور: 88-94-98-102-145-146-
149-168-169-234-246-276-305-322-
329-331-335-337-339
بيت المقدس: 497
بيكانير: 87-104-401

(پ)

پاركر: 109-110-170-171
پاڪ ۽ هند: 402
پٽ باران: 172-407-415
پكو كانيار: 407
پل چالك: 272
پلاسي: 123
پنجاب: 401-475
پندي گهپ: 436
پنهواري: 495
پرڳٽو سكرنڊ: 71
پرڻ: 107
پرڳٽو جتوئي: 150
پرڻ ڊرياءُ: 107
پرڳٽو درپيلو: 119
پوكران: 267
پٽو: 407
پيران: 73
پيروز واهه: 384

(ٻ)

ٻاٽوٽ: 407
ٻريالو: 407
ٻٽ: 407-487-488-492
ٻچ: 113-115

(ت)

تاجن پور: 340
تلهار:
تاراجا: 139
تاني: 136-137-140

(ٽ)

ٽارو: 67
ٽري: 407
ٽٽو: 67-68-69-91-95-97-105-106-
110-118-119-120-121-122-124-126-

-153-150-142-141-137-135-134-130
-353-352-350-349-348-345-344-181
-384-383-381-376-375-364-363-358
-398-397-396-394-393-391-390-388
-411-410-409-407-406-405-404-399
-445-431-429-428-422-416-415-412
-461-460-456-452-451-448-447-446
-474-473-471-470-466-465-464-462
494-481-479
ٺٽو بندر: 141

(ٽ)

ٽنبو باگو: 502
ٽوڪ: 436
ٽلٽي: 98
ٽالپرن جو ڪتبخانو: 196-176

(ٽ)

ٽر پارڪر: 398

(ف)

فتحپور: 344

(ق)

قرن شاخ: 116
قليلي: 152-500

(ج)

جاره جبل: 112-113-116
جامع فرخ: 119
جامع مسجد (خدا آباد): 497-498
جتوئي: 344
جالندر: 436
جلال پور:
جنت البقيع: 421-424
جوڌپور: 252-253-256-258-259-261-
-264-267-270-271-319-321-337-339-
420-387-341-340
جوٽيجا: 201-252
جوهري: 407
جويه (ڳوٺ): 93
جوهي بار: 133-139
جهانگير نگر: 408
جلال آباد: 426
جهانپور: 341
جهيجا: 407
جيت: 73
جيسلمير: 85-87-89-99-131-172-
492-401-339-332-329-218

(ح)

حاجي پور: 273-322-323-336-340-
341
حاجي پور (تعلقه): 322
حرمين شريف: 178-187-421-424
حيدرآباد: 150-152-153-156-157-158-
-165-168-182-184-185-186-188-193-
-195-196-206-220-221-224-225-227-
-228-229-319-322-327-384-388-394-
407-490-493-495-500-501-532
حيدرآباد دكن: 532

(چ)

چاچڪ: 407
چاچڪان: 91-95-133-344

چاڪر هاله: 344
چاچڙ: 424
چانڊڪي: 344-384
(ر.ڪ چانڊوڪه)
چٽي ڏنڊ: 150
چوباري: 169
چوترا: 133
چالڪ: 272
(ر.ڪ پل چالڪ)

(ج)

جام پور: 340

(خ)

خان ٻيلو: 146
خانوٽ: 407
خدا آباد: 83-84-87-92-94-133-135-
141-181-182-184-187-224-266-283-
312-318-321-367-369-422-432-448-
481-494-495-496-498
خدا آباد (پراٹي): 84-182-187-312-
432
خدا آباد (نئين): 227-237-283-285-
308-494
خراسان:
خور: 73
خيرپور (سنڌ): 172-331
(ر.ڪ خيرپور ميرس)
خيرپور ميرس: 327
خيرو ديرو: 502
خيرپور رياست: 172

(د)

دالي: 415
دجله: 192
درٻيلو: 119-344-398-407-432
درگاهه پير شهنشاهه: 502
درگاهه پير رڪن شاهه: 502
درگاهه قلندر شهباز: 414
درياءِ "نيل": 381-497
دڙي هنگورا: 407
دشت ياران: 407
دڪن: 446-462
دمشق: 369
دنگو: 313
دورات: 133
دولي: 136
دهراج: 133-135
دهلي: 160-374-397-408-411-427-
428-460-461-462-470-472
ديبل: 121-381-401
ديرو اسماعيل خان: 145-148-150-
276-335
ديوان عام: 152
ديوان خاص: 152
ديرو شاهپور: 270
ديرو غازي خان: 148-149-169-323-
335-340-367
ديراوڙ: 146-331-337
ديرو: 95-173
ديرا واهه: 111

دين ڳڙهه: 301-312-313
(ڊ)
ڊاراجا: 141
(ڏ)
ڏکڻ سنڌ: 115-345-439
ڏاتي جي ڪور: 487
(ڊ)
ڊنڊ منجر: 407
(ڊ)
ڊنڊي: 407
ڊنڊي واهه: 338
ڊاڪا: 408
(جهه)
جهونا ڳڙهه: 419
جهانگارا باجارا: 465
(گهه)
گهاڙ واهه: 383
گهوٽڪي: 424
(گ)
گاٽ: 141
گجرات: 109-110-170-462
گجرڪوٽ: 407
گمبٽ: 398
گنجابه: 344-352-383-386-406
گجو: 73-90-95-157-500
گدڪي: 73
گنج شهيدان: 119
گوا (بندر): 119
گزر راجا گنت: 133-135-139
(گ)
گڙهي اختيار خان: 98-101
گڙهي شادي خان: 98
(ر)
راجا گنت: 133-135-139
(ر.ڪ گزر راجا گنت)
راجپوتانا: 106-349
راجن پوت: 340-341-342-367
راوي: 144
رائل ايشياٽڪ سوسائٽي: 434
روپاهه: 407
روپاهه (تعلقو): 415
روم: 424
روهڙي: 83-89-90-94-101-133-135-
136-141-173-237-240-241-244-302-
303-326-327-332-388-394-398-407-
424-430-432
رحمڪي بازار: 107-108
ريگستان: 94-270
رياست جيسلمير: 218
رياست بيڪانير: 104
رياست ڪڇ: 108
رياست جوڌپور: 420
رياست بهاولپور: 169
(ز)
زابلستان: 204
(س)
ساڪر: 407
ساموئي:

سانڪرہ: 85-88-89-91-90-92-93-94-95-96-98-
سبي: 383-386-406 99-101-104-106-107-108-109-110-
(ر.ڪ سيوي) 112-113-114-115-116-118-119-121-
سبزل پوري: 102 122-123-124-125-127-128-129-130-
سامري: 407 131-132-133-135-138-141-142-143-
سجاول: 248 144-145-146-147-150-152-153-160-
سڻن ڪوٽ: 326 163-164-165-168-169-170-181-187-
(ر.ڪ منڊ ڪوٽ) 193-194-201-204-205-218-220-231-
سرحد: 401 233-234-235-240-241-243-345-246-
سرفراز واهہ: 193-384 248-249-250-251-253-259-260-261-
سرڪار بڪر: 344-353 263-264-267-271-270-274-275-276-
سرڪار ٺٽو: 344-345-353-358 277-279-280-285-286-293-294-295-
سرڪار چاچڪان: 133-135-139- 296-299-300-301-309-319-320-322-
141-344 323-324-326-327-328-329-330-331-
سرڪار چاڪر هاله: 344-345 332-335-337-338-340-341-342-343-
سرڪار لورا: 139 344-345-348-349-350-351-352-353-
سرڪار نصرپور: 135-139-141-344 354-356-357-358-359-360-361-362-
سرڪار نوشهرو: 83-86-94-95-133- 363-364-366-367-369-375-374-379-
320-384 380-381-384-385-386-387-388-389-
سرڪار سيوستان: 133-135-139- 390-391-392-393-394-395-396-397-
141-344 398-399-400-401-402-403-406-410-
سڪرنڊ: 71-117-273 419-420-423-426-427-429-431-433-
سڪرنڊ (تعلقو): 117 435-439-443-446-447-457-458-461-
سڪر: 344-394-398-407-432-461- 463-464-465-472-476-482-484-486-
481-502 488-493-494-499-500-501-503-506-
سمراسر: سنڌي ادبي بورڊ: 262-311-407-493
سن: 398-407-460 سنگهر: 344
سندري: 107-111 سنڌو ندي: 108-115-116-152-321-
سنڌ: 67-69-70-72-75-76-77-81-84- 381-395

سورت: 128-296-348-422-462-465-
467
سوندره: 407
سون دڙو: 407
سيوهڻ: 83-89-93-94-381-388-391-
392-394-398-407-414-431-479
سيتپور: 164-169
سيوستان: 119-133-135-139-141-
321-344-345-375-474
سيوي: 344-352
(ر.ڪ سبي)
سوي: 407
(ر.ڪ سبي ۽ سيوي):

(ش)

شان (سال): 407
شام: 424
شاهبندر: 90-123-124-125-138-141-
143-401-410-464-499
شاهه نجف: 117-155
شاهپور: 105-113-117-126-152-172-
270-372-495-499
شاهه جي ڪور: 384
شاهه ڪڙهه: 90-91-95-105-218-332-
495-499-500
شڪارپور: 169-205-235-237-238-
239-240-241-242-340-349-368-386-
388-401-407-426-501
شهارڪپور پنهنواري: 495
شهدادپور: 81-83-180-266
شهدادپور (تعلقو): 172-180
شيش محل: 152-329
شهداد جو قبو: 172
شيراز: 404-456-465

(ص)

صقاهان: 199
صوبو سرحد: 401
صوبو ملتان: 344

(ض)

ضربخانو بمبئي:
ضلعو سيوستان: 321
ضلعو ناگور: 253

(ط)

طهران:

(ع)

عادلپور: 424
عراق: 299-405
علائقو ڪچ: 108-109
عرب: 361
علي باغ: 497
علي بندر: 107
علي پور: 107-149
علي گنج واهه: 487
علائقو ديرو: 149
علائقو بکر: 150
عمر ڪوٽ: 70-107-210-213-219-
220-253-257-264-284-289-294-301-
302-319-450-499

(غ)
غله بازار: 133-135-139
(ق)
قبو شهداد: 172
قسطنطنيه: 401
قلات: 90-94-202-205-218-235-242-
253-267-271-273-318-319-321-322
قلعو خدا آباد: 182-184
قلعو نلي لک: 93
قلعو آباد: 104
قلعو اتنور: 462
قلعو اُچ: 169
قلعو بکر: 353
قلعو پارکر: 170
قلعو لاڑکاڻو: 502
قلعو حيدرآباد: 500
قلعو سندري: 111
قلعو مورو: 115
مورا (ڪوٽ): 116
قنبر: 502
قندار: 154-167-168-323-339-341-
356-368
قنوج (هندستان): 108
(ک)
کابل: 124-159-239-295-328-338-
346-357-468-532-535
کاٺياواڙ (گجرات): 110
کاٺيار: 407
کاتيار: 407
کاچو: 336
کاکري: 344
کانجي: 108
کامنا: 85
کاهان: 407
کاهوٽ: 407
کتبخانه ٽالپري: 196
کتبخانه مظهر العلوم (کراچي): 419
کڇ جو رڻ: 106
کڇ: 104-106-107-108-109-110-
111-112-113-114-115-116-117-127-
158-160-161-169-170-171-196-248-
332-368-386
کڇ (رياست): 107
کراچي (بندر): 133-135-139-141-
202-218-261-319-386-401-419-466-
535
کربلا معليٰ: 299
کراڙ ڊنڊ (ڪوٽ): 487
کرکا واري: 136
کرناٽک: 123
کشمير: 401-422-435-497
ککراله: 72-73-74-80-103-133-
143-466
کلکتو: 401
کلکتو يونيورسٽي: 436
کنڊ کوٽ: 111
کنٽي کوٽ: 169-170

كنوج (كچ): 108
كندياڙو: 398
كنعان: 497
كوٽ كانجي: 108
كوٽ لكپت: 107
كوٽله مخدوم: 338
كوٽڙي: 150-487
كوٽڙي (تعلقو هالا): 487
كوداريه: 73
كوڙي شاخ: 107-108
كوفه: 261
كنجه كوه: 407
كئليكٽ: 118

(ك)

كانا: 65
كاهي: 200
كاهر: 190
(ر.ك كاهي)
كپرو: 407
كهڙي جو كن: 344
كهادره:
كوڙ: 407

(ل)

لاڙكاٽو: 92-272-336-383-384-501
لاكا ڳڙهر: 170
لاكات (لاكهات، لاكهات، لاكهارت): 313
لانياري: 210-215-220-252
لاهري بندر: 133-135-139-381-401-443-407
لنواري: 214
لنجاري: 73
لاهري: 119
لاهور: 146-427-474
لك نلي: 93
لكپت بندر: 111-113-115-116
لكي: 238
لكنؤ: 435
لنكر: 73
لوهڙي (روهڙي): 136
ليهر: 337-338-339-341

(م)

ماتر واهر: 107
ماٽيلو: 344
منڊ كوٽ: 326-335
مارواڙ: 368-401
ماسوتك: 133
مبارڪپور: 146
متياري: 407-485
محمد آباد: 67-84-90-414-475-461-494-499
محمد پوري: 102
مدينه منوره: 409-418-421-422-424-429-482
مراد آباد (سنڌ): 70-71-84-93-152-460-464-468-494-499
مراد آباد (هندستان): 460
مراد واهر: 384

مسجد خدا آباد:
مسجد نبوي: 429
مسقط: 74-77-78-81-127-129-194-201-202-218-376-386-391-392-401
مسوتي: 135-139
مصر: 381-401-424-497-533
مقبرون ميان نور محمد خان عباسي: 502
مقبرو ميان يار محمد خان عباسي: 498
مقبرو ميان آدم شاهه: 502
مقبرو شاهه بهارو: 501
مقبرو ميان شاهل محمد: 502
مقبرو ميان نصير محمد عباسي: 502
مقبرو شاهه عبداللطيف: 491
مڪران: 401
مڪلي: 457-474-480
مڪو معظمه: 361-424
مڪلي ٽڪري: 480
مڪڙ ٻيلو: 339
ملتان: 88-133-136-139-140-145-146-150-172-235-336-344-350-352-362-383-401-413-430-464
منڇر ڍنڊ: 407
منصوره: 153-381
مورو (ڪوٽ): 115-116
ميرپور: 101-313
ميران: 73
(ر.ڪ ميرانپور، جهوڪ)
ميان نور محمد جو ڪتبخانو: 403

(ن)

ناڙو: 115
ناگور: 253
نجد: 425
نجف اشرف: 117-155
(ر.ڪ شاهه نجف):
نخلس: 133-135-139-141
نصرپور: 70-81-91-105-133-135-139-141-344-345-381-391-394-398-407-499
نصرت واهه: 384
نصير محمد خان جو مقبرو: 502
نظام گهاٽ: 384
ننگر پارڪر: 108-109-110
نور واهه: 384
نوشهرو: 83-86-94-95-133-320-384-502
نوشهرو فيروز: 502
نلي لڪ: 93
(ر.ڪ لڪ نلي):
نيرون: 153
نيرون ڪافر: 153
نيرون ڪوٽ: 152-157-166-407-461-501
نيڪره: 337-338
نيل ندي: 381-497

(و)
والي (ڳوٺ): 218
(ر.ک دالي)
ولهار: 407
ونگو: 407
ويرا واهه: 111
(هه)
هالا: 181-182-487
هالا حويلي: 486-487
هالا ڪنڊي: 133-135-139-141-227-
270-332-407-414-460-463-471-483
هالار: 320
هالاڻي ٻيلاڻي: 312-316-317-319-
320-339
هٿڙي، هتري (ضلع سيوستان):
321
هرات: 167
هرمز: 401
هڙي (ڳوٺ):
هند و پاڪ: 402
هندستان: 98-108-118-135-139-145-
234-296-348-349-350-357-362-364-
366-369-381-392-396-399-400-401-
431-435-448-460-466-472-482
هندي وڏو سمنڊ: 118
هنگورجا: 375-407
هنگورا: 407
هيهني: 73
(ي)
يورپ: 121-350-395-396-399-401
73Cudgee:
73Hehenchee:
73Linkar jeet:
73Piran:
108 Ras Kanoje:
110 Modern India:

ڪتابن جا نالا

(الف)

آئين اڪبري، مرتب: بلوخمان: 344-345-356-379-533

اتحاف النبلاءُ المتقين باحياءُ ماثر الفقها المحدثين: 425-426

اشعار متفرقه در صنائع وتواريخ، مرتب: مير علي شير قانع: 457

الافياف علي سبب الاختلاف: 425

الوحيد: 148

اما طله اذي العبيد عن طريق جواز استعمال اموال الكافر العنيد: 419

انشايِ عطارد: 81-82-95-96-113-170-171-241-242-247-248

انيس القلوب، مرتب: مرزا محمد رحيم: 408

انتخاب قصيده: 449

ايسٽ انڊيز جي نئين تاريخ (انگريزي): 388

ايسٽ انڊيا ڪمپني جا ڪاغذات: 380

(ب)

باز نامه: 437

باز نامه ناصري: 436

باز نامه نوشيرواني: 437

برنز جو سفرنامو بخارا (انگريزي): 362

بوستان بهار (مير علي شير "قانع"): 457

بهاولپور گزيٽيئر: 276

بياض علي شير "قانع": 198

(پ)

پوسٽنز جي تاريخ سنڌ: 69-181 (ر.ڪ تاريخ سندھ، پوسٽنز):

(ت)

تاريخ بلوچستان، مرتب: سردار غلام الرسول خان: 272-275-276-336-373-533-535-537

تاريخ رياست بهاولپور (انگريزي): 335

تاريخ بيڪانير، مرتب: موهن لعل پٽناگر. 104

تاريخ سنڌ (مرتب: سيد محب الله): 104-157

تاريخ سنڌ، ٽوپڻ مل (قلمي نسخو): 299

تحريڪ اصلاح. 425

تاريخ سنڌ، ميرزا قليچ بيگ: 104-

283-282-277-273-259-179-161

تاريخ ضلعو ديرو غازي خان عرف باغ و بهار: 338-340

تاريخ طاهري: 363

تاريخ كلهوڑا، مرتب: ديود سيتن، (انگريزي، ٽائيپ ٿيل كاپي): 69-73-74-84-95-105-194-229

تاريخ كلهوڑا واستقرار حكومت تالپران (عبدالمجيد جوكيو، قلمي نسخو): 154-155-163-164-165-166-179-196-215-218-221-225-252-270

تحفة الكرام، علي شير "قانع": 68-70-71-74-75-86-87-89-93-98-102-104-119-149-150-374-375-407-414-415-416-418-419-430-476-489-491-492

ترويج نامه حسن و عشق (علي شير "قانع"): 457

تكمله مقالات الشعراء (علي شير "قانع"): 242

تحفة الانام في الحمل بحديث النبي عليه الصلواة والسلام: 425

(ٽ)

ٽوپڙ مل جي تاريخ سنڌ (قلمي نسخو): 152-163-299

(ر.ك تاريخ سنڌ، ٽوپڙ مل)

(ج)

جامع ترمذي: 423

جوارح نامه: 437

جرنل سنڌ هسٽاريكل سوسائٽي (انگريزي): 106-112-116-118-121-132-159-160-295-354-356-384

جنگ نامو (مؤلف: نعمت خان عالي): 242

جواهر عباسيه: 79-85-88-89-93-102-145-147-148-149-157-169-179-180-218-219-220-224-234-240-241-253-254-267-273-310-313-314-315-316-319-322-323-329-335-336-338-339-340-368-507

(ح)

حكومت بمبئي جي ركارڊ مان انتخاب: 131-171

(Selection From the Records of the Bomبgovt)

حملۂ حسيني: 449

حملۂ حيدري: 449

(چ)

چار منزله (علي شير "قانع"): 457

(د)

ڈي انڊس ڊيلٽا كنٽري (انگريزي): 71-105-120-121-150-153-154-163-180-227-300

ديوان عاشق، صفاهاني: 10

ديوان عظيم ٺٽوي: 62

ديوان "قانع" ننڍو: 456-457
ديوان محسن ننڍو: 449

(ذ)

ذخيرهِ الخوانين (مؤلف شيخ فريد بکري): 405

(ر)

رابرٽ ليچ جي تاريخ بلوچستان: 272
رساله دعوت الحق (ڪراچي): 261-419-420
رساله في رد بدعه التعزيه: 425
رسالو نئين زندگي (ڪراچي): 117-153-155-198
رشيدي، عربي لغات (مرتب عبدالرشيد ننڍو): 409
رشيدي فارسي لغات (مرتب: عبدالرشيد ننڍو): 409
روزنامه دان (انگريزي): 493
رؤسايِ پنجاب (اردو ترجمو): 251-367-368-533

(س)

سنڌ جي دربار ۾ حاضريءَ جو داستان (مؤلف: ڪرو، انگريزي): 360
ساقي نامو (مؤلف سيد علي شير "قانع"): 457-479
سرفراز خان جو ديوان: 196
سڪندر نامو: (مائونٽ اسٽوئرٽ الفنسٽن)449-464
سنڌ زميندار: 198
سنڌ جي اقتصادي تاريخ (انگريزي) (ڊاڪٽر اي.پي. چبلاٽي): 344-349-364-365-379-382-385-389-390-391-392-393-394-396-397-404
سنڌ متعلق ذاتي مشاهدات پوسٽنز (انگريزي): 69-93-115-181-273-360
سنڌ گزيٽيئر اي.ايڇ.ايٽڪن (انگريزي): 108
سنڌ بابت مشاهدات: 273
سنن ماجه: 423
سنن دائود: 423
سنن نسائي: 423
سنڌ هستاريل جرنل: 132-159
سنڌ ريلوي: 108
سفرنامه بخارا (انگريزي): 108-361

(ش)

شاهه جو رسالو: 492-493
شاهه عبداللطيف آف پٽ، ڊاڪٽر سورلي (انگريزي): 484
شاهنامو: 449-464
شاهه عبداللطيف: 194-363-385-386-484-486-488-489-490-491
شڪار نامو (تيمور خان ايل خاني): 437-438
شمعهٔ از قدرت حق مؤلف: مير علي شير "قانع": 457

شرح ملا: 432

(ص)

صبح صادق: 98-246-275-329
صحيح بخاري: 423-498
صيد المراد في قوانين الصياد (ميان محمد دائود عباسي): 434-436-438-441
صيد نامہ ملوڪ شاهہ: 438

(ط)

طرز دانش: 448
طوطي نامو (مير نجم الدين "عزلت"): 410-411

(ع)

عروض سيفي: 47
عقد دوازده گوهر: 448
عماد السعادت:

(ف)

فتح القدير: 423
فتحنامو: 79-80-83-102-103-161-162-167-173-174-178-179-180-182-184-185-187-189-190-204-205-207-208-209-210-211-212-213-215-225-226-227-229-231-232-235-236-237-238-244-245-246-247-254-274-275-277-280-283-284-287-289-290-292-294-304-306-309-314-316-319-321-322-323-324-325-326-328-380
فريئر نامو: 194-185-186-202-204-211-229-232-235-236-244-245-258-269-271-273-275-283-284-285-303-304-306-309-314-315-316-327

(ق)

قرآن مجيد: 176-268-282-303-310-489
قصائد عرفي: 471
قصيده "شائق" (قلمي نسخو): 246-262-263-372-432
قصيده "قانع" (قلمي نسخو): 192-222-223
قصو ڪامروپ (علي شير قانع): 457
قضا وقدر (مير علي شير قانع): 457

(ڪ)

ڪانياواڙ ۽ ڪچ متعلق آثار قديمه جي رپورٽ (انگريزي): 116
ڪچ گزيٽيئر (انگريزي): 169
ڪلمات طيبات: 425

(گ)

گزيٽيئر حصئ گجرات: 110
گلدستہ نورس بهار: 348-355-362-368-370-373-375

(ل)

لب تاريخ سند: 157-181

(م)

مادرن انديا (انگريزي):
ماثر الڪرام (دفتر پهريون)
مثنوي مولانا روم: 429-

مجموعئ دلڪشا: 480-481
محڪ ڪمال: 449
مرآت دولت عباسيہ: 88
مسند امام احمد بن حنبل: 423
مظهر شاهجهاني: 379
مقالات الشعراء: 71-72-79-242-374-
375-405-407-408-409-410-411-412-
417-421-422-428-429-430-431-432-
435-436-443-444-446-448-449-457-
460-461-462-463-464-465-466-467-
468-469-470-471-472-473-474-475-
476-477-479-480-483-486-487-491
مڪتوبات شاهه فقيرالله علوي: 191
منثور الوصيت ودستور الحڪومت (ميان نور محمد خان عباسي): 378
مرثيه عظيم الدين ٽٽوي: 261
ميرزا قليچ بيگ جي تاريخ سنڌ: 284-294-304-309-313-316-322-326
(ر.ڪ تاريخ سنڌ مرزا قليچ بيگ)
مغل سلطنت جا مالي وسيلا (مؤلف ائڈورڈ ٽامس) انگريزي: 345
مخلص جا خط: 374
مغل سلطنت جا مالي وسيلا: مؤلف: برنئر، (انگريزي): 345
مسٽر چبلاٽي جو ڪتاب: 398
مغل بادشاهن جي تاريخ (مؤلف مرزا محمد رحيم): 408

(ن)

ناز و نياز (محمد حسين "شوقي"): 470
نامۂ نغز: 367-369-371-372-373-374-496
نان و حلوا (شيخ بهائي): 470
نثر نئو آئين (مير علي شير قانع): 457
نقشو سنڌ ريلوي (انگريزي، مطبوع 1856ع) 108
نوخير مصر (ڪپتان ايسٽ وڪ انگريزي): 381

(و)

واقعات خضرت شاهه (مير علي شير قانع): 457
والٽر هئملٽن جو ڪتاب (انگريزي): 350

(هـ)

هندستان ۽ ان سان لاڳو ملڪ (انگريزي): 350-357-500

(ي)

يڪ روزي (مير نجم الدين "عزلت"): 411
Chronology of Modern India: 110
Selections from the Records of Bombay Government: 131-171
Travels in Panjab, Afghanistan and Turkey by Mohan Lal (H.Aleen & Co. London 1846): 341
Young Egypt: 381



شاهه بهاري جو مقبرو- لاڙڪاڻو

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.